متيءَ هاڻا ماڻهو

فرانز فينن

عبدالواحد آريسر

متيءَ هاڻا ماڻهو

مٿيءَ هاڻا ماڻهو

(The Writched Earth)

ليکڪ: فرانز فينن

سنڌيڪار: عبدالواحد آريسر

نيو فيلڊس پبليڪيشنس

ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

1999ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر **231**

چپائيندڙ — نيو فيلڊس پبليڪيشنس
تندو ولي محمد حيدرآباد سنڌ.

چپيندڙ — ذڪي پرنٽنگ پريس، ڪراچي

پيو ايڊيشن — آڪٽوبر 1999ع

قيمت [redacted]/- 200/= رپيا

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

MATI HANA MANHOON (The Writched Earth) By FRANZ FANAN. Translated in Sindhi by ABDUL WAHID ARISER. Published by New Fields Publications, Tando Wali Muhammad, Hyderabad Sindh. Pakistan. First Edition 1983. Second Edition October 1999. Price Per Copy Rs. [redacted]/-
Book No. 231

هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو 1983ع ۾ روشني پبلڪيشن طرفان شايع ڪيو ويو.

• هو متحد ان ڪري آهن، جو اوهان منتشر آهيو. هنن جو اتحاد ئي اوهان جي انتشار جو سبب آهي. جڏهن اوهان متحد ٿيڻ شروع ڪيو، اُن ڏينهن هنن ۾ انتشار شروع ٿي ويندو. هنن جي ٻڌي توڙڻي آهي ته پاڻ ۾ ٻڌي ڪريو.

فرانز فينن

فهرست

مٿيءَ هاڻا ماڻهو

1- مهاڳ ــ زان پال سارتر 17

2- ڪجهه تشدد جي باري ۾ 44

3- تشدد ، عالمي پس منظر ۾ 105

4- پاڻ هرتائي ــ سندس قوت ۽ ڪمزوري 116

5- قومي شعور جا خطرا 155

6- ڪجهه قومي تهذيب جي باري ۾ 210

7- قومي تهذيب ۽ آزادي جي جنگ جا بنياد 241

8- پڇاڻي 253

9- بينڪي جنگيون ۽ ذهني بيماريون 258 کان 314

مهاڳ

اڄا گهڻو عرصو نہ ٿيو آهي، جو هن زمين تي ٻہ ارب انسان رهيا ٿي. اڌ ارب انسان ۽ ڏيڍ ارب ديسي. حق پهرين وٽ هو ۽ فرض پوين تي. انهن ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ ننڍا وڏا بادشاهہ، جاگيردار ۽ سرمائيدار هئا، ننهن چوٽيءَ تائين هٿرادو گڏا، جن جو ڪم دلالي هو. بينڪن ۾ تہ حقيقت بنهہ اگهاڙي هئي، پر "مادر وطن" (يورپ) جا فرزند ان کي ڊڪيل ڏسڻ پسند ڪندا هئا. ديسي رهاڪن کي انهن سان محبت ڪرڻي پيئي ٿي، بلڪل اهڙي محبت، جهڙي محبت سڳيءَ ماءُ سان ڪئي ويندي آهي. يورپي دانشور، ديسي دانشورن جو هڪ خاص طبقو پيدا ڪرڻ جو ارادو ڪيو. هن يورپي دانشورن، ديسي ڳيرو جوانن جو انتخاب ڪيو ۽ ڪين مغربي تهذيب جي اصولن سان داغيو ــ بلڪل اهڙي ريت، جيئن گرم لوهہ سان جانورن کي داغيو ويندو آهي. انهن جي وات ۾ بلند آهنگ جملا زوريءَ وڏا ويا، شاندار، توريل تڪيل لفظ؛ جيڪي ديسي نوجوانن جي تارونءَ سان چهٽي ويا. ڪجهہ ڏينهن تائين ڪين "مادرِ وطن" ۾ ترسائي واپس گهر موڪليو ويو، ان بعد انهن ديسين تي اڇي پوچي ڦري ويئي. اهي ديسي دانشور، اهڙا هلندڙ ڦرندڙ ڪوڙ هئا، جن وٽ پنهنجن پائرن لاءِ ڪوبہ پيغام نہ هوندو هو. اهي رڳو پڙاڏا هئا، پيرس، لنڊن، ايمسٽرڊم جا! اسان انهن جاين تي ويهي هي لفظ اچاربندا هئاسين، "يوناني تهذيب! انساني برادري!" پوءِ انهيءَ جي جواب ۾ آفريڪا ۽ ايشيا جي ڪنهن ڪنڊ ۾ چپ چرندا هئا: "تهذيب! ــ برادري!" اهو دور سونهري دور هو. اهو دور ختم ٿيو. هائي وات خودبخود کلڻ لڳا، هيبا ۽ ڪارا آواز، اڄا بہ اسان جي انسانيت پسنديءَ جون ڳالهيون ڪندا هئا؛ پر هائي اهو اسان جي غير انسانيت تي اسان کي ٽوڪڻ بہ لڳا هئا. ناپسنديدگيءَ جي مهذب اظهار تي اسان ناراضگيءَ

جو اظهار نہ ٿي ڪيو، ۽ منڊ ۾ تہ اسان کي انهن ديسين جي ناپسنديدگيءَ تي عجب گاڏڙ فخر ٿيو هو. اجا تہ هاڻي هي پاڻ مرادو ڳالهائڻ لڳا آهن؟! ٿورو ڏسو تہ سهي! اسان هنن کي لوهہ مان سون بنائي ڇڏيو آهي. اسان کي هن ڳالهہ ۾ ڪوبہ شڪ نہ هو تہ اهي اسان جي نصب العين کي نيٺ پنهنجو ڪندا، ڇو تہ هو اسان کي انهيءَ نصب العين جي پابند نہ هئڻ سبب مهٽا ڏيندا هئا. اهڙيءَ صورت ۾ يورپ کي پنهنجي مشن جو يقين ٿي ويندو هو تہ اُن نيٺ ايشيائي قومن کي مهذب بنائي ڇڏيو؛ ۽ اُن يوناني ۽ لاطيني شيدين جو هڪ نئون نسل تيار ڪري ڇڏيو آهي. پوءِ ،ہ اسان پاڻ ۾، دنيا وارن وانگر هن قسم جي سس پس ڪندي چوندا ٿا وتون: "بهرحال، انهن کي روئڻ ۽ رڙڻ ڏيو، ڇو تہ ان نموني سندن دل ٺڏي ٿئي ٿي. گجڻ وارا وسندا ناهن!"

هاڻي انهيءَ ڏيک (scence) تي هڪ نئون نسل اُپريو، جنهن مسئلن جو منهن موڙي ڇڏيو. ناقابل يقين صبر ۽ سڪون سان نون اديبن ۽ شاعرن، اسان تي اهو واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي تہ اسان جا قدر ۽ هنن جي زندگيءَ جون صحيح حقيقتون، هڪ ٻئي جي ابتڙ آهن ــ ۽ اُهي اهو بہ واضح ڪرڻ لڳا تہ اسان جي قدرن کي نہ تہ هو پوريءَ ريت رد ڪري ٿي سگهيا ۽ نہ وري پوريءَ طرح هضم. گهڻو ڪري انهن نون اُپرندڙ اديبن، اسان کي چوڻ اهو پئي چاهيو تہ "توهان، اسان کي وحشي بنائي رهيا آهيو؛ توهان جي انسانيت پسندي، اسان کي ٻڌائي ٿي تہ اسان دنيا جي انسانن جي برابر آهيون، پر توهان جي نسلي مت پيدن اسان کي انسانيت کان ڪٿي ڌار ڪري ڇڏيو آهي."

اسان ڏاڍي آرام سان انهن جون سڀ ڳالهيون ٻڌيون. بيٺڪن تي مقرر ٿيل حاڪمن کي هيگل جي مطالعي لاءِ پگهار ڪونہ ٿو ملي، ان ڪري اهي هيگل جو مطالعو گهٽ ئي ڪندا آهن، ليڪن انهن کي اهو سمجهائڻ لاءِ ڪنهن فلسفي جي ضرورت ئي ڪانهي تہ غير مطمئن ماڻهو پنهنجن ئي تضادن ۾ ڦاسي پوندو آهي. اهڙا ماڻهو نہ گهر جا رهندا آهن ۽ نہ گهاٽ جا، ان ڪري بهتر هي آهي تہ انهن جي بي اطمينانيءَ جو سلسلو جاري رکيو وڃي. اهڙيءَ صورت ۾ اهي ڳالهين کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ ڪري سگهندا ــ ۽ ماهرن اسان کي ٻڌايو تہ اهي پنهنجي آهہ زاريءَ دوران جيڪڏهن ڪو ٺوس مطالبو بہ ڪٽي ڪن تہ اهو ضم ٿيڻ جو مطالبو هوندو. ظاهر آهي تہ ان مطالبي جي مڃڻ جو سوال ئي پيدا نہ ٿو ٿئي، ڇو تہ ان مطالبي مڃڻ سان اهو نظام، جنهن جو بنياد بي

پناهه ڦرلٽ تي آهي، سو ختم ٿي ويندو. ايترو ڪافي آهي تہ انهن کي گدرو ڏيکاربو رهجي ۽ اُهي پنواٽيون ڪائيندا رهن. جيستائين بغاوت جو سوال آهي تہ ان سلسلي ۾ اسان کي بلڪل پريشان نہ ٿيڻ گهرجي. پلا ڪير اهڙو ديسي باشندو هوندو، جيڪو "يورپ جي نيڪ فرزندن" کي، رڳو ان ڪري قتل ڪندو، جو هو پاڻ انهن جهڙو يورپي ٿيڻ پسند ڪندو هوندو. مختصراً تہ اسان انهن غير مطمئن روحن جي همت افزائي ڪئي، ۽ هن ڳالهہ کي سٺو سوڻ سمجهيو تہ شيديءَ کي بہ "گانڌور" انعام ڏنو وڃي. هيءَ 1939ع کان اڳ جي ڳالهہ آهي.

هاڻي 1961ع آهي. ٻڌو: "اسان کي سنڌ دعائن ۽ مڪروهہ نقاليءَ ۾ وقت وڃائڻ نہ گهرجي. يورپ کي سندس حال تي ڇڏي ڏيو، جو اُتي ماڻهو "انسان" جي موضوع تي ڳالهيون ڪندي ٿڪجن ئي نہ ٿا، ليڪن جتي بہ ڪين "انسان" ڏيکائي ڏئي ٿو تہ ان کي قتل ڪري ڇڏين ٿا. پنهنجي ئي رستي جي هر موڙ تي، دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾، صدين تائين يورپين نام نهاد روحاني واردات جي نالي تي گهڻو ڪري ساري انسانيت جو ساهہ نپوڙيو پئي آهي."

هيءُ لهجو نئون آهي. اهڙي نموني ڳالهائڻ جي ڪنهن کي همت ٿي؟ هيءُ هڪ آفريڪي آهي: ٽين دنيا جو انسان! هڪ اڳوڻو، ديسي! هو وڏيڪ چوي ٿو. "يورپ اڄ هڪ اهڙي ديوانگيءَ ۽ ناعافيت انديشيءَ جي هوڏ ۾ مبتلا آهي، جو هاڻي اسان هن کان پڇڻ جي ڪوشش ڪريون. ٻين لفظن ۾ تہ يورپ هاڻي ختم ٿي چڪو آهي. هيءَ هڪ اهڙي حقيقت آهي، جنهن جو ذڪر دلچسپ ناهي، پر اسان سڀ ان ڳالهہ مڃڻ تي مجبور آهيون. ڪيئن، منهنجا يورپ ساٿيو! ڇا اسان کي پنهنجي دل جي گهراين ۾ ان جو يقين ناهي؟

تڏهن بہ هتي هڪ وڇوٽي ضروري آهي، مثال طور: جڏهن هڪ فرانسيسي ٻئي فرانسيسي کي چوي ٿو تہ، "هاڻي هي ملڪ يتيم ٿيڻ وارو آهي:" (منهنجو خيال آهي 1930ع کان پوءِ روزانو اهو جملو ٻڌڻ ۾ ايندو رهندو آهي)، تڏهن اها رڳو جذباتي ڳالهہ هوندي آهي. محبت ۽ ڪاوڙ ۾ هرندڙ ڳالهائڻ وارو پاڻ کي بہ پنهنجي وطني پائرن ۾ ئي شامل ڪندو آهي — ۽ پوءِ هو عام طرح ان ۾ "تيسين تائين" لفظ جو واڌارو بہ ڪندو آهي. انهيءَ جو مفهوم بلڪل چٽو آهي، ان ۾ ڪابہ غلط فهمي نہ هئڻ گهرجي، يعني جيڪڏهن "چوندڙ" جي هدايتن تي تفصيل سان عمل تہ ڪيو ويو تہ پوءِ اهڙيءَ صورت ۾ ملڪ تباهيءَ جو شڪار ٿي ويندو. مختصر هي تہ اها چينپ

آهي، جنهن سان گڏ مشورو بہ آهي، ۽ اهو بيان ان ڪري بہ گهٽ پوائتو آهي، جو هيءُ هڪ قوم سان دلي لڳاءَ جو نتيجو آهي؛ پر ان جي ابتڙ جڏهن فين يورپ جي متعلق چوي ٿو تہ اهو تيزيءَ سان تباهيءَ ڏانهن وڃي رهيو آهي تہ اها ڳالهہ ڊپ جي احساس ڏيارڻ بدران مرض جي نشاندهي آهي. هيءُ اڪثر (فين) نہ تہ اهو ٿو چوي تہ يورپ جي مرض لاعلاج آهي، ڇو تہ معجزا بہ ٿيندا رهندا آهن، نہ ئي علاج ٿو ٻڌائي؛ هو رڳو ٻاهرين نشانين جي آڌار تي، جيڪي سندس مشاهدي ۾ آيون آهن، اهو ٿو ٻڌائي نہ هي مريض سڪرات ۾ آهي. هو علاج جو انڪاري آهي، ڇو تہ هن کي ٻيا تمام گهڻا ڪم ڪرڻ لاءِ موجود آهن. فين کي هن ڳالهہ جي ذري جيتري بہ پرواهہ ناهي تہ يورپ مري ٿو يا بچي ٿو. انهيءَ فين جو ڪتاب "توهين" آميز آهي. جيڪڏهن اوهان پنهنجي طبيعت جو مزو بدلائڻ لاءِ پريشانيءَ جو اظهار ڪندي اهو چئو تہ "ڏسو! هاڻي تہ هن اسان کي چڪر ۾ وجهي ڇڏيو"، تہ پوءِ هن ڪتاب جي اصلي امانت کي سمجهي نہ سگهيا آهيو، ان ڪري جو فين کي ايتري واندڪائي ئي ڪانهي، جو ڪنهن کي چڪر ۾ وجهندو وتي. سندس هيءُ ڪتاب ڪن ماڻهن لاءِ ڏاڍو ولولہ انگيز آهي، مگر جيستائين توهان جو واسطو آهي تہ هيءُ ڪتاب ايترو ٿڌو آهي، جهڙي برف. هو توهان جي باري ۾ تہ اڪثر ڳالهائي ٿو، پر توهان سان نہ ٿو ڳالهائي. ڪارا "گان ڪورا" ۽ هيدا "نوبل" هاڻي ختم ٿي ويا آهن. بينڪي ملڪ الشعرائن ۽ شمس العلمائن جو وقت هليو ويو. هاڻي هڪ فرانسيسي ڳالهائيندڙ اڳوڻو "ديسي"، انهيءَ زبان سان نيون ضرورتون پوريون ڪري ٿو، ان کي استعمال ڪري ٿو، ۽ بينڪي عوام سان مخاطب آهي تہ، "پنتي پيل ملڪن جا رهواسيو! متحد ٿي وڃو." ڪهڙو نہ زوال آهي، والدين لاءِ! اڳ رڳو اسان ڳالهائيندا هئاسين ۽ هاڻي اولاد اسان کي خطاب جو صحيح ذريعو بہ نٿو سمجهي. هاڻي هو اسان جي باري ۾ تقريرون ٿا ڪن، بيشڪ فين هلندي هلندي اسان جي جگ مشهور ڏوهن جو بہ حوالو ڏيندو وڃي ٿو. سئيز، هنوئي، مدگاسڪر! پر هو انهن ڏوهن کي نندڻ ۾ پنهنجو وقت نہ ٿو وڃائي، هو صرف انهن کي بيان ٿو ڪري. جيڪڏهن هو پرماريت جي چالبازين کي نمايان ڪري ٿو ۽ انهن لاڳاپن جي ڳتيل عمل جي وضاحت ٿو ڪري، جيڪي نو آبادڪاريءَ کي مادرِ وطن جو مخالف يا موافق ٿا بنائين، تہ اهو سڀ ڪجهہ هو پنهنجن پائرن لاءِ ٿو ڪري. هن جو مقصد صرف هيءُ آهي تہ هو پنهنجن پائرن کي، اسان جي چالن سان، اسان

کي مات ڪرڻ سيکاري.

مختصر هي ته ٽين دنيا پنهنجو پاڻ کي سڃاڻي ورتو آهي، ۽ اُها فينن جي آواز ۾ پنهنجن ماڻهن سان مخاطب آهي. اسان کي معلوم آهي ته هيءَ دنيا اڃا هڪ ساريڪي ناهي. اسان کي اها به ڄاڻ آهي ته هن ۾ اڃا غلامي باقي آهي. اهڙا ماڻهو به آهن، جن کي ڪوڙي آزاديءَ جو پاڇولو نصيب ٿيو آهي. اهڙا ماڻهو به آهن، جيڪي آزاديءَ لاءِ اڃا جنگ ڪري رهيا آهن ۽ اهڙا به آهن، جن مڪمل آزادي ته حاصل ڪري ورتي آهي، مگر هر وقت سامراجي تشدد جي خوف ۾ مبتلا آهن. هيءَ (اڻ برابري) پرماري تاريخ يا ٻين لفظن ۾ ظلم جي پيداوار آهي. هڪ جاءِ تي "مادرِ وطن" ڪن پگهاردار جاگيردارن جي مقرريءَ کي ڪافي سمجهي ٿي، ٻي جاءِ تي "ويڙهايو ۽ حڪومت ڪريو" جي حڪمت عمليءَ سان هن هڪ ديسي بورجوازي طبقو پيدا ڪري ڇڏيو آهي، جيڪو ننهن ڪان وٺي چوٽيءَ تائين ڪوڪلو آهي. ٽينءَ جڳهه تي هن ٻٽي چال اختيار ڪئي آهي: بيٽڪن ۾ نوآبادڪارن کي وسايو آهي، ۽ ان سان گڏ انهيءَ بيٽڪ جي ڦرلٽ به جاري رکي آهي. اهڙيءَ ريت يورپ اختلاف ۽ انتشار پيدا ڪيو آهي، طبقا پيدا ڪيا آهن ۽ نسلي مت ڀيد اُڀاريا آهن. اجهو ائين بيٽڪي معاشرن ۾ ڌار طبقي داريون پيدا ڪرڻ ۾ انهن کي سخت ڪان سخت روپ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. فينن ڪنهن به ڳالهه کي لڪائي نه ٿو. اسان جي خلاف وڙهڻ ڪان اڳ، اڳوٽيءَ بيٽڪ کي پنهنجو پاڻ سان وڙهڻ گهرجي. ائين چوڻ گهرجي ته ٻئي جنگيون هڪ ئي "ڪل" جا جزا آهن. جنگ جي گرميءَ سان سيئي اندروني رڪاوٽون سڙڻ شروع ٿي ويندیون آهن. واپاري، دڪاندار، ڪاٺ جي پتلي جهڙا بورجوازيءَ، شهري مزدور، شهرن جي ويجهڙائيءَ وارا نيم پرولتاري، سڀ جا سڀ ٻهراڙيءَ جي عوام جي حق ۾ (اهو عوام جيڪو قومي انقلابي فوجن جو سڀ ڪان حقيقي سرچشمو هوندو آهي) صفون ٻدل نظر ايندا آهن. اهڙن علائقن ۾ جتي پرماريت ڄاڻي واڻي هر قسم جي ترقي روڪي ڇڏيندي آهي، هاري جڏهن سڄاڳ ٿيندو آهي ته هڪدم انقلابي طبقو بنجي ويندو آهي: ان ڪري جو هن جو واسطو نسوري ظلم سان پوي ٿو ۽ شهري مزدور جي ڀيٽ ۾ هيءُ طبقو وڌيڪ مصيبتن جو شڪار هوندو آهي. رڳو ان ڊپ ۾ ته هو پاڻ بک ۾ پاهه ٿي مري نه وڃي، هو رائج نظام جي مڪمل تباهيءَ کان گهٽ ڪنهن به مطالبي تي راضي نه ٿيندو آهي. ڪامل فتح لاءِ ضروري آهي ته قومي انقلاب اشتراڪي هجي. جيڪڏهن

هن جي روش مٿجي وڃي، يا جيڪڏهن مقامي بورجوازي اقتدار حاصل ڪري وٺي، تہ نئين رياست پنهنجي آئيني خودمختياريءَ جي باوجود، سامراجين جي هٿ ۾ رهي ٿي. ڪٽنگا جو مثال، انهيءَ پوريءَ ڳالهہ جي وضاحت لاءِ ڪافي آهي. انهيءَ صورتحال ۾ ٽين دنيا جو اتحاد بہ مڪمل نہ ٿو ٿي سگهي. اِهو اڃا پنهنجي ارتقائي مرحلن ۾ آهي. ان جي ابتدا هر نئين آزاد ملڪ ۾ اڳ وانگر هاري طبقي جي اڳواڻيءَ ۾ سموري ڏٽڙيل عوام جي اتحاد سان ٿيندي. فينن، آفريڪا، ايشيا ۽ لاطيني آمريڪا جي ڀائرن جي سامهون انهيءَ ڳالهہ کي واضح ٿو ڪري. اسان کي هر جڳهہ تي انقلابي اشتراڪيت قائم ڪرڻ گهرجي، ٻيءَ صورت ۾ اسان هڪ هڪ ٿي، پنهنجن اڳوڻن آقائن کان شڪست کائي ويناسين. هو پنهنجيءَ ڪنهن بہ ڳالهہ کي لڪائي نہ ٿو. نہ ڪمزوريءَ کي، نہ انتشار کي ۽ نہ وري وهم پرستيءَ کي.

ڪٿي تحريڪ جي شروعات ئي غلط هوندي آهي، ڪٿي حيرتناڪ ابتدائي ڪاميابين کان پوءِ ان جو ولولو ختم ٿي ويندو آهي. ڪنهن ٻي جاءِ تي تحريڪ بلڪل رُڪجي ويندي آهي، ۽ جيڪڏهن ان تحريڪ کي وري شروع ٿيڻو آهي تہ پوءِ هارين کي ڪپي تہ اهي بورجواز طبقي جي پاڙ پٽي ڇڏين.

فينن پنهنجن پڙهندڙن کي مختلف قسمن جي زبردست خطرن کان پوريءَ ريت واقف ٿو ڪري، رهنمائن ۽ شخصيتن جي پوڄا کان، مغربي تهذيب کان، ايتري حد تائين جو آفريڪي تهذيبي ماضيءَ جي وهمن ۾ موٽ کائڻ کان! ان ڪري، جو حقيقي تهذيب رڳو انقلابي تهذيب ئي هوندي آهي، جيڪا هر وقت نهندي رهندي آهي. فينن بلڪل زور سان ڳالهائي رهيو آهي. اسان يورپي ان کي ٻڌي سگهون ٿا. ان جو ثبوت سندس هيءُ ڪتاب توهان جي هٿن ۾ آهي. ڇا هو ڊنل آهي تہ ڪٿي پرماري قوتون سندس خلوص مان غلط فائدو نہ وٺن؟ نہ هن کي تِر جيترو بہ ڀؤ ناهي. اسان جا طريقا، ٻي وقتيون راڳٽيون آهن، اهي آزاديءَ جي حصول ۾ دير وجهي سگهن ٿا، ان کي روڪي نہ ٿا سگهن؛ ۽ اهو نہ سمجهجو تہ اسان پنهنجا طريقا بدلائي سگهون ٿا. "مادرِ وطن" جو بيڪار خواب، جديد بيئڪيت، هاڻي رڳو چرئي جي لٻاڙ رهجي ويو آهي. "ٽين طاقتن" جو وجود ناهي ۽ انهن جو وجود آهي تہ اهو رڳو هٿرادو بورجوازي آهي، جنهن کي سامراج اڳ ۾ ئي گهوڙي تي چاڙهي ڇڏيو آهي. اسان جي ميڪاوليت جي هن سجاڳ دنيا ۾ ڪابہ قيمت ناهي، جو هن سجاڳ دنيا اسان جي ڪوڙن کي هڪ هڪ ڪري چٽي ڇڏيو آهي. نوآبادڪار وٽ صرف هڪ

شيءِ رهجي ويئي آهي، اها آهي وحشيانہ قوت؛ بشرطيڪ اها سندس قبضي ۾ هجي. مقامي رهواسي جي لاءِ غلامي ۽ حاڪميت مان ڪنهن هڪ کي چونڊڻو آهي.

توهان فين جو ڪتاب پڙهو ٿا يا نہ ٿا پڙهو، فين کي انهيءَ جي ڪهڙي پرواهہ، هو پنهنجن پائرن جي سامهون اسان جي فريبن جا پردا ڦاڙي رهيو آهي. ڪيس خبر آهي تہ هاڻي اسان جي ترڪش ۾ ڪوبہ تير باقي ناهي. هو پنهنجن پائرن کي وڏي واڪ چئي رهيو آهي تہ ”يورپ اسان جي ڪنڊن ۾ پنهنجا چنبا کوڙي ڇڏيا آهن؛ اسان کي ان وقت تائين سندس آگريون ڇلڻ گهرجن، جيسين تائين هو اسان کي نہ ٿو ڇڏي. هي ئي وقت آهي، بزرتا، ايلزبيٿ ول يا الجزائر جي اتر وارن علائقن ۾ هاڻي اهڙي ڪابہ ڳالهہ نہ ٿي ٿي سگهي، جنهن جو آواز پوريءَ دنيا جي ڪنن تائين نہ پهچي. جنگجو بلاڪ هڪ ٻئي جي سامهون صف آرا آهن ۽ هڪ ٻئي کي روڪيو بيٺا آهن. اسان کي انهيءَ ڇڪتاڻ مان فائدو وٺڻ گهرجي. اسان کي تاريخ جي وچ ۾ ٽپو ڏيڻ گهرجي ۽ پنهنجي عمل سان ان کي مجبور ڪرڻ گهرجي، تہ اها دنيا ۾ پهريون ڀيرو آفاقيت جو رخ اختيار ڪري. اسان کي جنگ شروع ڪرڻ کپي ۽ جيڪڏهن اسان وٽ هٿيار نہ آهن تہ هي منتظر چاقو ئي ڪافي آهن.“

يورپ وارؤ! توهان هيءُ ڪتاب کوليو ۽ ان ۾ داخل ٿي وڃو. چند قدم اونداهيءَ ۾ هلڻ کان پوءِ توهان کي باهہ جي چؤگرد گڏ ٿيل ڪجهہ اڻ واقف ماڻهو نظر ايندا. ٿورو ويجهو اچو ۽ ٻڌو! اُهي توهان جي تجارتي مرڪزن ۽ انهن جي حفاظت ڪندڙ پاڙيتو سپاهين جي مقدر جي باري ۾ ڳالهائي رهيا آهن، جيڪو هنن انهن لاءِ طئي ڪري ڇڏيو آهي. شايد اهي اڻ واقف ماڻهو، توهان کي ڏسي بہ وٺن، پر ان سان ڪوبہ فرق نہ ٿو پوي. اُهي پنهنجي آواز کي آهستي ڪرڻ بنا ئي اها ڳالهہ ٻولهہ ڪندا رهندا. هنن جي اها لاتعلقي ۽ بيپرواهي، دل کي جهنجهوڙيندڙ ضرب آهي. انهن جا وڏا، توهان جي خلقيل، پاڇي جهڙا انسان، رڳو مئل روح هئا، توهان ئي انهن کي روشني ڏيڪاري آهي. اهي صرف توهان سان ڳالهائڻ جي همت ڌاري سگهيا ٿي، مگر توهان انهن زومبين کي جواب ڏيڻ جي بہ تڪليف سهڻ لاءِ تيار نہ ٿي، ٿي سگهيؤ. انهن زومبين جو اولاد اڄ توهان جي پرواهہ ئي نہ ٿو ڪري. انهن جي باهہ، ڪين گرم ڪرڻ سان گڏ سندن چوڌاري روشني پکيڙي رهي آهي؛ پر اها باهہ توهان ناهي ٻاري، هن وقت توهان هڪ خاص فاصلي تان پاڻ کي چور محسوس

ڪندؤ، رات جي اونداهيءَ ۾ گهيريل ۽ تباهه حال ــ! هاڻي توهان ڦيراڻيون ڪائيندا رهو، انهن پاڇولن جي وچ ۾، جتان هڪ نئين باک ڦٽندي، تڏهن توهان محسوس ڪندؤ ته توهان خود زومبي آهيو.

اهڙيءَ حالت ۾ شايد توهان اهو چئو ته هن ڪتاب کي اڇلائڻ گهرجي، اسان ان کي ڇو پڙهون؛ جڏهن ته هيءُ ڪتاب اسان جي لاءِ لکيو ئي نه ويو آهي! ان جا ٻه سبب آهن، پهريون هيءُ ته فين پنهنجن پائرن جي سامهون توهان جو اعمال نامو کولي ٿو. انهن کي اهو به ٻڌائي ٿو ته ڪيئين توهان پنهنجو پاڻ کان ڪٽجي ويا آهيو. هاڻي ان مان فائدو حاصل ڪريو ۽ حقيقت جي روشنيءَ ۾ معروضي طرح پنهنجو احتساب ڪريو. پنهنجن زخمن جي نشانن ۽ پنهنجي سنگهرن جي روشنيءَ ۾ اسان جا شڪار، اسان کي ڀليءَ ڀت پروڙي سگهن ٿا؛ انهيءَ ڪري انهن جي شاهديءَ کي رد ڪري نٿو سگهجي. ايترو ڪافي آهي ته هو اسان کي اهو ٻڌائين ٿا ته اسان ڪين ڇا ڪري ڇڏيو آهي ۽ ان مان ئي اسان اندازو لڳائي سگهون ٿا ته اسان خود پنهنجو پاڻ کي ڇا بنايو آهي. ليڪن ڇا ايتري سمجهڻ مان ڪو فائدو آهي؟ ها آهي! اُن ڪري، جو يورپ موت جي دروازي تي بيٺو آهي. توهان ائين چوندؤ ته توهان "مادرِ وطن" جا رهواسي آهيو ۽ توهان يورپ جي زيادتين کي پسند نه ٿا ڪريو. اهو صحيح آهي ته توهان پاڻ نوآبادڪار نه آهيو، مگر توهان انهن نوآبادڪارن کان چڱا به ناهيو. اهي پهريان مُهم جو توهان مان هئا، توهان ئي انهن کي سمنڊ پار موڪليو ۽ انهن توهان کي مالا مال ڪيو؛ جيتوڻيڪ توهان انهن کي ٻڌائي ڇڏيو هو ته اهي جيڪڏهن وڌيڪ رتوڇاڻ ڪندا ته توهان جو انهن سان ڪوبه واسطو نه رهندو؛ ۽ واقعي توهان انهن سان ناتا ٽوڙي به ڇڏيا، مگر اوهان جي انهيءَ قدم جو مثال، ان حڪومت جهڙو آهي، جيڪا ڪنهن ٻاهرئين ملڪ ۾ ڏڦيڙ پيدا ڪندڙ، فتنه انگيز ايجنٽن ۽ جاسوسن جي پرورش ڪندي آهي، ۽ جڏهن اهي گرفتار ٿيندا آهن ته هڪدم انهن کان پنهنجي بيزاريءَ جو اعلان ڪندي آهي.

توهان جيڪي ايترا آزاد خيال ۽ نرم دل آهيو، توهان جيڪي بناوت جي حد تائين تهذيب جو احترام ڪريون ٿا، هاڻي صفا سولائيءَ سان وساري ٿا ويهو ته توهان جون تمام گهڻيون بيٺڪون آهن، جن ۾ توهان جي نالي تي انسانن جو قتلام ٿئي ٿو.

فين خاص ڪري پنهنجي مغرب زده ساٿين سان، "مادرِ وطن" جي رهواسين ۽ سندن نوآبادياتي نمائندن درميان مضبوط لاڳاپن جو ذڪر ڪري

ٿو. ٿوري همت ڪريو ۽ سندس ڪتاب پڙهو. هيءُ ڪتاب مُنڊ ۾ توهان کي شرمسار ڪندو ـــ ۽ شرم، بقول مارڪس: هڪ انقلابي جذبو آهي. ڏسو! آءٌ پاڻ پنهنجن داخلي خوابن کان ڇوٽڪارو پائي نہ ٿو سگهان. آءٌ بہ توهان کي اهوئي چوان ٿو تہ "هاڻي سيڪجهہ ويو، جيڪڏهن....." هڪ يورپيءَ جي ناتي سان آءٌ دشمن جو ڪتاب چورايان ٿو ۽ ان مان يورپ جي بيماريءَ جو علاج ڪڍان ٿو. ان کي چڱيءَ نموني استعمال ڪريو.

ان جو ٻيو سبب هيءُ آهي تہ جيڪڏهن توهان فاشسٽ خيالَ هڪ پاسي رکو تہ توهان کي معلوم ٿيندو تہ اينگلس کان پوءِ، فين پهريون شخص آهي، جنهن تاريخ جي چرپر کي ڏينهن جي واضح روشني بخشي آهي. توهان اِهو نہ سوچيو تہ هن جي گرم مزاجيءَ يا ناخوشگوار ٻالڪپڻي، هن جي ذهن ۾ تشدد لاءِ غير معمولي شوق پيدا ڪيو آهي. هو تہ هڪ خاص صورتحال جي تشريح ڪري ٿو ۽ بس! ليڪن هن ڳالهہ لاءِ اهوئي ڪافي آهي تہ هو وِڪ وِڪ تي انهن تضادن کي ترتيب ڏئي، جن تضادن کي آزاد خياليءَ ۽ منافقت پردا وجهي توهان کان لڪائي ڇڏيو آهي، ۽ جيڪا اسان جي زندگيءَ لاءِ ايتري ئي ذميوار آهي، جيتري فين جي زندگيءَ لاءِ! گذريل صديءَ ۾ وچيون طبقو، مزدورن کي هيچي مخلوق ڪوٺي چوندو هو، تہ اهو پنهنجيءَ هيچي طبيعت جي ڪري لاقانونيت اختيار ڪري ٿو؛ ليڪن وچون طبقو ان دور ۾ ايترو ضرور ڪندو هو تہ ان هيچي مخلوق کي پنهنجيءَ جنس مان سمجهندو هو يا گهٽ ۾ گهٽ دل ۾ انهيءَ مخلوق کي آزاد محسوس ڪندو هو، ۽ اها مخلوق پنهنجيءَ محنت وڪڻڻ ۾ آزاد هئي. انگلستان وانگر فرانس ۾ بہ انسان پسنديءَ جو تصور آفاقي تصور هو.

باقي جيسين تائين جبري محنت جو واسطو آهي تہ اهو معاملو بلڪل ابتڙ آهي. انهيءَ ۾ ڪوبہ اقرار نامو نہ هوندو آهي، ان ڪانسواءِ ان ۾ ڏمڪي بہ ضروري آهي. ان ڪري ظلم وڌندو ويندو آهي. اسان جا سمنڊ پار جا فوجي "مادرِ وطن" جي انساني برادريءَ جي تصور کي رد ڪري ڇڏين ٿا ۽ انساني نسل تي هٿ جا ٺهيل ڪجهہ اصول مڙهي ڇڏين ٿا. جيئن تہ ڪوبہ شخص ڏوهہ ڪرڻ کان سواءِ پاڻ جهڙن ماڻهن کي نہ غلام بنائي سگهي ٿو ۽ نہ وري قتل ڪري سگهي ٿو، ان ڪري اهي فوجي اهو اصول ناهيندا آهن تہ ديسي باشندو، اسان جهڙو انسان ناهي. اسان جي فوجن جي حوالي هيءُ ڪم آهي تہ اهي هن ڇڙيءَ عقيدي کي حقيقت ۾ تبديل ڪن. انهن کي اهو بہ حڪم ڏنو

ويندو آهي تہ اهي فتح ڪيل ملڪ جي رهاڪن کي "مٿاهين درجي جي باندرن" تائين پهچائين، تہ جيئن انهن کان نو آبادڪار، بار برادريءَ جو ڪم وٺڻ جائز قرار ڏئي سگهن. بيٺڪن ۾ تشدد جو استعمال رڳو انهيءَ ڪري نہ ٿيندو آهي تہ ان جي ذريعي غلامن کي ڪجهہ مفاصلي تي رکيو وڃي، پر مقصد هيءُ هوندو آهي تہ انهن غلامن جي انسانيت ختم ڪئي وڃي. هن ڳالهہ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي ويندي آهي تہ سندن روايتن کي مٽايو وڃي، سندن زبان جي جاءِ تي پنهنجي زبان رائج ڪئي وڃي، ۽ سندن تهذيب کي ٻيءَ ڪنهن تهذيب ڏيڻ بنا برباد ڪيو وڃي. رڳو جسماني ٽڪاوٽ ئي ڪين ماڻ ڪرائي ڇڏيندي؛ بڪ ۽ بيماريءَ جي باوجود هنن ۾ جيڪڏهن ڪو ولولو باقي رهيو تہ خوف انهيءَ ڪم کي مڪمل ڪري ڇڏيندو. هارين تي بندوقون اُڀيون ڪيون ويندیون آهن، غير فوجي انهن جون زمينون ڦرڻ ايندا آهن ۽ چهبڪ هڻي هڻي، ڪين مجبور ڪندا آهن تہ اهي هاري سندن لاءِ زمين پوکين. جيڪڏهن ڪو هاري طاقت آزمائيءَ لاءِ تيار ٿيندو آهي تہ فوجي ان تي گولي هلائيندا آهن ۽ اُن جي لاش زمين تي ڊير ٿي ويندو آهي ــ ۽ جيڪڏهن هو هٿيار ڦٽا ڪري ٿو تہ پاڻ ذليل ٿو ٿئي ۽ انسان ئي نہ ٿو رهي. شرم ۽ خوف هن جي جسم ۾ ڏار وجهي ڇڏيندا آهن ۽ هن جي اندر جي شخصيت ٽڪر ٽڪر ٿي ويندي آهي. سارو ڪاروبار فاتحانہ انداز ۾ ماهرن جي ذريعي هلي ٿو. "نفسياتي ادارا" ڪالهہ قائم نہ ٿيا آهن ۽ نہ "برين واشنگ" ڪالهہ ئي وجود ۾ آئي آهي، تڏهن بہ انهن ڪوششن هوندي بہ ڪٿي مقصد حاصل نہ ٿيو آهي. نہ ڪانگوءَ ۾، جتي شيدين جا هٿ وڍيا ويندا هئا، نہ انگولا ۾، جتي تازو بي چين ماڻهن جي چپن ۾ سوراخ ڪري تالا لڳايا ويا. آءٌ اهو نہ ٿو چوان تہ انسان کي جانور بنائڻ ناممڪن آهي، آءٌ صرف اهو ٿو چوان تہ توهان اُن حد تائين اُن وقت تائين وڃي نہ ٿا سگهو، جيسين تائين غلامن کي حد کان وڌيڪ ڪمزور نہ ٿا ڪريو. رڳو مُڪن سان ڪم ڪونہ هلندو، توهان کي بڪ وڌيڪ وڌائڻي پوندي، ۽ غلاميءَ ۾ اهائي ڏکيائي آهي. اهو ان ڪري، جو توهان جڏهن پنهنجيءَ ئي جنس جي ڪنهن شخص کي پاليل جانور بنايو ٿا تہ توهان ان جي ڪم جي صلاحيت کي گهٽ ڪري ٿا ڇڏيو. توهان هن کي جيترو گهٽ ڏيندئو، اهو ان کان وڌيڪ توهانکي مهانگو پوندو، جيترو هڪ هاري توهان کي آڻي ڏيندو. انهيءَ ڪري، نوآبادڪار هن ڳالهہ تي مجبور ٿي ويندا آهن تہ غلام کي بنهہ هيٺو ڪري ڇڏين. اُن جو نتيجو ماڻهوءَ ۽ جانور جي وچ ۾

"ديسي باشندو" نڪرندو، تتل، بُکيو، بيمار، ڊنل، پر رڳو هڪ خاص حد تائين. اهو انسان ڪارو هجي يا هيڊو، ڳاڙهو هجي يا اڇو، هڪجهڙيون خاصيتن جو مالڪ هوندو آهي: مڪار، سُست ۽ چور، جنهن جو گذران جو ڪوبہ ذريعو نہ هوندو آهي ۽ هو رڳو تشدد کي ئي سمجهندو آهي.

ويچارو نوآبادڪار! ان جا تضاد هاڻي وڌيڪ نروار ٿيڻ شروع ٿيندا آهن ۽ هن جو حال ابتر ٿيڻ لڳندو آهي. ڪيس ڪپي تہ جن کي هو لُٽي ٿو، تن کي قتل ڪري ڇڏي ــ جيئن چريائپ جي باري ۾ چيو ويندو آهي. ليڪن اهو ناممڪن آهي، ڇو تہ اهو نو آبادڪار، انهن جي لٽ مار بہ ڪري ٿو. هاڻي جيئن تہ هو پوريءَ ريت قتل عام نہ ٿو ڪري سگهي ۽ غلاميءَ کي جانورن جي سطح تائين نہ ٿو پهچائي سگهي، ان ڪري سندس انتظام ڊرو ٿيڻ لڳي ٿو، مشين پوئتي هلڻ شروع ڪري ٿي، ۽ هڪ سخت گير منطق، غلامن کي پرماريت جي خاتمي لاءِ مجبور ڪندو آهي. ليڪن اهو سڀ ڪجهہ هڪدم نہ ٿيندو آهي. اول، اول تہ يورپي حڪومت جاري رهندي آهي، يورپي جنگ ۾ هارائي چڪو هوندو آهي، پر اها شڪست ظاهر نہ هوندي آهي؛ هن کي اڃا اها سڃاڻپ نہ ٿيندي آهي تہ ديسي باشندو، اڃا رڳو "اڌ ديسي" ٿيو آهي. انهيءَ يورپيءَ جون ڳالهيون ٻڌڻ سان معلوم ٿيندو تہ اهو ديسين سان بُرو سلوڪ ان ڪري ڪري ٿو، جو انهن جي بدخصلتي، جيڪا منجهن پختي ٿي چڪي آهي، تنهن کي ختم ڪري يا دٻائي ڇڏي. اهڙيءَ ريت ٽن نسلن کان پوءِ اها خطرناڪ جبلت ظاهر نہ ٿيندي. سوچڻ گهرجي تہ يورپيءَ جي مراد ڪهڙي خطرناڪ جبلت آهي؟ اها جبلت، جيڪا غلامن کي مالڪن جي قتل جي ترغيب ڏئي ٿي؟ ڇا هو هتي پنهنجي ئي ظلم کي سڃاڻي نہ ٿو سگهي، جنهن جو رخ هاڻي خود سندس طرف مُڙي چڪو آهي. انهن مظلوم هارين جي بربريت ۾ ڇا هو پنهنجي نو آبادڪارانہ بربريت کي پروڙي نہ ٿو سگهي، جيڪا انهن هارين جي رڳ رڳ ۾ رچي چڪي آهي، ۽ جيڪا هاڻي لاعلاج آهي. انهيءَ جو سبب ڳولڻ ڏاڍو سولو آهي. هي نادرشاهي مخلوق، پنهنجيءَ بي پناهہ طاقت جي نشي ۾ سرشار ۽ ان جي خاتمي جي خوف ۾ ويڙهيل، هاڻي اهو چڱيءَ ريت ياد نہ ٿي ڪري سگهي تہ ڪڏهن اها انساني لباس ۾ بہ هئي. هاڻي هوءَ پاڻ کي انسان جي بدران "ڪوڙو"(ڦٽڪو) يا "بندوق" سمجهڻ لڳي ٿي. ڪيس يقين هوندو آهي تہ جيڪڏهن ديسي باشندن جي جبلي محرڪن جون راهون متعين ڪيون وڃن، تہ پوءِ "گهٽ نسل" جي ماڻهن کي پاليل

جانورن جي درجي تي آڻي سگهجي ٿو. ليڪن انهيءَ عمل دوران هو انساني يادن ۽ انهن تي چٽيل اڻ مٽ نشانن جو محاسبو نه ٿو ڪري. ان کان سواءِ هڪ ٻي شيءِ آهي، جنهن کي هو بنهه سمجهي نه ٿو سگهي، ۽ اها هيءَ ته اسان پنهنجي ان اصلي حيثيت کان، جيڪا ٻين اسان کي ڏني آهي، پرپور انڪار ڪريون. اسان چيو هو "ٽي نسل!" مگر ٻي پيڙهي، جڏهن پنهنجون اکيون کولي ٿي ته اها پنهنجن مائٽن تي ڪوڙا وسندي ڏسي ٿي. نفسياتي طب جي اصطلاح ۾ اها پيڙهي پوري عمر لاءِ "زخمي" ٿي وڃي ٿي. ليڪن تشدد جو اهو لڳاتار سلسلو هن کي صفا دٻائڻ جي بدران هڪ اهڙي ناقابل برداشت تضاد ۾ مبتلا ڪري ڇڏي ٿو، جنهن جو ڪيتو يورپي نوآبادڪار کي سگهو يا دير سان پوڳٽو پوندو. ان کان پوءِ جڏهن ان تشدد دوران پليل پيڙهيءَ جو ارادو اچي ٿو، ۽ جڏهن اِها اُهو سمجهڻ لڳي ٿي ته بک، ذلت ۽ مصيبتون ڇا هونديون آهن، تڏهن سندس جوش ۽ جذبو، ٻرندڙ جبل وارو زور ۽ شور اختيار ڪري وٺي ٿو. ان وقت انهن بکين ۽ اگهاڙن ۾ ايتري طاقت پيدا ٿي، اِيري اچي ٿي، جيتري ظالم قوتن انهن کي دٻائڻ لاءِ خرچ ڪئي هئي. توهان چئو ٿا ته اهي تشدد کان سواءِ ڪجهه به سمجهڻ لاءِ تيار ناهن، بلڪل صحيح! ابتدا ابتدا ۾ ته تشدد رڳو ٻاهريون نوآبادڪار ئي ڪري ٿو ۽ پوءِ ديسي، جلد ئي انهيءَ تشدد کي پنهنجيءَ آزاديءَ جو هٿيار ڪري قبول ڪن ٿا. انهيءَ جو مطلب اهو ٿيو ته اسان جو ئي تشدد اسان کي امانت باسلامت واپس ڏنو پيو وڃي، بلڪل اهڙي نموني، جهڙي نموني آرسيءَ ۾ اسان جي ئي شڪل اسان سان ملڻ لاءِ اڳتي وڌي اچي ٿي. انهيءَ سلسلي ۾ ڪابه غلط فهمي نه هئڻ گهرجي. هيءَ چريائپ واري ڪاوڙ، هي تلخي ۽ بدمزاجي، اسان کي قتل ڪرڻ جي هر وقت خواهش، هي رڳن جي تڪ، جيڪا ڊري ٿيڻ کان گهبرائي ٿي، اهو سڀ ڪجهه انهن کي انسان بنائي ٿو، انسان ــ! رڳو نوآبادڪارن جي ڪري، جو اهي هن کي بار برادريءَ جا جانور بنائڻ چاهيندا آهن ــ نوآبادڪارن جي ڪري ۽ نوآبادڪارن جي خلاف، نفرت، انڌي نفرت، جيڪا هيل تائين بنا صورت جي هئي، رڳو اهائي غلام ديسين جي دولت آهي. مالڪ کين للڪاريندو آهي ته اهو کين جانور بنائڻ ٿو چاهي، ليڪن اهو انهن کي صفا ختم نه ٿو ڪري، ڇو ته ان جو پنهنجو مفاد کين وچ ۾ ئي روڪي ڇڏي ٿو. بس، هي "اڌ ديسي" اجا به انساني حيثيت برقرار رکن ٿا. انهيءَ جو سبب جابرن جي قوت ۽ ڪمزوري آهي، جيڪا ديسين ۾ پهچي، جانورن جي

درجي ۾ داخل ٿيڻ کان صاف انڪار جي صورت اختيار ڪري ٿي وئي. ان کان پوءِ جيڪي ڪجهه ٿئي ٿو، تنهن کي اسان چڱيءَ ريت سمجهي سگهون ٿا. اهي فطري طرح سُست هوندا آهن. اها به شرارت انگيزيءَ جي هڪ صورت آهي. اهي مڪار ۽ چور هوندا آهن. ٿورو اندازو ته لڳايو! ليڪن انهن جون ننڍيون ننڍيون چوريون هڪ اهڙي مزاحمت جي شروعات آهن، جيڪا اجا غير منظم آهي ـــ خير اهو ته ڪجهه به ناهي. انهن ۾ اهڙا ماڻهو به هوندا آهن، جيڪي خالي هٿين بندوقن سان ٽڪر کائيندا آهن. اهي انسان انهن ڪمزور غلامن جا هيرا آهن. ٻيا پاڻ کي انساني درجي تي واپس آڻڻ لاءِ يورپ وارن کي قتل ڪندا آهن. اهڙن کي يورپ وارن جي فوج هڪدم گوليءَ جي منهن مان ڪڍندي آهي. هاڻي اهي چور هجن يا شهيد، انهن جي پيڙا، ڊنل عوام کي انهن بلندين سان همڪنار ڪندي آهي، ها ڊنل، ان ڪري جو انهيءَ نئينءَ سطح تي بيٺڪي تشدد، ديسي باشندن جي دلين ۾ خوف ۽ هيبت جي زبردست لهر پيدا ڪندو آهي. انهيءَ خوف مان منهنجي مراد نرو خوف ناهي، جيڪو هو اسان جي تشدد جي بيپناهه وسيلن جي ڪري محسوس ڪندا آهن، پر ان خوف مان مراد اهو خوف آهي، جيڪو هنن جو بيپناهه غصو هنن ۾ پيدا ڪندو آهي. هو پنهنجي طرف بلند ٿيل بندوقن ۽ ان هيبت ناڪ داخلي مجبوريءَ ۽ قتل جي خواهش جي وچ ۾، جيڪا هنن جي روح جي گهراين مان پيدا ٿيندي آهي ۽ جنهن کي هو هميشه سڃاڻي نه سگهندا آهن، گهيرجي ويندا آهن. ان ڪري، جو پهرين پهرين تشدد هنن طرف ناهي ٿيندو. اهو تشدد اسان جو ئي هوندو آهي، جيڪو هنن ۾ گهڙي، ڪين ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيندو آهي. انهن مظلوم انسانن جو پهريون عمل هيءُ هوندو آهي ته اُهي پنهنجي لڪل غصي کي اندر ئي اندر دٻائي ڇڏيندا آهن. اهڙي عمل کي هنن ۽ اسان جا اخلاقي قدر خراب قرار ٿا ڏين، مگر اهو عمل هنن جي انسانيت جي آخري پناهه گاهه آهي.

فينن کي پڙهو. توهان کي خبر پوندي ته ڪهڙيءَ ريت پنهنجيءَ بيوسيءَ جي حالت ۾ ديسي باشندن جي اجتماعي لاشعور جو اظهار انهن جي چرائپ وارين قتل جي ڪري حرڪتن ۾ ٿئي ٿو. جيڪڏهن اهو ڊپ غصو ٻاهر نڪرڻ لاءِ ڪا واٽ نه لهي سگهي، ته اندر ئي اندر دُکي دُکي مظلوم انسان کي ئي تباهه ڪري ڇڏيندو. پاڻ کي انهيءَ جبر مان ٻاهر ڪڍڻ لاءِ ديسي باشندا پنهنجو پاڻ هڪبئي کي قتل ڪندا آهن. جيئن ته اهڙيءَ

ڪمزوريءَ واري حالت ۾ هو اصلي دشمن جو مقابلو نہ ڪري سگهندا آهن، ان ڪري مختلف قبيلا پاڻ ۾ وڙهندا آهن ــ ۽ توهان بينڪي حڪمت عمليءَ تي ڀروسو ڪري سگهو ٿا، تہ اها هنن جي باهمي دشمنين کي برقرار رکندي آهي. اهو شخص جيڪو پنهنجي ڀاءُ جي خلاف چاقو کڻي ٿو، سو هيئن ٿو سمجهي تہ هن پنهنجي گڏيل ذلت جي شڪل کي هميشه هميشه لاءِ ختم ڪري ڇڏيو آهي. جيتوڻيڪ ڪفاري طور استعمال ٿيندڙ هي مقتول، پنهنجي رت جي اڄ پوريءَ طرح اُجهائي نہ ٿا سگهن. توپن جي خلاف قدم وڌائڻ کي هو صرف هڪ ئي طريقي سان روڪي سگهن ٿا، ۽ اهو هيءُ تہ هو اسان جو ڪم پورو ڪن. اهڙيءَ ريت هو پاڻ انسان ڪُشيءَ جو ڪم تيز ڪري ڇڏيندا آهن، جنهن کي هو پهرين رد ڪندا آهن. نوآبادڪارن جي پُرمسرت نگاهن جي سامهون هو پنهنجن ئي ماڻهن کان بچڻ لاءِ مافوق الفطرت عنصرن کي ڍال وانگر استعمال ڪندا آهن. ڪڏهن قديم ۽ ڊپ ڏيارينڊڙ ديوَمالائي رسمن کي زنده ڪندا آهن ۽ ڪڏهن وهم پرستيءَ جي ٻنڌڻن ۾ پاڻ کي جڪڙي ڇڏيندا آهن. اهڙيءَ طرح وهم وسوڙل انسان پنهنجين داخلي ضرورتن کان فرار حاصل ڪندو آهي. هو ڪن اهڙين رسمن سان پنهنجو پاڻ کي وابستہ ڪري ڇڏيندو آهي، جيڪي هر وقت سندس ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪائينديون رهنديون آهن. هو ناچ ڪندا آهن ۽ ناچ ڪين مشغول رکندو آهي. اهو رقص، انهن رڳن جي ڏکوئيندڙ ڇڪ کي ڍرو ڪندو آهي. ان ڪانسواءِ اهو رقص ڳجهي نموني، ۽ گهٽو ڪري انهن جي بيخبريءَ ۾، اهڙي انڪار جو ٻهروپ هوندو آهي، جنهن جو اظهار هو سنئون سِڌو نہ ڪري سگهندا آهن ــ ۽ اهو رقص ٻهروپ هوندو آهي ان قتل جو، جيڪو هو نہ ڪري سگهيا آهن. ڪن علائقن ۾ هو آخري حربو استعمال ڪندا آهن ــ يعني "روحن سان ميلاپ" ــ ماضيءَ ۾ اهو هڪ سادو سودو مذهبي تجربو هو، جنهن جو مطلب هو عقيدت مندن جو پاڪ ۽ اعليٰ شين سان راز و نياز؛ مگر هاڻي هو ان کي ذلت ۽ نامرادي جي خلاف هٿيار طور ڪتب آڻين ٿا.

ممبو جمبو ۽ قبيلي جا ٻيا اوتار، هنن تي نازل ٿيندا آهن ۽ مٿن ڇانئجي، سندن تشدد کي وجد جي ڪيفيت وسيلي برباد ڪندا آهن. ايتري تائين جو اهو تشدد مڪمل طرح نڪري ويندو آهي. ان نموني سان اهي اوتار انهن جو بچاءُ ڪندا آهن، ٻين لفظن ۾ غلام ماڻهو پرماري ڪشيدگيءَ کان پاڻ کي اهڙيءَ ريت بچائيندا آهن، ۽ مذهبي ڪشيدگيءَ ۾ پناهہ ڳولينداآهن. اُن

جو اچرج جهڙو نتيجو هيءُ نڪرندو آهي، جو اُهي انهن ٻنهي ڇڪتائن کي پاڻ ۾ ملائي ڇڏيندا آهن، ۽ انهن مان هر هڪ ٻئي جي لاءِ طاقت ثابت ٿيندي آهي. پوءِ ڪڏهن وهم پرستيءَ جي هيءَ صورت ٿيندي آهي، جو وهم ۾ مبتلا شخص، جيڪو پنهنجي پوت جي هر وقت جي مهڻ کان تنگ اچي ويندو آهي ــ ۽ هڪ ڏينهن فرشتي جو آواز ٻڌڻ شروع ڪندو آهي، جيڪو ڪيس مبارڪباد ڏيندو آهي. ليڪن مهڻ جو سلسلو پوءِ به بند نه ٿيندو آهي. هاڻي رڳو ايترو ٿيندو آهي، جو مهڻ کان پوءِ مبارڪ به ملندي رهندي آهي. اها هڪ حفاظتي ترڪيب آهي. مگر قصو به اتي ئي پورو ٿي ويندو آهي، ذات ۾ اڌ ٿي ويندي آهي ۽ مريض چريائپ جو شڪار ٿي ويندو آهي؛ مگر ڪن ٻين چونديل بدقسمتن لاءِ هڪ ٻيو جن به ٿيندو آهي، جنهن جي باري ۾ اسان اڳ ۾ ڳالهائي چڪا آهيون، ۽ اهو آهي مغربي تهذيب! تون چوندين ته آءٌ جيڪڏهن انهن جي جاءِ تي هجان ها ته ٻين جي بجاءِ پنهنجي ئي ممبو جمبو کي ترجيح ڏيان ها. بلڪل نيڪ! تو صورتحال سمجهي ورتي آهي، پر اڌوري؛ ان ڪري جو تون انهن مان ناهين، يا گهٽ ۾ گهٽ اجا تائين ناهين. جيڪڏهن نه، ته پوءِ توکي خبر پئجي وڃي ها ته هو چونڊ نه ٿا ڪري سگهن. هنن کي ٻئي رکڻا پون ٿا. ٻه دنيائون! جنهن جو مطلب آهي ٻه مرگهيون ــ هو سڄي رات رقص ڪندا آهن ۽ صبح جو سوير گڏيل دعا ٻُڌڻ لاءِ ڪَنا ٿي ويندا آهن. ڏينهون ڏينهن ڏار وڌندو ويندو آهي. اسان جو دشمن سندس پائرن جو ساٿ ڇڏي، اسان سان ملي ويندو آهي. سندس پائر به ان جي پيروي ڪندا آهن. "ديسي باشندي" جي صورتحال هڪ اهڙي صورتحال ٿئي ٿي، جيڪا نوآبادڪار خود ٻيٽڪي عوام جي اجازت سان، نه صرف اتي پکيڙي ٿو، پر ان کي برقرار به رکي ٿو.

انساني حالتن جي هڪ ئي وقت دعويٰ ۽ انهن کان انڪار ــ اهو ڏماڪي سان ڦاٽندڙ تضاد آهي، ۽ انهيءَ جي ڪري ئي ڏماڪو ٿيندو آهي. اها ڳالهه تون به سمجهين ٿو ۽ مان به؛ ۽ اسان جو دور اهو دور آهي، جنهن ۾ تار کي باهه لڳائي پئي وڃي. جڏهن وڌندڙ آبادي پاڻ سان گڏ گهٽو ڏڪار آڻي ٿي ۽ جڏهن هي تازا ڄاول ٻار، موت کان وڌيڪ زندگيءَ کان ڊنل نظر ٿا اچن ــ ته پوءِ اهڙي صورت ۾ تشدد جو سيلاب سمورين رڪاوٽن کي وهائي ويندي آهي. الجزائر ۽ انگولا ۾ جيڪڏهن يوربي نظر اچي ٿو ته قتل ڪيو ٿو وڃي. هي اهو وقت آهي، جڏهن اسان جا هٿيار، اسان ڏانهن واپس موٽي رهيا آهن. هي تشدد جو ٿيون دور آهي. هاڻي انهيءَ جو وهڪرو اسان ڏانهن آهي. انهيءَ

جو حملو اسان تي ٿي رهيو آهي، پر اسان اڳ جيان اجا بہ ان ڳالهہ کي نٿا سمجهون، تہ اسان ئي ان ڳالهہ جو آغاز ڪيو هو. "آزاد خيال" هاڻي حيران آهي. هاڻي اُهي خود تسليم ڪن ٿا تہ اسان ديسين سان خوش اخلاقيءَ جو سٺو مظاهرو نہ ڪيو. ٻيو هيءُ تہ اها چڱي ۽ سمجهہ ڀري ڳالهہ ٿئي ها، جو اسان کين ڪجهہ نہ ڪجهہ حق تہ ڏيئي ڇڏيون ها. هو انهيءَ ڪان وڌيڪ ڪجهہ نہ ٿا چاهين تہ اسان ڏيهين کي ٿورو ٿورو ڪري بنا سفارش، انهيءَ مخصوص ڪلب جو ميمبر بنائي ڇڏيون ها، جيڪا اسان جي جنس جي ڪلب آهي؛ ۽ هاڻي هي وحشت خيز چريائپ وارو لاڙو انهن "آزاد خيالن" سان بہ اهڙوئي ورتاءُ ڪري رهيو آهي، جهڙو ٻڌڻ نوآبادڪارن سان. وطن (يورپ) جي ڪاڀي ڌر وارا بہ پريشان آهن. اهي ديسي باشندن جي صحيح صورتحال کان واقف آهن، ۽ ان انتهائي ظلم کي سمجهن ٿا، جنهن جو شڪار ديسي باشندن کي بنايو ويندو آهي. هو انهن جي بغاوت کي خراب نہ ٿا سمجهن، ان ڪري جو هنن کي خبر آهي تہ انهيءَ بغاوت پيدا ڪرڻ جو سبب يورپ وارن جا ڪارناما ئي آهن. ان سڀ ڪجهہ هوندي بہ ڪاڀيءَ ڌر وارا سوچين ٿا تہ آخر هر شيءِ جي حد ٿيندي آهي. هي گوريلا اهو ڏيکارڻ لاءِ سَندرو ٻڌيو بيٺا آهن تہ اهي بهادر آهن. اهو ثابت ڪرڻ لاءِ تہ اهي بہ انسان آهن. ان کان بهتر ٻيو ڪوبہ طريقو ناهي. ڪڏهن ڪڏهن ڪاڀيءَ ڌر وارا انهن گوريلن کي ڇينڀيندا آهن تہ، "توهان حد کان وڌي رهيا آهيو. هاڻي اهڙيءَ حالت ۾ اسان توهان جي وڌيڪ حمايت نہ ٿا ڪري سگهون."

—— ديسي باشندا انهن جي حمايت جي ڪابہ پرواهہ نہ ڪندا آهن. ڪاڀي ڌر وارن جي حمايت سان هنن کي جيڪو فائدو ٿي سگهي ٿو، ان کي هو ڪنهن بہ وقت ٺڪرائڻ لاءِ تيار رهندا آهن. هڪ دفعي جنگ شروع ٿي تہ هنن کي هن پڪيءَ پختيءَ حقيقت جي خبر پئجي ويندي تہ اسان مان هر هڪَ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ غاصبن کان ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور ڦريو آهي. هاڻي هو ڪنهن سان بہ سٺو برتاءُ نہ ڪندا.

—— هاڻي هنن کي محض هڪ فرض ادا ڪرڻو آهي، ۽ هڪ مقصد حاصل ڪرڻو آهي، يعني هر ممڪن طريقي سان سامراج کي پنهنجي ملڪ مان ٻاهر ڌڪي ڪڍن. اسان کان وڌيڪ دوراندیش ماڻهو نيٺ انهيءَ فرض ۽ مقصد کي تسليم ڪندا، ليڪن انهيءَ آزمائش ۾ اسان کي مجبوراً اهي غير انساني طريقا بہ ڏسڻا پوندا، جيڪي هيءَ انسان کان گهٽ درجي واري مخلوق،

انسانيت جي منشور حاصل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪندي. ان ڪري، ترت ڪين اهو منشور ڏيڻ گهرجي، ته جيئن اهي پُرامن طريقي سان پاڻ کي ان منشور جي لائق بنائڻ جي ڪوشش ڪن. ڏٺو توهان ته اسان جا اعليٰ ترين ماڻهو به نسلي تعصب کان پاڪ ناهن!

بهتر آهي ته اهي فين پڙهن. هو انهيءَ ڳالهه کي واضح ٿو ڪري ته هيءُ نه ديجندڙ تشدد رڳو ڪاوڙ ۽ غصو ناهي، نه وحشي جبلتن جو اظهار آهي، نه ئي هيءُ احتجاج آهي، پر هيءُ اهو عمل آهي، جنهن جي ذريعي انسان پاڻ پنهنجي تخليق ڪري رهيو آهي. منهنجو خيال آهي اسان به ڪڏهن انهيءَ حقيقت کي سمجهندا هئاسون، مگر هائي ان کي وساري چڪا آهيون ته تشدد جي ڦٽن جو علاج، اخلاق جي اظهار سان ممڪن ڪونهي. انهن ڦٽن جو ملم وري به تشدد ئي آهي. ديسي باشندو پنهنجن هٿيارن جي طاقت سان نوآبادڪار کي ڏکي ٻاهر ڪڍي، سامراج جي پيدا ڪيل اعصابي بيمارين جو علاج ڪندو آهي. جڏهن هن جي ڪاوڙ ختم ٿي ويندي آهي، تڏهن هو پنهنجي وڃايل معصوميت واپس ڪري وٺندو آهي، پنهنجي ذات جي سچائپ حاصل ڪري وٺندو آهي ۽ اهڙيءَ طرح پاڻ کي تخليق ڪندو آهي. اسان جيڪي آزاديءَ جي انهيءَ جنگ کان بلڪل پري آهيون، سي ان کي بربريت جي فتح سمجهندا آهيون. ليڪن اها جنگ، خودبخود آهستي آهستي مگر يقيني طور باغين جي آزاديءَ جي ضمانت بنجي ويندي آهي، ان ڪري، جو هوريان هوريان انهن جي چوڌاري سامراجي انڌيرا ختم ٿيندا ويندا آهن. اها جنگ هڪ پيرو شروع ٿي ته ان کان پناهه ممڪن ئي ڪانه آهي. توهان پاڻ ڏجو يا ٻين کي ڏيجاريو. يعني يا ته توهان پنهنجو پاڻ کي مصنوعي زندگيءَ جي رحم و ڪرم تي ڇڏي ڏيو، جيڪا زندگي توهان کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيندي، يا توهان باضابطه زندگيءَ جو پيدائشي حق حاصل ڪريو.

جڏهن هاري پنهنجي هٿ ۾ بندوق کڻندو آهي (وڏيري جي خدمت لاءِ نه) ته پراڻن ڏندڪٿائي قصن ۽ رسمن جو اثر بلڪل ختم ٿي ويندو آهي. هڪ هڪ ڪري هو سمورين رڪاوٽن کي هٽائي ڇڏيندو آهي. هڪ باغيءَ جو هٿيار، سندس زندگيءَ جي ضمانت آهي. ان ڪري جو جنگ شروع ٿي ته قتل ڪرڻو ئي پوندو آهي. ڪنهن يوربيءَ کي قتل ڪرڻ جو مطلب، هڪ ڪم به ڪاڇ هوندو آهي؛ يعني ظالم ۽ مظلوم انسان ٻئي هڪ ئي وقت ختم ٿي ويندا آهن. هڪ مرده لاش ۽ هڪ آزاد انسان باقي رهجي ويندا آهن. اهو زنده

شخص، پهريون پيرو پنهنجن پيرن هيٺان قومي سرزمين محسوس ڪندو آهي. انهيءَ گهڙي قوم هن کان پري نه هوندي آهي. هو جتي ويندو آهي قوم هن سان گڏ هوندي آهي ۽ هن جي نظرن کان ڪڏهن پري نه ٿيندي آهي؛ ان ڪري جو اها هن جي آزاديءَ سان هم آهنگ هوندي آهي. ليڪن پهرئين ئي لوڏي سان سامراجي فوج ڪارروائي شروع ڏيندي آهي، ۽ تڏهن يا ته سڀ متحد ٿي ويندا آهن يا قتل ٿي ويندا آهن ۽ قبائلي دشمنيون ختم ٿي ويندیون آهن. ان جو پهريون سبب هيءُ آهي ته انهن دشمنين سان انقلاب کي ڇيهي رسڻ جو انديشو هوندو آهي؛ ليڪن وڌيڪ گهرو سبب هيءُ آهي ته پهرين به انهن هن کان سواءِ ٻيو ڪوبه ڪم نه ڪيو ته تشدد جو رخ غلط دشمنن ڏانهن موڙيو هئائون ــ ۽ جيڪڏهن اهي دشمنيون باقي رهجي وڃن ٿيون، جيئن ڪانگو ۾، ته ان جو سبب هيءُ آهي ته انهن کي سامراج جا ايجنٽ برقرار رکندا آهن.

ــ قوم اڳتي قدم وڌائيندي رهندي آهي. پنهنجي هر فرزند لاءِ اها اتي موجود هوندي آهي، جتي هن جا سڀ ڀائر رِڻ ۾ راماڻا ڪندا آهن. اهڙي وقت ۾ اهو احساس، جيڪو هو پاڻ ۾ هڪ ٻئي لاءِ رکندا آهن، سو ان نفرت کان بلڪل مختلف هوندو آهي، جيڪا هو توهان جي لاءِ محسوس ڪندا آهن. هو پاڻ ۾ ڀائر آهن، اُن ڪري جو هنن مان هر هڪ قتل ڪندو آهي ۽ ڪنهن به وقت قتل ڪرڻ لاءِ تيار رهندو آهي.

فيئن پنهنجن پڙهندڙن کي "ڇڙواڳيءَ" جي حدن ۽ "تنظيم" جي ضرورت، ۽ اُن جي خطرن کان واقف ڪندو رهي ٿو. تڏهن به تحريڪ جي هر موڙ تي هو ڪٽي ڪيترو ئي ڪم ڇو نه ڪندو هجي، انقلابي شعور گهرو ٿيندو ويندو آهي، رهيل سهيل مونجهارا ختم ٿيندا ويندا آهن. هاڻي الجزائري قومي محاذ آزاديءَ جي سپاهيءَ جي ماتحتيءَ واريءَ الجهن جي باري ۾ گفتگو ڪرڻ جي ڪابه ضرورت نه رهندي آهي.

اکين تان پردا هٽڻ کان پوءِ هاري پنهنجين ضرورتن جو اندازو لڳائيندو آهي. پهرين ته اُهي ايتريون هيون، جو انهن جي سوچ ئي هن لاءِ موت آڻيندي هئي، پر هو انهن کي نظرانداز ڪريو ويٺو هو، ۽ هاڻي هو انهن کي پنهنجي لاءِ لازمي تصور ڪري ٿو. هيءُ تشدد جيڪو عوام مان ڦٽي ٿو ۽ جيڪو عوام کي لڳاتار پنج سال ثابت قدم رکي ٿو ــ اٺ سال ــ جيئن الجزائر وارن ڪيو آهي. انهيءَ تشدد ۾ فوجي، سياسي ۽ سماجي ضرورتن کي هڪ ٻئي کان ڌار نٿو ڪري سگهجي. جنگي ڪمان ۽ عهدن جا سوال پيدا ڪري، اهڙا نوان

ڊانچا تيار ڪيا ويندا آهن، جيڪي اڳتي هلي امن جا پهريان بنيادي ادارا بڻبا ــ هاڻي نين روايتن جو انسان خوفناڪ حالتن مان پيدا ٿيل مستقبل جو انسان هوندو. هاڻي اسان هن کي هڪ اهڙي قانون جي ذريعي جائز حق حاصل ڪندي ڏسون ٿا، جيڪو هر روز جنگ مان نهي ٿو ۽ نهندو آهي. هڪ دفعو جڏهن آخري نوآبادڪار قتل ٿي ويندو، يا وطن موٽي ويندو يا ڏيهين ۾ ضم ٿي ويندو، تہ پوءِ ٿورائيءَ جو نسل ختم ٿي ويندو، ۽ ان جي جاءِ اشتراڪيت حاصل ڪري وٺندي. ليڪن ايترو ئي ڪافي ناهي ۽ هڪ باغي انهيءَ تي ماڻ ڪري نہ ويهندو آهي. توهان يقين ڪريو تہ هو پنهنجي جان جي بازي انهيءَ لاءِ نہ ٿو لڳائي تہ سابق "مادرِ وطن" جي رهاڪوءَ جي حيثيت حاصل ڪري. توهان ڏسو! هو ڪيترو پُرسڪون آهي! شايد هو هڪ ٻئي "ڊين بين فو" جو خواب ڏسي رهيو آهي.(١) ليڪن اهو نہ سمجهجو تہ هو صرف ان تي انحصار ڪري رهيو آهي. هو تہ هڪ فقير آهي، جيڪو پنهنجيءَ غربت سان گڏ پوريءَ طرح هٿياربند اميرن جي خلاف جنگ ڪري رهيو آهي، فيصلي ڪُن سوچ جي اميد ۾ ــ يا انهيءَ اُميد کان سواءِ ئي هو پنهنجن مخالفن کي ايترو ٽڪائڻ ٿو چاهي، جو اُهي ڪائنس بيزار ٿي وڃن. اهو سڀ ڪجهہ خوفناڪ نقصانن کان سواءِ نہ ٿيندو. سامراجي فوج بيحد خونخوار ٿي ويندي آهي، علائقن کي نشانو بنايو ويندو آهي، باغين جي خاتمي لاءِ مختلف اٽڪلون عمل ۾ آنديون ويندیون آهن، آبادين جا تبادلا ٿيندا آهن، انتقامي ڪارروايون ٿينديون، عورتن ۽ ٻارن جو قتل عام ڪيو ويندو آهي. باغيءَ کي اها سڀ ڄاڻ هوندي آهي. هيءُ نئون انسان، پنهنجي زندگي ائين شروع ڪندو آهي، جڻ سندس حياتيءَ جا پويان پساهہ آهن. هو پنهنجي پاڻ کي هڪ امڪاني لاش تصور ڪندو آهي. هو رڳو ان خطري کي مڃيندو ئي ناهي تہ نيٺ هن کي قتل ٿيڻو آهي، پر هن کي انهيءَ ڳالهہ جو يقين هوندو آهي. انهيءَ امڪاني مئل انسان جا ٻار ٻچا ختم ٿي چڪا هوندا آهن. هن ايترن ماڻهن کي مرندي ڏٺو آهي، جو هاڻي هو سوچ کي پنهنجي زندگيءَ تي ترجيح ڏيندو آهي. هاڻي هو پاڻ نہ، پر ٻيا سوچ جو ميوو کائيندا. هو زندگي، موت ۽ ٻين اهڙين سيني شين کان بيزار ٿيل هوندو آهي؛ ليڪن سندس دل جي اها بيزاري، ناقابل يقين شجاعت جو سرچشمو آهي. اسان کي اسان جي انسانيت، نااميديءَ ۽ موت جي ٻئي پار ملي ٿي.

(١) ڊين بين فو، ويٽنام ۾ فرينچ فوجي اڈو، جنهن تي ويٽنامي عوامي فوج، جنوري 1954ع ۾ حملو ڪيو ۽ 55 ڏينهن جي لڳاتار رات ڏينهن جي ويڙهہ کان پوءِ، 7 مئي 1954ع ۾ فرانسيسي فوج کي ويٽنام جي عوامي فوج شڪست ڏني.

اهائي انسانيت، تشدد ۽ موت کان مٿي ملي ٿي. اسان، جن هوائن جا مزا ورتا، باغي انهن جو واچوڙو آهي. هو جنهن تشدد جي تخليق آهي، انهيءَ مان هر گهڙيءَ هو پنهنجي انسانيت حاصل ڪري ٿو. اسان هن جي ڪري انسان بڻيا رهياسين، هائي هو اسان جي بنياد تي انسان بنجي رهيو آهي. مگر هڪ مختلف انسان، بهتر صلاحيتن جو مالڪ انسان! فينن اتي بيهي رهي ٿو. هن واٽ ڏيکاري ڇڏي آهي. هو انهن ماڻهن جو نمائندو آهي، جيڪي آزاديءَ جي جنگ ۾ مصروف آهن. هو اتحاد جو داعي آهي، يعني سمورن اختلافن ۽ علائقائي ويڇن جي ابتڙ پوري عظيم آفريڪي ڪنڊ جي اتحاد جو داعي آهي. هن پنهنجو مقصد حاصل ڪري ورتو آهي. جيڪڏهن سامراجي خاتمي جي تاريخي مظهر کي پوري تفصيل سان بيان ڪرڻ چاهي ها تہ هو اسان جو ذڪر بہ ڪري ها؛ مگر هن جي خواهش اها ناهي. پر جڏهن اسان ڪتاب بند ڪريون ٿا تہ مصنف تہ پري رهيو، سندس دليل بازي، اسان جي ذهن ۾ جاري رهي ٿي؛ ان ڪري، جو اسان باغي عوام جي طاقت کي محسوس ڪريون ٿا ۽ پنهنجيءَ طاقت سان ان جو جواب ڏيون ٿا ــ ۽ هائي اسان پاڻ بہ ان ۾ شامل ٿي وڃون ٿا. ائين تشدد خود پنهنجي فطرت جي اعتبار سان اسان کي تبديل ڪري ٿو، جهڙيءَ ريت هن "اڌ ديسين" کي تبديل ڪيو آهي. اسان مان هر هڪ کي پنهنجيءَ پر ۾ ويچارڻ گهرجي، انهيءَ شرط سان، تہ اسان ٿورو بہ سوچيندا هجون. اڄ انهيءَ يورپ ۾، جيڪو فرانس، بيلجئم ۽ انگلستان کي رسيل ضربن جي ڪري سڪتي جي حالت ۾ آهي، پنهنجي ذهن کي هيڏانهن هوڏانهن ڪرڻ اهڙوئي آهي، جهڙو سامراجيت جي جرم ۾ پاڻ کي شامل ڪرڻ.

هن ڪتاب کي ڪنهن ديباچي جي ڪابہ ضرورت نہ هئي. اها ضرورت ان ڪري بہ نہ هئي، جو هن جو خطاب اسان سان ناهي. پوءِ بہ مون هي ديباچو ان ڪري لکيو آهي تہ جيئن ان جي دليل بازيءَ کي ڪنهن پختي نتيجي تائين پهچايان، ڇو تہ اسان يورپ وارا بہ ڏاڍ جي خاتمي سان لاڳاپيل آهيون ــ يعني اسان مان هر هڪ جي اندر لڪل نوآبادڪار جي پاڙ پٽجي رهي آهي ــ جيڪڏهن حوصلو هجي تہ اسان پاڻ کي ڏسون تہ اسان جو ڪهڙو حال ٿي رهيو آهي. سڀ کان پهريائين اسان کي پنهنجي انسانيت پسنديءَ جي انڪشاف جو بلڪل اگهاڙيءَ حالت ۾ جائزو وٺڻو آهي، جنهن جو اسان هر وقت پرچار ڪندا رهندا آهيون. توهان ان کي بلڪل ننگو ڏسي سگهو ٿا ۽ اهو ڪو دلڪش ڏيک ناهي. اهو نظريو ڪوڙ جو نظريو آهي ۽ ڦرلٽ جو

مڪمل جواز! اُن جا منا لفظ، اُن جي معقوليت جي بناوت، اسان جي ظلم ۽ تشدد لاءِ قانوني عذر بڻي رهيو آهي. هيءَ به هڪ مزيدار ڳالهه آهي ته عدم تشدد ۾ يقين رکندڙ چون ٿا ته اسان نه ظالم آهيون ۽ نه مظلوم. چڱو ٺيڪ آهي، جيڪڏهن توهان مظلوم ناهيو ته پوءِ جڏهن اها حڪومت، جيڪا توهان جي ووٽ سان قائم ٿي آهي، ۽ جڏهن اها فوج، جنهن ۾ توهان جو ننڍو ڀاءُ بنا ڪنهن عذر ۽ هٻڪ جي نوڪري ڪري رهيو آهي، نسل ڪشيءَ تي سندرو ٻڌي بيهي رهي هجي ته توهان بلاشڪ ظالم آهيو؛ ۽ جيڪڏهن توهان مظلوم بنجڻ پسند ڪريو ٿا ۽ ڏينهن ٻن لاءِ جيل ۾ وڃڻ جو خوف برداشت ڪريو ٿا ته ان وقت توهان رڳو اهو ٿا ڪريو ته جيئن پنهنجو لوهه باهه مان ڪڍي وٺو، ليڪن توهان ان کي ڪڍي ڪونه سگهندؤ، ان کي آخر تائين اتي ئي رهڻو آهي. ٿورو انهيءَ ڳالهه کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو. جيڪڏهن اڄ ئي تشدد شروع ٿي وڃي ۽ جيڪڏهن هن سر زمين تي ظلم ۽ پرماريت ڪڏهن نه رهيا هجن ته پوءِ شايد عظيم تشدد جو نعرو جهڳڙي کي ختم ڪري ڇڏي. پر جيڪڏهن ساري حڪومت ۽ توهان جا عدم تشدد جا تصور، ٻئي هڪ هزار سالن جي ظلم سان مقرر ٿيندا هجن ته پوءِ توهان جو هي پسپائيءَ وارو (پوئتي موٽ وارو) رجحان توهان کي ظالمن جي صف ۾ بيهاريندو. توهان کي اهو چڱيءَ ريت معلوم آهي ته اسان ڦرلٽ ڪندڙ آهيون. توهان اهو به ڄاڻو ٿا ته اسان "وڏن نون ڪنڊن" پهرين سون ۽ ٻين ڌاتن تي هٿ صاف ڪيو ۽ پوءِ انهن جي پيٽرول تي؛ ۽ اهي سڀ شيون اسان پرائن ملڪن ۾ ڪٽي آياسين. ان جا نتيجا به شاندار نڪتا، جيئن اسان جي محلاتن، اسان جي گرجا گهرن ۽ اسان جي عظيم صنعتي شهرن مان اهو ظاهر آهي ــ ۽ پوءِ جڏهن اوچتو قيمتن گهٽجڻ جو خطرو پيدا ٿيو ته بينڪي منڊين جي ڪري اها ضرب نرم پئجي ويئي يا ان جو رخ بدلجي ويو. دولت سان مالا مال ٿي يورپ پنهنجن رهاڪن کي قانوني طور انساني حق ڏنا، ليڪن اسان جي انسان هجڻ جو مطلب هيءُ آهي ته اسان سامراج جي جرم ۾ شريڪ آهيون، ڇو ته اسان مان هر هڪ بنا ڪنهن ڇڏڇوٽ جي سامراجي لٽ مار مان فائدو ورتو آهي. هي ٿلهو هيڊ ڪنڊ، هائي فين جي خيال ۾ مايوسيءَ ۾ مبتلا ٿيڻ وارو آهي. ڪلڪتو پيرس کان بيزار هو. هيءُ شهر هر وقت پنهنجي ئي باري ۾ ڳالهائيندو رهي ٿو. ڇا يورپ انهيءَ کان ڪجهه مختلف آهي؟ ۽ اي يورپ کان به وڌيڪ وحشي اتر آمريڪا! چئو! آزادي، هڪجهڙائي، انساني ڀائيچارو، محبت، وقار، حب الوطني. تو وٽ

ٻيو ڇاهي؟ انهن سڀني شين جي باوجود اسان ڪِن شيدين، گندن يهودين ۽ بيهودن عربن جي نسلن جي خلاف تقريرن ڪرڻ کان نه ٿا رهون. اعليٰ ذهن وارا ماڻهو، آزاد خيال يا رڳو نرم دل ماڻهو، اهو احتجاج ڪندا آهن ته اهي هن قسم جي غير معقوليت کي سهي نه ٿا سگهن. ليڪن اهڙي قسم جا ماڻهو يا ته غلط فهميءَ ۾ مبتلا آهن يا بي ايمان، ان ڪري جو اسان جي لاءِ نسلي انسانيت پسنديءَ کان وڌيڪ ڪا معقول ڳالهه آهي ئي ڪانه. ڇو ته هڪ يورپي رڳو غلامي ۽ وحشت جي تخليق سان ئي انسان بڻيو آهي. جيستائين ڪنهن ٻيءَ جاءِ تي ديسي باشندن جي آبادي قائم رهي، ان وقت تائين انهيءَ دغابازيءَ جو راز نه کليو. انساني نسل جي تصور ۾ آفاقيت جو هڪ ڇڙو ڪوڙ اسان کي مليو، جيڪو اسان جي حقيقي عملن تي پردو وجهي ٿو. يورپ کنڊ جي ٻئي طرف هڪ اهڙو نسل رهندو هو، جنهن جو رتبو انسانن کان ڪجهه گهٽ هو، ۽ جيڪو اسان جي مدد بنا شايد هڪ هزار سالن کان پوءِ اسان جي حيثيت حاصل ڪري وٺي ها. مختصر هي ته اسان غلطيءَ سان ان جي دانشورن کي انهن سڀني جي برابر سمجهيو، مگر اڄ ديسي آبادي پنهنجي اصلي نوعيت جو اظهار ڪري رهي آهي؛ ۽ ان وقت اسان جي مخصوص "ڪلب" پنهنجي ڪمزوري ظاهر ڪري رهي آهي ـــ ۽ اها هيءَ ته اها ڪلب هاڻي هڪ اقليت رهجي وئي آهي. ان کان به وڌيڪ خراب ڳالهه هيءَ ته جڏهن ٻيا اسان جي خلاف ٿي انسانيت جو لباس پائي رهيا آهن ته ائين ٿو ڀاسجي ته اسان انسان دشمن آهيون. هاڻي ديسي دانشور پنهنجي اصلي رنگ ۾ ظاهر ٿي رهيا آهن، جو هاڻي اهي هڪڙي ننڍڙي گروهه کانسواءِ ڪجهه ناهن. اسان جا قيمتي قدم پڳهرڻ لڳا آهن. غور سان ڏسو! توهان کي هڪ به اهڙو قدم نظر نه ايندو، جيڪو رت هاڻو نه هجي ـــ ۽ جيڪڏهن توهان کي ڪنهن مثال جي ضرورت هجي ته پوءِ هنن سهڻن لفظن کي ياد رکو. فرانس "ڪيترو سخي آهي!" اسان ۽ سخاوت؟ ٺيڪ ته پوءِ سڪيف جي باري ۾ ڪهڙو خيال آهي؟ اٿن سالن جي انهيءَ خوفناڪ جنگ جي باري ۾ ڇا رايو آهي، جنهن ۾ ڏهه لک الجزائري جانيون ضايع ٿيون ـــ ۽ ان کان سواءِ، عذاب ڏيڻ جي باري ۾ ڇا ٿا چئو؟ هتي هيءَ ڳالهه سمجهڻ لائق آهي ته ڪوبه اسان کي انهيءَ ڳالهه تي ملامت نه ٿو ڪري، ته اسان پنهنجن انهن مقصدن کي پورو نه ڪيو. اُن جو سبب هيءُ آهي ته اسان جو اصل ۾ ڪوبه مقصد نه هو. هتي ته خود سخاوت ئي مشڪوڪ نظر ٿي اچي. انهيءَ ٻلي ۽ موچاري لفظ جي صرف هڪ ئي

معنيٰ آهي، ۽ اها هيءَ تہ قانون چارٽر جو عطيو. مگر سمنڊ پار جي ماڻهن، نون ۽ آزاد ماڻهن جي خيال ۾ ڪنهن کي نہ طاقت آهي ۽ نہ ئي حق، تہ اُهو ٻين کي ڪجهہ ڏيئي سگهي. انهن نون ۽ آزاد ماڻهن مان هر هڪ کي هر قسم جو حق، هر ڪنهن شيءِ تي حاصل آهي ـــ ۽ نيٺ هڪ ڏينهن اُهي انساني بلوغت کي پهچندا، تڏهن هو انسانيت جي اها وصف بيان نہ ڪندا تہ اها پوري دنيا جي رهاڪن جو ميڙ آهي، پر هيءَ وصف ڪندا تہ اها گڏيل ضرورتن جو غير محدود اتحاد آهي. هتي آءٌ بيهي ٿو رهان. هاڻي توهان کي ڪنهن نتيجي تي پهچڻ ۾ ڪابہ تڪليف نہ ٿيندي. توهان رڳو ايترو ڪريو، جو اسان جي اشرافي خوبين سان هڪ دفعو سنئين سڌي نظر ملايو. ڏسو تہ اهي پُري رهيون آهن. اُهي انهن هيٺئين درجي جي ماڻهن جي اشرافيت جي مقابلي ۾ ڪيئن بچنديون، جن ماڻهن حقيقت ۾ توهان جي اشرافيت کي وجود بخشيو هو. ڪجهہ سال اڳي هڪ بورجوا سامراج پسند مبصر، مغرب جي بچاءَ ۾ رڳو ايترو چئي سگهيو هو: ”اسان ملائڪ ناهيون، ليڪن اسان گهٽ ۾ گهٽ ڪجهہ پشيماني ضرور محسوس ڪريون ٿا.“ ڪهڙو چڱو اقرار آهي! پهرين اسان يورپ جي جهاز کي ٻين جي ذريعن سان پاڻيءَ جي سطح تي برقرار رکندا هئاسون. يوناني تهذيب، چارٽر، انساني حق ياسواستيڪا. هاڻي اسان کي خبر پيئي آهي تہ انهن جو ملهہ ڇا آهي. هاڻي پنهنجي جهاز کي ٻڌڻ کان بچائڻ جو واحد طريقو عيسائيت جو اعترافِ جرم آهي. توهان اُن جي پڇاڻيءَ جو تصور ڪري سگهو ٿا. يورپ جي جهاز ۾ هنڌ هنڌ تي سوراخ ٿي ويا آهن. نيٺ هاڻي ڇا ٿي ويو آهي. رڳو اهو ٿيو آهي تہ ماضيءَ ۾ اسان تاريخ ناهيندا هئاسون، هاڻي اسان تي تاريخ ٺهي رهي آهي. طاقتن جو توازن ڦري ويو آهي. سامراج جي خاتمي جو دور شروع ٿي ويو آهي. هاڻي اسان جا پاڙيتو سپاهي رڳو ان جي خاتمي ۾ دير وجهي سگهن ٿا. اڃا اڳوڻن وطن جي فرزندن کي آخر تائين جدوجهد ڪرڻي آهي. اڃا انهن کي پنهنجي پوري طاقت هڪ اهڙي جنگ ۾ خرچ ڪرڻي آهي، جيڪا شروع ٿيڻ کان اڳ ۾ هُو هارائي چڪا آهن، ۽ مهم جي پڇاڻيءَ تي اسان کي انهن سامراجي ظلمن جو مظاهرو نظر ايندو، جيڪو اُن جي ابتدا ۾ ماڻهن جو شاندار ڪارنامو سمجهيو ويندو هو(١). جيتوڻيڪ هاڻي اهي ظلم ڏهہ حصا وڌيڪ ٿي ويا آهن، پوءِ بہ ڪافي ناهن. قومي فوج جا

(١) هتي سارٽر جي مراد مشهور فرينچ مارشل ٿامس رابرٽ پيڪائري (1849-1784ع) آهي، جيڪو الجزائر جي فتح جي ڪارنامن سبب مشهور ٿيو ۽ 1840ع ۾ الجزائر جو گورنر مقرر ٿيو.

دستا الجزائر موڪليا ويندا آهن، ۽ اهي اتي ستن سالن تائين بنا نتيجي جي رهيا پيا هوندا آهن. تشدد هاڻي پنهنجو رُخ مٽايو آهي. جڏهن اسان فاتح هئاسون تہ اسان ان کي استعمال ڪيو، پر ان اسان ۾ ڪابہ تبديلي پيدا نہ ڪئي، هن ٻين کي ڀيجي ڀوري ڇڏيو، پر اسان جي لاءِ اسان جي انسانيت پسندي پوريءَ ريت قائم رهي. "مادر وطن" جي ماڻهن پنهنجن فائدن لاءِ گڏجي، پنهنجن ڏوهن جي "دولت مشترڪہ" جي ٻار جي ڪن ۾ ٻانگ ڏيئي، ان کي ڀائيچاري ۽ محبت جو نالو ڏنو. اڄ تشدد هر جڳهہ تي رڪاوٽون پسڻ کان پوءِ اسان جي سپاهين جي وسيلي اسان ڏانهن واپس اچي رهيو آهي، ۽ اسان ۾ اچي اسان تي قابض ٿي رهيو آهي. ڦيرو اچي ويو آهي. ديسي باشندو پنهنجي تخليق ڪري رهيو آهي، ۽ اسان يورپي، نوآبادڪار، انتها پسند ۽ آزاد خيال، سڀ ڀڄي ۽ پُري رهيا آهيون. ڊپ، هراس ۽ خوف، هر طرف پکڙيو پيو آهي. الجزائر ۾ ڪارن جو شڪار، اُن جي نمايان صورت آهي. هاڻي وحشي ماڻهو ڪهڙي طرف آهن؟ بربريت ڪٿي آهي؟ ڪابہ شيءِ گهٽ نہ ٿي آهي. دهل بہ پنهنجي جاءِ تي موجود آهن. موٽرن جا هارن "فرانسيسي الجزائر" جا آواز ڪڍن ٿا. يورپي ماڻهو، مسلمانن کي جيئرو ساڙين ٿا.

فينن اسان کي ياد ڏياري ٿو تہ اجا گهڻو وقت نہ گذريو آهي، جو نفسياتي طب جي ماهرن جي هڪ جماعت، ديسي باشندن جي ڏوهن ڏانهن لاڙي تي ڏاڍي ڳڻتيءَ ۾ هئي. انهن ماهرن جو خيال هو تہ "هي ماڻهو هڪبئي کي قتل ڪن ٿا، اها نشاني تندرستي جي ناهي. الجزائرين جو دماغي ڍانچو ڪين جهڙو آهي." ٻين ماڻهن، وچ آفريڪا ۾ اهو طئي ڪيو تہ "آفريڪي پنهنجي دماغ جي اڳين حصن کي گهٽ استعمال ڪندا آهن." اڄ انهن عالمن لاءِ بهتر اهو آهي تہ اهي پنهنجي تحقيق يورپ ۾ جاري رکن، خاص ڪري فرانسيسين ۾، ڇو تہ گذريل چند سالن ۾ اسان بہ دماغي ڪاهليءَ جا شڪار ٿيا آهيون. اسان جا محب وطن بہ ٿورو گهڻو پنهنجن وطني ڀائرن جي قتل جو بندوبست ڪري رهيا آهن ـــ ۽ جيڪڏهن انهن وطني حبدارن کي سندن شڪار پنهنجي گهرن ۾ نہ ٿا ملن تہ سندن گهرن ۽ نوڪرن کي اڏائي ڇڏيندا آهن. اها تہ فقط شروعات آهي. گهرو ويڙهہ جي اڳڪٿي سرءُ يا ايندڙ بهار جي مند تائين ڪئي ويئي آهي. پوءِ بہ اسان جا دماغي حصا صحيح سالم معلوم ٿين ٿا. ڪٿي ائين تہ ناهي تہ اسان ديسي باشندن کي قتل ڪري نہ ٿا سگهون، ان ڪري نشدد پنهنجي ڏاڍ وٺيو واپس اچي رهيو آهي. ۽ اسان جي فطرت

جي گهراين ۾ گڏ ٿي، هاڻي پنهنجي نيڪال جو رستو پيو ڳولي. الجزائري عوام جو اتحاد، فرانسيسي عوام ۾ اختلاف پيدا ڪري رهيو آهي. ”سابق مادر وطن“ جي سيني علائقن ۾، قبيلا جنگي ناچ ڪري رهيا آهن. خوف ۽ هراس آفريڪا جي سرزمين مان نڪري آيو آهي ۽ هاڻي هتي لڏا لاهي رهيو آهي. ڪي ڪاوڙيل پوڙها، ظاهر ظهور چاهين ٿا تہ ديسين هٿان سندن شڪست جي پشيمانيءَ جو قرض پنهنجي رت سان ادا ڪن. انهن ڪانسواءِ ٻيا ماڻهو بہ آهن، جيڪي برابر جا ڏوهي آهن. (ان ڪري جو بزرتا ۾ سيپٽمبر جي قتل عام ڪان پوءِ انهن مان ڪيترا هئا، جيڪي رستن تي اهي نعرا هڻندي نڪري آيا هئا تہ ”بس هاڻي حد ٿي ويئي!“) جيتوڻيڪ انهن جو ڏوهہ ايترو ظاهر ناهي، ۽ اهي آهن اسان جا آزاد خيال ۽ اعتدال پسند ڪاڻي ڌر جا پرجوش ڪارڪن! ڊپ انهن ۾ بہ پکڙجي رهيو آهي ۽ ڪاوڙ پڻ. يقيني طرح انهن جي بہ هوا نڪري چڪي آهي، ۽ هاڻي اهي پنهنجي ڪاوڙ ۽ غصي کي ڏندڪٿائن ۽ وڪڙن وارين رسمن ۾ لڪائي رهيا آهن. حساب جي ڏينهن ڪان بچڻ ۽ فيصلي جي قوت جي گهٽتائيءَ ڪري، هنن اسان جي مٿان هڪ عظيم جادوگر ٿاڦي ڇڏيو آهي، جنهن جو ڪم هيءُ آهي تہ اهو اسان کي هر قيمت تي اونداهيءَ ۾ رکي. هاڻي ڪجهہ بہ نہ پيو ٿئي. باقي رهيو تشدد، جنهن کي ڪجهہ ماڻهو مڃين ٿا ۽ ڪي نہ ٿا مڃين، سو هاڻي خلا ۾ گردش ڪري رهيو آهي. هڪ ڏينهن اهو مٿيز ۾ ڦاٽي ٿو تہ ٻئي ڏينهن بوردو ۾. اهو هر جڳهہ آهي، هِتي بہ ۽ هُتي پڻ. جيئن ’سليپر جي ڳولا واري ناٽڪ‘ ۾ آهي. هاڻي هيءُ اسان جو وارو آهي تہ اسان وِڪ وِڪ ۾ ڏيئي انهيءَ رستي تي هلون، جيڪا اسان کي ديسي باشندن جي درجي تي پهچائي، ليڪن پوريءَ ريت ديسي بنجڻ لاءِ ضروري آهي تہ اڳوڻو بيٺڪي عوام اسان جي سرزمين تي قبضو ڪري وٺي، ۽ اسان بک مرڻ لڳون. ليڪن ائين نہ ٿيندو، ڇو تہ اسان تي تہ بدنام ۽ خوار سامراجيت قابض ٿي رهي آهي. اهوئي اُهو پوڙهو مغرور حاڪم آهي، جيڪو اسان تي سواري ڪندو. اِجهو اچي رهيو آهي، پنهنجا جنتر منتر پڙهندو ـــ ۽ جڏهن توهان فين جو آخري باب پڙهي وٺندؤ، تہ پوءِ توهان کي يقين ٿي ويندو تہ توهان جي لاءِ انتهائي مصيبتن ۾ مبتلا ديسي باشندو ٿيڻ هڪ سابق نو آبادڪار ٿيڻ کان لک درجا بهتر آهي. ڪنهن پوليس آفيسر لاءِ هيءَ ڳالهہ چڱي نہ آهي تہ اُهو ڏينهن ۾ ڏهہ ڪلاڪ ايذاءَ ڏيڻ تي مجبور هجي. انهيءَ حساب سان تہ ايذاءَ ڏيندڙ جا اعصاب ٽڪرا ٽڪرا ٿي

ويندا. بشرطيڪ، انهن کي سندن پلائيءَ لاءِ وڌيڪ ڪم ڪرڻ کان روڪيو نه وڃي. جيڪڏهن هيءُ ضروري به هجي ته قانون جا ضابطا، قوم ۽ فوج جي اخلاق جو بچاءُ ڪن، ته پوءِ اهو صحيح ناهي ته قوم ۽ فوج قانون کي خراب ڪن. نه ئي هيءَ ڳالهه صحيح آهي ته هڪ اهڙو ملڪ، جنهن جون جمهوري روايتون هجن، پنهنجن هزارن لڪن فرزندن کي فوجي آفيسرن جي نگرانيءَ ۾ ڏيئي ڇڏي. منهنجا عزيز هم وطنؤ! اهو صحيح ناهي. توهان ته انهن ڏوهن کي چڱيءَ ريت ڄاڻو ٿا، جيڪي اسان جي نالي ۾ ڪيا ويا آهن. اهو بنهه صحيح ناهي ته توهان انهن ڏوهن جي باري ۾ ڪنهن سان به ٻُرڪ ٻاهر نه ڪيو، ۽ نه ئي پنهنجيءَ ذات سان ـــ رڳو انهيءَ ڊپ ۾ ته ڪٿي توهان کي پنهنجيءَ ذات جو احتساب نه ڪرڻو پوي. ٺيڪ آهي! آءٌ مڃان ٿو ته شروع ۾ توهان کي هيءُ احساس به نه هو ته هو ڇا ٿي رهيوآهي. ان کان پوءِ توهان هن شڪ ۾ مبتلا ٿي ويؤ ته ڇا اهڙيون ڳالهيون به سچيون ٿي سگهن ٿيون، پر هاڻي ته توهان سيڪجهه ڄاڻو ٿا، پر باوجود ان جي پنهنجي زبان بند رکو ٿا. اٿن سالن جي ماڻ! ڪيڏي نه ذلت جي جاءِ آهي ۽ هاڻي ته توهان جي ماڻ مان به ڪو فائدو ڪونهي. اڄ ته اذيت رسانيءَ جو سج ڪاپار تي آهي. ان سج، ملڪ جي ذري پرزي کي روشن ڪري ڇڏيو آهي ۽ ان سج جي انهيءَ بيرحم روشنيءَ ۾ ڪابه اهڙي ڪِل ناهي، جيڪا صفا ڪوڙي نه هجي. هڪ به مهانڊو اهڙو ناهي، جنهن تي خوف ۽ ڪاوڙ کي لڪائيندڙ پردو پيل نه هجي، ۽ هڪ به عمل اهڙو ناهي، جيڪو اسان جي ڪراهت ۽ سازش کي ظاهر نه ڪندو هجي. اڄ جيڪڏهن به فرانسيسي پاڻ ۾ ملن ٿا ته انهن ٻنهي جي وچ ۾ هڪ مئل ماڻهو ضرور موجود آهي. هڪ مئل ماڻهو! ڇا مون ائين چيو آهي؟ اڳي فرانس هڪ ملڪ جو نالو هو، هاڻي اسان کي خبرداري ڪرڻ گهرجي ته جيئن 1961ع ۾ اهو ڪنهن اعصابي بيماريءَ جو نالو نه ٿي وڃي.

ڇا اسان تندرست ٿي سگهون ٿا؟ ها! ان ڪري، جو تشدد اڪليليس جي ڇريءَ وانگر انهن ڦٽن کي ڇٽائي به سگهي ٿو، جيڪي هن ڪيا آهن. اڄ اسان جا هٿ پير ٻڌل آهن، اسان خوار ٿي رهيا آهيون ۽ خوف ۾ مبتلا آهيون. هاڻي اسان انهيءَ جاءِ تان هيٺ نه ٿا ڪري سگهون، ليڪن سامراجي رئيسن لاءِ ايترو ڪافي ناهي، اهي الجزائر ۾ دير جي عمل کي ان وقت تائين پورو نه ٿا ڪري سگهن، جيستائين هو فرانسيسين کي سامراج جي اشڪنجي ۾ جڪڙي نه ڇڏين. اسان ڏينهون ڏينهن جنگ جي محاذ ڏانهن وڌي رهيا آهيون، ۽ توهان

يقين ڪريو تہ اسان ان ڪان بچي نہ ٿا سگهون. قاتلن کي اهڙي ضرورت آهي. هو پهرين اسان کي گهيري ۾ وٺندا، ۽ پوءِ اکيون بند ڪري، سڄي ڪٻي وار ڪندا. اهڙيءَ ريت جادوگرن ۽ منتظرن جو وقت ختم ٿي ويندو. توهان کي جنگ ڪرڻي پوندي. يا پوءِ توهان جنگي قيدين وانگر تباهہ ٿي ويندؤ. انهيءَ جدليت جو اهوئي نتيجو نڪرندو آهي. توهان انهيءَ جنگ کي خراب سمجهو ٿا، پوءِ بہ اها همت نہ ٿا ڪريو تہ الجزائري جانبازن جي طرفداريءَ جو اعلان ڪريو. ڊڄو نہ. توهان نو آبادڪارن ۽ پاڙيتو سپاهين تي پروسو ڪري سگهو ٿا. اهي توهان کي جنگ ۾ ڪاهي پوڻ تي مجبور ڪندا. شايد ان وقت جڏهن توهان جنگ ۾ ڪاهي پوڻ تي مجبور ٿيندؤ تہ پوءِ نيٺ اُن نئين تشدد کان ڪم وٺندؤ، جيڪو توهان جي دلين ۾ توهان جي پراڻن لڳاتار ڏوهن جي ڪري پيدا ٿيو آهي.ليڪن خير! هيءُ تہ ٻيو داستان آهي، جنهن کي انسانن جي تاريخ جو نالو ڏيئي ڇڏيوَ. مون کي يقين آهي تہ اهو وقت اچي رهيو آهي، جڏهن اسان انهن ماڻهن جي صف ۾ شامل ٿي ويندا سون، جيڪي تاريخ ناهين ٿا!

—— زان پال سارتر

ڪجهه تشدد جي باري ۾

توهان اُن کي قومي آزادي چئو، قوم جي ٻيهر اوسر جو نالو ڏيو، عوام کي هڪ قوميت جي ڪارب ۾ داخل ڪرڻ چئو: ”دولت مشترڪ“ جي نالي سان منسوب ڪريو يا ڪٿي ڪهڙو به عنوان قائم ڪريو ۽ ڪهڙي به قاعدي کان ڪم وٺو ــ سامراج جي شڪست، هميشه هڪ تشدد سان ڀرپور عمل هوندو آهي. اسان ڪٿي ڪهڙيءَ به سطح تي ان جو مطالعو ڪريون ــ فردن جي باهمي لاڳاپن جي سطح تي، پوليس يا قومي ۽ نجي بينڪن جي ڊئريڪٽرن جي سطح تي، تفريحي ڪلبن جي نون نالن جي سطح تي، يا ڪاڪ ٽيل پارٽين ۾ گڏيل ماڻهن جي سطح تي ــ سامراج جي شڪست واضح طريقي سان انسانن جي هڪ ”نموني“ جي جاءِ تي ٻئي ”نموني“ جو اچڻ آهي. ڪنهن عارضي دور جي بدران هيءَ هڪ مڪمل، ڀرپور ۽ قطعي تبديليءَ جي صورتحال هوندي آهي. هيءُ به ممڪن آهيي ته اسان هڪ نئين قوميت جي وجود ۽ هڪ نئين رياست جي تشڪيل تي، ان جي سفارتي لاڳاپن ۽ ان جي اقتصادي ۽ سياسي لاڙن تي وڌيڪ ڌيان ڏيون. پر اسان هڪ اهڙي صورتحال چونڊي آهي، جنهن کي هر قسم جي سامراج جي خاتمي کان پوءِ هڪ صاف ڦرهيءَ سان ڀيٽي سگهون ٿا. انهيءَ صورتحال جي خاص اهميت هن ڳالهه ۾ آهي ته ان ۾ پهرين ڏينهن کان وٺي، سامراج جي پيڙيلن جي ضرورتن جو واسطو گهٽ هوندو آهي. حقيقت هيءَ آهي ته سامراج جي شڪست پوري ئي تڏهن ٿيندي آهي، جڏهن پورو 'سماجي ڍانچو' ننهن کان چوٽيءَ تائين بدلايو وڃي. انهيءَ تبديليءَ جي غير معمولي اهميت هيءَ آهي ته اها تبديلي، لازمي طور حالتن جي گهرجن موجب ڄاڻي واڻي آندي ويندي آهي. سامراج جي پيڙيل مردن ۽ عورتن جو شعور ۽ سندن زندگيءَ ۾ انهيءَ تبديليءَ جون خواهشون،

پنهنجي اوج ۽ عروج سان اڻ تيار صورت ۾ هر وقت موجود هونديون آهن، ليڪن انهيءَ تبديليءَ جا امڪان، انهيءَ ٻئي قسم جي مردن ۽ عورتن جي شعور ۾ (جن کي اسان نوآبادڪار چئون ٿا) هڪ دهشتناڪ مستقبل جي صورت ۾ پنهنجو وجود قائم رکندا آهن. سامراج جي شڪست جو اصلي مقصد دنيا جي نظام کي تبديل ڪرڻ آهي. سامراج جي شڪست جو اهو عمل، حقيقت ۾ ازخود پوريءَ ريت بدانتظاميءَ جو طريقو هوندو آهي؛ ليڪن سامراج جي شڪست جو اهو ڪم جادوءَ جي منترن، فطري حادثن ۽ يا دوستائي ڳالهه ٻولهه ذريعي ممڪن ئي ڪونهي. سامراج جي شڪست، جيئن اسان سيني کي خبر آهي ته هڪ تاريخي عمل آهي، يعني اسان ان کي ان وقت تائين نه ٿا سمجهي سگهون، ۽ نه ئي اهو ان وقت تائين سمجهڻ جهڙو ئي ٿي سگهي ٿو، جيستائين اسان انهن حقيقي سببن کي نه سمجهون، جيڪي ان کي هڪ تاريخي مواد جي شڪل ڏين ٿا. سامراج جي شڪست اهڙين ٻن طاقتن جي گڏجڻ سان عمل ۾ اچي ٿي، جيڪي پنهنجيءَ پنهنجيءَ حقيقت ۾ هڪ ٻئي جي ابتڙ هجن. اهڙي صورتحال انهن حقيقتن جي ڪري پيدا ٿئي ٿي، جيڪي ڪنهن بينڪ ۾ پيدا ٿي وڌن ۽ ويجهن ٿيون. انهن ٻنهي طاقتن جو پهريون ٽڪر ئي تشدد ۽ انهن ٻنهي قوتن جي موجودگيءَ جو نتيجو هوندو آهي ــ يعني نوآبادڪار طرفان مقامي رهاڪن جي قرلٽ، ۽ اها قرلٽ باقاعدي صف بنديءَ وسيلي بندوقن ۽ توپن جي آڌار تي ٿيندي آهي. نوآبادڪارن ۽ ديسي باشندن ۾ پراڻي جاڻ سڃاڻ هوندي آهي. جڏهن نوآبادڪار چوي ٿو ته آءٌ مقامي ماڻهن کي چڱيءَ ريت سڃاڻان ٿو ته ان وقت حقيقت ۾ اهو سچ ٿو چوي، ڇو ته نوآبادڪار ئي مقامي رهاڪن جي وجود جو ضامن هوندو آهي ۽ اهوئي انهن جو وجود برقرار رکي ٿو؛ ڇاڪاڻ ته نوآبادڪار جي پنهنجي وجود يعني سندس ملڪيت جو دارومدار سامراجي نظام تي هوندو آهي.

سامراج جي شڪست ڪڏهن به خاموشيءَ سان نه ٿيندي آهي، ڇاڪاڻ ته اها شڪست ماڻهن کي متاثر ڪندي آهي ۽ انهن ۾ تبديليون آڻيندي آهي. اها انهن تماشاين کي، جيڪي پنهنجي بي سمجهيءَ جي بار هيٺان دٻيا پيا هوندا آهن، باسمجهه اداڪارن ۾ تبديل ڪندي آهي؛ ۽ اهي تاريخ جي عاليشان چمڪ ۾ ايري ايندا آهن. ان سان انساني وجود جو اهو فطري ساز پيدا ٿيندو آهي، جنهن کي نوان ماڻهو وڄائيندا آهن. انهيءَ سان گڏوگڏ هڪ نئين زبان ۽ نئين انسانيت پيدا ٿيندي آهي. سامراج جي شڪست نون انسانن

جي حقيقي تخليق هوندي آهي؛ ليڪن، اها تخليق، ڪنهن مافوق الفطرت طاقت جي اثر ڪري پنهنجي جائز وجود ۾ نه ٿي اچي، پر ان جي ابتڙ ٿيندو هيئن آهي ته اها "شيءِ" جيڪا سامراج جو شڪار ٿيندي آهي، سا آزاديءَ جي هلچل دوران انسانيت جي لباس ۾ جلوه گر ٿيندي آهي.

اهوئي سبب آهي جو سامراج جي شڪست جي عمل دوران پوري سامراجي صورتحال نشانو بنبي آهي. انهيءَ ڳالهه کي ٿورن لفظن ۾ هن مشهور جملي ۾ بيان ڪري سگهجي ٿو: "آخر، اول ٿيندو ۽ اول آخر." سامراج جي شڪستِ انهيءَ جملي جو عملي تفسير آهي. اهوئي سبب آهي جو جيڪڏهن اسان ان جو بيان ڪريون ته معلوم ٿيندو ته سامراج جي شڪست جي هر ڪا صورت ڪامياب ٿيندي آهي. سامراج جي شڪست جي اگهاڙي حقيقت، اسان جي آڏو جسم چيريندڙ گولين ۽ رت هاڻين ڪاتين کي پيش ڪندي آهي، جيڪي انهيءَ صورتحال جو نتيجو هونديون آهن؛ ان ڪري جو جيڪڏهن آخر کي اول ٿيڻو آهي ته اهو ٻنهي حريفن جي وچ ۾ خونخوار ۽ فيصلي ڪن ڇڪتاڻ کان پوءِ ئي ٿي سگهي ٿو. انهيءَ چڱيءَ ارادي جو پورائو ته سڀ کان آخريءَ کي اول ڪيو وڃي ۽ ڪين انهي ڏاڪڻ تي چاڙهيو وڃي (ڪن ماڻهن جي خيال ۾ تمام تڪڙو) جيڪي منظم معاشري ڏانهن وڃن ٿا، اهو ان وقت ئي ممڪن آهي، جڏهن اسان هر شيءِ جو رخ بدلائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪريون، جنهن ۾ تشدد به شامل آهي.

توهان ڪنهن معاشري کي جيڪو ڪٽي ڪيترو به اڻ سُڌريل ڇو نه هجي، ڪنهن طريقه ڪار ناهڻ وقت اهو فيصلو نه ڪريو ته توهان انهيءَ عمل دوران پيش ايندڙ هر رڪاوٽ تي قبضو ڪري وٺندا. مقامي ماڻهو جيڪو انهيءَ طريقه ڪار کي عملي صورت ۾ آڻڻ جو فيصلو ڪندو آهي، ۽ اُن جي لاءِ بنيادي قوت ثابت ٿيندو آهي، اهو هميشه تشدد لاءِ تيار رهندو آهي. ان کي ڄمندي ئي خبر پئجي ويندي آهي ته سندس هن سوڙهي دنيا کي صرف ڀرپور تشدد جي ذريعي ئي ختم ڪري سگهجي ٿو، جنهن دنيا ۾ قدم قدم تي بندشون آهن. بيٺڪن جي دنيا هڪ اهڙي دنيا آهي، جيڪا خانن ۾ ورهايل آهي. اهو ٻڌائڻ گهڻو ڪري ضروري ناهي ته مقامي باشندن جي رهائشگاهن ۽ يورپي باشندن جي گهرن کي، يورپي ماڻهن جي اسڪولن ۽ مقامي ماڻهن جي اسڪولن جي وجود کي ياد ڪيو وڃي. اهڙيءَ ريت ڏکڻ آفريڪا جي نسلي امتياز جي مسئلي کي برباد ڪرڻ اسان جي لاءِ ضروري ناهي. پوءِ به

جيڪڏهن اسان مت پيدن واري انهيءَ نظام جو چڱيءَ طرح مطالعو ڪنداسون ته جيڪڏهن گهٽ ۾ گهٽ انهيءَ نظام ۾ لڪل طاقتن کي ظاهر ظهور ڏسي سگهنداسون.

بيٺڪي دنيا، سندس نظام ۽ ان جي جاگرافيائي صورتگيريءَ جو هيءُ مطالعو، اسان کي انهن بنيادن کي سمجهڻ ۾ مدد ڏيندو، جن بنيادن تي سامراج جي شڪست کان پوءِ نئين سماج جي نئين اڏاوت ٿيندي. بيٺڪي دنيا ٻن علائقن ۾ ورهايل آهي. انهن علائقن جون حدبنديون ۽ سرحدون فوجي چانوڻين ۽ پوليس ٿاڻن جي ذريعي ظاهر ٿينديون آهن. بيٺڪن ۾ پوليس جا سپاهي ۽ فوجي آفيسر سرڪاري طرح مقرر ٿيل سفير هوندا آهن، جيڪي ٻنهي علائقن جي وچ ۾ رابطو برقرار رکندا آهن، ۽ جيڪي قابضي ڌارين ۽ جابرانہ حڪومت جي نمائندگي ڪندا آهن.

سرمايہ دارانہ سماج جو تعليمي سرشتو، پوءِ اهو مذهبي هجي يا غير مذهبي، اخلاقي ردعمل جو اهو نظام، جيڪو پيءُ کان پٽ کي ورثي ۾ ملي ٿو، مزدور جي اها مثالي ايمانداري، جنهن جي عيوض ڪيس پنجاهہ سال پوري وفاداريءَ سان خدمت ڪرڻ کان پوءِ انعامي ٻلو ڏنو ويندو آهي؛ ۽ اُهي جذبا جيڪي سٺن لاءِ ڪاپن ۽ سٺي ڪردار مان اُپرن ٿا؛ مطلب ته چالو سرشتي جي احترام جو هيءُ سمورو جمالياتي اظهار، پيڙيل ماڻهن جي چوڌاري اطاعت ۽ گهٽ ٻوسٽ جي هڪ اهڙي فضا قائم ڪندو آهي، جنهن ۾ پوليس جو ڪم گهٽي ڀاڱي گهٽجي ويندو آهي. سرمائيدار ملڪن ۾ حاڪم ۽ محڪوم طبقن جي وچ ۾، اخلاقي معلم، قومي مشير، ۽ "ذهني گهوٽالا پيدا ڪندڙ" ججهي انداز ۾ هوندا آهن. ان جي ابتڙ بيٺڪي ملڪن ۾ پوليس ۽ فوج جا ماڻهو، پنهنجي سر موجودگي ۽ گهڻو ڪري پنهنجي سنئين سڌي عمل وسيلي مقامي ماڻهن سان لاڳاپا پيدا ڪندا آهن، ۽ بندوق جي ڪُنداڪن ۽ آتش گير مادن جي وسيلي مقامي ماڻهن کي آرام سان ويهڻ جا مشورا ڏيندا آهن، ظاهر آهي ته هتي حڪومت جا نمائندا نجي ڌاڙ جي زبان ۾ ڳالهائيندا آهن. اهي وچ وارو واسطو قائم ڪندڙ ماڻهو، ظلم ۽ تشدد کي گهٽ نہ ڪندا آهن، نہ ئي پنهنجي بالادستي لڪائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، اهي صرف دليءَ سان امن قائم ڪرڻ لاءِ پنهنجيءَ قوت جو مظاهرو ڪندا آهن، ۽ عملي طرح انهيءَ قوت کي استعمال بہ ڪندا آهن. اهڙيءَ ريت اُهي مقامي ماڻهن جي گهرن ۽ ذهنن ۾ تشدد جا پيغمبر بنجي ايندا آهن.

اهو علائقو جتي مقامي باشندا رهندا آهن، ڌارين جي رهائش واري علائقي سان مليل نہ هوندو آهي. اهي ٻئي علائقا هڪ ٻئي جي ابتڙ هوندا آهن؛ ليڪن اهي ٻئي متضاد گڏجي، ڪنهن وڏيءَ هيڪڙائيءَ کي جنم ڏيئي نہ ٿا سگهن. هي ٻئي علائقا ارسطوءَ جي منطق جي اصول موجب هڪٻئي کي ڏکي ٻاهر ڪڍڻ لاءِ هوندا آهن. انهن ۾ ڪابہ هڪجهڙائي نہ هوندي آهي. ڌارئين ڦوروءَ جو شهر، رڪ ۽ پٿر جو ٺهيل مضبوط شهر هوندو آهي. اهو جهرمر ڪندڙ روشنين جو شهر هوندو آهي؛ پڪن رستن وارو شهر هوندو آهي؛ هر جڳهہ تي گند ۽ ڪچري جون ٽوڪريون گند ڪچري کي اهڙيءَ طرح ڳهي ويندیون آهن، جو نہ ڪو انهن کي ڏسندو آهي ۽ نہ ڄاڻندو آهي، ۽ نہ ئي انهن جي باري ۾ ڪجهہ سوچيندو آهي. ڌارئين پرمار جا پير ڪڏهن بہ نظر نہ ايندا آهن، سواءِ ان وقت، جڏهن سمنڊ ۾ وهنجندو آهي. ليڪن توهان هن جي ريجهو تہ هوندا ڪونہ آهيو، جو سندس پير ڏسي سگهو. هن جي پيرن جي حفاظت مضبوط جوتا ڪندا آهن، توڙي جو سندس شهر جون سڙڪون اڇيون اُجريون ۽ سڌيون هونديون آهن، جن تي نہ ڪو پٿر هوندو آهي ۽ نہ ئي اهي ٽٽل هونديون آهن. ڌارئين ڦوروءَ جو شهر، ڊاپيل ۽ آسودو هوندو آهي؛ ان جي پيٽ ۾ سدائين سئيون شيون ڀريون پيون هونديون آهن. ڌارئين ڦوروءَ جو شهر، اڇي چمڙيءَ وارن ٻاهرين ماڻهن جو شهر هوندو آهي.

مقامي باشندن جو شهر، يا گهٽ ۾ گهٽ مقامي شهر، شيدين جو ڳوٺ، واهڻ يا مقامي ماڻهن جو مخصوص علائقو، هڪ بدنام جاءِ هوندو آهي، جنهن ۾ بدعادتا ماڻهو رهندا آهن. اهي اتي پيدا ٿيا آهن. ڪيئن ۽ ڪٿي؟ اها ڳالهہ اجائي آهي، ۽ اتي ئي مري ويندا آهن. ڪيئن ۽ ڪٿي، اهو پڇڻ جي ڪابہ ضرورت ناهي! هيءَ هڪ اهڙي دنيا هوندي آهي، جنهن ۾ ڊيگهہ ويڪر ٿيندي ئي ناهي. ماڻهو هڪٻئي تي سٽيا پيا هوندا آهن، ۽ سندن جهوپڙيون هيٺ مٽي ٺهنديون رهنديون آهن. مقامي شهر بکيو شهر هوندو آهي، جتي ماني، گوشت، ڪوئلا ۽ روشني اڻ لڀ هوندا آهن. مقامي شهر هڪ پٽتي پيل ڳوٺ هوندو آهي، ڪنڌ نمايل گپ ۾ ڀريل شهر ــ اهو شيدين ۽ گندن عربن جو شهر هوندو آهي. مقامي رهاڪو، ڌارئين ڦوروءَ جي شهر کي حرص ۽ حسد جي نظر سان ڏسندا آهن. اُنهيءَ نگاهہ ۾ سندن ملڪيت جا صدين کان بيچين خواب هوندا آهن. هر قسم جا خواب، يعني ڌارئين ڦوروءَ جي ميز تي ماني کائڻ جا خواب، ڌارئين لٽيري جي بستري تي سمهڻ جا خواب، ۽ جيڪڏهن

ممڪن هجي تہ اُن جي ڏوتل پوتل اڇيءَ اُجريءَ زال سان گڏ سمهڻ جا اڻ آسودا خواب! مقامي ماڻهو ڏاڍو حاسد ٿيندو آهي ۽ ڏاريون ڦورو انهيءَ حقيقت کي ڇڳيءَ ريت سمجهندو آهي. جڏهن ٻنهي جون نگاهون ملنديون آهن، تڏهن ڏاريون ڦورو پنهنجي ٻچاءُ وارو انداز برقرار رکندي، ڏاڍيءَ ڪرڙيءَ اک سان مقامي باشندي جي انهيءَ خواهش کي پروڙي وٺندو آهي. ”هي ماڻهو اسان جي جاءِ والارڻ چاهين ٿا.“ــــ ۽ اها حقيقت آهي، ڇو تہ ڪوبہ مقامي ماڻهو اهڙو ناهي، جيڪو هر ڏينهن گهٽ ۾ گهٽ هڪ دفعو ڏارئين ڦوروءَ واري درجي حاصل ڪرڻ جو خواب نہ ڏسندو هجي. هيءَ دنيا جيڪا خانن ۾ ورهايل آهي، هي دنيا جيڪا ٻن حصن ۾ ورهايل آهي، انهيءَ ۾ ٻہ ڏار مخلوقون رهن ٿيون. بيٺڪي صورتحال جو اصلي ڪمال اها اقتصادي حقيقت آهي، جنهن ۾ ايتري سخت معاشي اٿبرابريءَ ۽ زندگيءَ جي معيار جو ايڏو وڏو فرق هوندو آهي، جو انساني صورتحال جي ايتري قدر لِڪ ڪنهن ٻئي طريقي سان ڪڏهن نہ ٿي آهي. جيڪڏهن توهان ٿورو ويجهڙائيءَ سان بيٺڪي سرشتي جو مطالعو ڪندؤ، تہ هيءَ حقيقت ڪلي ظاهر ٿي پوندي تہ جيڪا شيءِ دنيا کي اهڙي نموني سان ورهائي ٿي، ان جي شروعات هن ڳالهہ سان ٿئي ٿي تہ توهان ڪنهن خاص نسل سان واسطو رکو ٿا يا نہ؟ ڪنهن هڪ جنس (نسل) سان واسطيدار آهيو يا نہ؟ بيٺڪن ۾ اقتصاديات جو هيٺيون سرشتو بہ مٿيون سرشتو هوندو آهي ــ سبب ئي نتيجو هوندو آهي ــ توهان دولت مند آهيو، ڇاڪاڻ تہ توهان گورا آهيو. توهان گورا آهيو، ان ڪري جو توهان دولت مند آهيو. اهوئي سبب آهي جو جڏهن اسان بيٺڪي صورتحال کي مارڪسي ڇنڊڇاڻ جي روشنيءَ ۾ ڏسو ٿا، تہ اسان کي اها ڇنڊڇاڻ وڌيڪ ڪشادي ڪرڻي ٿي پوي. سرمائيدارانہ نظام کان اڳ جي رهڻي ڪهڻي ۽ ان جي حقيقت جي جيڪا سهڻي ڇنڊڇاڻ ڪارل مارڪس ڪئي آهي، تنهن تي اسان کي موجوده صورتحال ۾ ٻيو ڀيرو سوچڻ گهرجي. هاري پنهنجي ماهيت ۾ جاگيردار کان مختلف هوندو آهي؛ ليڪن اُنهيءَ قانوني فرق کي حقيقي قانوني بنائڻ لاءِ خدا جي مرضيءَ جو حوالو ڏيڻ ضروري آهي. مگر بيٺڪن ۾ تہ اِهو ٿيو آهي، جو ٻاهرين ماڻهن، ٻين ملڪن مان اچي مشينن ۽ بندوقن جي زور تي پنهنجي حڪومت مڙهي ڇڏي آهي. پنهنجي ڪامياب نقل مڪاني کان قطع نظر، پنهنجي ملڪيت قائم ڪرڻ جي باوجود ڏاريون ڦورو هميشہ ٻاهريون رهندو آهي، ۽ پنهنجو پاڻ کي حاڪم سمجهڻ جي باوجود غيير ملڪي ئي رهندو

آهي ــ جيڪا شيءِ حاڪم طبقي کي ٻين کان ڌار ڪندي آهي، اُها ڪارخانن ۽ ڪمپنين جي ملڪيت يا بينڪن ۾ ان جو سرمايو نہ هوندو آهي. حاڪم نسل بنيادي طور انهن ماڻهن تي مشتمل هوندو آهي، جيڪي ڪٿان ٻاهران ايندا آهن، اهي مقامي ماڻهن وانگر نہ هوندا آهن، پر اهي محض ڌاريان هوندا آهن.

اهو تشدد جيڪو بينڪي دنيا جي تنظيم کي برقرار رکي ٿو، اهو جيڪو مقامي معاشرتي سانچن جي تباهيءَ جي ساز کي لاڳيتو قائم رکي ٿو؛ ۽ جنهن بنا ڪنهن رک رکاءَ جي مقامي ماڻهن جي اقتصادي نظام کي درهم برهم ڪيو آهي؛ انهن جي لباس کي ختم ۽ انهن جي زندگيءَ جي خارجي اظهار جي ڪارجن کي ٽوڙيو آهي ـ انهيءَ تشدد جي دعويٰ مقامي ماڻهو ڪندا، ۽ ان وقت انهيءَ تشدد کي پنهنجي هٿ ۾ ڪڻندا، جڏهن اُهي خود تاريخ ٺاهيندڙ بنجي، محفوظ علائقن تي حملو ڪندا. هاڻي بينڪي دنيا کي تباهہ ڪرڻ، عمل جي هڪ اهڙي تصوير آهي، جيڪا بنهہ چٽي آهي، جنهن کي سمجهڻ صفا سولو آهي. اها تصوير، اهو شخص پنهنجي ذهن ۾ ٺاهي سگهي ٿو، جيڪو مقامي آباديءَ جو فرد آهي. بينڪي دنيا جي تباهيءَ جو مطلب اهو ناهي تہ جڏهن سرحدون ختم ٿي ويندیون تہ پوءِ ٻنهي علائقن ۾ رابطو قائم رهندو. نہ، بينڪي دنيا جي تباهيءَ ۽ بربادیءَ جو انهيءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ مطلب ناهي تہ هڪ علائقي کي ختم ڪيو وڃي، ان کي زمين جي گهراين ۾ دفن ڪيو وڃي يا پوءِ ان کي ٽڏا هٽي ملڪ مان ٻاهر ڪڍيو وڃي. بينڪي دنيا کي مقامي ماڻهن جي للڪارَ، مختلف خيالن جو عقلي تصادم ناهي. هيءُ آفاقي صداقتن جي اظهار بدران هڪ نئين تصور جو بي ڍنگو اقرار هوندو آهي، جنهن کي مڪمل سچائيءَ طور پيش ڪيو ويندو آهي. بينڪي دنيا مانويت (١) جي اصول تي قائم هوندي آهي.

ڌارئين ڦوروءَ لاءِ رڳو اِهو ڪافي ناهي تہ هو فوج ۽ پوليس جي مدد سان مقامي ماڻهن جي سرحدن جي حدبندي ڪري. گهٽو ڪري سامراجي ڦرلٽ جي ڇڙواڳيءَ جو مظاهرو ڪرڻ لاءِ ئي ڌاريون ڦورو، مقامي ماڻهوءَ کي برائيءَ جي ٻج طور پيش ڪندو آهي. رڳو اهو ڪافي ناهي تہ مقامي رهٽي ڪهٽيءَ بابت اهو چيو وڃي تہ انهيءَ ۾ گڻن جي ڪمي آهي. ڌارئين ڦوروءَ لاءِ اهو بہ ڪافي ناهي، جو هو ٻڌائي تہ گُڻ بينڪي دنيا مان غائب ٿي ويا آهن، يا

(١) ايران جو مشهور ڏاهو حڪيم ماني، جيڪو خير ۽ شر، ٻنهي کي خدائيءَ جو درجو ڏيندو هو.

اهو تہ هن دنيا ۾ انهن جو ڪڏهن وجود ئي نہ هو. پر مقامي ماڻهن جي باري ۾ اهو اعلان ٿيندو آهي تہ اهي اخلاقي گٽن کان صفا ڪورا آهن؛ نہ صرف اهي بداخلاقيءَ جي نمائندگي ٿا ڪن، بلڪ اهي خود پنهنجيءَ ذات ۾ اخلاقي گٽن جو مڪمل انڪار آهن. اسان کي اها ڳالهہ مڃڻ گهرجي تہ اهي اخلاقي گٽن جا دشمن هوندا آهن ۽ انهيءَ مفهوم ۾ صفا بُرا هوندا آهن. مقامي ماڻهو تمام تباهہ ڪُن ٿئي ٿو ۽ اوسي پاسي جي هر شئي کي تباهہ ڪري ٿو. هو شين جي اصلي صورت بگاڙي ڇڏي ٿو. هُو نهايت نقصانڪار طاقتن جو مينارو، انڌين قوتن جو شڪار ۽ انهن جو لاشعوري آلہ ڪار ٿئي ٿو؛ انهيءَ ڪري مسٽر ميٿر فرانس جي قومي اسيمبليءَ ۾ تقرير ڪندي، نهايت گنڀيرتا سان چيو هو تہ "الجزائري عوام کي فرانسيسي جمهوريت جو حصو بنائي، اُن جمهوريت کي گندو نہ ڪيو وڃي." حقيقت هيءَ آهي تہ اهي تمام گُڻ، جن جو تعلق بينڪي قومن سان هوندو آهي، اهڙا زهر ہڏل ۽ تباهہ ڪُن ٿي ويندا آهن، جو انهن جو ڪو علاج ممڪن ئي ڪونهي. بينڪي قومن جون رسمون ۽ رواج، سندن ريتون ۽ روايتون ۽ سندن قصا داستان، سندن روحاني سڃائيءَ ۽ آئيني زوال جا نشان هوندا آهن. اهوئي سبب آهي جو انهن جيوڙن کي مارڻ لاءِ (جيڪي بيمارين جو ڪارڻ آهن) اسان کي هڪدم ڊي. ڊي. ٽي استعمال ڪرڻ گهرجي؛ بلڪل اهڙيءَ ريت جهڙي طرح عيسائي مذهب انهن بدعتن جي خلاف جهاد ڪندو آهي، جيڪي انسان جي اندر ۾ هونديون آهن، ۽ انهن براين جي خلاف جنگ ڪندو آهي، جن جي پيدا ٿيڻ جو امڪان آهي. پيلي بخار جي روڪٿام ۽ انجيل مقدس جي تبليغ هڪ ئي طريقي ڪار جو حصو آهن. ليڪن تبليغي جماعتن جا فاتحانہ اعلان، اها معلومات ڏين ٿا تہ ڪيتريءَ حد تائين ٻاهريان اثر مقامي ماڻهن جي رڳن ۾ گهڙي چڪا آهن. آءٌ عيسائي مذهب جي باري ۾ ڳالهائي رهيو آهيان. انهيءَ ڳالهہ تي ڪنهن کي تعجب ڪائڻ نہ گهرجي. بينڪن جي ڪليسا، پورن ماڻهن جي ڪلياسا، ٻاهرين ماڻهن جي ڪليسا هوندي آهي. اها عبادت گاهہ مقامي ماڻهن کي خدا تعاليٰ جي ڏسيل رستن تي هلڻ جي دعوت نہ ڏيندي آهي، پر پورن ماڻهن، آقائن ۽ ظالمن جي واٽ تي هلڻ جي دعوت ڏيندي آهي ــ ۽ جيئن تہ اسان ڄاڻون ٿا تہ انهيءَ واٽ تي گهرايو تہ گهٽن کي ويندو آهي، پر خدا جا ڏُڻيل ٻانها تمام ٿورا هوندا آهن. گهڻو ڪري ائين بہ ٿيندو آهي، جو اها مانويت پنهنجي منطقي نتيجن تائين پهچي ويندي آهي ۽ مقامي ماڻهن کي انسانيت مان ڪڍي ڇڏيندي آهي؛ وڌيڪ چئن

اڪرن ۾ هيئن چئبو تہ انهن کي جانور بنائي ڇڏيندي آهي. حقيقت ۾ اهي اصطلاح، جيڪي ڏاربون ڦورو مقامي ماڻهن لاءِ استعمال ڪندو آهي، سي حيوانن جي باري ۾ هوندا آهن: مثال طور ڏاربون ڦورو، هيڊي ماڻهوءَ جي ماڪوڙن واري حرڪت، مقامي رهاڪن جي گهرن جي بدبوءِ، آباديءَ ۾ واڌارو ڪندڙ ولرُ، ڪِن ۽ گندگي، گسڪندڙ ٻار، چوندو آهي. جڏهن اهو ٻاهريون مقانهو مقامي رهاڪن جو تفصيلي ذڪر ڪرڻ چاهيندو آهي تہ حيواني اصطلاحن جا حوالا ڏيندو آهي. يوربي ڏاڍي ڏکيائيءَ سان انهن جي پوريَ تصويرڪشي ڪري سگهي ٿو؛ مگر مقامي ماڻهو اهو ڄاڻندي تہ ٻاهرئين ڦوروءَ جي ذهن ۾ ڇا آهي، هڪدم اهو اندازو ڪري وٺندا آهن تہ هُو ڇا ٿو چوڻ چاهي.

هي زنده انگن اڪرن جا ڍير، هي جنوني عوام، هي مهانڊا جن ۾ انسانيت جو ذرو بہ ناهي؛ هي سڄيل پيٽ، جن جو ڪوبہ مثال دنيا ۾ ناهي؛ هي انبوهہ، جن جي نہ اڳياڙي آهي نہ پڇاڙي؛ هي ٻار جن جو ڪوبہ وارث ناهي؛ هي اُس ۾ پکڙيل ناڪاره وجود؛ هي زندگيءَ جو جهنگلي آهنگ ــ اهي سڀ نوآباڊياتي زبان جا ڪجهہ اصطلاح آهن. جنرل ڊيگال ”هيڊن ماڻهن جا انبوهہ“ اصطلاح استعمال ڪندو آهي، ۽ فرينڪو امارپاڪ چوندو آهي. هي ڪارا، اڇا ۽ هيڊا ماڻهو آهن، جن جا تاجي پيٽا جلدي ئي ٽٽي پوندا. مقامي ماڻهو اهو سڀڪجهہ سمجهن ٿا ۽ جتي بہ ٻين ماڻهن جي بيانن ۾ اهڙا حيواني اشارا ڪين نظر اچن ٿا تہ هو دل ئي دل ۾ ڪلندا آهن، ان ڪري جو هو سمجهن ٿا تہ اسان حيوان ناهيون. اهائي گهڙي هوندي آهي، جنهن ۾ ڪين پنهنجيءَ انسانيت جو شعور حاصل ٿيندو آهي ۽ هو پنهنجن هٿيارن کي تکو ڪرڻ شروع ڪندا آهن، جن سان ڪين فتح حاصل ڪرڻي آهي.

جيئن ئي مقامي ماڻهو سڙهہ سنوان ڪندا آهن ۽ ڏارئين ڦوروءَ لاءِ پريشانيءَ جو سبب بڻيا آهن، ڪين اهڙن نيڪ ماڻهن جي حوالي ڪيو ويندو آهي، جيڪي تهذيبي گڏجاڻين ۾ مغربي اخلاقي گٽن جي دولت ۽ خاصيتن ڏانهن انهن جو ڌيان ڇڪائيندا آهن؛ ليڪن جيترا پيرا مغربي گٽن جو حوالو ڏنو ويندو آهي، اوترائي دفعا مقامي ماڻهن جو لاڙو اڃا بہ سخت ٿي ويندو آهي ۽ سندن رڳون وڌيڪ سيڙجي ويندیون آهن. سامراج جي شڪست جي زماني ۾ مقامي ماڻهن کي سندن عقل ۽ سمجهہ جون ڊوهيون ڏنيون ويندیون آهن، ڪين نوس گٽن جي پيشڪش ڪئي ويندي آهي. انهن کي بار بار چيو ويندو آهي تہ سامراج جي شڪست جي معنيٰ رجعت پسندي ناهي، اُن ڪري توهان کي

انهن وصفن ۽ گڻن تي ڀروسو ڪرڻ گهرجي، جن کي هميشه لاءِ پرکيو ۽ پروڙيو ويو آهي، ۽ جيڪي ٺوس ۽ تمام گهڻيءَ عزت لائق آهن. ليڪن ٿيندو هيءُ آهي جو جڏهن مقامي ماڻهو مغربي تهذيب جي باري ۾ ڪا تقرير ٻڌندا آهن تہ ڪاتيون ڪڍندا آهن، يا گهٽ ۾ گهٽ اهو سمجهي وٺندا آهن تہ اهي گڻ اهڙا آهن، جن کي ڏسي وٺبو. جنهن تشدد سان گورن ماڻهن جي برتري ثابت ڪئي ويندي آهي ۽ مقامي ماڻهن جي رهڻ جي ڍنگ ۽ سوچ جي طريقي تي معربي گڻن جي فتح سان گڏ جيڪي ظلم وابستہ هوندا آهن، تن جي هيءَ تقاضا آهي تہ جڏهن بہ مقامي ماڻهن جي سامهون مغربي قدرن جي ڳالهہ نڪري تہ مقامي ماڻهو انهن تي ڇڙون ڪن. بيٺڪي سرشتي ۾ اهو ٿيندو آهي تہ ڏازيون ڦورو مقامي ماڻهن جي ڀڃ ڊاهہ ان وقت تائين بند نہ ڪندو آهي، جيستائين هو ڏاڍي سختيءَ، سمجهہ ۽ سياڻپ سان گوري رنگ وارين قومن جي اخلاقي لڇڻن جي فضيلت ۽ برتري تسليم نہ ٿو ڪرائي وٺي. سامراج جي شڪست واري وقت ۾ بيٺڪن جا ماڻهو انهن اخلاقي گڻن تي ٿوڪون ڪندا آهن، ۽ انهن گڻن کي ذليل ۽ واهيات سمجهي اوڳاڇي ڇڏيندا آهن.

عام طرح اهڙي صورتحال چٽي نہ هوندي آهي، ان ڪري جو سامراج جي ٽٽڻ واري عرصي ۾، بيٺڪن جا ڪي دانشور غلام بنائيندڙ سامراجي ملڪ جي سرمايہ دارن سان گفتگو ڪندا رهندا آهن. انهيءَ دور ۾، سموري مقامي آباديءَ کي هڪ قسم جو بي ترتيب هجوم سمجهيو ويندو آهي. اهي چند مقامي شخصيتون، جن سان سامراجي ملڪ جي سرمائيدارن جو لاڳاپو هوندو آهي، سي مقامي آباديءَ تي ايترو اثر نہ رکنديون آهن، جو ان صورتحال جي باري ۾ عقلي گهوڙا ڊوڙائي سگهن. ان جي ابتڙ آزاديءَ جي جنگ دوران سامراجي ملڪ جو سرمايہ دار ڏاڍي اُڪير ۽ جاکوڙ سان دانشور طبقي سان لهہ وچڙ ۾ ايندو آهي ۽ انهن دانشورن سان گڻن جي باري ۾ چندڇاڻ شروع ٿيندي آهي. جڏهن سامراجي سرمائيدار ڏسندو آهي تہ هاڻي هو بيٺڪ تي پنهنجو اقتدار قائم نہ ٿو رکي سگهي، تہ پوءِ هو پٽيان حملو ڪندو آهي ۽ تهذيب، گڻ ۽ مشيني ترقيءَ جي ڳالهہ ٿيڻ لڳندي آهي. اسان کي هيءَ ڳالهہ هرگز نہ وسارڻ گهرجي تہ غلام ملڪ جي عوام جي اڪثريت، انهن مسئلن کان غافل هوندي آهي. غلام ملڪ جي عوام لاءِ سڀ کان وڏي وٽ، جيڪا سيني قدرن کان ٺوس هوندي آهي، سا آهي سندس ڌرتي، وطن ۽ سر زمين. اها ڌرتي، جيڪا ڪين روزي مهيا ڪري ٿي ۽ سندن وقار جي ضامن آهي.

ليڪن انهيءَ وقار جو انساني وقار سان ڪوبہ واسطو نہ هوندو آهي، ان ڪري جو مقامي ماڻهن انساني وقار جي باري ۾ ڪڏهن ٻڌو ئي نہ هوندو آهي. هن جيڪي ڪجهہ پنهنجي ملڪ ۾ ڏٺو آهي، سو اجهو هيءُ آهي تہ ڪين نهايت آزاديءَ سان گرفتار ڪيو ويندو آهي، ڪُٽيو ويندو آهي ۽ بکيو ماريو ويندو آهي. اهڙيءَ صورت ۾ اخلاقي معلمن ۽ بزرگانِ دين مان ڪوبہ شخص، انهن جي بدران مار کائڻ ۽ جيل ۾ دال کائڻ لاءِ نہ ايندو آهي. جيستائين غلام ملڪ جي عوام جي اخلاقي لڇڻن جو واسطو آهي تہ اهي بلڪل صاف هوندا آهن، يعني رڳو اهو تہ غلام بنائيندڙ رهزن جي هٿ جو مٿو چٽيو وڃي ۽ سندس مغرورانہ تشدد جو خاتمو ڪيو وڃي ـــ ٿورن لفظن ۾ ان کي صفحہءِ هستيءَ تان مٽايو وڃي. هي مشهور اصول تہ سڀ انسان برابر آهن، غلام ملڪن ۾ حقيقي طرح تڏهن ظاهر ٿيندو، جڏهن مقامي ماڻهو اها دعويٰ ڪن تہ اهي پاڻ حاڪمن جهڙا آهن. ان کان پوءِ غلام ماڻهو هڪ وِک اڳتي وڌائيندا آهن، ۽ اُن بعد اُهي ڌارئين ڦورو حاڪم کان وڌيڪ باعزت ٿيڻ لاءِ جنگ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندا آهن. حقيقت هيءَ آهي تہ هو ڌارئين ڦورو حاڪم کي ٻاهر ڪڍي، ان جي جاءِ تي پاڻ حاڪم ٿيڻ لاءِ اڳواڻ ئي تيار رهندا آهن. اسان کي اهو ٿو نظر اچي تہ جڻ هڪ پوري مادي ۽ اخلاقي دنيا ڀڄي پُري رهي آهي. اهي دانشور، جيڪي پنهنجو پاڻ کي آفاقي صداقتن جا نيڪيدار سمجهڻ جي سلسلي ۾ ڌارين ڦورن جي پيروي ڪندا آهن، تہ ڌاريان ڦورو ۽ مقامي ماڻهو هڪ نئين دنيا ۾ گڏجي آرام سان رهن؛ پر جيئن تہ دانشور بينڪي سرشتي ۽ ان جي نظرين ۾ پڇي ريٽو ٿي ويندو آهي، ان ڪري هو اهو سوچي نہ سگهندو آهي تہ بينڪي سرشتي جي خاتمي سان گڏ ڌارئين ڦوروءَ جو غلام ملڪ ۾ رهڻ يا مقامي ماڻهوءَ سان گڏجي گذارڻ ۾ ڪوبہ فائدو نہ رهندو آهي. هيءُ رڳو اتفاق جي ڳالهہ ناهي تہ الجزائري حڪومت ۽ فرانس جي حڪومت جي وچ ۾ ڪنهن قسم جي ڳالهہ ٻولهہ شروع ٿيڻ کان اڳ ئي ان يورپي اقليت، جيڪا پاڻ کي آزاد خيال چوائي ٿي، پنهنجو نقطہ نظر ظاهر ڪري ڇڏيو هو. اها اقليت ٻٽي شهريت کان گهٽ ڪنهن شئي تي راضي ٿيڻ لاءِ تيار نہ هئي. پاڻ کي نهايت صفائيءَ سان ڌار ڪندي، انهن آزاد خيالن فرانسي حاڪمن تي اهو مڙهڻ چاهيو تہ توهان اڻ ڄاتل طرف قدم وڌايو. اسان کي اهو مڃڻ گهرجي تہ ڌاريون ڦورو اهو چڱيءَ طرح سمجهي ٿو تہ رڳي ڍاڙ ٻٽاڪ حقيقت ناهي.

بس مقامي ماڻهوءَ کي اها خبر هوندي آهي تہ زندگيءَ، ساهہ ۽ ڏڙڪندڙ

دل جي اعتبار کان هن ۾ ۽ ڌارئين ڦوروءَ ۾ ڪوبہ فرق ناهي. هن کي اها بہ خبر پئجي ويندي آهي تہ ڌارئين ڦوروءَ جي ڪِل، مقامي ماڻهوءَ جي ڪِل کان وڌيڪ اهم نہ هوندي آهي. هتي اهو چوڻ ضروري آهي تہ غلام ماڻهوءَ جي اهائي معلومات دنيا کي بلڪل واجبي نموني ڏکائي ڇڏيندي آهي. غلام ماڻهن جي سموري نئين ۽ انقلابي قوتِ ارادي اُتان کان ئي پيدا ٿيندي آهي. ان ڪري جو جيڪڏهن هيءَ ڳالهہ سچي آهي تہ منهنجي زندگي ايتري ئي قيمتي آهي، جيتري ڌارئين ڦورو حاڪم جي زندگي، تہ پوءِ ڌارئين ظالم جي نگاهہ نہ مون کي مرجهائي سگهي ٿي، نہ ماٺ ڪرائي سگهي ٿي ۽ نہ ئي ان آواز سان آءٌ پنڊپهڻ بنجي سگهان ٿو. آءٌ هن جي سامهون ڇو ڏکان؟ سچي ڳالهہ تہ هيءَ آهي تہ آءٌ ان کي ماڪوڙي جيتري اهميت ڏيڻ لاءِ بہ تيار نہ آهيان. رڳو اهو ناهي تہ ان جي موجودگي منهنجي لاءِ ايذائيندڙ نہ هوندي، پر ٿيندو هيئن جو هاڻي آءٌ ان جي لاءِ اهڙا گهات گهڙيندس، جو ان کي پڇڻ کان سواءِ ٻي ڪا واهہ ئي نظر نہ ايندي.

اسان اهو چيو آهي تہ بيٺڪي سرشتي جي خصوصيت اهو تضاد آهي، جنهن ۾ ساري آبادي وٺجي ويندي آهي. بيٺڪي سرشتي جي شڪست، پنهنجي هن انقلابي فيصلي سان تہ دوئيءَ ۽ تضاد کي ختم ڪيو وڃي ۽ ماڻهن کي قومي بنيادن تي يا ڪڏهن ڪڏهن نسلي بنيادن تي ڪٺو ڪيو وڃي، پوري آباديءَ کي هڪ وحدت ۾ پوئي ڇڏيندي آهي. اسان سينگالي وطن دوستن جا اهي خوفناڪ لفظ ڄاڻون ٿا، جيڪي هن پنهنجي صدر سينگهور جي طريقي ڪار جي باري ۾ چيا هئا. اسان جو هيءُ مطالبو آهي تہ تہ وڏين وڏين جاين تي آفريڪي آندا وڃن، ڇو تہ سينگهور هاڻي يورپ وارن کي آفريڪي بنائي رهيو آهي." اِنهيءَ جو مطلب هيءُ ٿيو تہ مقامي ماڻهو هيءَ ڳالهہ چٽائيءَ سان هڪدم سمجهي سگهي ٿو تہ سامراج جو خاتمو ٿيو آهي يا نہ؟ ڇو تہ هن جو گهٽ ۾ گهٽ مطالبو هيءُ هوندو آهي تہ آخر کي اول ٿيڻ گهرجي. ليڪن مقامي دانشور ان ۾ ڪجهہ ٻيو رنگ ڀريندو آهي، ۽ حقيقت ۾ انهيءَ جا مناسب سبب آهن. اعليٰ آفيسرن ۽ ٽيڪنيڪل ڪم جي ماهرن جي ضرورت محسوس ٿيندي آهي. هاڻي ٿيندو هيئن آهي جو عام ماڻهو اهڙي قسم جي غلط ڀرتين ۽ ترقين کي سازشون سمجهندو آهي ۽ اڪثر هيءُ اعلان ڪندي ٻڌو ويندو آهي تہ "پوءِ تہ اسان جو آزاد ٿيڻ ئي بيڪار آهي!"

اهڙن غلام ملڪن ۾ جتي آزاديءَ لاءِ حقيقي جدوجهد ٿي آهي؛ جتي

ماڻهن جو رت وهيو آهي؛ جتي ڊگهي جنگ سبب دانشورن پوئتي هٽي مورچا سنڀالي ورتا آهن؛ جتي انهن جو ڳانڍاپو عوام سان ٿيو آهي؛ اتي اسان اهو ڏسي سگهون ٿا تہ ٻاهرين ڦورو سرمائيدارن جي برپا ڪيل دانشورن جو مٿيون ڍانچو صحيح معنيٰ ۾ ختم ڪيو ويو آهي. ٻاهريون ڦورو سرمائيدار پنهنجي مايوسيءَ وارن ڍائلاڳن ذريعي، جيڪي سندن يونيورسٽين ۾ گهڙيا ويندا آهن، غلام ملڪ جي دانشورن جي ذهن ۾ هيءَ ڳالهہ ويهاري ڇڏيندو آهي تہ بنيادي خصوصيتون هميشه قائم ۽ دائم رهنديون آهن، توڙي جو انسان کان ڪٽي ڪيڏيون عظيم غلطيون ٿينديون رهن. حقيقت ۾ انهن بنيادي خصوصيتن مان سندس مراد معربي خاصيتون ئي هوندي آهي. ديسي دانشور پلي انهن نظرين جي صحيح هجڻ تي ايمان آڻيندو هجي ۽ سندس ذهن جي هيٺين حصي ۾ توهان هميشه ان هوشيار پهريدار کي ڏسي سگهو ٿا، جيڪو يوناني ۽ لاطيني ممبر ۽ محراب جي بچاءَ لاءِ هر وقت تيار رهندو آهي ــ مگر آزاديءَ جي جنگ ۾ هڪ مرحلو ايندو آهي، جنهن ۾ ديسي دانشور جيئن ئي پنهنجي عوام سان لاڳاپو پيدا ڪندو آهي تہ اهو هٿرادو پهرو مٿيءَ ۾ ملي ويندو آهي. رومي سمنڊ جا اهي سمورا اخلاقي گڻ ــ انسان جي انفرادي فتح جو گڻ، بصيرت، ۽ حسن جو گڻ، سڀ مئل ۽ بي مزي واهيات ڳالهيون ٿي ويندیون آهن. سموريون تقريرون بي جان لفظن جا ڳٽڪا بنجي ويندیون آهن. اهي سمورا گڻ، جيڪي روحاني بلنديءَ جو ذريعو معلوم ٿيندا هئا، هاڻي بي معنيٰ ڀاسندا آهن. اهو رڳو ان ڪري، جو اهي سڀ ان حقيقي ڇڪتاڻ سان واسطو ئي نہ ٿا رکن، جنهن ڇڪتاڻ ۾ عوام قائل هوندو آهي. سڀ کان پهرين انفراديت پسنديءَ جو خاتمو ٿيندو آهي. ديسي دانشورن پنهنجي آقائن کان اهو سکيو هو تہ فرد کي پنهنجي مڪمل اظهار جي آزادي هئڻ گهرجي. ٻاهرئين ڦورو سرمايہ دار ديسي دانشورن جي دماغ ۾ اهڙي انفراديت پسند سماج جي تصور جي هوا ڀري ڇڏي هئي، جنهن ۾ هر شخص پنهنجي داخليت ۾ پاڻ کي گُم ڪري ٿي ڇڏيو ۽ محض سندس انفرادي خيال ئي سندس ڪل ڪائنات هوندا هئا. هاڻي اُهي ديسي دانشور، جيڪي آزاديءَ جي جنگ دوران پنهنجي عوام ڏانهن واپس موٽندا آهن. سي انفراديت پسنديءَ واري تصور جي ڪوڙ کي پروڙي وٺندا آهن. انهيءَ جدوجهد دوران تنظيمن جون ڌار ڌار صورتون ۽ شڪليون انهن کي هڪ نئين زبان کان واقف ڪنديون آهن. ڀاءُ ــ ڀيڻ، ۽ دوست ــ ساهيڙي ــ هي اهي اصطلاح آهن، جن کي ٻاهريون ڦورو سرمائيدار

غير قانوني سمجهندو آهي، ڇاڪاڻ تہ سندس نظر ۾ منهنجو ڀاءُ منهنجي دولت آهي ۽ منهنجو دوست، منهنجي زندگي گهارڻ جي اسڪيم جو حصو آهي. انهيءَ جدوجهد دوران ديسي دانشور "پاڻ توڙ" جاکوڙ ۾ حصو وٺندو آهي، تہ جيئن پنهنجيءَ ذات جي سيني پٽن کي توڙي ڇڏي؛ مثال طور انانيت جي بت کي، غرور جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل گارگند ۽ مهٽن ڏوراپن جي بت کي؛ ۽ انهيءَ ٻاراڻيءَ حماقت جي بت کي؛ جنهن جي ڪري ماڻهو هميشه پنهنجي ڳالهہ مٽاهين رکڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. اهڙو ديسي دانشور، جيڪو بيٺڪي سرشتي ۾ جڪڙيل تهذيب جي مٽيءَ ۾ ڀيوت ٿيل هوندو آهي، مٿئين طريقہ ڪار جي مدد سان ڳوٺن ۾ گڏجاڻيءَ جي حقيقت، عوامي ڪميٽين جي اتحاد ۽ مقامي مجلسن ۽ گروپن جي غير معمولي تخليقي نوعيت جو پتو لڳائي وٺندو آهي. ان کان پوءِ هڪ فرد جو مفاد سيني جو مفاد آهي. ان ڪري جو ان اڻ تڙ حقيقت ۾ صورتحال اهڙي هوندي، جو فوجي هر ماڻهوءَ کي ڳولي وٺندا ــ هر شخص تباهہ ڪيو ويندو يا پوءِ هر شخص بچي ويندو. هي اصول تہ پنهنجي ذات جي پرواهہ ڪريو، حقيقت ۾ لا مذهب شخص جي نجات جو طريقو آهي، جيڪو قومي جنگ آزاديءَ ۾ حرام آهي.

خود تنقيدي عمل تي اڇڪلهہ ڏاڍو ڳالهايو پيو وڃي، پر تمام گهٽ ماڻهن کي خبر هوندي تہ اهو هڪ آفريڪي طريقي ڪار آهي؛ توڙي اهو اتر آفريڪا جو "ميڙ" هجي يا اولهہ آفريڪي "جلسا"؛ هتي جو رواج آهي تہ ڳوٺ جي جهيڙن جهٽن جو فيصلو پئنچات ۾ ٿيڻ گهرجي. اها پئنچات خود تنقيدي عمل جو هڪ مثالي ادارو هوندي آهي. انهيءَ ۾ ڪل يوڳ جي هڪ لهر بہ هوندي آهي، ڇاڪاڻ تہ هر شخص پرسڪون هوندو آهي، ان ڪري بہ جو هر شخص جو مقصد هڪ ئي هوندو آهي. ليڪن جيترو زياده اسان جو دانشور، انهيءَ عوامي فضا ۾ رچي ريٽو ٿيندو ويندو آهي، اوترو گهٽو؛ بي فائدي سوچ ويچار، غير فطري ماڻ ۽ ذهني تحفظ کي ختم ڪندو ويندو آهي، ۽ لڪائڻ ۽ ڪجهہ رکڻ واري عادت کي ڇڏي ڏيندو آهي. حقيقت هيءَ آهي تہ انهيءَ مرحلي تي ئي اسان اهو چئي سگهون ٿا تہ اها اجتماعيت جي فتح آهي، ۽ اجتماعيت پنهنجي روشني ۽ شعور پکيڙڻ شروع ڪيو آهي.

ليڪن ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿيندو آهي، جو بيٺڪي نظام جي شڪست اهڙن علائقن ۾ ٿيندي آهي، جن کي آزاديءَ جي جنگ چڱيءَ طرح ڏونڌاڙيو نہ هوندو آهي. اتي اهي ئي هرفن مولا، تيز ۽ مڪار دانشور نظر ايندا

آهن. اسان کي انهن وٽ نظرين جون اهي ئي صورتون ۽ انداز نظر ايندا آهن. جيڪي هنن ٻاهرين ڦورو سرمايہ دارن سان ميل ميلاپ وقت حاصل ڪيا هئا. ڪلهہ جي سامراج ۽ اڄ جي قومي حڪومت جا اهي "دادلا ٻار"، قومي ذريعن جي ڦرلٽ ۾ دل کولي حصو وٺندا آهن. اهي ماڻهو بنا ڪنهن رحم جي، اسڪيمن، قانوني ڏاڙن، آمدنيءَ ۽ روانگيءَ جي ڪاروبار ذريعي، محدود ذميدارين جي ڪمپنين ذريعي، اسٽاڪ ايڪسچينج جي سٽي بازيءَ ذريعي ۽ ناجائز ترقين جي ذريعي پنهنجا مفاد پورا ڪندا آهن ــ ۽ پوري قوم جي تڪليف کي انهيءَ ڦرلٽ لاءِ وسيلو بنائيندا آهن. هنن جو انهيءَ ڳالهہ تي زور هوندو آهي تہ واپار کي قومي بنائڻ گهرجي، يعني مارڪيٽن ۽ فائديمند ڏيتي ليتيءَ کي ديسي ماڻهن لاءِ مخصوص ڪيو وڃي. جيسين تائين نظرين جو سوال آهي تہ اهي دانشور، انهيءَ سخت ضرورت جو اعلان ڪندا آهن تہ قوم جي ڦرلٽ کي قومي بنايو وڃي. قومي زندگيءَ جي انهيءَ خشڪ ساليءَ ۾، جنهن کي ڪفايت شعاريءَ جو نالو ڏنو ويندو آهي، انهن دانشورن جي ڦرلٽ جي ڪاميابي، عوام جي ڪاوڙ ۽ تشدد کي تيزيءَ سان جاڳائيندي آهي، ڇاڪاڻ جو اهوئي عوام جيڪو هڪ ئي وقت بکيو ۽ آزاد هوندو آهي، آفريڪا (مقامي) ۽ عالمي صورتحال ۾ جلدي ئي هڪ سماجي شعور حاصل ڪري وٺندو آهي ــ ۽ اها ڳالهہ انهن ننڍڙي ذهنيت جي انفراديت پسندن کي تمام جلد معلوم ٿي ويندي آهي. سامراجين جي تهذيب کي هضم ڪرڻ ۽ ان جو تجربو حاصل ڪرڻ لاءِ ديسي دانشورن کي پنهنجا ڪجهہ خيال گروي رکڻا پوندا آهن. انهيءَ گروي رکڻ جي عيوض هو ڏارئين ڦورو سرمائيدار جي ڪجهہ خيالن کي پنهنجو ڪندا آهن. ديسي دانشورن جي انهيءَ صلاحيت جي اڻ هوند مان اندازو ٿي سگهي ٿو تہ اهي ٻہ طرفو بحث جاري رکي نہ سگهندا آهن؛ اهو ان ڪري جو ڪنهن تصور يا مسئلي جي سامهون هو پنهنجي ذات کي ختم نہ ڪري سگهندا آهن. ان جي ابتڙ اُهي جڏهن هڪ دفعو عوام جي وچ ۾ جنگ شروع ڪندا آهن تہ انهن کي ڏاڍي حيراني ٿيندي آهي. اهي لغوي معنيٰ ۾ عوام جي اعتماد ۽ ايمانداريءَ اڳيان هٿيار ڦٽا ڪندا آهن. اهو خوف، جيڪو انهن کي لڳاتار پريشان ڪندو رهندو آهي، سو هيءُ آهي تہ ڪٿي هو عوام جا غير مشروط ترجمان نہ بنجي وڃن. اهي عوام جي ها ۾ ها ملائيندا آهن، ۽ عوام جي زبان مان نڪتل هر لفظ جي تائيد ۾ ڪنڌ ڏوڻيندا آهن، ۽ پوءِ ان کي سوچيل سمجهيل فيصلو سمجهندا آهن. جيستائين هارين، بيروزگار

انسانن ۽ بک مرندڙ ديسين جو تعلق آهي، تہ اُهي سچائيءَ جي دعويٰ نہ ڪندا آهن. هو اهو نہ چوندا آهن تہ اسان سچائيءَ جا نمائندا آهيون، ڇاڪاڻ تہ اهي پنهنجي ذات ۾ خود سچا ئي هوندا آهن. حالتن پٽاندڙ ڏسندؤ تہ هن دور ۾ دانشور هڪ عام موقعي پرست نظر ايندو آهي، ۽ اهو بہ سچ آهي تہ هو پنهنجي مفادن لاءِ سازباز ختم ڪندو ئي ناهي. عوام ۾ هن جي قبول پوڻ يا ڌڪارجڻ جو سوال ئي اجايو آهي. عوام رڳو اهو مطالبو ڪندو آهي تہ آمدنيءَ جي سيني ذريعن کي هڪ جاءِ تي گڏ ڪيو وڃي. عوام ۾ انهن دانشورن جي شموليت عوام جي جدوجهد جي واڌاري کي تفصيلن جي هڪ عجيب ۽ غريب فڪري نظام سان ڳنڍي ڇڏيندي آهي. انهيءَ ڳالهہ جو اهو مطلب هرگز ناهي تہ عوام چنڊچاڻ جي خلاف هوندو آهي، بلڪ عوام تہ اهو چاهيندو آهي تہ هر شئي جي وضاحت ڪئي وڃي. عوام دليل ٻڌي خوش ٿيندو آهي ۽ اهو ڄاڻڻ چاهيندو آهي تہ هو ڪيڏانهن ٿو وڃي. ليڪن ديسي دانشور عوام سان لاڳاپو پيدا ٿيندي ئي تفصيلن تي وڌيڪ زور ڏيڻ لڳندو آهي، ۽ اهو وساري ڇڏيندو آهي تہ ساري جدوجهد جو اصلي مقصد تہ (غير ملڪي) سامراج کي شڪست ڏيڻ آهي. انهيءَ جنگ جي بيشمار ۽ مختلف طرفن ۾ گم ٿي، اهو دانشور ننڍن ننڍن مقامي ڪمن ڏانهن متوجهہ ٿيندو آهي، جن کي هُو ڏاڍي جوش ۽ جذبي، پر بيحد گنڀيرتا سان پورو ڪندو آهي. هو دائمي طرح سموريءَ تحريڪ کي اکين اڳيان رکڻ ۾ ناڪام ويندو آهي. هو انهيءَ عوامي انقلاب دوران (جيڪو خوفناڪ پيهندڙ ۽ پٿر توڙيندڙ مشين وانگر هوندو آهي) هڪ خاص نظم ۽ ضبط، هڪ خاص طريقي ڪار ۽ هڪ خاص تقسيم ڪار جو تصور پيش ڪندو آهي. جيئن تہ هو رڳو هڪ خاص محاذ تي پنهنجي جنگ جاري رکندو آهي، ان ڪري هُو پوريءَ تحريڪ جي وحدت تي نظر رکي نہ سگهندو آهي؛ ان ڪري جيڪڏهن ڪٿي ڪا مقامي شڪست ملي، تہ پوءِ ٿي سگهي ٿو تہ اهو دانشور پهرين شڪن ۾ مبتلا ٿئي، ۽ پوءِ صفا همت هاري ويهي رهي. دانشور جي ابتڙ عوام پنهنجي جدوجهد ابتدا کان ئي "مالي" ۽ "زمين" جي واضح بنيادن تي شروع ڪندو آهي. هن آڏو اهو سوال هوندو آهي تہ اسان ڪائڻ لاءِ ماني ۽ رهڻ لاءِ زمين ڪهڙي طريقي سان حاصل ڪري سگهون ٿا. اهو نقطہ نظر، جنهن تي عوام جو اصرار هوندو آهي، بظاهر ننڍو ۽ محدود پائنجي ٿو، مگر نيٺ اهوئي سيني کان وڌيڪ عزت لائق ۽ سنو طريقي ڪار ثابت ٿئي ٿو.

هتي سچائيءَ جي مسئلي تي ويچار ڪرڻ گهرجي. هر زماني ۾ عوام لاءِ سچائي قومي خواهش جو ورثو رهي آهي. ڪا رواجي حقيقت يا روحاني پاڪائيءَ جو ڪو بحث، انهيءَ صورتحال کي ريٽي نه ٿو سگهي. ديسي ماڻهو سامراجي صورتحال جي جيئري ڪوڙ جو جواب ايڏي ئي وڏي ڪوڙ سان ڏيندا آهن. پنهنجن قومي پائرن سان انهن جي روش بلڪل چٽي هوندي آهي. البت ڌارئين ڦوروءَ کان هو پريرو ۽ ان لاءِ پراسرار ٿي رهندا آهن. ديسي ماڻهوءَ لاءِ سچائي اها آهي، جيڪا سامراجي نظام جي شڪست کي جلد ويجهو آڻي؛ صداقت اها آهي، جيڪا قوم جي تشڪيل کي فروغ ڏئي؛ صداقت اها آهي، جيڪا مقامي ماڻهن جي حفاظت ڪري ۽ ڌارين کي تباهه ڪري. هن بيٺڪي صورتحال ۾ سچائيءَ وارا لاڙا به ڪابه اهميت نه ٿا رکن، ۽ نيڪي اها آهي، جيڪا ڌارين لاءِ بدي هجي.

اهڙيءَ ريت اسان ڏسون ٿا ته بيٺڪي سماج جي بنيادي "ٻيائي"، سامراج جي شڪست دوران پنهنجي اصلي صورت ۾ قائم رهندي آهي — يعني هي ته ڌاريون ڦورو، مخالف ۽ دشمن جي حيثيت ۾ هميشه برقرار رهندو آهي، جنهن کي شڪست ڏيڻ مقصد هوندو آهي. ظالم حڪمران، پنهنجي دائري ڪار ۾ ئي انهيءَ عمل جي ابتدا ڪندا آهن. اهو عمل، حڪمرانيءَ، پرماريت ۽ ڦرلٽ جو عمل هوندو آهي — ۽ ٻئي طرف اها ڊنل ۽ ڦريل مخلوق هوندي آهي، جيڪا ديسي باشندن تي مشتمل هوندي آهي، ۽ جا انهيءَ عمل لاءِ وس ۽ وت سارو ٻارڻ مهيا ڪندي آهي. اهو عمل نوآباڊياتي بيٺڪن کان وٺي مادر وطن جي محلاتن ۽ بندرگاهن جي گودين تائين بنا ڪنهن رڪاوٽ جي جاري رهندو آهي. انهيءَ پُرسڪون علائقي ۾ سمنڊ جي سطح هميشه هڪجهڙي رهندي آهي. ڪجيءَ جا وڻ ٽڏيءَ ٽڏيءَ هوا ۾ آهستي آهستي لُڏندا رهندا آهن. لهرون سيني کي پاڪرن ۾ وٽنديون آهن ۽ ڪچو مال آهستي آهستي نڪرندو رهندو آهي؛ ۽ اهوئي ڌارئين ڦوروءَ جي هجڻ جو ثبوت آهي. انهيءَ وچ ۾ ديسي ماڻهو بار هيٺان ٻيٺو ٿيندو رهندو آهي. زنده ڪان وڌيڪ مرده صورت ۾ سندس وجود هڪ نه بدلجندڙ خواب ۾ مسلسل مبتلا رهندو آهي. ڌاريون ڦورو پنهنجي تاريخ ٺاهيندو آهي. هن جي زندگي، هڪ وقت ۽ هڪ دور هوندي آهي. اهو هڪ اهڙي مطلق طاقت آهي، جيڪا هر شئي جي ابتدا آهي: "اسان هيءَ سر زمين پيدا ڪئي آهي" — اهو هڪ لافاني سبب آهي — "جيڪڏهن اسان هليا وڃون ته هيءُ سڀ ڪجهه ختم ٿي وڃي ۽ هيءُ ملڪ

اونداهي زماني ڏانهن موٽي وڃي." ان جي ابتڙ هڪ ٻي حس، بيماريءَ ۾ تباهه حال ۽ وڏن جي رسمن رواجن جي قيدي مخلوق، اهڙو نه وڌندڙ پس منظر ناهيندي آهي، جنهن ۾ سامراجي واپار جي قوت پنهنجو ڪم ڪندي آهي.

تاريون ظالم حاڪم تاريخ ناهيندو آهي ۽ انهيءَ ڳالهه جو شعور رکندو آهي ــ ۽ جيئن ته اهو لڳاتار پنهنجي وطن جي تاريخ جو حوالو ڏيندو آهي، ان ڪري بلڪل چٽائيءَ سان ظاهر ڪندو آهي ته هن جو وجود خود "مادر وطن" جي تاريخ ۾ هڪ واڌارو آهي. پوءِ جيڪا تاريخ هو لکندو آهي، اها تاريخ ان ملڪ جي تاريخ نه هوندي آهي، جنهن کي هو ڦريندو آهي، بلڪ اها تاريخ هن جي پنهنجيءَ قوم جي تاريخ هوندي آهي، ۽ ان شئي جي حوالي سان هوندي آهي، جنهن کي نپوڙيندو رهندو آهي، برباد ڪندو رهندو آهي، ۽ جنهن کي ٻُک ماريندو آهي.

اها بي حسي، جنهن ۾ ڏيهي ماڻهو مبتلا هوندا آهن، ان کي فقط اهڙيءَ صورت ۾ للڪاري سگهجي ٿو، جڏهن اهي ديسي ماڻهو، بيٺڪي تاريخ، ڦرلٽ جي تاريخ ۽ سامراج جي تاريخ کي ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪن.

هڪ اهڙي دنيا، جيڪا درجن ۾ ورهايل آهي، هڪ بي حس "دوئيءَ" جي دنيا، هڪ مجسمن جي دنيا، انهيءَ جنرل جو بُت، جنهن ملڪ فتح ڪيو هو، انهيءَ انجنيئر جو بُت، جنهن پُل ناهي، هڪ اهڙي دنيا جنهن کي پاڻ تي ڏاڍو ڀروسو آهي ته اها پنهنجن پٿرن سان هر انهيءَ پٽيءَ کي چٽي سگهي ٿي، جيڪا اڳ ئي ڦٽڪن سان ڦٽي پيئي آهي ــ اهوئي بيٺڪي دنيا جو نقشو آهي. ديسي ماڻهن کي ڌار ڌار طريقن سان گهيري ۾ آندو ويندو آهي. نسل مت پيد، دنيا کي درجن ۾ ورهائڻ جو رڳو هڪ طريقو آهي. اهو پهريون سبق جيڪو مقامي ماڻهو سکي ٿو، سو هيءُ آهي ته مقامي ماڻهو هڪ خاص حد ۾ رهن ۽ پنهنجي حد نه اورانگهين. اهوئي سبب آهي جو ديسي ماڻهو هميشه جسماني جرئت جا خواب ڏسندو آهي. ان جا خواب، عمل ۽ حملي جا مظهر هوندا آهن. آءٌ خواب ڏسان ٿو ته آءٌ دوڙان پيو؛ ٽپا پيو ڏيان؛ پاڻيءَ ۾ تران پيو؛ ڪنهن مٿاهين جاءِ تي چڙهان پيو ــ آءٌ خواب ڏسان ٿو ته هڪ آءٌ ٿهڪ ڏيئي رهيو آهيان، ان ڪري جو آءٌ هڪ ئي ٽِپ سان دريا ٽپي ويو آهيان ــ يا هي ته بيشمار موٽرون منهنجو پيچو ڪري رهيون آهن، پر مون کي جهلي نه ٿيون سگهن. بيٺڪي نظام ۾ غلام ماڻهو، رات جو نائين وڳين کان وٺي صبح جو چهين وڳي جي وچ ۾ واري وقت ۾ آزادي حاصل ڪرڻ کان ڪڏهن به غافل

نہ رهندو آهي. غلام ماڻهو انهيءَ جارحيت جو، جيڪا سندس هڏين ۾ گڏ ٿي ويندي آهي، سڀ کان پهريون مظاهرو پنهنجي وطني ڀائرن جي خلاف ڪندو آهي. هيءُ اُهو دور هوندو آهي، جڏهن شيدي هڪ ٻئي کي ڪُٽيندا آهن. پوليس ۽ مئجسٽريٽ، جڏهن اتر آفريڪا ۾ ڏوهن جي حيرت انگيز لهرن کي ڏسندا آهن، تہ هنن جي سمجهہ ۾ ئي نہ ايندو آهي تہ هو ڇا ڪن. اسان انهيءَ ڳالهہ تي پوءِ ويچاربنداسون تہ انهيءَ صورتحال کي ڪيئن سمجهون. جڏهن مقامي ماڻهو غلاميءَ واري سرشتي ۾ جڪڙجي ويندو آهي، تڏهن هو محسوس ڪندو آهي تہ پاڻ دائمي طرح ذهني ڇڪتاڻ جو شڪار آهي. ڌارئين ڦوروءَ جي دنيا دشمن جي دنيا هوندي آهي، جيڪا ڏيهي ماڻهوءَ کي نپوڙي وٺندي آهي ــ پوءِ بہ هيءَ اها دنيا هوندي آهي، جنهن کي ڏيهي ماڻهو حسد جي نظر سان ڏسندو آهي. اسان پهرين جاچي آيا آهيون تہ ڏيهي ماڻهو ڌارئين ڦوروءَ جي جاءِ سنڀالڻ جا لڳاتار خواب ڏسندو آهي ــ خود ڌاريون ڦورو ٿيڻ جا خواب نہ پر ڌارئين ڦوروءَ جي جاءِ نشين ٿيڻ جا خواب ــ هي ڪيني ۽ دشمنيءَ جي دنيا، زوراور ۽ جارح دنيا، جيڪا غلام عوام کي پنهنجي وس آهر سختيءَ سان پنهنجي لاءِ محفوظ رکندي آهي، سا دنيا رڳو ان دوزخ جي نمائندگي نہ ٿي ڪري، جتان هڪدم ڀڄڻ هر هڪ جي خواهش هوندي آهي؛ پر اها دنيا، هڪ اهڙيءَ جنت جي نمائندگي ڪندي آهي، جيڪا بنهہ ويجهو خطرناڪ ڪتن جي حفاظت ۾ هوندي آهي. مقامي ماڻهو هميشه حد کان وڌيڪ هوشيار هندو آهي. جيتوڻيڪ هُو ڏاڍيءَ ڏکيائيءَ سان بينڪي دنيا جي نشانين کي سمجهي سگهندو آهي، پوءِ بہ هو سدائين انهيءَ اُڻ تُڻ ۾ هوندو آهي تہ ڪٿي هن سرحدون تہ نہ اورانگهيون آهن. بينڪي دنيا ۾ ڏيهي ماڻهوءَ کي هميشہ مجرم سمجهيو ويندو آهي، ليڪن ڏيهي ماڻهوءَ جو جرم، اهو جرم هوندو آهي، جنهن کي هو پاڻ تسليم نہ ڪندو آهي. اهو رڳو هڪ قسم جي لعنت هوندو آهي ــ هڪ احساس، جيڪو تلوار وانگر هر وقت سندس ڪنڌ تي لٽڪندو رهندو آهي ــ ڇاڪاڻ تہ هو پنهنجيءَ دل جي گهراين ۾ ڪنهن بہ قسم جو الزام قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ هوندو آهي. هن تي قبضو ڪري سگهجي ٿو، پر هن کي جانور وانگر پالتو نہ ٿو بنائي سگهجي. هن سان ذليل ماڻهن وارو برتاءُ ڪيو ويندو آهيي. مگر هن کي پنهنجي گهٽتائيءَ جو يقين نہ هوندو آهي. هو ڏاڍي صبر سان انتظار ڪندو آهي تہ ڌاريون ڦورو ٿورو غافل ٿئي تہ هو مٿس حملو ڪري ــ غلام ديسيءَ جون رڳون سدائين تڪيل

رهنديون آهن. توهان اهو نہ ٿا چئي سگهو تہ هو ڊنل آهي، يا پؤ محسوس ڪري ٿو ــــ حقيقت ۾ هو هڪ گهڙيءَ جي خبر تي پاڻ کي شڪار جي ڪردار مان شڪاريءَ جي ڪردار ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ هر وقت تيار رهندو آهي. ديسي ماڻهو اهڙو مظلوم انسان هوندو آهي، جنهن جي هميشه اها خواهش هوندي آهي تہ هو ظالم بنجي سگهي. سماجي جوڙجڪ جون نشانيون، پوليس، فوجي بيرڪن ۾ بگل جو آواز، فوجي پريڊون ۽ جهولنڊڙ جهنڊا؛ اهي سڀ هڪ ئي وقت ٻوُسٽ پيدا ڪندڙ ۽ چرپر پيدا ڪندڙ ثابت ٿيندا آهن؛ ان ڪري جو اهي سڀ علامتون رڳو اهو پيغام نہ ٿيون ڏين: "پنهنجي جاءِ تان چرڻ جي ڪوشش نہ ڪريو"، پر اهو آواز بہ ڪڍن ٿيون تہ "حملي ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو!" حقيقت هيءَ بہ آهي تہ جيڪڏهن ڏيهي ماڻهوءَ ۾ غفلت ۽ بي پرواهيءَ جو لاڙو پيدا بہ ٿي پوي، تہ بہ ڌارئين ڦوروءَ جو غرور ۽ بينڪي سرشتي جي طاقت آزمائڻ واري ڪوشش، ڏيهي غلام ماڻهوءَ کي هر وقت اهو ياد ڏياريندي رهندي آهي، تہ آخري عظيم مقابلي کي اڻ ڄاتل وقت لاءِ ٽاري نہ ٿو سگهجي. ڌارئين ڦوروءَ جي جاءِ والارڻ واري اندروني هلچل هر وقت ڏيهي ماڻهوءَ جي رڳن کي طاقت پهچائيندي رهندي آهي ــ ۽ هيءَ ڳالهہ اسان ڄاڻون ٿا. ڪڏهن ڪڏهن جذباتي ڪيفيتن ۾ ڪنهن رُڪاوٽ جي موجودگي، هلچل ڏانهن ڌيان وڌائيندي آهي. ڌارئين ڦوروءَ ۽ غلام ماڻهن جو تعلق ڳائيٽي ۽ صلاحيت جو تعلق هوندو آهي. ڌاريون ڦورو تعداد جي وزن جي خلاف وحشي قوت استعمال ڪندو آهي. ڌاريون ڦورو نمائش جو قائل هوندو آهي. هر وقت پنهنجي بچاءَ جي فڪر ۾ رهڻ ڪري، هو ديسي ماڻهن کي وقت بہ وقت وڏي واڪ ٻڌائيندو رهندو آهي تہ پاڻ هن سرزمين جو اڪيلو مالڪ آهي. ڌاريون ڦورو ديسي ماڻهن جي دل ۾ ڪاوڙ ۽ ڏمر کي تہ زنده رکندو آهي، پر انهيءَ جذبي جي ٻاهر نڪرڻ جا دروازا بند ڪري ڇڏيندو آهي. ڏيهي ماڻهو غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙيو ويندو آهي. پر اهو اسان ڏسي چڪا آهيون تہ ڌاريون ڦورو صرف اڻپورو روحاني جمود پيدا ڪندو آهي. ديسي ماڻهن جي رڳن جي ٽٽڪ، لڳاتار خوني وارداتن، قبائلي جنگين، خانداني لڙاين ۽ انفرادي جهڳڙن ۾ سڪون حاصل ڪندي آهي. ڌارئين ڦوروءَ يا پوليس جي سپاهيءَ کي ديسي ماڻهن کي ڪُٽڻ، ذليل ڪرڻ ۽ پنهنجي اڳيان پيٽ گسڪائڻ جي تہ سڄو ڏينهن آزادي هوندي آهي؛ پر توهان ڏسندؤ تہ هڪ ڏيهي ماڻهو ٻئي ڏيهي ماڻهوءَ جي معمولي مخالفانہ اهڃائن يا ڪاوڙيل نگاهن تي

هڪدم ڇرو ڪڍي وٺندو آهي، يا ڪهاڙي ڪٽي وٺندو آهي. اهو ان ڪري، جو هن لاءِ آخري وسيلو اهو آهي تہ هو پنهنجي ٻاءُ جي مقابلي ۾ اچي، پنهنجيءَ شخصيت جو بچاءُ ڪري. ذهن ۾ ڊيل پراڻين دشمنين کي قبائلي جنگيون اڃا وڌيڪ پختگي بخشيندڙ آهن. انهن خانداني جنگين ۾ شريڪ ٿي، ڏيهي ماڻهو پنهنجيءَ سموريءَ طاقت سان اهو ٻڌائڻ چاهيندو آهي تہ سامراجي نظام جو ڪو وجود ئي ڪونهي، ڇاڪاڻ تہ حالتون ائين ئي آهن، جيئن اڳي هيون، ۽ تاريخ جو وهڪرو پڻ لڳاتار جاري آهي. انهن قبائلي تنظيمن جي سطح تي اسان کي اصلي مسئلن کان منهن موڙڻ جو لاڙو چٽو نظر ايندو. پنهنجن ڀائرن جي رت ۾ وهنجڻ جي ڪوشش ۾، هو پنهنجيءَ واٽ تي اصلي رڪاوٽ کي وساري ڇڏيندا آهن، ۽ انهيءَ چونڊ کي ٿوري وقت لاءِ ملتوي ڪري ڇڏيندا آهن، جيڪا نيٺ ڪين ڪرڻي آهي؛ ۽ جنهن چونڊ سبب غلاميءَ واري سرشتي جي خلاف جنگ جي آغاز جو سوال اُڀري ٿو. ها، گڏيل آپگهات جي هيءَ نوس شڪل، انهن صورتن مان هڪ آهي، جن جي ذريعي ديسي ماڻهوءَ جي رڳن جي تڪ آرام وٺي ٿي. عمل جا هي نمونا، خطري جي اڳيان موت جي خواهش جو اظهار ۽ آپگهات جا اهڙا لاڙا آهن، جيڪي ڌارئين ڦوروءَ (جنهن جو وجود ۽ حڪومت، ديسي ماڻهو لاءِ اهڙا ڪم اڃا وڌيڪ جائز قرار ڏئي ٿي) اهو ظاهر ٿا ڪن تہ ديسي ماڻهن وٽ صحيح عقل نالي ڪابہ شئي نہ آهي. اهڙيءَ ريت ديسي ماڻهو ڌارئين ڦوروءَ کي نظرانداز ڪري ڇڏيندو آهي. تقدير جي طاقت تي ايمان، ظالم حاڪم تي ڪوبہ الزام اچڻ نہ ڏيندو آهي. بدقسمتيءَ ۽ غريبيءَ جو سبب خدا تعاليٰ جي ذات ڏانهن منتقل ڪيو ويندو آهي، ڇو تہ اهو تقدير جو ڪاتب آهي. اهڙيءَ ريت فرد انهيءَ ڀڄ ڀاهہ کي تسليم ڪري وٺندو آهي، جيڪا خدا جي طرفان مقرر هوندي آهي، ۽ ائين ڌارئين ڦوروءَ ۽ قسمت جي سامهون پنهنجو مٿو ٽيڪي ڇڏيندو آهي ــ ۽ هڪ قسم جي اندروني بندوبست ذريعي پٿريلو سڪون حاصل ڪري وٺندو آهي. بس اهڙيءَ طرح زندگي گذرندي رهندي آهي، ۽ غلام ماڻهو انهن ڀوائتين ڪهاڻين ڏانهن موٽندي (جيڪي پنتي پيل قومن ۾ ججهي انداز ۾ موجود هونديون آهن) پنهنجي طبعي رڪاوٽن کي (جن ۾ سندس جارحيت بہ شامل هوندي آهي) اڃا وڌيڪ مضبوط ڪندو ويندو آهي. جڏهن هو ڪوبہ غلط قدم کڻندو آهي تہ بد روح هڪدم مداخلت ڪندا آهن؛ چيتن ۽ نانگ جي شڪلين وارا ماڻهو، ڇهن ٽنگن وارا ڪتا ۽ زومبي. جڻ تہ ننڍن وڏن جانورن ۽

جنن جو هڪ سلسلو هوندو آهي، جيڪو ديسي ماڻهن جي چوڌاري رکاوٽن، رنڊڪن ۽ لوڙهن جو هڪ نظام قائم ڪري ڇڏيندو آهي، جيڪو سامراجي نظام کان وڌيڪ خوفناڪ هوندو آهي! اِهو مومل جي ڪاڪ محل وارو ڊانچو، غلام ماڻهن ۾ داخل ٿي ويندو آهي، ۽ نفسياتي سڌن جي طاقت جي واڌاري ۾ ڪي ڇِٽا اهڃاڻ پيدا ڪندو آهي. اڻ سڌريل معاشرن جي هڪ خاصيت هيءَ هوندي آهي تہ نفساني طاقت قبيلي يا خاندان جي ملڪيت هوندي آهي. انساني علم جي ماهرن ڪن سماجن جي خاصيتن ۾ اهو ٻڌايو آهي تہ اتي جيڪڏهن ڪو شخص خواب ڏسندو آهي تہ سندس واسطا پنهنجيءَ زال کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن عورت سان آهن، تہ ڪيس خواب واري ڳالهہ جو برادريءَ جي اڳيان اقرار ڪرڻو پوندو آهي، ۽ جنس يا محنت جي صورت ۾ ان خواب جي چَٽِي خواب ۾ ڏنل عورت جي مڙس يا ان جي خاندان کي ڏيڻي پوندي آهي. هتي اسان اهو ٻڌائيندا هلون تہ انهيءَ ڳالهہ مان اهو ثابت ٿئي ٿو تہ قديم سماجن ۾ لاشعور کي ڏاڍي اهميت حاصل هوندي آهي.

جيئن تہ داستانن ۽ شعبده بازين جو ماحول، اسان کي ڊيڄاريندو آهي، ان ڪري اُهو اسان کي هڪ اهڙيءَ حقيقت کان واقف ڪندو آهي، جنهن ۾ شڪ جي ڪابہ گنجائش نہ هوندي آهي. اهو ماحول ڊيڄاري، اسان کي پنهنجي قبيلي يا علائقي جي تاريخ ۽ روايت سان هم آهنگ ڪندو آهي. ان سان گڏوگڏ اهو اسان کي ٻڌيءَ جي سگهہ ۽ هڪ خاص حيثيت بہ بخشيندو آهي. ڇڻ تہ اهو هڪ قسم جي راهداري هوندو آهي. اڻ سڌريل سماجن ۽ ملڪن ۾ پراسرار قوتن جي دنيا، پوريءَ برادريءَ جي دنيا هوندي آهي، جنهن ۾ مڪمل طرح طلسمي قانون نافذ هوندا آهن. پنهنجو پاڻ کي انهيءَ پُراسرار ڄار ۾ ڦاسائي (جتان نڪرڻ ڏاڍو مشڪل هوندو آهي ۽ جتي هر عمل نهايت چٽيءَ ريت ورجايو ويندو آهي) اسان کي هڪ اهڙي دنيا ملندي آهي، جيڪا دائمي رهڻ واري آهي. اهڙيءَ ريت دنيا جي لافانيت ثابت ٿئي ٿي، جيڪا اسان سيني جي آهي. توهان يقين ڪريو تہ "زومبي"، ڌارين ڦورن کان وڌيڪ خطرناڪ ٿين ٿا؛ ان ڪري اهو مسئلو پيدا نہ ٿو ٿئي تہ سامراجي دنيا ۽ ان جي لوهي لوڙهن جي ورن وڪڙن سان آرام سان نپائجي، پر مسئلو هيءُ آهي تہ پيشاب ڪرڻ، ٿڪڻ يا ٻاهر نڪرڻ کان اڳ ٿي دفعا سوچجي. سمجهہ ۾ نہ ايندڙ ۽ طلسماتي قوتون پاڻ کي اهڙيءَ طرح ظاهر ڪنديون آهن، ڇڻ تہ اهي بذات خود طاقتون آهن. انهن جي پيٺ ۾ ڌارئين ڦوروءَ جي طاقت تمام ننڍڙي

معلوم ٿيندي آهي، جنهن تي ٻاهران ٽپو لڳل هوندو آهي. ان ڪري اسان کي انهن قوتن جي خلاف جنگ ڪرڻ جي ضرورت بہ محسوس نہ ٿيندي آهي، ڇو تہ اصلي خوفناڪ اهي دشمن آهن، جن کي ڏندڪٿائون پيدا ڪنديون آهن. اسان اهو ڏسندا آهيون تہ وهم پرستيءَ جي سطح تي وهمن سان دائمي لاڳاپو سيئي مسئلا طئي ڪري ڇڏيندو آهي. هميشه ائين ٿيندو آهي تہ آزاديءَ جي جنگ ۾، اهڙا ماڻهو جيڪي پهرين وهمن جو شڪار ۽ ناقابلِ بيان خوف و هراس جا اسير هجڻ جي باوجود خواب آلود مصيبتن ۾ رهي خوشي محسوس ڪندا آهن. نيٺ پنهنجيءَ جاءِ تان ٽڙي ويندا آهن ۽ نئين سر پنهنجي تنظيم ڪري رت ۽ ڳوڙهن جي سيلاب ۾ فوري ۽ حقيقي عمل کي جنم ڏيندا آهن. مجاهدن کي ڪاڏو پهچائڻ، چوڪيداري ڪرڻ، اهڙن خاندانن جي مدد ڪرڻ، جي زندگيءَ جي عام شين کان محروم هجن؛ يا انهن مڙسن جي جڳهہ پرڻ، جيڪي جهلجي وڃن يا ماريجي وڃن. هي آهن اهي ٺوس ڪم، جن جي ڪرڻ جي دعوت آزاديءَ جي جنگ دوران ماڻهن کي ڏني ويندي آهي. غلام دنيا ۾ ديسي ماڻهن جي جذباتي سوچ، سندس ڪل جي مٿينءَ سطح تي هڪ ناسور وانگر هوندي آهي، جنهن ۾ شورو وجهڻ سان هلچل پيدا ٿي پوندي آهي. انهن جو نفسياتي سرشتو هڪدم سوڙهو ٿي ويندو آهي ۽ هڪدم پڪڙي جسماني طاقت جي مظاهري ۾ آرام حاصل ڪندو آهي. اهوئي سبب آهي جو ڪن ماڻهن جو چوڻ آهي تہ ديسي ماڻهو هيجاني فطرت رکندڙ هوندو آهي. اها حساس جذباتيت، انهن قوتن جي نگرانيءَ ۾ جيڪي هر وقت ان جي شخصيت سان واسطو رکنديون آهن، انهيءَ ديسي ماڻهوءَ جي اندروني گهوٽالي جي پٽيان ڪم ڪندڙ چريائپ وارين حرڪتن ذريعي آرام حاصل ڪندي آهي. هڪ ٻيءَ سطح تي اسان اهو ڏسندا آهيون تہ ديسي ماڻهوءَ جي جذباتي حس، انهيءَ ناچ ۾ جيڪو وجد آفرين هوندو آهي، پاڻ کي ختم ڪري ڇڏيندي آهي. اهوئي سبب آهي جو سامراجي دنيا جي مطالعي ۾ ناچ ۽ چريائپ واري حرڪتن کي سمجهڻ ضروري آهي. ديسي ماڻهو انهيءَ مجنونانہ اعصابي مظاهري ۾ تسڪين حاصل ڪندو آهي، جنهن جي ذريعي سندس زبردست جارحانہ قوتون ۽ سندس طبيعت جو شديد تشدد هڪ نئون رخ اختيار ڪندو آهي، پنهنجي شڪل بدلائيندو آهي ۽ جادوءَ وسيلي ظاهر ٿيندو آهي. ناچ جو دائرو اهو جائز دائرو آهي، جنهن ۾ ديسي ماڻهو بچيل بہ آهي تہ هر قسم جي آزادي بہ محسوس ڪندو آهي. ڪنهن خاص ڏينهن ۽ خاص وقت تي سڀ مرد ۽

عورتون هڪ خاص جاءِ تي گڏجي ويندا آهن، ۽ اتي پوري قبيلي جي عزت پريل نگاهن جي سامهون اهي هڪ ظاهري طرح بي ڍنگي مانيٽي ٻهروپ ۾ شامل ٿي ويندا آهن. حقيقت ۾ انهن جو اهو ناچ نهايت منظم هوندو آهي، جنهن ۾ مٿن جي ڏوڻ، چيلهه جي جهڪاءَ، ۽ جسم کي پوئتي اچلائڻ جي نشانين کي کليل ڪتاب وانگر سمجهي سگهجي ٿو؛ جو انهيءَ ۾ پوري قوم جي جن ڪيڻ، آزاد ٿيڻ ۽ پاڻ کي سمجهڻ جي بي پناهه ڪوشش ۽ ڪاوش هوندي آهي. پر (ناچ جي ميدان) اندر ڪي به حدون نه هونديون آهن. اهو جبل، جنهن تي هو ڏاڍيءَ ڪوشش سان چڙهندا آهن، ته جيئن چنڊ کي ويجهو ٿين؛ درياهه جو اهو ڪپ، جتان هو درياهه ۾ لهي ناچ، سنان، صفائيءَ ۽ پاڪيزگيءَ جو تعلق ظاهر ڪندا آهن ــ اهي جايون انهن لاءِ ڏاڍيون عزت لائق هونديون آهن، جتي ڪي به حدون نه هونديون آهن.

انهن جاين تي انهن ديسي ماڻهن جي گڏجي اچڻ جو مقصد هيءُ هوندو آهي ته اهي پوريءَ قوم جي نفساني سگهه، رڪيل جارحانه سگهه کي ڦاٽندڙ جبل جي لاوي وانگر خارج ڪن. علامتي قتل، وهمي گهوڙي سواريون ۽ خيالي لڙايون جهڳڙا، انهن سيني جو نڪرڻ ضروري آهي. برين قوتن جا بند ٽوڙيا ويندا آهن ۽ اهي پگهريل مادي وانگر وهي نڪرنديون آهن. انهيءَ کان هڪ قدم اڳتي مڪمل آسيب زدگيءَ جي منزل ايندي آهي. حقيقت ۾ اهو آسيب زدگيءَ ۽ ٽوٽي ڦيٽي جو منظم مظاهرو هوندو آهي، جنهن ۾ خونخوار پوتن، جن، زومبي ۽ ووڊو قبيلن جي مشهور ديوتا لڳيا جو پاڇو شامل هوندو آهي. شخصيت جي هيءَ بي ترتيبي، هي پيچ ڊاهه ۽ اهو سڀ ڪجهه سامراجي نظام جي جسم ۾ هڪ بنيادي ڪم سرانجام ڏيندو آهي. موٽڻ وقت عورتون ۽ مرد بي آراميءَ جي حالت ۾ اعصابي هيجان هيٺ پيرن کي زور سان زمين تي هڻندا آهن. واپسيءَ کان پوءِ پورو ڳوٺ وري پرسڪون ٿي ويندو آهي، ۽ هڪ دفعو وري بي حس ۽ حرڪت نظر ايندو آهي.

آزاديءَ جي جدوجهد ۾ اهڙي قسم جي عملن کان مڪمل ڇوٽڪارو ملي ويندو آهي. ديسيءَ ماڻهوءَ جي پٽ پٽ سان لڳل هوندي آهي ۽ ڪاتي سندس نڙيءَ تي! (يا وڌيڪ صحيح لفظن ۾ هن جي خصين تي بجليءَ جا ڪرنٽ هنيا ويندا آهن) اهڙيءَ حالت ۾ هو پنهنجن وهمن سان ڪوبه واسطو نه رکندو آهي. صدين جي وهمن ۽ عجيب غريب رسمن ۾ ڦاٽل رهڻ کان پوءِ ديسي ماڻهو نيٺ پنهنجي هٿ ۾ بندوق کڻي، انهن طاقتن جي سامهون بهادر ٿي

بيهي رهندو آهي، جيڪي قوتون سندس زندگيءَ سان راند ڪنديون رهنديون آهن ــ يعني سامراجي سرشتي جون قوتون! بيٺڪ جو نوجوان، جيڪو گولين جي ڇانوَ ۾ پلجي جوان ٿئي ٿو، پنهنجن وڏن جي زومبين، بن مٿن وارن گهوڙن، مئل ماڻهن جي روحن ۽ انهن جنن تي، جيڪي اوباسي ڏيڻ وقت ماڻهوءَ جي جسم ۾ داخل ٿي ويندا آهن، ٺنوليون ڪندو آهي، ۽ ڪائنئن نفرت ڪرڻ ۾ ڪابہ هٻڪ محسوس نہ ڪندو آهي. ديسي ماڻهو حقيقت کي سمجهڻ کان پوءِ ان کي پنهنجي ريتن رسمن ۾، پنهنجي تشدد واري عمل ۾ ۽ آزادي حاصل ڪرڻ واريءَ جدوجهد ۾ واضح صورت ڏيندو آهي.

اسان ڏٺو آهي تہ ديسي ماڻهن جو هيءُ تشدد جيتوڻيڪ سامراجي نظام هلندي اپريل نظر ايندو آهي، پوءِ بہ ايترو فائديمند ناهي. اسان اهو بہ ڏٺو آهي تہ انهيءَ تشدد جو نيڪال ناچ ۽ جنن ذريعي ٿيندو آهي. اسان اهو بہ ڏٺو آهي تہ خانداني لڙاين ذريعي ان کي ڪهڙيءَ ريت ختم ڪيو ويندو آهي. هاڻي مسئلو هيءُ آهي تہ انهيءَ تشدد کي جيڪو مختلف صورتن ۾ ظاهر ٿئي ٿو، ڪهڙي طرح سوگهو ڪيو يا روڪيو وڃي. اهو منڊ ۾ تہ قصن ۽ ڪهاڻين ۾ تسڪين حاصل ڪندو هو ۽ اجتماعي آپگهات ۾ پنهنجا جوهر ڏيکاريندو هو، پر هاڻي نئينءَ صورتحال ۾ هڪ نئين طرز عمل جو امڪان نظر ايندو آهي. موجوده دور ۾ غلام ملڪن جي آزاديءَ جي سلسلي ۾ تاريخي ۽ سياسي ڏاهپ جي لحاظ کان هڪ بنيادي اهميت جو نظرياتي مسئلو پيدا ٿيندو آهي. اهو هيءُ تہ ڪهڙي مرحلي تي ڇئي سگهجي ٿو تہ صورتحال قومي آزاديءَ جي تحريڪ شروع ڪرڻ لاءِ مناسب آهي. جيئن تہ مختلف صورتون، جن جي ذريعي سامراجي سرشتي جي شڪست عمل ۾ آئي آهي، مختلف نمونن سان ظاهر ٿيون آهن. ان ڪري هن حالت ۾ يقيني طرح عقل اهو فيصلو ڪرڻ ۾ هٻڪندو آهي تہ ڪهڙي صورت واقعي سامراج جي شڪست جي آهي ۽ ڪهڙي صرف فريب. ظاهر آهي تہ ان ماڻهوءَ لاءِ جيڪو جنگ جي صورتحال ۾ گهيريل آهي، پنهنجي طريقي ڪار جو فيصلو ڪرڻ انتهائي ضروري آهي تہ هو ڪهڙيءَ طرح تحريڪ کي منظم ڪري ۽ ان کي اڳتي وڌائي. جيڪڏهن اهڙي قسم جي هم آهنگي موجود ناهي تہ پوءِ ان جو مطلب هيءُ ٿيندو تہ آزادي حاصل ڪرڻ جي محض انڌي خواهش آهي، جنهن سان گڏ خوفناڪ رُجعت پسنديءَ جا خطرا موجود آهن.

هاڻي سوال هيءُ آهي تہ اهي ڪهڙيون قوتون آهن، جيڪي بيٺڪي

نظام جي موجودگيءَ ۾ غلام عوام جي تشدد جي اظهار لاءِ نوان مقصد ۽ نوان ذريعا پيدا ڪنديون آهن. سڀ کان پهرين سياسي جماعتون ۽ تاجر ۽ دانشورن جا خاص طبقا اهو ڪم ڪندا آهن. اڪثر سياسي جماعتن جي نظام جي هيءَ خصوصيت هوندي آهي تہ اهي خالي اصولن جو اعلان تہ ڪنديون آهن، پر پختا حڪم ڏيڻ کان پاسو ڪنديون آهن. سامراجي نظام ۾ انهن قومي سياسي جماعتن جو سڀ کان وڏو ڪارنامو "ووٽ جو حق ڏيڻ" هوندو آهي. سياي فلسفي تي بيشمار رسالن جي قطار لڳي ويندي آهي، جن جا موضوع، عوام جي خود ارادیت جو حق، انساني عظمت ماڻڻ جو حق، بک مان ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ جو انساني حق، وغيره وغيره هوندا آهن. انهن ۾ هڪ ماڻهو هڪ ووٽ جي حق جي حاصلات تي گهڻو زور هوندو آهي. قومي سياسي جماعتون هٿيارن ذريعي طاقت آزمائيءَ جي ضرورت تي ڪڏهن بہ زور نہ ڏيندیون آهن. انهيءَ جو سبب هيءُ هوندو آهي تہ رائج نظام کي انقلابي طريقي سان ختم ڪرڻ سندن مقصد نہ هوندو آهي، اهي امن پسند ۽ قانون پرست هونديون آهن ۽ حقيقت ۾ هڪ نظام جون پوئلڳ رهڻ چاهنديون آهن، بشرطيڪ اهو نظام نئون هئڻ گهرجي. ليڪن ڏارئين ڦورو سرمائيدار جي آڏو اهي پنهنجا مطالبا واضح طور پيش ڪنديون آهن. انهن جو بنيادي مطالبو هيءُ هوندو آهي تہ "اسان کي وڏيڪ حق ڏيو!" جيستائين تشدد جو تعلق آهي، انهيءَ سوال تي هي خاص ماڻهو ٻٽيءَ پاليسيءَ جو شڪار هوندا آهن. جيتوڻيڪ اهي پنهنجن لفظن ۾ تشدد پسند هوندا آهن، پر لاڙن ۾ رڳو سڌارن جا چاهيندڙ هوندا آهن. اهوئي سبب آهي جو قومي سياسي رهنما ڪڏهن ڪا ڳالهہ چوندا آهن تہ انهن جي ڳالهين مان واضح طور هيءُ ثابت ٿيندو آهي تہ حقيقت ۾ اُهي پاڻ بہ ڪجهہ سوچيندا ناهن. قومي سياسي جماعتن جي انهيءَ خصوصيت جي وضاحت، سندن رهنمائن جي جوڙجڪ ۽ ڪارڪنن جي نوعيت وسيلي ڪرڻ گهرجي. قومي سياسي جماعت جي ڪرتا ڌرتا شهري هوندا آهن. انهن جماعتن جا ڪارڪن، ابتدائي جماعتن جا استاد، ڪاريگر ۽ ننڍا وڏا واپاري هوندا آهن جيڪي سامراجي نظام مان فائدو حاصل ڪندا آهن؛ جيتوڻيڪ سندن نفعي جو هڪ حصو ڪٽجي ويندو آهي، پوءِ بہ سندن پنهنجا پنهنجا مفاد هوندا آهن. انهن جماعتن جا ڪارڪن پنهنجي مفاد کي بهتر بنائڻ چاهيندا آهن ـــ جهڙوڪ: وڏيڪ پگهار ـــ انهن سياسي جماعتن ۽ سامراجي نظام جي چوڪيدارن جي وچ ۾ ڳالهہ ٻولهہ ڪڏهن بہ ختم نہ

ٿيندي آهي. حالتن کي سڌارڻ لاءِ گفتگو جاري رهندي آهي. مثلاً: مڪمل نمائندگي، پريس جي آزادي ۽ جماعت سازيءَ جي اجازت. اهڙيءَ ريت سڌارن جي باري ۾ مذاڪرات ٿيندا رهندا آهن. بس انهيءَ ڳالهه تي تعجب نه ڪائڻ گهرجي ته ديسي ماڻهو ججهي انداز ۾ انهن جماعتن جا جوشيلا ڪارڪن هوندا آهن، جيڪي مادر وطن جي ڪُک مان جنم وٺنديون آهن. ديسي باشندا هڪ ڪوڪلي نعري جي بنياد تي جدوجهد ڪندا آهن ته "حڪومت مزدورن جي هجڻ کپي." اتي اهي ديسي ماڻهو هن ڳالهه کي وساري ڇڏيندا آهن ته سندن ملڪ ۾ بنيادي اهميت قومي نعرن جي هئڻ گهرجي. ديسي دانشور پنهنجي داخلي تشدد کي انهيءَ خواهش جو اڌ اگهاڙو لباس پارائيندو آهي، ته جيئن اهو ڪهڙيءَ به ريت بيٺڪي نظام سان ملي وڃي ــ ائين جڻ ته هو پنهنجي تشدد کي پنهنجي ذاتي مفاد لاءِ استعمال ڪندو آهي.

اهڙيءَ ريت هڪڙو طبقو رعايت ورتل غلامن يا اهڙن غلامن جو پيدا ٿي ويندو آهي، جيڪي انفراديءَ طرح آزاد هوندا آهن. اهڙيءَ حالت ۾ دانشور رڳو اهو چاهيندو آهي ته ڪيس اهڙا انفرادي آزاد انسان وڌائڻ جو حق حاصل ٿئي، ۽ انهن انفرادي آزاد شهرين جو هڪ طبقو منظم ڪرڻ جو موقعو ملي. ان جي ابتڙ عام ماڻهن جو اهڙو ڪوبه ارادو نه هوندو آهي ته اهي خاموش تماشاين جي حيثيت ۾ ماڻهن کي پنهنجين ڪاميابين جا موقعا وڌائيندي ڏسندا رهن. سندن مطالبو اهو نه هوندو ته اهي ڌارئين ڦوروءَ جي حيثيت حاصل ڪن، اهي ته اُن جي جاءِ حاصل ڪرڻ چاهيندا آهن. ديسي ماڻهن جو وڏو تعداد ڌارئين ڦوروءَ وٽ ڦٻايل زمين هٿ ڪرڻ چاهيندو آهي. عوام لاءِ اهو مسئلو نه هوندو آهي ته اهي مفاد حاصل ڪرڻ ۾ ڌارئين ڦوروءَ سان مقابلو ڪن، پر هن جو مسئلو اهو هوندو آهي ته هُو اُن جي جاءِ تي قبضو ڪن.

قومي جماعتون پنهنجيءَ پروپئگنڊا ۾ نهايت منظم طريقي سان هارين کي نظرانداز ڪنديون آهن. حالانڪ هيءَ ڳالهه پڌري پٽ پيئي آهي ته غلام ملڪن ۾ رڳو هاري ئي انقلابي هوندا آهن؛ ان ڪري جو هن وٽ وڃائڻ لاءِ ڪجهه به نه هوندو آهي، پر سندن آڏو فائدو ئي فائدو هوندو آهي. طبقاتي نظام کان ٻاهر لتاڙيل ۽ لٽيل ماڻهن ۾ سڀ کان اڳ بکيو هاري ئي اها ڳالهه ڄاڻندو آهي ته فقط تشدد ئي فائديمند آهي. هاريءَ لاءِ سمجهوتي ڪرڻ يا معاملي طئي ڪرڻ جو ڪوبه مسئلو نه هوندو آهي. سامراج ۽ سامراج جي شڪست، هن لاءِ فقط ايتري اهميت رکن ٿا ته انهن مان ڪيس ڪهڙي شئي

مان وڌيڪ طاقت ملي سگهي ٿي. ڏٺڙيل ماڻهو اهو ڏسي وٺندو آهي تہ آزاديءَ جي جدوجهد ۾ سندس سڀ صلاحيتون استعمال ٿيڻ گهرجن، ۽ سڀ کان اڳ طاقت جو استعمال ٿيڻ گهرجي. جڏهن 1956ع ۾ موسيوگائي مولي الجزائر ۾ فرانسيسي سرمائيدارن آڏو جهڪي پيو، تڏهن قومي محاذِ آزاديءَ طرفان پڌري ڪيل مشهور اشتهار ۾ چيو ويو تہ بيٺڪي نظام پنهنجي جڪڙ انوقت ڍري ڪندو آهي، جڏهن سندس نڙيءَ تي ڪاتي رکي وڃي. تڏهن ان وقت ڪنهن بہ الجزائريءَ انهيءَ شرط کي تشدد سان ڀريل نہ سمجهيو هو، ڇو تہ انهيءَ اشتهار ۾ صرف اهو ڪجهہ چيو ويو هو، جيڪو هر الجزائريءَ جي دل جو آواز هو. سامراجي نظام، سوچيندڙ مشين نہ هوندو آهي ۽ نہ وري اهڙو جسم هوندو آهي، جنهن ۾ دليل ٻڌڻ جون صلاحيتون هجن. هيءُ نهايت وحشيائي قسم جو تشدد هوندو آهي ۽ رڳو ان وقت گوڏا کوڙيندو آهي، جڏهن ان جو مقابلو وڌيڪ ۽ وڏي تشدد سان ڪيو وڃي. انهيءَ فيصلہ ڪُن گهڙيءَ ۾ بيٺڪ جو اهو سرمائيدار طبقو، جيڪو اڃا تائين ماڻ هوندو آهي، اڳتي وڌندو آهي. اهو هڪ نئون تصور پيش ڪندو آهي، جنهن کي صحيح زبان ۾ بيٺڪيت جي صورتحال جي تخليق چوڻ گهرجي ــ ۽ اهو آهي ”عدم تشدد جو تصور“. پنهنجي سڀ کان سادي شڪل ۾ عدم تشدد جو هيءُ اصول بيٺڪ جي دانشورن ۽ تاجرن کي هيءَ ڳالهہ سمجهائيندو آهي تہ سندن مفاد سرمائيدارن جي مفاد وانگر آهي، ان ڪري عوام جي پلائي لاءِ اها ڳالهہ لازمي آهي تہ جلد ڪنهن سمجهوتي تي پهچڻ گهرجي؛ ان کان اڳ جو ڪوبہ افسوس جهڙو ڪم ٿئي يا اهڙو ڪو قدم کڄي، جنهن جي تلافي ٿي نہ سگهي.

عدم تشدد، بخمل ۽ ريشم سان سينگاريل ميز جي چوڌاري ويهي، غلام ملڪ جي مسئلن طئي ڪرڻ جو نالو آهي، ليڪن عوام ريشم ۽ بخمل جي ميز جي چوڌاري ٻن ڪرسين جي رکڻ جي انتظار ڪرڻ کانسواءِ پنهنجي ضمير جو آواز ٻڌي سامراجين سان هٿ کس شروع ڪري ڏيندو آهي ۽ عمارتن کي باهيون ڏيڻ لڳندو آهي. اهڙي وقت ۾ سمورا دانشور ۽ قومي سرنديءَ واري طبقي جون جماعتون سامراجي سرمائيدارن ڏانهن اهو چوندي ڊوڙنديون آهن تہ ”ڏسو هيءَ ڏاڍي سنگين صورتحال آهي، خدا ڄاڻي تہ ان جو خاتمو ڪهڙيءَ ريت ٿيندو. اسان کي ڪونہ ڪو حل ڳولڻ گهرجي ــ ڪنهن قسم جو سمجهوتو!“ سمجهوتي جو اهو تصور، سامراجي شڪست جي مرحلي ۾ وڏي اهميت رکي ٿو؛ ان ڪري جو، اهو ڪو جهڙو تهڙو ٺاهہ نہ هوندو

آهي. انهيءَ سمجهوتي ۾ بينڪي سرشتو ۽ نئون قومي وچيون طبقو شامل هوندا آهن. بينڪي نظام جا طرفدار اهو سمجهڻ لڳندا آهن ته عوام هر شيءِ کي تباهه ڪري سگهي ٿو. ٽٽل پليون، تباهه ٿيل ڪيت، جبر ۽ تشدد ۽ سخت جنگ، اقتصادي سرشتي کي ڊانواڊول ڪري ڇڏيندي آهي. سمجهوتو قومي وچولي طبقي لاءِ به نيڪ فال هوندو آهي، ڇاڪاڻ ته ان کي اپرندڙ طوفان جي امڪاني نتيجن جي ڪابه خبر نه هوندي آهي، ۽ هو جائز نموني ڊنل هوندو آهي ته ڪٿي هو پاڻ انهن عظيم طوفاني لوڏن ۾ پاڙان پٽجي نه وڃي. اهوئي سبب آهي جو هو سامراجي سرمائيدار کي چوندو رهندو آهي ته "اسان اڃا به انهيءَ خونريزيءَ کي روڪي سگهون ٿا. عوام کي اڃا به اسان تي اعتماد آهي ۽ جيڪڏهن توهان هر شيءِ کي تباهه ٿيل ڏسڻ نه ٿا چاهيو ته هڪدم فيصلو ڪريو." انهيءَ کان هڪ قدم اڳتي اڳتي ــ ۽ هاڻي قومي جماعت جو سربراهه انهن تشدد وارين ڪارواين کان الڳ نظر اچڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. هو اهو اعلان ڪندو آهي ته سندس، "مائو مائو تحريڪ" سان، دهشت پسندن سان ۽ خونريزي ڪندڙن سان ڪوبه واسطو ڪونهي. هو وڌ ۾ وڌ ايترو ڪندو آهي ته دهشت پسندن ۽ ڌارين ڦورو سرمائيدارن جي وچ ۾ غير جانبدار علائقي ۾ بيهي ٺاهه ڪرائڻ لاءِ پنهنجون خدمتون رضا خوشيءَ سان آڇيندو آهي. اهو هن ريت ته جيڪڏهن ڌاريو (سامراجي) ۽ مائو مائو تحريڪ هڪٻئي جي سامهون اچڻ لاءِ تيار نه آهن، ته اهو قومي رهنما خود ڳالهائڻ لاءِ تيار آهي. اجهو ائين قومي جدوجهد جو پويون حصو ۽ ماڻهن جي اها جماعت، جيڪا ڌارين لٽيرن سان پنهنجو ناتو پوريءَ ريت نه ٽوڙيندي آهي، هڪ بولاتيءَ سان ڳالهه ٻولهه ۽ ٺاهه جي معاملي ۾ اڳري نظر ايندي آهي. انهيءَ جو چٽو ڪارڻ هيءُ آهي ته هن اڃا سامراجي حڪمرانن سان پنهنجي لاڳاپي کي ختم ئي نه ڪيو هو.

ان کان پهرين جو ڳالهه ٻولهه شروع ٿئي، انهن قومي جماعتن جي گهٽائي "ظلم ۽ تشدد" جي وضاحت ۽ ان جي باري ۾ بهانا پيش ڪرڻ ۾ لڳي ويندي آهي. اهي قومي جماعتون اهو ڪڏهن ڪونه چونديون ته عوام کي طاقت استعمال ڪرڻي ئي پوندي آهي، ڪڏهن ته اهي جماعتون تشدد وارين ڪارواين جي مذمت به ڪنديون آهن، جن ڪارواين کي سامراجي ملڪ جي عام راءِ ۽ اخبارون ظاهر ظهور نفرت لائق قرار ڏينديون آهن. انهيءَ انتها کان وڌيڪ رجعت پسند حڪمت عمليءَ جو جائز بهانو قومي ليڊر اهو پيش ڪندا

آهن ته ”هر شيءِ کي معروضي حالتن مطابق ڏسڻ گهرجي.“ پر قومي جماعتن جي سربراهن ۽ ديسي دانشورن جو هيءُ روايتي لاڙو ذرو به معروضي حقيقت پسنديءَ تي ٻڌل نه هوندو آهي، ڇو ته اهي هن ڳالهه سان متفق ئي نه هوندا آهن ته ”عوام جو هيءُ بي اختيار تشدد، عوام جي مفاد جي تحفظ جو بهترين ذريعو هوندو آهي.“ ان کانسواءِ ڪجهه ماڻهو اهڙا به هوندا آهن، جيڪي تشدد وارين ڪارواين کي بي اثر عمل سمجهندا آهن. انهيءَ سلسلي ۾ هو ڪنهن به شڪ شبهي ۾ مبتلا نه هوندا آهن. هو سمجهندا آهن ته طاقت جي ذريعي سامراجي ظلم ۽ تشدد جي خاتمي جي ڪوشش ڪرڻ اجائي آهي ۽ اها خودڪشيءَ جي برابر آهي. اهو يقين هنن جي ذهنن ۾ هن ڪري پيدا ٿيندو آهي، جو سندن ذهنن جي اندرين خانن ۾ سامراج جون ٿينڪون ۽ سندن هوائي جهاز هر وقت موجود رهندا آهن. جڏهن به انهن کي چئو ته ”هاڻي عمل جو وقت آهي،“ ته اهي هڪدم پاڻ تي بم وسندي، توبن سان گولہ باري ٿيندي ۽ پوليس جي فائرنگ ۽ لنبازي ٿيندي ڏسندا آهن ۽ ماٺ ڪيو ويٺا هوندا آهن. اهي جنگ شروع ٿيڻ کان اڳ ۾ شڪست کائي ويندا آهن. پر تشدد واري طريقي سان فتح حاصل ڪرڻ ۾ سندن نااهليت کي چٽيءَ ريت بيان ڪرڻ جي ڪابه ضرورت ناهي. اهي پنهنجي روزمره جي زندگيءَ ۾ ۽ پنهنجين سياسي چالن ۾ پنهنجي انهيءَ ايمان تي قائم رهندا آهن. اهي اهڙين ٻارائين سوچن ۾ مبتلا رهندا آهن، جن جي خلاف اينگلس، موسيوڊرنگ سان بحث ۾ (جيڪو پاڻ ٻارائين سوچن جو منارو هو) پنهنجا مشهور دليل ڏنا هئا.

”بلڪل اهڙي طرح جيئن رابنس ڪروسو تلوار حاصل ڪئي. اسان اهو به فرض ڪريون ٿا ته فرائڊي ڪنهن ڏينهن ساجهر پنهنجي هٿ ۾ پريل پستول کڻي ظاهر ٿي سگهي ٿو، ۽ پوءِ انهي ڏينهن کان تشدد جو سارو تعلق بدلجي ويندو. پوءِ فرائڊي حڪم ڏيندو ۽ ڪروسو ڪم ڪندو..... اهڙيءَ ريت پستول تلوار تي فتح حاصل ڪري وٺندو ۽ من گهڙت ڳالهين تي ايمان آڻيندڙ انتهائي سادو سودو ماڻهو به بنا ڪنهن شڪ شبهي جي انهيءَ نتيجي تي پهچي ويندو ته تشدد رڳو ارادي جي طاقت جو نتيجو نه هوندو آهي، بلڪ پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ان کي ڪن نوس بنيادي شرطن جي موجودگيءَ جي ضرورت پوندي آهي ــ خاص طرح تشدد جي اوزارن جي! اهي اوزار جيترا وڌيڪ جديد ۽ سڌريل هوندا، اوترو ئي وڌيڪ اهي پرائن اوزارن جي مقابلي ۾ ڪامياب ويندا. ان کان به وڌيڪ اهو ته اهڙن اوزارن جي پيدا

ڪرڻ جي صلاحيت هيءَ ڳالهہ ظاهر ڪري ٿي تہ وڏيڪ سڌريل هٿيار پيدا ڪندڙ (اڄڪلهہ جي زبان ۾ هٿيار ٺاهيندڙ) پرائي قسم جي هٿيار ٺاهيندڙ تي سوپ حاصل ڪري وٺندو. مختصر هيءُ تہ تشدد جي ڪاميابيءَ جو دارومدار هٿيارن ٺاهڻ تي، ۽ هٿيار ٺاهڻ جو دارومدار عام پيداوار تي، معاشي قوت تي، حڪومت جي اقتصادي حالت تي ۽ نيٺ انهن معاشي ذريعن تي آهي، جن کي تشدد استعمال ڪري ٿو(١).”

حقيقت ۾ اصلاح پسند رهنمائن وٽ اهو چوڻ کان سواءِ ٻيو ڪي ڪين هوندو آهي تہ ”توهان نيٺ سامراجين سان ڪهڙي آڌار تي جنگ ڪرڻ هليا آهيو؟ ڇا پنهنجن ڇاڪُن سان وڙهندؤ يا پنهنجين پرائين بندوقن سان لڙائي ڪندؤ؟“

هيءُ سچ آهي تہ جڏهن تشدد پنهنجو عمل شروع ڪندو آهي تہ اهي هٿيار اهميت حاصل ڪري وٺندا آهن، ڇو تہ آخرڪار هر ڳالهہ انهن هٿيارن جي ورهاست تي دارومدار رکي ٿي. ليڪن ٿئي ڇا ٿو؟ غلام ملڪن جون آزاديون انهن ڳالهين تي نئين روشني وجهن ٿيون. مثال طور اسان اهو ڏسي چڪا آهيون تہ اسپيني جنگين ۾ (جيڪي صحيح معنيٰ ۾ بيٺڪي جنگيون هيون) 1810ع جي بهار واريءَ مند ۾ نيپولين چار لک فوج سان حملو ڪيو، جنهن کي اسپيني ماڻهن ناڪام بنايو ۽ نيپولين کي پوئتي هٽڻو پيو هو. باوجود انهيءَ جي تہ فرانسيسي فوجن پنهنجن هٿيارن، سپاهين جي بهاديريءَ ۽ فوجي سربراهن جي جنگي قابليت جي ڪري ساري يورپ کي ڏڪائي ڇڏيو هو. نيپولين جي عظيم فوجي قوت جي پيٺ ۾ اسپيني ماڻهن پختي قومي جذبي سان سرشار ٿي، گوريلا جنگ جو طريقو اختيار ڪيو، جيڪو طريقو پنجويهہ سال اڳ آمريڪي فوجي سپاهين انگريزي فوج جي مقابلي ۾ استعمال ڪيو هو.

سامراجيت جي آغاز ۾ رڳو هڪ فوجي دستو ئي وڏن وڏن ملڪن تي قبضو ڪري سگهندو هو، جيئن ڪانگو، نائجيريا، آئيوري ڪوسٽ وغيره ۾ ٿيو، ليڪن اڄ غلام ملڪن جي قومي جدوجهد هڪ نئين عالمي صورتحال ۾ نمايان ٿي چڪي آهي. شروع شروع ۾ سرمائيداراڻو نظام غلام ملڪن کي ڪچي مال جون ڪاٿيون سمجهندو هو، جن کي واپاري شين ۾ بدلائي، يورپي مارڪيٽن ۾ وڪڻڻ گهرجي. سرمائي ڪاريءَ جي هڪ رخ جي تڪميل کان پوءِ سرمايہ داراڻي نظام اڄ واپاري نفعي ميڙڻ جي تصور ۾ ترميم ڪري ورتي آهي. هاڻي بيٺڪي ملڪ خود مارڪيٽون بنجي ويا آهن. بيٺڪن جي آبادي

(١) اينگلس اينٽي ڊوهرنگ، حصو ٻيو، باب ٽيون، ”تشدد جو نظريو“، صفحو 199.

هاڻي خريدار بنجي، واپاري سامان خريد ڪرڻ لاءِ تيار آهي. پوءِ نتيجي طور جيڪڏهن فوجن کي دائمي طرح وڏائڻ ضروري آهي ته خريد فروخت ۾ ڪجهه گهٽتائي ٿئي ٿي، يعني جيڪڏهن تيار مال جي روانگي نه ٿي ٿئي ته اهو هن ڳالهه جو چٽو ثبوت آهي ته فوجي طاقت سان مسئلن جو حل ممڪن ناهي. غلاميءَ جي بنياد تي انڌو اقتدار سامراجي ملڪ جي سرمائيدار لاءِ معاشري طور سازگار ناهي. انهيءَ سرمائيدار طبقي جو اجاريدار اهڙيءَ حڪومت جي پٺيرائي نه ڪندو، جنهن جي حڪمت عملي رڳو تلوار جي زور تي حڪومت ڪرڻ هجي. سامراجي ملڪن جا مل مالڪ ۽ سرمائيدار پنهنجين حڪومتن مان جنهن ڳالهه جي اميد رکن ٿا، اُها اها ناهي ته اهي حڪومتون غلام ماڻهن کي ختم ڪن، پر اها اميد هيءَ آهي ته اهي حڪومتون اقتصادي قانونن جي مدد سان انهن (مل مالڪن ۽ سرمائيدارن) جي جائز مفادن جي حفاظت ڪن. اهڙيءَ ريت سرمائيداري ۽ انهن قوتن جي وچ ۾ (جن قوتن جي وسيلي غلام ملڪن ۾ تشدد جنم وٺندو آهي) هڪ قسم جي تحريري سازش جو رشتو قائم ٿي ويندو آهي. ان کان سواءِ اڄ ديسي ماڻهو ظالم جي مقابلي ۾ اڪيلو ناهي، ڇاڪاڻ ته ڪيس ترقي پسند ملڪن ۽ عوام جي سياسي ۽ سفارتي مدد حاصل آهي. ليڪن سڀ کان وڌيڪ ڳالهه ته مقابلو جاري آهي؛ يعني اها بي رحميءَ جي جنگ، جيڪا مختلف سرمائيدار ملڪ پاڻ ۾ وڙهي رهيا آهن. هڪ برلس ڪانفرنس منعقد ٿي، جنهن آفريڪا جا ٽڪرا ڪري ڇڏيا ۽ ان کي ٽن يا چئن سامراجي طاقتن جي جهنڊن هيٺ ورهائي ڇڏيو. اڄوڪي صورتحال ۾ هيءَ ڳالهه اهم ناهي ته آفريڪا جو ڪو خاص علائقو فرانس يا بيلجئم جي حڪومت ۾ شامل آهي، بلڪ اهم هيءَ ڳالهه آهي ته انهن جي اقتصادي ڦرلٽ جا مختلف حلقا اڃا تائين قائم آهن ۽ مڃيا وڃن ٿا. پر اڄ پُرتشدد جنگيون ڪنهن باغي سلطان جي خلاف نه ٿيون وڙهيون وڃن، اڄ هر شئي ۾ وڌيڪ نفاست پسندي اچي ويئي آهي ۽ رتوڇاڻ ڪان پرهيز ڪئي وڃي ٿي. اڄ جيڪڏهن ڪاسترو جي حڪومت جو خاتمو ٿيو ته امن ۽ شائستگيءَ سان ٿيندو. اڄ هو گنيءَ کي تباهه ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪن ٿا ۽ مصدق کي ختم ڪري ڇڏين ٿا. ان ڪري قومي جماعتن جا سربراهه، جيڪي تشدد کان ڊڄي، اهو سوچين ٿا ته سامراجي طاقت "اسان سڀني کي تباهه ڪري ڇڏيندي"، غلطيءَ تي آهن. هيءُ سچ آهي ته فوج "ٽين جي سپاهين" جو ڪيل ڏيکاريندي رهندي، جيڪو غلام ملڪ جي فتح جي وقت کان ٿي رهيو آهي.

ليڪن سرمائي جي طاقت سگهوئي انهن کي حقيقت کان واقف ڪري ڇڏيندي. اهوئي سبب آهي جو معقوليت پسند قومي سياسي جماعتن کي چيو ويندو آهي تہ اهي پنهنجا مطالبا نهايت چٽي نموني سان پيش ڪن، ۽ غير ملڪي ڦورن سان پرسڪون انداز ۾ جذباتي ٿيڻ کان سواءِ مسئلن جو اهڙو حل ڳولين، جيڪو ٻنهي لاءِ فائديمند هجي. اسان اهو ڏسون ٿا تہ اها قومي اصلاحي ذهنيت، جيڪا گهڻو ڪري نقلي ٿريڊ يونين وانگر نظر ايندي آهي، جڏهن ڪم ڪندي ڪامياب ٿيندي آهي، تہ هميشه انتهائي پر امن صورت اختيار ڪندي آهي: مثال طور شهر جي ڪجهہ ملن ۾ ڪم بند ڪرائڻ، رهنمائن جي راضپي لاءِ عوامي مظاهرا ڪرائڻ، بسن يا ٻاهران آيل مال جو بائيڪاٽ ڪرائڻ وغيره. اهڙي قسم جون تحريڪون هڪ ئي وقت ٻہ ڪم ڪنديون آهن: سامراجي طاقت تي دباءُ ٻہ وجهنديون آهن ۽ ماڻهن کي پنهنجيءَ طاقت آزمائيءَ جو موقعو ٻہ ڏينديون آهن. بيهوشيءَ جي وسيلي اهو علاج، ننڊ جي ذريعي عوام جي علاج جو هيءُ طريقو، ڪڏهن ڪڏهن ڪامياب ٻہ ٿي ويندو آهي. پوءِ بخمل سان سينگاريل ميز جي ڪانفرنس جو نتيجو، اهي سياسي چونڊون هونديون آهن، جيڪي گابان ريپبلڪ جي صدر مسٽر مابا کان (هڪ سرڪاري دوري تي پيرس ۾ اچڻ وقت) تمام سنجيدگيءَ سان اهو اعلان ڪرائينديون آهن تہ "گابان آزاد ٿي چڪو آهي، مگر گابان ۽ فرانس جي وچ ۾ ڪابہ تبديلي نہ ٿي آهي. سڀ ڪجهہ اڳ وانگر ئي ٿي رهيو آهي." حقيقت ۾ تبديلي صرف ايتري هئي هئي تہ هاڻي مسٽر مابا، گابان ريپبلڪ جو صدر آهي ۽ فرانسيسي صدر ڪيس مرحبا چئي رهيو آهي.

مقامي ماڻهن کي پُرسڪون رکڻ جي ڏس ۾ ڌارئين ڦوروءَ جي مدد مذهب طرفان ٻہ ٿيندي آهي. انهن مڙني اوليائن (پيغمبرن) جو مطالعو ڪيو ويندو آهي، جن هڪ ڳل تي چماٽ لڳڻ وقت ٻيو ڳل پيش ڪيو هو؛ جن پنهنجي خلاف هر ڏوهہ کي معاف ڪيو هو، ۽ جيڪي ظلم سهڻ جي باوجود ثابت قدم رهيا هئا. اهڙن ولين کي مقامي ماڻهن جي سامهون مادل يا نموني طور پيش ڪيو ويندو آهي. ٻئي طرف غلام ملڪ جا دانشور، بظاهر آزاد غلام تحريڪ جي سربراهيءَ ۾ آخرڪار هڪ ٻيءَ ڇڪتاڻ کي جنم ڏيندا آهن. اهي پنهنجن ڀائرن جي غلاميءَ کي آقائن جي شرمندگيءَ لاءِ استعمال ڪندا آهن، يا وري انهن ظالمن جي اقتصادي حريفن لاءِ هڪ عجيب قسم جي انسان دوستيءَ تي ٻڌل نظرياتي حڪمت عملي ٺاهيندا آهن. حقيقت هيءَ آهي تہ هو

ذڪر ڪيل غلامن کي صحيح معنيٰ ۾ متاثر نہ ڪندا آهن. اهي ڪين ٻوس طريقي تي ڪڏهن بہ متحرڪ نہ ڪندا آهن. ان جي ابتڙ فيصلي ڪُن گهڙيءَ ۾ (جيتوڻيڪ انهن وٽ اها گهڙي شڪ شبهي جي هوندي آهي) اهي عوامي تحريڪ جي خطري جو جهنڊو جهولائيندا آهن، ۽ وٽن اهوئي فيصلي ڪن هٿيار هوندو آهي، جيڪو ڪنهن طلسمي طاقت سان سامراجي حڪومت جو خاتمو ڪري ڇڏيندو. ظاهر ڳالهہ آهي تہ سياسي جماعتن ۽ انهن جي اڳواڻن ۾ ڪي اهڙا انقلابي هوندا آهن، جيڪي قومي آزاديءَ جي انهيءَ تماشي کان منهن موڙيندا آهن، پر جلدي ئي ائين ٿيندو آهي جو انهن (منهن موڙيندڙ انقلابين) جا سوال، انهن جي عملي قوت ۽ انهن جو ناراضپو جماعت جي ڪارڪردگيءَ ۾ خلل وجهڻ لڳندو آهي. پوءِ اهڙا ماڻهو آهستي آهستي جماعت ۾ اڪيلا ٿيندا ويندا آهن. اهڙيءَ ريت بلڪل آسانيءَ سان انهن کي جماعت مان ٻاهر ڪڍي ڦٽو ڪيو ويندو آهي. انهيءَ گهڙيءَ جهڙوڪر بن متضاد قوتن ۾ سمجهوتو ٿيو هجي. انهن ناراض ٿي نڪتل ماڻهن تي سامراجي پوليس ڇاپا هڻندي آهي. شهرن ۾ پاڻ کي محفوظ نہ سمجهندي اڳوٽي جماعت جي جوشيلن ڪارڪنن جي نفرت کان بچندي ۽ سربراهن جي ڏڪار سبب اهي اڻ وٽندڙ شعلہ صفت ماڻهو ٻهراڙين ڏانهن رخ رکندا آهن. انهيءَ موقعي تي اهي ناراض ماڻهو، اهو ڏسي حيران ٿي ويندا آهن تہ هارين ۾ سندن ڳالهہ مهاڙ باهہ جي تيزيءَ وانگر پکڙي ويندي آهي ۽ هاري کانئن اهڙا سوال پڇندا آهن، جن جي جواب لاءِ هو اڳ تيار نہ هوندا آهن: "اسان پنهنجو ڪم ڪڏهن شروع ڪريون؟" (هارين جو سوال)

شهر کان ايندڙ انقلابين ۽ هارين جي ميلاپ جو ذڪر پوءِ ايندو. هن وقت اسان کي سياسي جماعتن ڏانهن موٽڻ گهرجي تہ جيئن انهن جي ڪم جي حقيقت جو اندازو ٿي سگهي، جيڪو ڪم بهرحال ترقي پسندانہ هوندو آهي. پنهنجين تقريرن ۾ سياسي ليڊر قوم کي هڪ نالو ڏيندا آهن ۽ اهڙيءَ ريت غلام ماڻهن جا مطالبا هڪ شڪل ۾ ظاهر ٿيندا آهن. تڏهن بہ انهن ليڊرن وٽ نہ تہ ڪو واضح موضوع هوندو آهي ۽ نہ وري ڪو ڪم. سياسي طريقو وٽن رڳو هڪ ميرانجهڙو خاڪو يا ڍانچو هوندو آهي. ان جي باوجود، ان جي نوعيت قومي هوندي آهي، جنهن کي اسان "گهٽ ۾ گهٽ مطالبن" جو نالو ڏيون ٿا. اهي سياستدان جيڪي تقريرون ڪندا آهن ۽ قومي اخبارن ۾ مضمون لکندا آهن. ماڻهن کي خواب ڏيکاريندا آهن، هونئن تہ اُهي حڪومت جي تختي

اونڌي ڪرڻ ڪان پرهيز ڪندا آهن، پر هو ٻڌندڙن ۽ پڙهندڙن جي دلين ۾ حڪومت جي تختي اونڌي ڪرڻ لاءِ زبردست جوش ۽ جذبو پيدا ڪندا آهن. گهڻو ٿو قومي يا قبائلي زبان ڪتب ايندي آهي. ان موقعي تي به خوابن جي چرپر ٿيندي آهي ۽ خيالي قوت سامراجي سرشتي کان ٻاهر اڏامڻ لڳندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن اهي سياستدان "اسان شيدي"، "اسان عرب" واري زبان به استعمال ڪندا آهن. اهي اصطلاح جيڪي هڪٻئي جي بنهه ابتڙ هوندا آهن، سي سامراجي دور ۾ آهستي آهستي بنهه پاڪ مطلب حاصل ڪري وٺندا آهن. اهڙيءَ ريت قومي سربراهه حقيقت ۾ باهه سان ڪيڏندا رهندا آهن. هڪ آفريڪي رهنما چواڻي (جنهن ويجهڙائيءَ ۾ نوجوان دانشورن جي هڪ گروهه کي مشورو ڏنو آهي) ته "عوام سان ڳالهائڻ کان اڳ ۾ چڱيءَ طرح سوچيو ويچاريو، ڇوته عوام جلد ئي جوش ۾ اچي ويندو آهي." اها انهن خوفناڪ راندين مان هڪ راند آهي، جيڪا تقدير غلام ملڪن ۾ ڪيڏندي رهندي آهي. جڏهن سياسي اڳواڻ ڪو عام ميڙ ڪرائيندو آهي ته ائين لڳندو آهي، جڻ فضا رت ٿاڻي ٿي ويئي آهي. ليڪن اهوئي رهنما انهيءَ ڳالهه جو خاص خيال رکندو آهي ته عوام هر طاقت جو مظاهرو نه ڪري، ۽ ڪم ائين ٿئي جو ان طاقت استعمال ڪرڻ جي ضرورت پيش نه اچي. پوءِ به اهڙي نموني سان پيدا ٿيل بيقراري، اڇ وڇ، تقريرون ٻڌڻ، ماڻهن کي هيڪاندو گڏ ٿيل ڏسڻ، سندن چوڦير پوليس کي ڏسڻ، فوجي مظاهرا، گرفتاريون، ليڊرن جي جلاوطني — اهو سڀ ڪجهه ماڻهن کي اهو سمجهڻ تي مجبور ڪندو آهي، ته هاڻي عمل جو وقت اچي ويو آهي. انهيءَ انتشار واري دور ۾ سياسي جماعتون ڪاٻي طرف کان امن امان جون اپيلون ڪرڻ ۾ واڌارو ڪنديون آهن ۽ ساڄي طرف سندن نگاهون سامراجي آسمان جي ڪناري تي لڳل هونديون آهن ته جيئن سامراج جي "آزاد خيال" اِرادن جي خبر پئجي سگهي.

اهڙيءَ ريت ماڻهو سماجي زندگيءَ جي ڪن واقعن کي پنهنجي انقلابي جوش جذبي کي زنده رکڻ ۽ پنهنجي تياريءَ جو ذريعو بنائيندا آهن. مثال طور اهو ڏاڙيل جيڪو گهڻي وقت کان پنيان پيل پوليس جو مقابلو ڪري ٿو يا اهو جيڪو وڙهندي چئن پنجن پوليس وارن کي ماري پوءِ مري ٿو، يا اهو شخص جيڪو انهيءَ ڪري خودڪشي ٿو ڪري ته ڪٿي ساڻين جا نالا نه ٻڌائڻا پون، اهڙي قسم جا ماڻهو عوام لاءِ واٽ جي لاٽ ٿي ويندا آهن ۽ عمل جو نمونو پيش ڪري هيرا بنجي ويندا آهن. ظاهر آهي ته اهڙين حالتن ۾ اهو ٻڌائڻ ته

فلاڻو هيرو، چور، بدمعاش ۽ اوباش آهي، وقت وڃائڻ کان سواءِ ڪجهه به نه آهي. جيڪڏهن اهڙو شخص سامراجي حاڪمن طرفان سزا جو لائق رڳو ان ڪري هوندو آهي، جو سندس ڏوهه ڌارين ڦورو شخصن کي مارڻ يا سندن ملڪيتون ڦٽائڻ آهي. اهڙيءَ حالت ۾ ڏوهه جي حدبنديءَ جي هيءَ ليڪ چٽي ۽ مقرر ٿيل هوندي آهي. اهڙيءَ طرح هڪ چور جي هڪ قومي هيري سان هڪجهڙائي خواهه مخواهه پيدا ٿي ويندي آهي. مواد جي اهڙيءَ ريت پڇي پختي ٿيڻ واريءَ صورت ۾ غلام ملڪ جي فتح وقت مقامي ماڻهوءَ طرفان مقابلي جي تاريخ جي ڪردار کي سامهون رکڻ ضروري آهي. غلام ماڻهن ۽ ملڪن ۾ عظيم شخصيتون اُهي سمجهيون ويندیون آهن، جن حملي ڪندڙن جي خلاف قومي مزاحمت جي تحريڪ جي رهنمائي ڪئي هوندي آهي. "جهانزن، سونڊياتا، سموري، عبدالقادر"ــ انهن سڀني جي ياد انقلابي تحريڪ شروع ٿيڻ کان اڳ حيرت انگيز نموني ٻيو دفعو جيئري ٿي ويندي آهي. اهو انهيءَ ڳالهه جو ثبوت هوندو آهي ته ماڻهو اڳتي وڌڻ لاءِ ٻيو ڀيرو تيار ٿيڻ لڳا آهن ۽ ان وقت تائين ماڻ نه ويهندا، جيسين تائين ان بيئل دور جو خاتمو نه ڪن، جيڪو سامراجيت کان شروع ٿيو آهي ۽ اهڙيءَ ريت هو پنهنجي تاريخ جوڙيندا آهن.

هڪ نئين قوميت اُپرڻ ۽ سامراجي نظام جي شڪست جا ٻه سبب ٿيندا آهن. (١) عوام جي پنهنجي هٿياربند جدوجهد (٢) يا ڀرپاسي وارن غلام ماڻهن جي هلچل، جيڪا انهيءَ سامراجي حڪومت جي انتظام ۾ خلل وجهي.

غلام ماڻهو اڪيلا نه هوندا آهن. سامراج ڪهڙا به وس ڪري، غلام ملڪن جون سرحدون نون خيالن ۽ ٻاهرين دنيا جي واقعن جي پڙاڏن لاءِ هميشه کليل هونديون آهن. غلام ماڻهو اهو سمجهي وٺندا آهن ته فضا ۾ تشدد موجود آهي ۽ هتان هُتان اهو ڦٽي به پوي ٿو ۽ ڪٿان ڪٿان سامراجي حڪومتن کي اڏائي به ڇڏي ٿو. هيءُ اهو تشدد هوندو آهي، جيڪو غلام ماڻهن لاءِ رڳو خبر جي حد تائين نه، پر عملي ميدان ۾ پنهنجو ڪم ڏيکاريندو آهي. "ڊين بين ڦو" ۾ ويٽنامين جي شاندار فتح هڪ لحاظ کان ڏسندؤ ته صرف ويٽنام وارن جي فتح نه ٿي رهي. جولاءِ 1954ع کان پوءِ غلام ماڻهو جيڪو سوال پنهنجو پاڻ کان پڇن ٿا، اهو هيءُ آهي ته "ٻيو ڊين بين ڦو" برپا ڪرڻ لاءِ هاڻي ڇا ڪجي؟ اسان ان جو بندوبست ڪيئن ڪري سگهون ٿا؟ غلاميءَ واري سرشتي ۾ جڪڙيل هڪ ماڻهو به "ڊين بين ڦو" جي امڪان تي شڪ نه ٿو ڪري. هن لاءِ مسئلو هيءُ آهي ته پنهنجيءَ طاقت کي بهتر کان بهتر نموني

ڪيئن استعمال ڪجي؛ ماڻهن کي ڪيئن منظم ڪيو وڃي ۽ انهن کي ڪهڙي وقت ميدان عمل ۾ آندو وڃي. ڀرپاسي جو هيءُ تشدد رڳو غلام ماڻهن کي متاثر ناهي ڪندو، پر اهو سامراجين جي لاڙن کي به ترميم ڪرائيندو آهي، جيڪي هاڻي ڪيترن "ڊين بين ڦو" جي امڪانن مان واقف ٿيندا آهن. اهوئي سبب آهي جو سامراجي حڪومتن کي ڏڪڻي وٺي ويندي آهي. انهن جي ڪوشش هوندي آهي ته اڳتي وڌن، آزاديءَ جي تحريڪ کي ساڄي طرف موڙين ۽ عوام کان هٿيار ڦري وٺن. هڪدم بينڪي سرشتي کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ٿيندي آهي. "ڪانگو ۾ سامراجي نظام ختم ٿيڻ گهرجي. ڪٿي ائين نه ٿئي جو اهو هڪ ٻيو الجزائر بنجي وڃي. پوري آفريڪا ۾ آئيني نظام لاءِ بل پاس ڪريو. فرانسيسي دولت مشترڪ قائم ڪريو. انهيءَ دولت مشترڪ کي نئين سر منظم ڪريو. مگر خدا جي واسطي سامراجي نظام کي جلدي ختم ڪريو"..... ۽ سامراجي شڪست جو ڪم ايترو جلد ۾ ٿيڻ لڳندو آهي، جو هوفو بوائگنيءَ تي آزادي مڙهي ويندي آهي. غلام ماڻهن جي "ڊين بين ڦو" جي جواب ۾ سامراجي گهيري ڪرڻ واري پاليسيءَ تي عمل ڪندا آهن. ليڪن في الحال اسان کي تشدد جي طرف واپس اچڻو آهي. ان تشدد ڏانهن، جيڪو ڪل جي هيٺان ڦٽي نڪرڻ لاءِ تيار هوندو آهي. اسان اهو ڏسي چڪا آهيون ته انهيءَ تشدد پچڻ واري دور ۾ ان کي پنهنجو تابعدار ڪرڻ يا ضايع ڪرڻ لاءِ ڪيترين ئي ڪوششون ٿينديون آهن. پوءِ به باوجود انهيءَ ڳالهه جي ته سامراجي حڪومت انهيءَ تشدد کي علائقائي يا قبائلي لڙاين ۾ تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي آهي. اهو تشدد وڌندو ئي رهندو آهي. غلام ماڻهو پنهنجن دشمنن کي سڃاڻي وٺندو آهي، پنهنجي هر مصيبت کي ڄاڻڻ لڳندو آهي ۽ پنهنجي سموري ڪاوڙ ۽ نفرت انهيءَ نئين رستي تي لڳائيندو آهي. هاڻي سوال هيءُ آهي ته اهو ماڻهو تشدد واري فضا مان تشدد واري عمل ڏانهن ڪيئن وڌندو، تشدد جو بند دروازو ڪيئن کلندو آهي؟ سڀ کان پهرين ڳالهه هيءَ ته پنهنجي واڌاري ۾ هيءُ عمل ڏارئين ڦوروءَ جي هشاش بشاش زندگيءَ کي پُرسڪون رهڻ نه ڏيندو آهي ــ ديسي ماڻهوءَ کي "چڱيءَ طرح سڃاڻندڙ" ڏارئين ڦوروءَ کي هوا ۾ اڏامندڙ ڪجهه ڪڪن مان خبر پئجي ويندي آهي ته ڪجهه ٿيڻ وارو آهي. "سٺا ديسي" گم ٿيندا ويندا آهن. سامراجيءَ جي اچڻ وقت هر طرف ماڻار ڇانئجي ويندي آهي. گهڻو ڪري نگاهون بدلجي ويندیون آهن. برتاءُ ۽ جملا ظاهر ظهور چڙ ڏيارينڊڙ ۽

ڏکيا ٿي ويندا آهن. قومي سياسي جماعتن ۾ هلچل مچي ويندي آهي. انهن جي جلسن جو تعداد وڌڻ لڳندو آهي. پوليس جي تعداد ۾ واڌارو ٿي ويندو آهي. وڏيڪ فوج گهرائي ويندي آهي. ڌاريا ڦورو، خاص ڪري زميندار، جيڪي غلام ملڪ ۾ اڪيلا ٿي ويندا آهن، سي سڀ ڪان پهرين خطرو محسوس ڪندا آهن ۽ اهي اثرائتي ڪارروائيءَ جو مطالبو ڪندا آهن. حقيقت واقعي ڪجهه اثرائتا قدم کڻندي آهي. ٻه چار اڳواڻ گرفتار ٿيندا آهن. فوجي پريڊون، جنگي ڪرتب، هوائي جهازن جا مظاهرا ٿيندا آهن. ليڪن اهي مظاهرا، جنگي مشقون ۽ فضا ۾ پکڙيل بارود جي بُوءِ، ماڻهن کي پوئتي هٽائڻ ۾ ناڪام ويندا آهن. بندوقون ۽ توپون رڳو ماڻهن جي ڪاوڙ ۾ واڌارو ڪنديون آهن. ساري فضا ڊرامائي ٿي ويندي آهي ۽ هر شخص اهو ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ته هو ڪنهن ٻي شيءِ مان ڪم وٺي سگهي ٿو ۽ اهي ئي حالتون هونديون آهن، جن ۾ بندوقون پاڻهي هلڻ شروع ڪنديون آهن، ان ڪري جو رڳون وڄنديون رهنديون آهن. خوف ۽ هراس پکڙيل هوندو آهي. هر شخص بندوق جي گهوڙي جي آڌار تي خوش نظر ايندو آهي. ڪو معمولي واقعو گولي باريءَ جي بهاني لاءِ ڪافي هوندو آهي. مثال طور الجزائر ۾ ستيف، مراڪش ۾ سينٽرل ڪواريز ۽ مدگاسڪر ۽ مورا مالگا. چٽڻ ۽ چيپاٽڻ جون تمام ڪوششون، قومي شعور کي دٻائڻ جي بدران ان جي واڌاري جو سبب بنبيون آهن. شعور جي سجاڳيءَ واري وقت ۾ بيٺڪن ۾ قتل عام انهيءَ شعور کي اڃا وڌيڪ اُڀاريندو آهي، ڇو ته وڏندڙ قبرون، انهيءَ ڳالهه ڏانهن اشارا ڪنديون آهن، ته ظالم ۽ مظلوم جي وچ ۾ هر ڳالهه جو فيصلو رڳو طاقت سان ئي ممڪن آهي. هتي اهو ٻڌائڻ ضروري آهي ته سياسي جماعتون نه ته بغاوت جي دعوت ڏينديون آهن ۽ نه ئي بغاوت جي تياري ڪنديون آهن. ايذائيندڙ ڪارواين ۾ انهن مڙني ڪمن ۾، جيڪي خوف جو نتيجو هوندا آهن، سياسي رهنمائن جو ڪوبه دخل نه هوندو آهي. اهي ته رڳو واقعات جي گهيري ۾ اچي ويندا آهن. انهيءَ وقت اهو به ممڪن آهي ته سامراج قومي اڳواڻن کي گرفتار ڪرڻ جو فيصلو ڪري. ليڪن اڄ سامراجي حڪومتون اهو چڱيءَ طرح سمجهن ٿيون ته عوام کي انهن جي رهنمائن کان محروم ڪرڻ ڪيترو خطرناڪ هوندو آهي؛(١) ڇو ته اهڙن موقعن تي عوام

(١) جيئن 25 مارچ 1971ع ۾ پاڪستاني حڪومت شيخ مجيب الرحمان جي گرفتاريءَ جي غلطي ڪئي. (مترجم)

چڙواڳ ٿي "هنگامي" مچائڻ، ۽ "وحشيائي قتل عام" ۾ مصروف ٿي ويندو آهي. عوام "رت لاءِ اجايل عادتن" جون واڳون ڍريون ڪري ڇڏيندو آهي، ۽ اهڙيءَ ريت پنهنجي اڳواڻن جي آزاديءَ لاءِ سامراج کي مجبور ڪندو آهي. پوءِ انهن رهنمائن جي ذمي اهو سخت ڪم هوندو آهي ته اهي عوام کي تنظيم جي ضابطن ۾ رهڻ جي واٽ ڏيکارين. بيٺڪن جو عوام، جيڪو هڪدم پنهنجي تشدد کي سامراجي نظام جي تباهيءَ واري عظيم ڪم تي لڳائيندو آهي، سو هڪدم پاڻ کي هڪ بي فائدي نعري جي حوالي ڪندو آهي ته "ذڪر يا زيد کي آزاد ڪريو"(١) ۽ ائين سامراج بڪر يا زيد کي آزاد ڪندو آهي ۽ انهن سان ڳالهه ٻولهه شروع ٿيندي آهي. هاڻي رستن تي خوشيءَ جي ناچ جو وقت اچي ويندو آهي.

ڪن حالتن ۾ قومي سياسي جماعت جي تنظيم قائم رهندي آهي، مگر سامراجي سرشتي جي دباءَ ۽ عوام جي اوچتي ردِعمل جي ڪري جماعت جا جوشيلا ڪارڪن، جماعت کي پوئتي ڇڏي اڳتي وڌي ويندا آهن. عوام جي تشدد جي مقابلي ۾ سامراجي فوجون مورچا سنڀاليندڙ آهن ۽ صورتحال خراب ٿي فيصلي واري گهڙيءَ ۾ داخل ٿي ويندي آهي. اهي اڳواڻ جيڪي آزاد هوندا آهن، سي هڪ پاسي رهڻ تي مجبور ٿي ويندا آهن ۽ پنهنجيءَ نوڪر شاهيءَ ۽ وڇٽرن مطالبن سان هڪدم بي معنيٰ ۽ احمق نظر ايندا آهن. پوءِ به اسان ڏسون ٿا ته اهي ماڻهو اصلي واقعن کان بلڪل الڳ ٿلڳ هڪ بنهه وڏو مورچو قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ اهو هي ته اهي "خاموش اڪثريت يا قوم" جي نالي تي ڳالهائيندا آهن. عام طرح سامراج انهن کي خدا جي رحمت سمجهي گلي لڳائيندو آهي ۽ هڪدم انهيءَ شرط تي ملڪ کي آزاد ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندو آهي ته اُهي ليڊر امن امان بحال ڪن. اهوئي سبب آهي جو اسان ڏسندا آهيون ته سڀ سياسي جماعتون انهيءَ تشدد جي طاقت کان واقف هونديون آهن؛ پر هن وٽ اهو سوال هميشه نه هوندو آهي ته انهيءَ سامراجي تشدد جو جواب وڏيڪ وڏي تشدد سان ڏنو وڃي، پر ڪنهن نموني سان ڇڪتاڻ کي گهٽ ڪيو وڃي.

انهيءَ تشدد جي اصلي حقيقت ڇا آهي؟ اسان اهو ڏسي چڪا آهيون ته غلام عوام هيءَ ڳالهه وجداني طريقي سان سمجهي وٺندو آهي ته انهن کي

(١) اهو ٿي سگهي ٿو ته گرفتار رهنما حقيقت ۾ بيٺڪي عوام جو نمائيندو هجي. اهڙيءَ صورت ۾ سامراج انهيءَ جي گرفتاريءَ واري وقت کي نون اڳواڻن جي تياري لاءِ استعمال ڪري، جيڪي سندن لاءِ فائديمند هجي.

آزادي صرف تشدد جي ذريعي ملڻ گهرجي ۽ ملي سگهي ٿي. سوال هيءُ آهي ته اها روحاني گڙبڙ ڪهڙي قسم جي هوندي آهي، جو اهي بڪيا ۽ ڪمزور مائهو بنا ڪنهن طريقي جي سامراج جي فوج ۽ اقتصادي قوت جي مقابلي ۾ انهيءَ ڳالهه تي ايمان آڻيندا آهن ته رڳو تشدد ئي انهن کي آزادي ڏياري سگهي ٿو. نيٺ هو فتح جي اميد ڪهڙي آڌار تي ڪندا آهن؟ اهو ائين ٿيندو آهي، جو تشدد (جيڪو انتهائي ذليل شئي آهي) ڪنهن سياسي جماعت جي تنظيم جو حصو هئڻ ڪري، انهيءَ جماعت جو نعرو بنجي ويندو آهي. ائين عوام کي سندن رهنما لڙائي جهڳڙي لاءِ اپاري به سگهندا آهن. جڏهن جنگ باز جرمني پنهنجي سرحدي تڪرارن کي طاقت جي ذريعي نبيرڻ جي دعويٰ ڪندي آهي ته اسان کي ذرو به اچرج نه ٿيندو آهي؛ پر جڏهن انگولا جو عوام هٿيار کڻڻ جو فيصلو ڪندو آهي يا الجزائر جا مائهو هٿياربند جدوجهد کان سواءِ ٻين سڀني طريقي کي رد ڪندا آهن، ته اهو ان ڳالهه جو اهڃاڻ آهي ته ڪجهه ٿيو آهي يا ٿيڻ وارو آهي. بيٺڪي قومون، هن زماني جا غلام، ڏاڍا بي صبرا هوندا آهن. اهو سمجهندا آهن ته هي ظاهري حماقت ئي ڪين سامراجي ظلمن مان نجات ڏيارينديِ. ان ريت دنيا ۾ نوان رابطا پيدا ٿيندا آهن. اڻ سڌريل ملڪ پنهنجي زنجيرن کي ٽوڙڻ چاهيندا آهن ۽ وڏي ڳالهه ته اهي ڪامياب ٿيندا آهن. هتي اهو چئي سگهجي ٿو ته هن زماني ۾ بک وگهي مرڻ ڪل جهڙي ڳالهه آهي. ليڪن غلام ملڪن جي رهواسين جا دليل وڏيڪ حقيقت تي ٻڌل آهن. سچي ڳالهه ته هيءَ آهي ته اڄ ڪابه اهڙي سامراجي حڪومت ناهي، جيڪا ڪنهن اهڙي مقابلي لاءِ تيار هجي، جنهن ۾ ڪاميابي نظر اچي ـــ يعني پنهنجي اقتدار کي قائم رکڻ لاءِ ڊگهي عرصي تائين وڏي فوج قائم رکڻ. جيستائين سامراجي ملڪن جي اندروني صورتحال جو واسطو آهي ته اهي پنهنجن اندروني تضادن جو شڪار رهندا آهن. مزدور طبقو حق گهرندو آهي، ۽ انهن کي روڪڻ لاءِ سرمائيدارن کي پوليس جي طاقت استعمال ڪرڻ جي ضرورت پوندي آهي. ان کان سواءِ اڄ جي عالمي صورتحال ۾ انهن سامراجي ملڪن کي پنهنجي بچاءَ لاءِ به فوجن جي ضرورت پوندي آهي ـــ ۽ سڀ کان آخر ۾ اُهي داستان، جيڪي آزاديءَ جي تحريڪ جي باري ۾ مشهور آهن، جن کي ماسڪو مان ترتيب ڏني ويندي آهي. سامراج جو ڳٽتيءَ وارو منطق هيءُ هوندو آهي ته "جيڪڏهن اهو سڀ ڪجهه ٿيندو رهيو، ته پوءِ خطرو آهي ته ڪميونسٽ انهيءَ گڙبڙ مان فائدو وٺي، انهن علائقن ۾ داخل ٿي ويندا."

ديسي ماڻهن جي امنگن ۾ريءَ دل مان هن حقيقت افروز اعلان جو ظاهر ٿيڻ تہ "اسان ظاهر ظهور طاقت استعمال ڪري آزادي وٺنداسون"، اهو ثابت ٿو ڪري تہ اهي موجوده صورتحال جي هر رخ کان چڱيءَ ريت واقف آهن، ۽ انهيءَ صورتحال مان فائدو وٺڻ چاهين ٿا. پوءِ بہ فوري تجربي جي سطح تي اهي ديسي ماڻهو، جن نئين دنيا کي پنهنجي سر زمين جي هر ڪنڊ ۾ پکڙندي ڏٺو آهي، انهيءَ ڳالهہ جو شديد احساس رکندا آهن تہ وٽن سڀ ڪجهہ ناهي. عوام هڪ قسم جي (جيڪڏهن اهو چوڻ مناسب هجي) ٻاراڻي منطق سان پاڻ کي سمجهائيندا آهن تہ ڪائنئن اهي سڀ شيون ڦريون ويون آهن. اهوئي سبب آهي جو ڪن پٽتي پيل ملڪن ۾ عوام ڏاڍو تيزيءَ سان اڳتي وڌندو آهي، ۽ نيٺ آزاديءَ جي ٻن يا ٽن سالن کان پوءِ انهيءَ ڳالهہ کي سمجهندو آهي تہ ڪيس مايوسيءَ جو شڪار ٿيڻو پيو آهي. ان وقت ائين چوندا آهن تہ هيءَ تہ ان لائق نہ هو، جو ان لاءِ جنگ ڪئي وڃي ۽ هي تہ حقيقت ۾ ڪجهہ تبديل ناهي ٿيو.

1789ع جي وچولي طبقي جي انقلاب کان پوءِ، فرانس جي ننڍن ننڍن آبادگارن انهيءَ وڏيءَ تبديليءَ مان چڱيءَ طرح فائدو حاصل ڪيو آهي. ليڪن هيءَ هڪ عام مشاهدي جي ڳالهہ آهي تہ گهڻو ڪري پٽتي پيل ملڪن جي پنجانوي سيڪڙو آباديءَ لاءِ آزادي ڪائي تبديلي پيدا ناهي ڪندي. ڪوبہ سمجهو شاهد، پردي پٺيان بي اطمينانيءَ جي موجودگي پسي سگهي ٿو. بلڪل اهڙيءَ طرح جيئن سڙيل جاءِ جي رک مان باهہ اُجهامڻ کان پوءِ بہ دونهون نڪرندو هجي، ۽ انهيءَ ڳالهہ جو هر گهڙيءَ امڪان هجي تہ ان مان وري باهہ ٻڙڪي اٿندي. سامراج اها شڪايت ڪندو آهي تہ ديسي ماڻهو جلد بازيءَ کان ڪم وٺندا آهن. هتي اسان کي اهو نہ وسارڻ گهرجي تہ ڪجهہ وقت پهرين سامراجين کي ديسي ماڻهوءَ جي سستيءَ، ڪاهليءَ ۽ مقدر پرستيءَ جي شڪايت هئي. اسان اهو بہ ڏٺو آهي تہ آزاديءَ جي جنگ جي زماني ۾ جيڪو تشدد خاص طريقن سان عمل ۾ آيو، اهو قومي جهنڊي جهولائڻ جي رسم کان پوءِ جادوگرانہ انداز ۾ هڪدم ختم ڪونہ ٿيندو. ان جي ختم ٿيڻ جو ڪو عقل ۾ اچڻ جهڙو سبب بہ ڪونهي، ڇوتہ قومي تعمير جو ڪم ان ڍانچي ۾ جاري رهندو آهي، جنهن ۾ سوشلزم ۽ سرمائيداري هڪ ٻئي جو "ڳاڻي ٽوڙ" مقابلو ڪنديون آهن. اهو مقابلو صفا مقامي مطالبن کي بہ عالمي شهرت بخشي ڇڏيندو آهي. هر جلسو، دٻائڻ ۽ چٽڻ جو هر عمل، عالمي آڪاڙي ۾ پنهنجو اولڙو وجهندو رهندو آهي. شارپ ول جي قتل، مهينن تائين عام راءِ کي لوڏي

۽ ڏوڏي ڇڏيو. اخباري ڪالمن ۽ نجي ڪچهرين ۾ شارپ ول هڪ علامت جي حيثيت رکي ٿو. شارپ ول جي ڪري ئي دنيا کي سڀ کان پهرين ڏکڻ آفريڪا ۾ نسلي مت پيد جي مسئلي کان واقفيت حاصل ٿي. ان کان سواءِ اسان انهيءَ ڳالهه تي يقين ڪونه ٿا ڪريون ته پنٿي پيل علائقن جي معمولي ڳالهين ۾ وڏين طاقتن جي هڪدم دلچسپي رڳو گڙبڙ جو نتيجو آهي. ٿين دنيا ۾ هر "جاڪوري،" سرڪشيءَ جو هر عمل، اصل ۾ "سرد جنگ" جي تصوير جو هڪ حصو هوندو آهي. سالسبري ۾ ٻن ماڻهن کي ڪٽيو وڃي ته هڪدم هڪ بلاڪ حرڪت ۾ اچي ويندو آهي؛ انهن ٻنهي ماڻهن جي باري ۾ گفتگو ٿيڻ لڳندي آهي، ۽ مارڪٽ جي انهيءَ واقعي سان روڊيشا جي خاص مسئلي کي اُڀاريو ويندو آهي، ۽ پوءِ انهيءَ واقعي کي پوريءَ آفريڪا ۽ سڄيءَ بيٺڪي دنيا جي مسئلي سان ڳنڍيو ويندو آهي. اهڙيءَ ريت ٻيو بلاڪ به انهيءَ ڪوشش ۾ رهندو آهي ته اهو انهيءَ تحريڪ جي طاقت مطابق پنهنجي نظام جي ڪمزورين کي سمجهي. انهيءَ نموني سان غلام ماڻهو به اهو سمجهندا آهن ته ڪوبه قبيلو مقامي واقعن کان الڳ نه ٿو رهي سگهي. هاڻي هو مقامي حدن جي سوڙهه ۾ قيدي ناهن، ڇو ته انهن کي هيءَ حقيقت معلوم ٿي ويندي آهي ته هاڻي هو عالمي دٻاءُ جي فضا ۾ ساهه کڻي رهيا آهن.

جڏهن اسان هر ٽن مهينن کان پوءِ ٻڌندا آهيون ته ڇهون يا ستون ساموندي ٻيڙو ڪنهن خاص ڪناري ڏانهن وڌي رهيو آهي؛ جڏهن خروشچيف راڪيٽن سان ڪاسترو جي مدد لاءِ پهچڻ جي ڌمڪي ڏيندو آهي؛ جڏهن ڪينيڊي لائوس جي مسئلي تي سخت ضرورت جي بنياد تي ڪوئي فيصلو ڪرڻ چاهيندو آهي؛ ته اهڙين حالتن ۾ غلام ماڻهو يا نئون آزاد ٿيل شهري، اهو اثر قبول ڪندو آهي ته هو چاهي يا نه چاهي، هن کي تيز رفتار سوارن جي دستي سان گڏ نيو پيو وڃي. حقيقت ۾ هو اڳيئي انهيءَ تيز رفتار دستي سان گڏ ڊوڙندو رهندو آهي. مثال طور نون آزاد ٿيل ملڪن جي حڪومتن کي وٺو. حڪمران طبقو پنهنجي وقت جا ٽن مان به حصا پنهنجي طرف وڌندڙ هٿن ۽ انهن خطرن کي سمجهڻ ۾ صرف ڪندو آهي، جن ۾ هو ڪڏهن به گهيرجي سگهي ٿو. باقي هڪ حصو وقتُ، هو ملڪي ڪمن ۾ خرچ ڪندو آهي. انهيءَ سان گڏوگڏ هو دوستن جي ڳولا به جاري رکندو آهي. انهيءَ تضاد جي چڪر ۾ حزب اختلاف جون قومي جماعتون به هونديون آهن، جيڪي پارلياميني طريقي کي رد ڪري ڇڏينديون آهن. اهي جماعتون پڻ دوستن جي

ڳولا ڪنديون آهن ته جيئن سندن باغيانه ۽ سنگدلانه ڪارواين لاءِ مدد ملي سگهي. بيٺڪي زندگيءَ جي هر پاسي کي متاثر ڪرڻ کان پوءِ تشدد جي فضا اڃا به قومي زندگيءَ تي حاوي رهندي آهي. انهيءَ جو سبب جيئن اسان اڳ ۾ ٻڌائي آيا آهيون، اهو آهي ته ٽين دنيا باقي رهيل دنيا کان ڪٽيل نه هوندي آهي. ان جي بلڪل ابتڙ هيءَ دنيا ڪُنن جي وچ ۾ هوندي آهي. اهوئي سبب آهي جو پٽتي پيل ملڪن جا رهنما ڪافي وقت تائين پنهنجين تقريرن ۾ جارحانه ۽ چيڙاڪ لهجو برقرار رکندا آهن، جيڪو عام حالتن ۾ ڪڏهوڪو ختم ٿيڻ گهربو هو. نون حاڪمن جي باري ۾ عام طرح اها شڪايت ڪئي ويندي آهي ته منجهن سلڇڻائي ناهي ته انهيءَ جو سبب به سندن اهو لهجو هوندو آهي؛ پر جيڪا ڳالهه گهٽ محسوس ڪئي ويندي آهي، سا هيءَ ته اهي ئي حڪمران پنهنجن ساٿين ۽ ڀائرن سان لاڳاپن ۾ انتهائي اخلاق سان پيش ايندا آهن. اها بداخلاقي عام طرح ٻين سان ملڻ جلڻ ۾ اختيار ڪئي ويندي آهي، يعني اڳواڻن آقائن سان، جيڪي تحقيق ۽ چندچاڻ لاءِ ايندا آهن. اڳوڻا "ديسي" به اهو سمجهندا آهن ته خبرون اڳ ۾ ئي حاصل ڪيون ويون آهن. اخبارن جي مضمونن ۾ جيڪي تصويرون شايع ٿينديون آهن، اهي هن ڳالهه جو ثبوت ڏين ٿيون ته اسان جيڪي ڪجهه چئون ٿا، سوچي سمجهي چئون ٿا ۽ اسان انهيءَ ملڪ جو دورو به ڪيو آهي. اهي اطلاع هن ڳالهه کي ظاهر ڪن ٿا ته جڏهن کان اسان اهو ملڪ ڇڏيو آهي، اتي جي هر شئي تباهه ٿي رهي آهي. عام طرح اخباري خاطو هيءَ شڪايت ڪندا آهن ته انهن جي مرحبا نه ٿي ڪئي وڃي. هنن کي مجبوراً بدتر حالتن ۾ ڪم ڪرڻو پوي ٿو ۽ اهي هر وقت دشمنيءَ ۽ لاتعلقيءَ واريءَ فضا ۾ گهيريل رهن ٿا. اهي سڀ ڳالهيون معمول مطابق آهن. قومي رهنما اهو سمجهندا آهن ته عالمي عام راءِ مغربي پريس جي اثر سان ٺهي ٿي. جيڪڏهن مغرب جي اخبار ۾ ڪو خاطو ڪائنئن سوال ڪندو آهي ته اهي سوال سندن ملڪ جي ڀلائي لاءِ نه هجڻ برابر هوندا آهن. مثال طور الجزائر جي جنگ آزاديءَ ۾ گهٽا آزاد خيال فرانسيسي نمائندا انهيءَ جدوجهد جي ذڪر ۾ مبهم الفاظ استعمال ڪرڻ جو موقعو هٿان نه وڃائيندا هئا، ۽ جڏهن سندن انهيءَ روش متعلق ڪائنئن جواب طلب ڪيو ويو ته انهن ڏاڍيءَ معصوميت سان جواب ڏنو ته هو غير جانبدار ٿيڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. اها غير جانبداري هميشه مقامي ماڻهوءَ جي خلاف ويندي آهي. اهڙيءَ ريت اسان انهيءَ نئين لهجي کي به سمجهي سگهون ٿا، جيڪو سيپٽمبر 1960ع ۾

گڏيل قومن جي جنرل اسيمبليءَ ۾ عالمي سياست تي ڇانئجي ويو. اُتي بيٺڪي ملڪن جي نمائندن چيڙائيندڙ ۽ جارحانہ لهجو اختيار ڪيو، ۽ هر ڳالهہ کي انتها تائين پهچائي ڇڏيو، جڏهن تہ سامراجين جا نمائندا پاڻ کي وڇڙا سمجهندا رهيا. آفريڪي نمائندن جي انهيءَ باغيانہ روش جو نتيجو هيءُ نڪتو جو صورتحال انتها تي پهچي ويئي؛ ويٽو ۽ وڏين طاقتن جي ڳالهہ بولهہ اجائي ثابت ٿي، ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ دنيا جو پنهنجو نڍڙو ڪردار محفوظ ٿي ويو.

نين آزاد ٿيل قومن جي سياسي حڪمت عملي، منجهيل، نزاڪت واري ۽ جادوئي اشارن جو معاملو نہ هوندي آهي، ڇوتہ قوم جا ترجمان هڪ ئي وقت قومي ٻڌيءَ جي حفاظت، ماڻهن کي خوشحاليءَ جي واٽ وٺائڻ، مڙني ماڻهن کي ماني ۽ آزادي وٺي ڏيڻ جا ذميوار هوندا آهن: ان ڪري، انهن جي سياسي حڪمت عملي هميشہ چرندڙ ڦرندڙ هوندي آهي. هڪ اهڙي حڪمت عملي روان دوان رهندي آهي، جيڪا غير متحرڪ ۽ بيٺل بيٺڪي دنيا کان بلڪل ڌار هوندي آهي ـــ ۽ جڏهن مسٽر خروچيف گڏيل قومن جي اداري ۾ پنهنجا جوتا لوڏيندو آهي يا جوتن سان ميز وڄائيندو آهي، تہ هڪ بہ "سابق ديسي" يا پٺتي پيل ملڪ جو نمائندو اهڙو نہ هوندو آهي، جيڪو ڪلي؛ ان ڪري جو مسٽر خروچيف بيٺڪي ملڪن کي جيڪي ڏانهنس ڏسي رهيا آهن، اهو ڄاڻائڻ چاهيندو آهي تہ هي روسي ڳوٺاڻو، جنهن وٽ ڏور مار راڪيٽ بہ آهن، انهن ويچارن سرمائيدارن سان اهوئي سلوڪ ڪري رهيو آهي، جنهن جا اُهي مستحق آهن. اهڙيءَ طرح گڏيل قومن جي ميڙ ۾ فوجي وردي پاتل ڪاسترو، پٺتي پيل ملڪن جي بي عزتي نہ ڪندو آهي. ڪاسترو انهيءَ شعور جو مظاهرو ڪندو آهي تہ اجا تائين ظلم ۽ تشدد جي حڪمرانيءَ جو وجود باقي آهي. اچرج جهڙي ڳالهہ هيءَ آهي تہ هو گڏيل قومن جي اداري ۾ توپ سميت ڇو نہ آيو؟ پر جيڪڏهن هو توپ سوڌو اچي ها تہ ڇا ڪو ماڻهو انهيءَ ڳالهہ کي خراب سمجهي ها؟

هارين جون سموريون بغاوتون ۽ سمورو تشدد، پنهنجيءَ قوميت جي ڳولا آهي. اهي سمورا ماڻهو جيڪي تلوارن ۽ ڪهاڙين سان هٿياربند هوندا آهن، تن کي پنهنجي قوميت جو ڏس انهيءَ لڳاتار جدوجهد ۾ ملندو آهي، جيڪا سرمائيداري ۽ اشتراڪيت ٻنهي نظامن جي خلاف هوندي آهي!؟

1945ع ۾ ستيف جي پنجيتاليهہ هزار انسانن جي قتلام تي ڪوبہ ڌيان نہ ڏنو ويو. 1947ع ۾ مدگاسڪر جي نوي هزار انسانن جو موت اخبارن ۾

هڪ مختصر پيراگراف جي جاءِ حاصل ڪري سگهيو. 1952ع ۾ ڪينيا جي ٻن لکن انسانن کي جبر ۽ تشدد جي گهاٽي ۾ پيڙيو ويو ۽ دنيا انهن تي ڪوبہ ڌيان ڪونہ ڏنو. اهو سڀ ان ڪري ٿيو، جو عالمي تضاد ايترا واضح نہ هئا. جيتوڻيڪ ڪوريا ۽ هند چينيءَ جي جنگين هڪ نئين دور کي جنم ڏنو هو، مگر انهيءَ مقابلي جون فيصلي ڪُن گهڙيون تيار ڪرڻ ۾ سڀ کان وڏو هٿ بوڊاپسٽ ۽ نهر سوئيز جي واقعن جو هو.

سوشلسٽ ملڪن جي غير مشروط امداد جي آڌار تي غلام عوام پنهنجا جهڙا تهڙا هٿيار کڻي سامراج جي مضبوط قلعي تي ڪڙڪي پوندو آهي. جيتوڻيڪ پهرين اُهو قلعو چاڻن ۽ مُڪن سان فتح نہ ٿي سگهندو هو، پر جيڪڏهن اسان سرد جنگ جي صورتحال جو جائزو وٺنداسون تہ هاڻي ائين ناهي. هن تازي صورتحال ۾ آمريڪي، عالمي سرمايہ داريءَ جي سرپرستيءَ جو ڪردار ڏاڍي گنڀيرتا سان ادا ڪري رهيا آهن. پهرين پهرين هو يورپي ملڪن کي مشورو ڏين ٿا تہ اهي دوستاڻي نموني بيٺڪي سرشتو ختم ڪن، ان کان پوءِ اهي (آمريڪي) "آفريڪا آفريڪين لاءِ" جي اصول کي نہ صرف تسليم ٿا ڪن، پر ان جي تائيد بہ ڪن ٿا. اڄ آمريڪا اهو اعلان ڪندي بلڪل نٿو هٻڪي، تہ اهو هر قوم جي خودارادیت واري حق جو محافظ آهي. مسٽر ويلزمين جو آخري سفر انهيءَ آمريڪي شعور جو مثال آهي تہ ٿين دنيا کي قرباني ۽ جو ٻڪرو نہ بنائڻ گهرجي. ان کان پوءِ اسان اهو سمجهي سگهون ٿا تہ جيڪڏهن ڇڙو ظالم حڪمرانن جي فوجي مشين جي مقابلي ۾ ڏنو وڃي تہ ديسي باشندن جو تشدد بي معنيٰ معلوم ٿئي ٿو. ان جي ابتڙ جيڪڏهن اسان انهيءَ تشدد کي عالمي صورتحال جي سببن جي مدنظر ڏسون تہ اسان کي معلوم ٿيندو تہ اهو حڪمرانن لاءِ انتهائي خوفناڪ خطرو بنجي ويندو آهي. جاڪوري ۽ مائو مائو جا لڳاتار فساد، بيٺڪ جي معاشي زندگيءَ کي ڊانواڊول ڪري ڇڏيندا آهن، مگر اهي سامراج لاءِ خطرو ناهن ٿيندا. سامراج جي نظر ۾ سڀ کان اهم اها صورتحال آهي تہ سوشلزم جا خيال عوام ۾ پکڙن ۽ عوام جي ذهن کي خراب ڪن. سرد جنگ جي صورت ۾ تہ اهو اڃا بہ وڏو خطرو آهي، ليڪن اصلي جنگ ۾ بيٺڪيت جي ڇا حالت ٿيندي، جڏهن تہ ان کي وحشي گوريلن پنهنجين گولين سان اڳ ۾ ئي پروڻ ڪري ڇڏيو هوندو آهي. اهڙيءَ ريت سرمايہ داري سرشتي کي خبر پئجي ويئي آهي تہ قومي جنگين جي شروعات ۾ فوجي ڪاروائي ڪرڻ ۾ هر طرح جو نقصان

ئي نقصان آهي. ان کانسواءِ "پرامن بقاءِ باهميءَ" جي دائري ۾ سمورين بيٺڪن جو خاتمو لازمي آهي ۽ آخرڪار سرمايه داريءَ کي غير جانبداريءَ جي اصول کي تسليم ڪرڻو پوندو. هاڻي جنهن شئي کان هر قيمت تي بچڻو آهي، اهو آهي ڏاهپ سان پيدا ٿيل خوف ـــ يعني دشمن جي تصورن جو عوام جي ذهن ۾ داخل ٿيڻ، جنهن جو نتيجو لکن ماڻهن جي دلي نفرت هوندو آهي. بيٺڪن جو عوام انهن لازمي شين کي جڳيءَ طرح سمجهي ٿو، جيڪي اڄ عالمي سياست تي ڇانئجي ويون آهن. اهوئي سبب آهي جو اهي ماڻهو جيڪي تشدد تي لعنت وجهندا آهن، اهي به پنهنجا فيصلا ڪندا آهن ۽ ان آفاقي تشدد جي حوالي سان عمل ڪرڻ شروع ڪندا آهن. ٻنهي بلاڪن ۾ بقاءِ باهمي، بيٺڪي ملڪن ۾ تشدد لاءِ سازگار ۽ تقويت ڏيندڙ آهي. سياڻي شايد سيني بيٺڪن جي مڪمل آزاديءَ کان پوءِ اسان اهو ڏسي سگهون ته هاڻي اهي ان تشدد کان پاڪ آهن. هاڻي شايد اقليتن جو مسئلو پيدا ٿئي. اڄا به ڪافي اقليتي گروهه پنهنجن مسئلن جي حل لاءِ پرتشدد طريقن جي تبليغ کان نه ٿا هٽڪن ۽ اهو رڳو اتفاق ناهي (جيئن ٻڌايو ويندو آهي) ته آمريڪا جي تشدد پسند شيدين پنهنجي مليشيا تياري ڪري پاڻ کي هٿياربند ڪري ورتو آهي. هي به رڳو اتفاق ناهي ته نام نهاد آزاد دنيا ۾ روس جي يهودي اقليت جي بچاءَ لاءِ ڪاميٿيون قائم ٿي ويون آهن، نه ئي هيءُ هڪ حادثو آهي ته جنرل ڊيگال پنهنجيءَ تقرير ۾ انهن مسلمانن جي تباهه حاليءَ تي ڳوڙها ڳاڙيا، جيڪي ڪميونسٽ آمريت جي ظلمن جو شڪار ٿيا. سرمائيداري ۽ سامراجيت، ٻنهي جو ايمان آهي ته نسلي مت پيد جي خلاف جدوجهد ۽ قومي آزاديءَ جون تحريڪون، ڏوراهين تنظيمن جي ماتحتيءَ ۽ ٻاهرين اثرن جي ڪري وڏن ويجهن ٿيون. انهيءَ لاءِ اهي انتهائي آزمايل نسخو استعمال ڪنديون آهن. مثال طور آزاد يورپ ريڊيو اسٽيشن يا غلام اقليتن جي محافظ ڪميٽيءَ جو آواز وغيره..... اهي غير ملڪي قبضي جي اهڙيءَ طرح مخالفت ڪنديون آهن، جيئن الجزائر ۾ فرانسيسي جنرل، ايس. اي. ايس (١) جي نفسياتي اداري جي خلاف تخريبي ويڙهه ڪري ڪئي. اهي "عوام جي خلاف عوام کي ڪتب آڻينديون آهن،" ۽ اسان ڏسي چڪا آهيون ته انهيءَ جا ڪهڙا نتيجا نڪرن ٿا. ڏمڪين ۽ تشدد جو هيءُ ماحول ۽ ٻنهي طرفن کان راڪيٽن جي نمائش، غلام

(١) آفيسرن جي هڪ جماعت، جنهن جو ڪم الجزائري ماڻهن سان غير فوجي معاملن ۾ لاڳاپا قائم ڪرڻ هو.

عوام کي ڊيڄاري نہ سگهندا آهن، ۽ نہ ئي انهن کي پنهنجيءَ راهہ تان هٽائي سگهندا آهن. اسان ڏسي چڪا آهيون تہ انهيءَ عوام جي هيلوڪي تاريخ انهن کي حالتن سمجهڻ ۽ انهن تي قبضي ڪرڻ لاءِ تيار ڪري ڇڏيو آهي. بيٺڪن جي تشدد ۽ انهيءَ پُرامن تشدد جي وچ ۾، جنهن ۾ سڄي دنيا وڪوڙيل آهي، هڪ قسم جو ڳجهو معاهدو ۽ هڪ قسم جي هم آهنگي ٿيل آهي. بيٺڪي عوام لاءِ هيءَ فضا ڏاڍي سازگار آهي، ڇاڪاڻ تہ گهٽ ۾ گهٽ هڪ دفعو اهي نئين زماني جي هلت مطابق اچي ويا آهن. ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو انهيءَ ڳالهہ تي تعجب ڪائيندا آهن تہ ديسي ماڻهو پنهنجي زال جا ڪپڙا وٺڻ بدران ريڊيو خريد ڪندو آهي. انهيءَ تي عجب ڪائڻ جي ڪابہ ضرورت ناهي. ديسي ماڻهن کي يقين آهي تہ هن وقت سندس قسمت داءُ تي لڳل آهي ۽ اهي حشر واري ڏينهن جي ماحول ۾ رهن ٿا؛ ان ڪري هو سوچيندا آهن تہ ڪين هر شئي ڪان باخبر ٿيڻ گهرجي. اهوئي سبب آهي جو ديسي ماڻهو فوما ۽ ٿومي، لمبا ۽ شومبي، آهيجو ۽ مومي، ڪينياتا ۽ انهن ماڻهن کي، جيڪي انهن جي جاءِ والارڻ لاءِ لڳاتار اڳتي وڌايا ويندا آهن، چڱيءَ طرح ڄاڻن ٿا ۽ سمجهن ٿا؛ ان ڪري جو اهي انهن قوتن کي بہ اگهاڙو ڪري سگهن ٿا، جيڪي انهن جي پٺيان ڪم ڪن ٿيون. اڄ ديسي ماڻهو ۽ پٺتي پيل ملڪن جو عوام، انهيءَ اصطلاح جي آفاقي مفهوم ۾ "سياسي حيوان" آهن. هيءَ حقيقت آهي تہ آزاديءَ جي ڪري بيٺڪي عوام کي اخلاقي برتري حاصل ٿي ويئي آهي ۽ انهن جو وقار وڌي ويو آهي. ليڪن اڃا انهن کي سماج جي تفصيلي جوڙجڪ يا پنهنجي تهذيبي گٺن جي واڌاري جو وقت ناهي مليو. گرميءَ ۽ روشنيءَ جا اهي مرڪز، جتي انسان پنهنجن تجربن کي وسيع بنيادن تي وڌائي سگهي، سي اڃا وجود ۾ ڪونہ آيا آهن. هڪ بي يقينيءَ جي فضا ۾ ماڻهو ڏاڍيءَ سولائيءَ سان پاڻ کي اهو باور ڪرائي وٺن ٿا تہ سيني لاءِ ٻي جاءِ تي هڪ ئي وقت فيصلو ٿي ويندو. جيستائين سياستدانن جو تعلق آهي تہ اهي جڏهن اهڙي صورتحال ڏسن ٿا تہ پهريائين تہ هڪٻئي ڪان پڇن ٿا، پر پوءِ غير جانبداري اختيار ڪري وٺندا آهن.

غير جانبداريءَ جي موضوع تي گهڻو ڪجهہ چئي سگهجي ٿو. ڪي ماڻهو ان کي گندي واپار جو نالو ڏيندا آهن، جنهن ۾ ٻنهي طرفن کان جيڪي ڪجهہ ملي سو هڙپ ڪيو وڃي ٿو. حقيقت هيءَ آهي تہ جيتوڻيڪ غير جانبداري، جيڪا سرد جنگ جي پيداوار آهي، سا پٺتي پيل ملڪن لاءِ ٻنهي

طرفن کان اقتصادي امداد حاصل ڪرڻ جو ذريعو ته بنجي ٿي، مگر اها ٻنهي بلاڪن مان ڪنهن کي به پنتي پيل ملڪن جي ان حد تائين مدد ڪرڻ جي اجازت نه ٿي ڏئي، جنهن حد تائين اها مدد ضروري آهي. حقيقت ۾ اها بيشمار رقم، جيڪا فوجي تحقيق تي خرچ ڪئي ويندي آهي، ۽ اهي انجنيئر، جيڪي ايٽمي جنگ جي ماهرن ۾ تبديل ڪيا ويندا آهن، رڳو پندرهن سالن جي وقت ۾ پنتي پيل ملڪن جي زندگيءَ جو معيار ست فيصد وڌائي سگهن ٿا. ان ڪري اسان جي خيال ۾ پنتي پيل ملڪن جو مفاد سرد جنگ جي واڌاري يا سختيءَ ۾ ناهي. ليڪن ٿيندو هيءُ آهي جو ڪوبه پنتي پيل ملڪ سان صلاح نه ڪندو آهي، ان ڪري موقعي مهل سارو اهي مشورو نه ڪندڙ ڪان ڌار ٿي ويندا آهن. پر ڇا اهي واقعي انهيءَ سرد جنگ کان ٻاهر رهي سگهندا آهن؟ هن وقت فرانس پنهنجن ايٽم بمن جي آزمائش آفريڪا ۾ ڪري رهيو آهي. قراردادن پاس ڪرڻ، جلسا ڪرڻ ۽ سفارتي ناتا توڙڻ جي باوجود اسان نه ٿا چئي سگهون ته آفريڪي عوام جي لاڙي انهيءَ خاص علائقي ۾ فرانس جي روش تي خاطر خواهه اثر وڌو. ٽين دنيا جي عوام ۾ غير جانبداري، هڪ اهڙي ذهنيت کي جنم ڏيندي آهي، جيڪا روزمره جي زندگيءَ ۾ بي باڪي ۽ هڪ انڪاري فخر واري احساس ۾ ظاهر ٿيندي آهي. اهو فخر وارو احساس، عجب ۾ وجهندڙ حد تائين سرڪشيءَ سان مشابهت رکندڙ هوندو آهي.

ـــ ڪنهن قسم جي صلح کان ظاهر ظهور انڪار ۽ اها مضبوط قوت ارادي، جيڪا ڪنهن هڪ جڳهه تي ٻڌجي بيهڻ جي مخالف هوندي آهي، سا انهن غيرت مند ۽ غريب نوجوانن جي ياد کي تازي ڪندي آهي، جيڪي پنهنجيءَ ڳالهه مجائڻ لاءِ سر ڏڙ جي بازي لڳائي ڇڏيندا آهن. اهي سڀ ڳالهيون مغربي مبصرن کي حيران ڪري ڇڏينديون آهن، ڇو ته ٽين دنيا جا ماڻهو، جيڪي ڪجهه هئڻ جي دعويٰ ڪندا آهن ۽ اصل ۾ جو ڪجهه هوندا آهن، ان ۾ ڏينهن رات جو فرق آهي. اهي ملڪ، جن ۾ نه ترامون آهن، نه فوجون ۽ نه دولت، انهن ۾ چٽي ڏينهن جي ڏيکاءُ واريءَ شجاعت جا جيڪي مظاهرا ٿيندا آهن، تن لاءِ ڪوبه جواز نه هوندو آهي. بيشڪ اُهي ماڻهو فريبڪار آهن. ٽين دنيا گهڻو ڪري اهو تاثر ڏيندي آهي ته ان کي ٻوائتين خبرن مان لطف حاصل ٿيندو آهي ۽ ڪيس گهوٽالي واري صورتحال جي هفتيوار خوراڪ ملڻ گهرجي. انهن بکين اگهاڙن ملڪن جي سربراهن تي ڪاوڙ ٿي اچي، جيڪي زور

سان ڳالهائڻ جا عادي آهن. دل چاهيندي آهي تہ انهن جو وات بند ڪيو وڃي. ليڪن ان جي ابتڙ اهي ڏاڍا مقبول هوندا آهن. انهن جون مهمانيون ٿيندڙيون آهن، انهن کي دعوتون ڏنيون ويندڙيون آهن؛ حقيقت ۾ انهيءَ ڳالهہ تي جهڳڙو هوندو آهي تہ اهي ڪنهن جي طرفداري ڪن ـــ ۽ اهائي غير جانبداري آهي. اُهي ماڻهو اٿانوي سيڪڙو جاهل هوندا آهن، پر اهي ادب جي تمام وڏي حصي جو موضوع بنبا آهن. اهي تمام گهڻو سفر ڪندا آهن. پٽتي پيل ملڪن جو حاڪم طبقو ۽ شاگرد، هوائي مسافريءَ جي ادارن لاءِ سون جون ڪاٽيون هوندا آهن. آفريڪي ۽ ايشيائي آفيسر هڪ ئي مهيني جي اندر ماسڪو ۾ سوشلسٽ منصوبہ بندي ۽ لنڊن ۾ ياڪولمبيا يونيورسٽيءَ ۾ آزاد معيشت جي فائدن جي باري ۾ سکيا وٺندا آهن. آفريڪي ٽريڊ يونين جا رهنما پنهنجي ميدان ۾ تيزيءَ سان اڳتي وڌندا آهن. اڄا هو انتظاميہ جي شعبي ۾ ڪنهن عهدي تي مقرر ئي مس ٿيندا آهن تہ خودمختيار ادارا بنائڻ جو فيصلو ڪندا آهن. اڄا هنن ڪنهن صنعتي ملڪ جي ماحول ۾ ٽريڊ يونين جو پنجاهہ سالہ عملي تجربو بہ حاصل نہ ڪيو هوندو، پر باوجود ان جي اها ڳالهہ سمجهندا آهن تہ غير سياسي ٽريڊ يونين اجائي آهي. انهن نہ تہ سرمائيدارانہ نظام سان مقابلو ڪيو آهي، ۽ نہ ئي انهن طبقاتي ڇڪتاڻ جي شعور کي وڌايوآهي، ليڪن شايد اهو ضروري بہ نہ آهي. شايد اڄا اهو ڏسنداسون تہ بهرحال اهائي قوت آزادي، جيڪا گهڻو ڪري مٿاڇري بين الاقواميت جي بگڙيل صورت اختيار ڪندي آهي، پٽتي پيل ملڪن جي هڪ بنيادي خاصيت آهي.

اچو اسان هاڻي ڏاڙئين ڦوروءَ ۽ مقامي ماڻهن جي وچ ۾ سندن مقابلي بابت سوچيون. اسان ڏٺو آهي تہ اهو عام مقابلو هٿياربند جدوجهد جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ تاريخي مثالن جي ڪوٽ نہ آهي. مثال طور: هند چيني، انڊونيشيا ۽ آفريڪا، ليڪن اسان جنهن ڳالهہ کي نظرانداز نہ ڪنداسون، اها هيءَ تہ اها جدوجهد گني ۽ صومالي لينڊ ۾ ڪنهن بہ جاءِ تي شروع ٿي سگهي ٿي. ان کان سواءِ اڄ تہ اها جدوجهد هر انهيءَ جاءِ تي شروع ٿي سگهي ٿي، جتي بيٺڪي سرشتو پنهنجا پير جمائڻ لاءِ جتن ڪندو هجي. مثال طور انگولا ۾ هٿياربند جدوجهد جو وجود ثابت ٿو ڪري تہ عوام فقط تشدد وارن طريقن تي اعتبار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. اهو ماڻهو جنهن جي باري ۾، "انهن" هميشہ اهو ڄاڻايو تہ اهو جيڪڏهن ڪائي زبان سمجهي ٿو تہ اها طاقت جي زبان آهي، سو هاڻ خود طاقت جي زبان استعمال ڪرڻ جو

فيصلو ڪندو آهي. حقيقت ۾ هميشه وانگر اها وات به ان ڪي ڌارئين ڦورو سامراجيءَ ڏيکاري آهي، جنهن تي هلي هو آزادي حاصل ڪري سگهي ٿو. مقامي ماڻهو جيڪو دليل ڏيندو آهي، اهو ڪيس ڌاريون ڦورو ئي موجود ڪري ڏيندو آهي. مگر هاڻي بدليل حالتن جي ستم ظريفيءَ ڪري ديسي ماڻهو اهو اعلان ڪندو آهي ته ڌاريون ڦورو طاقت کان سواءِ ٻي ڪنهن ڳالهه کي سمجهي ئي ڪونه ٿو.

سامراجي حڪومت رڳو طاقت جي آڌار تي پنهنجو وجود قائم رکندي آهي، ۽ ان ڳالهه کي لڪائڻ جي ڪڏهن به ڪوشش نه ڪندي آهي. سمورا بوتا خواهه اهي فائد هدب جا هجن يا ليائوتيءَ جا يا سارجنٽ بلاندن جا، بيٺڪي زمين تي ڪتل هڪ ئي ڳالهه جو لڳاتار اعلان ڪندا آهن ته "اسان هتي سنگينن جي آڌار تي موجود آهيون....."(١) اهو فقرو آسانيءَ سان هتي پورو ٿي وڃي ٿو. بغاوت جي عرصي ۾ هر ڌاريون ڦورو معمولي حساب جي سوال جي بنياد تي پنهنجا دليل گهڙيندو آهي، اهي دليل ٻين ڌارين ڦورن کي حيران نه ڪندا آهن، ليڪن اهم ڳالهه هيءَ آهي ته انهن سان ديسي ماڻهو به حيران نه ٿيندو آهي. سڀ ڪان پهرين انهيءَ اصول تي زور ته "يا هو آهن يا اسان"، ڪوبه تضاد پيدا نه ڪندو آهي، ڇاڪاڻ ته بيٺڪي نظام جيئن اسان پهرين ڏسي چڪا آهيون، حقيقت ۾ هڪ "مانوي" دنيا جو نظام آهي. اها هڪ اهڙي دنيا آهي، جيڪا مختلف درجن ۾ ورهايل آهي ۽ جڏهن خاص طريقي مطابق ڌاريون ڦورو ۽ جابر، اقليت جي هر ماڻهوءَ کي ٿيهه يا سو يا ٻه سو ديسي ماڻهو قتل ڪرڻ لاءِ چوندو آهي ته ٿورائيءَ وارن جو ڪوبه ماڻهو احتجاج نه ڪندوآهي، ۽ مسئلو رڳو اهو وڃي رهندو آهي ته اهو ڪم هڪدم ڪيو وڃي يا آهستي آهستي.(٢)

---

(١) هتي اشارو آهي ميرابو جي مشهور قول ڏانهن ته "آءٌ عوام جي مرضيءَ تي هتي آهيان ۽ رڳو سنگينن جي طاقت ئي مون کي هتائي سگهي ٿي."

(٢) ظاهر آهي ته اها صفائي انهيءَ شيءِ کي به صاف ڪري ڇڏيندي آهي، جنهن کي سامراج بچائڻ چاهيندو آهي. سارتر ان باري ۾ لکي ٿو. "نسل پرستيءَ وارن خيالن کي ورجائڻ مان خبر پوي ٿي ته مقامي ماڻهن جي خلاف جهڙي تهڙي جو اتحاد عمل لائق ناهي. اهڙو اتحاد ڌار ڌار وقت ۾ ئي ٿي سگهي ٿو ۽ اهو رڳو ان وقت عملي گروهه جي صورت اختيار ڪندو آهي، جڏهن ان جو مقصد مقامي ماڻهن جو قتل عام هجي. اها هڪ بيڪار پر ڌارئين ڦوروءَ لاءِ ڪشش واري ڳالهه آهي ـــ ۽ جيڪڏهن ان تي عمل ڪرڻ ممڪن ٿيو به ته اهو رڳو انهيءَ صورت ۾، جو سامراج کي هڪ جهٽڪي ۾ ختم ڪري ڇڏي.

دليلن جو اهو سلسلو. جيڪو هڪ وڏي حسابي طريقي سان بيٺڪي ماڻهن جي خاتمي جو فرض ڪري وٺندو آهي، سو ديسي ماڻهن جي دلين ۾ رڳو اخلاقي نفرت نه ٿو پري، ڇو ته ڪيس معلوم آهي ته ڏيهي ماڻهوءَ سان هڪ نه هڪ ڏينهن ميدان ۾ سندس مقابلو ضرور ٿيندو، ان ڪري، هو روئڻ پٽڻ ۾ وقت بلڪل نه وڃائيندو آهي ۽ نه ئي هو سامراجي نظام مان ڪنهن انصاف جي اميد رکندو آهي. جيڪڏهن ڌارئين ڦوروءَ جو منطق ديسيءَ ماڻهوءَ کي ڊيڄاري نه ٿو ته ان جو سبب هيءُ آهي ته ديسي ماڻهو به پنهنجي آزاديءَ جي مسئلي کي به انهيءَ منطق تي سوچيو آهي ته "اسان کي ٻن ٻن سون يا پنجن پنجن سون جي ٽولين ۾ ورهائجي وڃڻ گهرجي ته جيئن هر ٽولي هڪ سامراجي ٽولي کي پنهنجي سر سولائيءَ سان منهن ڏيئي سگهي." اهو اندازِ فڪر آهي، جنهن جي ذريعي هر ڪردار پنهنجي جدوجهد جو آغاز ڪندو آهي. مقامي ماڻهوءَ لاءِ تشدد رڳو هڪ ڇڙي دستورالعمل جي نمائندگي ڪري ٿو. جنگ ۾ جنبيل ماڻهو به رڳو هڪ ڪارڪن هوندو آهي. اهي سوال جيڪي تنظيم ڪنهن ويڙهاڪ ڪارڪن کان پڇندي آهي، جي انهيءَ نقطه نظر مطابق هوندا آهن، مثال طور: "تو ڪٿي ڪم ڪيو آهي؟ ڪنهن سان گڏ ڪم ڪيوآهي؟ ڪهڙو ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي؟" وغيره. ٽولي ناهڻ جو مقصد هيءُ هوندو آهي ته هر فرد کو اهڙو ڪم ڪري، جيڪو اڻ مٽ هجي. مثال طور الجزائر ۾ جن ماڻهن عوام کي قومي جدوجهد ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ سڏ ڏنو، تن سيني کي ماريو ويو ۽ باقي رهيلن کي پوليس ڳوليندي وتي. اهڙي نموني جيڪا صورتحال جيتري مايوس ڪندڙ هئي، اوتري همت ڏيارينڊڙ به هئي. توهان انهيءَ نئين رنگ روٽ تي يقيني طرح ڀروسو ڪري سگهو ٿا، جيڪو سامراجي نظام ۾ واپس وڃي ئي نه ٿو سگهي. آءٌ سمجهان ٿو ته ڪينيا ۾ "مائو مائو تحريڪ" به اهڙي طريقي سان هلي هوندي، جيڪا ٽوليءَ جي هر ميمبر کان اها گهُر ڪندي هوندي ته اهو شڪار کي ضرور نشانو بنائي. ان نموني هر شخص ذاتي طرح پنهنجي شڪار جي موت جو ذميوار هوندو آهي. ائين ڪم ڪرڻ جو مطلب اهو ٿيو ته ڌارئين ڦوروءَ جي موت لاءِ ڪم ڪيو وڃي. تشدد اُپارڻ لاءِ اها ذميواريءَ جو احساس، گمراهه ۽ غير قانوني ڪم ڪندڙ، ٻنهي ماڻهن کي موقعو ڏيندو آهي ته اهي پنهنجي جاءِ تي واپس اچي وڃن ۽ هڪ دفعو وري پاڻ کي منظم ڪن.

اهڙيءَ طرح تشدد، شاهي معافي نامي جي صورت اختيار ڪري ويندو

آهي، ۽ بيٺڪي ماڻهو تشدد ۾ ۽ تشدد جي ذريعي آزادي حاصل ڪندوآهي. اهو اصول ڪم ڪندڙ کي روشني عطا ڪندو آهي، ڇاڪاڻ ته اهو اصول "مقصد ۽ ذريعي" بنهي کان هڪ ئي وقت واقف ڪرائيندو آهي.

سيزر جي شاعري، تشدد جي انهيءَ خاص پهلوءَ ۾ پيغمبرانه اهميت رکي ٿي. سندس الميه نظم (Tragdy Poem) جي ڪن نهايت فيصلي ڪن صفحن کي ياد ڪريو، جن ۾ باغي (حقيقي) پنهنجي روش جي وضاحت ٿو ڪري:

"باغي (سختيءَ سان): منهنجو نالو: هڪ ڏوهه،
منهنجو عيسائي نالو: عاجزي،
منهنجي حيثيت، بغاوت؛
منهنجي عمر ــ پٿر جو زمانو.
ماءُ: منهنجو نسل ــ انساني نسل؛
منهنجو مذهب، پائيچارو.
باغي: منهنجو نسل، ذلتن ۾ ڪرندڙ جو نسل،
منهنجو مذهب.....، پر تون مون کي پنهنجي عدم تشدد جي نالي ان جي واٽ نه ٿي ڏيکاري سگهين.

مان پاڻ پنهنجيءَ بغاوت، پنهنجن پڪوڙيل مُٺين ۽ پنهنجيءَ دماغي پريشانيءَ سان.....

(پُرسڪون انداز ۾) اهو نومبر جو ڏينهن مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي.
مشڪل سان ڇهه مهينا گذريا هوندا.....
جو منهنجو آقا منهنجي ڪيبن ۾ آيو،
ستين اپريل جي چنڊ وانگر دونهين ۾ ويڙهيل،
سندس ننڍيون مضبوط ٻانهون پڪڙيل هيون
ڏاڍو سٺو مالڪ هو اهو
پنهنجين ٿلهين اکرين سان پنهنجو ننڍڙو چهرو مهٽي رهيو هو.
سندس نيريون اکيون مرڪي رهيون هيون
۽ سندس وات مان منا لفظ نڪري رهيا هئا
"هي ڇوڪرو تمام چڱو ماڻهو بنبو،" هن مون ڏانهن ڏسندي چيو
۽ هن منهنجي آقا، ٻيون به ڪيتريون چڱيون ڳالهيون ڪيون.
ته توکي ننڍيءَ عمر ۾ ڪم شروع ڪرڻو پيو.
نيڪ عيسائي ٿيڻ لاءِ،

سُنو غلام بنجڻ لاءِ،
هڪ محنتي ۽ وفادار ڇوڪرو ٿيڻ لاءِ
پنهنجي جهاز جي ڪمانڊر جي ماتحتيءَ ۾ زنجيرن ۾ جڪڙيل غلامن جو ڪيپٽن بنجڻ لاءِ،
جنهن جون نظرون تيز ۽ ڏورا مضبوط هجن.
ويهن سالن جو ڪو وڏو عرصو ناهي.
انهيءَ شخص منهنجي ٻار جي پينگهي کي صرف اهو سمجهيو ته
اهو پينگهو غلامن جي ڪپتان جي ٻار .و پينگهو آهي.
۽ اسان پنهنجا خنجر کڻي پيٽ ۾ گسڪڻ لڳاسين،
ماءُ: افسوس انهيءَ لاءِ توکي پنهنجي حياتيءَ تان هٿ ڌوئڻا پوندا.
باغي: مون ماري وڌو
مون ان کي پنهنجن هٿن سان قتل ڪيو.
ها اهو هڪ فائديمند موت هو، هڪ ڀرپور موت ـــ!
رات جو وقت هو
اسان ڪمند جي ڪيتن ۾ گسڪندا رهياسين.
اسان جا مُخبر ستارن کي گيت ٻڌائيندا رهيا،
مگر اسان ستارن جي پرواهه نه ڪئي.
ڪمند جي ساون پٽن پنهنجيءَ تيز ڌار سان اسان جا چهرا ڦٽي وڌا ـ
ماءُ: مون سوچيو هو ته منهنجو پٽ منهنجيون اکيون بند ڪندو.
باغي: ليڪن آءٌ ته پنهنجي پٽ جون اکيون نئين سج جي سامهون کولڻ ٿو چاهيان!
ماءُ: اي منهنجا پٽ! بديءَ ۽ بدقسمتيءَ جا پٽ!
باغي: زنده ۽ پر شوڪت موت جو ماءُ!
ماءُ: ان ڪري، جو هن بنهه گهٽي نفرت ڪئي.
باغي: ان ڪري، جو هن بي پناهه محبت ڪئي.
ماءُ: خدا جي واسطي مون کي ڇڏي ڏي،
آءٌ تنهنجي زنجيرن ۾ جڪڙيل آهيان.
آءٌ تنهنجن زخمن سان ڦٽيل آهيان.
باغي: مگر دنيا مون کي نه ٿي ڇڏي.....
دنيا جي ڪابه غريب مخلوق اهڙي ناهي، جنهن کي ماريو ويو نه هجي

۽ آءُ قتل نہ ٿيو هجان.
جنهن کي عذاب ۾ نہ وڌو ويو هجي
۽ مون ايذاءُ محسوس نہ ڪيو هجي.
ماءُ: اي جنت جا خدا! هن کي ڇوٽڪارو ڏئي.
باغي: اي منهنجي دل!
تون مون کي منهنجين يادين کان ڇوٽڪارو نہ ڏيندينءَ!
اها نومبر جي هڪ شام هئي.....
۽ هڪدم آوازن ماڻ کي روشن ڪري ڇڏيو.
اسان حملو ڪري ڏنو هو.
اسان غلامن، اسان گندن پيرن وارن، وارن،
اسان مانيٽن کُرن وارن جانورن!
اسان چرين وانگر ڊوڙي رهيا هئاسين.
گوليون زوزاٽ ڪري رهيون هيون.
اسان ڏڪ هني رهيا هئاسين.
رت ۽ پگهر اسان کي تازو توانو ڪري ڇڏيو هو.
اسان ان جاءِ تي حملو ڪري رهيا هئاسين، جتان آواز اچي رهيا هئا.
آواز سخت ۽ کهرا ٿيندا ويا
۽ اوپر کان گوڙ اُٿيو.
خدمتگارن جا گهر سڙي رهيا هئا
۽ باهہ جون بنهہ نرم لاٽون، اسان جي چهرن تي پئجي رهيون هيون.
پوءِ آقا جي گهر تي حملو ٿيو.
هُتان هو درين مان گوليون ڇوڙي رهيا هئا.
اسان دروازا ٽوڙي اندر وياسين.
آقا جو ڪمرو بلڪل ڪليل هو.
آقا جو ڪمرو تيز روشنين سان ٻهڪي رهيو هو
۽ آقا اتي موجود هو، ڏاڍو پُرسڪون
۽ اسان جا ماڻهو پنڊپهڻ تي بيهي رهيا.....
سامهون آقا کي ڏسي.....
مان اندر گهڙيس
"تون آهين؟" هن ڏاڍي آرام سان چيو.....

"ها! اهو آءٌ ئي هوس، آءٌ!"

۽ مون کيس ٻڌايو تہ "آءٌ نيڪ غلام، وفادار غلام، غلامن جو غلام آهيان."

اوچتو هن جون اکيون برسات جي مند ۾ ڊنل ڪڪڙ وانگر ٿي ويون.....

مون ڏڪ هنيو ۽ رت اُڏيو،

۽ اهو بيتسهو آهي، جيڪو مون کي اڄ تائين ياد آهي" (١)

ظاهر ڳالهہ آهي تہ اهڙي ماحول ۾ روزمره جي زندگي ناممڪن ٿي پوندي آهي، ۽ پوءِ اوهان اڳ وانگر نہ تہ هاري رهي سگهو ٿا، نہ دلال ۽ نہ شرابي. سامراجي حڪومت جو تشدد ۽ غلام ماڻهوءَ جو جوابي تشدد، ٻئي وزن ۾ هڪجيترا هوندا آهن، ۽ هڪ غير معمولي بدليل هڪجهڙائيءَ سان هڪٻئي جو جواب ڏيندا آهن. اها تشدد جي حڪمراني ايتري ئي سخت پوائتي هوندي، جيترا سامراجي ملڪ جا مفاد هوندا ــ ۽ ٻيٽڪي عوام ۾ تشدد جو وڌارو انهيءَ نسبت سان ٿيندو، جنهن نسبت سان ڊنل سامراجي حڪومت تشدد ڪندي.

بغاوت جي پهرئين مرحلي ۾ تہ سامراجي ملڪن جون حڪومتون بہ اُتي جي سرمائيدارن جون غلام هونديون آهن، ۽ اهو ڌاريون ڦورو سرمائيدار پنهنجيءَ حڪومت ۽ ٻيٽڪي عوام ٻنهيءَ کي گڏوگڏ ڊيڄاريندو آهي. هو هڪٻئي جي خلاف هڪ ئي قسم جا طريقا استعمال ڪندا آهن. ابوبان جي ميئر جو قتل، سبب ۽ طريقي جي اعتبار سان علي بومنديل جي قتل جهڙو آهي، پر ڌارئين ڦورو سرمائيدار لاءِ مسئلو، الجزائري الجزار يا فرانسيسي الجزائر جو نہ هوندو آهي، پر آزاد الجزائر ۽ ٻيٽڪي الجزائر ۾ چوندہ جو هوندو آهي. ان کان سواءِ جيڪي ڪجهہ آهي، اهي رڳو بيڪار ڳالهيون آهن يا ڳجهي سازش جي ڪوشش. ڌارئين ڦوروءَ جو منطق تہ سخت گير هوندو ئي آهي، پر ديسي ماڻهن جي لاڙن ۾ جيڪو جوابي منطق نظر ايندو آهي، اهو اڃا وڌيڪ حيران ڪندڙ معلوم ٿيندو آهي، بشرطيڪ اسان کي ڌارئين ڦوروءَ جي خيالن جو تاڃي پيٽو اڳ ۾ ئي معلوم نہ هجي. انهيءَ وقت کان وٺي جڏهن ديسي ماڻهو جوابي تشدد کان ڪم وٺڻ جو فيصلو ڪندا آهن، پوليس جي انتقامي ڪاروائي خودبخود قوم پرستن جي انتقامي ڪاروائيءَ کي جنم ڏيندي آهي. پوءِ ان سان برابر نتيجو نڪري نہ سگهندو آهي، ڇاڪاڻ تہ هوائي جهازن

(١) ايمي سيزير: نظم ــ 'هٿيار جا معجزا'.

وسيلي وسندڙ گوليون ۽ ساموندي جهازن وسيلي ٿيندڙ بمباريون، دهشت ۽ خوف جي اعتبار کان قوم پرستن جي ڏنل جواب کان سگهاريون هونديون آهن. هي دائمي ۽ لڳاتار دهشت، سامراج جي پيڙيل ماڻهن ۽ سڀ کان وڌيڪ غير جانبدار ماڻهن کي به هميشه لاءِ حقيقت کان واقف ڪرائي ڇڏيندي آهي. انهن کي اتي ئي احساس ٿي ويندو آهي، ته انساني برابريءَ جي باري ۾ ڪيل تقريرن ۽ واعظن جي گهٽائي به هن معمولي سچائيءَ کي ڪوڙو ثابت نه ٿي ڪري سگهي، ته واسڪا موديءَ ۾ قتل ٿيل يا قتيل ست فرانسيسي، سموري "سڌريل" دنيا جي ضمير ۾ نفرت جي باهه پڙڪائي ٿا ڇڏين، پر "گور گور" ۽ "جيرا" جي ڳوٺن جي تباهي ۽ سموري آباديءَ جو قتل عام (واسڪا موديءَ جو مورچو جنهن جي جوابي ڪاروائي هو) ڪنهن به اهميت لائق نه سمجهيو ويو ــ دهشت، جوابي دهشت! تشدد، جوابي تشدد، اهوئي اهو سيڪجهه آهي، جنهن جو بيان عام مبصر ڪندا آهن، ۽ نفرت جي انهيءَ دائري جو ذڪر (جيڪو الجزائر ۾ هن وقت ڏاڍو مضبوط ۽ چٽو آهي) ڏاڍي ڪوڙاڻ سان ڪندا آهن.

هر هٿياربند جدوجهد ۾ هڪ اهڙو مقام به ايندو آهي، جتان واپسي ناممڪن هوندي آهي. گهٽو ڪري اهو موقعو هميشه ان وقت ايندو آهي، جڏهن اهڙو سخت ۽ عام ڏاڍ ٿيندو آهي، جو بيٺڪي عوام جو هر طبقو ان جي ٻُڪ تي ويندو آهي. الجزائر ۾ اُهو وقت 1955ع ۾ فلپ ول جي ٻارهن هزارن ماڻهن جي تباهيءَ وقت آيو، ۽ پوءِ جڏهن 1956ع ۾ لاڪوستي شهري ۽ ڳوٺاڻي رضاڪار فوج قائم ڪئي (١)، تڏهن ڏارين ڦورن سميت هر شخص تي واضح ٿي ويو ته "هاڻي حالتون اهڙيون ناهن، جهڙيون اڳ هيون." پوءِ بيٺڪي

(١) الجزائر جي فرانسيسي حڪومت جي انهيءَ فيصلي جي اهميت کي سمجهڻ لاءِ اسان کي ان دور ڏانهن موٽڻو پوندو. چوٿين الجزائري مزاحمت، تاريخ 28 مارچ، 1957ع مان هيٺيون ٽڪرو ڏسو:

"اقوام متحده جي جنرل اسيمبليءَ جي خواهش جي جواب ۾ فرانسيسي حڪومت هاڻي فيصلو ڪيو آهي ته شهري رضاڪار فوج قائم ڪئي وڃي. اقوام متحده چيو "ڪافي رت وهايو ويو آهي" ، لاڪوستي جواب ڏنو، "اسان کي رضاڪار فوج قائم ڪرڻ گهرجي." اقوام متحده جي اسيمبليءَ مشورو ڏنو ته "جنگ بند ڪئي وڃي" ، لاڪوستي رڙ ڪئي "اسان کي ڪپي ته شهرين کي مسلح ڪريون" . اهڙي وقت ۾ جڏهن آمهون سامهون صفون ٻڌي بيٺل ٻنهي ڌرين کي اقوام متحده جي سفارش تي هڪٻئي سان لاڳاپي قائم ڪرڻ جي دعوت ڏني ويئي ته جيئن اهي سمجهوتو ڪري سگهن ۽ مسئلي جو ڪو پرامن جمهوري حل ڳولي سگهڻ جي ڪوشش ڪن. لاڪوستي هيءُ

عوام رڳو حساب ڪتاب ناهي ڪندو، هو پنهنجين صفن ۾ موجود انهن وڏن وڏن ڏارن تي نظر رکندو آهي، جيڪي لازمي طور برائيءَ وانگر سندن وچ ۾ پئجي ويندا آهن. جيئن ته عوام تشدد سان جواب ڏيڻ جو پڪو پهه ڪندو آهي، ان ڪري هو نتيجا پوڳڻ لاءِ به تيار رهندو آهي. عوام جواب ۾ رڳو انهيءَ ڳالهه تي زور ڏيندو آهي ته ٻين جي باري ۾ به ڪو حساب ڪتاب نه رکيو وڃي. انهيءَ پهاڪي ته "سڀ ديسي ماڻهو هڪجهڙا آهن جو هيءُ جواب ڏيندا آهن ته "سڀ ڏاريا ڦورو هڪجهڙا آهن" (١). جڏهن مقامي ماڻهو کي ايذايو ويندو آهي، جڏهن سندس زال کي قتل ڪيو ويندو آهي يا اُن جي لڄ لُٽي ويندي آهي ته ديسي ماڻهو ان ڳالهه جي ڪنهن سان به شڪايت نه ڪندو آهي. غاصب حڪومت جيڪڏهن گهري ته ڏهاڙي تحقيقاتي ۽ معلوماتي ڪميشن مقرر ڪندي رهي، پر مقامي ماڻهوءَ جي نظر ۾ اهڙين ڪميشنن جو ڪوبه وجود نه هوندو آهي. هيءَ حقيقت آهي ته الجزائر ۾ فرانسيسين جي ڏوهن جا ست سال جلد پورا ٿي ويندا، پر هن گهڙيءَ تائين هڪ به فرانسيسي اهڙو ناهي، جنهن کي ڪنهن فرانسيسي عدالت جي ڪٺهڙي جي اڳيان ڪنهن الجزائريءَ جي قتل جي الزام ۾ ڏوهي قرار ڏيئي بيهاريو ويو هجي.

(١) اهوئي سبب آهي جو جنگ شروع ٿيڻ وقت جنگي قيدي نه بنايا ويندا آهن. مقامي اڳواڻن جي سياسي تربيت جي ڪري ئي تحريڪ جا اڳواڻ عوام ڪان هي ڳالهيون مڃائيندا آهن (١) سامراجي ملڪ مان آيل ماڻهو هميشه پنهنجي مرضيءَ پٽاندر ڪم نه ڪندا آهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن ته اهي جنگ ڪان بيزار به هوندا آهن ان ڪري ڪين مارڻ بدران قيدي بنائڻ گهرجي. (٢) تحريڪ لاءِ اها ڳالهه فائديمند هوندي آهي ته ان جا ڪارڪن پنهنجي عمل سان ثابت ڪن ته اهي ڪن عالمي قانونن جو احترام ڪن ٿا، جنهن ۾ گرفتار ٿيل ماڻهوءَ کي قتل ڪرڻ بدران قيدي بنائڻ گهرجي. (٣) فوج جڏهن قيدي بنائيندي آهي ته اها فوج ئي هوندي آهي، ان کي وات تي ڦرلٽ ڪندڙ ڏاڙيلن جو ٽولو نه سمجهيو ويندو آهي. (٤) حالتون ڪٽي ڪهڙيون به هجن، قيدين جي موجودگي مخالف طاقت تي دباءُ وجهڻ جو ذريعو بنجي ويندي آهي. انهيءَ ڳالهه کي ڪڏهن نظرانداز نه ڪرڻ گهرجي ته قيدين جي ذريعي اسان پنهنجن انهن ماڻهن جي حفاظت ڪري سگهون ٿا، جيڪي دشمن جي قبضي ۾ آهن. (مصنف)

هلندڙ: قانون نافذ ڪيو آهي ته هن وقت هر يورپي ماڻهوءَ کي هٿياربند ڪيو وڃي ته جيئن جيڪو به ماڻهو شڪي حالت ۾ نظر اچي، ان کي يورپي ماڻهو گولي هڻي ڇڏي. اسيمبليءَ ۾ اهو به طئي ٿيو هو ته حاڪمن کي هر قيمت تي اهڙي وحشيائي ظلم، جبر ۽ تشدد جي مخالفت ڪرڻ گهرجي، جيڪو نسل ڪشيءَ جي دائري ۾ ايندو هجي. ليڪن لاڪوستي طرفان ان جو جواب هيءُ آهي "اسان کي ظلم ۽ جبر منظم ڪري، الجزائر ۾ انسانن جو باضابطي شڪار ڪرڻ گهرجي" ــ ۽ ان جي نشانيءَ طور هُو فوج

هند چيني، مدگاسڪر يا ٻين بيٺڪن ۾ هر ديسي ماڻهو چڱيءَ طرح اهو سمجهي ٿو ته ڪيس ٻئي مان ڪابه اُميد ناهي رکڻي. ڏارئين ڦوروءَ جو هيءُ ڪم آهي ته اهو ديسي ماڻهوءَ کي آزاديءَ جو خواب به ڏسڻ نه ڏئي. مقامي ماڻهوءَ جو هيءُ ڪم آهي ته اهو ڏارئين ڦوروءَ جي تباهيءَ جي هر ممڪن قدم جو تصور ڪري. منطقي سطح تي ڏارئين ڦوروءَ جي "ٻيائي"، ديسي ماڻهوءَ جي "دوئيءَ" کي جنم ڏئي ٿي. مقامي ماڻهوءَ جي "ننهن چوٽي تائين برائيءَ" واري نظرئي جو جواب، ڏارئين ڦوروءَ جي "ننهن چوٽي تائين برائي" آهي.

"فلسفه اتحاد قوم و مذهب" جي اصطلاح ۾ ته بيٺڪيت جو مفهوم، قديم معاشرت جو خاتمو، ثقافتي سستي ۽ ماڻهن جي بي حسي آهي، ليڪن بيٺڪي سرشتي ۾ جڪڙيل ماڻهوءَ جي نظر ۾ زندگيءَ جا گونج فقط سامراجيءَ جي سڙندڙ لاش مان ئي ڦٽي سگهندا آهن. اهڙيءَ ريت ٻنهي فڪري سلسلن ۾ مڪمل مطابقت ملي ٿي. پر ٿيندو هيئن آهي ته بيٺڪي ماڻهن لاءِ هيءُ رڳو تشدد جو ئي ڪارنامو هوندو آهي، ان ڪري انهيءَ سان سندن ڪردار ۾ مثبت ۽ تخليقي صلاحيتون ڦٽنديون آهن. تشدد جو عمل سڀني ديسي ماڻهن

هلندڙ: ڪي شهرين جا اختيار ۽ شهرين کي فوجي اختيار ڏئي رهيو آهي. اهڙيءَ ريت هي دائرو مڪمل ٿئي ٿو، جنهن جي وچ ۾ خالي هٿين، ساڙيل، جڪڙيل، ڏڪاريل، ڏڪائل، ماريل الجزائري مشڪوڪ هئڻ ڪري جلد قتل ٿي ويندا. اڄ الجزائر ۾ ڪوبه اهڙو فرانسيسي ناهي، جنهن کي پنهنجا هٿيار رکڻ جو اختيار نه هجي، ۽ ان کي انهن هٿيارن جي استعمال جي دعوت حڪومت طرفان نه ڏني ويئي هجي. اقوام متحده جي امن جي اپيل جي هڪ مهيني گذرڻ کان پوءِ الجزائر ۾ ڪوبه اهڙو فرانسيسي ناهي، جنهن کي هن ڳالهه جي اجازت نه هجي ۽ جنهن جو اهو فرض نه هجي ته اهو شڪي حالت ۾ گهمندڙ ماڻهن جي تحقيق ڪري، انهن کي ڳولي ۽ سندن پيچو ڪري.

اقوام متحدا جي جنرل اسيمبليءَ جي آخري قرارداد پاس ٿيڻ کان هڪ مهينو پوءِ الجزائر ۾ هڪ به اهڙو يورپي ماڻهو نه بچيو، جيڪو جديد دور جي انتهائي دهشتناڪ نسل ڪشيءَ جي ڪم ۾ شامل نه ٿيو هجي. اهو آهي جمهوري حل!؟ ٺيڪ آهي لاڪوستيءَ جو چوڻ آهي ته الجزائرين جي قتل عام کان اسان کي شروعات ڪرڻ گهرجي ۽ ان ڪم لاءِ شهرين کي هٿياربند ڪري کين مڪمل اختيار ڏنا وڃن. مجموعي حيثيت سان پيرس جي اخبار پنهنجا رايا محفوظ رکندي، هٿياربند ٽولن جي تنظيم جو خير مقدم ڪيو آهي. انهن ٽولن کي فاشسٽ مليشيا چيو ويو آهي. ليڪن انفرادي سطح تي، انساني حقن جي سطح تي اهڙو سامراج، جنهن جون جڙون، روايتي بيٺڪي ملڪ ۾ گهريون هجن، اهو جيڪڏهن فاشزم ناهي ته ٻيو ڇا آهي؟ اهو خيال به ظاهر ڪيو ويو آهي ته انهن کي ته باقاعدي منظم ڪيو

کي هڪ وحدت جي لڙيءَ ۾ پوئي ڇڏيندو آهي، اهو هيئن جو هر فرد هڪ وڏيءَ زنجير ۾ تشدد جي هڪ ڪڙيءَ يا تشدد جي هڪ عظيم وڏنڌڙ ڪل جو هڪ جزو هوندو آهي، انهيءَ تشدد جو جيڪو ڌارئين قوروءَ جي پهرئين تشدد جي جواب ۾ تيزيءَ سان اڳتي وڌندو آهي. ديسي ماڻهن جي هر ٽولو ٻئي کي تسليم ڪندو آهي ۽ مستقبل جي هيءَ قوم ناقابل تقسيم (ورهائجي نہ سگهندڙ) هوندي آهي. هٿياربند لڙائي عوام کي تيزيءَ سان چرپر ۾ آڻيندي آهي، يعني انهن کي هڪ واٽ ۽ هڪ منزل ڏانهن وڌڻ جو ڏس ڏيندي آهي.

عوام جي اها هلچل، جيڪا آزاديءَ جي جنگ مان جنم وٺندي آهي، سا هر شخص جي شعور ۾ گڏيل مقصد، قومي تقدير ۽ اجتماعي تاريخ جا تصور پيدا ڪندي آهي. اهڙيءَ ريت ٻئي دور ۾، جيڪو قومي تعمير جو دورو هوندو آهي، انهيءَ سيمنٽ مان مدد ملندي آهي، جنهن ۾ عوام جي ڪاوڙ ۽ رت بہ شامل هوندا آهن. انهيءَ نموني اسان انهن لفظن جي اصلي حقيقت جو مفهوم سمجهي سگهون ٿا، جيڪي اهڙن پنتي پيل ملڪن ۾ استعمال ڪيا ويندا آهن. سامراجي نظام دوران عوام کي تشدد جي خلاف

هلندڙ: ويو آهي، ليڪن ڇا الجزائر جي جسم تي لڳل هڪ سؤ ويهہ سال پراڻا زخم وڏيڪ وڏندا ۽ ويڪرا ٿيندا نہ پيا وڃن؟ ڇا اهي تعداد گهرائيءَ جي اعتبار سان وڏي نہ رهيا آهن؟ پارليمينٽ ۾ ايم. پي. آر جي نمائندي موسيوڪيني وگنس راءِ ڏني آهي تہ "ٿورو هوشيار ٿيو. ڇا اسان انهيءَ رضاڪار فوج ذريعي الجزائر جي ٻنهي قومن جي وچ ۾ ويڇو وڌائڻ جو خطرو تہ نہ ڪٽي رهيا آهيون." اهو صحيح آهي مگر بينڪي سرشتو پوريءَ هڪ قوم کي غلاميءَ جي سطح تي آڻڻ جي منظم ڪوشش ناهي؟ الجزائر جو انقلاب انهيءَ غلاميءَ ۽ انهيءَ خواريءَ جي ڪڏ جي مثبت نفي آهي. الجزائري انقلاب، قابض قوم کي خطاب ڪندي چوي ٿو: "الجزائر جي رت هاڻي جسم مان پنهنجا چنبا ڪيوا! الجزائري عوام کي ڳالهائڻ ڏيو."

انهن جو چوڻ آهي تہ رضاڪار فوج جي تياري اصلي فوج جو ڪم هلڪو ڪندي، ان ڪري فوج جا ڪجهہ دستا واندا ٿي ويندا، جن جي ذمي مراڪش ۽ تيونس جي سرحدن جي حفاظت هوندي. الجزائر ۾ ڇهہ لک فوج موجود آهي. گهٽو ڪري سموري ساموندي ۽ هوائي فوج بہ هتي ئي آهي. تندرست ۽ تيار پوليس بيشمار تعداد ۾ هتي آهي، جنهن خوفناڪ حد تائين اعليٰ ڪارناما ڪري ڏيکاريا آهن، ۽ جنهن ۾ مراڪش ۽ تيونس جا اڳوٽا مشهور عذاب ڏيندڙ بہ شامل ڏيکاريا ويا آهن. هڪ لک مقامي فوجي دستا بہ آهن. بهرحال فوج جي ڪم کي هلڪو ڪرڻو ئي آهي، ان ڪري اسان کي رضاڪار فوج ناهڻ گهرجي. اها حقيقت آهي تہ لاڪوستي پنهنجي وڦل ۽ ڏوهاري چريائپ، فرانسيسي عوام تي مڙهي رهيو آهي. سچ هيءُ آهي تہ رضاڪار فوج جي بناوت پنهنجي تضادن کي خود پنهنجي جواز ۾ ظاهر ڪري ٿي.

جدوجهد تي اُپاريو ويندو آهي، ۽ قومي آزاديءَ کان پوءِ کين غريبيءَ، بک ۽ ڏک جي خلاف جنگ لاءِ اُپاريو ويندو آهي. اهڙيءَ ريت سندن چوڻ مطابق جدوجهد جاري رهندي آهي ۽ ماڻهو انهيءَ حقيقت کي سمجهندا آهن ته زندگي هڪ اڻ کُٽ جدوجهد جو نالو آهي.

اسان اڳ ۾ چئي آيا آهيون ته ديسي ماڻهو جو تشدد، عوام جي اتحاد جو سبب بڻبو آهي. بيئڪي نظام، پنهنجيءَ فطرت ۾ فرقي پرست ۽ علائقيت نواز هوندو آهي. سامراجيت رڳو قبائلي وجود جو احساس نه ڏياريندي آهي، پر اها ان کي خوراڪ به ڏيندي آهي ۽ انهن ۾ اختلاف پيدا ڪندي آهي. سامراجيت، سردارن جي همت افزائي ڪندي آهي ۽ پرائن مرابطين جي برادرين کي زنده ڪندي آهي. تشدد باعمل بنجي، قومي حيثيت اختيار ڪندو آهي، جنهن ۾ سيڪو شامل هوندو آهي، ان ڪري اهو علائقي پرستيءَ ۽ قبيلي نوازيءَ جي خاتمي جو سبب بڻبو آهي.

اهوئي سبب آهي جو قومي جماعتون، قبائلي قاعدن ۽ روايتي سردارن سان ڪابه همدردي نه رکنديون آهن. عوام جي اتحاد لاءِ قبائلي قاعدا ۽ سردارن جي تباهي پهريون شرط هوندو آهي. انفرادي سطح تي تشدد هڪ صفائي ڪندڙ ٽانڪ آهي. اهو ديسي ماڻهن کي احساس ڪمتري، مايوسيءَ ۽ سستيءَ کان ڇوٽڪارو ڏياريندو آهي. تشدد عوام کي بي ڊپو بنائيندو آهي، ۽

هلندڙ: فرانسيسي فوج جو ڪم ڪڏهن به ختم ٿيڻ وارو ناهي. نتيجي طور ان کي جڏهن الجزائري عوام جو منهن بند ڪرڻ جو ڪم سونپيو ويو آهي ته مستقبل جو دروازو به هميشه لاءِ بند سمجهڻ گهرجي. ان کان سواءِ الجزائري انقلاب جي چنڊچاڻ ڪرڻ، ان کي سمجهڻ، ان جي گهرائي ۽ وزن جو اندازو ڪرڻ به ڏوهه آهي. شعبن جا رهنما، رهائشي وستين جا اڳواڻ، گهٽين جا قائد، گهرن جا مهندار، زمين جي حفاظت ڪندڙ ليڊر..... ۽ اڄ صورتحال هيءَ آهي ته ظاهري ڊانچي کان سواءِ ڳجهيءَ طريقي سان ڪم ڪندڙن جو به هڪ جار وڇايو پيو وڃي.

اٽيتاليهن ڪلاڪن ۾ ٻن هزار رضاڪارن جي پرتي ٿي. يورپي ماڻهن لاڪوستيءَ جي 'قتل عام جي دعوت' تي لبيڪ چيو. طئي اهو ٿيو ته هائي ڪان هر يورپي پنهنجي علائقي جي سمورن جيئرن الجزائرين تي چوڪسي رکندو. ان کان سواءِ هر يورپي، مخبري ڪرڻ، دهشت پسنديءَ جي هر فعل جي "فوري جواب"، شڪي ماڻهن جي ڏس ڏيڻ، روپوشن جي گرفتاريءَ ۽ پوليس جي ڪمن ۾ مدد ڪرڻ جو ذميوار هوندو. يقيني طرح فوج جو ڪم هلڪو ڪرڻ گهرجي. اڄ مٿاهينءَ سطح جي صفائيءَ سان گڏوگڏ ڪڏن کوهن کي پرڻ جو ڪم به وڌي ويو آهي. اڄ انهيءَ قتل ۾، جيڪو روز جو معمول هو، رڌابنديءَ سان قتل عام جو ڪم به شامل ٿي ويو آهي. اقوام متحده مشورو ڏنو ته "خونريزي بند ٿيڻ گهرجي." لاڪوستيءَ جواب ڏنو، "ان

ان ۾ پنهنجيءَ عزت جو احساس زنده ڪندو آهي. جيڪڏهن هٿياربند لڙائي رڳو علامتي هجي ۽ سامراجي خاتمي جو تيز عمل ماڻهن ۾ هلچل ختم ڪري ڇڏي، تڏهن به ماڻهن کي اهو ڏسڻ جو موقعو ضرور ملي ويندو آهي ته آزاديءَ جي حاصلات هر فرد جي گڏيل ڪوشش جو نتيجو آهي، ۽ ان ۾ ليڊرن کي ڪو خاص امتياز حاصل نه هوندو آهي. اتان کان ان جارحانه بيپرواهيءَ جي شروعات ٿيندي آهي، جيڪا نيون حڪومتون، سرڪاري آدابن ۽ رواجن جي خلاف ڏاڍي تيزيءَ سان اختيار ڪنديون آهن. جيڪڏهن عوام تشدد ذريعي قومي آزادي حاصل ڪئي آهي ته اُهو ڪنهن کي به اهو حق نه ڏيندو ته اهو پاڻ کي "آزادي ڏيارينڊڙ" سمجهي. عوام پنهنجي عمل جي نتيجي بابت ڏاڍو حساس ٿيندو آهي، ۽ انهيءَ ڳالهه جو خاص خيال رکندو آهي ته ڪٿي سندس مستقبل، سندس تقدير يا سندس ملڪ جو مقدر ڪنهن "زنده ديوتا" جي هٿ ۾ نه هليو وڃي. ڪالهه تائين اُهو عوام مڪمل غير ذميوار هو، پر اڄ اُهو هر شيءِ کي سمجهڻ ۽ هر قسم جا فيصلا ڪرڻ چاهيندو آهي. تشدد سان روشن عوامي شعور، هر قسم جي بي حسيءَ جي خلاف بغاوت ڪندو آهي. هاڻي ڄاڙي باز خطيبن، موقعي پرستن ۽ جادوگرن کي ڏاڍين ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پوندو آهي. اهو عمل جنهن عوام کي هٿو هٿ جنگ ۾ ڏکي ڇڏيو هو، انهيءَ عمل عوام ۾ ٿوس حقيقتن جو شديد احساس به پيدا ڪيو آهي، ان ڪري حقيقتن تي پردو وجهڻ جي ڪوشش نيٺ ناممڪن بنجي ويندي آهي.

هلندڙ: جو سڀ ڪان چڱو طريقو هيءُ آهي ته وهڻ لاءِ رت ٿي نه ڇڏيو وڃي." الجزائري عوام کي ماسو جي فوجين جي حوالي ڪرڻ کان پوءِ شهري رضاڪارن جي حفاظت ۾ ڏنو ويو. انهن رضاڪارن کي منظم ڪرڻ سان لاڪوستي نهايت چٽي نموني ظاهر ڪري رهيو آهي ته هاڻي هو پنهنجيءَ جنگ ۾ ڪنهن به قسم جي مداخلت برداشت نه ڪندو. انهيءَ مان ثابت ٿئي ٿو ته هڪ پيرو جيڪڏهن زوال جو عمل شروع ٿي وڃي ته پوءِ ان جي ڪابه حد نه رهندي آهي. هيءُ سچ آهي ته هن وقت هو پاڻ حالتن جو قيدي آهي، ليڪن پاڻ ڪرڻ کان پوءِ ٻين کي ڇڪي ڪيرائڻ ۾ ڪهڙي تسلي ٿي ٿئي.

اهڙن فيصلن کان پوءِ الجزائري عوام جون رڳون اڃا وڌيڪ تڪجي ويندیون آهن ۽ اهي وڌيڪ تيزيءَ سان جنگ ڪندا آهن. انهيءَ قسم جي عام قتل جي سمورن منصوبن کان پوءِ الجزائري عوام جي خود آگهي اڃا وڌيڪ وڌي ويندي آهي؛ ۽ سندن مقابلن ۾ طوفان جي تيزي اچي ويندي آهي ۽ عوام وڌيڪ منظم ٿي ويندو آهي. ها فرانسيسي فوج جو دائرو واقعي لامحدود آهي، ان ڪري جو الجزائري عوام جي اتحاد جو دائرو به لامحدود آهي. (مصنف)

تشدد، عالمي پس منظر ۾

گذريل صفحن ۾ اسان ڪيترا ڀيرا ذڪر ڪري چڪا آهيون ته پنتي پيل علائقن ۾ سياسي رهنما عوام کي هميشه جنگ لاءِ اڀارينداٿا رهندا آهن. سامراجيت جي جنگ، غريبيءَ ۽ پسماندگيءَ جي خلاف جنگ، بيجان روايتن جي خلاف جنگ ۽ ٻيون اهڙيون ڪيتريون جنگيون. پنهنجي اپيلن ۾، اُهي اڳواڻ جيڪي لفظ ڪتب آڻيندا آهن، سي فوجي سربراهن جي لفظن جهڙا هوندا آهن، مثال طور: "عام هڙتال"، "زرعي محاذ"، "جهالت خلاف جهاد"، "اهي شڪستون جيڪي اسان جي آڏو آيون"، "اُهي فتحون جيڪي اسان حاصل ڪيون" وغيره. جيئن ته پنتي پيل ملڪ جو سياسي سربراهه، اُن ڊگهي پنڌ کي ڏاڍي پريشانيءَ سان ڏسندو آهي، جيڪو ملڪ کي ڪرڻو هوندو آهي، ان ڪري نئين آزاد ٿيل قومن، پهرئين هڪ سال ۾ ته "ميدانِ جنگ" واريءَ فضا ۾ رهندي آهي. اڳواڻ، پنهنجيءَ قوم کي سڏيندو آهي ۽ چوندو آهي، "اچو ته سندرا ٻڌي ڪم ۾ جنبي وڃون!" ـــ ۽ سندس قوم هڪ قسم جي تخليقي جنون ۽ عظيم ۽ غير متوازن ڪوشش ۾ لڳي ويندي آهي. رڻابندي صرف ڏيڻ مان نڪرڻ جي نه هوندي آهي، پر پنهنجن حاضر وسيلن جي مدد سان ٻين قومن جي برابري ڪرڻ جي به هوندي آهي. سندن دليل هيءُ هوندو آهي ته يوربي قومون ترقيءَ جي هن منزل تي رڳو پنهنجين ڪوششن سان پهتيون آهن؛ ان ڪري، اهي سياسي اڳواڻ ائين چوندا رهندا آهن ته "اچو! اسان پاڻ تي ۽ سموريءَ دنيا تي ثابت ڪريون ته اسان به ڪاميابيون حاصل ڪرڻ جا اهل آهيون." اسان جي خيال ۾ پنتي پيل ملڪن جو اهو فڪري لهجو، ارتقائي جدوجهد ۾ نه صحيح آهي ۽ نه سمجهه پريو.

يوربي رياستن قومي ڳانڍاپو ان وقت حاصل ڪيو هو، جڏهن دولت جو گهڻو حصو قوم جي وچولي طبقي جي هٿن ۾ گڏ ٿيو هو. قومي ڍانچي ۾

دڪاندارن، ڪاريگرن، ڪلارڪن ۽ بئنڪارن وٽ دولت، واپار ۽ سائنس جي هڪ هٿي هئي. وچولو طبقو سمورن طبقن کان وڌيڪ سکيو ستابو ۽ ڦڙت هو. ان جي هٿ ۾ حڪومت آئي ته هن ڪن اهم رڻابندين تي عمل ڪيو، مثال طور: صنعتڪاري، مواصلات جي ترقي ۽ ترت پوءِ ساموندي رستن جي ڳولا. ڪن ملڪن کي ڇڏي (مثال طور انگلستان ڪجهه اڳتي نڪري چڪو هو)، يورپ ۾ مختلف ملڪ قومي ڳانڍاپي وقت ٿوريءَ گهڻيءَ گهٽ وڌائيءَ سان اقتصاديات جي هڪ ئي منزل تي هئا، ڪابه قوم اهڙي نه هئي، جيڪا پنهنجي ترقيءَ ۽ واڌاري سبب ٻين قومن کي بيعزتيءَ جو احساس ڏياريندي هجي. اڇڪلهه پنتي پيل علائقن ۾ قومي آزاديءَ ۽ قومي شعور جو واڌرو نون نمونن سان آڏو اچي رهيو آهي. انهن علائقن ۾ ڪن ظاهر ظهور ترقين کي ڇڏي ڏسبو ته مختلف ملڪن ۾ انهيءَ هيٺئين طبقي جو وجود ئي نظر نه ايندو. اڃا به عوام انهيءَ غريبي خلاف جدوجهد ڪندو رهي ٿو، اڳي وانگر ڪِري اٿڻ جي ڪوشش ۾ لڳو پيو آهي، ۽ پنهنجن پٺيءَ لڳل پيٽن سان بک جي جاگرافيءَ جو نقشو پيش ڪري رهيو آهي. هيءَ هڪ پنتي پيل دنيا آهي. اها دنيا، جيڪا غريبيءَ جي ڪري غير انساني دنيا نظر اچي ٿي، انهيءَ سان گڏوگڏ هيءَ اها دنيا آهي، جتي نه ڊاڪٽر آهن، نه انجنيئر آهن ۽ نه ئي سٺا منتظم. انهيءَ دنيا جي آڏو يورپي قومون دولت جي اڻ مئي ڏيک سبب مست مگن آهن. اها يورپي دولت، حقيقت ۾ ڪريل شيءِ آهي، ڇو ته ان جو بنياد غلاميءَ تي رکيل آهي. اُها غلامن جي رت تي وڌندي ويجهندي رهي آهي، ۽ سنئين سڌي، پنتي پيل دنيا جي زمين ۽ زمين جي هيٺين حصن مان گڏ ڪئي ويئي آهي. يورپي خوشحالي ۽ ترقيءَ ۾ شيدين، عربن، هندستانين (١) ۽ هيڊيءَ کل وارن ماڻهن جي رت ۽ پگهر سان واڌارو ڪيو ويو آهي. اسان اهو فيصلو ڪيو آهي ته هاڻي اسان انهيءَ ڳالهه کان ڪن ٿار نه ڪنداسين ته جڏهن سامراجي ملڪ، بيٺڪي عوام جي آزاديءَ جي گهُر کان گهبرائجي ويندو آهي، تڏهن هو قومي اڳواڻ کي چوندو آهي: ”نيڪ آهي جيڪڏهن توهان آزادي چاهيو ٿا ته وٺو، پر آزاديءَ وٺڻ سان توهان هڪ پيرو وري بک، بدحالي ڏانهن موٽي ويندؤ!“ نئون آزاد ٿيل عوام، انهيءَ حقيقت کي مجي چٽلينج قبول ڪندو آهي. توهان اها حقيقت مجيندؤ ته سامراجيت پنهنجو سرمايو ۽ ڪاريگر، بيٺڪن مان ڪڍي، نئينءَ آزاد ٿيل قوم تي چٽني پاسن کان

(١) سنڌين. (مترجم)

اقتصادي دباءُ وجهندي آهي (١). آزاديءَ جو پوڄا جهڙو ڏيک آزاديءَ جي لعنت ۾ بدلجي ويندو آهي، ۽ سامراجي طاقت کليل لفظن ۾ چوندي آهي، "توهان آزادي چاهيو ٿا تہ وٺو ۽ وڃي بک مرو!" قومي اڳواڻن وٽ ان کان سواءِ ٻي ڪا واٽ نہ بچندي آهي تہ اهي پنهنجي عوام ڏانهن منهن ڪن ۽ ان کي اڻ ٽڪ ڪوشش لاءِ اُپارين. انهن بک ۾ پاهہ ٿيل ماڻهن تي هڪ انتهائي سادگي پسند حڪومت مڙهي ويندي آهي، ۽ انهن جي ڪمزور ڪلهن تي تمام ججهي ڪم جو بار وڌو ويندو آهي. اقتصادي خودمختياري ڏيارينڊڙ حڪومت ناهي ويندي آهي ۽ هر ملڪ پنهنجي بنهہ اڻ پورڻ وسيلن جي مدد سان قوم جي سخت غريبيءَ ۽ بک جو علاج ڳولڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

---

(١) اڄڪلهہ جي عالمي حالتن ۾ سرمائيداري صرف آفريڪي ۽ ايشيائي بينڪن جي اقتصادي ناڪي بنديءَ تي انحصار نہ ٿي ڪري. آمريڪا، فيڊرل ڪاسترو جي خلاف سازشن سان انساني آزاديءَ جي ڊگهي جدوجهد جي ڪهاڻيءَ ۾ نئين باب جو اضافو ڪري رهي آهي. لاطيني آمريڪا، جيڪو نين آزاد ٿيل رياستن تي ٻڌل آهي، ۽ گڏيل قومن جي اداري ۾ ويهي طوفان برپا ڪندو رهندو آهي: آفريڪا لاءِ هڪ سبق هئڻ گهرجي. انهن اڳوڻين بينڪن پنهنجي آزاديءَ کان پوءِ خوف ۽ غريبيءَ سان مغربيءَ سرمائيداريءَ جي انتهائي شرمناڪ مڙهيل جبر جو مقابلو ڪيو آهي. آفريڪا جي آزاديءَ ۽ انساني شهر جي سجاڳيءَ جي ڪري لاطيني آمريڪا جي عوام لاءِ اهو ممڪن ٿيو آهي تہ اهو ڇڙواڳ حڪمرانن جي انهيءَ چڪر کان الڳ ٿي سگهي، جتي هر نئين حڪومت پهرينءَ حڪومت جو پاڇو هوندي آهي. ڪاسترو، ڪيوبا ۾ طاقت حاصل ڪئي ۽ اها طاقت عوام جي حوالي ڪري ڇڏيائين. آمريڪي بينڪن لاءِ هيءَ واڌ پوريءَ قوم لاءِ عبرت جو سامان آهي ـــ ۽ آمريڪا، انقلاب جي مخالف دستن جي تنظيم ۽ انقلاب دشمنن جي عارضي حڪومت ناهي رهي آهي. ڪمند جي فصلن کي باهہ ڏيئي رهي آهي ۽ ڪيوبا جي عوام کي بيدرديءَ سان سوڳهي ڪرڻ جو ارادو ڪري چڪي آهي؛ ليڪن اهو ڪم مشڪل آهي. ڪيوبا جي ماڻهن تي ڏکيا ڏينهن ضرور ايندا، ليڪن اهي هڪ ڏينهن سوپارا ٿيندا ۽ اوس ترت ٿيندا. برازيل جي-صدر جانئو ڪو آڊروس هڪ تاريخي اهميت جي اعلان ۾ چيو آهي تہ سندس ملڪ هر ممڪن طريقي سان ڪيوبا جي انقلاب جي حفاظت ڪندو. ممڪن آهي آمريڪا کي بہ عوام جي واضح فيصلي اڳيان پوئتي هٽڻو پوي. جڏهن اهو وقت ايندو تہ اسان فضا ۾ پنهنجا جهنڊا جهولائيندا سون؛ ڇو تہ پوريءَ دنيا جي مردن ۽ عورتن لاءِ اهو ڏينهن فيصلي ڪُن ڏينهن هوندو. هيءُ خدائي طاقت وارو ڊالر، جنهن جا ضامن بهرحال سڄيءَ دنيا ۾ پکڙيل غلام آهن ـــ يعني وچ اوپر جي تيل جي ذخيرن ۾، پيرو ۽ ڪانگو جي ڪاٺين ۾، يونائيٽيڊ فروٽ يا فائر اسٽون باغن ۾، پنهنجيءَ سمسوري خدائي طاقت جي باوجود بہ انهن غلامن تي حڪمراني نہ ڪري سگهندو، جن کي هن غلام بنايو آهي، ۽ جيڪي پنهنجن اڳهاڙن ۽ متن ۽ خالي پيٽن سان ان کي لڳاتار پنهنجو رت پياري رهيون آهن. (مصنف)

اهڙيءَ ريت اسان ان قوم کي سجاڳ ٿيندي ڏسون ٿا، جيڪا قداور ۽ شڪي طبيعت يورپ جي سامهون سر ٽوڙ ڪوشش ۾ رڌل آهي. ٿين دنيا جا ڪي ملڪ انهيءَ آزمائش مان لنگهڻ کان انڪار ڪندا آهن ۽ مصيبتن مان ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ لاءِ اڳوٽي سرپرست حڪومت جا شرط مڃي ويهندا آهن. اهي ملڪ پنهنجي فوجي اهميت مان فائدو وٺندي، عهدنامن ۾ شامل ٿي ويندا آهن، ۽ ڪي ذميواريون قبول ڪندا آهن. اهڙيءَ طرح انهن جو اهو قدم ڪين ٻنهي بلاڪن جي ڇڪتاڻ ۾ وڌيڪ توجهه جو حقدار بنائيندو آهي. اهو ملڪ جيڪو اڳي ڪنهن جي قبضي ۾ هو، هاڻي اقتصادي طرح پينو ۽ فقير ملڪ ٿي ويندو آهي. اڳوٽي سامراجي قوت، جيڪا نه صرف پنهنجي اڳوٽا واپاري وسيلا قائم رکندي آهي، پر ڪن حالتن ۾ انهن ۾ اضافو به ڪندي آهي، اُها نئين آزاد ملڪ جي بجيٽ ۾ ڪجهه امداد ڏيڻ قبول ڪندي آهي. اهڙيءَ ريت اسان ڏسندا آهيون ته غلام ملڪن جي آزادي دنيا جي سامهون هڪ اهم مسئلو پيش ڪندي آهي، ڇو ته قومي آزادي انهن ملڪن جي صحيح اقتصادي حالت کي ٻنهه نروار ڪري ڇڏيندي آهي، ۽ انهن ملڪن جو وجود اڃا وڌيڪ ناپائيدار نظر ايندو آهي. اهو بنيادي جهيڙو، جيڪو سامراجيت جي وچ ۾، بلڪ سڄ پڄو ته سرمائيداريءَ ۽ سوشلزم جي وچ ۾ نظر ايندو هو، سو هاڻي پنهنجي اهميت وڃائيندو نظر ايندو. اڄڪلهه جنهن شيءِ جي اهميت آهي، ۽ اهو مسئلو جيڪو دنيا جي فضا ۾ نمايان آهي. سو آهي دولت جي نئين سر ورهاست جو. انسانيت کي ان جو جواب ڏيڻو پوندو، ٻيءَ صورت ۾ اهو مسئلو، انسانيت کي ڊانوادول ڪري ڇڏيندو.

ممڪن آهي ته عام طرح اها سوچ هجي ته دنيا لاءِ ۽ خاص ڪري ٿين دنيا لاءِ سرمائيداري ۽ سوشلسٽ نظامن مان هڪ جي چونڊ جو وقت اچي ويو آهي. پٺتي پيل ملڪن کي انهن ٻنهي نظامن جي شديد مقابلي ۾ ڌُر بنجڻ کان انڪار ڪرڻ گهرجي، جنهن کي هو پنهنجي قومي آزاديءَ جي جدوجهد کي يقيني طرح ڪامياب بنائڻ لاءِ استعمال ڪري چڪا آهن. ٿين دنيا کي پنهنجي سڄاڻپ انهن نظامن جي گٽن جي حوالي سان نه ڪرائڻ گهرجي، جيڪي سندس وجود ۾ اچڻ کان اڳ ۾ موجود هئا. اُن جي ابتڙ پٺتي پيل ملڪن کي پوري ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته اُهي پنهنجا نوان معاشي ۽ اقتصادي گڻ ڳولي لهن. پنهنجو طريقو ۽ پنهنجي سوچ ڳولي لهن، جيڪا سندن ٺوس حالتن لاءِ موزون هجي. اهو حقيقي مسئلو، جيڪو اڄ اسان جي

سامهون آهي، سو ڪنهن بہ قيمت تي انهيءَ سرمائيداريءَ ۽ سوشلزم مان هڪ جي چونڊ جو نہ آهي، جنهن کي ٻين ڪنڊن جي ٻين زمانن جي ماڻهن واقف ڪرايو آهي. اهو تہ اسان بہ سمجهون ٿا تہ سرمائيداري هڪ 'نظام حيات' جي حيثيت سان نہ اسان کي پنهنجي گهر ۾ پنهنجي ڪم ڪرڻ جي آزادي ڏيندي ۽ نہ دنيا ۾ پنهنجا فرض پورا ڪرڻ جي آزادي ڏيئي سگهي ٿي. سرمائيدارانہ قرلٽ، ڏي وٺ ۽ هڪ هٿي، پنٿي پيل ملڪن جي دشمن آهي. ٻئي پاسي سوشلسٽ نظام جي چونڊ، جيڪو نظام پوريءَ ريت سموري عوام لاءِ هوندو آهي ۽ انهيءَ اصول تي قائم هوندو آهي تہ انسان هن شيءِ ڪان وڌيڪ قيمتي آهي؛ اسان کي وڌيڪ تيزيءَ ۽ سليقي سان اڳتي وڌڻ ڏيندو ۽ معاشري جي انهيءَ ٽيڏي شڪل کي ناممڪن بنائي ڇڏيندو، جنهن ۾ سموري اقتصادي ۽ سياسي طاقت، ڪن اهڙن ماڻهن جي هٿن ۾ هلي ويندي آهي، جيڪي سموريءَ قوم کي نفرت ۽ حقارت سان ڏسندا آهن.

ليڪن انهيءَ نظام مان بهترين نتيجن حاصل ڪرڻ لاءِ، تہ جيئن اسان هر حالت ۾ انهن اصولن جو احترام ڪري سگهون، جيڪي اسان جي لاءِ محرڪ قوت ثابت ٿيا آهن، اسان کي انساني محنت کان سواءِ ڪن ٻين شين جي بہ ضرورت پوندي. اسرندڙ ملڪ انهيءَ نموني پنهنجي املهہ طاقت خرچ ڪندا آهن. عورتون، مرد، ٻار ۽ پوڙها، اٿاهہ جذبي سان جبري محنت قبول ڪندا آهن، ۽ پاڻ کي قوم جا خادم سڏائيندا آهن. پنهنجيءَ ذات جي خيرات ۽ هر انهيءَ شيءِ کان نفرت، جنهن ۾ سڀني جو فائدو نہ هجي، قوم ۾ اهو ولولو پيدا ڪندي آهي، جنهن سان ماڻهن جي دلين کي راحت ملندي آهي. اهي انسان جي مقدر تي ايمان تازو ڪندا آهن ۽ بنهہ ڪنجوس نظر ايندڙن کان بہ پنهنجي اهمييت مڃائي وٺندا آهن.. ليڪن اسان اهو نہ ٿا مڃون تہ اهڙيون ڪوششون گهڻيءَ دير تائين جاري رهي سگهن ٿيون. اڳوڻين سامراجي طاقتن جي غير مشروط واپسيءَ کان پوءِ ڪيترن ئي ملڪن اهو چئلينج قبول ڪري ورتو آهي. هاڻي ملڪ نون انتظام سنڀاليندڙن جي هٿ ۾ هوندو آهي. پر اصل ڳالهہ جيڪا ضروري آهي، سا هيءَ تہ هر شيءِ جو سڌارو ڪيو وڃي ۽ هر ڳالهہ وري سوچي وڃي. حقيقت هيءَ آهي تہ سامراجي نظام جي دلچسپي رڳو دولت جي انهن چند صورتن ۽ چند ذريعن تائين محدود هوندي آهي، جيڪي اُن جي پنهنجيءَ صنعت لاءِ ضرور هوندا آهن. زمين جي دولت ۽ زمين ۾ پوريل معدني خزانن جو اندازو لڳائڻ جي اڄ تائين ڪابہ سنجيدي ڪوشش نہ ڪئي

ويئي آهي. اهڙيءَ طرح نئين آزاد ٿيل قوم، سامراجي دور جي پيدا ڪيل اقتصادي ذريعن تائين محدود هوندي آهي. هيءَ ڳالهه پڌري پٽ پيئي آهي ته نوان آزاد ٿيل ملڪ، ٻين ملڪن ۽ ٻين ملڪن جي علائقن ۾ به روانگي واپار ڪري سگهندا آهن، پر روانگي واپار جي اصولن ۾ ڪابه بنيادي تبديلي نه ايندي آهي. سامراجي نظام، جيڪي چند راهون کوليون هيون، انهن کي قائم رکڻ ضروري ٿي پوندو آهي، ٻيءَ صورت ۾ تباهيءَ کي منهن ڏيڻو پوندو آهي گهٽو ڪري هر شيءِ کي نئين سر شروع ڪرڻ جي ضرورت هوندي آهي. ملڪ جي روانگي واپار جي رڳي منزل مقصود بدلائڻي نه آهي، پر ان جي نوعيت ۾ به بنيادي تبديليءَ جي ضرورت پوندي. زمين ۽ معدني خزانن جو نئين سر جائزو وٺڻ، دريائن ۽ ان کان اڳتي سج جي پيداواري قوت جو اندازو ڪرڻ به ضروري هوندو آهي. هاڻي اهو سڀ ڪجهه ڪرڻ لاءِ انساني محنت کان سواءِ ٻين شين جي به ضرورت پوندي آهي ـــ يعني هر قسم جو سرمايو، ڪاريگر، انجنيئر، سڪيا ورتل مستري ۽ ٻيا.

اچو ته هاڻ ٿورو ڪليل نموني ڳالهيون ڪريون. اسان اهو مڃون ٿي ڪونه ٿا ته اها بي پناهه محنت، جنهن جو مطالبو پٽتي پيل ملڪن جا اڳواڻ پنهنجي عوام کان ڪندا آهن، سا ڪا گهربل نتيجا ڪڍي سگهندي. جيڪڏهن ڪم ڪرڻ جي حالتن ۾ ڪو ڦيرو نه ٿو آندو وڃي ته هن خطي کي، جنهن کي سامراجي طاقتن حيواني درجي تي پهچائي ڇڏيو آهي، انساني درجي تي پهچڻ لاءِ صدين جي ضرورت پوندي(١). سچي ڳالهه هيءَ آهي ته اهي حالتون اسان کي قبول ئي نه ڪرڻ گهرجن، ۽ صاف لفظن ۾ انهيءَ صورتحال کي رد ڪرڻ گهرجي، جنهن ۾ مغربي ملڪ اسان کي ڦاسائڻ چاهين ٿا. سامراجيت اسان جي ملڪ مان پنهنجا جهنڊا لاهي ۽ پنهنجي پوليس هٽائي، پنهنجو فرض ادا نه ٿي ڪري. سرمائيدارن صدين تائين پٽتي پيل ملڪن ۾ جنگي ڏوهين وارو ڪردار ادا ڪيو آهي. ڏيهه نيڪاليون، قتل عام، زوري محنت ۽ غلامي، اهي خاص طريقا آهن، جيڪي سرمائيداريءَ پنهنجيءَ دولت وڌائڻ، سون ۽ جواهرن جي ذخيرن کي وڌائڻ ۽ پنهنجي طاقت مڙهڻ لاءِ استعمال ڪيا آهن. گهڻو وقت نه گذريو آهي، جو نازين سموري يورپ کي سڄ

(١) ڪن ملڪن کي، جن ۾ يورپي ماڻهن جون وڏيون آباديون هيون، آزاديءَ سان گڏ پڪيون جايون ۽ ڪليل رستا به مليا. مگر اهي غريب ۽ بکين علائقن کي نظراندازي ڪري ڇڏيندا آهن. قسمت جي ستم ظريفي ڏسو ته اُهي ملڪ هڪ قسم جي رازداريءَ واري خاموشيءَ سان اهو تاثر ڏيندا آهن ته سندن شهر به آزاديءَ وقت ٺهيا آهن.

پچ بينڪ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو هو. مختلف يورپي قومن جي حڪومتن چٽين (ڏنڊ) جو مطالبو ڪيو ۽ پئسي يا جنس جي صورت ۾ اها دولت واپس وٺڻ چاهي، جيڪا ڪانئن چورائي ويئي هئي. ثقافتي خزانا، تصويرون، مجسما، چٽيل شيشا ـــ انهن جي مالڪن کي موٽائي ڏنا ويا آهن. 1945ع ۾ فتح جي صبح جو هر يورپيءَ جي زبان تي اهو نعرو هو ته "جرمنيءَ کي ڏنڊ پري ڏيڻو پوندو". ائخمين جي مقدمي جي شروعات ۾ جناب ايڊنائر جرمن عوام جي اشاري تي هڪ پيرو وري يهودين کان معافي وٺڻ لڳو. ايڊنائر پنهنجي عوام جو اهو وعدو وري ورجايو ته اسرائيل جي حڪومت کي وڏي رقم، جنهن کي نازين جي ڏوهن جو عيوضو سمجهڻ گهرجي، ڏيندو رهندو(١).

اهڙيءَ طرح اهو چئي سگهجي ٿو ته سامراجي رياستون وڏي غلطي ڪري رهيون آهن، ۽ اُهي وڏي ناانصافي اختيار ڪنديون، جيڪڏهن اهي صرف ايترو ڪن، جو اسان جي سر زمين مان پنهنجون فوجون ڪڍي وڃن، ۽ انتظاميا جي انهن عهديدارن کي واپس گهرائين، جن جو ڪم هن وقت تائين رڳو اهو هو ته هتي دولت ڳولين ۽ پنهنجي ملڪ موڪلين. قومي آزاديءَ جي اخلاقي معاوضي سان اسان جون نگاهون عجب ۾ نه ٿيون پون، ۽ نه ئي ان سان اسان جو پيٽ پرجي سگهي ٿو. سامراجي ملڪن جي دولت به اسان جي ئي دولت آهي. يقين ڪريو ته عالمي سطح تي انهيءَ عقيدي جو اهو مطلب هرگز ناهي ته اسان مغرب جي فن يا مغرب جي ٽيڪنيڪي ترقيءَ کان متاثر ٿي

(١) اهو صحيح آهي ته جرمنيءَ جنگ جي چٽي نه پري. انهيءَ ڏنڊ جو پوري ريت مطالبو ئي نه ڪيو ويو، ڇو ته دعويدار ملڪن جرمنيءَ کي به اشتراڪين جي خلاف پنهنجي دفاعي سرشتي ۾ شامل ڪري ورتو آهي. جڏهن سامراجي ملڪ پنهنجي اڳوڻين بينڪن کان دفاعي سرشتي پوري ريت شموليت ته نه پر گهٽ ۾ گهٽ فوجي اڏن جو مطالبو ڪندا آهن، ته ان وقت اهائي هڪ ڳالهه انهن کي حرص ڏيارينڌڙ هوندي آهي. ٻئي پاسي هن نيٽو جي فوجي ضرورتن جي ڪري آزاد دنيا کي محفوظ رکڻ لاءِ پنهنجن تمام مطالبن تان هٿ کڻڻ جو گڏيل فيصلو ڪيو آهي ـــ ۽ اسان اهو ته سمجهون ٿا ته جرمني بيشمار ڊالر ۽ مشينون وصول ڪري رهيو آهي. مغربي حلق لاءِ هڪ دفعو وري اهڙي جرمنيءَ جي ضرورت هئي، جيڪا مضبوط ۽ طاقتور هجي ۽ پنهنجي پيرن تي بيهڻ جهڙي هجي. اها ڳالهه نام نهاد يورپ جي سوچيل سمجهيل مفاد ۾ هئي ته هڪ خوشحال ۽ نئين تعمير ٿيل جرمني سامهون اچي، جيڪا اڳتي هلي سرخ فوج جي آڏو اچي سگهي ۽ پهرين رڪاوٽ بنجي. جرمنيءَ يورپي گهوٽالي مان پوريءَ ريت فائدو ورتو آهي. پر انهيءَ سان گڏ آمريڪا ۽ ٻيا يورپي ملڪ انهيءَ جرمنيءَ سان جائز رنجش محسوس ڪن ٿا، جيڪو ڪالهه تائين سندن پيرن ۾ ڪريو پيو هو، ليڪن اڄ اقتصادي ميدان جي ڳاٽي ٽوڙ مقابلي ۾ انهن سان نگاهون ملائي رهيو آهي.

ويا آهيون. يورپ وارن بنهه ٿوس طريقن سان غلام ملڪن، لاطيني آمريڪا، چين ۽ آفريڪا جي سون ۽ ڪچي مال سان پنهنجو پيٽ ڀرڀور نموني ڀريو آهي. انهن سيني ڪنڊن مان، جن جي سامهون يورپ پنهنجي دولت جو مينار بلند ڪيو آهي، صدين تائين انهيءَ يورپ ڏانهن هيرن، تيل، ريشم، ڪپهه، ڪاٺ ۽ ديسي هنرن جي ندي وهندي رهي آهي. يورپ حقيقي معنيٰ ۾ ٽين دنيا جي ئي تخليق آهي. اها دولت جنهن يورپ کي صفا ڏني ڇڏيو آهي، سا حقيقت ۾ پٺتي پيل ملڪن مان چورائي ويئي آهي. هالينڊ جي بندرگاهن ۽ ليور پول جي گودين کي ڪاري چمڙيءَ وارن غلامن جي واپار ۾ مشهوري مليل هئي، ۽ اها مشهوري انهن لکين غلامن جي ڪري هُئي، جن کي ٻاهر موڪليو ويندو هو. اهوئي سبب آهي جو هاڻي جڏهن ڪو يورپي رياست جو سربراهه ڇاتي ٺوڪي، پٺتي پيل غريب ملڪن جي حمايت جو اعلان ڪندو آهي، ته اسان جا ڪنڌ احسان منديءَ جي جذبي سان ڪونه جهڪندا آهن. ان جي ابتڙ اسان پنهنجو پاڻ کي هيئن چوندا آهيون: "اهو ته رڳو اُهو ڏنڊ آهي، جيڪو هو اسان کي ڏيندو." ـــ ۽ نه ئي اسان پٺتي پيل ملڪن جي امداد کي ڪو خيراتي ڪم تسليم ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. انهيءَ امداد کي ٻه طرفو احساس اپارڻ گهرجي: هڪ طرف بينڪي ملڪن جو هيءُ احساس ته اهو سندن جائز (پر اڻ پورو) حصو آهي، ۽ ٻئي پاسي سرمايه دار طاقتن جو هيءُ احساس ته ڪين اهو ادا ڪرڻو ئي هو(١)، ڇو ته جيڪڏهن سرمايه دار ملڪن جي دانشمنديءَ جي ڪوٽ (احساس ناشناسائيءَ جي گهٽتائيءَ جو ذڪر اسان نه ڪنداسون) اهو حصو ادا ڪرڻ کان انڪار ڪيو ته سندن پنهنجي نظام جي بي رحم جدليت ڪين گهٽو ڏيئي پورو ڪري ڇڏيندي. هيءَ هڪ حقيقت آهي ته نوان آزاد ٿيل ملڪ، نجي سرمائيڪاريءَ لاءِ گهٽيءَ ڪشش جو سبب نه

(١) يورپ ۾ سوشلزم جي تعمير ۽ ٽين دنيا جي لاڳاپي جي باري ۾ (جيتوڻيڪ اسان جو ان سان واسطو خارجي نموني جو آهي) بنيادي فرق هن ڳالهه مان پيدا ٿيو آهي ته آيا اسان کي اها خبر آهي يا نه، ته بينڪي علائقن جي آزاديءَ سان گڏوگڏ بينڪي سامان جي ورهاست لاءِ به قدم کڻڻ ضروري آهي يا نه؟ ٻيءَ صورت ۾ هيءَ رڳو سامراجي ڏاڙي جي لُٽيل مال جي آڌار تي هڪ پرتڪلف سوشلزم جي تنظيم جي خواهش ٿيندي. جهڙيءَ طرح ڏاڙيلن جي ٽولي، ڏاڙي جو مال پاڻ ۾ هڪ جيترو ورهائيندي آهي، البت ٿورڙو حصو ڪنهن پيرَ (بادشاهه پير) جي مٿائيءَ طور غريبن ۾ ورهايو ويندو آهي؛ ۽ اهو وساريو ويندو آهي ته اهي غريب اهي ئي ساڳيا ماڻهو آهن، جن کان اهو مال ڦريو ويو هو.

مارشل پيچو: مضمون، "ڊيگال لاءِ موت" : آڪٽوبر ـــ نومبر 1960ع.

هوندا آهن. اهڙا ڪيترائي سبب آهن، جنهن ڪري اُها چڪ نہ رکڻ جائز بہ آهي، ۽ اهي سبب وضاحت ڪن ٿا تہ اُجاريدار ڇو پنهنجو سرمايو روڪيندا آهن. جيئن ئي سرمائيدارن کي خبر پوندي آهي تہ سندن حڪومتون بينڪي سرشتو ختم ڪري رهيون آهن، ۽ ظاهر ڳالهہ آهي تہ اهڙي خبر سڀ کان اڳ ۾ سرمائيدارن کي ئي پوندي آهي، نہ تہ هڪدم اهي سرمائيدار پنهنجو سرمايو بينڪي ملڪ مان ڪڍي وٺندا آهن. بينڪي ملڪن مان سرمائي جو حيرت انگيز طريقي سان نڪرڻ، سامراجيت جي دائمي خاتمي جي هڪ صورت آهي.

جڏهن نجي ادارن کي نون آزاد ٿيل ملڪن ۾ سرمائي جي سيڙپ جي دعوت ڏني ويندي آهي، تہ اُهي اهڙا شرط پيش ڪندا آهن، جيڪي عملي طور يا تہ قبولڻ جهڙا نہ هوندا آهن يا عمل جهڙا نہ. سمنڊ پار سرمائيدار، سرمايو سيڙائي فوري فائدي جي اصول تي عمل ڪندو آهي، ۽ ڊگهي مدت واري سرمائي جي سيرپ بابت ڏاڍو خبردار رهندو آهي. سرمائيدار انهن منصوبن جي رٿيل پروگرامن جي باري ۾، جيڪي امداد گهرندڙ حڪومتن جا نوجوان ناهيندا آهن، گهڻو ڪري ڪليل طريقي سان دشمنيءَ واري روش جو اظهار ڪندا آهن. مجبوريءَ جي حالت ۾ اُهي قرض ڏيڻ لاءِ تيار بہ ٿي ويندا آهن، پر هن شرط سان تہ انهيءَ رقم مان تيار ٿيل شيون ۽ اوزار ضرور خريد ڪيا ويندا؛ تہ جيئن ٻين لفظن ۾ انهيءَ قرض سان "مادر وطن" يورپ جا ڪارخانا هلندا رهن. حقيقت ۾ مغربي سرمائيدارن جي اها خبرداري (اڳواٽ رٿابندي) ان لاءِ هوندي آهي، جو اُهي ڪوبہ جوکم ڪٽڻ لاءِ تيار نہ هوندا آهن؛ اهي سياسي مضبوطيءَ ۽ پُرسڪون سماجي فضا جي گهُر بہ ڪندا آهن، جن جو حصول آزاديءَ کان هڪدم پوءِ عام دٻ داوَ واري ماحول ۾ ناممڪن معلوم ٿيندو آهي. بس اهڙيءَ ڪنهن ضمانت جي اجائي گهُر ڪندي، جيڪا اڳوٽي بينڪ نہ ڏيئي سگهي، اهي فوجي اڈا قائم ڪرڻ، يا نئين آزاد ٿيل ملڪ کي فوجي يا اقتصادي معاهدن ۾ شريڪ ڪرڻ تي زور ڀريندا آهن. نجي ادارا پڻ پنهنجيءَ حڪومت تي دٻاءُ وجهندا آهن تہ انهن ملڪن ۾ فوجي اڈا قائم ڪيا وڃن، تہ جيئن سندن نجي ادارن جي مفادن جي حفاظت جي ضمانت ملي سگهي، ۽ آخري حيلي طور، اُهي ادارا پنهنجيءَ حڪومت کان مطالبو ڪندا آهن تہ اها سندن سيڙپن جي ضمانت ڏئي، جيڪا اهي ڪن خاص ملڪن ۾ سيڙائڻ چاهيندا آهن.

ٿيندو اهو آهي تہ تمام ٿورا ملڪ اجاريدارن جا مطالبا پورا ڪندا آهن،

ان ڪري سرمايو نڪرڻ جو محفوظ رستو نہ ڏسي، يورپ ۾ ڊڄي ويندو آهي. انهيءَ سرمائي تي اڃا وڌيڪ جمود اُن ڪري بہ طاري ٿيندو آهي، جو سرمائيدار خود پنهنجي ملڪ ۾ بہ سرمائي جي سيڙپ کان انڪار ڪندا آهن ــ ڇو تہ پنهنجي ملڪ ۾ سيڙپ ڪرڻ سان هڪ تہ نفعو گهٽ ملندو آهي، ٻيو حڪومت جي خزاني جو ڪنٽرول وڏيءَ همت وارن کي بہ مايوس ڪري ڇڏيندو آهي. نيٺ صورتحال تباهہ ڪُن ٿيندي آهي. سرمايو گردِ ڪندو ئي نہ آهي يا وري اها گردش بنهہ ٿوري ٿي ويندي آهي. باوجود انهيءَ جي تہ تمام وڏيون رقمون فوجن جي بجيٽ ڳڙڪائيندي رهندي آهي، عالمي سرمائيداري مايوس ڪُن حالتن ۾ ڦاسي پوندي آهي. ليڪن ان کي هڪ ٻئي خطري جو بہ مقابلو ڪرڻو پوندو آهي، اهو هن ريت تہ جڏهن خود غرض ۽ مڪار مغربي قومون، ٿين دنيا کي نظرانداز ڪرڻ، ماضيءَ ڏانهن ڏسڻ يا گهٽ ۾ گهٽ ان تي جمود طاري ڪرڻ جون ڪوششون ڪنديون تہ پٺتي پيل ملڪن جو عوام پنهنجيءَ اقتصادي خودمختياريءَ ۾ رهندي اڳتي وڌڻ جو فيصلو ڪندو. اهڙيءَ طرح مغربي صنعتون جلدئي پنهنجين ٻاهرين مارڪيٽن کان محروم ٿي ويندیون. مشينون گودامن ۾ تيار مال جا ڍير لڳائيندیون ويندیون، ۽ يورپي مارڪيٽ ۾ سرمائيدارن ۽ واپارين جي وچ ۾ هڪ بي رحم مقابلو شروع ٿي ويندو آهي، جڏهن ڪارخانا بند ٿي ويندا، مزدورن کي موڪل ملي ويندي ۽ بيروزگاري وڌي ويندي تہ اهي سڀ سَبَبَ گڏجي، يورپي مزدور طبقي کي سرمائيدار جي خلاف هڪ ڪليل جدوجهد تي مجبور ڪندا. تڏهن اجاريدارن کي احساس ٿيندو تہ سندن حقيقي فائدو پٺتي پيل ملڪن کي مدد ڏيڻ ۾ ئي آهي؛ اهڙي مدد؛ جيڪا بي غرض ۽ بنا ڪنهن ڳري شرط جي هجي ــ انهيءَ ڪري اسان چئي سگهون ٿا تہ ٿين دنيا جون نيون آزاد ٿيل قومون، سرمائيدار ملڪن کي رعايتون ڏيڻ ۾ غلطي ڪري رهيون آهن. اسان پنهنجي نقطءِ نظر جي سچائيءَ سبب ڏاڍا مضبوط آهيون. ان جي ابتڙ اسان طرفان سرمائيدار ملڪن تي اهو واضح ڪرڻ گهرجي تہ هن دور جو بنيادي مسئلو، سندن ۽ سوشلسٽ ملڪن وچ ۾ ڇڪتاڻ نہ آهي. سرد جنگ کي ختم ٿيڻ گهرجي، جو ان جي ڪابہ پڄاڻي نہ آهي. دنيا کي ايٽمي طاقت سان هٿياربند ڪرڻ جو پروگرام ختم ٿيڻ گهرجي ۽ پٺتي پيل ملڪن ۾ سرمائي جي سيڙپ ڪري وڏي پيماني تي انهن جي فني امداد ڪرڻ گهرجي. انهيءَ سوال جي جواب تي ئي دنيا جي تقدير جو دارومدار آهي. ان کان سواءِ بيشمار بکين ۽ رنگدار ماڻهن

کي نظر ۾ رکندي، سرمائيدار حڪومتن کي "يورپ جي تقدير" جي نالي تي اشتراڪي ملڪن جي امداد حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ختم ڪرڻ گهرجي. ڪرنل گارگرين جي ڪارنامي تي جنرل ڊيگال کي ڪابه ناراضگي نه آهي، ان ڪري جو اُن جي سوچ، يورپ لاءِ عزت جو ڪارڻ آهي. ڪجهه وقت ڪان سرمائيدار ملڪن جي سياستدانن روس جي باري ۾ ڪجهه مبهم رويو اختيار ڪري ورتو آهي. پنهنجيءَ سموري طاقت کي سوشلسٽ نظام خلاف گڏ ڪرڻ کان پوءِ هاڻي کين احساس ٿيو آهي ته روس سان معاملا نبيرڻا ئي پوندا. انهيءَ ڪري هاڻي سرمائيدار ملڪن جا ليڊر وس آهر روس سان خوش اخلاقيءَ جو مظاهرو ڪري رهيا آهن، ۽ روسي ماڻهن کي هر وقت ياد ڏيارينداٿ رهن ٿا ته آخر توهان به ته "يورپي" آهيو.

اهي سرمائيدار، انهن ترقي پسند قوتن ۾ (جيڪي انسان کي خوشيءَ جي هندورن ۾ لوڏڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيون آهن) هن خطري جي اعلان سان ڦوٽ نه وجهي سگهندا آهن ته "ٿين دنيا جو سيلاب سموري يورپ کي ڳهڻ لاءِ اڳتي وڌي رهيو آهي". ٿين دنيا جو مقصد اهو ناهي ته سموري يورپ خلاف بک جي هڪ جهاد کي منظم ڪري، ان جي ابتڙ ٿين دنيا انهن ماڻهن مان، جن کيس صدين تائين غلام رکيو آهي، اهي اميدون رکي ٿي ته اهي انسانيت جي بحاليءَ ۾ ٿين دنيا جي مدد ڪندا ۽ انسان کي هر جڳهه تي هميشه هميشه لاءِ فاتح ڪرائيندا. ظاهر ڳالهه آهي ته اسان ايڏا سادا ۽ معصوم به نه آهيون، جو اهو سوچڻ لڳون ته اهو سڀ ڪجهه يورپي حڪومتن جي سهڪار سان ئي ممڪن ٿي سگهي ٿو. هيءُ عظيم ڪم، انسان ذات کي، سمورن انسانن کي دنيا ۾ نئين سر مجرائڻ جو ڪم، يورپي عوام جي لازماً مدد سان ٿيندو. انهيءَ يورپي عوام کي اهو به سوچڻ گهرجي ته ماضيءَ جي سامراجيت وارن معاملن ۾ اهي گهڻو ڪري اسان جي پنهنجي گڏيل آقائن جي صف ۾ شامل رهيو آهي، ان ڪري يورپي ماڻهن کي سڀ کان اڳ سجاڳ ٿي، پنهنجي پاڻ کي ڏونڌاڙڻ، پنهنجي ذهن کي سجاڳ ڪرڻ ۽ "ننڍاڪڙي حسن" جو احمقاڻو کيل ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪرڻ گهرجي.

پاڻ هرتائي ـ سندس قوت ۽ ڪمزوري

تشدد جو هيءُ جائزو، اسان کي قومي جماعتن جي اڳواڻن ۽ عوام جي انبوهن جي وچ ۾ موجود زماني تفاوت يا نااتفاقيءَ جي مطالعي ڏانهن وٺي وڃي ٿو. هر سياسي يا مزدور اتحادي تنظيم ۾ عوامي ڪارڪنن جو مطالبو فوري فائدي ۽ پلائيءَ جو هوندو آهي، ۽ جيئن ته اڳواڻ انهن ڏکيائين کان واقف هوندا آهن، جيڪي مالڪن طرفان پيدا ڪيون ويندیون آهن، انهيءَ ڪري اهي اڳواڻ مزورن جي مطالبن کي گهٽائڻ ۽ روڪڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ان ڪري، انهن ٻنهي ۾ هڪ روايتي دوري پيدا ٿي ويندا آهي. اهوئي سبب آهي جو توهان کي گهٽو ڪري هڪ قسم جي دائمي بي آراميءَ جي ڄاڻ ملندي رهندي آهي، جيڪا اڳواڻن جي باري ۾ ڪارڪنن جي دلين ۾ ڏٺي ويندي آهي. هڪ ڏينهن مطالبن جي منظوريءَ لاءِ مظاهرن ۾ گذاري، اڳواڻ ته پنهنجي فتح جي خوشي ملهائڻ ۾ لڳي ويندا آهن، پر عام ڪارڪن انهيءَ شڪ ۾ وٺجي ويندا آهن ته ڪين ڏوڪو ڏنو ويو آهي. پنهنجن مطالبن جي حمايت ۾ تمام گهڻن مظاهرن ۽ مزور اتحاد جي مطالبن ۾ اضافي کان پوءِ ئي ممڪن ٿئي ٿو ته عوامي ڪارڪن جي سياسي تعليم ٿي سگهي. مزور اتحاد جو سياسي طرح باخبر ميمبر اهو شخص ٿي سگهي ٿو، جيڪو اهو سمجهي ته مقامي جهڙپ، اُن جي ۽ مالڪن جي وچ ۾ آخري فيصلو نه ٿي ڪري سگهي. مقامي دانشور، جيڪي پنهنجي پنهنجي "مادر وطن" ۾ سياسي جماعتن جي نظام جو مطالعو ڪري وٺندا آهن، سي ڏاڍيءَ خبرداريءَ سان اهڙي قسم جي ادارن جي تنظيم پنهنجي ملڪ ۾ ڪندا آهن، ته جيئن عوام ۾ سجاڳي پيدا ڪري سگهجي، ۽ بيٺڪي انتظاميه کي متاثر ڪرڻ لاءِ مٿس دباءُ وجهي سگهجي. غلام ملڪن ۾ سياسي جماعتن جو ظهرو، واپاري دانشورن جي وجود جي

برابر هوندو آهي. اهي دانشور تنظيمي معاملن کي بنيادي اهميت ڏيندا آهن ۽ اها ايتريءَ حد تائين، جو تنظيم جي انڌي عقيدي کي سامراجي سماج جي مدلل مطالعي تي برتري ڏئي ڇڏيندا آهن. جماعت جو تصور هڪ اهڙو تصور آهي، جيڪو سامراجي ملڪ مان درآمد ڪيو ويندو آهي. جديد سياسي جنگ جو اهو حربو جيئن جو تيئن بنا ڪنهن ترميم جي ان حقيقي زندگيءَ ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي، جنهن ۾ لاتعداد اختلاف ۽ اڻ برابري هوندي آهي، ۽ جتي غلامي، بيروزگاري، سٽي بازي، هنرمند مزور طبقو ۽ عظيم سرمايو، گڏوگڏ موجود هوندا آهن. سياسي جماعتن جي خامي صرف اها نہ آهي تہ اُهي ان تنظيم کي، جيڪا صنعتي طرح ترقي يافتہ سرمائيدار معاشري ۾ مزور طبقي جي جدوجهد لاءِ تخليق ڪئي ويئي هئي، هڪ مشيني انداز ۾ ڪتب آڻڻ چاهيندیون آهن. جيڪڏهن اسان تنظيم جي نوعيت جي حدن ۾ رهي سوچيون، تڏهن بہ هيءَ ڳالهہ ظاهر آهي تہ انهن ۾ تبديلي ۽ ايجاد جي ڪافي گنجائش موجود هوندي آهي. پنتي پيل علائقن جي گهڻين نين جماعتن جي سڀ کان وڏي غلطي ۽ هڪ بنيادي ڪچائي هيءَ هوندي آهي تہ اُهي روايتي رستن تي هلندي، سڀ کان اڳ انهن ماڻهن ڏانهن ڌيان ڏيندیون آهن، جيڪي سياسي طرح وڌيڪ باشعور هوندا آهن ــ يعني شهري پورهيت، هنرمند ۽ سرڪاري ملازم ــ ٻين لفظن ۾ آباديءَ جو هڪ ننڍڙو حصو، جيڪو مشڪل سان هڪ سيڪڙي جي بہ نمائندگي نہ ڪندو آهي.

باوجود ان جي تہ اهو پرولتاري طبقو، سياسي جماعت جو ادب پڙهندو آهي ۽ اُن جي پروپئگنڊا کي سمجهندو آهي، پر اهو قومي آزاديءَ جي پُرخطر جدوجهد کي متحرڪ ڪندڙ حڪمن کي مڃڻ لاءِ تيار بنهہ گهٽ ٿيندو آهي. اسان جيترو وڌيڪ ان ڳالهہ تي زور ڏيون تہ گهٽ آهي تہ "شهري پرولتاري" بيٺڪي آباديءَ جو مرڪز هوندو آهي، جنهن تي سامراجي حڪومت تمام گهڻيون نوازشون ڪندي آهي. شهرن جو اُپرندڙ پرولتاري، مقامي آباديءَ ۾ هڪ طرح سان خوشحال هوندو آهي. سرمائيدار ملڪن ۾ مزدور طبقي وٽ وڃائڻ لاءِ ڪجهہ بہ ڪين هوندو آهي، ۽ انهن کي جدوجهد مان فائدو ئي فائدو ملندو آهي.

غلام علائقن ۾ مزدور طبقو سيڪجهہ وڃائي سگهي ٿو. حقيقت ۾ سامراج جي سَٽيل علائقن ۾ مزدور طبقو قوم جو اهو حصو هوندو آهي، جيڪو سامراجيت جي مشين کي چڱيءَ طرح هلائڻ لاءِ ضروري هوندو آهي.

انهيءَ طبقي ۾ بسن جا ڪنڊيڪٽر، ٽيڪسين جا ڊرائيور، ڪاٽيون ڪوٽيندڙ، بندرگاهن جا مزور، مترجم، (ڊاڪٽر) ۽ نرسون وغيره شامل هوندا آهن. هي اهي عنصر آهن، جيڪي قومي جماعتن جا سڀ کان وڏيڪ پروسي جوڳا ڪارڪن هوندا آهن. اُهي سامراجي نظام ۾ چڱي حيثيت رکڻ ڪري، غلام آباديءَ جو وچيون طبقو به هوندا آهن، انهيءَ ڪري، اسان ڏسندا آهيون ته قومي سياسي جماعتن جا پيروڪار شهرن جا رهواسي هوندا آهن يعني دڪانن جا سيلزمين، ڪارخانن جا مزور، دانشور ۽ دڪاندار. اهي سڀ جيڪي گهڻو ڪري شهرن ۾ ئي رهندا آهن، سندن سوچ جو انداز، گهڻين ڳالهين ۾ خوشحال طبقي وارو هوندو آهي، جنهن جو امتيازي نشان فني ترقي هوندو آهي. اهي انهيءَ طبقي مان جنم وٺندا آهن. انهن تي (نام نهاد) جديد خيال سوار هوندا آهن. هيءُ اهو طبقو هوندو آهي، جيڪو فرسوده روايتن خلاف جدوجهد ڪندو آهي، پراڻين رسمن کي بدلائيندو آهي؛ ۽ اهڙيءَ ريت انهيءَ ٽنڊي سان ٽڪر کائيندو آهي، جنهن سان قوم ٽيڪ لڳائي بيٺي هوندي آهي.

قومي جماعتن جي گهڻائي ٻهراڙيءَ جي ماڻهن تي سخت بي اعتمادي ظاهر ڪندي آهي. حقيقت هيءَ آهي ته انهن جماعتن کي ٻهراڙيءَ جا ماڻهو گهڻي ڀاڱي ويران ماڻار ۾ ڦاٽل نظر ايندا آهن. قومي جماعتن جا ڪارڪن (شهري مزور ۽ دانشور) به. ڌاربن ڦورن وانگر ٻهراڙين جي باري ۾ اڻ وٽندڙ راءِ رکندا آهن. جيڪڏهن اسان ٻهراڙيءَ جي علائقن بابت سياسي جماعتن جي انهيءَ بي اعتباريءَ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون، تڏهن اسان کي اهو ضرور ياد رکڻ گهرجي ته سامراجيت انهن علائقن جي ماڻار جي حوصلي افزائيءَ سبب ئي گهڻي ڀاڱي پنهنجو قبضو مضبوط ۽ پختو ڪيو آهي. پوپن، عاملن ۽ روايتي سردارن جي چڪر ۾ ڦاٽل ٻهراڙيءَ جي اڪثر آبادي، اڃا به جاگيرداري دور جي انداز ۾ زندگي گذاريندي پئي آهي، ۽ "قرون وسطي (وچئين دور)" جي انهيءَ سماجي ڍانچي جي پوريءَ طاقت کي ڌاربون ڦورو، پنهنجيءَ فوج ۽ انتظاميه جي مدد سان مضبوط رکندو آهي.

اهوئي سبب آهي جو هاڻي انهيءَ نئين قومي وچولي طبقي جو، جيڪو واپار ۾ دلچسپي رکندو آهي، ڪيترن ئي ڌار ڌار ميدانن ۾ جاگيردار سردارن سان مقابلو ٿيندو آهي. ملان ۽ پوپا، بيمارن کي ڊاڪٽري علاج کان پري رکندا آهن؛ پير، فيصلا ڪري قانونداننن جي وجود کي بيڪار بنائي ڇڏيندا آهن، اڳواڻ، پنهنجو سياسي ۽ انتظامي اثر استعمال ڪندا آهن، واپاري ميدان

۾ اچي ويندا آهن يا بسون هلائڻ شروع ڪندا آهن. ٻيا وري روايتي سردار هوندا آهن، جيڪي مذهب ۽ پراڻين روايتن جي نالي تي واپاري مرڪزن جي قيام ۽ نين شين جي واقفيت جي مخالفت شروع ڪري ڏيندا آهن.

مقامي واپارين ۽ ٻڌي وڪري وارن جو اُپرندڙ طبقو، ترقيءَ ڪرڻ لاءِ انهن رڪاوٽن ۽ پابندين جو خاتمو چاهيندو آهي. جاگيردارن جي پاڇي ۾ هلندڙ مقامي خريدارن کي خبر پئجي ويندي آهي ته ڪين نيون شيون خريد ڪرڻ جي منع ٿيل آهي، انهيءَ ڪري، اُهي هاڻي هڪ اهڙو مارڪيٽ بنجي ويندا آهن، جنهن لاءِ ڊُڪ ڊوڙ شروع ٿيندي آهي. جاگيردار اڳواڻ، مغرب پرست قوم پرستن ۽ عام ماڻهن جي وچ ۾ هڪ ديوار بنجي ويندا آهن. جڏهن به دانشور طبقو، ٻهراڙيءَ جي ماڻهوءَ تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ته قبائلي سردار، ذاتين جا اڳواڻ، ۽ روايتي زميندار پنهنجي تنبيهن، ڌمڪين ۽ برادريءَ مان ڪڍڻ وارن عملن کي تيز ڪري ڇڏيندا آهن. اهي روايتي سردار، جن کي قابض سامراجي طاقت طرفان طاقت ۽ تائيد حاصل هوندي آهي، سي ٻهراڙيءَ جي عوام سان دانشور طبقي جي ڳانڍاپي کي ڪرڙيءَ اک سان ڏسندا آهن. اهي چڱيءَ طرح سمجهندا آهن ته شهر کان ايندڙ اثرن سبب جيڪي خيال جنم وٺندا آهن، اُهي هن بيٺل، ٽڪيل ۽ لافاني جاگيرداري نظام جي اصليت کي ئي للڪاريندا؛ انهيءَ ڪري سندن دشمني قابض قوت سان نه هوندي آهي، جنهن سان هو چڱيءَ ريت نپائيندا ايندا آهن، پر هن جي دشمني انهن ماڻهن سان هوندي آهي، جيڪي جديد خيالن سان قديم معاشري کي پاڙان پٽڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ـــ ۽ اهڙيءَ طرح سندن وات مان سڻپي گرهه ڦرڻ جا جتن ڪندا آهن.

اهي مغرب پسند ماڻهو، هارين جي باري ۾ اهڙائي خيال رکندا آهن، جهڙا صنعتي طرح ترقي يافته ملڪن ۾ مزورن جا هوندا آهن. وچولي طبقي ۽ مزدور طبقي جي تاريخ ٻڌائي ٿي ته هاري عوام جي گهٽائي، گهٽو ڪري انقلاب لاءِ هڪ رڪاوٽ بنجي ويندي آهي! عام طرح صنعتي طور سڌريل ملڪن ۾ مجموعي حيثيت سان، هاري سڀ کان گهٽ سڃاڻ، سڀ کان وڌيڪ ڇڙوڇڙ ۽ بي انتها ڇڙواڳ پسند هوندا آهن. انهن ۾ ڌار ڌار خاصيتون ڏٺيون ويندیون آهن؛ اڪيلائي، ضابطي جي اثاث، مال ملڪيت جي هيچ ۽ اُن سان گڏ ڪاوڙ ۽ سخت نااُميديءَ جا لاڙا. اهي سڀ شيون، ڪردار جي اهڙن نمونن کي ظاهر ڪنديون آهن، جيڪي سخت رجعت پسنداڻا هوندا آهن.

اسان ڏسي چڪا آهيون تہ قومي جماعتون، ڪم ڪرڻ جي طريقي ۾ مغربي سياسي جماعتن جو نقل ڪنديون آهن؛ ۽ اهو بہ ڏٺو اٿئون تہ اهي پنهنجيءَ پروپئگنڊا جو رخ ٻهراڙين ڏانهن موڙينديون نہ آهن. حقيقت ۾ جيڪڏهن سامراج جي لتاڙيل سماج جي عقلي چنڊچاڻ ڪئي وڃي ها تہ انهن جماعتن کي خبر پوي ها تہ ٻهراڙيءَ جو عوام، روايتن جي انهيءَ پس منظر ۾ زنده رهندو آهي، جتي سماج جو روايتي ڍانچو جيئن جو تيئن بيٺل آهي؛ جڏهن تہ صنعتي معاشري ۾ صنعتي ترقي، روايتي ڍانچي کي ٽوڙي ڇڏيندي آهي. بيٺڪن ۾ اپرندڙ مزدور طبقي جي بنيادن ۾ توهان کي انفرادي ڪردار نظر ايندو. اُهي هاري، جن وٽ پنهنجون زمينون نہ هونديون آهن، ۽ جيڪي "رولو مزدور" طبقي جي تشڪيل ڪندا آهن، سي ٻهراڙين کي ڇڏي (جتي سندن زندگي ڪڏهن بہ حل نہ ٿيندڙ مسئلن جي گهيري ۾ هوندي آهي،) شهرن ڏانهن ڀڄندا آهن، ۽ جڳهين ۾ ويهي سامراجي حڪومت جي ناهيل بندرگاهن ۽ شهرن ۾ پنهنجو تڏو ناهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. ڳوٺاڻن جي اڪثريت انهيءَ سخت ڍانچي ۾ زندگي گذاريندي رهندي آهي، ۽ فالتو ماڻهن لاءِ آخري وسيلو اهو هوندو آهي تہ اهي آباديءَ جي وڏن مرڪزن ڏانهن نڪري وڃن ۽ وڃي پنهنجي پيٽ پرڻ جي ڪوشش ڪن. اهي ڳوٺاڻا، جيڪي ٻاهر نہ ويندا آهن، سي وڏي نئرپائيءَ سان پنهنجين روايتن جي حفاظت ڪندا رهندا آهن، ۽ سامراجي سماج ۾ انهيءَ روايت پرست حصي جو ساٿ ڏيندا رهندا آهن، جنهن جو مفاد انهيءَ ۾ هوندو آهي تہ ساڳيو سماجي سرشتو برقرار رکيو وڃي. اهو صحيح آهي تہ زندگيءَ جو هيءُ نہ بدلجندڙ انداز، جيڪو بي لچڪ سماجيي ڍانچي جي سر تي بيرحم موت وانگر سوار رهندو آهي، سو ڪڏهن ڪڏهن اهڙين تحريڪن کي جنم ڏيندو آهي، جن جو بنياد مذهبي ديوانگيءَ يا قبائلي لڙاين تي هوندو آهي؛ ليڪن پنهنجين پاڻ هرتو تحريڪن ۾ ٻهراڙيءَ جا ماڻهو مجموعي حيثيت سان منظم ۽ مخلص ئي هوندا آهن. فردُ، برادريءَ جي مفاد ۾ پنهنجي انفراديت کي هڪ پاسي ڦٽو ڪندو آهي. ڳوٺاڻا، شهري ماڻهن کي شڪ سان ڏسندا آهن. شهري، يورپي لباس پائيندو آهي؛ يورپي زبان ڳالهائيندو آهي؛ انهن سان گڏ ڪم ڪندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن يورپي ماڻهن جي علائقي ۾ رهندو آهي؛ ان ڪري هاري ان کي اهڙو غدار سمجهندا آهن، جيڪو پوري قومي ورثي جي هر شيءِ سان غداري ڪندو آهي. شهري ماڻهو "غدار ۽ بي ايمان" هوندا آهن، جيڪي قابض حڪومت

سان چڱيءَ طرح ٺهيل هوندا آهن، ۽ اهي سامراجي نظام ۾ رهي، ان سان گڏ هلڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. اهوئي سبب آهي جو اسان اڪثر ٻهراڙيءَ وارن جي واتان ٻڌندا آهيون تہ شهري ماڻهن ۾ اخلاق ڪونہ هوندو آهي. هتي اسان شهرن ۽ ٻهراڙين جي پرائي دشمنيءَ جي ڳالهہ نہ ٿا ڪريون. هيءَ اهڙي دشمني هوندي آهي، جيڪا سامراجيت جي فائدن کان محروم مقامي ماڻهن ۽ انهن جي ٻئي اڌ يعني شهرين جي وچ ۾ هوندي آهي؛ جيڪي سامراجيت پرماريت کي پنهنجي فائدي لاءِ استعمال ڪندا آهن. ان کان سواءِ سامراجي، انهيءَ دشمنيءَ کي بنياد بنائي، قومي جماعتن جي خلاف ڳوٺن ۽ جبلن ۾ رهندڙ ماڻهن کي ڀڙڪائيندا رهندا آهن. اهي ميداني علائقن جي ماڻهن کي ساموندي ڪناري تي رهندڙن جي خلاف ميدان ۾ آڻيندا آهن ۽ قبائيلين کي مڇرائيندا آهن؛ ۽ انهيءَ ڪري ڪالونيا کي ڪاسائي جو بادشاهہ بنجندي ڏسي، اسان کي ڪوبہ عجب نہ لڳندو آهي، ۽ نہ ئي ڪجهہ سال اڳي گهانا جي سردارن، نڪروما کي آڳرين تي نچڻ لاءِ مجبور ڪيو هو، تہ اها ڪا حيرت جهڙي ڳالهہ هئي.

سياسي جماعتون، ٻهراڙيءَ جي عوام جي تنظيم نہ ڪنديون آهن. بجاءِ انهيءَ جي، جو اُهي موجوده نظام کي ئي قومي يا ترقي پسندانہ رنگ ڏيڻ جي ڪوشش ڪن، اُهي سامراجي پس منظر ۾ موجوده روايتن کي تباهہ ڪرڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن. اُهي اِهو سمجهنديون آهن تہ قوم ۾ نئون جذبو پيدا ڪرڻ سندن وس جي ڳالهہ آهي؛ حالانڪ حقيقت ۾ سامراجي نظام جون گهڙيل زنجيرون ايتريون ڳريون هونديون آهن، جو اهو جذبو اُتي ئي نہ سگهندو آهي. اهي پنهنجو نظرياتي علم پکيڙي، ماڻهن جي چوڌاري هڪ اهڙو ڍانچو بيهارڻ چاهنديون آهن، جنهن جو نظام اڳيئي طئي ٿيل هوندو آهي. انهيءَ ڪري اهي "گاديءَ واري شهر" مان اهڙن ڪارڪنن کي ٻهراڙيءَ ۾ موڪلنديون آهن، جيڪي يا تہ بنهہ ننڍيءَ عمر جا هوندا آهن يا بلڪل ڌاريان؛ جيڪي مرڪزي هدايتن سان هٿياربند ٿي، ٻهراڙيءَ جي ڳوٺن کي ڪارخانا سمجهندا آهن.

روايتي سردار نظرانداز ڪيا ويندا آهن، الٽو ڪڏهن ڪڏهن انهن تي ڪاوڙ چنڊي ويندي آهي. مستقبل جي قومي تاريخ جا خالق، ننڍن ننڍن مقامي جهڳڙن کي بيپرواهيءَ سان نظرانداز ڪري ڇڏيندا آهن ـــ ۽ سچ پچو تہ اهي ئي جهڳڙا رهيل سهيل قومي مسئلا هوندا آهن. انهن قومي ڪارڪنن کي ڪرڻ

تہ اهو ڪپي تہ اهي پاڻ ڳوٺ جي تاريخ ڪي، جيڪا برادرين ۽ قبيلن ۾ اختلاف جي تاريخ هوندي آهي، هڪ ڳنڊيل وحدت جي صورت ڏين ۽ ان کي هن فيصلي ڪن قدم سان هم آواز ڪن، جنهن ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت اُهي سمورن ماڻهن کي ڏيندا آهن. انهن پوڙهن بزرگن تي عام ڪچهريءَ ۾ ٺٺوليون ڪيون ويندیون آهن، جيتوڻيڪ انهن پوڙهن جي هر روايتي معاشري ۾ وڏي عزت ڪئي ويندي آهي، ۽ جن کي بنا ڪنهن اختلاف جي اخلاقي رتبو حاصل هوندو آهي. قابض طاقت جا مقامي ڪارندا، اهڙيءَ ريت پيدا ٿيندڙ نفرت کي قومي تحريڪ جي خلاف استعمال ڪرڻ جو ڪوبہ موقعو هٿان نہ وڃائيندا آهن، ۽ هر انهيءَ ننڍي وڏي فيصلي تي نظر رکندا آهن، جيڪو اقتدار جي هيءَ بگڙيل صورت ڪندي آهي. اِن دوران پوليس، جنهن کي هر شيءِ جي خبر هوندي آهي، هڪدم تشدد شروع ڪندي آهي. ٻاهران ايندڙ اڳواڻ، جيڪي نئينءَ اسيمبليءَ جي ميمبريءَ جا اميدوار بہ هوندا آهن، گرفتار ڪيا ويندا آهن.

اهڙيون ناڪاميون، سياسي جماعتن جي "نظرياتي چنڊچاڻ" جي تصديق ڪن ٿيون. ٻهراڙيءَ جي عوام کي پاڻ سان ملائڻ جي ڪوشش جو هيءُ تباهہ ڪُن تجربو، مجموعي حيثيت سان انهن جي شڪن کي اڃا وڌيڪ مضبوط، ۽ عوام جي انهيءَ طبقي ڏانهن سندن نفرت کي اڃا وڌيڪ چٽو ڪري ڇڏيندو آهي. قومي آزاديءَ جي جدوجهد جي ڪاميابيءَ کان پوءِ بہ اهي غلطيون ڪيون ويندیون آهن، ۽ اهي غلطيون مرڪزيت جي خاتمي ۽ خودمختياريءَ رُڙن لاڙن کي قائم رکڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندیون آهن. سامراجي دور جي قبائليت، قومي دور ۾ علاقائيت کي جنم ڏيندي آهي ـــ ۽ جيسين تائين ادارن جو تعلق آهي تہ ان جو اظهار وفاقيت ۾ ٿيندو آهي. ليڪن هيئن بہ ٿيندو آهي تہ ٻهراڙيءَ جو عوام، انهيءَ ٿوري اثر رسوخ جي ڪري، جيڪو سياسي جماعتن جو مٿس هوندو آهي، يا قومي شعور جي پڪائيءَ جي عمل ۾ حصو وٺي، يا قوم پرست جماعتن سان ڪم ڪري، يا ڪڏهن ڪڏهن انهن جماعتن جي سنڌ ٿيڻ جي صورت ۾ تخليقي قوت سبب پنهنجو پاڻ کي پيش ڪري، هڪ فيصلي ڪُن ڪردار ادا ڪندو آهي: ڇاڪاڻ تہ قومي جماعتن جي پروپئگنڊا، هارين ۾ پڙاڏو ضرور پيدا ڪندي آهي. ٻهراڙين ۾ سامراج دشمن دور جون يادگيريون وڏيڪ زنده ۽ روشن رهنديون آهن. هتي اڃا بہ مائرون پنهنجن ٻارن جي ڪنن ۾ انهن گيتن جو امرت رس اوتينديون آهن، جن جي ساز تي سورهيہ ۽ ارڏا جوان، قابضن ۽ فاتحن سان وڙهڻ لاءِ سر تريءَ تي

ڪٽي نڪرندا هئا.

ٻارهن تيرهن سالن جي عمر ۾ ڳوٺاڻا ٻار، انهن بزرگن جا نالا معلوم ڪري وٺندا آهن، جيڪي گذريل بغاوت ۾ موجود هئا. ٻهراڙيءَ جا ٻار، ڳوٺ يا وستيءَ ۾ جيڪي خواب ڏسندا آهن، اهي شهري ٻارن وانگر پئسن ڪمائڻ يا امتحان ۾ پاس ٿيڻ جا خواب نه هوندا آهن، پر ڪنهن نه ڪنهن باغيءَ جهڙا باغي بنجڻ جا خواب هوندا آهن، جنهن جي مڙسيءَ واري موت واري لافاني قرباني‌ءَ جو قصو، اڄ به اکين ۾ ڳوڙها آڻي ڇڏيندو آهي. انهيءَ وقت جڏهن قومي جماعتون شهرن ۾ اپرندڙ مزور طبقي کي منظم ڪرڻ ۾ مشغول هونديون آهن، تڏهن اسان کي ٻهراڙين ۾ ظاهري طرح سمجهه ۾ نه ايندڙ ٽڪاءَ ٻڌڻ ۾ ايندا رهندا آهن. مثال طور مدگاسڪر ۾ 1947ع جي مشهور بغاوت کي وٺو. سامراجي حاڪمن کي پڪو يقين هو ته اها هارين جي بغاوت آهي؛ ليڪن تازو خبر پيئي آهي ته هميشه وانگر ڳالهه ان کان وڌيڪ منجهيل هئي. ٻي مهاڀاري لڙائيءَ هلندي، وڏين وڏين سامراجي ڪمپنين پنهنجي طاقت ۾ بيحد اضافو ڪيو ۽ انهن زمينن تي به قابض ٿي ويون، جيڪي اڳ تائين خالي پيون هيون؛ انهيءَ سان گڏوگڏ ٻيٽ کي يهودين، قبائلين ۽ ويسٽ انڊيز مهاجرن سان آباد ڪرڻ جي به ڳالهه ڇڙي. هيءُ افواهه به هو ته ڏکڻ آفريڪا جا گورا ٻين ڌارين ڦورن سان گڏجي ٻيٽ تي حملو ڪرڻ وارا آهن؛ ان ڪري، جنگ کان پوءِ قومي سياسي جماعت جا اميدوار ڌاڍي شان مان سان ڪامياب ٿيا. انهيءَ کان هڪدم پوءِ "مدگاسڪر جي بحاليءَ جي جمهوري تحريڪ" سان لاڳاپيل ماڻهن تي منظم تشدد جي شروعات ٿي. سامراجيت پنهنجن مقصدن جي حاصلات لاءِ ڄاڻل سڃاڻل طريقا اختيار ڪيا. هر وقت گرفتاريون، قبيلن ۾ نسل جي بنياد تي پرويڙگندا، ۽ رولو پرولتاريءَ جي غير منظم ماڻهن مان هڪ نئين جماعت جي تشڪيل، "لاوارث مدگاسڪري" نالي انهيءَ نئين جماعت، ظاهر ظهور ڇڙ ڏيارينڊڙ ڪارواين ذريعي سامراجي حاڪمن کي امن ۽ انتظام بحال ڪرڻ لاءِ قانوني حيلو موجود ڪري ڏنو. هٿراڏو جماعت کي نيست ۽ نابود ڪرڻ واري ڪاروائي، هن خاص حالتن ۾ وڏيڪ سخت ۽ وڏي پيماني تي شروع ٿي. ٻهراڙي جو عوام، جيڪو ٽن چئن سالن کان پاڻ بچائڻ وارو انداز اختيار ڪندو پئي آيو، تنهن اوچتو پنهنجي پاڻ کي سخت خطري ۾ وڪوڙيل ڏٺو. انهن غضبناڪ طاقت سان سامراجي قوتن جي مقابلي جو فيصلو ڪيو، پر گهٽا ته رڳو لٺين ۽ پٿرن سان هٿياربند ٿي قومي آزاديءَ لاءِ عام

بغاوت تي لهي آيا. اسان انهيءَ ڪهاڻيءَ جي پڇاڻيءَ کان باخبر آهيون.

اهڙيون هٿياربند بغاوتون، ڳوٺاڻن جي قومي جدوجهد ۾ شامل ٿيڻ جي ڌار ڌار طريقن مان رڳو هڪ طريقي جي نمائندگي ڪن ٿيون. ڪڏهن ڪڏهن، جڏهن شهرن ۾ قومي جماعتون، پوليس جي دٻاءُ ۾ اچي ويندیون آهن، تہ ڳوٺاڻا، شهري احتجاج جي روايت جاري رکندا آهن. تشدد جون خبرون ڳوٺاڻن علائقن ۾ افواهن جي صورت ۾ پهچنديون آهن. مشهور ٿي ويندو آهي تہ اڳواڻ گرفتار ڪيا ويا آهن، توپون ڏڙا ڏڙ هلي رهيون آهن ۽ شهر شيدين جي رت سان ڳاڙها ٿي ويا آهن ــ يا مٺ جيترا ڌاريا ڦورو عربن جي رت سان راند ڪري رهيا آهن. انهيءَ ڪري گڏ ٿيل نفرت لاوو بنجي ڦاٽي پوندي آهي. ڀرپاسي وارن پوليس ٿاڻن تي قبضو ڪيو ويندو آهي، سپاهين جي جسمن کي تڪر تڪر ڪيو ويندو آهي: مقامي اسڪول جو ڌاريون ماسٽر قتل ڪيو ويندو آهي ــ ۽ ڊاڪٽر رڳو انهيءَ ڪري جان بچائي ڀڄي نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندو آهي، جو اهو گهر ۾ موجود نہ هوندو آهي ــ وغيره وغيره. امن بحال ڪرڻ لاءِ هتي فوجون موڪليون ويندیون آهن، مٿان کان هوائي فوج عوام تي بم گولا اڇلائيندي آهي. بس هاڻي بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيو ويندو آهي. پراڻيون ويڙهاڪ روايتون وري زنده ٿي ويندیون آهن. عورتون حوصلا وڌائيندیون آهن، ۽ مرد منظم ٿي جبلن تي مورچا سنڀالينداآهن. اهڙيءَ ريت گوريلا جنگ شروع ٿي ويندي آهي. هاري هڪدم پاڻ هرتائيءَ کان ڪم وٺي بدانتظاميءَ کي نوس شڪل ڏيندا آهن ۽ سامراجيت ڊڄي ويندي آهي ــ ۽ پوءِ يا تہ جنگ جاري رکندي آهي يا ڳالهہ ٻولهہ تي لهي ايندي آهي.

قومي جدوجهد ۾ هارين جي انهيءَ شموليت جي باري ۾ قومي جماعتن جو ڪهڙو ردعمل هوندو آهي؟ اسان ڏسي چڪا آهيون تہ قومي جماعتن جي اڪثريت، پنهنجيءَ پروپئگنڊا ۾ هٿياربند بغاوت جي ضرورت کي شامل نہ ڪندي آهي. اهي جماعتون بغاوت جاري رکڻ جي مخالفت نہ ڪنديون آهن، ليڪن اُهي اُن بغاوت کي ڀهراڙيءَ جي عوام جي پاڻ هرتو عمل تائين ڇڏڻ کي ڪافي سمجهنديون آهن. مجموعي حيثيت سان اُهي ان نئينءَ بغاوت کي آسمان مان لٿل من وسلويٰ سمجهنديون آهن، ۽ خدا کان دعا ڪهرنديون رهنديون آهن تہ اُهو نزول جاري رهي. اُهي انهيءَ من وسلويٰ مان چڱيءَ ريت فائدو حاصل ڪنديون آهن، پر بغاوت کي منظم ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪنديون آهن. اهي ماڻهن کي سياسي تعليم ڏيڻ، انهن جي شعور وڌائڻ، يا جدوجهد کي وڌيڪ

بلنديءَ تي ڪٿي وڃڻ لاءِ اڳواڻن کي ڳوٺن ڏانهن نہ موڪليندیون آهن. اهي رڳو اها اميد رکنديون آهن تہ هڪ پيرو پنهنجي ئي چرندڙ ڦرندڙ طاقت سان اڳتي وڌڻ ڪان پوءِ، عوامي جدوجهد نہ بيهندي. شهري تحريڪ، ٻهراڙيءَ جي تحريڪ جا اثر قبول نہ ڪندي آهي. ٻئي پنهنجي پنهنجي خاص قانونن تحت وڌنديون ويجهنديون رهنديون آهن.

قومي جماعتون ٻهراڙيءَ جي عوام کي قطعي هدايتون ڏيڻ جي ڪوشش نہ ڪنديون آهن، حالانڪ ٻهراڙيءَ جو عوام پوريءَ ريت سندن ڳالهہ ٻڌڻ لاءِ تيار هوندو آهي. اهي انهيءَ عوام کي ڪابہ حقيقي منزل نہ ڏسنديون آهن، پر اهي رڳو هيءَ اميد رکنديون آهن تہ نئين تحريڪ اڻ ڄاڻايل وقت تائين هلندي رهندي ۽ بمباري ان کي ختم نہ ڪري سگهندي. انهيءَ ڪري جيڪڏهن اهڙو ڪو موقعو هٿ ايندو بہ آهي، تہ بہ قومي جماعتون ان مان فائدي وٺڻ لاءِ ٻهراڙيءَ جي عوام کي منظم ڪرڻ، سياسي تعليم ڏيڻ ۽ سندن جدوجهد جي سطح کي بلند ڪرڻ لاءِ ڪوبہ ڪم نہ ڪنديون آهن. اهڙيءَ طرح ٻهراڙين جي عوام تي بي اعتباريءَ وارو اهو پراڻو لاڙو، جرم جي حد تائين چٽو نظر ايندو آهي.

سياسي اڳواڻ شهرن ۾ روپوش ٿي ويندا آهن، ۽ سامراجين کي اهو تاثر ڏيندا آهن تہ بغاوت سان سندن ڪوبہ واسطو نہ آهي، يا وري اهي ملڪ کان ٻاهر وڃي پناهہ حاصل ڪندا آهن. اهو تمام گهٽ ٿيندو آهي تہ اهي جبلن تي وڃي عوام سان شامل ٿين. مثال طور ڪينيا ۾ "مائو مائو تحريڪ" وقت هڪ بہ قوم پرستَ انهيءَ تحريڪ سان پنهنجي ڳانڍاپي جو اعلان ڪونہ ڪيو، ۽ نہ ئي انهيءَ تحريڪ سان لاڳاپيل ماڻهن جي بچائڻ جي ڪا ڪوشش ڪئي.

بدقسمتيءَ سان قوم جا مختلف طبقا ڪڏهن بہ پاڻ ۾ فائديمند فيصلا نہ ڪري سگهندا آهن. انهن جي وچ ۾ حساب ڪتاب ڪڏهن بہ صاف نہ هوندو آهي. انهيءَ ڪري، جڏهن آزادي ملي ويندي آهي، جڏهن ماڻهن تي ظلم بند ٿيندو آهي، جڏهن سامراجيت ۽ قومي جماعتون پاڻ ۾ مسئلا طئي ڪري وٺنديون آهن؛ ان وقت هيءَ ڳالهہ اچرج جهڙي نہ هوندي آهي تہ توهان کي ديسي ماڻهن ۾ اثبٽت بنهہ وڌيل نظر ايندي. ٻهراڙيءَ جو عوام، حڪومت طرفان رٿيل تنظيمي سڌارا جلد قبول نہ ڪندو آهي. اهڙيءَ طرح اُهي انهن سماجي سڌارن جي سمجهڻ ۾ بہ سُست هوندا آهن. ان جي باوجود، جيڪڏهن حقيقي طرح ڏٺو وڃي تہ شايد اهو عوام بيحد ترقي پسند هجي،

اهو ان ڪري ٿيندو آهي، جو موجوده اڳواڻن، سامراجي دور ۾ عوام تي مجموعي حيثيت ۾ اهو ڪڏهن به ظاهر نه ڪيو ته سندن جماعت جا حقيقي مقصد ڪهڙا آهن، قومي لاڙا ڪهڙا آهن، يا عالمي سياست جا مسئلا ڇا آهن؟

بي اعتمادي جو اهو جذبو، جيڪو ٻهراڙيءَ جو عوام ۽ جاگيرداراڻي دور ۾ زندگي گذاريندڙ ماڻهو، سماجي دور ۾ قومي جماعتن جي باري ۾ رکندا هئا، سو هاڻي قومي دور ۾ به انهيءَ سخت مخالفت سان جاري رهندو آهي. سامراجيت جو جاسوسيءَ وارو محڪمو، جيڪو آزاديءَ کان پوءِ به ختم نه ٿيندو آهي، انهيءَ بي اعتباريءَ کي اُڀاريندو رهندو آهي، ۽ نئينءَ حڪومت لاءِ سخت ڏکيائون پيدا ڪندو رهندو آهي. مطلب ته حڪومت کي آزاديءَ جي جدوجهد واري زماني جي سستي ۽ ٻهراڙين جي باري ۾ هر وقت پنهنجي بي اعتباريءَ جي قيمت ادا ڪرڻي پوندي آهي. قوم جو سر، شايد دانشمندانه ۽ ترقي پسندانه هجي، پر سندس ڌڙ، ڪمزور، ضدي ۽ غير سهڪاري رهندو آهي. ان وقت انتظاميه کي مرڪزي حيثيت ڏيئي، ماڻهن کي هڪ سخت انتظامي ڪڙي ۾ وٺي، انهيءَ ڌڙ کي ٽوڙڻ جي ضرورت پيدا ٿيندي آهي. اِهو جو توهان اڪثر پڙهندا آهيو ته پنتي پيل ملڪن ۾ آمريت هڪ مختصر خوراڪ جي ضرورت هونددي آهي، انهيءَ جو سبب به اهوئي آهي. معاملن جا اڳواڻ، ٻهراڙيءَ جي عوام تي ڀروسو نه ڪندا آهن. ان کان سواءِ اها بي اعتباري گنڀير صورت اختيار ڪري وٺندي آهي. هتي ڪجهه حڪومتن جا مثال ڏيون ٿا، جيڪي آزاديءَ جي اعلان کان گهڻو وقت پوءِ به پنهنجي ملڪ ۾ فساد سان ڀريل علائقا تصور ڪيون ويندیون هيون، ۽ ڪي علائقا اهڙا به هئا، جتي حڪومت جو سربراهه يا سندن وزير به رڳو ان وقت وڃي سگهندا هئا، جڏهن قومي فوج اتي فوجي مشقن ۾ مصروف هجي. سمورن عملي مقصدن لاءِ ملڪ جي اندرين علائقن کي ڌارين جو درجو ڏنو ويندو آهي. هيءُ عجيب تضاد آهي ته قومي حڪومت مجموعي حيثيت ۾ ٻهراڙيءَ جي عوام سان لاڳاپن جي سلسلي ۾ اڳوڻي سامراجي حڪومت جي ڪن خاصيتن جي ياد تازي ڪندي رهندي آهي. ”اسان اندازو نه ٿا ڪري سگهون ته هي ماڻهو نيٺ ڇا ڪندا؟“ اڪثر اهو نعرو هنيو ويندو آهي ــ ۽ نئون حڪمران طبقو، هن ڳالهه تي زور ڏيڻ کان به نه هٽندو آهي ته جيڪڏهن ملڪ کي ”قرون وسطيٰ“ (وچئين دور) واري زماني مان اڳتي ڪڍڻو آهي ته انهن ماڻهن کي ڏنڊي جي زور سان هلائڻو پوندو.“ ليڪن جيئن اسان ڏسي آيا آهيون ته

سامراجي دور ۾ قومي جماعتون ٻهراڙيءَ جي عوام سان تمام غلط نموني هليون آهن، ۽ هاڻي هيءَ ڳالهه قومي اتحاد کي رڳو خراب ئي ڪري سگهي ٿي. جڏهن ته هن ٻالڪ اوستا واريءَ قوم کي هڪ سٺي شروعات جي ضرورت آهي.

گهڻو ڪري سامراجيت، قوميت جي وڌندڙ لاڙي کي ڪٽڻ يا ان جي رخ بدلائڻ جي ڪوشش ڪندي آهي. شيخن ۽ سردارن کي شهري انقلابين خلاف منظم ڪرڻ بدران مقامي ڪاميٽين، قبيلن ۽ برادرين کي جماعتن جي صورت ۾ منظم ڪندي آهي. شهري جماعت جي مقابلي ۾، جيڪا "قومي مقصدن کي پنهنجو ڪرڻ" ۽ سامراجي اقتدار جي لاءِ هڪ خطرو بنجي ويندي آهي، هاڻي ڏڦيڙ وجهندڙ ٽولا پيدا ٿي پوندا آهن ـــ ۽ اهڙا لاڙا ۽ جماعتون اُڀرڻ لڳنديون آهن. جن جا بنياد، نسلي ۽ علاقائي اختلافن تي هوندا آهن. پوري جو پورو قبيلو، سامراجين جي اشاري تي پنهنجو پاڻ کي هڪ جماعت جي صورت ڏيڻ شروع ڪندو آهي. اُن وقت ڪانفرنس جي ميز رکڻ جو وقت ايندو آهي. اها جماعت، جيڪا اتحاد جي حمايت ڪندي هئي، ان کي هاڻي ڏڦيڙ پيدا ڪندڙ ٽولن جي گڙبڙ پنهنجي انتشار ۾ ٻوڙي ڇڏيندي آهي، جڏهن ته قبائلي جماعتون، مرڪزيت ۽ اتحاد جي مخالفت ڪنديون آهن ۽ اتحاد پسند جماعت کي آمريت پسنديءَ جو مهڻو ڏيئي ننڍڻ شروع ڪنديون آهن. ان کان پوءِ قومي جماعت جي مخالف جماعت بہ اهي اٽڪلون استعمال ڪندي آهي. قابض طاقت انهن ٻن يا چئن جماعتن مان، جيڪي قومي جدوجهد جي حمايت ۽ رهنمائي ڪنديون آهن، هڪ کي پسند ڪري وٺندي آهي. انهيءَ پسند جا طريقا ڄاتل سڃاتل آهن. جيڪڏهن ڪا جماعت پوريءَ قوم جو اتحاد حاصل ڪري وٺندي آهي، ۽ قوم جي واحد نمائنده جماعت جي حيثيت ۾ قابض قوت تي پنهنجو اثر وجهڻ شروع ڪندي آهي، ته سامراجي طاقت ڏاڍيون منجهائيندڙ چالون چلڻ شروع ڪندي آهي، ۽ ڳالهه ٻولهه ۾ وس پڄندي دير ڪندي آهي. اها دير اُنهن جماعتن جي مطالبن گهٽائڻ يا انهن جي اڳواڻن کي مجبور ڪرڻ لاءِ هوندي آهي ته اهي اڳواڻ ڪن انتها پسندن کي پوئتي ڌڪي ڇڏين. ٻئي پاسي جيڪڏهن ڪابہ جماعت، قابض قوت کي متاثر ڪرڻ ۾ ڪامياب نہ ٿيندي آهي ته پوءِ قابض قوت ڪنهن اهڙيءَ جماعت کي رعايتون ڏيڻ شروع ڪندي آهي، جنهن کي هوءَ سڀ کان وڌيڪ "معقوليت پسند" سمجهندي آهي. اُهي قومي جماعتون جيڪي انهيءَ

ڳالهه ٻولهه ۾ حصو وٺندیون آهن، سي اُن سمجهوتي کي ننڍڻ شروع ڪندیون آهن، جنهن تي انهيءَ معقوليت پسند جماعت ۽ قابض قوت جو اتفاق ٿيندو آهي. اها جماعت، جيڪا سامرجين کان اقتدار حاصل ڪندي آهي، سا انهيءَ خطري کان واقف ٿي، جنهن کي مخالف جماعتن جو سخت جذباتي ۽ پريشان ڪندڙ رويو پيدا ڪندو آهي، پنهنجي مخالف جماعت کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي، ۽ ان کي غير قانوني قرار ڏيئي ڇڏيندي آهي. ڏمر هيٺ آيل جماعت لاءِ هن کان سواءِ ٻيو ڪوبه چارو نه رهندو آهي ته شهر جي ٻاهرين آبادين يا ٻهراڙيءَ جي ڳوٺن ۾ پنهنجي لاءِ ٺڪاڻو ڳولي. ان کان پوءِ اها جماعت ٻهراڙيءَ جي عوام کي "بندرگاهه جي غدارن ۽ گاديءَ واري هنڌ جي بي ايمان سياستدانن" جي خلاف ڀڙڪائيندي آهي. انهيءَ ڪم لاءِ هر جواز صحيح هوندو آهي، پوءِ اهي مذهبي احساسات هجن، يا نئينءَ حڪومت جون نيون ايجادون، جيڪي پراڻين روايتن جي خلاف هونديون آهن. ساڳيءَ طرح ٻيون ڳالهيون هونديون آهن، جن جي بنياد تي ٻهراڙيءَ جي عوام جي جهالت مان پورو پورو فائدو وررتو ويندو آهي. نام نهاد انقلابي منشور جو بنياد حقيقت ۾ ٻهراڙيءَ جي علائقن جي غريبيءَ، جذباتيت ۽ پاڻ هرتائيءَ واري فطرت تي هوندو آهي. هر جڳهه تي سُس پس ڪئي ويندي آهي ته جابلو علائقا هلچل ۾ شامل ٿي رهيا آهن ۽ ٻهراڙيون بي چين آهن ــ افواهه اُڏندا آهن ته فلاڻي جڳهه تي پوليس ڳوٺاڻن تي گوليون هلايون آهن، ۽ پوليس جي ٻي ڪُمڪ وڃي رهي آهي، ۽ هاڻي حڪومت ختم ٿيڻ واري آهي. جيئن ته مخالف جماعتن جو ڪوبه چٽو پروگرام نه هوندو آهي، ان ڪري حڪمران جماعت جي جاءِ وٺڻ کان سواءِ هنن جي ڪابه نظرياتي منزل نه هوندي آهي، بس رڳو هيءُ مقصد سامهون رکي اهي جماعتون پنهنجي تقدير، بي سمجهه ۽ جذباتي هارين جي هٿن ۾ ڏيئي ڇڏيندیون آهن. اُنهيءَ جي ابتڙ ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي ته مخالف جماعتون، ٻهراڙيءَ جي عوام جي مدد تي پاڻڻ بدران نئينءَ آزاد ٿيل قوم جي مزورن ۾ پيدا ٿيل ترقي پسند جزن تي ڀروسو ڪندیون آهن. اهڙين حالتن ۾ حڪومت ڳوٺاڻن کي مزورن جي مطالبن جي مخالفت ڪرڻ تي اڀاريندي آهي، جن کي هو روايت دشمن ۽ مٽي ڦريل ماڻهن جي چالاڪ ٽولي قرار ڏيئي ننديدي رهندي آهي. سياسي جماعتن جي باري ۾ اسان جيڪي حقيقتون پيش ڪيون آهن، اهي ڪن معمولي اختلافن سان مزدور تنظيم ۾ به نظر ايندیون آهن. شروع شروع ۾ بينڪي علائقن ۾ مزدور تنظيم، قابض ملڪن

جي مزدور تنظيمن جون باقاعدي مقامي شاخون هونديون آهن، ۽ انهن جا احڪام قابض ملڪ ۾ ملندڙ حڪمن جا پڙاڏا هُوندا آهن.

جڏهن آزاديءَ جي جدوجهد ڪنهن فيصلي ڪُن مرحلي ۾ داخل ٿيندي آهي تہ ڪن مقامي مزدور تنظيمن کي قومي پيماني تي متحده/ گڏيل مزدور تنظيم ٺاهڻ جو احساس ٿيندو آهي. جڏهن مقامي مزدور ڪارڪن، مزدور تنظيم کي ڇڏڻ لڳندا آهن، تڏهن اهو پراڻو ڍانچو، جيڪو قابض ملڪ مان ٺهيل ٺڪيل درآمد ڪيل هوندو آهي، سو ٽٽڻ لڳندو آهي.

نين اتحادي تنظيمن جو وجود، شهري آباديءَ جي هٿ ۾ سامراجين تي دباءَ وجهڻ جو مؤثر ذريعو هوندو آهي. اسان ڏسي چڪا آهيون تہ بينڪن ۾ مزدور طبقو اڃا ابتدائي درجي ۾ هوندو آهي ۽ اهو عوام جي ان حصي جي نمائندگي ڪندو آهي، جنهن کي سڀ کان وڌيڪ رعايتون مليل هونديون آهن ـــ مزدور تنظيم شهرن ۾ آزاديءَ جي جدوجهد مان جنم وٺندي آهي، ۽ اُن جو پروگرام وڌ کان وڌ سياسي يا قومي پروگرام هوندو آهي. اهڙي قومي ٻڌيءَ جي تنظيم، جيڪا قومي آزاديءَ جي جنگ جي فيصلي ڪُن مرحلي ۾ اپرندي آهي، سا حقيقت ۾ باشعور ۽ هلچل پيدا ڪندڙ قومي حصن جي قانوني فهرست هوندي آهي.

ٻهراڙيءَ جو عوام، جنهن کي سياسي جماعتون نفرت سان ڏسنديون آهن، تنهن کي پري رکيو ويندو آهي. ظاهر ڳالهہ آهي تہ هارين جي ٻڌيءَ جي هڪ انجمن جنم وٺندي، ليڪن ان جو وجود "سامراجيت خلاف هڪ گڏيل محاذ" پيش ڪرڻ جي قطعي ضرورت جو جواب هوندو. اهي مزدور اتحادي عهديدار، جيڪي قابض ملڪ ۾ مزدور تنظيم جي سلسلي ۾ بهترين ڪارناما ڪري چڪا هوندا آهن، تن کي اها خبر نہ هوندي آهي تہ ٻهراڙيءَ جي عوام جي انبوهہ جي ڪيئن تنظيم ڪجي. انهن جو آبادگارن سان ڪوبہ لاڳاپو نہ هوندو آهي. انهن جو ڪم رڳو هيءُ هوندو آهي تہ اهي بندرگاهن جي مزدورن، ڪاٽيون کوٽيندڙن، سرڪاري گئس ۽ بجليءَ جي ڪاريگرن کي پنهنجين تنظيمن ۾ شامل ڪن.

سامراجي دور ۾ قومي مزدور ٻڌيءَ واريون تنظيمون، سامراج کي اثرائتا ڏڪ هڻڻ واري قوت ثابت ٿي سگهن ٿيون. شهر ۾ مزدور ٻڌي، سامراجي معيشت جي مشين کي روڪي سگهي ٿي يا گهٽ ۾ گهٽ ڪنهن خاص گهڙيءَ ۾ ان جي رفتار سُست ڪري سگهي ٿي. جيئن تہ يورپي آبادي

گهٽو ڪري شهرن ۾ ئي هوندي آهي، ان ڪري انهيءَ شهري آباديءَ تي، مزدورن جي انهيءَ مظاهري جو نفسياتي اثر پوندو آهي؛ نہ بجلي هوندي آهي، نہ گئس، گهٽين ۾ گندگي ۽ ڪچري جا ڍير پيا هوندا آهن ۽ سامان گودين ۾ سڙندو رهندو آهي!

قابض ملڪ جا هي ننڍا ننڍا ٻيٽ، ٻيعني شهر (ڇوتہ سامراجي نظام ۾ انهن شهرن کي ٻيٽن واري حيثيت هوندي آهي) مزدورن جي ڪاروائن جي باري ۾ ڏاڍا حساس هوندا آهن. گاديءَ واري شهر (جيڪو سامراجيت جو قلعو هوندو آهي) مزدور ڪاروائن جي ضربن کان ڏڪندو رهندو آهي. ليڪن ملڪ جي اندرين حصن جو عوام، انهيءَ مقابلي جي باري ۾ ڪابہ ڄاڻ نہ رکندو آهي. اهڙيءَ طرح اسان ڏسندا آهيون تہ قومي نقطي نظر سان مزدور اتحاد جي اهميت جي باوجود، رهيل قوم ۾ هم آهنگي پيدا نہ ٿيندي آهي. آزاديءَ کان پوءِ اهي مزدور، جيڪي مزدور تنظيمن ۾ شامل هوندا آهن، سي پاڻ کي خالي ميدان ۾ محسوس ڪندا آهن. هنن جو محدود مقصد آزاديءَ کان پوءِ قوم جي نئين سر تعمير جي مقابلي ۾ بيحد ننڍو نظر ايندو آهي. قوم جي وچولي طبقي مان (جنهن جا حڪومت سان ويجها لاڳاپا هوندا آهن) جڏهن مزدور اڳواڻن جو واسطو پوندو آهي، تڏهن ڪين معلوم ٿيندو آهي تہ اهي پنهنجي پاڻ کي فقط مزدور طبقي جي احتجاجن جي حوالي ڪري نہ ٿا سگهن. مزدور تنظيمون، پنهنجيءَ جوڙجڪ ۾ ٻهراڙين کان الڳ ٿلڳ هونديون آهن، ۽ شهري پسگردائيءَ کان ٻاهر هدايتن ڏيڻ جي لائق نہ هونديون آهن، ان ڪري اُهي ڏينهون ڏينهن سياسي ميدان ڏانهن وڌنديون آهن. حقيقت ۾ هاڻي اهي حڪومت جي طاقت هٿ ڪرڻ جون اميدوار بنجي ويندیون آهن، ۽ وچولي طبقي کي گهيري ۾ وٺڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن. اهي ملڪي حدن ۾ غيير ملڪي اڏن جي خلاف احتجاج ڪنديون آهن، واپاري عهدنامن کي ننديندیون آهن. آزادي ملڻ کان پوءِ مزدورن جي سمجهہ ۾ نہ ايندو آهي تہ اهي هاڻي ڇا ڪن. آزاديءَ جي اعلان کان هڪ ڏينهن پوءِ، مزدور محاذ کي اهو احساس ٿيندو آهي تہ اهو جيڪڏهن پنهنجي سماجي مطالبن کي وڌيڪ چٽو ڪري تہ هوند پوري قوم حيران ٿي وڃي. اهو ان ڪري، جو حقيقت ۾ مزدور طبقو آباديءَ جو اهو حصو هوندو آهي، جنهن کي گهٽي کان گهٽيون رعايتون حاصل هونديون آهن، ۽ جيڪو عوام ۾ سڀ کان وڌيڪ خوشحال حصي جي حيثيت رکندو آهي. هر اُها تحريڪ، جيڪا ساحلي مزدورن ۽

ڪاريگرن جي حالتن سڌارڻ لاءِ جدوجهد ڪندي، سا نہ رڳو غير مقبول رهندي، پر رعايتن کان وانجهيل ٻهراڙيءَ جي عوام ۾ پنهنجي لاءِ نفرت پيدا ڪرڻ جو ڪارڻ بڻبي. مزدور محاذ، جنهن لاءِ مزدور ٻڌيءَ جو سمورو ڪم رُڪجي ويندو آهي، سو هاڻي رڳو ويلا ٽازيندو رهندو آهي. اها بيمار صورتحال هاڻي هڪ اهڙي سماجي پروگرام جي لازمي ضرورت جو اظهار ڪندي آهي، جيڪا پوريءَ قوم کي اجتماعي حيثيت سان متاثر ڪري سگهي. اوچتو مزدور محاذ کي احساس ٿيندو آهي تہ ملڪ جي اندرين حصن کي بہ منظم ۽ باشعور ڪرڻ گهرجي. پر جيئن تہ انهن ڪڏهن بہ هارين سان عملي ڳانڍاپي جي ڪوشش نہ ڪئي هوندي آهي، ۽ جيئن تہ رڳو اُهو هاري طبقو ئي ملڪ جي اڪيلي پاڻ هرتو انقلابي قوت هوندو آهي؛ ان ڪري مزدور اتحاد فقط پنهنجي ڏڏپٽي جو ثبوت ڏيندو آهي ۽ ان کي پاڻهي پنهنجي پروگرام جي تاريخي غلطيءَ جو احساس ٿيندو آهي. مزدور اتحاد جا اڳواڻ، جيڪي رڳو مزدور طبقي جي سياسي ڪارواين ۾ رڌل هوندا آهن، سي هاڻي ازخود حڪومت جي تختي اونڌي ڪرڻ جي تيارين ۾ لڳي ويندا آهن. پر اتي وري ملڪ جي اندرين حصن کي نظرانداز ڪيو ويندو آهي. مزدورن جي اها ڪوشش فقط مزدور ڪارڪنن ۽ وچولي طبقي جي وچ ۾ هڪ خاص حد تائين حساب ڪتاب صاف ڪرڻ جي ڳالهہ هوندي آهي. قومي وچولو طبقو، سامراجيت جي روايت تي هلندي، فوج ۽ پوليس جي طاقت جو مظاهرو ڪندو آهي. هوڏانهن مزدور گڏيل محاذ جون تنظيمون وڏا وڏا جلسا ڪنديون آهن، ۽ هزارن لکن ماڻهن کي هلچل ۾ آڻينديون آهن. هاري جماعتون، جڏهن قومي وچولي طبقي ۽ رعايتن حاصل ڪندڙ مزدورن کي پاڻ ۾ جُنڊا پٽ ڪندي ڏسنديون آهن، تہ بي نيازيءَ جو اظهار ڪنديون آهن. اهي هاري بي نيازي ان ڪري ڏيکاريندا آهن، جو ڪين خبر هوندي آهي تہ ٻئي ڌريون پنهنجي پنهنجي سرسي ڏيکارڻ لاءِ هن ڏانهن متوجهہ ٿيون آهن. مزدور محاذ، سياسي جماعتون ۽ حڪومت، سڀيئي هارين جي انبوهہ کي هڪ انڌي، بيئل ۽ وحشي قوت وانگر پنهنجي غير اخلاقي خود غرضين لاءِ استعمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪنديون آهن.

ٻئي طرف ڪن حالتن ۾ ٻهراڙيءَ جا ماڻهو ڏاڍي فيصلي ڪُن انداز ۾ قومي آزاديءَ جي جدوجهد ۾ ۽ انهن راهن جي مقرريءَ ۾ پڻ، (جيڪي مستقبل جي قوم پنهنجي لاءِ چونڊيندي آهي،) حصو وٺندا آهن. پنتي پيل

ملڪن ۾ اهو نقشو بنيادي نوعيت جو هوندو آهي، ان ڪري اسان جو ارادو آهي تہ ڪجهہ تفصيل سان ان جي ڇنڊڇاڻ ڪريون.

اسان ڏسي چڪا آهيون تہ سياسي جماعتن ۾ سامراجيت کي ختم ڪرڻ سان گڏ ان جي بنهہ ابتڙ هڪ خواهش، سامراجيت سان دوستيءَ ڳنڍڻ جي بہ موجود هوندي آهي. انهن جماعتن ۾ ڪڏهن ڪڏهن اهي ٻئي سلسلا گڏوگڏ هلندا رهندا آهن. سڀ کان پهرين جڏهن دانشور، سامراجيت جي اصلي حقيقت ۽ عالمي صورتحال جي تفصيلي ڇنڊڇاڻ ڪندا آهن تہ اُهي پنهنجي جماعت جي نصب العين جي اڻ هوند ۽ اُن جي اٽڪلن ۽ ڪم جي طريقي بابت نااهليءَ تي نڪتہ چيني شروع ڪندا آهن. اهي پنهنجن رهنمائن کان اهم نڪتن جي باري ۾ لڳاتار سوال پڇندا رهندا آهن: ”قوم پرستي ڇا آهي؟“ ”اُنهيءَ لفظ مان توهان جي مراد ڇا آهي؟“ ـــ ”سڀ کان اهم ڳالهہ اها تہ اها توهان ڪيئن حاصل ڪندؤ؟“ دانشور اهڙا سوال پڇندا آهن، ۽ ان سان گڏوگڏ اهو بہ چاهيندا آهن تہ آزادي حاصل ڪرڻ جي طريقي جو مسئلو سڀ کان پهرين حل ڪيو وڃي. اهي هيءَ راءِ بہ ڏيندا آهن تہ اليڪشني ذريعن سان گڏ ”باقي سڀ طريقا“ بہ شامل هئڻ گهرجن. ابتدائي ڇيڙڇاڙ کان پوءِ جماعت جا مجيل رهنما انهي ”اُپام“ کي ٻارائين حرڪتن جو نالو ڏيئي، نظرانداز ڪري ڇڏيندا آهن. پر جيئن تہ اهي سوال ۽ مطالبا رڳو ”اُپام“ نہ هوندا آهن، ۽ نہ وري ٻارائي ذهنيت جي نشاني، اُن ڪري انهن سوالن ۽ مطالبن سان لاڳاپيل انقلابي ماڻهو تمام جلدي اڪيلا رهجي ويندا آهن. پوڙها تجربيڪار اڳواڻ وڏيءَ ڪٺورتا سان انهن ”مهم پرستن ۽ انتشار پسندن“ سان لاڳاپا توڙي ڇڏيندا آهن. جماعتي نظام، هر نئين ايجاد جي مخالفت ڪندو آهي. انقلابي اقليت، پنهنجو پاڻ کي اڪيلو ڏسندي آهي، ۽ سندس سامهون اهي اڳواڻ هوندا آهن جيڪي اُنهيءَ خيال کان فڪرمند ۽ ڊنل نظر ايندا آهن تہ هي ڪُنُ، جنهن جي حالت، سختيءَ ۽ رُخ جي باري ۾ هُو سوچي بہ نہ ٿا سگهن، سو ڪٿي ڪين ٻوڙي نہ ڇڏي. ٻئي سلسلي جو واسطو، انهن رهنمائن ۽ سندن ويجهن ساٿين سان هوندو آهي، جيڪي سامراجيت جي دور ۾ سامراجي پوليس جي تشدد جو شڪار رهيا هئا. هتي انهيءَ ڳالهہ تي زور ڏيڻ ضروري آهي تہ اُهي ماڻهو پنهنجي اٿڻڪ ڪم، پنهنجي قرباني ۽ واري جذبي ۽ ڏيهہ جي بيحد اڻ مئي اُڪير ڪري جماعت جي اڳواڻيءَ تائين پهتا آهن. اهي ماڻهو جيڪي بنهہ هيٺين درجن کان مٿاهين منزلن تائين پهچندا آهن، سي محنت مزدوري

ڪندڙ ۽ ڪڏهن ته بنهه پراڻا بيروزگار هوندا آهن. سياسي جماعتن ۾ سندن زور شور رڳو سياست ۾ حصي وٺڻ ڪري به هوندو آهي، پر اُها ان واحد طريقي جي چونڊ هوندي آهي، جنهن جي ذريعي هو بنهه حيواني سطح کان انساني سطح تي پهچڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. هي ماڻهو، جن جي راهه ۾ جماعت جي قانوني رڪاوٽ بنبي رهندي آهي، پنهنجي ان عمل جي حدن ۾ رهندي (جنهن جا هو ذميوار آهن) هلچل ۽ عمل، جرئت ۽ ان جدوجهد جي اهميت جو مظاهرو ڪندا آهن، جنهن جي ڪري ڪينُ سامراجي تشدد جو شڪار ٿيڻو پوندو آهي، انهن کي گرفتار ڪيو ويندو آهي، ڪين سزا ڏني ويندي آهي، ايذاءَ ڏنا ويندا آهن، ۽ نيٺ معاف ڪيو ويندو آهي. اهڙيءَ طرح اهي جيل خانن ۾ سڙندي سڙندي، پنهنجن خيالن کي سڌارڻ ۽ ارادن کي مضبوط ڪرڻ ۾ پنهنجو وقت خرچ ڪندا آهن. بک هڙتالن ۽ قيدخاني جي برادريءَ جي ڏڍ تي هو جيئندا رهندا آهن، ۽ پنهنجيءَ آزاديءَ جي آس رکيو وينا هوندا آهن. جيل مان انهيءَ آزاديءَ کي هو هٿياربند جنگ جي شروعات لاءِ هڪ موقعو سمجهندا آهن، ليڪن انهن ئي گهڙين ۾ سامراجيت، جنهن تي چوطرف کان حملو ٿي ويندو آهي، سا قوم جي "نرم ڌر" وارن ڏانهن ناهه لاءِ هٿ وڌائيندي آهي.

هاڻي اسان ڏسي سگهون ٿا ته ڪهڙيءَ طرح جماعت جي قانوني ۽ غير قانوني لاڙن ۾ لاڳاپو بلڪل ٽٽي ويندو آهي. غير قانوني اقليت کي اهو احساس ڏياريو ويندو آهي ته اهي بچڙا آهن، ۽ اسان انهن کان بلڪل پري رهڻ ٿا چاهيون. جماعت جا قانون پسند ميمبر انهن جي مدد ڪرڻ ۾ هٻڪندا آهن ـــ پر سچي! انهن ٻنهي لاڙن جي وچ ۾ ته اڳيئي ڦوٽ پئجي چڪي هوندي آهي، ان ڪري غير قانوني عنصر انهن دانشورن سان لاڳاپو پيدا ڪندا آهن، جن جي خيالن کان ڪجهه سال اڳ اهي متاثر ٿيا هئا. هاڻي انهن ٻنهي ڌرين جي ميلاپ جو نتيجو، هڪ زير ـ زمين تحريڪ هوندي آهي، جيڪا قانون پسند جماعت جي ئي هڪ شاخ هوندي آهي، پر جيئن جيئن قانون پسند جماعت سامراجيت جي ويجهو ٿيندي ويندي ۽ ان جي "اندر" ۾ تبديليون آڻڻ جي ڪوشش ڪندي، تيئن تيئن غير قانوني عنصرن تي تشدد تيز ٿيندو ويندو. اهڙيءَ ريت غير قانوني اقليت پاڻ کي تاريخ جي اونداهيءَ گهٽيءَ ۾ ڀٽڪندي ڏسندي آهي. جڏهن شهر انهن سان لاڳاپا ٽوڙي ڇڏيندو آهي ته اهي ماڻهو شهر جي پسگردائيءَ وارين ڪالونين ۾ وڃي رهندا آهن. پر پوليس جلد ئي سندن

چوڌاري گهيرو ڪري، ڪين مجبور ڪندي آهي تہ اهي شهر ڇڏي وڃن، ۽ سياسي ميدان مان هٽي وڃن. اهي سڀ ڀهراڙيءَ جي ڳوٺن ۽ جبلن (جيڪڏهن انهن جو وجود هوندو آهي) ڏانهن هليا ويندا آهن، ۽ هارين تي پروسو ڪندا آهن. پهرين ڏينهن ڪان ئي هاري انهن جي چوڌاري گڏ ٿي ويندا آهن ۽ ڪين پوليس جي گرفتاريءَ ڪان بچائيندا آهن. انهن "پرجوش قوم پرستن" جو، جيڪي شهرن ۾ پوليس سان لڪ لڪوٽي راند کيڏڻ بجاءِ هارين تي پروسو ڪندا آهن، ڪوبہ نقصان نہ ٿيندو آهي. هاري اهڙيءَ نرميءَ ۽ مضبوطيءَ سان ڪين پاڻ سان گڏي ڇڏيندا آهن، جنهن جي ڪين ڪابہ اميد ڪانہ هئي. اهي ماڻهو جن کي ويرانن ۾ ڏکيو ويو آهي، ۽ جيڪي انهيءَ شهري پس منظر کان جدا ٿي ويا آهن، جنهن ۾ هن سياسي جنگ ۽ قوميت جي باري ۾ پنهنجا نظريا قائم ڪيا هئا، سي هاڻي حقيقت ۾ "ماڪوئسرو" بنجي ويندا آهن. جيئن تہ اهي پوليس ڪان بچڻ لاءِ هر وقت هيڏانهن هوڏانهن پڇندا رهندا آهن، ۽ عام طرح رات جو نڪرندا آهن تہ جيئن ماڻهن جي نظرن ۾ نہ اچن، اُنهيءَ ڪري ڪين سڻو موقعو ملي ويندو آهي تہ پنهنجي ملڪ ۾ گهمي ڦري، ان کي چڱيءَ طرح سمجهي وٺن. ڪافي هائوس، ايندڙ چونڊون يا ڪنهن پوليس واري جو بغض ۽ ڪِينو، اهو سڀ ڪجهہ وساريو ويندو آهي. انهن جا ڪَنَ ملڪ جي حقيقي آواز ٻڌندا آهن ۽ سندن تصور جي اکين ۾ پنهنجي عوام جي حد کان وڌيڪ غربت جي تصور چٽجي ويندي آهي. هاڻي ڪين ان قيمتي وقت جو احساس ٿيندو آهي، جيڪو سامراجي حڪومت جي باري ۾ بنا فائدي تبصرن ۾ وڃايو ويو هو. نيٺ اهي هن نتيجي تي پهچندا آهن تہ تبديليءَ سان نہ سڌارا ٿيندا ۽ نہ وري حالتون ٺيڪ ٿينديون. هاڻي اهي اِن حيرت سان، جيڪا انهن ڪان ڪڏهن بہ ڌار نہ ٿيندي آهي، اهو سمجهي وٺندا آهن تہ سامراجي حڪومت ختم ڪرڻ يا ان ۾ تبديلي پيدا ڪرڻ لاءِ شهرن جي اندر ڪنهن بہ قسم جو سياسي قدم هميشه بيڪار هوندو آهي.

اهي ماڻهو هارين سان ڳالهہ ٻولهہ ڪندا رهندا آهن. هاڻي ڪين ڄاڻ حاصل ٿيندي آهي تہ ڀهراڙيءَ جي عوام جي انبوهہ، پنهنجيءَ آزاديءَ جي مسئلي تي تشدد جي استعمال، غير ملڪين کان پنهنجين زمينن ڦرڻ، قومي سطح تي جدوجهد ۽ هٿياربند جدوجهد ڪان سواءِ ٻيو ڪجهہ سوچيو ئي نہ آهي. اها بلڪل آسان ڳالهہ آهي. انهن ماڻهن کي هاڻي اهڙي عوام جي خبر پئجي ويندي آهي، جيڪو انگن اکرن ۾ جهڙو هو تهڙو ئي آهي، ليڪن پنهنجن

اخلاقي گٺن ۾ وطن دوستيءَ کي قائم رکيو اچي. اهي اهڙو عوام ڳولي لهندا آهن، جيڪو سخي، هر وقت قرباني ڏيڻ لاءِ تيار، بي آرام ۽ هڪ حقيقي خودداري رکندڙ هوندو آهي. هيءَ ڳالهه هاڻي سمجهه ۾ اچي ٿي ته اهي تشدد پسند عناصر، جن جي پٺيان پوليس لڳل هوندي آهي، ۽ عوام جو اهو رڪ جهڙو جسم کي سُتيءَ ۾ ئي بغاوت پياريل هوندي آهي، سي جڏهن پاڻ ۾ ملندا آهن ته هڪ غير معمولي طاقت سان ٽاٽندڙ بم تيار ٿي ويندو آهي. شهرن مان آيل ماڻهو عوام جي جفاڪشيءَ ۽ سياسي سکيا وٺندڙن لاءِ جماعتون ناهينديا آهن. عوام پنهنجي هٿيار تِکا ڪرڻ لڳندو آهي. اهي سکيا ڏيندڙ جماعتون گهڻو وقت نه هلي سگهنديون آهن، ڇو ته هڪ پيرو وري ماڻهن کي پنهنجن ٻانهن جي ٻل جي خبر پئجي ويندي آهي ۽ اهي رهنمائن کي عمل شروع ڪرڻ لاءِ اڳتي ڌڪيندا آهن. اِجهو ائين هٿياربند لڙائي شروع ٿي ويندي آهي.

اها بغاوت سياسي جماعتن کي بدحواس ڪري ڇڏيندي آهي. حقيقت ۾ انهن جي منشور ۾ هميشه طاقت آزمائيءَ کي ئي فائدي وارو سڏيو ويو آهي. انهن جو وجود ئي هر قسم جي بغاوت کي نندڻ لاءِ آهي. ڳجهي نموني کي جماعتون ڌارئين قوروءَ جي خوشفهميءَ ۾ شامل ٿي ويندیون آهن ۽ پنهنجو پاڻ کي مبارڪون ڏيندیون آهن ته اُهي انهيءَ چريائپ (هٿياربند بغاوت) کان پري آهن، جنهن کي نيٺ قتل عام جي ذريعي دٻايو ويندو. پر هڪ دفعو تيلي ٻري ته ڇيڻيون جهنگل جي باهه وانگر ساري ملڪ ۾ پکڙجي ويندیون آهن. بڪتربند گاڏين ۽ هوائي جهازن جي مڪمل فتح محال ٿي ويندي آهي. جڏهن هيءُ مسئلو پوري ريت کلي سامهون ايندو آهي، تڏهن سامراجيت سوچ ويچار شروع ڪندي آهي. خود ظالم قوم مان به اهڙا آواز اُڀرندا آهن ۽ ٻُڌا ويندا آهن، جيڪي انهيءَ خطرناڪ صورتحال ڏانهن ڌيان ڇڪائيندا آهن.

جيسين تائين عوام جو واسطو آهي ته اهو پنهنجي جهوپڙين ۾ ۽ پنهنجي خوابن ۾ قوم جي نئين ساز سان شامل ٿي ويندو آهي. اهي پنهنجي دلين ۽ ساهن جيي گهراين ۾ اڏول جوڏن جي تعريف ۾ ڪڏهن نه ختم ٿيندڙ گيت جهونگاريندو رهندو آهي. بغاوت جي لهر پوريءَ قوم کي وهائي ويندي آهي، ۽ هاڻي وقت ايندو آهي، جو جماعتون پوئتي هٽايون ويندیون آهن.

تڏهن به انقلاب جي اڳواڻن کي احساس ٿيندو آهي ته ڪنهن ڏينهن شهر به بغاوت ۾ شامل ٿي ويندا. اها پروڙ رڳو اتفاقي نه هوندي آهي. اهو

انهيءَ جدليت جو آخري نُڪتو هوندوآهي، جنهن کي قومي آزاديءَ جي هٿياربند جدوجهد جو روح روان سمجهڻ کپي. باوجود انهيءَ ڳالهه جي ته بهراڙيون عوامي طاقت جا خزانا هونديون ۽ هٿياربند ماڻهن جا ٽولا انهيءَ ڳالهه جي ضمانت ڏيندا آهن ته اتي بدامني رهندي. سامراجيت پنهنجي نظام جي پائيداري جي باري ۾ منجهيل نه هوندي آهي، ان کي ڪڏهن احساس به نه ٿيندو آهي ته سندس بنياد خطري ۾ آهي، انهيءَ ڪري باغي اڳواڻ جنگ کي دشمن جي ڪيمپ ۾ ڪٽي ايندا آهن. ٻين لفظن ۾ عظيم الشان شهر ۽ پُرامن علائقا جنگ جا مرڪز ٿي ويندا آهن.

آباديءَ جي مرڪزن ۾ انقلابي تنظيم، اڳواڻن لاءِ ڪجهه ڏکيا مسئلا پيدا ڪندي آهي اسان ڏسي آيا آهيون ته شهرن جي پليل اڳواڻن جي اڪثريت شهرن مان اُن ڪري ڀڄي ايندي آهي، جو اهي سامراجي پوليس کي گهربل هوندا آهن، ۽ سياسي جماعتن جي سمجهه سوچ کان ڪم وٺندڙ قيادت به انهن کي عزت جي نظرن سان نه ڏسندي آهي. انهن جي ڳوٺن ڏانهن موٽ، عذاب کان ڀاڄ به هوندي آهي ته پراڻي سياسي ڄاڻچي تي انهن جي بي اعتباريءَ جي نشاني پڻ. ظاهر آهي ته انهن اڳواڻن جي آدرياءَ لاءِ اُهي مشهور قوم پرست عناصر هئڻ گهرجن، جيڪي سياسي جماعتن ۾ ڪافي اثر رسوخ رکندا هجن. ليڪن اسان اهو ڏسي چڪا آهيون ته انهن باغي رهنمائن جي هاڻوڪي تاريخ انهن مسڪين ۽ ساڙولن جماعتي ڪارڪنن جي وڏيل ڏکيائي هوندي آهي، جيڪي پنهنجو گهڻو وقت، سامراجيت جي ظالمانه ڪاروابن جي اجائي خوشامد ۾ خرچ ڪندا رهندا آهن. ان کان سواءِ پهرين ملاقات ۾ ئي هي ماڻهو جيڪا "ماڪوئسي" پنهنجن پراڻن دوستن سان شروع ڪندا آهن، خاص طرح انهن سان، جن کي هو ڪابي ڌر ڏانهن لڙيل ڏسندا آهن، انهن خطرن جي تصديق ٿي ويندي آهي ته هي پراڻا دوست پنهنجن وڇڙيل ساٿين سان ملڻ ئي پسند نه ٿا ڪن.

حقيقت ۾ اها بغاوت، جنهن جي شروعات بهراڙين ۾ ٿيندي آهي، سا هاري آباديءَ جي ان حصي جي ذريعي شهرن ۾ پهچندي آهي، جيڪو شهري مرڪزن جي ٻاهرين ڪنارن تي موجود هوندوآهي، ۽ جنهن کي سامراجي نظام مان ڪوبه فائدو نه پهچندو آهي. اهي ماڻهو، جن کي بهراڙين جي وڏندڙ بک ۽ سامراجي غاصبيت، پنهنجون ملڪيتون ڇڏڻ تي مجبور ڪندي آهي، سي شهرن جي چوڌاري انهيءَ تي گهيرو ڪندا آهن ته هڪ نه هڪ ڏينهن ڪين به

شهرن ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت ملندي. حقيقت ۾ آباديءَ جي انهيءَ انبوهه مان، جهوپڙين جي انهن رهواسين جي اندران، "رولو مزدور" جي پاڙن مان ئي بغاوت جو شهري مُهاڙي دستو پيدا ٿيندو، ڇاڪاڻ ته اهو "رولو مزدور" بکين ماڻهن جو اهو هجوم هوندو آهي، جيڪو پنهنجي قبيلي ۽ پنهنجي برادريءَ کان وڇڙيل هوندو آهي ۽ غلام ماڻهن جي سڀ کان وڌيڪ پاڻ هرتو ۽ سڀ کان وڏي انقلابي قوت هوندي آهي. ڪينيا ۾ "مائو مائو" بغاوت کان ڪجهه سال اڳ هيءَ ڳالهه سوچڻ جهڙي هئي ته ڪهڙيءَ طرح برطانوي سامراجي حڪومت "رولو مزدور" تي ڏڏي ڏاکر جو وسڪارو لائي ڏنو هو. 52-1951ع ۾ پوليس ۽ مشنرين، ڪينيا جي انهن نوجوانن جي مقابلي لاءِ گڏ ڪيل ڪوششون تيز ڪري ڇڏيون، جيڪي پهراڙين ۽ جهنگلن مان شهرن ڏانهن اُٿلي پيا هئا، ۽ مزدوري نه ملڻ سبب چوريءَ، بدمعاشيءَ ۽ شراب خوريءَ تي لهي آيا هئا. غلام ملڪن ۾ نوجوانن جي گمراهي رولو مزدور جي وجود جو سنئون سڌو نتيجو هوندي اهي. اهڙيءَ طرح ڪانگوءَ ۾ 1957ع کان پوءِ انهن هنگامن ڪندڙ نوجوانن کي (جن شهري نظام الٽ پلٽ ڪري ڇڏيو هو) پهراڙين ۾ واپس موڪلڻ لاءِ ڏاڍا سخت قدم کنيا ويا هئا. نئين آبادڪاريءَ جا مرڪز ڪوليا ويا ۽ انهن نوجوانن کي پادرين جي حوالي ڪيو ويو، جن جي حفاظت بيلجئم جي فوج ڪندي هئي. رولو مزدور جي جوڙجڪ هڪ اهڙو مظهر آهي، جيڪو خود پنهنجي منطق جو ڳيجهو هوندو آهي. انهيءَ جي واڌ ويجهه کي نه پادرين جا واعظ ۽ نه وري مرڪزي سرڪار جا فرمان روڪي سگهن ٿا. اهي رولو مزدور، ڪوئن جي ولرن وانگر هوندا آهن. توهان انهن کي لتاڙيو، انهن کي پٽر هٽو، پر اهي توهان جي سموريءَ ڪوشش جي باوجود وڻ جي پاڙن کي ڪٽيندا ويندا آهن ـــ جهوپڙين جون وستيون مقامي ماڻهن جي انهيءَ فيصلي جي منظوري ڏيندیون آهن ته هر قيمت ۾ هر ممڪن طريقي سان دشمن جي قلعي تي حملو ڪيو وڃي. رولو مزدور جيڪڏهن هڪ پيرو نهي وڃي ته پوءِ اُهو پنهنجي سموري طاقت، شهر جي "سلامتيءَ" لاءِ خطرو بنجڻ ۾ لڳائيندو آهي، ۽ سامراجي حڪومت لاءِ اٽل تباهيءَ جو نشان ۽ ان جي دل ۾ هر وقت رهندڙ ناسور بنجي ويندو آهي. ان ڪري پاڙيتو غنڊا، بيروزگار ۽ ننڍا وڏا ڏوهي، جن کي پٽيان بچ ڪئي ويندي آهي، سي سڀ مضبوط روزگار وارن ماڻهن وانگر آزاديءَ جي جنگ ۾ شامل ٿي ويندا آهن. اهي غير طبقاتي ۽ جوشيلا ماڻهو، پنهنجي فيصلي ڪُن عملي جي ڪري اها راهه اختيار ڪندا

آهن، جيڪا قوميت ڏانهن ويندي آهي. اهي سامراجي سماج جي خوشيءَ لاءِ پنهنجي ڪردار ۾ سڌارو نہ آڻيندا آهن، جو پاڻ کي حاڪمن جي اخلاقي گٽن سان ٺهڪائي سگهن. ان جي ابتڙ ڪين يقين هوندو آهي تہ بمن ۽ پستولن کان سواءِ هو شهرن ۾ داخل ٿي نہ ٿا سگهن. اهڙيءَ ريت اهي ماڻهو جيڪي انساني سطح کان ڪِريل ۽ بيڪار هوندا آهن، سي خود پنهنجي تاريخ جي نگاهن ۾ بحال ٿي ويندا آهن. ساڳيءَ طرح اهي ڇوڪريون، جيڪي مهيني ۾ ٻہ پائوند ڪمائيندیون آهن، رنديون، انسانيت جو گند ۽ اهي سمورا ماڻهو، جيڪي خودڪشي ۽ چريائپ جي وچ واري دائري ۾ گهمندا رهندا هئا، سي پنهنجو توازن بحال ڪري وٺندا آهن، ۽ هڪ ڀيرو اڳتي وڌندا آهن، ۽ وڏي فخر سان جاڳيل قوم جي عظيم جلوس سان گڏ قدم ملائي هلندا آهن.

قومي جماعتون، انهيءَ نئين ڏيک کي، جيڪو انهن جي پنهنجيءَ ڀڄ ڊاهہ جو پهريون مرحلو هوندو آهي، سمجهي نہ سگهنديون آهن. شهرن ۾ بغاوت جو پهريون ڏيک جدوجهد جي نموني کي بدلائي ڇڏيندو آهي. سامراجي فوجون جيڪي اڳ ۾ رڳو ٻهراڙين ۾ رڌل هيون، هاڻي هڪدم شهرن ڏانهن پڇنديون نظر ايندیون آهن تہ جيئن شهري ماڻهن ۽ سندن ملڪيتن جي حفاظت ڪري سگهن. ظلم ۽ تشدد جون طاقتون هر طرف پکڙي ويندیون آهن. ڪابہ جڳهہ خطري کان خالي نہ هوندي آهي. هاڻي قوم جي سموري سرزمين، سموري ڪالوني (بيٺڪ)، پاڻ ڀري ڪيفيت ۾ تبديل ٿي ويندي آهي. هارين جي هٿياربند جٿن جي سامهون فولادي چنبي جي گرفت ڪمزور پئجي ويندي آهي. شهرن جي بغاوت، ڪمان مان نڪتل تير هوندو آهي، جيڪو ڪڏهن بہ واپس موٽي نہ ايندو آهي. باغي اڳواڻ، سرگرم ۽ پُرجوش عوام کي سامراجي نظام تي فيصلي ڪُن ڏک هٽندي ڏسندا آهن تہ روايتي حڪمت عمليءَ تي سندن رهيل کهيل اعتبار بہ ختم ٿي ويندو آهي. پنهنجي هر ڪاميابيءَ تي، انهن سمورين ڳالهين جي باري ۾ انهن جي مخالفت تيز ٿي ويندي آهي، جن کي اڳتي هلي هو اجائي ٻٽاڪ بازي ۽ بي مقصد احتجاج ني نالي سان سڏيندا آهن. اُهي باغي اڳواڻ، تقرير بازيءَ واري سياست جي باري ۾ قطعي نفرت محسوس ڪندا آهن، ۽ اهوئي سبب آهي، جو شروع شروع ۾ اسان کي پاڻ هُرتي عمل واري عقيدي جي ڏني وائٽي سوپ ڏسڻ ۾ ايندي آهي.

هارين جون ڪجهہ بغاوتون، جن جون پاڙون ٻهراڙيءَ جي علائقن ۾ کتل هونديون آهن، هر جڳهہ تي نئين قوم جي هر وقت موجودگيءَ جون شهادتون

ڏيندیون آهن. هر هٿياربند مقامي ماڻهو، انهيءَ قومي "ڪُل" جو هڪ جزو هوندو آهي، جنهن ۾ ترت زندگي ڊوڙڻ لڳندي آهي. هارين جون اهي بغاوتون، سامراجي حڪومت لاءِ خطرو بنجي ويندیون آهن. اهي بغاوتون، سامراجي فوج کي حرڪت ۾ آڻي، انهن کي هر طرف پکڙڻ تي مجبور ڪندیون آهن ۽ هر موڙ تي انهن کي ڪچلڻ لاءِ تيار هونديون آهن. انهن جو هڪ ئي اصول هوندو آهي ته اهڙو ڪم ڪريو، جنهن سان قوم زنده رهي. انهن وٽ نه ڪو عملي خاڪو هوندو آهي، نه تقريرون ۽ قراردادون ۽ نه ئي سياسي لاڙا. سندن ڏنو وائٽو مسئلو اهو هوندو آهي ته غير ملڪين کي ڏکي ٻاهر ڪڍيو وڃي. انهيءَ ڪري هُو چوندا آهن ته اچو ته اسان سڀ گڏجي، ظالم حڪمرانن جي خلاف هڪ "گڏيل محاذ" ٺاهيون، ۽ هٿياربند جدوجهد سان پنهنجا هٿ مضبوط ڪريون. جيسين تائين سامراجيت جي بي يقيني جاري رهندي آهي، قومي مقصد اڳتي وڌندا رهندا آهن، ۽ نيٺ هر ماڻهوءَ جا مقصد بنجي ويندا آهن. آزاديءَ لاءِ پوري ملڪ تي ٻڌل منصوبا تيار ڪيا ويندا آهن. انهيءَ دور ۾ ڀاڻ هرتائيءَ جي حڪمران هوندي آهي ۽ هر نئين عمل جو آغاز مقامي طرح ٿيندو آهي. هر ٽڪريءَ تي هڪ ننڍڙي حڪومت قائم ٿي، طاقت پنهنجي هٿ ۾ وٺندي آهي. هر هنڌ، وادين ۽ پهاڙن ۾، جهنگلن ۽ ڳوٺن ۾ قومي حڪومت نظر ايندي آهي. هر عورت ۽ هر مرد پنهنجي عمل سان قوم کي نئين زندگي ڏيندو آهي، ۽ پنهنجي پنهنجي علائقي ۾ قوميت جي سوڀ جو ذميوار هوندو آهي. هتي اسان هڪ اهڙي ترت ضرورت واري حڪمت عمليءَ جي ڳالهه ڪري رهيا آهيون، جيڪا انقلابي به هوندي اهي ته آپيشاهيءَ واري پڻ. مقامي طرح ٺهيل هر ٽولي جو مقصد ۽ پروگرام، مقامي آزادي هوندو آهي. جيڪڏهن قوم هر هنڌ تي آهي ته پوءِ اها هتي به آهي، ۽ ان کان هڪ قدم اڳتي هيءَ ڳالهه آهي ته قوم صرف هتي ئي آهي. مختلف چالن کي حڪمت عملي سمجهيو ويندو آهي ۽ سياست جو فن، جنگ جي فن جو روپ اختيار ڪندو آهي، ۽ سياست جو تشدد پسند رخ بنجي ويندو آهي. جنگ ڪرڻ ۽ سياست ۾ حصو وٺڻ، اهي ٻئي ڳالهيون هڪ ٿي ويندیون آهن.

عوام، جيڪو پنهنجا پيدائشي حق وڃائي ويٺو هوندو آهي، ۽ گهرو ويڙهه ۽ دشمنين جي ننڍن ننڍن دائرن ۾ رهڻ جو عادي بنجي ويندو آهي، سو هاڻي مختلف علائقن ۾ قوم جي حقيقي چهري کي صاف ۽ اُجري ڪرڻ لاءِ گنڀير فضا ۾ اڳتي وڌندو آهي. هڪ حقيقي گڏيل سرور ۾ اچي، اهي

خاندان، جن جون پراڻيون دشمنيون هلنديون ٿي آيون، سي پراڻين دشمنين ختم ڪرڻ ۽ هڪ ٻئي کي معاف ڪرڻ جو فيصلو ڪري وٺندا آهن. ڪيترن معاملن جون صفايون ۽ ميلاپ ٿيندا آهن. اهي نہ وسارڻ جهڙيون رنجشون، جيڪي گهٽي وقت کان دفن هيون، وري سامهون آنديون ويندیون آهن، تہ جيئن انهن کي پوريءَ طرح پاڙون پٽي اڇلايو وڃي. قوميت جي بناوت ۾ شعور جو واڌارو لڪل هوندو آهي. قومي اتحاد، سڀ کان پهرين گروهن جو اتحاد ۽ پراڻن جهڳڙن ۽ خاموش رنجشن جو خاتمو هوندو آهي. انهيءَ سان گڏوگڏ صلح صفائيءَ ۾ اهي ماڻهو بہ شامل هوندا آهن، جيڪي پنهنجين حرڪتن ۽ سامراجي طاقتن سان لاڳاپن سبب پنهنجيءَ قوم لاءِ بدناميءَ جو ٽِڪو بنجي ويا هئا. ٻئي طرف غدارن ۽ دشمن وٽ وڪاڻلن جو اڳ پوءِ جاچيو ويندو آهي ۽ ڪين سزائون ڏنيون ويندیون آهن. انهيءَ نموني اڳتي وڌندڙ عوام قانون بہ ناهيندو آهي، ۽ اهڙيءَ ريت پاڻ کي اعليٰ اقتدار جو صاحب ۽ ان جي حاصل ڪرڻ لاءِ جاکوڙ ڪندڙ جي روپ ۾ ڏسندو آهي. ملڪ جي هر حصي ۾ (جيڪو هاڻي سامراجي ڏاڍ مان جاڳي اٿندو آهي) حياتي اڻ ٿيٽي حد تائين سخت گرمائش ۾ گذاري ويندي آهي. هر ڳوٺ ۾ شاندار اتحاد، ڪليءَ دل، ٻي پناهہ مروت ۽ مقصد لاءِ سر گهور ڪرڻ جو اهڙو جذبو پيدا ٿيندو آهي، جنهن تي ڪڏهن بہ ڪو شڪ ڪري نہ ٿو سگهجي. اهو سڀ ڪجهہ هڪ ئي وقت، هڪ برادريءَ، هڪ چرچ ۽ هڪ صوفيائي عقيدن واري فرقي وانگر هوندو آهي. ڪوبہ مقامي ماڻهو انهيءَ ساز کان متاثر ٿيڻ کان سواءِ رهي نہ سگهندو آهي، جيڪو ساز قوم کي اڳتي وٺي ويندو آهي. پرپاسي وارن قبيلن ۾ ريپارا (قاصدا) موڪليا ويندا آهن، ۽ اُهي نياپا، بغاوت ۾ مواصلات جو پهريون نظام ثابت ٿيندا آهن؛ ۽ ان تحريڪ ۽ ساز کي انهن علائقن تائين پهچائيندا آهن، جيڪي اڃا تائين ماٺ هوندا آهن. اهي قبيلا، جن جون ضدي دشمنيون مشهور هيون، هاڻي خوشيءَ جي ڳوڙهن ۾ هٿيار اڇلائي، هڪ ٻئي لاءِ پنهنجي مدد ۽ سهڪار پيش ڪندا آهن. اهي ماڻهو جيڪي ڪلهہ تائين هڪ ٻئي جا دشمن هئا، سي هٿياربند جدوجهد ۾ ڪلهو ڪلهي سان ملائي اڳتي وڌندا آهن. قوم جو دائرو ڪشادو ٿي ويندو آهي. دشمن کي گهيرڻ جون نيون اٽڪلون، عملي ميدان ۾ نون قبيلن جي داخل ٿيڻ جو آڌرپاءُ ڪنديون آهن. هر ڳوٺ محسوس ڪندو آهي تہ اهو انقلاب جو هڪ ڀرپور مرڪز هجڻ کان سواءِ سموري عملي سلسلي جي هڪ ڪڙي بہ هوندو آهي. قبيلن ۽ ڳوٺن ۾

ٻڌيءَ جو، پوريءَ قوم جي ٻڌيءَ جو سڀ کان پهريون مظاهرو، دشمن کي لڳندڙ ڏکن جي واڌاري مان ٿيندو آهي. هر نئون ٿولو، جيڪو نهندو آهي ۽ هر نئون شعلو، جيڪو ٻڙڪندو آهي، انهيءَ ڳالهه جي نشاني هوندو آهي ته هر ڪو دشمن جي پنيان لڳو پيو هوندو آهي، ۽ هرڪو ان کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار هوندو آهي. اهو اتحاد ان ٻئي دور ۾ اڃا به چٽو نظر ايندو آهي، جنهن جي خاصيت هيءَ هوندي آهي ته ان ۾ دشمن اڳٽتي وڏي حملا ڪندو آهي. هڪ پنيٽ ٻڙڪي اُٿندو آهي ته سامراجي فوجن جي نئين سر جوڙجڪ ڪئي ويندي آهي، ۽ جنگ جا اهڙا نمونا اختيار ڪيا ويندا آهن، جيڪي بغاوت جي حالتن مطابق هوندا آهن. اهي اڻ موٽ حملا، پهرئين دور جي مثالي ۽ خيالي فضا تي شڪ ظاهر ڪندا آهن. دشمن ڪن خاص جاين تي پنهنجون فوجون گڏ ڪندوآهي ۽ حملو شروع ڪري ڏيندو آهي. مقامي گروهه ڏاڍي ڦڙتائيءَ سان پڪڙجي ويندو آهي، ڇو ته اُهو جنگ جيٰ پهرينءَ قطار ۾ اچڻ جو خواهشمند هوندو آهي. اميد پرستي، جيڪا پهرئين دور جي خاصيت هوندي هئي، سا مقامي گوريلن جي ٽولي کي بي ڊپو بلڪ اڻ موٽ بنائي ڇڏيندي آهي. سمجهيو اهو ويندو آهي ته سندس پهاڙيءَ جي چوٽي ئي پوري قوم آهي، ان ڪري اهو جٽو، ان کي ڇڏڻ يا خود پٽتي هٿڻ کان انڪار ڪري ڇڏيندو آهي. پر نقصان تمام گهڻا ٿيندا آهن ۽ اهڙا شڪ اُپرندا آهن، جيڪي باغين تي خراب اثر وجهندا آهن. انهيءَ جٽي کيٰ هڪ مقامي حملي سان مقابلو ڪرڻو پوندو آهي. اُن جي خيال ۾ جڻ اها فيصلي ڪُن آزمائش آهي، ۽ سندس سوچ مان ائين سمجهيو آهي ته انهيءَ جاءِ تي، انهيءَ گهڙيءَ ۾ پوريءَ قوم جي تقدير جي بازي لڳل آهي، ليڪن اسان کي ياد رکڻ گهرجي ته اها پاڻ هرتو تيزي، جيڪا جلدبازيءَ ۾ سامراجيت جي تقدير جو فيصلو ڪرڻ چاهيندي آهي. سا نيٺ پاڻ کي رد ڪري ڇڏيندي آهي، خاص ڪري تڪڙي عمل جي عقيدي جي حد تائين، اهو هيئن ته روزمره جي عملي حقيقت پسندي، اڳينءَ جذباتيت جي جاءِ والاريندي آهي. حقيقت جا ڏکيا سبق ۽ بندوقن جي گولين سان پروڻ ٿيل جسم، واقعن جي نئين سر اڏاوت جو مطالبو ڪندا آهن. "باقي رهڻ" جي سادي سودي خواهش، گهٽ ست ۽ تيز چرڀر وارا لاڙا پيدا ڪندي آهي. انگولا جي عوام جي آزاديءَ واري جنگي خاصيت، پهرئين، مهيني جي جنگي طريقن جي اهڙين تبديلين سان پريل آهي. اسان کي ياد آهي ته پندرهين مارچ 1961ع تي ٻن يا ٽن هزار انگولائي هارين پنهنجو پاڻ کي پورچگيزي چوڪين

جي سامهون اچلائي ڇڏيو هو. هٿياربند ۽ خالي هٿين مردن، عورتن ۽ ٻارن جو وڏو انبوهه، جرئت ۽ جذبي جي باهه وچان انهن علائقن ۾، جتي ڏاريون ڦورو رهندو هو، سندن فوجون جمع هيون، ۽ پرتگالي جهنڊو جهولي رهيو هو، درياهه جي موجن وانگر اٿلي پيو. ڳوٺن ۽ هوائي اڏن جي چوڦير گهيرا ڪري انهن تي حملا ڪيا ويا. پر ٿيو اهو جو هزارين انگولائي، سامراجي حملن جو ڪاڄ بنجي ويا. انگولا جي بغاوت جيي اڳواڻن کي انهيءَ ڳالهه جو احساس ٿيندي دير ڪانه لڳي ته جيڪڏهن هو سڄ پڄ پنهنجي ملڪ کي آزاد ڪرائڻ چاهين ٿا ته کين ڪو ٻيو رستو ڳولڻو پوندو، ان ڪري گذريل ڪن مهينن ۾ انگولا جي تحريڪِ آزاديءَ جي رهنما هولڊرن رابرٽو (١)، انگولا جي قومي آزاديءَ جي فوج کي وري گڏ ڪيو آهي ۽ انهيءَ سلسلي ۾ آزاديءَ جي ڪيترين جنگين مان حاصل ٿيل تجربن ۽ گوريلا جنگ مان مناسب فائدو ورتو اٿس.

حقيقت هيءَ آهي ته گوريلا جنگ ۾ جدوجهد جو واسطو اُن هنڌ سان نه هوندو آهي، جتي توهان آهيو، پر اُن هنڌ سان هوندو آهي، جتي توهان وڃڻ چاهيو ٿا. هر مجاهد پنهنجي جنگ جو سرزمين کي پنهنجن اگهاڙن پيرن هيٺان کٽي گهمندو آهي. آزاديءَ جي قومي فوج رڳو هڪ پيرو دشمن سان ٽڪر نه ڪائيندي آهي، پر هيءَ هڪ اهڙي فوج هوندي آهي، جيڪا ڳوٺ ڳوٺ ۾ گهمندي آهي، جهنگلن ۾ پناهه وٺندي آهي، ۽ جڏهن ان کي هيٺ ماٿريءَ ۾ دشمن دستن جي اُڏايل ڏوڙ نظر ايندي آهي ته اُها خوشيءَ مان نچڻ لڳندي آهي. قبائلي به چرپر ۾ اچي ويندا آهن، ۽ ڏار ڏار ٽولا گهمي ڦري پنهنجا ٺڪاڻا تبديل ڪندا رهندا آهن. اتر جا ماڻهو اولهه ڏانهن نڪري ويندا آهن، ۽ ميدانن جا ماڻهو جبلن تي چڙهي ويندا آهن. اهڙي ڪابه جاءِ نه هوندي آهي، جيڪا فوجي لحاظ کان دشمن جي فائدي لاءِ سٺي حالت ۾ هجي. دشمن سوچيندو آهي ته هو اسان جي پٺيان لڳو پيو آهي، پر اسان هميشه سندس پُٺيان دستا تباهه ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا آهيون. هر پيري هُو سوچيندو آهي ته هن اسان کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي، ته اسان جلدي جوابي حملو ڪندا آهيون. هاڻي اسان سندس پيچو ڪندا آهيون. انهيءَ تمام فني مٿيرائيءَ ۽ توپخاني جي مٿيري قوت جي هوندي به، جيڪا ڪيس حاصل هوندي آهي، دشمن اُهو تاثر ڏيندو آهي ته اُهو ڦاسي چڪو آهي ۽ پريشان ٿي پيو آهي، ۽ جيسين تائين اسان جي ڳالهه آهي اسان ڳائيندا آهيون ۽ ڳائيندا ئي هليا ويندا آهيون.

(١) هيءُ ڪتاب 1961ع ۾ لکيو ويو هو، ان وقت هولڊ رابرٽوني انگولا جو ليڊر هو، جيڪو پوءِ آمريڪا ڏانهن ويو.

انهيءَ وچ ۾ بغاوت جا اڳواڻ اهو محسوس ڪندا آهن ته الڳ الڳ ٽولن کي سمجهه سُرت وارو بنائڻ گهرجي، انهن کي تعليم ڏيڻ گهرجي ۽ عقيدن مان واقف ڪرائڻ گهرجي. اهڙيءَ ريت هڪ باقاعدي فوج ۽ هڪ مرڪزي انتظاميه ٺهندي آهي. ان انتشار کي (جيڪو انهيءَ ڳالهه جي نشاني هوندو آهي ته هاڻي قوم هٿياربند ٿي چڪي آهي) هاڻي تنظيم جي ڍانچي ۾ اچڻ گهرجي، ۽ انتشار کي ماضيءَ جي نشانيءَ طور رهجي وڃڻ گهرجي. اهي اڳواڻ، جيڪي شهرن جي بي مقصد سياسي سرگرمين کي ڇڏي ڀڄي ويندا آهن، سي هاڻي سياست کي وري ڳولي لهندا آهن. مگر هاڻي اها سياست، ماڻهن کي لولي ڏيئي سمهارڻ واري سياست نه هوندي آهي، ۽ نه ئي عوام کي ڳجهارتن ۾ گرفتار ڪرڻ جو ڍونگ هوندو آهي، پر جدوجهد کي تيز ڪرڻ، ۽ ماڻهن کي پنهنجي ملڪ هلائڻ لاءِ تيار ڪرڻ جو چٽو، اڪيلو ۽ صافي طريقي ڪار بنجي ويندي آهي. بغاوت جي اڳواڻن کي معلوم هوندو آهي ته هارين جي وڏي پيماني جي بغاوت کي تنظيم ۾ آڻڻ ۽ مختلف واٽن تي لڳائڻ جي ضرورت هوندي آهي. اهي اڳواڻ، انهيءَ تحريڪ کي رڳو "هارين جي بغاوت" جي نالي ڏيڻ واري ڳالهه کي نِنديندا آهن، ۽ ان کي هڪ انقلابي جنگ ۾ تبديل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. انهن کي معلوم هوندو آهي ته جنگ جي ڪاميابيءَ لاءِ چٽو مقصد ۽ سٽيل طريقي ڪار پهريون شرط آهي، ۽ سڀ کان وڌيڪ ماڻهن کي اهو پروسو ڏيارڻو آهي ته سندن ڇڙوڇڙ ڪوششون، رڳو هڪ وقتي چرپر جي صورت ۾ رهجي ويندیون آهن. عوام جي احتجاج جي پروسي تي توهان وڌ ۾ وڌ ٿي ڏينهن يا ٿي مهينا ڪڍي سگهو ٿا، ليڪن ان سان قومي آزاديءَ جي جنگ ڪٿي نه ٿا سگهو، توهان ڪڏهن به دشمن جي ظالم نظام مان چوٽڪارو حاصل ڪري نه ٿا سگهو، ۽ جيڪڏهن توهان عام ماڻهن جي سمجهه جو معيار مٿاهون ڪرڻ لاءِ ڪم نه ڪندؤ ته انسانن کي ڪڏهن به تبديل نه ڪري سگهندؤ. انهيءَ ڪم لاءِ نه رڳو پروسي جوڳي جرئت ڪافي آهي، ۽ نه صرف وٺندڙ نعرا!

ان ڪان سواءِ جيئن جيئن آزاديءَ جي جنگ اڳتي وڌندي آهي، اها رهنمائن جي ايمان تي فيصلي ڪُن ڏڪ به هڻندي آهي. ڪارڻ هيءُ آهي ته دشمن پنهنجون چالون تبديل ڪندو آهي. وقت اچڻ تي اهو پنهنجي جابرانه پاليسيءَ سان گڏ دوستيءَ جا شاندار مظاهرا به ڪندو آهي، قوت وجهندڙ چالون ۽ "نفسياتي حرڪتون" استعمال ڪندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن هو

قبائلي جنگين کي وري جيارڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو آهي، ۽ ان لاءِ هو ايجنٽن کي استعمال ڪندو آهي، جيڪي ماڻهن کي پڙڪائيندا آهن ـــ ۽ اهو طريقو به استعمال ڪندو آهي، جنهن کي "جوابي بغاوت" چيو ويندو آهي. سامراجيت، پنهنجن مقصدن جي پورائيءَ لاءِ بن قسمن جي مقامي ماڻهن کي ڪم وٺندي آهي. انهن مان پهرين روايتي دوست، قائد، پير ۽ عامل هوندا آهن، جيئن اسان ڏسي چڪا آهيون. هارين جو انبوهه، هڪ نه بدلجندڙ، هڪ ساريکي ۽ خاموش زندگي گذاريندو آهي. اهو پنهنجن مذهبي رهنمائن کي، جيڪي آڳاٽين پيڙهين کان هلندا ايندا آهن، تمام ججهي عزت وارو سمجهندو آهي. پورو قبيلو هڪ اڪيلي ماڻهوءَ وانگر پنهنجي روايتي سردارن جي ٻڌايل رستي تي هلندو رهندو آهي. سامراجييت، انهن ڳجهن ايجنٽن کي پاڙ ڏيئي، انهن جون خدمتون حاصل ڪندي آهي.

سامراجيت کي پورهيت عوام ۾ به پنهنجن چالن لاءِ چڱا موقعا ملي ويندا آهن. اُن ڪري، ڪنهن به آزاديءَ جي تحريڪ کي سڀ کان وڌيڪ ڌيان انهن پورهيتن ڏانهن ڏيڻ گهرجي. هارين جا انبوهه ته هميشه بغاوت جي اعلان تي جهٽ پهچي ويندا آهن، پر جيڪڏهن بغاوت جي اڳواڻن جي اها سوچ آهي ته اهي عوامي انبوهه کي نظر ۾ رکڻ کان سواءِ ئي ڪم هلائي وٺندا ته پوءِ کين سمجهڻ کپي ته پورهيت عوام جنگ ته ضرور ڪندو ۽ مقابلي ۾ به حصو وٺندو، پر هن پيري هو ظالمن جي صفن ۾ هوندو ـــ ۽ ظالم حڪمران، جيڪو ڪارن کي هڪٻئي جي خلاف پڙڪائڻ جو موقعو ڪڏهن به هٿان نه وڃائيندو آهي، اُهو ان بي عمليءَ ۽ ناسمجهيءَ کي، جيڪا پورهيت عوام جي ڪمزوري هوندي آهي، استعمال ڪرڻ ۾ وڏي هنرمنديءَ جو اعليٰ مظاهرو ڪندو آهي. جيڪڏهن انساني قوت جي انهيءَ حاصل ٿيل ذخيري کي باغي قوتون هڪدم منظم نه ڪنديون ته هو سامراجي فوجن سان گڏجي، پاڙيتو سپاهين وانگر قومي تحريڪ جي خلاف وڙهندو. الجزائر ۾ اهو پورهيت عوام ئي هو، جيڪو فرانسيسي فوج ۾ پرتي ٿيو. انگولا ۾ اهو عوام پورچگيزي فوج لاءِ رستا تيار ڪندو هو، جيڪو هاڻي انهيءَ فوج جي اڳيان هلي رهيو آهي ـــ ۽ ڪانگو ۾ به اهوئي پورهيت عوام آهي، جيڪو ڪاسائي ۽ ڪٽنگا جي علاقائيت جو نمونو آهي. جڏهن ته ليوپولڊول ۾ ڪانگوءَ جا دشمن، انهيءَ پورهيت عوام کي لومبا جي خلاف "پاڻ هرتو" عوامي ميڙ ڪوٺائڻ لاءِ استعمال ڪري رهيا آهن. دشمن کي نظرياتي خامين جو علم هوندو آهي، جو

تہ اهو باغي طاقتن جي چنڊچاڻ ڪندو رهندو آهي، ۽ وڌ ۾ وڌ خبرداريءَ سان انهيءَ "گڏ ٿيل دشمن" جو ڳوڙهو ذهني نفسياتي مطالعو ڪندو آهي، جيڪو غلام عوام تي ٻڌل هوندو آهي. دشمن کي عوام جي ڪجهہ طبقن جي روحاني ڪمزوريءَ جو بہ پتو هوندو آهي. بغاوت جي مضبوط ۽ چڱيءَ طرح منظم ٿيل پهرين دستن سان گڏ، دشمن، عوام جو هڪ اهڙو انبوهہ بہ ڳولي لهندوآهي، جنهن جي بغاوتي ٿيڻ پنيان هڪ ڊگهي عرصي تائين جسماني تباهہ حاليءَ، بيعزتيءَ ۽ ڇيڪرائيءَ واريون عادتون شامل هونديون آهن. دشمن انهيءَ انبوهہ جون خدمتون خريد ڪرڻ لاءِ ڳرو اگهہ ڏيڻ لاءِ بہ تيار هوندا آهي. اهو سنگين ۽ ڦٽڪن جي سخت مار سان، پاڻ هرتائي پيدا ڪندو آهي. ڪانگو ڊالرن ۽ بيلجمي فرانڪن جو مينهن وسندو آهي، جڏهن تہ مدگاسڪر ۾ "حودا" تي سرنگ وڌايو ويندو آهي، ۽ الجزائر ۾ مقامي رنگروٽ (جيڪي حقيقت ۾ يرغمالي هوندا آهن) فرينچ فوج ۾ شامل ڪيا ويندا آهن، ۽ تڏهن بغاوت جو اڳواڻ، سچ تہ قوم جو ٻيڙو ٻڏندي ڏسندو آهي. قبيلن جا قبيلا دشمن فوج ۾ شامل ٿي ويندا آهن، ۽ انهن نون هٿيارن کي کڻي (جن سان کين هٿياربند ڪيو ويندو آهي) جنگ جي وات وٺندا آهن ـــ ۽ ٻرپاسي وارن انهن قبيلن جي علائقن تي حملا ڪندا آهن، جن کي انهيءَ موقعي تي قوم پرست سمجهيو ويندو آهي. جنگي ٻڌي، جيڪا اتندي ڏينهن ۾ بي بها سٺاين سان ٽمٽار نظر ايندي هئي، ختم ٿي ويندي آهي. قومي اتحاد ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويندو آهي، ۽ بغاوت هڪ فيصلي ڪُن موڙ تي پهچي ويندي آهي. عوام جي سياسي تعليم هاڻي هڪ تاريخي ضرورت نظر ايندي آهي.

اها بي بها گڏيل ڀائيچاريءَ واري تحريڪ، جنهن جو مقصد هڪ ئي لهر ۾ غلام عوام کي اقتدارِ اعليٰ تائين وٺي وڃڻ هو، توهان جو اهو يقين، تہ قوم جو هر حصو انهيءَ رفتار سان توهان سان گڏ هلندو رهندو، ۽ انهيءَ روشنيءَ ۾ اڳتي وڌندو، اها قوت، جنهن توهان کي اميد بخشي هئي، اهي سڀ تجربي جي روشنيءَ ۾ هڪ بنهہ وڏي ڪمزوريءَ جون نشانيون نظر اچڻ لڳنديون. مقامي ماڻهوءَ اهو تہ سوچي ورتو تہ اهو وقتي دور مان لنگهڻ کان سواءِ، غلام انسان مان هڪ آزاد قوم جو خودمختيار فرد بنجي ويندو، هن وٽ قوت جي احساس جو فرضي بوتو تہ ضرور هو، پر هن پنهنجي علم جي وات ۾ ڪا حقيقي ترقي نہ ڪئي هئي، ۽ سندس شعور نامڪمل ئي رهيو. اسان ڏسي چڪا آهيون تہ هاري وڏي ولولي سان لڙائيءَ ۾ شامل ٿيندا آهن، خاص ڪري

ان وقت جڏهن لڙائي هٿياربند هوندي آهي. هاري پنهنجو پاڻ کي ڏاڍي جوش ۽ ولولي سان بغاوت جي باهه ۾ اُن ڪري اُڇلائيندا آهن، جو هن انهيءَ حياتيءَ گهارڻ جي ڍنگ تان پنهنجي گرفت ڪڏهن به ڍري نه ڪئي هوندي آهي، جيڪو بنيادي طرح سامراج دشمن هوندو آهي. انڪاري تصور، رنگارنگ چالبازين ۽ نفعي نقصان واري نظام جي ڪري (جيڪي بازيگرن جي ڪامياب هٿ جي صفائيءَ جي ياد ڏيارينديا آهن) ڳوٺاڻو عوام گهڻو ڪري پنهنجيءَ انفراديت کي سامراجي اثرن کان آزاد رکندو آهي. ٻهراڙيءَ جي عوام جي سوچ ۾ سامراج جي ڪڏهن فتح ٿي ئي ڪانه آهي. هاريءَ جو غرور، شهرن ۾ وڃڻ ۽ غير ملڪين جي وسايل دنيا ۾ شامل ٿيڻ ۾ سندس هٻڪَ، سامراجي انتظاميه جي دلالن کان سندس گهڻي وقتي زوري، اهي سڀ ردعمل هوندو آهي. جيڪو نسلي تعصب بدران نسلي احساسن ۽ سندس زندگيءَ جي لاءِ جنگ جي فيصلي جو هوندو آهي ــ ظاهر آهي ته اهو سندس لاءِ لڙائي ۾ شامل ٿيڻ جو ڪافي جواز هوندو آهي. ليڪن ظاهر آهي ته تون جنگ نه ٿو ڪرين، ۽ نه ئي بيرحم ۽ چوڌاري پکڙيل جبر کي سهين ٿو، ۽ نه ئي جڏهن تنهنجي خاندان جي رهيل سڀني ڀاتين کي نسل پرستيءَ ۽ نفرت جي سوڀ لاءِ ختم ڪيو وڃي ٿو ته تون خاموش تماشائي بنجي سگهين ٿو. نسل پرستي ۽ نفرت، جيڪي "بدلي وٺڻ جون جوڳيون خواهشون آهن" ڪنهن آزاديءَ جي جنگ کي جاري نه ٿيون رکي سگهن. پاڻ سڃاڻڻ جي اها تکي روشني، جيڪا جسم کي طوفاني رستن تي رواني ڪندي آهي، يا جيڪا جسم تي گهٽ وڌ هڪ اهڙي بيمار چريائپ لاڳو ڪري ڇڏيندي آهي، جنهن ۾ ٻئي ماڻهوءَ جو مهاندو شاباس وارين فڪري ڪيفيتن جي دعوت ڏيندو آهي. جتي منهنجو رت ٻين جي رت جو پياسو آهي، جتي جسماني سستيءَ جي ڪري منهنجو موت، ٻين جي موت کي سڏيندو آهي ــ پهرين ٿورن ڪلاڪن جي هن سخت جذبن کي جيڪڏهن پنهنجي روءِ سوءِ وڌڻ جو موقعو ڏنو وڃي ته اهي ٽڪرا ٽڪرا ٿي پکڙجي ويندا آهن. اهو صحيح آهي ته سامراجي طاقت جو ڪڏهن ختم نه ٿيندڙ دباءُ، جو جهد ۾ نئين سر جذباتي جُزن کي داخل ڪندو رهندو آهي، ۽ باغين کي نفرت جا نوان سبب ۽ ڌارين ڦورن کي چونڊي چونڊي قتل ڪرڻ لاءِ نوان نوان ڪارڻ هٿ ڪري ڏيندو رهندو آهي، ليڪن اڳواڻ کي روزبروز اهو احساس ٿيندو ويندو آهي ته رڳو نفرت سان ئي پورو نقشو تيار ڪري نه ٿو سگهجي. جيڪڏهن توهان انهيءَ ڪڏ کي گهرو ڪرڻ لاءِ سڀني ماڻهن کي

بغاوت تي تيار ڪرڻ لاءِ رڳو دشمن تي پاڙيندؤ (جيڪو ان ۾ ڪو شڪ نہ آهيي تہ وس آهر جرم ڪندو رهندو) تہ توهان پنهنجن مقصدن کي مارڻ جو سامان تيار ڪندؤ، جيئن اسان سدائين ڏسندا آهيون، دشمن هر قيمت تي آباديءَ جي ڪنهن خاص طبقي، ڪنهن خاص علائقي، يا چند سردارن کي پاڻ سان ملائڻ لاءِ ٻج ٻڌڪ ڪندو آهي، جڏهن جدوجهد اڳتي وڌندي آهي تہ ڌارين قورن ۽ پوليس وارن کي هدايتون ڏنيون ويندیون آهن. انهن جي روش هاڻي هڪ ٻيو ڍنگ اختيار ڪندي آهي. هاڻي اها وڌيڪ انساني ٿي ويندي آهي. حد اها آهي تہ اهي ملاقات ۽ ڳالهہ ٻولهہ وقت مقامي ماڻهوءَ کي "صاحب" چئي مخاطب ٿيندا آهن. خدمت چاڪريءَ جو لاڙو عام ٿي ويندو آهي. مقامي ماڻهوءَ کي اهو احساس ڏياريو ويندو آهي تہ هاڻي حالتون بدلجي رهيون آهن. مقامي ماڻهو رڳو ان ڪري هٿيار نہ ڪنيا هئا تہ هو بک ٿي مُئو يا هو پنهنجي سماجي نظام کي پنهنجن اکين اڳيان ڇيهون ڇيهون ٿيندو ڏسي رهيو هو، پر هن جي هٿيارن کڻڻ جو اهو سبب بہ هو تہ ڌاريون قورو ڪيس حيوان سمجهندو هو ۽ ان سان حيوانن وارو سلوڪ بہ ڪندو هو. هاڻي هو نين حالتن کان چڱيءَ طرح متاثر ٿيندو آهي. انهيءَ نفسياتي حربي جي ڪري ڌارئين خلاف نفرت پنهنجا هٿيار ڦٽا ڪندي آهي. ماهر ۽ عمرانيات جا عالم، سامراجي چالن تي نون نمونن سان روشني وجهندا آهن، ۽ بدليل "ذهني مونجهارن" (جيڪي سندن سامهون پيش ٿيندا آهن) تي ويچار ڪندا آهن. مثال طور: مايوسيءَ جو مونجهارو، جنگي ذهنيت جو مونجهارو، بينڪي صورتحال جو مونجهارو. مقامي ماڻهوءَ کي ترقي ملي ويندي آهي. هو پنهنجي نفسيات سان ان کي اڪيلي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ـــ ۽ ان سان گڏ ڪجهہ ڏوڪڙ بہ ڏيندا آهن. اهي رحم جوڳا نمونا، ڦڙيءَ ڦڙيءَ جي صورت ۾ ملندڙ اهي رعايتون بہ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪاميابي ضرور حاصل ڪري وٺنديون آهن. مقامي ماڻهو هر شيءِ جو بکيو هوندو آهي، هر اُن شيءِ جو، جيڪا ڪيس انساني درجو ڏيئي سگهي، انسانيت جي ڪنهن بہ هڏيءَ جو، جيڪا ڏانهنس اچلائي وڃي، ڇو تہ هاڻي سندس بک بنهہ سهپ کان ٻاهر ٿي ويندي آهي، هن وقت پن جا ڪجهہ ٽڪر بہ ڪيس احسان مند ڪرڻ لاءِ ڪافي هوندا آهن، هن جو شعور، ايڏو تہ هيٺو، نِبل ۽ نِستو هوندو آهي، جو همدرديءَ جي ننڍڙيءَ چٽنگ کان بہ متاثر ٿي ويندو آهي. هاڻي ٿيندو هيئن آهي تہ روشنيءَ جي پهرين وڏي ۽ اڻ مئي اُڄ، وهم پرستيءَ جي رڄ ۾ هر وقت گهمندي رهندي آهي. اُهي آپيي کان

ٻاهر ڀرپور مطالبا، جن آسمان روشن ڪري ڇڏيو هو، سي هاڻي "وڇڙا" ٿي ويندا آهن، ۽ پنهنجي پاڻ ۾ ويڙهجي ويندا آهن. اهو ٻوڙندڙ بگهڙ، جيڪو هر شيءِ کي ڏسڻ سان ئي چيرڻ ڦاڙڻ چاهيندو هو، اهو اٿندڙ طوفان، جيڪو هڪ حقيقي انقلاب کي جنم ڏيندڙ هو، سي ٻئي انهيءَ خوف ۾ وکوڙجي ويندا آهن ته جيڪڏهن جدوجهد جاري رهي ته اڳتي سندن شڪل به سڃاڻجي نه سگهندي ـــ ۽ جدوجهد جاري رهندي آهي، پر مقامي ماڻهو ڪنهن به وقت، ڪنهن نه ڪنهن رعايت جي عيوض هٿيار ڦٽا ڪري سگهي ٿو. مقامي ماڻهوءَ جي فطرت ۾ مضبوطيءَ جي نه هجڻ جي ڳولا ۾، سوپ، اڳواڻن لاءِ ڀوائتو تجربو ثابت ٿيندي آهي. شروع شروع ۾ ته اهي حيران بنجي ويندا آهن، ۽ پوءِ ڪين حالتن جي انهيءَ نئينءَ تبديليءَ مان محسوس ٿيندو آهي ته وضاحتون تمام ضروري آهن ـ ۽ مقامي ماڻهوءَ جي شعور کي گپ ۾ ڦاسڻ کان روڪڻ لازمي آهي. جنگ جاري رهندي آهي ۽ دشمن پنهنجن مورچن کي وري نئين سر سوچ ويچار ڪري سگهارو ڪندو آهي، ۽ هو مقامي ماڻهوءَ جي حڪمت عمليءَ جو به اندازو لڳائيندو آهي. قومي آزاديءَ جي جدوجهد، هڪ ئي ٻرانگهه سان مفاصلي پوري ڪرڻ جو نالو نه آهي. اها راند پنهنجين سمورين ڏکيائين سان روزانو کيڏڻي پوندي آهي. انهيءَ مان جيڪي مصيبتون جنم وٺن ٿيون، سي سامراجي دور جي مصيبتن کان وڌيڪ هونديون آهن. شهرن اندر ائين محسوس ٿيندو آهي ته ڌاريون ڦورو تبديل ٿي ويو آهي، اسان جو عوام هاڻي خوش آهي ۽ سندس عزت ڪئي ٿي وڃي. ڏينهن گذرندا ويندا آهن. هاڻي جدوجهد ۾ شامل مقامي ماڻهن ۽ انهن جي ڀرجهلي کي پنهنجي نظرياتي بنيادن تان ٽڙڻ نه گهرجي. انهن کي ڪڏهن به اهو نه سوچڻ گهرجي ته مقصد حاصل ٿي چڪو آهي. جڏهن انهن کي جنگ جي حقيقي مقصد جي ڄاڻ ڏني وڃي، تڏهن ڪين اهو خيال نه ڪرڻ گهرجي ته اهو هاصل ٿي نه ٿو سگهي. هڪ ڀيرو وري انهن جي سامهون حالتن جي وضاحت ڪرڻ گهرجي. عوام کي اهو معلوم هئڻ گهرجي ته سندن منزل ڪهڙي آهي، ۽ ان منزل تي ڪهڙيءَ ريت ۽ ڪهڙي طريقي سان رسي سگهجي ٿو. جنگ رڳو هڪ ويڙهه نه هوندي آهي، پر مقامي جهڙپن جو اڻ ڪٽ سلسلو هوندي آهي ـــ ۽ سچ پچو ته انهن مان ڪابه فيصلي ڪُن نه هوندي آهي. اُن ڪري، اسان کي پنهنجي طاقت بچائي رکڻ گهرجي، ۽ هر شيءِ کي هڪ ئي پيري داءَ تي لڳائڻ نه گهرجي. سامراجيت وٽ ديسي ماڻهن جي مقابلي ۾ وسيلا وڌيڪ هوندا آهن. جنگ

جاري رهندي آهي. هر ڪو پنهنجو پاڻ کي روڪي رکندو آهي. آخري حساب ڪتاب نہ اڄ طئي ٿيندو نہ سياڻي. حقيقت هيءَ آهي تہ لڙائيءَ جي پهرئين ڏينهن کان ئي حساب ڪتاب شروع ٿي ويو هو ۽ ان جو خاتمو ان ڪري نہ ٿيندو، جو هاڻي مارڻ لاءِ وڌيڪ دشمن نہ رهيا آهن. پر سادي سودي طريقي سان رڳو ان ڪري، جو ڪيترن ڪارڻن جي ڪري دشمن اهو ڄاڻي ورتو آهي تہ سندس فائدو جدوجهد ختم ڪرڻ ۽ غلام ماڻهن جي اقتدار تسليم ڪرڻ ۾ آهي. جدوجهد لاءِ مقصد، بنا ڪنهن امتياز جي مقرر نہ ڪرڻ گهرجي، جيئن شروع ۾ ڪيو ويو هو. جيڪڏهن احتياط نہ ڪيو ويو تہ عوام ڪنهن بہ وقت دشمن کان ٿوري رعايت ملڻ تي جددوجهد جي طوالت جي باري ۾ اعتراض ڪرڻ لڳندو. اهو ڏارئين ڦوروءَ جي نفرت ۽ ان جي جبر (جنهن کي جاري رکڻ جو هو اعلان ڪندو رهندو آهي) جو اهڙو تہ هيراڪ ٿي ويندو آهي، جو ڪنهن ڪليل دل واري روش يا خيرسگاليءَ جي ٿورڙي اظهار جو وڏي عجب ۽ خوشيءَ سان آڌرياءُ ڪندو آهي. اهڙي صورت ۾ مقامي ماڻهو ڏارئين ڦوروءَ جي تعريف شروع ڪري ڏيندو آهي، ان ڪري باغين کي چڱيءَ طرح سمجهائڻو پوندو تہ اهي دشمن جي رعايتن وسيلن ڏوڪو نہ کائين، ڇو تہ اهي رعايتون ٻُچڪار کان وڌيڪ ڪجهہ نہ هونديون آهن. انهن جو بنيادي مسئلن سان ڪوبہ واسطو نہ هوندو آهي..... اهڙيون رعايتون، جيڪي سامراجي حڪومت جي اصل شڪل کي تبديل نہ ڪن، سي حقيقت سان ڪوبہ واسطو نہ ٿيون رکن. رهندو ان راهہ جون رنڊڪون آهن.

هيءَ حقيقت آهي تہ ان صورتحال ۾ حاڪم طاقت جي موجودگيءَ جا وڌيڪ بي رحم مظاهرا پڪ سان ختم ٿي ويندا آهن. بيشڪ انهن جو اهو "نہ هجڻ" سامراجي طاقت جي خرچن ۾ ڪفايت بہ ثابت ٿيندو آهيي، ۽ ان جي فوجن کي وڌيڪ علائقي ۾ پکڙڻ کان روڪڻ جو بہ هڪ طرفو آهي. ليڪن انهيءَ "نہ هجڻ" جي ڏاڍي ڳري قيمت ادا ڪرڻي پوندي آهي ـــ ۽ قيمت هيءَ هوندي آهيي تہ وري ملڪ جي آئيندي جي تقدير تي سخت پابنديون پئجي ويندیون آهن. ماڻهن تي اها ڳالهہ واضح ڪرڻ لاءِ تاريخي مثال ڏيئي سگهجن ٿا تہ ڪيترن ملڪن، رعايتن جي اصول کي مڃڻ جي بدلي ۾ جيڪا قيمت وصول ڪئي آهي، سا اهڙي غلامي آهي، جيڪا ظاهري طرح ڏسڻ ۾ گهٽ ۽ اندر ۾ بنهہ گهڻي ۽ ڀرپور هوندي آهي. عوام ۽ سندن رهنمائن کي ان تاريخي قانون جي سُڌ هئڻ کپي، جنهن ۾ چيو ويو آهي تہ "ڪجهہ رعايتون

سامراجي حڪومت جي واڳ کي وڌيڪ سخت ڪرڻ جو بهانو هونديون آهن"، پر وضاحت نہ هئڻ جي صورت ۾ هيءَ اچرج جهڙي ڳالهہ آهي تہ ڪي سياسي اڳواڻ ڏاڍي خود اعتماديءَ سان پروسي کان خالي ٿاهہ ڪرڻ شروع ڪري ڏيندا آهن. ديسي ماڻهوءَ کي سمجهڻ کپي تہ سامراجيت پنهنجي مطلب کان سواءِ ذرو بہ رعايت نہ ڏيندي آهي. ديسي ماڻهو سياسي يا هٿياربند جدوجهد سان جيڪي ڪجهہ حاصل ڪندو آهي، سو ڌارئين ڦورءَ جي خوش اخلاقيءَ جو نتيجو نہ هوندو آهي. انهيءَ مان چٽو نظر اچي ٿو تہ اهو هاڻي انهن رعايتن کي گهٽي وقت لاءِ روڪي نہ ٿو سگهي. ان کان سواءِ ديسي ماڻهن کي خبر هئڻ گهرجي تہ ڌاريون ڦورو ڪين رعايتون نہ ڏيندو آهي، پر اهي پاڻ ڦري وٺندو آهي. جڏهن برطانوي حڪومت ڪينيا جي قومي اسيمبليءَ ۾ ڪجهہ وقتي سيٽون آفريڪي آباديءَ کي عنايت ڪندي آهي، تہ اهڙن موقعن تي اهو چوڻ تہ برطانوي حڪومت رعايتن ۾ واڌارو ڪيو آهي، انتهائي بي شرمي يا حقيقتن کان بي خبري آهي. ڇا هيءَ ڳالهہ بنهہ چٽي ڪانهي تہ اهو ڪينيا جو عوام آهي، جنهن رعايتون ڏنيون آهن، غلامن کي، ۽ اهڙن ماڻهن کي جيڪي لٽيا ڦريا ويا آهن؟ هاڻي اهي ذهني عادتون ختم ڪرڻ گهرجن، جيڪي سندن فطرت بنجي ويون آهن. جيڪڏهن ضرورت پوي تہ مقامي ماڻهو سامراجيت سان ٿاهہ ڪري سگهي ٿو، پر ڪيس اصولن جي قرباني نہ ڏيڻ گهرجي.

حالتن جي هيءَ چندچاڻ، شعور جي هيءَ سجاڳي ۽ سماجي تاريخن جي علم ۾ هيءُ اضافو، رڳو هڪ تنظيم جي پس منظر ۽ عوام جي هڪ ڀانچي جي اندر ئي ٿيڻ جوڳو آهي. اهڙي تنظيم بغاوت جي ابتدا ۾، شهرن مان ايندڙ انقلابي ماڻهن ۽ انهن سان گڏ اهڙن باغين جي مدد سان جاري رهندي آهي، جيڪي جنگ هلندي ٻهراڙين ۾ هليا ايندا آهن. هيءَ اها پاڙ آهي، جتان بغاوت جي نئين سياسي تنظيم ڦٽي نڪرندي آهي. ليڪن ٻئي پاسي اهي هاري پڻ جيڪي هر وقت تجربي جي روشنيءَ سان پنهنجي علم ۾ واڌارو ڪندا ويندا آهن، عوامي جدوجهد جي اڳواڻيءَ جي اهل هجڻ جو مظاهرو ڪندا آهن. اهڙيءَ ريت جنگ ۾ شامل قوم ۽ سندس رهنمائن جي وچ ۾ افهام تفهيم ۽ ڏي وٺ جو سلسلو جاري رهندو آهي. روايتي ادارن کي جوڳو ۽ سگهارو بنايو ويندو آهي، ۽ گاهي ماهي انهن ۾ مڪمل تبديليون ڪيون ويندیون آهن. جهڳڙن جو فيصلو ڪندڙ جرڳا، گڏجاڻيون، ڳوٺاڻيون پنچائتون، هاڻي انقلابي عدالتن، سياسي ۽ فوجي ڪميٽين ۾ تبديل ٿي ويندیون آهن. هر جنگي ٽولي

۽ هر ڳوٺ ۾ ٿولا ناهي سياسي مختيارڪار نڪري پوندا آهن. ۽ اهي سياسي رهبر انهن ماڻهن لاءِ، جن بي سمجهيءَ جي پهارن کي ٽوڙڻ شروع ڪيو آهي، منزل جو ڏس ڏيندا آهن. سياسي رهنما، انهن مسئلن کي سُلجهائڻ کان نہ گهبرئيندا، جن کي جيڪڏهن وضاحت کان سواءِ ڇڏيو ويو تہ اهي عوام جي ذهني پريشانين ۾ واڌارو ڪندا. هٿياربند باغي حقيقت ۾ اهو ڏسي ڏاڍو ڪاوڙبو آهي تہ ڪيترا ديسي ماڻهو شهرن ۾ اهڙيءَ طرح زندگي گذاري رهيا آهن، جو ڇڻ تہ اهي جبلن ۾ ٻرندڙ لاٽ کان بي خبر هجن، ۽ جهڙوڪر کين ڪوبہ احساس نہ هجي تہ آزاديءَ جي اصلي تحريڪ شروع ٿي چڪي آهي. شهر ماڻ رهندو آهي، ۽ ان جو پنهنجو هڪ سري زندگيءَ کي جاري رکڻ، هارين کي اهو تاثر ڏيندو آهي، تہ قوم جو هڪ پورو حصو ڌار رهڻ جي قناعت ڪريو ويٺو آهي. بيپرواهيءَ جا اهڙا مثال، هارين کي مايوس ڪري ڇڏيندا آهن ۽ انهن ۾ شهرين کي نِندڻ جو لاڙو پوريءَ ريت اُڀري ايندو آهي. سياسي پرچارڪ کي ڪپي تہ هو عوام جي اهڙن لاڙن کي گهٽائي ۽ ڪيس سمجهائي تہ قوم جا ڪجهہ حصا پنهنجا الڳ مقصد رکندا آهن ۽ اهي مقصد سدائين قومي مقصدن سان هڪجهڙائي نہ رکندا آهن. انهيءَ نموني عوام سمجهي وٺندو تہ قومي آزادي ڪيترن اهڙن رُخن تي روشني وجهندي آهي، جيڪي ڪڏهن ڪڏهن مختلف ۽ متضاد هوندا آهن. جدوجهد جي انهن خاص گهڙين ۾ صورتحال جي اها چندچاڻ فيصلي ڪُن هوندي آهي، ڇو تہ اها ماڻهن کي انڌي ۽ مڪمل قوم پرستيءَ ۾ مان گذاري، سماجي ۽ اقتصادي واقفيت ڏانهن وٺي ويندي آهي. اهي ماڻهو جن جدوجهد جي شروعات ۾ ڌارئين ڦوروءَ جي "دوئي" اختيار ڪئي هئي ـــ يعني گوري ۽ ڪاري، عرب ۽ عيسائي جي "دوئي"، ۽ جڏهن اها "دوئي" پسند ڪندڙ ماڻهو ان کي اڳتي ڪٽي هلندا آهن، تڏهن کين خبر پوندي آهي تہ ڪي اهڙا بہ ڪارا آهن، جن جو رت گورن جي رت کان بہ وڌيڪ اڇو هوندو آهي ـــ ۽ قومي آزاديءَ يا قومي جهنڊي جي اُميد، آباديءَ جي هڪ خاص طبقي کي انهيءَ ڳالهہ تي راضي نہ ٿي ڪري سگهي تہ اهو خاص طبقو پنهنجا مقصد ۽ متا ڇڏي ڏئي. ماڻهن کي احساس ٿيندو آهي تہ انهن جهڙا مقامي ماڻهو، خاص موقعن کي نظرانداز نہ ڪندا آهن، پر ان جي ابتڙ پنهنجي مالي حالتن کي بهتر بنائڻ ۽ پنهنجي وڌندڙ طاقت کي مضبوط ڪرڻ لاءِ جنگ مان فائدو حاصل ڪندا آهن. ڪي ديسي ماڻهو جنگ مان فائدو حاصل ڪندي منافع خوري جاري رکندا آهن ـــ ۽ ان عوام جي آڌار

تي ذاتي فائدا حاصل ڪندا آهن، جيڪي هر شيءِ قربان ڪرڻ ۽ وطن جي سر زمين کي پنهنجي رت جي ريج ڏيڻ لاءِ سدائين تيار هوندا آهن. اهو انقلابي، جيڪو گهٽ هٿيارن سان سامراج جي جنگي نظام جو مقابلو ڪندو آهي، سو سمجهي وٺندو آهي ته سامراجي ظلم کي ختم ڪرڻ سان گڏوگڏ هو قرلٽ جو هڪ ٻيو نظام پاڻهي ناهيندو پيو وڃي. ان ڳالهه جو علم ڏکوئيندڙ، ڪوڙو ۽ خوفناڪ هوندو آهي. ليڪن ان ڪان اڳ ۾ ته هر شيءِ بلڪل چٽي نظر ايندي هئي. خراب ماڻهو هڪ پاسي هئا ۽ سٺا ٻئي طرف. شروعات جي صاف، غير حقيقي ۽ وٽندڙ روشنيءَ کان پوءِ ميرانجهڙي اونداهي ايندي آهي، جيڪا حواسن کي پريشان ڪري ڇڏيندي آهي. ماڻهن کي خبر پئجي ويندي آهي ته "قرلٽ جي بداعمالي، شيدي يا عرب ۾ به ٿي سگهي ٿي —" ۽ پوءِ عوام "غداري" جو نعرو هڻندا آهن. ليڪن اهو غلط سمجهه تي ٻڌل هوندو آهي. انهيءَ غلطيءَ کي صحيح ڪرڻ گهرجي. اها غداري قومي نه، پر معاشرتي هوندي آهي. عوام کي اهو سيکارڻ گهرجي ته اهو ان جي بدران هيءُ نعرو هٿي ته "چوري بند ڪريو." علم ۽ ڄاڻ جي ٽڪائيندڙ واٽ تي هلندڙ ماڻهن کي پنهنجن حاڪمن جي باري ۾ سادا خيال ڇڏي ڏيڻ گهرجن. اهي ماڻهو عوام جي اکين اڳيان ختم ٿي رهيا آهن. پنهنجي چوڌاري نهارڻ سان کين ڄاڻ ٿيندي ته عام ڌاريون ڦورو احساس جرم جي هسٽيريا ۾ مبتلا نه آهي. ڌارين ڦورن جي قسم ۾ به اختلاف آهي. اهڙا ماڻهو جيڪي پهرين بنا تفاوت جي ڌارئين ڦورو جي پٿريلي وجود جو حصو سمجهيا ويندا هئا، سي هاڻي سامراجي جنگ جي حقيقي مذمت به ڪندا آهن. جڏهن اهڙا گهڻا ماڻهو دشمن سان ملي ويندا آهن، شيدي ۽ عرب بنجي ويندا آهن، مصيبتن، ايذاءَ ۽ موت کي دعوت ڏيندا آهن، تڏهن غلط فهمي ختم ٿي ويندي آهي. اهڙا مثال ان عام نفرت کي ختم ڪري ڇڏيندا آهن، جيڪا ديسي ماڻهو غير ملڪي وسندين لاءِ محسوس ڪندا آهن. مقامي ماڻهو ڌاڍي جوش سان انهن چند ماڻهن جي چوڌاري گڏ ٿي ويندا آهن ۽ بنهه گهڻئي جذباتي قدردانيءَ جو مظاهرو ڪندي انهن تي مڪمل پروسو ڪندا آهن. سامراجي ملڪ ۾، جنهن کي ڪڏهن رت پياڪ، ڪٺور ماڻيجي ماءُ سمجهي نفرت جي نظر سان ڏٺو ويندو هو، تمام گهڻا آواز حڪومت جي جنگي پاليسيءَ جي مذمت ۾ بلند ٿيندا آهن، جن ۾ نالي وارن شهرين جو آواز به شامل هوندو آهي. انهن جو مطالبو هيءُ هوندو آهي ته غلام ماڻهن جي راءِ کي به اهميت ڏني وڃي. ڪيترا

سپاهي، سامراجي فوجي دستن مان پڇي ويندا آهن ، ۽ ٻيا ڪليءَ طرح، ماڻهن جي آزاديءَ جي جدوجهد جي خلاف وڙهڻ کان انڪار ڪندا آهن ۽ عوام جي آزادي ۽ خودمختار حڪومت جي حقن جي خاطر جيل هليا ويندا آهن. ڌاريون ڦورو هر وقت اهڙو ماڻهو نه هوندو آهي، جنهن کي قتل ڪري ڇڏجي. سامراجين جي انبوهه ۾ ڪيترا اهڙا ماڻهو هوندا آهن. جيڪي قوم جي ڪن سپوتن کان ڪيئي حصا وڌيڪ قومي جدوجهد جي ويجهو هوندا آهن. رت ۽ نسلي تعصب جون ديوارون ٻنهي پاسن ان ڪري پونديون آهن. اهڙيءَ طرح هر شيدي يا هر مسلمان کي وطن دوستيءَ جي سَنَد پاڻهي نه ملندي آهي، ۽ نه وري سدائين ائين ٿيڻ کپي ته جڏهن به ۽ جتي به ڪو ڌاريون نظر اچي ته لازميءَ طرح پستول يا چاڪو ڪڍجي. علم جي روشني آهستي آهستي انهن حقيقتن تي اُپرندي آهي، جيڪي جزوي، تنگ ۽ ڪچيون هونديون آهن. جيئن اسان پاڻ اندازو لڳائي سگهون ٿا ته اهو ڪم ڏاڍو ڏکيو آهي. ماڻهن ۾ ذهني پختگي آڻڻ وارو ڪم، هڪ وسيع تنظيم ۽ سندس اڳواڻن جي بلند عقلي معيار جي ڪري آسان ٿي ويندو آهي. جيئن جيئن جدوجهد اڳتي وڌندي آهي، دشمن پنهنجي اتڪلن ۾ واڌارو ڪندو آهي، فتحون حاصل ٿينديون آهن ۽ شڪستن کي منهن ڏيڻو پوندو آهي، تيئن تيئن عقلي طاقت ۾ به واڌارو ٿيندو ويندو آهي، ۽ اها وڌ ۾ وڌ ڪشادي ۽ جامع ٿيندي ويندي آهي. اڳواڻ غلطين تي نڪته چيني ڪري پنهنجي قوت ۽ اقتدار جو مظاهرو ڪندا آهن. ماضيءَ جي ڪمن جي ڇنڊڇاڻ ڪري ان مان سبق سکندا آهن، ۽ اهڙيءَ ريت اڳتي وڌڻ لاءِ نيون حالتون پيدا ڪندا آهن. هر مقامي "وِير" جي لهڻ تي سمورن ڳوٺن ۾ سياسي تنظيمن جي نقطه نظر سان جائزو ورتو ويندو آهي. هر پيري جڏهن ڪا سياسي جماعت ڪنهن خاص واقعي جي حوالي سان ماڻهن جي شعور ۾ واڌارو ڪندي آهي، تڏهن بغاوت پنهنجي عقلي بنيادن جو ثبوت ڏيندي آهي ۽ پنهنجيءَ پختگيءَ جو اظهار ڪندي آهي. تحريڪ ۾ اهڙا ماڻهو به هوندا آهن. جيڪي سمجهندا آهن ته هڪ معنيٰ کي ڌار ڌار لباس پارائڻ خطري جو ڪارڻ ٿي سگهي ٿو ـــ ۽ عام راءِ جي مضبوط ٿيڻ ۾ ڌار وجهي سگهي ٿو. مگر ان جي ابتڙ اڳواڻ ڏاڍي مضبوطيءَ سان انهن اصولن تي قائم رهندا آهن، جيڪي قومي جدوجهد ۽ پوري دنيا جي انسانن جي آزاديءَ جي جدوجهد لاءِ ناهيا وڃا آهن. اهڙي فڪري ڪنورتا ۽ اونهائيءَ جي خلاف هڪ بي اعتمادي پيدا ٿيندي آهي، جيڪا انقلابن جي خاصيت هوندي آهي. پر

هڪ ٻي ڪئورتا جو وجود بہ هوندو آهي، جيڪا حيرت انگيز حد تائين اڳينءَ وانگر، پر خاص طرح انقلاب دشمن، خطرناڪ ۽ انتشار پسند هوندي آهي. انهيءَ خالص ڪئورتا کي منهن ڏيڻ ضروري آهي، ٻيءَ صورت ۾ اها چند هفتن ۾ ئي تحريڪ جي شڪست جو ڪارڻ بنجي ويندي.

اُهو قوم پرست انقلابي، جيڪو اڳواڻن جي تقرير بازيءَ ۽ اصلاح پسند چالن کان بد دل ۽ سياسي زندگيءَ کان مايوس ٿي، شهر مان ڀڄي نڪتو هو، انهيءَ نئين عملي صورتحال ۾ هڪ نئين سياسي سرگرمي ڳولي لهندو آهي، جيڪا پهرين سياسي سرگرمين کان بلڪل ڌار قسم جي هوندي آهي. اها سياست انهن اڳواڻن ۽ جماعت سازن جي سياست هوندي آهي، جيڪي تاريخ ۾ ساهہ ڪڍندا آهن ۽ جيڪي پنهنجي دماغ ۽ پنهنجي انقلابي ٻانهن جي طاقت سان آزاديءَ جي جنگ ۾ مڪ ڪردار ادا ڪندا آهن. اها سياست قومي انقلابي ۽ سماجي هوندي آهي، ۽ اهي نيون حقيقتون، جن جو علم هاڻي مقامي ماڻهن کي بہ ٿي ويندو آهي، سي رڳو عمل جي حوالي سان پنهنجو وجود رکنديون آهن، اهي حقيقتون انهيءَ جنگ جو روح هونديون آهن، جيڪي پراڻين سامراجي حقيقتن جون ڌجيون اڏائي ڇڏينديون آهن، ۽ حقيقتن جا اهڙا نوان گوشا آڏو آڻينديون آهن، جن مان نوان مفهوم پيدا ٿيندا آهن ـــ ۽ اهڙن تضادن جي وضاحت ٿيندي آهي، جن کي سامراجي حقيقتن لڪائي ڇڏيو هو. اهي ماڻهو جيڪي جدوجهد ۾ شريڪ هوندا آهن ۽ ان ڪري حقيقتن کي سمجهندا آهن ۽ مٿن قدرت رکندا آهن، سامراجي سرشتي مان آزاد ٿي، شين کي چٽو ۽ پاڪ بنائڻ جي هر ڪوشش مان خبردار ٿي. هر قسم جي قومي نغمن جي اجائي تقدس جي خلاف پوريءَ ريت هٿياربند ٿي، ترقيءَ جي واٽ تي وڌندا رهندا آهن. رڳو تشدد، عوام جو تشدد ـــ اهو تشدد، جنهن کي اڳواڻ گڏ ڪندا آهن ۽ جنهن جي تعليم ڏيندا آهن، ان ڪري ممڪن ٿيندو آهي تہ جيئن ماڻهو سماجي حقيقتن کي سمجهن ۽ هر مشڪل جو حل ڳولين، جدوجهد کان سواءِ، عملي تربيت کي سمجهڻ کان سواءِ، هر شيءِ فينسي ڊريس، پريڊ يا ڊولڪ جي آواز کان سواءِ ڪجهہ نہ هوندي آهي. رڳو ڪجهہ ترميمون هونديون آهن، مٿئين سطح تي ڪجهہ سڌارا هوندا آهن، هڪ جهولندڙ جهنڊو هوندو آهي ۽ هيٺئين سطح تي عوام جو هجوم. جيڪو هاڻي بہ اونداهي دور ۾ ساهہ ڪڍندو آهي ۽ اهڙيءَ طرح وقت گذاريندو رهندو آهي.

قومي شعور جا خطرا

تاريخ اسان کي چئيءَ ريت ٻڌائي ٿي تہ سامراج جي خلاف جنگ، سنئين سڌي قوميت جي بنيادن تي نہ وڙهي ويندي آهي. ديسي ماڻهو هڪ ڊگهي وقت تائين ڪن خاص بدعنوانين جهڙوڪ: جبري محنت، جسماني سزا، پگهارن ۾ اڻ برابري ۽ گهٽ سياسي حقن تان روڪ هٽائڻ لاءِ پنهنجي طاقت ڪپائيندو رهندو آهي. انسانيت تي ٿيندڙ ڏاڍ جي خلاف، جمهوريت جي هيءَ جنگ، آهستي آهستي اڙانگن پيچرن مان لنگهي، آزاد خيال ڪُل قوميتي ڳانڍاپي جي ورن وڪڙن مان نڪري، قوميت جي صورت ۾ ڏيک ڏيندي آهي. ائين بہ ٿيندو آهي تہ پڙهيل طبقي جي اڻ تياري، هن طبقي ۽ عوام جي وچ ۾ لاڳاپن جي اڻ هوند ۽ هن طبقي جي سستي (۽ ائين بہ چئي سگهو ٿا تہ جدوجهد جي فيصلي ڪُن گهڙيءَ ۾) سندس دلي هيٺائي، اهي سڀ حالتون ڳٺتيءَ جوڳن حادثن کي جنم ڏيندیون آهن. اهڙيءَ حالت ۾ قومي شعور، سموري عوام جي دلي خواهش جو چٽو ميڙ ۽ عوامي تحريڪ جي چٽي پٽي ۽ ترت نتيجي هئڻ بجاءِ، نج حقيقت جو رڳو هڪ ڏيک ۽ ان جي اڍنگي ڪاپي هوندي آهي. ان ۾ اسان کي جيڪي ڪچايون نظر ايندیون آهن، سي ٻالڪ اوستا واريءَ آزاد قوم جي معاملن ۾، سندن لاڙن جي ڪافي کول ڪندیون آهن، جن جي ڪري ڏاڍيءَ سولائيءَ سان نسل کي قوم تي ۽ قبيلي کي رياست تي ترجيح ڏني ويندي آهي. پوري ڍانچي جا اهي ڏار انهيءَ خاتمي ڏانهن وٺي ويندڙ عمل ظاهر ڪن ٿا، جيڪو قومي ڪوشش ۽ قومي لاڳاپن لاءِ گهڻو نقصانڪار ۽ بچڙو ثابت ٿيندو آهي. اسان کي ڏسڻ ۾ ايندو تہ اهڙا خاتمي ڏانهن وٺي ويندڙ عمل کي ظاهر ڪن ٿا. جيڪو قومي ڪوشش ۽ قومي لاڳاپن لاءِ گهڻو نقصانڪار ۽ بچڙو ثابت ٿيندو آهي. اسان کي ڏسڻ ۾ ايندو تہ اهڙا خاتمي ڏانهن نيندڙ فيصلا، انهن سمورين هيٺاين ۽ سخت خطرن

سوڌو (گڏيل هوندا آهن) قومي وچولي طبقي جي ان نااهليت جو تاريخي نتيجو هوندو آهي، جنهن جي ڪري اهو عوام جي عمل جو عقليٰ جواز موجود نہ ڪري سگهندو آهي. ٻين لفظن ۾ هو عوامي عمل تي سوچ ويچار جو گڻ ئي نہ رکندو آهي. اها روايتي هيٺائي، جيڪا گهٽ وڌ پنتي پيل ملڪن جي قومي شعور جي فطرت ۾ داخل آهي، سا غلاميءَ ۾ جڪڙيل عوام تي سامراج جي آندل تباهيءَ جو ئي نتيجو نہ هوندي آهي، پر اها وچولي طبقي جي ذهني سستيءَ، روحاني سڃائيءَ ۽ انهيءَ ذهني جوڙجڪ جو نتيجو پڻ هوندي آهي، جيڪا آزاد خياليءَ مان جڙيل هوندي آهي. قومي وچولو طبقو، جيڪو سامراج کان پوءِ حڪومتي واڳ وٺندو آهي، سو خود ڏيوالپڻي جو شڪار هوندو آهي. سندس ناڻي واري سگهہ گهٽو ڪري ٻڙيءَ برابر هوندي آهي ـــ ۽ سامراجي ملڪ جي بورجوازيءَ سان، (جنهن جي جاءِ هيءُ طبقو وٺڻ جي ڪوشش ڪندو آهي) ڪيس ڪنهن بہ صورت ۾ ڪابہ هڪجهڙائي نہ هوندي آهي. هي وچولو طبقو، مغرور هئڻ سبب هن ڳالهہ تي سولائيءَ سان پروسو ڪندو آهي تہ پاڻ، خير خوبيءَ سان سامراجي ملڪ جي وچولي طبقي جي جاءِ ڀري سگهندوـــ پر اهائي آزادي، جنهن هن کي سچ تہ هڪ ڪنڊ ۾ ڏکي ڇڏيو هو. سا هاڻي انهيءَ طبقي جي پنهنجن صفن مان ڪيترائي تباهہ ڪندڙ ردعمل پيدا ڪندي آهي ـــ ۽ هو ان ڳالهہ تي مجبور ٿي ويندو آهي تہ اڳوٽي قابض ملڪ کي پنهنجو ڀرجهلو سمجهي ڪنهن سوچ ويچار جي ٻاجهہ ٻڌل منٿ ڪري. نئين آزاد ٿيل رياست جو سڀ کان ججهو شعور رکندڙ طبقو، دانشورن ۽ واپارين جو طبقو هوندو آهي، جنهن جو ڳڻڻ جهڙو گڻ اهو هوندو آهي تہ اهو ڳاٺيٽي ۾ ٿورو ۽ گاديءَ واري شهر ۾ گڏ ٿيل هئڻ کان سواءِ خاص قسم جا ڌنڌا اختيار ڪندو آهي ـــ مثال طور: واپار، پوک ۽ ٻيا آزاد ڌنڌا، انهيءَ قومي وچولي طبقي ۾ نہ لکاپتي هوندا آهن ۽ نہ ئي صنعتڪار. پنتي پيل ملڪن جو قومي بورجوازي نہ تہ پيداوار ۾ حصو وٺندو آهي، نہ ايجادن ۾، نہ اڏاوت ۾ ۽ نہ ئي محنت ۾. اهو پوريءَ ريت وچٽرن ڪمن ۾ رڌل رهندو آهي، سندس سڀ کان وڏي مصروفيت، ٻڪ ٻوڙ ۾ شامل رهڻ ۽ هل هنگامي جو حصو بنجڻ هوندي آهي. قومي بورجوا جي نفسيات، واپار جي نفسيات هوندي آهي، صنعتڪار جي نہ ـــ ۽ هيءَ ڳالهہ بلڪل صحيح آهي تہ ڌارئين ڦوروءَ جي لالچ ۽ سامراج جون واپاري پابنديون، هن لاءِ ڪابہ واٽ نہ ڇڏينديون آهن. سامراجي سرشتي ۾ ڪنهن اهڙي وچولي طبقي جو هجڻ، جيڪو سرمائيدار هجي، اڻ

ٿيٽي ڳالهه آهي. هاڻي هيءَ ڳالهه چٽي پٽي آهي ته پنتي پيل ملڪ جي سڄي قومي وچولي طبقي جو فرض اِهو هجڻ گهرجي ته اهو پنهنجي بورجوازي فطرت کي، يعني سرمائيدار جي دلال بنجڻ واري فطرت کي رد ڪري، ۽ پاڻ کي انقلابي سرمائي يعني عوام جو هڏڏوکي سنگتي بنائي.

هر پنتي پيل ملڪ جي سڄي وچولي طبقي کي ڪپي ته هو انهن رستن کان (جيڪي تقدير سندس لاءِ جوڙيا آهن) پڄڻ ۽ پاڻ کي ماڻهن سان ٻِٽ ڪرڻ، پنهنجو پهريون فرض سمجهي. ٻين لفظن ۾ ائين ڪٽي چئجي ته اهو سمورو علمي ۽ فني سرمايو، جيڪو هن سامراجي يونيورسٽين مان حاصل ڪيو آهي، ماڻهن لاءِ وقف ڪري ڇڏي. ليڪن اسان ڏاڍي ڏک سان ڏسندا آهيون ته قومي وچولو طبقو گهڻو ڪري دليريءَ واري، ڪارائتي ۽ صحيح وات نه وٺندو آهي، ان جي ابتڙ هُو پوري روحاني سڪون سان هڪ روايتي بورجوازيءَ وانگر، (هڪ اهڙي بورجوازيءَ وانگر جيڪو نهايت اڻ ڄاڻائيءَ، ڪرپ پريل ۽ بنا ٻاجهه جي حد تائين بورجوا هوندو آهي) انتهائي پليل راهن ۾ پاڻ وڃائي ويهندو آهي ـــ اهي راهون پليل ان ڪري هونديون آهن، جو اهي قومي دشمنيءَ واريون راهون هونديون آهن. هڪ سٽيل وقت کان پوءِ، جيئن اسان ڏسي چڪا آهيون، قومي جماعتن جي آخري منزل خالص قومي آزادي بنجي ويندي آهي. اهي آزاديءَ جي نعرن سان قوم کي سجاڳ ڪنديون آهن ۽ باقي ڪم آئيندي تي ڇڏي ڏينديون آهن. جڏهن اهڙين جماعتن کان ملڪ جي ناڻي واري پروگرام جي باري ۾، جنهن بابت اهي گوڙ ڪنديون رهنديون آهن، يا ان حڪومت جي باري ۾، جنهن کي اهي اقتدار ۾ آڻائڻ جون گهرجائو هونديون آهن، سوال پڇيو ويندو آهي ته اهي جواب ڏيڻ کان لهرائينديون آهن ـــ ۽ اهو رڳو اُن ڪري جو اهي پنهنجي ملڪ جي ناڻي جي ڦيري بابت ڪابه ڄاڻ نه رکنديون آهن. ناڻي جي واڌ هميشه سندن ڄاڻ جي حدن کان ٻاهر وڌندي ويندي آهي. ڪين پنهنجي ملڪ جي زمين ۽ معدني ذخيرن جي حقيقي وسيلن جي باري ۾ بنهه ٿوري ڄاڻ ۽ ان سان گڏ ڪجهه ڪتابي واقفيت هوندي آهي. ان ڪري، اهي انهن وسيلن جي باري ۾ مٿاڇرو ۽ عام نموني ۾ ڪجهه ڳالهائينديون آهن. آزاديءَ کان پوءِ، هيءُ پنتي پيل وچولو طبقو، جيڪو ڳائيتي ۾ گهٽ ۽ سرمايي جي لحاظ کان سُجو هوندو آهي، ۽ جيڪو انقلابي رستي تي هلڻ کان انڪار ڪندو آهي، سو نيٺ هڪ ڏک جهڙيءَ مانار ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي. هيءُ طبقو پنهنجي مٿيري شعور کي پوريءَ آزاديءَ سان

ڪم نہ آئيندو آهي. جيتوڻيڪ ڪيس منڊ ۾ هيءَ شڪايت هوندي هئي تہ سامراج سندس شعور کي جڪڙي ڇڏيو هو ـــ ۽ ان پيڙا جو اظهار، ڏاڍيءَ جلدائيءَ ۽ ڏک سان ڪندو هو، پنهنجي وسيلن جي پروسي کان خالي انتظامي عمل جي هيٺائي ڪيس ڪيترن سالن تائين هٿ جي هنر واري اقتصاديات طرف موڙي ڇڏيندي آهي. هن جي خيال موجب، جيڪو پڪ سان هڪ تنگ خيال هوندو آهي، قومي اقتصاديات اُها آهي، جنهن جو بنياد انهن شين تي هجي، جن کي مقامي پيداوار چيو ويندو آهي. ڪاريگر طبقي جي باري ۾ ڊگهيون تقريرون ڪيون وينديون آهن. جيئن تہ وچولو طبقو اهڙن ڪارخانن هئڻ کان وانجهو هوندو آهي، جيڪي سراسري طرح سندس ۽ ملڪ جي لاءِ ججها فائدا ڪٽي اچن. ان ڪري هو انتهائي وطني اُڪير سان، جيڪا قومي عزت جي احساس مطابق هوندي آهي ۽ جيڪا ان لاءِ ججهي دولت بہ پيدا ڪندي آهي، ڪاريگر طبقي جي چوڌاري گڏ ٿي ويندي آهي. مقامي پيداوار جي انهيءَ عقيدي ۽ نئين انتظامي طريقي جي ڳولا ۾ ناڪامي ـــ اهي ٻئي ڳالهيون، قومي وچولي طبقي کي مجبور ڪنديون آهن تہ اهو زرعي پيداوار جي انهيءَ طريقي کي جاري رکي، جيڪو سامراجي دور جي خاصيت هو. ان ڪري آزاديءَ جي دور واري قومي اقتصاديات، ڪنهن نئين سطح تي قائم نہ ٿيندي آهي، ان جو واسطو اڃا ڪاڇن جي پوک، ڪوڪونٽ جي فصل ۽ زيتون جي پيداوار سان هوندو آهي. اهڙيءَ ريت بنيادي پيداوار کي وڪڻڻ جي طريقي ۾ ڪابہ مٽاسٽا نہ ٿيندي آهي، ۽ ملڪ ۾ ڪو هڪ بہ ڪارخانو نہ لڳندو آهي. ڪچي مال جي روانگي اڃا بہ جاري رهندي آهي. اسان اڃا تائين يورپ جا ننڍا ننڍا هاري ۽ ڪچي مال پيدا ڪرڻ جا ماهر لڳا پيا هوندا آهيون. پوءِ بہ قومي وچولو طبقو، اقتصاديات ۽ واپار کي قومي ملڪيت ۾ وٺڻ جو لڳاتار مطالبو ڪندو رهندو آهي، ڇو تہ سندس قومي ملڪيت مان مراد اها نہ هوندي آهي تہ سمورن اقتصادي وسيلن کي قوم لاءِ ۽ قومي ضرورت پٽاندر خرچ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو وڃي. هن وٽ قومي ملڪيت جو تتُ اهو بہ نہ آهي تہ ملڪ کي انهن نون سماجي لاڳاپن جي روشنيءَ ۾ هلايو وڃي، جن جي واڌاري جي همٿائڻ جو پهہ ٿي چڪو آهي. هن وٽ قومي ملڪيت بنائڻ جو سنئون سڌو مطلب اهو آهي تہ سامراجي دور جي ناجائز نفعن کي ديسي ماڻهن جي هٿن هيٺ ڏنو وڃي. جيئن تہ وچولي طبقي وٽ نہ تہ ججهو سامان هوندو آهي ۽ نہ ئي گهربل ذهني وسيلا، (ذهني وسيلن مان منهنجي مراد انجنيئر ۽ ماهر آهن)

ان ڪري، هو پنهنجي دعوائن کي انهن واپاري دفترن ۽ ادارن تائين محدود رکندو آهي، جن تي اڳ ڌاريا ڦورو قابض هئا. قومي بورجوازي، اڳوڻي يورپيءَ جي جاءِ والاري، ڊاڪٽر، وڪيل، واپاري، سيلزمين، جنرل ايجنٽ، ٽرانسپورٽ ايجنٽ وغيره بنجي ويندو آهي. هو سمجهندو آهي تہ ملڪ جو ننگ ۽ ناموس ۽ سندس پنهنجي پلائي، انهيءَ ۾ ئي آهي تہ هو اهي سڀ مطلب حاصل ڪري. هاڻي هو انهيءَ ڳالهہ تي زور ڏيندو آهي تہ سموريون وڏيون وڏيون غير ملڪي ڪمپنيون، جيڪي ملڪ سان لاڳاپو قائم ڪرڻ چاهينديون هجن، سي هن جي حوالي سان سمورو ڪاروبار ڪن. اهڙيءَ ريت قومي وچولو طبقو، پنهنجي تاريخي ڪردار کي يعني دلاليءَ واري ڪردار کي، چڱيءَ طرح سمجهي وٺندو آهي.

قومي وچولي طبقي جي نظر سان ڏٺو وڃي تہ سندس مشن، قوم جي حالت تبديل ڪرڻ نہ هوندي آهي. حقيقي معنيٰ ۾ سندس ڪم، قوم ۽ سرمايہ داريءَ جي وچ ۾ ڳانڍاپو هوندو آهي، اهڙي سخت پر ڳجهي سرمائيداري، جنهن تي ويجهر ۾ سامراجيت جو برقعو پيل هوندو آهي. قومي بورجوازي، مغربي بوجوازيءَ جي تجارتي ايجنٽ جي حيثيت ۾ ڏاڍو مطمئن نظر ايندو آهي ــ ۽ پنهنجو ڪردار ڪنهن ذهني مونجهاري کان سواءِ ٽٽ ٽانگر واري لهجي ۾ ادا ڪندو آهي. ليڪن هن جو اهو نفعي پرست ڪردار، نوڪر واري حيثيت، احساسِ ڪمتريءَ وارو نظريو ۽ هر قسم جي اُمنگن جي اڻ هوند ــ اهو ثابت ٿي ڪري تہ قومي وچولو طبقو، بورجوازي جي حيثيت ۾ پنهنجي تاريخي ڪردار ادا ڪرڻ جو اهل نہ هوندو آهي. قومي وچولي طبقي جا سمورا گڻ ــ جهڙوڪ: اڳواڻيءَ جو هلچل وارو احساس؛ نين دنيائن جي ايجاد ۽ ڳولا جي صلاحيت، هن طبقي وٽ افسوسناڪ حد تائين ڪٽل هوندا آهن. غلام ملڪن ۾ عياشي، بورجوازيءَ جي دل ۾ گهر ڪري ويندي آهي. اهو ان ڪري، جو قومي بورجوازي پاڻ کي مغربي بورجوازيءَ جهڙو سمجهندو آهي، جنهن کان هن سبق حاصل ڪيو آهي. هو مغربي بورجوازيءَ جي مرٽينگ واتن تي هلندو آهي. جيتوڻيڪ هو مغربي بورجوازي جي پيروي، ان جي پهرئين دور جي ايجاد ۽ جستجوءَ وارن مرحلن جي سلسلي ۾ بلڪل نہ ڪندو آهي ــ ۽ اهو پهريون دور، بهرحال مغربي بورجوازيءَ جي ڪوشش جو نچوڙ آهي. غلام ملڪن جو قومي بورجوازي، شروع ۾ ئي پاڻ کي مغربي بورجوازيءَ جي ڏيوالپڻي سان ملائي ڇڏيندو آهي. اهو تہ سوچڻ ئي بيڪار

آهي تہ سنڌس اها وِک اڳتي وڌندڙ هوندي. حقيقت ۾ اهو سڀ پڄاڻيءَ کان شروعات ڪرڻ جي برابر هوندو آهي. اهو قومي بورجوازي، نوجوانيءَ جي بي صبريءَ، بي ڊپائيءَ ۽ ڪاميابيءَ جي آزاديءَ کان سواءِ ئي پوڙهائپ قبول ڪري وٺندو آهي.

اهو مغربي بورجوازي، جيڪو نون آزاد ٿيل ملڪن ۾ گهمڻ ڦرڻ، شڪار ڪرڻ ۽ عياشيءَ جي اِرادي سان ايندو آهي، قومي بورجوازي کي ڏيوالپڻي جي رستن ڏانهن وٺي وڃڻ ۾ ڏاڍو ڪارگر ثابت ٿيندو آهي. مغربي بورجوازيءَ جي خواهش جي پورائي لاءِ، قومي بورجوازي، آرام ۽ آسائش جا مرڪز ۽ عيش عشرت جا اڏا قائم ڪندو آهي. انهيءَ سموري ڪاروبار کي سياحت جو نالو ڏيئي، انهيءَ موقعي لاءِ ان کي قومي صنعت طور فروغ ڏيندو آهي. جيڪڏهن انهيءَ ڳالهہ جو ڪو ثبوت کپي تہ ڪهڙيءَ طرح مقامي بورجوازي، مغربي بورجوازيءَ جي لاءِ دعوتن جا بندوبست ڪندڙ بنجي ويندا آهن، تہ ان لاءِ لاطيني آمريڪا ۾ جيڪي ڪجهہ ٿي چڪو آهي، ان تي هڪ نظر وجهڻ ڪافي ٿيندي. هوانا ۽ ميڪسيڪو جون هوٽلون، ريئو جا ساموندي ڪنارا، برازيل ۽ ميڪسيڪو جون تيرهن سالن جون نديون نديون نينگريون، اڪاپلو ۽ ڪوپا ڪابانا جا بندرگاهہ ـــ سڀ قومي وچولي طبقي جي بدڪرداريءَ جي ڪوڙهہ جا داغ آهن. جيئن تہ هيءُ طبقو خيالن کان وانجهيل هوندو آهي؛ پنهنجي ذاتي خول ۾ بند رهي، پاڻ کي عوام کان ڪٽي ڇڏيندو آهي؛ ۽ پنهنجيءَ پيدائشي نالائقيءَ جي ڪري قومي مسئلن بابت پوريءَ قوم جي اکين سان اک ملائي ڏسڻ واري گڻ کان وانجهيل هوندو آهي، ان ڪري هيءُ طبقو ان کان وڌيڪ ڪجهہ بہ ڪري نہ سگهندو آهي تہ مغربي ڪاروبار جي دلال جو ڪردار ادا ڪري، ۽ پنهنجي ملڪ کي حقيقي طرح يورپ جو چڪلو بنائي ڇڏي.

هڪ پيرو وري اسان کي لاطيني آمريڪا جي ڪن جمهوريتن جي افسوسناڪ مثالن تي نظر وجهڻي پوندي. گڏيل آمريڪي رياستن جي بينڪن جي مالڪن، ماهرن ۽ وڏن وڏن واپارين کي جهاز ۾ پير رکڻ جي دير هوندي آهي، ۽ اُهي "اڏ گرم خطن" جي فضائن ۾ پهچي ويندا آهن، اتي اهي هڪ هفتي يا ڏهن ڏينهن لاءِ، انهن "وڻندڙ سياح ڪارين" ۾ ٻڌي ويندا آهن، جيڪي سندن ايجنٽ، سندن لاءِ موجود ڪندا آهن.

زميندارن جي روش بہ شهري وچولي طبقي جهڙي ئي هوندي آهي.

وڏا وڏا آبادگار، آزاديءَ جي اعلان سان گڏوگڏ زرعي پيداوار کي قومي ملڪيت بنائڻ جو مطالبو ڪندا آهن. ڪيترين ڦيرين گيرين اٿڪلن کان ڪم وٺي، اُهي ان زمين تي قبضو ڪري وٺندا آهن، جنهن تي ڌارئين ڦوروءَ جو قبضو هوندو هو ـــ ۽ اهڙيءَ طرح ٻهراڙين تي پنهنجي گرفت مضبوط ڪري وٺندا آهن. پر اهي نہ نوان زرعي طريقا رائج ڪندا آهن، نہ ٻنين کي وڌيڪ محنت سان آباد ڪرائڻ لاءِ جاکوڙ ڪندا آهن، ۽ نہ وري پنهنجي سرشتي کي مناسب طريقي سان قومي اقتصاديات ۾ گڏڻ جي جاکوڙ ڪندا آهن.

حقيقت هيءَ آهي تہ اهي زمين جا مالڪ، هاڻي انهيءَ ڳالهہ تي ننهن چوٽيءَ جو زور ڏيندا آهن تہ حڪومت کين انهن سهولتن ۽ رعايتن کان سؤ ڀيرا وڌيڪ رعايتون ۽ سهولتون ڏئي، جيڪي اڳي ڌارين ڦورن کي حاصل هيون. هاريءَ جي ڦرمار هاڻي اڳ کان گهٽي وڌيڪ ٿيڻ لڳندي آهي ۽ ان کي جائز قرار ڏنو ويندو آهي. ٻن چئن قومي نعرن جي آڌار تي هي نوان سامراجي هارين کان ٻي پناهہ ڪم جو مطالبو ڪندا آهن؛ زراعت کي جديد نہ بنايو ويندو آهي؛ ڪوبہ ترقياتي منطوبو تيار نہ ٿيندو آهي، نہ ڪوئي ڪو نئون رستو اختيار ڪيو ويندو آهي. ڪنهن بہ قسم جو نئون قدم، مٿن دهشت پکيڙي، ڇڏيندو آهي، ڇو تہ نئين قدم ڪٽڻ ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ جوکم بہ هوندو آهي ـــ ۽ اها ڳالهہ محتاط ۽ هوشيار بورجوازي زميندار کي پوريءَ ريت پريشان ڪري ڇڏيندي آهي، جيڪو آهستي آهستي، سامراجيت جي تيار ڪيل رستن تي وڌڻ شروع ڪندو آهي. ٻهراڙين ۾ جتي اهڙيون وقتي حالتون هونديون آهن، تہ اهي حالتون سڌارڻ جي ڪوشش سرڪار پاران ٿيندي آهي، حڪومت حڪم هلائيندي آهي، حوصلا افزائي ڪندي آهي ۽ ناٿو موجود ڪري ڏيندي آهي. زميندار بورجوا ٿورو بہ خطرو ڪٽڻ لاءِ تيار نہ هوندو آهي، ۽ هر نئين ڪوشش ۽ ان ۾ گاڏڙ خطري جو تڪراري هوندو آهي. اهو واريءَ جي محلات ناهڻ جو ڪوبہ ارادو نہ رکندو آهي. سندس مطلب ٿوس سيڙپ ۽ ترت فائدي سان هوندو آهي. اهو اڻ ڪٽ فائدو، جيڪو سندس ڪيسي ۾ وڃڻو آهي. (قومي آمدنيءَ جي پيٽ ۾ بچت اڻ مئي هوندي آهي)، ٻيو پيرو ڪنهن ڪمُ ۾ نہ لڳايو ويندو آهي. "پنهنجو ڏوڪڙ پنهنجي ڪيسي ۾" واري ذهنيت، انهن زمين جي مالڪن جي نفسيات ۾ ظاهر هوندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن، خاص ڪري آزاديءَ جي اعلان کان ترت پوءِ، اهو بورجوازي زميندار، زمين مان جيڪو نفعو ڪمائيندو آهي، سو پرڏيهي بينڪن ۾ رکڻ کان

بہ نہ هبڪندو آهي. ٻئي پاسي هو وڏي رقم پنهنجي نمائش، ڪارن، ٻهراڙيءَ وارن بنگلن ۽ انهن مڙني شين تي خرچ ڪندو آهي، جن کي اقتصاديات جا ڄاڻو پنتي پيل بورجوازيءَ جا گڻ قرار ڏيڻ ۾ حق بجانب هوندا آهن.

اسان ٻڌائي آيا آهيون تہ قومي بورجوازي جڏهن اقتدار جي واڳ وٺندو آهي، تہ هُو ان حيثيت کي حاصل ڪرڻ لاءِ، جيڪا اڳ ۾ پرڏيهي قوون کي حاصل هئي، پنهنجو جماعتي ڏاڍ هلائيندو آهي. حقيقت ۾ آزاديءَ جي پهرئين صبح تي ئي اهو قومي بورجوازي وڏي واڪي، سامراجي شخصيتن، وڪيلن، واپارين، زميندارن، ڊاڪٽرن ۽ اعليٰ سرڪاري عهديدارن تي حملا شروع ڪري ڏيندو آهي. هُو انهن ماڻهن جي خلاف، جيڪي "اسان جي ننگ ۽ ناموس کي بچڙين نگاهن سان ڏسندا آهن"، پچاڙڪيءَ گهڙيءَ تائين مرڻ مارڻ جو پڪو پهہ ڪندو آهي. حڪمران جماعتن کي قومي ۽ آفريڪي بنائڻ جو نعرو هڻندو آهي. سچ تہ هيءُ آهي تہ، سندس اهي عمل، ان وقت تائين نسلي حسد جو رنگ اختيار ڪندا ويندا، جيسين تائين هو حڪومت جي سامهون چٽيءَ طرح اهو مطالبو پيش نہ ڪندو آهي تہ اسان کي سامراجين وارن عهدن تي رکيو وڃي. جيسين تائين انهيءَ طبقي کي هڪ هڪ عهدو ملي نہ ويندو آهي، ان وقت تائين هو پنهنجي باهوڙ بند نہ ڪندو آهي.

شهرن جو مزدور طبقو، بيروزگارن جو انبوهہ، ننڍا وڏا هٿ ــ هنرمند ۽ ڪاريگر پنهنجي منهن انهيءَ قومي لاڙي جي پوئلڳي ڪندا آهن. پر ڳالهہ ڪبي خدا ڪارڻ تہ اهي رڳو بورجوازي جي ٿورَ هلندا آهن. جيڪڏهن قومي بورجوازي، يورپين سان مقابلي تي لهي ايندا آهن تہ هي هٿ ــ هنرمند ۽ ڪاريگر، ڌارين آفريڪين سان جنگ شروع ڪري ڏيندا آهن. آئيوري ڪوسٽ ۾ دوهمان ۽ وولٽا جي خلاف هنگاما حقيقت ۾ نسلي جهڳڙا آهن. دوهمان ۽ وولٽا جا ماڻهو، ننڍي وڏي واپار جي وڏي حصي تي قابض آهن، ۽ آزاديءَ جي اعلان کان پوءِ، آئيوري ڪوسٽ جو عوام، انهن خلاف دشمنيءَ وارن لاڙن جو اظهار ڪندو رهي ٿو. قوم پرستيءَ کان اسان انتها پسند قوم پرستيءَ، ۽ انتهائي پسند قوم پرستيءَ کان جارحانہ قوم پرستيءَ، ۽ نيٺ نسل پرستيءَ تائين پهچي ويندا آهيون. پرڏيهين کي نڪري وڃڻ جو حڪم ڏنو ويندو آهي: انهن جا دڪان ساڙيا ويندا آهن؛ سندن ماندٽيون ۽ استال ڊاڻا ويندا آهن ــ ۽ اهڙيءَ ريت آئيوري ڪوسٽ جي حڪومت انهن جي ڏيهہ نيڪاليءَ جو اعلان ڪندي آهي ۽ پنهنجيءَ قوم وارن کي دلداري ڏيندي آهي. سينيگال ۾ اهي

سوڊانين جي خلاف مظاهرا ئي هئا، جن مسٽر محمد ضياءَ کان هي لفظ چوايا:

"حقيقت هيءَ آهي تہ سينيگالي عوام جي مال جي لڪل تصور سان ڳانڍاپو ان ڪري هو، جو اُهي اُن جي اڳواڻن سان محبت ڪندا هئا. ماليءَ سان سندن لاڳاپي جو سبب، ان کان سواءِ ڪوبہ نہ هو تہ ماليءَ جي اڳواڻن جي سياسي حڪمت عمليءَ تي سينيگالي ماڻهن کي پورو پروسو هو. سينيگال جي سرزمين اڳ بہ ڪا گهٽ اهم نہ هئي. حقيقت هيءَ آهي تہ ان جي اهميت، ان ڪري وڌيڪ نِروار ٿي، جو ڏکار ۾ سوڊانين جو هجڻ، هر وقت سينيگال جي وجود جو احساس ڏيارينڊو هو. اهوئي ڪارڻ آهي جو پڇتائڻ تہ پري جي ڳالهہ آهي، رهندو فيڊريشن کان جدائيءَ تي، عوام جي گهڻائي آجيان ڪئي آهي، ۽ ان کي جيئن جو تيئن رکڻ لاءِ ڪنهن بہ جاءِ تي هڪ هٿ بہ اُبو نہ ٿيو. هوڏانهن حالت هيءَ آهي جو سينيگالين جا ڪجهہ حلقا، انهن موقعن کي ڪڏهن بہ هٿان نہ وڃائيندا آهن، جيڪي سوڊانين کان ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ لاءِ سندن اڳواڻ کي هٿ ڪري ڏيندا آهن ــ ڇو تہ اهي سوڊانين کي پنهنجي واپاري معاملن ۽ انتظامي عهدن جي واٽ ۾ رڪاوٽ سمجهن ٿا. هيڏانهن ڪانگو وارا آهن، جيڪي هونئن تہ بيلجئم وارن جي گڏيل لڏپلاڻ تي پروسو نہ ڪندي ماڻ هوندا آهن، پر انهن سينيگالين تي البت دباءُ وجهڻ جو پهہ ڪندا آهن، جيڪي ليوپولڊول ۽ ايلبيٽ وِل ۾ آباد آهن؛ تہ جيئن اهي اتان نڪري وڃن. توهان ڏسندؤ تہ انهن ٻن الڳ الڳ صورتن ۾ هڪجهڙيون حالتون آهن. جيڪڏهن نيئن آزاد ٿيل ملڪ جي دانشور ۽ تاجر بورجوازيءَ جي رستي ۾ يورپي رڪاوٽ بنجي ٿو تہ شهري عوام جو ٽڪراءُ، اصولي طرح ڪنهن ٻيءَ قوم جي آفريڪين سان ٿئي ٿو. آئيوري ڪوسٽ ۾ اهو حريف دوهماني، گهانا ۾ نائيجيريائي ۽ سينيگال ۾ سوڊاني آهي.

جڏهن بورجوازيءَ جو هيءُ مطالبو تہ "حڪمران جماعت رڳو عربن يا شيدين مان ناهي وڃي؛ قومي ملڪيت جي ڪنهن معتبر تحريڪ مان پيدا نہ ٿيندو آهي، پر رڳو ان وقت کي پنهنجن هٿن ۾ وٺڻ جي بيقراريءَ جو نتيجو هوندو آهي، جيڪا اڄ ڏينهن تائين ڏارين جي هٿ وس هئي ــ تہ عوام بہ پنهنجي سطح تي شيدي يا عرب جي تصور کي رڳو ڪن علائقائي حدن تائين سوڙهو ڪندي، اهڙي قسم جو مطالبو ڪندا آهن. آفريڪي ڪنڊ جي ميلاپ جي پرجوش دعوائن ۽ اڳواڻن کان مليل عوامي روين جي وچ ۾ ڪيترا لاڙا ڏسي سگهجن ٿا. اسان کي آفريڪي اتحاد جي نظرئي ۾ دائمي اڻ برابري ۽

هيٺ مٿاهين نظر ايندي آهي. اهو تصور ڏاڍيءَ تيزيءَ سان گمناميءَ جي ڏنڊ ۾ ويڙهبو پيو وڃي، ۽ جارحانہ قوم پرستيءَ جي نهايت اُگري ۽ ڪِرپ ڀريل صورتحال ڏانهن دل ڏارينڊ واپسي نظر اچي رهي آهي.

"جيستائين سينيگال جو لاڳاپو آهي، تہ ان جا اهي اڳواڻ، جيڪي آفريڪي اتحاد جو نظريو پيش ڪري رهيا هئا ۽ جن انهيءَ نظرئي خاطر پنهنجي مقامي سياسي تنظيمن ۽ ذاتي حيثيتن جي قرباني بہ ڏني هئي، سي پنهنجيءَ پوريءَ نيڪ نيتيءَ جي باوجود، يقيناً موجوده صورتحال جا ذميوار آهن. انهن جي پل آهي، ائين چئو تہ اسان جي پل، هيءُ آهي تہ اسان گڏپ وقت دشمن طاقتن سان وڙهڻ جي ڏن ۾ سامراج کان اڳ واري دور جي علائقائي لاڙن کي اڳيان نہ رکيو هو. اسان جي پل هيءَ هئي جو اسان پنهنجي چندچاڻ ۾ انهيءَ صورتحال ڏانهن جوڳو ڌيان نہ ڏنو. جيڪڏهن توهان چاهيو تہ ان کي سامراج جو ڦل چئي سگهو ٿا، پر اها هڪ اهڙي سماجي حقيقت آهي، جنهن کي گڏپ/ ميلاپ جو ڪوبہ نظريو، ڪٿي اهو ڪيڏو بہ ساراهہ لائق ڇو نہ هجي، ختم ڪري نہ ٿو سگهي. اسان پاڻ کي رُڄ جي ڇڪ جي حوالي ڪري ڇڏيو. اهڙي ڌانچي جي رڄ جي حوالي، جيڪو اسان جي لاءِ سڀ کان وڌيڪ خوش فهمين ۾ مبتلا ڪندڙ هو، ۽ پوءِ خيال کي حقيقت سمجهندي، اسان اهو سمجهي ورتو تہ اهو علائقائيت ۽ ان جي فطري اثرن يعني هيٺاهين سطح جي قوم پرستيءَ کي رد ڪرڻ، اسان جي لاءِ سٺين حالتن پيدا ڪرڻ ۽ اسان جي ناهيل خيالي ڌانچن جي ڪاميابيءَ جي ضمانت آهي.(١)"

سينيگالين جي جارحانہ قوم پرستيءَ کان يولوفون جي قبائليت تائين ڪو گهڻو پنڌ نہ آهي. حقيقت هيءُ آهي تہ هر هنڌ، جتي قومي بورجوازي، ماڻهن کي گڏيل حيثيت ۾ متاثر ڪرڻ، کين روشن خيال بنائڻ ۽ سيني مسئلن جي باري ۾ عوام جي سوچ سان سوچڻ ۾ ناڪام رهيو آهي، ۽ اها ناڪامي، بوررجوازي جي بنا پروسي ۽ سندس ڳجهن سياسي نظرن جو اثر هوندي آهي؛ ۽ هر جڳهہ جتي قومي بورجوازي پوري دنيا جي باري ۾ سُرت ساجهہ پرائڻ ۾ نااهلي ڏيکاري آهي، اتي اسان کي قبائلي لاڙن ڏانهن موٽ نظر اچي ٿي — ۽ ڪاوڙ ۽ ڏکندڙ دل سان اسان نسلي احساسن کي پنهنجي سخت ترين صورت ۾ سوپارو ڏسبون ٿا. جيئن تہ بورجوازيءَ جو هڪ ئي مقصد هوندو آهي، ۽ اهو هيءُ تہ "ڏارين جي جڳهہ والاريو" — ۽ جيئن تہ اهو زندگيءَ جي هر شعبي ۾

(١) محمد الضياء.

پنهنجي لاءِ انصاف حاصل ڪرڻ ۽ پرڏيهين جون خالي ڪيل جايون پرڻ ۾ ڏاڍي ڦڙتائي ڏيکاريندو آهي. اُن ڪري قوم جا "ننڍا ماڻهو"، ٽيڪسي ڊرائيور، نانوائي ۽ بوٽ پالش ڪندڙ ايتري ئي سختيءَ سان دهومانين تي زور ڏيندا آهن، تہ اُهي پنهنجي علائقي ڏانهن واپس هليا وڃن. پر ان کان بہ اڳتي وڌندي، اِهو چوندا آهن تہ "فولبيز" ۽ "پيولز" بہ پنهنجي پنهنجي جهنگل ۽ جبل ڏانهن هليا وڃن. انهي نقطئي نظر سان، اسان کي انهيءَ ڳالهہ جي چٽائي ڪرڻ گهرجي تہ نون آزاد ٿيل ملڪن ۾ هر هنڌ "وفاقيت" جي اصول جي سوڀ ڇو ٿي ٿئي. اسان کي خبر آهي تہ سامراجيت ڪن علائقن کي مٿاهين سلوڪ لاءِ چونڊيندي آهي. بيٺڪي ملڪ جي اقتصاديات کي پوري ملڪ جي اقتصاديات سان ملايو نہ ويندو آهي. انهيءَ غريب ملڪ جي اقتصاديات کي سامراجي ملڪ جي اقتصاديات جي هٿ هيٺ نہ ڪيو ويندو آهي. سامراجيت پوري ملڪ جي اقتصادي وسيلن مان فائدو وٺڻ جي جاکوڙ ورلي ڪا ڪندي آهي. اها رڳو انهن معدني وسيلن کي ظاهر ڪرڻ تائين محدود هوندي آهي، جيڪي سامراجي ملڪ جي صنعتي ضرورتن جي پورائي لاءِ روانا ڪيا ويندا آهن ـــ ۽ اهڙيءَ ريت بيٺڪي ملڪ جي ڪن خاص علائقن کي مالدار ٿيڻ جو موقعو ڏيندي آهي، پر باقي پورو ملڪ ڏٽڙيل، غريب ۽ بيواهو رهندو آهي؛ ۽ ان ڏيڻ ۾ ڦاسندو ويندو آهي. جيڪا غريبيءَ جي لعنت جي مينهن جي صورت ۾ مٿن وسندي رهندي آهي.

آزاديءَ جي اعلان کان هڪدم پوءِ، اهي ديسي ماڻهو، جيڪي سڪين ستانن علائقن ۾ رهندا آهن، سي پنهنجيءَ آسودگيءَ جو احساس ڪندا آهن، ۽ ٻين غريب ڏيهي ماڻهن جي سڪ پٽي وارن ڪمن جي خلاف سخت ردعمل ظاهر ڪندا آهن. اهي علائقا، جتي ڪاڇن، ڪوڪونٽ ۽ جواهرات جي گهٽائي هوندي آهي، سي پهرينءَ صف ۾ اچي ويندا آهن ـــ ۽ انهيءَ خيالي نظريي تي ڇانئجي ويندا آهن، جيڪو پوري قوم پيش ڪندي آهي. مالدار علائقن جا اهي هم وطن، ٻين غريبن کي ڪرپ پريل نظرن سان ڏسندا آهن، ۽ انهن غريبن ۾ ڪين ساڙ، لالچ ۽ خونخواريءَ جا جذبا ڏسڻ ۾ ايندا آهن. سامراجي دور کان اڳ جون دشمنيون ۽ مختلف نسلن جي وچ ۾ پرائيون نفرتون وري موٽي ايندیون آهن. بالوباس، لولو آس کي ڪارائڻ کان انڪار ڪندو آهي. ڪٽنگا، پنهنجي ڌار رياست ناهي وٺندو آهي. ۽ البرٽ ڪولونجي، ڏکڻ ڪاميائيءَ جو بادشاهہ ٿي ويهندو آهي. آفريڪي ڳانڍاپي جو اڻ لکو نظريو ـــ

اهو نظريو، جنهن سان آفريڪا جي مردن ۽ عورتن کي جذباتي دلڳاءُ هو؛ هائي اهو "آفريڪي ڳانڍاپو" بي نقاب ٿي ويندو آهي؛ ۽ قوميت جي خول ۾ رهندي علاقائيت جي ٽڪرن ۾ ورهائجي ويندو آهي، اهو قومي برجوازي، جيڪو پنهنجي غرض جو بندو هجڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه هوندو آهي، ۽ جنهن جي نظر پنهنجيءَ لالچپائيءَ کان اڳتي نه ويندي آهي، سو قومي ڳانڍاپي قائم ڪرڻ ۽ قوم کي وڌيڪ سگهاري ۽ تخليقي بنيادن تي ٻيهارڻ ۾ بلڪل لنگڙو لولو ڏسڻ ۾ ايندو آهي ۽ اهو قومي ڳانڍاپو، جنهن سامراجيت کي پٽتي هٿڻ تي مجبور ڪيو هو، سو هائي ڇڙوڇڙ ٿي ويندو آهي، ۽ ڪٽيل سوپ کي وڃائي ڇڏيندو آهي.

نسلن ۽ قبيلن جون بيرحمانه لڙايون ۽ غير ملڪين جي وڃڻ کان پوءِ خالي جاين کي ڀرڻ لاءِ اُبهرايون وغيره مذهبي مخالفتن کي به اُڀاريندیون آهن. ٻهراڙين ۽ جهنگلن ۾، ننڍيون برادريون، مقامي مذهب ۽ مرابطي عقيدا، هڪ نئين جوش جو اظهار ڪندا آهن ۽ هڪ ڀيرو وري برادريءَ ۽ مذهب مان خارج ڪرڻ جي مهم جو آغاز ٿيندو آهي. وڏن شهرن ۾ انتظامي طبقي جي سطح تي اسان ٻن الهامي مذهبن ـــ اسلام ۽ عيسائيت ـــ کي پاڻ ۾ زور آزمائي ڪندي ڏسندا آهن.

سامراجيت، جنهن کي آفريڪي ڳانڍاپي جي سوچَ، پاڙئون پٽي اڇلائي ڇڏيو هو، پنهنجي خالي ڪيل جاءِ ڀري وٺندي آهي ـــ ۽ تحريڪ جي سيني اوٺاين مان فائدو وٺندي، ٻڌيءَ جي ارادن کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪندي آهي ـــ آفريڪي ماڻهن تي "روحاني" مخالفتن جو هجڻ ظاهر ڪري، سامراجيت انهن کي هلچل ۾ آڻيندي آهي. سينيگال جي روزاني اخبار "نئين آفريڪا"، هر هفتي اسلام ۽ عربن جي خلاف نفرت جو زهر اوڳاڇيندي رهندي آهي. لبناني، جنهن جي هٿن ۾ اولهه وارن ساموندي ڪنار جو ٿورو گهڻو واپار آهي، قومي برائيءَ لاءِ چونڊيو ويندو آهي. پادري، موقعي جي مناسبت سان عوام کي ياد ڏيارينندا آهن ته يورپي سامراجي جي اچڻ کان اڳ، عظيم آفريڪي حڪومتن تي عربن جي قبضي جي ڪري ئي يورپي سامراجيت لاءِ رستو صاف ٿيو. عرب سامراجيت جو عام ذڪر ٿيندو آهي، ۽ اسلام جي ثقافتي سامراجيت کي ننڍيو ويندو آهي. عام طرح مسلمانن کي اعليٰ عهدن کان پري رکيو ويندو آهي. مسلمانن جي علائقن ۾ معاملو ان جي ابتڙ هوندو آهي. اتي مقامي عيسائين کي قومي آزاديءَ جو باشعور ۽ حقيقي دشمن سمجهيو

ويندو آهي. سامراجيت وڏي ايڏنگائيءَ سان هر ڏور ڇڪيندي رهندي آهي، ۽ انهن آفريڪين کي، جيڪي ڪالهه سامراج جي مقابلي ۾ گڏ هئا، پاڻ ۾ ويڙهائي ڏاڍي مطمئن نظر ايندي آهي. ڪو سينٽ بار ٿولوميو ڪن ذهنن ۾ جڳهه ناهي وٺندو آهي، ۽ سامراجيت جا پوئلڳ جڏهن آفريڪي ڳانڍاپي جا شاندار اعلان ٻڌندا آهن، ته پنهنجي دلين ۾ مسخرانه کل کلندا آهن، هڪ ملڪ ۾ ئي مذهب، عوام کي مختلف روحاني ويچن ۾ ورهائي ڇڏيندو آهي، جن کي سامراج ۽ سندس چيلا، پنهنجيءَ پنهنجيءَ جاءِ تي جيئن جو تيئن رکندا آهن. هيڏانهن هوڏانهن انتهائي اوچتا واقعا پيش ايندا آهن. جن علائقن ۾ ڪيٿولڪ ۽ پروٽيسٽمنٽ فرقن جو زور هوندو آهي، اُتي اسان مسلمان ٿورائيءَ وارن کي غير معمولي سرگرميءَ سان دين سان لاڳاپيل ڏسندا آهيون. اسلامي ڏڻ ــ وار جيئرا ڪيا ويندا آهن ۽ اسلام، ڪيٿولڪ دين جي جارحانه آپيشاهيءَ جي خلاف پنهنجي ذري پرزي جي حفاظت ڪندو آهي. ڪن ماڻهن کي راضي رکڻ لاءِ ملڪ جي وزير اهو چوندي ٻڌا ويندا آهن ته جيڪڏهن مسلمان قناعت نه ٿا ڪن ته سندن لاءِ ڇڳو اهو آهي ته قاهره هليا وڃن. ڪڏهن ڪڏهن آمريڪي پروٽيسٽمنٽ پڻ پنهنجي ڪيٿولڪ ــ دشمن تعصب جو بج آفريڪا جي سرزمين ۾ پوکيندا آهن ۽ مذهب وسيلي قبائلي دشمنيون جيئريون رکندا آهن.

آفريڪا کنڊ کي ڏسندؤ ته هتي مذهبي ڇڪتاڻ، عام نسلي جذبات جي اوسر جو سبب نظر ايندي. آفريڪا ڪاري ۽ گوري ۾ ورهايل آهي، ۽ ان کي جيڪي نوان نالا (يعني "عظيم صحرا" جو اتر وارو آفريڪا ۽ ڏکڻ وارو آفريڪا وغيره) ڏنا ويا آهن، سي به انهيءَ ڳجهيءَ نسل پرستيءَ کي لڪائڻ ۾ اجايا ويا آهن. هتي انهيءَ ڳالهه تي زور ڏنو ويندو آهي ته اڇي آفريڪا جون هزارين ورهيه پراڻيون ثقافتي روايتون آهن ۽ اهو رومي سمنڊ جي خطي جو هڪ حصو آهي، يورپ جي سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي، يوناني ۽ لاطيني تهذيب جو وارث آهي. ڪاري آفريڪا کي سست، ظالم ۽ غير مهذب علائقو سمجهيو ويندو آهي، جنهن کي توهان هڪ لفظ ۾ وحشي جئي سگهو ٿا. توهان اتي سارو ڏينهن نقاب پوش عورتن، گهٽين شادين ڪندڙ مردن ۽ عورتن جي باري ۾، عربن جي هٿ ٺوڪي نفرت جي باري ۾ تڪيون ۽ تيز ڳالهيون ٻڌي سگهو ٿا. اهي سموريون ڳالهيون پنهنجي جارحانه انداز جي ڪري، انهن ڳالهين جي ياد ڏيارين ٿيون، جيڪي ڏاڙئين ٿوروءَ جي زبان مان ٻڌيون ويندیون

هيون. انهن ٻنهي وڏن مذهبن جو قومي بورجوازي، جيڪو سامراجي سوچ جي انداز کي ان جي انتهائي بگڙيل صورت ۾ هضم ڪندو آهي. يورپين کان هڪ اهڙو نسلي فلسفو وٺي، آفريڪا کنڊ ۾ پوکيندو آهي. جيڪو آفريڪا جي آئيندي لاءِ انتهائي تباهه ڪُن هوندو آهي. پنهنجي سستيءَ ۽ نقاليءَ جي عادت جي ڪري، هيءُ ان نسل پرستيءَ جي پيوند ڪاري ۽ سخت گيريءَ جي پالنا ڪندو آهي، جيڪا سامراجي دور جي خاصيت هئي. بس اهڙي ملڪ ۾ جيڪو پاڻ کي آفريڪي چوائي ٿو، سنئون سڌو نسل پرستيءَ جون ڳالهيون ٻڌڻ ۽ اهڙي رواداريءَ واري برتاءَ جو مشاهدو ڪرڻ، جيڪو اهو ڏکوئيندڙ تاثر ڏئي ته توهان پيرس، برساز، يا لنڊن ۾ آهيو، ڪا اچرج جهڙي ڳالهه نه آهي. آفريڪا جي ڪن علائقن ۾ شيدين سان مٿيري هئڻ واري روش ۽ مغربي تهذيب کان اُڌارو ورتل هيءَ ادنگو تصور ته "ڪارو ماڻهو منطق ۽ سائنس کان ڪورو آهي،" بلڪل چٽي ۽ اگهاڙي انداز ۾ هلندڙ آهي. گهڻو ڪري ڏسڻ ۾ ايندو آهي ته ڪاري چمڙيءَ واري ٿورائيءَ کي هڪ قسم جي نيم غلاميءَ ۾ جڪڙيو ويو آهي، جنهن جو فطري نتيجو اها بي اعتمادي آهي، جيڪا ڪاري چمڙيءَ وارا آفريڪي ملڪ، اڇي چمڙيءَ وارن آفريڪي ملڪن جي باري ۾ محسوس ڪندا آهن. هيءَ هڪ عام ڳالهه آهي ته ظالم اڇي چمڙيءَ واري ڪنهن آفريڪي ملڪ جي شهر ۾ ڪاري چمڙيءَ وارو آفريڪي گهمندو ڏسبو آهي ته ٻار ان کي "شيدي" چوندا آهن ۽ آفيسر ان سان گلابي انگريزيءَ ۾ ڳالهائيندا آهن ـــ ۽ بدقسمتيءَ سان هيءَ ڳالهه به لڪل نه آهي ته ڪاري آفريڪا جي انهن شاگردن کان، جيڪي اڇي آفريڪي جي سيڪنڊري اسڪولن ۾ پڙهندا آهن، اسڪول جا ساٿي اهو پڇندا آهن ته "ڇا اوهان جي ملڪ ۾ گهر به هوندا آهن؟ توهان کي اِها خبر آهي ته بجلي ڇا ٿيندي آهي؟ ۽ ڇا توهان جي خاندان ۾ آدم خوريءَ جو رواج آهي؟" بدقسمتيءَ سان هيءَ ڳالهه به بنهه لڪل نه آهي ته عظيم صحرا جي اتر وارن ڪن علائقن مان صحراءِ اعظم جي ڏکڻ وارن علائقن ۾ ايندڙ آفريڪي، جڏهن پنهنجي قومي پائرن سان ملندا آهن، تڏهن اهي اتر وارا گهومائو پنهنجن قومي پائرن کي چوندا آهن ته "اسان کي ڪٿي به وٺي هلو، پر شرط اهو آهي ته اسان شيدين سان ملي سگهون." اهڙيءَ ريت ڪاري آفريڪا جي ڪن نون ملڪن ۾ پارليمانيٽ جا ميمبر، بلڪ وزير پڻ چرچي جي ٿوري وِٿيءَ کان سواءِ اهو سمجهندا آهن ته ڪين اهو خوف نه آهي ته سامراجيت سندن ملڪ تي وري قبضو ڪري

وٺندي، پر خطرو "اتر کان ايندڙ عرب لٽيرن" جي حملي جو آهي.

اسان ڏسون ٿا تہ بورجوازيءَ جو ڏيوالو رڳو اقتصادي ميدان ۾ نہ ايندو آهي، پر اُهو هڪ تنگ نظر قوم پرستيءَ ۽ هڪ نسلي نمائندگيءَ جي آڌار تي اقتدار ۾ ايندو آهي. انهن دلڪش اعلانن جي باوجود، جيڪي ان ڪري ڪوڪلا هوندا آهن، جو مقرر، غير ذميوراڻہ انداز ۾ اهي محاورا ۽ اصطلاح استعمال ڪندو رهندو آهي، جيڪي سنئون سڌو اخلاق ۽ سياسي فلسفي تي يورپي رسالن مان ورتا ويا هوندا آهن. بورجوازي اهڙي پروگرام تي ڪاميابيءَ سان عمل ڪرڻ ۾ پنهنجي نااهليءَ جو ثبوت ڏيندو آهي، جنهن ۾ ٿورو بہ انسانيت نواز پهلو هوندو آهي. جڏهن بورجوازيءَ جا هٿ مضبوط هوندا آهن، جڏهن هو هر شيءِ ۽ هر شخص کي پنهنجي اقتدار لاءِ ڪم آڻي سگهندو آهي تہ هو وڏي پختي نموني ۾ ڪن اهڙن جمهوري خيالن جي حمايت ڪرڻ ۾ نہ هٻڪندو آهي، جن جي باري ۾ هيءُ تصور عام آهي تہ اهي آفاقي طرح عمل جوڳا آهن. ائين تمام گهٽ ٿيندو آهي تہ اهو بورجوازي، جنهن جا پير ناڻي واري پاسي کان سوگها هوندا آهن، پنهنجن ئي ماڻهپي وارن نظرين جي نفيءَ تي مجبور ٿئي ۽ مغربي بورجوازي، جيتوڻيڪ بنيادي طرح نسل پرست آهي، پر پنهنجي انهيءَ نسل پرستيءَ کي پنهنجن ورن وڪڙن ۾ لڪائي ڇڏيندو آهي. اهڙيءَ ريت عظيم انساني ننگ ۽ ناموس جي حمايت جي باري ۾ سندس پرم قائم رهندو آهي. مغربي بورجوازيءَ، ايڏيون رڪاوٽون ۽ ويڇا وجهي ڇڏيا آهن، جو هاڻي ڪيس انهن ماڻهن جو ڪوبہ مڙساڻو ڊپ نہ آهي، جن کي هو هيٺو سمجهي لٽيندو رهيو آهي، جيسين تائين شيدين ۽ عربن جو واسطو آهي، تہ مغربي بورجوازيءَ جي نسلي ڊونڊ جو بنياد، نسلي عرب تي آهي. اها هڪ اهڙي نسل پرستي هوندي آهي، جيڪا هر انهيءَ شيءِ کي ننڍو بنائي ڇڏيندي آهي، جيڪا سندس نظر ۾ نہ ٻل آهي. بهرحال بورجوازيءَ جا نظريا، جيڪي انسانن جي وچ ۾ هڪ بنيادي هڪجهڙائي جي اعلان تي ٻڌل هوندا آهن، سندس پنهنجيءَ نظر ۾ منطقي ڏسڻ ۾ ايندا آهن، جو اهي نيٺ "اڌ انسانن" کي پوري انسان بنجڻ جو سڌ ڏيندا آهن ۽ انهن جي سمجهہ آهر مغربي انسانيت جو نمونو مغربي بورجواز هوندو آهي. نوجوان قومي بورجوازيءَ جو نسلي ساڙ، بچاءَ واري نسل پرستي آهي، جيڪا خوف تي ٻڌل هوندي آهي. بنيادي طرح اهو ساڙ بچڙي قبائليت، ڪٽنبن ۽ برادرين جي وچ ۾ رنجشن کان مختلف نہ هوندو آهي. اهڙيءَ ريت اسان سمجهي سگهون ٿا تہ ذهين عالمي مبصرن،

آفريڪي ڳانڍاپي جي باري ۾ سگهاري سڌ ڪي ڪڏهن به سنجيدي ڳالهه ڇو نه تصور ڪيو، اهو اُن ڪري جو ان ڳانڍاپي ۾ هر ڏسندڙ کي ايترا گهڻا سوراخ ڏسڻ ۾ ايندا آهن، جو آخرڪار ڏاهپ واري ڳالهه اها نظر ايندي آهي ته ان کان اڳ جو ڳانڍاپي جو ڏينهن اچي، انهن تضادن کي حل ڪيو وڃي.

آفريڪا جي عوام بنهه هاڻي ويجهڙائيءَ ۾ "پاڻ سُڃاڻڻ" شروع ڪيو آهي. ان عوام پوري ڪنڊ ۾ آفريڪا جي نالي تي وڏي سمجهه سُرت سان سامراجي جي خلاف اٿڻ جو پهه ڪيو آهي. هاڻي قومي بورجوازي، جيڪو هر خطي ۾ پنهنجن پيرن ڄمائڻ ۽ ڦرلٽ جي هڪ قومي ڄار اُڻڻ ۾ ڏاڍي ڦڙتائي ڏيکاري رهيو آهي، هن اتحاد جي پوٽوپيائي (خيالي) تصور جي راهه ۾ رڪاوٽون ڪڙيون ڪرڻ بي پناهه جاکوڙ ڪري رهيو آهي. قومي بورجوازي، جيڪو پنهنجن مقصدن ۾ بلڪل چٽو آهي، اُن اهو پهه ڪيو آهي ته اهو، هن ڳانڍاپي جو ۽ پنجويهه ڪروڙ انسانن جي پنهنجي ڪم عقلي، بک ۽ غير انسانيت تي هڪ ئي وقت سوپ حاصل ڪرڻ جي ٻڌيءَ ۽ جاکوڙ جو رستو جهلي، انهن ڪارٽن جي ڪري اسان کي اهو سمجهڻ گهرجي ته آفريڪ ڳانڍاپي جو ڦل، عوام جي وڏندڙ سگهه ۽ عوام جي رهنمائيءَ مان ئي [illegible] آهي، جنهن جي معنيٰ هيءَ ٿي ته بورجوازيءَ جي لالچي سگهه کي چٽيو و [illegible]

جيستائين گهرو معاملن ۽ مختلف ادارن جو واسطو آهي، قو [illegible] بورجوازي اتي به ڏٺو وائٽو پنهنجي نااهليءَ جو ثبوت ڏيندو آهي. ڪن اُسرندڙ ملڪن ۾ پارلياماني ڪيل پهرئين ڏينهن ڪان ئي چالبازيءَ تي ٻڌل هوندو آهي. ناڻي واري پاسي کان هيٺي، سماجي لاڳاپن جي هڪجهڙائي رٿڻ ۾ ناڪام، ۽ پنهنجي طبقي جي سوگهائپ جي اصول تي بيئل بورجوازي، اهو حل چاهيندو آهي، جيڪو ڪيس سولو ڏسڻ ۾ ايندو آهي ـــ يعني رڳو هڪ سياسي جماعت جو چڏڻ، ان کي اُهو راضپي وارو ضمير ۽ سُڪون نه ملي سگهندو آهي، جيڪو رڳو ناڻي واري سگهه ۽ رياستي جوڙجڪ تي ڪنٽرول جو ڪم ئي ڏيئي سگهي ٿو. بورجوازي، اهڙي رياست نه ناهيندو آهي، جيڪا هڪ عام شهريءَ کي سک ڏيئي سگهي، پر هو هڪ اهڙي رياست ناهيندو آهي، جيڪا عام شهريءَ جي ڏکن ڏولائن ۾ وڌيڪ واڌارو ڪندي آهي. رياست، جنهن کي پنهنجي سمجهه، سياڻپ ۽ سگهه سان ماڻهن ۾ پاڻ تي پروسو پيدا ڪري، ڪين بي هٿيار بنائڻ ۽ لولي ڏيئي سک سمهارڻ گهرجي، ان جي ابتڙ پنهنجي شاهاڻي ڏيک ڏيکارڻ سان شهرين تي پاڻ کي مڙهيندي آهي، الڳ الڳ

ڏيک ڏيکاريندي آهي، ماڻهن کي ڊيڄاريندي آهي ۽ اهڙي طرح شهرين کي اهو احساس ڏياريندي آهي تہ اهي لڳاتار خطري ۾ آهن. هڪ جماعتي نظام، بورجوا ــ آمريت جو اهو نئون گهاڙيٽو آهي، جيڪو بي رنگ، بي ضمير ۽ بي لحاظ هوندو آهي. اها حقيقت آهي تہ اهڙي آمريت گهٽو جٽاءُ نہ ڪندي آهي(١) اها خود پنهنجن تضادن جو سلسلو روڪي نہ سگهندي آهي. جيئن تہ بورجوازيءَ وٽ پنهنجي سوگهائپ مڙهي رکڻ ۽ باقي ملڪ جي اڳيان ٽڪر پور اُڇلائڻ لاءِ اقتصادي ذريعا نہ هوندا آهن، ان کان سواءِ، هو پنهنجي ڪيسا انتهائي ادنگي طريقي سان پيرڻ ۾ رڌل رهندو آهي. ان ڪري ملڪ اجا بہ وڏيڪ گهري ماڻار جي وَرَ چڙهي ويندو آهي. انهيءَ ماڻار کي لڪائڻ ۽ انهيءَ موت (رجعت) تي پردي وجهڻ لاءِ، پنهنجي پاڻ کي همٿ ۽ ٻي ڪا شيءِ ڏيڻ لاءِ، جنهن تي هو پاڻ پڌائي سگهي، بورجوا کي ان کان وڌيڪ سٺي ڪا صورت نظر نہ ايندي آهي تہ هو گاديءَ واري شهر ۾ سهڻيون جڳهون تيار ڪرائي ۽ پئسو انهن شين تي خرچ ڪري، جن کي عام طرح ڏيکاءَ وارو خرچ چيو ويندو آهي.

قومي بورجوازي، پنهنجي پٽتي پيل ملڪ جي اندروني ۽ حقيقي مسئلن کان منهن موڙيندو ويندو آهي، ۽ اڳوٽي قابض ڌر ۽ پرڏيهي سرمائيدارن ڏانهن مائل ٿيندو ويندو آهي، جيڪي سندس ها ۾ ها واري ڳالهہ تي ڀروسو ڪندا آهن. جيئن تہ هو پنهنجي ڪمايل موڙيءَ ۾ عوام کي ڀاڱي ڀائيوار نہ بنائيندو آهي ۽ ماڻهن کي انهي موڙيءَ مان ذرو بہ فائدو وٺڻ نہ ڏيندو آهي، جيڪا وڏيون وڏيون پرڏيهي ڪمپنيون ڪيس ڏيندیون رهنديون آهن، اُن ڪري اُن بورجوازي کي هڪ اهڙي عوامي رهنما جي گهرج هئڻ جو احساس ٿيندو آهي، جيڪو اقتدار کي طاقتور ڪرڻ ۽ ان جي مڙهيل هئڻ کي جيئن جو تيئن رکڻ جو ٻٽو ڪردار ادا ڪري سگهي. پٽتي پيل ملڪن جي بورجوازي آمريت، پنهنجي سگهہ ڪنهن عوامي اڳواڻ جي وجود مان حاصل ڪندي آهي. اسان کي سڌ آهي تہ سڌريل ملڪن ۾ بورجوازي آمريت، بورجوازيءَ جي ناٿي واري سگهہ جو نتيجو هوندي آهي. ان جي ابتڙ پٽتي پيل ملڪن ۾ عوامي اڳواڻ، اخلاقي قوت جو اهجاڻ هوندو آهي، ۽ ان جي اوٽ ۾ تازي ڄاول قوم جو هيٺو ۽ غريب بورجوازي، آسودي بنجڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. عوام، جنهن ڪيترن سالن.تائين انهيءَ رهنما کي ڏٺو آهي، سندس تقريرون ٻڌيون آهن، ۽

(١) هتي بنگلاديشي نظام کي سمجهڻ گهرجي. (مترجم)

جيڪو ان رهنما کان پري رهي بہ هڪ خواب جي ڪيفيت سان سامراجي قوتن جي مقابلي ۾ سندس پوئلڳ رهيو آهي، اُهو انهيءَ محبت وطن رهنما تي بي پناهہ پروسي جو اظهار ڪندو آهي. آزاديءَ کان اڳ هيءُ رهنما، عام طرح عوام جي آزاديءَ جي آسن، سياسي آزاديءَ ۽ قومي ننگ ناموس جو اهجاڻ هوندو آهي. پر آزاديءَ جي اعلان ٿيندي ئي اهو رهنما عوامي ضرورتن کي وساري (جيڪي ضرورتون يعني ماني، زمين ۽ ملڪي انتظام، عوام جي مقدس هٿن ۾ ڏيڻ تي ٻڌل هونديون آهن)، پنهنجا نجي مقصد اڳيان آئيندو آهي. هاڻي هو ان منافعي خور ڌڙي جي صدارت ڪندو آهي، جيڪو پنهنجي فائدي لاءِ آتو هوندو آهي ۽ جنهن مان قومي بورجوازيءَ جي جماعت ٺهندي آهي. پنهنجي اڳوٽي سچائيءَ واري روبي ۽ خلوص ۾رين اعلانن جي باوجود، جيڪڏهن غير جانبداريءَ سان ڏٺو وڃي تہ اهو عوامي رهنما، انهن مفادن جي سخت چوڪيداري ڪندو آهي، جيڪي اڄ قومي بورجوازيءَ ۽ اڳوٽين سامراجي ڪمپنين جي گڏيل مفاد هوندا آهن. اهڙيءَ ريت سچائي، جيڪا سندس روح جو گڻ هئي، سا آهستي آهستي ختم ٿيندي ويندي آهي. سندس عوام سان لاڳاپو ايتريقدر حقيقت کان خالي ٿي ويندو آهي، جو نيٺ هو پاڻ اهو سمجهڻ لڳندو آهي تہ ماڻهو سندس اقتدار کان نفرت ڪن ٿا ـــ ۽ اهي خدمتون، جيڪي هو ملڪ لاءِ اڄ تائين ڏيئي چڪو آهي، تن تي شڪ ڪيو پيو وڃي. هو عوام جي ڪيس وساري ڇڏڻ کي ڏاڍيءَ ڪاوڙ سان ڏسندو آهي. هاڻي روز بروز هو پاڻ کي ڌارين ڦورن سان شامل ڪندو ويندو اهي. ان ڪري هاڻي هو ڄاڻي واڻي انهيءَ نوخيز بورجوازيءَ جو سهڪاري بنجي ويندو اهي، جيڪو بديءَ ۽ لعنت پرستيءَ جي گپ ۾ ڦاٿل هوندو آهي. نئين رياست جون ناٿي واريون راهون آخرڪار اچي نين سامراجي راهن سان ملنديون آهن. ڪلهہ تائين جنهن قومي اقتصاديات جي چوڪيداري ڪئي ويندي هئي، اڄ ان کي پنهنجي هٿ وس ڪيو ويندو آهي. بجيٽ کي قرضن ۽ امدادن سان پورو ڪيو ويندو آهي. جڏهن تہ هر ٻئي ٽئين مهيني وزيرِ اعظم پاڻ يا سندس نائب پنهنجي پراڻي آقا ملڪ، يا ڪنهن ٻي جاءِ تي سرمائي جي جاچ ۾ نڪري ويندو آهي.

اڳوٽي سامراجي قوت پنهنجا مطالبا وڌائيندي آهي، رعايتن ۽ ضمانتن جوڳن ۾روسن جا ڍير گڏ ڪندي آهي، ۽ اُها ان ۾ غلبي کي، جيڪو ڪيس قومي حڪومت تي حاصل آهي، لڪائڻ جي بنهہ گهٽ ڪوشش ڪندي آهي.

عوام، جيڪو رحم جوڳي حد تائين نہ برداشت ٿيندڙ غريبيءَ جي بار هيٺان دٻجي ويندو آهي، سو آهستي آهستي پنهنجن اڳواڻن کي پاڙيتو سمجهڻ لڳندو آهي. عوام جي اها سڃاڻي انهيءَ معنيٰ ۾ تہ اجا بہ سخت هوندي آهي تہ بورجوازي ڪنهن شيءِ مان سبق پرائڻ جي لائق ئي نہ هوندو آهي. ناٿي جي جنهن ورچ تي بورجوازي اثرانداز ٿيندو آهي، سا گهڻن حلقن ۾ نہ پکڙندي آهي، نہ اها مختلف درجن تائين پهچندي آهي، ۽ نہ ئي اها درجي بنديءَ جون ڏاڪڻيون ٽاهيندي آهي. اهو نئون فرقو، ان ڪري بہ ڪرپ جوڳو اٿلو ان کان بہ گهڻو ڪڏو هوندو آهي، جو عوام جي گهڻائيءَ جو نائون، ڏهون حصو بڻن ۾ پاڻ پيو ٿيندو آهي. پئسي جي حاصلات لاءِ انهيءَ فرقي جي نہ ڏسڻ جهڙي تڪڙي هيچ ۽ اڍنگي ڦرلٽ جي ڪري ئي عوام ۾ هڪ اهڙي سڃاڻي ۽ هڪ پڙڪندڙ شعور پيدا ٿيندو آهي، جيڪو ايندڙ طوفانن جو يقين ڏيارينندو آهي. بورجوازي طبقي يعني قوم جو اهو طبقو، جيڪو پنهنجي فائدي لاءِ ملڪ جو سڄو سرمايو گڏ ڪري وٺندو آهي، سمجهہ ۾ نہ ايندڙ منطق سان ٻين شيدين ۽ عربن جي باري ۾ اهڙي ڪرپ پريل راءِ ڏيندو آهي. جيڪا سامراجي سگهہ جي اڳوڻن نمائندن جي نسل پرست عقيدن جي ياد ڏيارينندي آهي. ان سان گڏوگڏ عوام جي غريبي ۽ بورجوازي طبقي جي بي پناهہ ڪمائي، ۽ ٻيءَ سموريءَ قوم لاءِ سندس نفرت ان جي فڪر ۽ عمل جي سخت گيريءَ جو ڪارڻ بنبي آهي. پوءِ اهڙا انديشا اقتدار جي طاقت کي ڪم ۾ آڻيندا آهن ۽ آمريت جي آڻڻ جو سبب بنبا آهن. اهو عوامي اڳواڻ، جنهن وٽ پوري زندگيءَ جي سياسي ڀڄ ٻڌڪ ۽ بي لوث وطني اُڪير هوندي آهي. سو هاڻي عوام ۽ هيچي بورجوازيءَ جي وچ ۾ هڪ پردو بنجي ويندو آهي، ڇو تہ هو انهيءَ طبقي جي ناسمجهيءَ جو تہ ضامن بنجي ويندو آهي، پر انهيءَ طبقي جي بدتميزيءَ، خسيس پڻي، ۽ بنيادي بداخلاقيءَ کي ٽاري ڇڏيندو آهي. اهو عوام جي جاڳندڙ شعور کي روڪيندڙ قوت جو ڪم ڏيندو آهي. اهو بورجوازي طبقي جي مدد ڪندو آهي، ۽ ان جي چالبازين کي عوام کان لڪائيندو آهي ــ ۽ اهڙيءَ ريت عوام کي پريشان خيال ۽ گمراهہ ڪرڻ جو ڪم ڏاڍي زور شور سان ڪندو آهي. جڏهن هو عوام سان مخاطب ٿيندو آهي تہ پنهنجي بهادرانہ زندگي، عوام جي نالي تي ڪيل جدوجهد ۽ ماڻهن جي نالي تي حاصل ڪيل سوڀ کي سندن ذهنن ۾ تازو ڪندو آهي ــ ۽ پوءِ ماڻهن تي چٽو ڪندو آهي تہ ڪين مٿس پروسو رکڻ گهرجي. اهڙن آفريڪي وطن

دوستن جا اڻ ڪٿ مثال موجود آهن، جن پنهنجن بزرگن جي ساڃهه ۾رين سياسي قدمن ۾ پنهنجي قوم پرست پهلوءَ جو فيصلي ڪُن طريقو شامل ڪيو. اهي ماڻهو ٻهراڙين مان آيا ۽ حاڪم طاقت جي اکين ۾ بدنام ۽ دارالحڪومت جي قوم پرستن لاءِ شرمساريءَ جو ڪارڻ هئڻ جي باوجود، انهن اهو اعلان ڪيو تہ اهي ٻيلن مان آيا آهن ــ ۽ هنن شيدين جي حق ۾ آواز اٿاريو. انهن ماڻهن پنهنجي نسل جي تعريف ۾ گيت ڳايا ۽ اڳ جو سمورو بار (جنهن ۾ آدم خوري ۽ موت پڻو ٻئي شامل آهن) پنهنجي سر تي کنيو. ڏک آهي جو اهي ئي ماڻهو، انتظاميہ جي اهڙي ٽولي جا سربراهہ آهن، جيڪو ٻيلن کان پنهنجو منهن موڙي اها دعويٰ ڪندو آهي تہ سندن عوام جو ڪم ئي ٻانهپ ڪرڻ، ٻانهپ ڪندو رهڻ ۽ قيامت تائين ٻانهو ٿي رهڻ آهي.

اڳواڻ، عوام کي تسليون ڏيندو رهندو آهي. آزاديءَ ملڻ کان پوءِ ڪيترن سالن تائين اسان ڏسندا آهيون تہ اهو اڳواڻ ماڻهن کي ڪو نوس ڪم ڪرڻ تي تيار نہ ڪري سگهندو آهي، اهو عوام تي آئيندي جا دروازا کولڻ ۽ ڪين قوم جي نئين سر اڏاوت، ٻين لفظن ۾ ڪين پنهنجي سڌاري ۽ واڌاري جي واٽ ونائڻ ۾ ناڪام ثابت ٿيندو آهي. اسان ڏسندا آهيون تہ اهو تاريخ جي آزاديءَ جو جائزو وٺندو رهندو آهي، ۽ آزاديءَ جي جدوجهد جي مقدس ميلاپ کي ياد ڪندو رهندو آهي. پر جيئن تہ اهو اڳواڻ قومي بورجوازي کي ختم ڪرڻ کان انڪار ڪندو آهي، ان ڪري اهو عوام کي چوندو آهي تہ توهان اڳ ڏانهن موٽي وڃو؛ ۽ ان دور جي ياد ۾ مگن رهو، جيڪو دور توهان کي نيٺ آزاديءَ ڏانهن وٺي آيو. معروضي طرح اسان ڏسندا آهيون تہ اڳواڻ عوام کي ماٺار ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندو آهي، ۽ ان ڳالهہ جي ڪوشش ڪندو آهي تہ يا تہ عوام کي تاريخ مان نيڪالي ڏئي ڇڏي يا ان کي تاريخ ۾ پاڙون کوڙڻ نہ ڏئي. آزاديءَ جي جنگ هلندي تہ اڳواڻ عوام کي سجاڳ ڪيو ۽ ان کي بهاديءَ سان اڳتي وڌڻ جو پروسو ڏياريو، پر اڄ اهو ساڳيو اڳواڻ، عوام کي سمهارڻ لاءِ هر ممڪن طريقا اختيار ڪندو آهي ــ ۽ سال ۾ ٽي چار ڀيرا ڪين سامراجي دور کي ياد ڪرڻ ۽ ان ڊگهي واٽ تي جنهن تي هلي عوام آزاديءَ تائين پهتو هو، هڪ نظر وجهڻ لاءِ ضرور چوندو رهندو آهي. هيءُ سچ آهي تہ عوام کي انهيءَ سفر جي ڪابہ پرواهہ نہ هوندي آهي، جيڪو هو اڄ تائين ڪري چڪو هوندو آهي. هاري جيڪي پنهنجو ڪاڏو زمين مان کوٽي ڪڍي وٺندا آهن ۽ اهي بيروزگار، جن کي ڪڏهن بہ روزگار ملي نٿو سگهي؛ قومي

موڪلن ۽ جهنڊن جي باوجود (پوءِ سندن رنگ ڪٿي ڪيڏا نہ پڙڪيدار ڇو نہ هجن) پنهنجو پاڻ کي اهو ڀروسو ڏياري نہ سگهندا آهن تہ سندن زندگي، ۾ سچ پچ ڪا تبديلي آئي آهي. مگر اهو بورجوازي، جنهن وٽ سگهہ هوندي آهي، جلوسن ۾ بيڪار واڌ ڪندو رهندو آهي. عوام ڪنهن ڏوڪي بازيءَ ۾ اچڻ وارو نہ آهي. اهو بڪيو هوندو آهي ۽ پوليس وارا آفريڪي هجڻ جي باوجود، ڪين ڪنهن قسم جي تسلي ڏيڻ ۾ ڪامياب نہ ٿيندا آهن. عوام ڪاوڙجڻ لڳندو آهي. هو هاڻي ان قوم کان منهن موڙي وٺندو آهي، جنهن ۾ ڪيس ڪابہ جڳهہ نہ ملندي آهي، هاڻي قوم سان سندس لڳاءُ ختم ٿيڻ شروع ٿيندو آهي. پوءِ بہ ڪڏهن ڪڏهن اڳواڻ پنهنجون ڪوششون جاري رکندو آهي. اهو عوام کي مطمئن ڪرڻ، ڪين پُرسڪون رکڻ ۽ خوش ڪرڻ لاءِ ريڊيي تي تقريرن ڪرڻ سان گڏ ملڪ جا دورا ڪندو رهندو آهي. ڪنهن جماعت جي اڻ هوند ۾ اُهو اڳواڻ اجا بہ اهم ٿي ويندو آهي. آزاديءَ جي جددوجهد هلندي گهٽ ۾ گهٽ هڪ جماعت اهڙي ضرور هئي، جنهن کي هيءُ موجوده اڳواڻ هلائي رهيو هو. ليڪن ان کان پوءِ، اها جماعت ڏک جهڙيءَ حد تائين مرٽينگ ٿي وئي. هاڻي سواءِ جماعت جي هڪ خول، امتيازي نشان ۽ دل ليائيندڙ نعري جي وٽس ڪجهہ بہ ناهي رهيو. اها جيئري جاڳندي جماعت، جنهن کي ڪپندو هو تہ اها اهڙن آزادي پسند خيالن جي ڏي وٺ ممڪن بنائي، جيڪي عوام جي حقيقي ضرورتن لاءِ پيدا ٿيا هجن. هاڻي مفاد پرستيءَ جي ٽريڊ يونين بنجي ويندي آهي. آزاديءَ جي اعلان کان پوءِ هاڻي جماعت جو اهو ڪم نہ رهندو آهي تہ اها عوام کي پنهنجي گهرجن جو آواز اٿارڻ سکاري، سندن ضرورتن بابت ۽ عوام جي سگهہ جي غلبي لاءِ سٿيون صلاحيتون پيدا ڪري. اڄ جماعت جو فرض رڳو اِهو هوندو آهي تہ اُها هدايتون عوام تائين پهچائي، جيڪي وزارت اطلاعات طرفان ڪيس ملنديون رهنديون آهن. هاڻي مٿان کان هيٺ ۽ هيٺان کان مٿي تائين اها ڪارائتن خيالن جي ڏي وٺ باقي نہ رهندي آهي، جيڪا ڪنهن جماعت ۾ جمهوريت جي وجود ۽ بقا جي ضامن هوندي آهي. ان جي ابتڙ هاڻي هيءَ جماعت، اڳواڻن ۽ عوام جي وچ ۾ هڪ پردو بنجي ويندو آهي.

هاڻي ڪابہ جماعتي سرگرمي باقي نہ رهندي آهي، ڇو تہ اهي برانچون جيڪي سامراجي دور ۾ گڏ ٿيون هيون، سي هاڻي پوريءَ ريت ختم ڪيون ويندیون آهن. پوءِ ويڙهاڪو هن نئين بندوبست هيٺ آتا رهندا آهن. اهو لاڙو،

جيڪو ڪن تشدد پسندن آزاديءَ جي جنگ هلندي ورتو هو، سو هاڻي جائز ڏسڻ ۾ ايندو آهي؛ ڇو ته سچ هيءُ آهي ته آزاديءَ جي جنگ هلندي ڪيترن تشدد پسندن، پنهنجن رهنمائن کان ڪو عقيدو رکڻ، پنهنجو مقصد چٽيءَ ريت مقرر ڪرڻ ۽ ڪو پروگرام ٺاهڻ جو مطالبو ڪيو هو، پر قومي ڳانڍاپي جي بچاءَ جي عذر جي بهاني، رهنمائن اهڙي قسم جي هر ڪوشش کان انڪار ڪري ڇڏيو هو. گرم ڌر وارن جي هر مطالبي جي جواب ۾ هر ڀيري اهو چيو ويندو هو ته عمل جهڙو اڪيلو عقيدو صرف سامراج جي خلاف سموريءَ قوم جو ڳانڍاپو آهي. اهڙيءَ ريت اصولن جي بجاءِ عوام رڳو هڪ جوش ڀرئي نعري جو هٿيار هٿ ڪري اڳتي وڌندو رهيو. اڳواڻن جي واحد نظرياتي سرگرمي رڳو هيءَ هئي ته اهي عوام جي خود ارادیت واري حق جون ڌار ڌار صورتون پيش ڪن ۽ اهڙيءَ ريت تاريخ جي وهڪري سان گڏ هلندا رهن، جنهن جو لازمي نتيجو سامراجيت جي ڀاڄ جي صورت ۾ نڪرندو. هاڻي جيڪڏهن تشدد پسندن اهو سوال اٿاريو ته ڇا تاريخ جي وهڪري جي ڪجهه چٽي چنڊچاڻ نه ئي ٿي ڪري سگهجي ته اڳواڻن، انهن تشدد پسندن کي اميد ۽ ڀروسي ڏيارڻ بجاءِ سامراج جي خاتمي تي زور ڏنو.

آزاديءَ کان پوءِ جماعت هڪ غير معمولي سستيءَ جي لهرن ۾ لڙهي ويندي آهي. گرم ڌر وارن ڪارڪنن کي رڳو ان وقت ياد ڪيو ويندو آهي، جڏهن عوامي مظاهرن، عالمي مذاڪرن يا آزاديءَ جي تقريرن جو وقت ايندو آهي. جماعت جي مقامي رهنمائن کي انتظاميا سان سلهاريو ويندو آهي. جماعت جو ڪم رڳو انتظامي حدن ۾ ٿيندو آهي، ۽ گرم ڌر وارا ماڻهو عوام جي انبوهه ۾ گم ٿي، هڪ عام شهريءَ جي خول ۾ بند ٿي ويندا آهن. هاڻي جيئن ته گرم ڌر وارا ماڻهو، بورجوا کي اقتدار ڏيارڻ وارو تاريخي فرض پورو ڪري وٺندا آهن، ان ڪري ڪين چيو ويندو آهي ته توهان الڳ ٿي وڃو ته جيئن بورجوازي هاڻي آرام ۽ اطمينان سان حڪومت ڪري سگهي. پر اسان اهو ڏسي چڪا آهيون ته پٺتي پيل ملڪ جو بورجوازي ڪوبه مقصد پوري ڪرڻ جي لائق نه هوندو آهي. ڪجهه سالن کان پوءِ جماعت جو وڳوڙ ظاهر ٿي ويندو آهي ۽ هر سطحي نهار سان ڏسندڙ مبصر کي اها خبر پئجي ويندي آهي، ته اها پراڻي جماعت اڄ رڳو هڪ ڍانچو رهجي ويئي آهي، جيڪا پنهنجي عوام کي ماڻار ۾ ويڙهيل رهڻ وارو ڪم ڪري رهي آهي. اها جماعت، جنهن جدوجهد هلندي سموري عوام کي پاڻ سان ڳنڍي ورتو هو، سا هاڻي ٽڪرا

ٽڪرا ٿي رهي آهي، اهي دانشور، جيڪي آزادي کان هڪ ڏينهن اڳ جماعت ۾ شامل ٿيا هئا، سي هاڻي پنهنجي روش وسيلي اهو ظاهر ڪري رهيا آهن ته آزاديءَ جي حمايت مان سندن مقصد صرف آزاديءَ جي ڪيڪ مان پنهنجي پتي حاصل ڪرڻ هو. هاڻي جماعت ذاتي فائدا حاصل ڪرڻ جو ذريعو بنجي ويندي آهي(١).

پوءِ به نئينءَ حڪومت جي اندر هڪ هٿي ۽ دولت جي حاصلات ۾ اڻ برابري موجود هوندي آهي. ڪن وٽ آمدنيءَ جا ذريعا هوندا آهن، ۽ اُهي، اهو ظاهر ڪندا آهن ته ڪين موقعي پرستيءَ ۾ مهارت حاصل آهي. رعايتون ڏينهون ڏينهن وڌنديون ويندیون آهن؛ بدعنوانيون سوپاربون ٿينديون ويندیون آهن، ۽ اخلاق جو ڏيوالو نڪري ويندو آهي. هاڻي قومي اُپت جي ٿورڙي مال غنيمت تي لامارا ڏيندڙ ڳجهن جو ڳاٽيٽو وڌي ويندو آهي. آزادي وٺندڙ جماعت، جيڪا هاڻي بورجوا جي هٿن ۾ ان جي طاقت جي آلہ ڪار بنجي ويندي آهي، سا ڦرلٽ جي مشين کي تيزيءَ سان هلائڻ شروع ڪندي آهي، ماڻهن کي گهري مانار ۾ ورتل رهڻ جي ضمانت ڏيندي آهي ۽ عوام کي دٻائڻ ۾ حڪومت جي مدد ڪندي آهي. اها وڌيڪ اگهاڙي انداز ۾ جمهوريت دشمن ۽ ظلم جو هٿيار بنجي ويندي آهي. جماعت ٻاهرئينءَ طرح ۽ ڪڏهن ڪڏهن اندروني طور بورجوا جي ڏوهه ۾ پوريءَ ريت ٻاڳي ٻائيوار هوندي آهي. اهڙيءَ ريت قومي بورجوا پنهنجي دولت مان لطف وٺڻ لاءِ پنهنجي اڏاوتي رٿائن کي نظرانداز ڪري ڇڏيندو آهي. انهيءَ نموني ادارن واربن حدن ۾ به هو پارلياميٽري دور مان ٽپو ڏيئي، قومي سوشلزم قسم جي آمريت جي چونڊ ڪندو آهي. اڄ اسان کي خبر آهي ته مهانگي قسم جي اها فاشزم، جنهن جي حڪمراني لاطيني آمريڪا ۾ اڌ صديءَ کان هلندي ٿي اچي، سا انهن رياستن جو جدلياتي نتيجو آهي، جيڪي آزاديءَ وقت نيم سامراجي حالت ۾ هيون.

انهن غريب ۽ پٺتي پيل ملڪن ۾، جتي اڻ ڪٽ دولت، حد درجي جي غربت جي چوڌاري گهيرو ڪيو ويٺي هوندي آهي، اتي فوج ۽ پوليس حڪومت جا ٿنڀا هوندا آهن ــ اهڙي فوج ۽ پوليس، (هڪ قاعدو، جنهن کي وسارڻ نه گهرجي) جنهن کي غير ملڪي ماهر صلاحون ڏيندا آهن! پوليس جي طاقت ۽ فوج جي قوت، انهيءَ نسبت سان هوندي آهي، جنهن نسبت سان سموري قوم مانار جو ڪاچ هوندي آهي. غير ملڪي، هر سال ملندڙ قرضن

(١) انهيءَ چندڀاڻ جي روشنيءَ ۾ پيپلز پارٽيءَ ۽ عوامي ليگ کي ڏسڻ گهرجي.(مترجم)

جي بدلي ۾ رعايتون ڦري وٺندا آهن، سندن زالون سورهن سينگار ڪري نڪرنديون آهن؛ پارليامينٽ جا ميمبر پنهنجا گهر ڀريندا آهن؛ هڪ عام پوليس جي سپاهيءَ کان وٺي ڪسٽم آفيسر تائين ڪوبه شخص اهڙو نه هوندو آهي، جيڪو بدعنوانيءَ جي لعنت جي انهيءَ وڏيءَ ٽوليءَ ۾ نه هجي.

مخالف ڌر اجا وڌيڪ جارح ٿي ويندي آهي ۽ ماڻهو تمام جلد سندس پروپئگنڊا جو اثر وٺڻ لڳندا آهن. بورجوا جي خلاف انهن جي جارحيت، هاڻي صفا چٽي ٿي ويندي آهي. هي نئون بورجوازي، جيڪو وقت کان اڳ پوڙهپڻ ۾ ورتل نظر ايندو آهي، ڪنهن به نصيحت تي ڌيان نه ڌريندو آهي ـــ ۽ اها ڳالهه سمجهڻ جي ساڃهه ئي نه رکندو آهي، ته سندس پنهنجو فائدو به ان ۾ آهي ته هُو پنهنجيءَ ڦرلٽ تي ڪو پردو وجهي، پوءِ اهو ڪيترو به سنهو ڇو نه هجي. برازيل مان شايع ٿيندڙ ڪٽر عيسائي رسالو "آفريڪي هفتيوار"، پنهنجيءَ حڪومت جي شهزادن کي مخاطب ٿيندي لکي ٿو: "توهان جيڪي اڄ سٺي حالت ۾ آهيو؛ توهان کي ۽ توهان جي گهر وارين کي اڄ ڪيتريون آسائشون مليل آهن، سٺي تعليم، سٺو گهر ۽ سٺا لاڳاپا ـــ توهان کي ڪيترن وڦدن ۾ عيوضي ڪري موڪليو وڃي ٿو، ۽ اهڙيءَ طرح توهان تي ڪيترين جنتن جا دروازا کلن ٿا؛ ليڪن توهان جو پئسو توهان جي چوڌاري هڪ سخت خول بنجي ويو آهي، جيڪو خول توهان کي چوڌاري پکڙيل غربت ڏسڻ نه ٿو ڏئي. ڪجهه خبرداريءَ کان ڪم وٺو!" آفريڪي هفتيوار جي انهيءَ ڇينپ ۾، جنهن جا مخاطب مسٽر يولو وارا آهن، اسان کي ڪابه انقلابي ڳالهه نظر نه ٿي اچي. اهو ساڳيو هفتيوار رسالو، ڪانگو جي عوام کي بک مارينڌڙن لاءِ چوي ٿو ته "خدا انهن ظالمن کي سندن عملن جي سزا ڏيندو." اڳتي هلي اهو ساڳيو رسالو لکي ٿو ته "جيڪڏهن توهان جي دلين ۾ انهن ماڻهن لاءِ ڪا جاءِ نه آهي، جيڪي توهان جي ماتحت آهن ته خدا جي گهر ۾ توهان جي لاءِ ڪابه جاءِ نه هوندي."

اهو ته ظاهر ئي آهي ته قومي بورجوا اهڙي چارج شيٽ جا ڪابه پرواهه نه ڪندو آهي. اهو بورجوازي، پنهنجي ڪَن يورپي سُرتا تي لڳائي، وڏيءَ سختيءَ ۽ ثابت قدميءَ سان صورتحال مان وڌ ۾ وڌ فائدي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. اهو اڻ ميو فائدو، جيڪو ڪيس عوام جي ڦرلٽ مان ملندو آهي، سو غير ملڪن ۾ موڪليندو آهي. نئون اُپرندڙ بورجوا گهٽو ڪري غير ملڪي ڪمپنين کان وڌيڪ خود پنهنجي جوڙيل حڪومت کي

شڪ جي نظر سان ڏسندو آهي. قومي بورجوا پنهنجي ملڪ ۾ ناٿي جي سيڙپ کان انڪار ڪندو آهي. اها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته قومي بورجوا پنهنجي ملڪ سان، جيڪو ڪيس ناٿو ڏيندو ۽ پاليندو آهي، ڏاڍي اڍنگائيءَ سان پيش ايندو آهي. هو يورپي منڊيءَ ۾ غير ملڪي حصا خريد ڪندو آهي، ۽ ست ڏينهن موڪل ملهائڻ پيرس يا هيمبرگ ويندو آهي. ڪن پٽتي پيل ملڪن ۾ بورجوا جي روش، چورن جي ڪنهن اهڙيءَ ٽوليءَ جهڙي هوندي آهي، جنهن جا ميمبر هر چوريءَ کان پوءِ پنهنجي هٿ وس مال ٻين سنگتين کان لڪائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ انتهائي چالاڪيءَ سان الڳ ٿيڻ جي باري ۾ سوچيندا آهن. بورجوا جو اهڙو لاڙو، ان ڳالهه کي ظاهر ڪري ٿو ته اهو ڄاڻي واڻي اهڙي راند ڪري رهيو آهي، جيڪا جيڪڏهن گهڻو وقت هلندي رهي ته نتيجو انهيءَ بورجوا جي تباهيءَ ۾ نڪرندو. ان کي اها خبر به هوندي آهي ته اها صورتحال گهڻو وقت جاري نه ٿي رهي سگهي، پر پوءِ به اهو انهيءَ صورتحال مان گهٽي کان گهٽو ڦٽڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. اها پرماريت ۽ ملڪ لاءِ اها نفرت پڪ سان عوام جي دلين ۾ بي آرامي پيدا ڪندي آهي. اهڙين حالتن ۾ حڪومت اڃا به وڌيڪ سختيءَ کان ڪم وٺندي آهي. اسيمبليءَ جي اڻ هوند ۾ فوج تياڪڙ بنجي ويندي آهي. ليڪن ٿوري وقت کان پوءِ فوج کي به پنهنجيءَ طاقت جو احساس ٿي ويندو آهي ۽ اها پڻ موجود حڪومت کي پنهنجي نئين منشور جو دڙڪو ڏيندي آهي. اسان کي خبر آهي ته ڪن پٽتي پيل ملڪن جو قومي بورجوا، ڪتابن مان ڪي ڪين سڪندو آهي. جيڪڏهن لاطيني آمريڪا جي ملڪن جي حالتن کي غور سان ڏسي ها ته اهو قومي بورجوا پڪ ئي پڪ انهن خطرن مان واقف ٿئي ها، جيڪي ڪيس وڪوڙڻ وارا هوندا آهن. انهيءَ ڪري اسان اهو نتيجو ڪڍڻ ۾ حق بجانب آهيون ته ننڍي پيماني جي انهيءَ بورجوا جي قسمت ۾، جيڪو پاڻ کي پهرينءَ صف ۾ ڏڪي چڪو آهي، رڳو اهو لڪيل آهي ته اهو مڙيئي وقت گذاريندو رهي ۽ ڪوبه ڪم پورو نه ڪري. پٽتي پيل ملڪن ۾ بورجوا ـ دور، ديوار نه ڪرڻ جي حد تائين ويران هوندو آهي. پوليس جي آمريت به موجود هوندي آهي ۽ منافعي خور طبقو پڻ، ليڪن هڪ ڊگهي بورجوازي سماج جي اڏاوت بهرحال نه ٿي سگهندي آهي. اهي بي حيا منافعي خور، جن جا هيڇي هٿ غربت جي ڪوڙهه ۾ ورتل ملڪ مان بينڪن جا نوٽ ميڙيندا آهن، سي اڳي پوءِ ان فوج جي هٿن ۾ رانديڪا بنجي ويندا آهن، جنهن فوج کي غير ملڪي ماهر ڏاڍي

چالاڪيءَ سان ڪنٽرول ڪندا آهن. اهڙيءَ ريت اڳوڻو قابض ملڪ، ان بورجوا جي مدد سان، جنهن کي هن نپايو آهي ۽ ان فوج جي مدد سان، جنهن کي ان ملڪ جا ماهر هلائيندا آهن، اڻ سڌيءَ طرح پنهنجي حڪومت قائم ڪندو آهي. فوج ماڻهن کي دٻائيندي آهي، ماڻ ڪرائيندي آهي ۽ ڊيڄاريندي آهي. قومي بورجوا جي باري ۾ پنهنجن مشاهدن جي روشنيءَ ۾ اسان جا ڪيل نتيجا وڏيڪ عجب ۾ وجهندڙ نه آهن. پٺتي پيل ملڪن جي بورجوا جي پيدائش ۽ سندس واڌ ويجهه جي اجازت ئي نه هئڻ گهرجي. ٻين لفظن ۾ عوام کي پنهنجي جماعت جي اڳواڻيءَ ۾ ۽ انقلابي شعور جو هٿيار هٿ ڪيل دانشورن کي، پنهنجي گڏيل ڪوشش سان انهيءَ بيڪار ۽ نقصانڪار وچئين طبقي جي واٽ روڪڻ گهرجي.

گذريل پنجاهه سالن، ۾ جڏهن پٺتي پيل ملڪن جي تاريخ بحث هيٺ آهي ته هيءَ سوال ضرور پيدا ڪيو ويندو آهي ته بورجوازي دور مان سلامت نڪري سگهجي ٿو يا نه؟ انهيءَ نظرياتي سوال جو جواب، منطق جي زور سان نه، پر انقلابي قدمن ذريعي ڏيڻ گهرجي. پٺتي پيل ملڪن ۾ بورجوازي دور صرف انهيءَ صورت ۾ پاڻ کي صحيح سلامت ثابت ڪري سگهي ٿو، جڏهن قومي بورجوازي سماج ناهڻ لاءِ ڪافي اقتصادي ۽ فني قوت موجود هجي؛ اهو هڪ وسيع قسم جي پرولتاريت پيدا ڪرڻ ۽ ان جي وڏڻ ويجهڻ لاءِ ضروري حالتون پيدا ڪري سگهندو هجي، زراعت کي مشيني دور ۾ آڻڻ جي صلاحيت رکندو هجي، ۽ پيچاڙيءَ ۾ هڪ صحيح قومي تهذيب جو وجود ممڪن بنائي سگهندو هجي.

اهڙي قسم جو بورجوازي، جنهن يورپ ۾ تربيت ورتي هجي، جيڪو پنهنجو زندگي جو مقصد تفصيل سان پيش ڪرڻ ۽ ان سان گڏوگڏ پنهنجي قوت مضبوط ڪرڻ جو اهل هجي، جيڪو متحرڪ، پڙهيل ۽ سيڪيولر هجي، سو سرمائي گڏ ڪرڻ کان سواءِ پنهنجي ملڪ جي ٿوري گهڻي خدمت ڪري، ان کي خوشحالي عطا ڪري سگهي ٿو. اسان ڏٺو آهي ته پٺتي پيل ملڪن ۾ حقيقي بورحوا جو اصل ۾ وجود ئي ڪونه هوندو آهي. هتي ته رڳو هڪ ڪميڻو، لالچي، هيچي،اکين پور طبقو هوندو آهي. جيڪو سامراجي قوت کان مليل نفعي کي حاصل ڪري ڏاڍو گدگد ٿيندو آهي. رات وچ ۾ شاهوڪار ٿيڻ جون سڌون ڪرڻ وارو هيءُ وچولو طبقو، ايجادي قوت ۽ عظيم خيالن کان بنهه وانجهيل هوندو آهي. ان کي يورپ جي نصابي ڪتابن ۾ پڙهيل سبق

تہ ياد رهندو آهي: ۽ هو يورپ جي ڪاپي بنجڻ بجاءِ يورپي ماڻهوءَ جي بگڙيل صورت بنجي ويندو آهي.

ڏٽڙيل ملڪن جي بورجوا جي خلاف جدوجهد نظرياتي سطح تي نہ ٿيندي آهي، پر ان کان مختلف ٿيڻ گهرجي. انهيءَ جدوجهد جو ڳانڍاپو تاريخ جي فيصلي مطابق بورجوا کي نندڻ سان نہ هجي. ڏٽڙيل ملڪ جي قومي بورجوا جي مخالفت رڳو انهيءَ ڪري نہ ڪرڻ گهرجي تہ اهو قوم جي ترقيءَ جي رفتار سست ٿيڻ ۽ رڪجڻ جو ڪارڻ بڻيو آهي. حقيقت ۾ قومي بورجوا بلڪل ناڪارو ۽ ڦاٽل جوراب وانگر هوندو آهي. اهو پنهنجي هلڪڙائپ جو مظاهرو، پنهنجن نفعن، پنهنجين ڪاميابين ۽ پنهنجي خيالن ۾ ڪندو آهي ـــ ۽ هو پنهنجيءَ ٽرڙائپ جو ڏيک انهن وڏين عمارتن وسيلي ڏيندو آهي، جيڪي نجي عزت ۽ وقار جو اظهار ڪنديون آهن. وڏين وڏين چمڪندڙ آمريڪي ڪارن ۾، ساموندي ڪنارن تي موڪلون گذارڻ ۾، ۽ روشنين سان مهڪندڙ راتين ۾ هلندڙ ڪلبن جي تفريح ۾ هفتي جو پويون ڏينهن گذاري، هو پنهنجي ٽرڙائپ کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي.

بورجوا، جيڪو سموري عوام کان منهن موڙي ڇڏيندو آهي. سو مغرب کان شاندار رعايتن وٺڻ ۾ سوڀارو نہ ٿيندو آهي، مثلاً: اهڙي سرمائيداريءَ جي حصول ۾، جيڪا ملڪي اقتصاديات لاءِ فائديمند هجي يا جنهن سان ڪارخانا ٺهي سگهن، ان جي ابتڙ اسيمبلي پلانٽ ٺهي ويندا آهن ۽ ملڪ انهيءَ نئين سامراجيت جي صنعت ڪاريءَ لاءِ واقف ٿي ويندو آهي، جنهن ۾ ملڪي اقتصاديات ڏکا ڪائيندي رهندي آهي. ان ڪري اهو چوڻ نہ گهرجي تہ قومي بورجوا ملڪ جي واڌ ويجهہ کي روڪي ڇڏيندو آهي: يا هو وقت وڃائيندو رهندو آهي: يا هيءُ تہ منجهانئس اهو خطرو آهي تہ اهو قوم کي اونداهين راهن ڏانهن وٺي ويندو. حقيقت ۾ ڏنو وڃي تہ ڏٽڙيل ملڪن جي تاريخ ۾ بورجوازي دور پوريءَ ريت بيڪار دور هوندو آهي. اهو طبقو ان وقت ختم ٿي ويندو، جڏهن ڪيس پنهنجا تضاد ڳڙڪائي ويندا. ان وقت اها خبر پوندي تہ آزاديءَ جي اعلان کان وٺي هن وقت تائين ڪابہ نئين شيءِ ٺهي نہ آهي، هر ڪم نئين سر چالو ڪرڻو آهي، ۽ هر شيءِ نئين ناهڻ جي ضرورت آهي. هاڻي مٽاسٽا انهن ڍانچن تائين سوڙهي نہ رهندي، جيڪي بورجوا پنهنجي حڪمرانيءَ جي مدد ۾ قائم ڪيا هئا، ڇو تہ انهيءَ طبقي انهيءَ کان وڌيڪ ڪجهہ ڪيو ئي نہ، پر هن سامراج جا ڇڏيل اقتصادي ورثا، خيال ۽ ادارا جيئن

جو تيئن پنهنجا ڪيا هئا.

انهيءَ بورجوا طبقي کي بي اثر ڪرڻ انتهائي سولو آهي، ڇو تہ جيئن اسان ڏسي آيا آهيون تہ اهو ڳاٽيٽو، دانشوري ۽ اقتصادي ميدان ۾ بہ علمي طرح نبل هوندو آهي. غلام علائقن ۾ بورجوا طبقو آزاديءَ کان پوءِ، پنهنجي سگهہ گهٽو ڪري اڳوڻي سامراجي طاقت سان معاهدن ذريعي وٺندو آهي. قومي بورجوا لاءِ، جابر حاڪمن کان طاقت حاصل ڪرڻ جا اجا وڌيڪ موقعا هوندا آهن. ڇو تہ ان کي اڳوڻي سامراجي طاقت سان راز نياز حاصل ڪرڻ لاءِ وڌيڪ پرسڪون موقعا ملندا رهندا آهن، پر گهرا تضاد بورجوا جي پاڙن کي ڪوکلو ڪري ڇڏيندا آهن. اهوئي سبب آهي جو عام ڏسندڙ کي ان جي هيٺائيءَ جو احساس ٿيندو آهي. انهيءَ طبقي ۾ اجا تائين هڪ رنگي پيدا نہ ٿيندي آهي. مثال طور ڪيترا دانشور، ڳاڻ ڳٽين ماڻهن جي غلبي واري حڪومت کي ننديندا رهندا آهن. ڏٽڙيل ملڪن ۾ ڪيترا روشن خيال، دانشور ۽ سرڪاري آفيسر اهڙا بہ هوندا آهن، جيڪي ڏاڍي خلوص سان اقتصادي رڪاوٽن جي ضرورت محسوس ڪندا آهن، ۽ نفعي خوريءَ کي غير قانوني ثابت ڪرڻ ۽ گمراهيءَ جي هر ڪوشش کي سختيءَ سان روڪڻ جي حق ۾ هوندا آهن. ان کان سواءِ اهڙا ماڻهو، سرڪاري معاملن ۾ ڪنهن حد تائين عوام جي شموليت جي فائدي ۾ هوندا آهن. انهن ڏٽڙيل ملڪن ۾، جيڪي آزاديءَ جي شروعات ڪندا آهن، گهٽو ڪري سدائين ديانتدار دانشورن جو هڪڙو ننڍڙو تعداد موجود هوندو آهي. اهي دانشور سياست جي باري ۾ تہ ڪا واضح ۽ گهٽي ڄاڻ نہ رکندا آهن، پر فطري طور عهدن ۽ وظيفن جي هوڙ کي، جيڪا آزاديءَ جي شروعاتي ڏينهن ۾ خاص ڪري زور هوندي آهي، شڪ جي نظر سان ڏسندا آهن. انهن ماڻهن جي نجي زندگي (وڏن وڏن ڪٽنبن لاءِ روزي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش سان) يا سندن گذريل زندگيءَ جي پس منظر ۾ (سخت جدوجهد ۽ ڪڙي اخلاقي نيپاج) جي ڪري، انهيءَ ڳالهہ جي وضاحت ڪندي آهي تہ انهن جي دلين ۾ سازشين ۽ منافعي خورن لاءِ ظاهر ظهور نفرت ڇو آهي. اسان کي اها خبر ضرور پوڻ گهرجي تہ اهڙن ماڻهن کي هن فيصلي ڪُن لڙائيءَ ۾، جنهن جو اسان پهہ ڪري چڪا آهيون، ڪهڙيءَ ريت هلائڻ گهرجي ـــ جيڪا لڙائي قوم کي صحت مند نقطہ نظر بخشيندي. قومي بورجوا جون واٽون بند ڪرڻ، يقيني طرح اهو واحد طريقو آهي، جنهن جي مدد سان نئين ملندڙ آزاديءَ کي لاهين چاڙهين کي بچائي سگهجي ٿو.

انهيءَ ئي طريقي سان، اخلاقي ڏيوالپڻي، ملڪ ۾ بدعنوانين جي لعنت جي جلوس جي ڦيري ۽ اقتصادي حالت جي سامراجيت ڏانهن موٽ کي روڪي سگهجي ٿو، ۽ سگهه ۽ دٻدٻي تي ٻيٽل غير جمهوري حڪومت جي تباهيءَ جي عمل کي تيز ڪري سگهجي ٿو. پر انهن سڀني ڳالهين کان سواءِ ترقيءَ جو ٻه، اڪيلو اهوئي طريقو آهي. جيڪا شيءِ نئين آزاد ٿيل قومن جي سخت جمهوريت پسند ماڻهن کي فيصلي ڪرڻ کان روڪيندي آهي ۽ انهن جي بزدليءَ ۾ واڌارو ڪندي آهي. سا آهي بورجوا جي ظاهري طاقت. نون آزاد ٿيل ڏٽڙيل ملڪن ۾ سمورو حاڪم طبقو، سامراج جي اڌايل شهرن ۾ گڏ ٿي ويندو آهي. ڪنهن اهڙيءَ چنڊچاڻ جي اڻ هوند ۾، جيڪا پوريءَ آباديءَ تي ٻڌل هجي، ڏسندڙ ائين سمجهندو آهي ته ملڪ ۾ هڪ سگهارو ۽ پوريءَ ريت منظم بورجوا موجود آهي. حقيقت ۾ اسان کي خبر آهي ته اڄ ڏٽڙيل ملڪن ۾ بورجوا طبقو نه هجڻ جي برابر آهي. جيڪا شيءِ بورجوا جي تخليق ڪندي آهي، اها نه ته بورجوائي روح آهي، نه ان جو ذوق، ان جون عادتون ۽ لڇڻ ۽ نه وري ان جون امنگون. بورجوائي بهرحال رڳو نج اقتصادي حالتن جي سنئين سڌي تخليق هوندو آهي.

جيسين تائين ٻيٽڪن جو واسطو آهي، ته اتي اقتصادي حالتون غير ملڪي بورجوا جون پيدا ڪيل هونديون آهن. سامراج جي لتاڙيل شهرن ۾ قابض ملڪ جو بورجوازي، پنهنجي ايجنٽن جي روپ ۾ نظر ايندو آهي. آزاديءَ کان اڳ ٻيٽڪن ۾ مغربي بورجوا جو عمل دخل هوندو آهي، جيڪو قابض ملڪ جي بورجوا جي ئي هڪ ٽاري هوندي آهي. قومي بورجوا، پنهنجو حق، پنهنجي قوت ۽ پنهنجي سگهه، قابض ملڪ جي بورجوا کان ڳنهندو ڪندو آهي. آزاديءَ کان اڳ واريءَ ڇڪتاڻ واري دور ۾ مقامي ماڻهو، دانشور ۽ واپاري، جيڪي ٻاهران آيل بورجوا جي وچ ۾ رهندا آهن، سي پاڻ کي ڏاڙئين بورجوا وانگر ظاهر ڪرڻ لاءِ هٿ پير هڻندا آهن. مقامي دانشورن ۽ واپارين ۾ ٻاهران آيل ڏاڙئين بورجوا سان هڪجهڙائيءَ اختيار ڪرڻ جي هڪ دائمي خواهش موجود هوندي آهي.

قومي بورجوا، جيڪو ڪا حد قائم ڪرڻ کان سواءِ، وڏي ولولي سان ان فڪر کي پنهنجو ڪندو آهي، جيڪو فڪر سامراجي ملڪ جو گڻ هوندو آهي — ۽ پوءِ هو ڏندين آڱريون اچڻ جهڙي نموني سان پنهنجي قومي فڪر کان لاپرواهه ٿي ويندو آهي. جنهن پنهنجي شعور کي انهن بنيادن تي قائم ڪيو

آهي، جيڪي نج غير ملڪي آهن. سندن سموري لالچ جي باوجود ڪيس هڪ ڏينهن احساس ٿيندو آهي ته وٽس هڪ اهڙي شيءِ جي ڪوٽ آهي، جيڪا بورجوا لاءِ انتهائي ضروري هوندي آهي ـــ يعني ناٿو، ڏٽڙيل ملڪ جي بوجوا وٽ رڳو بورجوا روح هوندو آهي، ان وٽ نه اقتصادي سگهه هوندي آهي، نه اڳواڻن جي هلچل واري سگهه ۽ نه وري خيالن جي گهرائي، ڇو ته اهي شيون بورجوا جي خاصيتن جون ضامن هونديون آهن. نتيجي طور شروع شروع ۾، ۽ ڪافي وقت پوءِ تائين بورجوا ٽلهو سرڪاري نوڪرين تائين محدود رهندو آهي. انهيءَ نئينءَ قومي حڪومت ۾ رڳو انتظاميه جو عهدو ئي ڪيس سگهه ۽ سڪون بخشيندو آهي. جيڪڏهن حڪومت ڪيس گهٽو وقت ۽ موقعو ڏئي ته اهو بورجوا پنهنجي اقتدار جي مضبوطي لاءِ چڱو پئسو گڏ ڪرڻ جو بندوبست ڪندو. پر ان سڀ ڪجهه جي هوندي هيءُ هڪ معتبر بورجوا سماج ڪي، انهن مڙني اقتصادي ۽ صنعتي نتيجن سان گڏ جيڪي ان سماج سان لاڳاپيل هوندا آهن، جنهن ڏيڻ ۾ ناڪام ثابت ٿيندو آهي. شروع ۾ ئي قومي بورجوا ٻين وچولي قسم جي ڪمن ۾ پنهنجون ڪوششون خرچ ڪندو آهي. واپار ۽ جهڙي تهڙي ڪاروبار ڏانهن سندس لاڙا ۽ ڪميشن جي حاصلات لاءِ سندس ڪوششون، بورجوا جي قوت جا بنياد هونديون آهن. سندس ڪم، ناٿي سان نه پر ڪاروباري ڏاهپ سان هلندو آهي. هو ناٿي جي سيرپ نه ڪندو آهي ۽ نه ئي وٽس اهو ناٿو گڏ ٿي سگهي ٿو، جيڪو اصل بورجوا جي پيدائش ۽ واڌ ويجهه لاءِ ضروري هوندو آهي. انهيءَ رفتار سان ته هو صنعتي انقلاب جي ابتدائي صورت کي شروع ڪرڻ لاءِ صديون وٺندو ۽ هر حالت ۾ ڪيس سابق آقا ملڪ جي بي رحم مخالفت رستو روڪيندي نظر ايندي، جنهن سامراجي واپاري روايتن کي قائم ڪرڻ ۾ بنهه هوشياريءَ وارين تدبيرن کان ڪم ورتو هو.

جيڪڏهن ڪا حڪومت ملڪ کي انهيءَ ماٺار مان ڪڍڻ چاهي ۽ ان کي ترقيءَ ۽ واڌاري جي واٽ وٺائڻ چاهي، ته ان کي سڀ کان پهرين ايجنٽن جي واپاري حلقي کي قومي ملڪيت بنائڻو پوندو. اهو بورجوا، جيڪو دولت پيدا ڪرڻ واري جذبي جي سوڀ به چاهيندو آهي، ڪاپي وارين شين جي مسرت سان لطف اندوز ٿيڻ به چاهيندو آهي ۽ ان سان گڏوگڏ نفعي خوريءَ کي بدنام ڪندڙ لاڙن ۽ عوام جي انبوهه جي نفرت تي فتح پڻ، (ڇا اسان ان کي ڏاڙي بازي نه چئون) اهوئي حقيقت ۾ انهيءَ تجارتي حلقي ۾ ناٿي جي سيڙپ ڪندو آهي. ايجنسين جي مارڪيٽ تي، جيڪا پهرين ڏارين جي قبضي

۾ هئي. هاڻي قومي بورجوا جو حملو شروع ٿيندو آهي. بيٺڪي معيشت ۾ ايجنٽن جو هيءُ تجارتي حلقو گهڻي اهميت جو مالڪ هوندو آهي. جيڪڏهن توهان ترقي ڪرڻ چاهيو ٿا ته آزادي ملڻ شرط پهرين چند ڪلاڪن ۾ ئي انهيءَ حلقي کي قومي ملڪيت ۾ وٺڻ جو فيصلو ڪرڻو پوندو. ليڪن هتي هن ڳالهه جي وضاحت ضروري آهي ته ان کي قومي ملڪيت ۾ وٺڻ جو مطلب هيءُ هرگز نه آهي ته ان کي حڪومت جي سخت انتظام جي هٿ هيٺ ڪيو وڃي. هتي مسئلو اهو به نه آهي ته اهڙن شهرين کي جن جي ڪابه سياسي تعليم ۽ تربيت نه آهي، انهن نوڪرين جو مالڪ بنايو وڃي. جڏهن به اهڙي ڪنهن طريقي کي اختيار ڪيو ويو آهي ته ڏسڻ ۾ اهو آيو آهي ته حقيقت ۾ حڪومت انهن سرڪاري ڪامورن جي آپيشاهيءَ لاءِ راهه تيار ڪئي آهي، جيڪي اڳوڻي آقا ملڪ جي انتظامي ڍانچي ۾ فِٽ ٿيل هئا، ۽ جن تمام تڪڙو مجموعي حيثيت سان قومي خيال ۾ سوچڻ ۾ پنهنجي نالائقي ظاهر ڪري ڇڏي آهي. اهڙن سرڪاري ڪامورن، هڪدم قومي معيشت جي ڀڃ ڊاهه شروع ڪري پئي ڏني آهي ۽ ان جي پوري ڍانچي جو هر جوڙ الڳ ڪري پئي ڇڏيو آهي. هر قسم جي بدعنواني، چالبازي، پاندن ڀرڻ ۽ چاڙهو اگهه انهن ڪامورن جي ڇانوَ ۾ پلجندو آهي. ايجنٽن جي واپاري حلقي کي قومي ملڪيت ۾ وٺڻ جو مطلب هيءُ آهي ته جمهوري طريقي سان ٻڌي ۽ ريزڪي واپار لاءِ امداد باهميءَ جي اداري جي تنظيم ڪئي وڃي. اُن جو مطلب اهو بهاهي ته عوام کي حڪومت جي معاملن ۾ دلچسپي ڏياري، انهن ادارن جي مرڪزيت ختم ڪئي وڃي. توهان اهو سڀ ڪجهه ان وقت تائين نه ٿا ڪري سگهو، جيسين تائين عوام کي سياسي تعليم نه ٿا ڏيو. پهرين اهو خيال عام هو ته انهيءَ بنيادي مسئلي کي هڪ پيرو سدائين لاءِ نبيري ڇڏڻ گهرجي. اڄ به اها حقيقت آهي ته ڏٽڙيل ملڪن ۾ عوام لاءِ سياسي تعليم جو اصول رٿيو ويندوآهي، پر سمجهه ۾ ائين ٿو اچي ته انهيءَ بنيادي ڪم کي دل سان ڪڏهن به ڪنيو نه ويو آهي. جيڪي ماڻهو، عوام کي سياسي تعليم ڏيڻ جي ضرورت تي زور ڏيندا آهن، سي انهيءَ سان گڏ اها خواهش به ڏيکاريندا آهن ته پاڻ جيڪو ڪم ڪرڻ چاهين ٿا، اُن ۾ عوام به سائن سهڪار ڪري. اها حڪومت جيڪا عوام جي سياسي تعليم ڏيڻ چاهيندي آهي، اُن جي ان سان گڏ اها خواهش به هوندي آهي ته حڪمراني اهڙي هجي، جنهن ۾ عوام جي ڀرپور حصيداري هجي. ان حڪومت کي اهڙي زبان نه ڳالهائڻ گهرجي، جنهن

۾ بورجوا انتظامياتي پردو وجهڻ مقصود هجي. سرمائيدار ملڪن ۾ بورجوا حڪومتون اقتدار جي انهيءَ ٻاراڻي مرحلي مان گذري چڪيون آهن. هيءَ ڳالهه ظاهر آهي ته اهي هاڻي پنهنجن قانونن، پنهنجيءَ اقتصادي سگهه ۽ پنهنجيءَ پوليس جي مدد سان حڪومت ڪن ٿيون. هاڻي جڏهن ته انهن جي طاقت پوريءَ ريت سگهاري ٿي چڪي آهي، انهن کي ٻٽاڪن ۾ وقت وڃائڻ جي ڪابه ضرورت نه آهي. اهي پنهنجن مقصدن لاءِ حڪومت هلائيندڙ آهن ۽ انهن جي طاقت کين دلداري ڏيندي آهي. انهن پنهنجو جواز خود پيدا ڪيو آهي ۽ هاڻي اهي خودبخود سگهارا آهن.

نون آزاد ٿيل ملڪن جي بورجواز طبقي ۾ اڃا نه ته بي حسي هوندي آهي ۽ نه ئي مڪمل سڪون. انهن جو دارومدار، گهڻي وقت کان مضبوط ٿيل بورجوائي قوت تي هوندو آهي. انهيءَ مان حقيقت ظاهر ٿيندي آهي ته اهو پنهنجا اصلي عقيدا لڪائڻ ۽ لٽائڻ لاءِ، ٿورن لفظن ۾ چئ ته پنهنجي پاڻ کي هڪ عوامي سگهه طور اُڀارڻ لاءِ آڏو هوندو آهي. پر عوام کي سياست ۾ شامل ڪرڻ جو مطلب رڳو اهو نه آهي ته سال ۾ ٽي چار ڀيرا ڏهن هزارن يا هڪ لک مردن ۽ عورتن کي هلچل ۾ آندو وڃي. اهي عوامي جلسا ۽ شاندار گڏجاڻيون، آزاديءَ کان اڳ وارن پراڻن حربن وانگر هونديون آهن، جن پٽاندر پنهنجيءَ قوت جي نمائش ان لاءِ هوندي آهي ته پنهنجي پاڻ تي ۽ ٻين تي ثابت ڪيو وڃي ته عوام اسان سان گڏ آهي. عوام جي سياسي تعليم جو اهو مقصد نه آهي ته ان سان ٻارن وارو سلو ڪيو وڃي، پر سياسي تعليم جو مقصد اهو آهي ته عوام کي سياسي طرح بالغ بنايو وڃي.

هاڻي اسان ڏٽڙيل ملڪن ۾ سياسي جماعت جي ڪردار جي ڇنڊڇاڻ ڪنداسون. گذريل صفحن ۾ اسان اهو ڏسي چڪا آهيون ته گهڻو ڪري اهي ٻالاپولا ماڻهو، جيڪي نئين پيدا ٿيل بورجوا طبقي مان به هوندا آهن، هر وقت اهو ورجائيندا رهندا آهن ته ڏٽڙيل ملڪن ۾ انتظام لاءِ مضبوط اقتدار (ٻين لفظن ۾ آپيشاهي) جي ضرورت هوندي آهي. انهيءَ آپيشاهيءَ جي پيش نظر، جماعت کي ماڻهن جي نگرانيءَ جو ڪم سونپيو ويندو آهي. جماعت، انتظاميا ۽ پوليس جي نائب بنجي ويندي آهي. اهو ان ڪري نه ته عوام کي سچ ڀچ قومي حڪومت ۾ ڀاڳي ڀائيوار بنايو وڃي، پر رڳو ان لاءِ ته عوام کي لڳاتار اهو احساس ڏياريو وڃي ته حڪومت ڪانئس ٻانهپ جي اميد رکي ٿي. اها مشهور آپيشاهي، جنهن جا حامي اهو سمجهندا آهن ته اها تاريخي عمل جي

پيداوار آهي ۽ جنهن کي اهي آزاديءَ جي سج اُپرڻ جي باک تصور ڪندا آهن، سا حقيقت ۾ بورجوا طبقي جي انهيءَ فيصلي جي نشاني آهي، جنهن مطابق پهرين پهرين ته اهو طبقو عوام جي سهڪار سان ۽ پوءِ جلد ئي عوام جي مرضيءَ جي ابتڙ حڪومت ڪرڻ شروع ڪندو آهي! جماعت جو اطلاعات کاتي جي روپ ۾ بدلجڻ، انهيءَ ڳالهه جو اهڃاڻ آهي ته حڪومت پنهنجي بچاءَ وارو طريقو اختيار ڪيو آهي. عوام جي ٽڙيل پکڙيل انبوهه کي هڪ انڌي طاقت سمجهيو ويندو آهي، جنهن کي هٿ وس ڪرڻ ضروري آهي. پوءِ ڪنٽرول عوام کي گمراهه ڪرڻ جي صورت ۾ هجي يا پوليس جي ذريعي هراس پيدا ڪرڻ واري طريقي سان. جماعت، هڪ اطلاعاتي دفتر جو ڪم ڏيندي آهي. تشدد پسند ڪارڪنن کي جاسوسن ۾ تبديل ڪيو ويندو آهي، ڪين بهراڙيءَ جي عوام کي هيسائڻ واري مهم سونپي ويندي آهي. اپرندڙ مخالف جماعت کي مارڪُٽ ۽ پٿربازيءَ سان ماٺ ڪرايو ويندو آهي. حزب اختلاف جا ميمبر پنهنجن گهرن کي سڙندي ڏسندا آهن. پوليس پنهنجون ڪارگذاريون تيز ڪري ڇڏيندي آهي. اهڙين حالتن ۾ اها ڳالهه يقيني آهي ته جماعت جو ڪوبه حريف نه رهندو. ۽ 99.9 سيڪڙو ووٽ حڪومت جي اميدوار کي ملندا. هتي اهو ٻڌائڻ ضروري آهي ته آفريڪا ۾ ڪي حڪومتون سچ ڀچ ائين ڪنديون آهن(١). عام طرح سمورين ترقي پسند مخالف جماعتن کي، جيڪي سرڪاري معاملن ۾ عوام جي دخل جي واڌاري لاءِ ڪم ڪنديون آهن ۽ جن جي خواهش هوندي آهي ته مغرور ۽ دولت جي پوڄاري بورجوا جا پيار اکيڙيا وڃن، پهرين پهرين ته پوليس جي ڏنڊن۽ قيدخانن جي مدد سان خاموش ڪيو ويندو آهي ۽ آخر ۾ سندن وجود ختم ڪيو ويندو آهي. آفريڪا جي ڪن حصن ۾، جيڪي اڄ آزاد آهن، انتهائي خطرناڪ طريقن سان جماعتن کي ڦوڪ ڏني ويندي آهي. جماعت جي ڪنهن ڪارڪن جي موجودگيءَ ۾ ته ماڻهو ماٺ رهندا آهن، رڍن جي ولر وارو ڏيکاءُ ڏيندا آهن ۽ حڪومت يا اڳواڻ جي شان ۾ ڳيچ ڳائيندا آهن، پر شام جي وقت، ڳوٺ کان ٻاهر رستن تي، هوٽلن ۾ يا درياهه جي ڪناري تي، نه صرف ماڻهن جي سخت ناميدي ۽ مايوسي، پر سندن ڪڏهن نه ختم ٿيندڙ ڪاوڙ به ٻڌڻ ۾ ايندي آهي. جماعت، عوام جي بي اطمينانيءَ جي اظهار جو خير مقدم ڪرڻ ۽ ماڻهن جا خيال حڪومت تائين آزاديءَ سان پهچائڻ بدران ماڳهين هڪ پردو

(١) پاڪستان ۾ اهو ڪردار پهرين مسلم ليگ ۽ پوءِ پيپلز پارٽيءَ ادا ڪيو. (مترجم)

بنجي. اهڙن خيالن جي راهه ۾ رڪاوٽ بنبي آهي. جماعت جي اڳواڻن جو رويو فوج جي سارجنٽ ميمبر جهڙو هوندو آهي، جيڪو اڪثر ماڻهن کي "صفن ۾ خاموشيءَ" جي ضرورت جو احساس ڏيارينڊو رهندو آهي. اها سياسي جماعت، جيڪا پاڻ کي عوام جو خادم چوائيندي هئي، جنهن جي دعويٰ هئي ته سندس ڪم ئي عام راءِ جي پوري اظهار لاءِ جاکوڙ ڪرڻ آهي، جيئن ئي سامراج، حڪومت ان جماعت جي حوالي ڪندو آهي ته اها جماعت ماڻهن کي ٻيهر سندن چرن ۾ ڏکي موڪلڻ لاءِ ڏاڍي ڦڙتائي ڏيکاريندي آهي.

جيسين تائين قومي ٻڌيءَ جو واسطو آهي ته جماعت ان معاملي ۾ ڏاڍيون سخت غلطيون ڪندي آهي. مثال طور اها نام نهاد قومي جماعت نسلي فرقي پرستيءَ تي ٻڌل جماعت وارو رويو اختيار ڪندي آهي. ان وقت اها جماعت هڪ اهڙو قبيلو بنجي ويندي آهي، جنهن پاڻ کي جماعت جي شڪل ڏني هجي. اها جماعت جيڪا پاڻ پنهنجين خواهشن سان ئي قومي جماعت هجڻ جو اعلان ڪندي آهي، ۽ جيڪا سڄي ساري حيثيت ۾ عوام جي عيوضي پٽي جي دعويٰ پڻ ڪندي آهي، سا ڳجهي طريقي سان ۽ ڪڏهن ڪليل نموني هڪ ڀرپور نسلي آمريت جي اڏاوت ڪندي آهي. هاڻي اسان کي بورجوا آمريت جي بدران هڪ قبائلي آمريت ظاهر ٿيندي ڏسبي آهي. وزيرن، ڪابينا جي ميمبرن، سفيرن ۽ مقامي ڪامورن تائين، پارٽي اڳواڻ جي نسلي ٽولي مان، پر ڪڏهن ته سڌا سنوان ليڊر جي خاندان مان چونڊيا ويندا آهن. اهڙي قسم جون خانداني حڪومتون، خانداني نسل پرستيءَ جي پرائي قانون ڏانهن موٽندي ڏسبيون آهن ـــــ ۽ جڏهن اسان، اهڙيءَ جماعت، اهڙي مڪاريءَ، ۽ اهڙيءَ ذهني ۽ روحاني سڃائيءَ کي ڏسون ٿا ته ان تي ڪاوڙ اچڻ بدران شرم اچي ٿو. آفريڪا جا حقيقي غدار، حڪومتن جا اهي سربراهه آهن، جيڪي پنهنجي ملڪ کي پنهنجي سڀ کان وڏي خوفناڪ دشمن جي هٿ ۾ وڪڻي رهيا آهن. هيءَ لازمي ڳالهه آهي ته مرڪزي اقتدار کي قبائليت جو رنگ ڏيڻ جو هيءَ ڪوشش، علاقائيت ۽ علحدگيءَ جي تصورن کي جنم ڏيندي. اهڙيءَ صورت ۾ "لامرڪزيت" جا لاڙا وري اُپري سوپارا تي ويندا آهن ۽ قوم ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويندي آهي. اهي اڳواڻ، جيڪي ڪڏهن "آفريڪي ڳانڍاپي" جا نعرا هڻي رڳو پنهنجن ننڍڙن خاندانن کي ذهن ۾ رکندا هئا، نيٺ هڪ ڏينهن سڄاڳ ٿي ڏسندا آهن ته پنج پنج قبيلا مٿن چڙهيل آهن، جيڪي پنهنجن پنهنجن وزيرن ۽ سفيرن جي مقرريءَ جا گهرجائو

آهن. ليڪن اهي اڳواڻ اجا تائين پنهنجي دائمي غير ذميواريءَ، بي خبريءَ ۽ ڪرپائپ سبب انهن قبيلن جي "غداريءَ" کي نندينندا آهن.

اسان ڪيترا پيرا اڳواڻن جي نقصانڪار اثرن ڏانهن ڌيان ڇڪائي چڪا آهيون. اهو ان ڪري آهي، جو ڪن علائقن ۾ جماعت جي جوڙجڪ هڪ ٽولي وانگر ڪئي ويندي آهي، جنهن ۾ سڀ کان طاقتور شخص، اڳواڻ بنجي ويندو آهي. اهڙي سربراهه جي حاڪميت ۽ ٻين تي سندس حاڪم پڻي جو اڪثر ذڪر ايندو آهي ته ماڻهو هلڪيءَ ٽوڪ واري انداز ۾ چوندا آهن ته سندس رعب ۽ دٻدٻو، سندس ويجهن دوستن تي به ڏاڍو آهي. اهڙن ڪيترن خطرن کان بچڻ لاءِ هڪ اڻ ڪٿ جدوجهد شروع ڪرڻي پوندي آهي، اهڙي جدوجهد، جيڪا جماعت کي رضاخوشيءَ سان اڳواڻ جي هٿيي بنجڻ کان روڪي سگهي. "رهنما" جو انگريزي لفظ "ليڊر"، انگريزي فعل "ٽو ليڊ" يعني "رهنمائي ڪرڻ" مان نڪتو آهي، ليڪن ان جو فرانسيسي ترجمو عام طرح "هڪلڻ" جي معنيٰ ۾ ورتو ويندو آهي. هن دور ۾ هڪليندڙن يا عوامي ردن جي ڌارن جو ڪوبه وجود نه آهي. نه عوام وڳ آهي ۽ نه ئي ان کي هڪلڻ جي ضرورت آهي. جيڪڏهن اڳواڻ مون کي هڪلي ٿو ته آءٌ به ڪيس اهو احساس ڏيارڻ چاهيان ٿو ته هڪلجڻ سان گڏ مون ان رهنما کي واٽ به ڏيکاري آهي. قوم کي رڳو اهڙي شيءِ نه بنجڻ گهرجي، جنهن تي سدائين ڪنهن "تيس مار خان" جي ئي حڪومت هجي. انهيءَ نموني اسان ان دهشت کي سمجهي سگهون ٿا، جيڪا ڪنهن رهنما جي بيمار ٿيڻ تي سرڪاري حلقن تي ڇانئجي ويندي آهي(١). انهن جي سامهون سوال هميشه اهو هوندو آهي ته انهيءَ رهنما جي جڳهه ڪير والاريندو. جيڪڏهن رهنما جيئرو نه رهيو ته ملڪ جو ڇا ٿيندو؟ حڪمران طبقو، جيڪو حڪمران جي حق ۾ دستبردار ٿي چڪو هوندو آهي، غير ذميواريءَ، غفلت، روزمره جي زندگيءَ جي عيش عشرت، شراب جي دعوت، حڪومت جي خرچ تي سير سفر ۽ مختلف منصوبن مان حاصل ٿيل نفعن ۾ بنيادي طرح رڌل رهندو آهي، ۽ ڌار ڌار وقتن ۾ قوم جي روحاني ويرانيءَ کي ڳولينڊو رهندو آهي.

هڪ اهڙو ملڪ، جيڪو سچ پچ انهن سوالن جا جواب ڏيڻ چاهي ٿو، جيڪي تاريخ پيش ڪري ٿي، جيڪو ملڪ نه صرف پنهنجن شهرن کي پر

(١) ايوب خان تي اڌ رنگ جي حملي وقت پاڪستان جي سرڪاري حلقن جي حالت وسرڻ نه گهرجي. (مترجم)

شهرين جي ذهن کي بہ ترقي ڏيڻ گهري ٿو، اهڙي ملڪ ۾ هڪ پروسي جوڳيءَ سياسي جماعت جو هئڻ لازمي آهي. اهڙي جماعت حڪومت جي آلي ڪار نہ هوندي آهي، پر عوام جي آلي ڪار هوندي آهي. عوام کي ئي حڪومت جي حڪمت عمليءَ جي باري ۾ فيصلو ڪرڻ گهرجي. جماعت نہ ٿہ اهڙو سياسي دفتر هوندي آهي، ۽ نہ ئي ان کي ائين ٿيڻ گهرجي، جتي سڀ ميمبر ۽ سمورا اهم سرڪاري چڱا مڙس هڪٻئي سان آزادانہ ملي سگهن. بدقسمتي هيءَ آهي تہ گهڻو ڪري هيءُ سياسي دفتر، سموريءَ جماعت ۽ ان جي ميمبرن تي ٻڌل هوندو آهي، جن جو دائمي رهڻ وارو گهر گاديءَ واري هنڌ ۾ هوندو آهي. پنتي پيل ملڪن ۾ جماعت جي مک اڳواڻن کي گاديءَ واري هنڌ کان اهڙيءَ طرح بچڻ گهرجي، جڻ اتي وبا پکڙيل آهي. انهن کي سواءِ ڪن موقعن جي سدائين لاءِ ٻهراڙين ۾ رهڻ گهرجي. سيني سرگرمين کي شهر ۾ گڏ ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي. گاديءَ وارو هنڌ، جيڪو اڳيئي سموري ملڪ کان نوَ ڏهہ حصا وڌيڪ سڌريل آهي، اجائي واڌاري جو جواز بنجڻ لاءِ انتظامي بندوبست جو بهانو ڪڏهن بہ قبول نہ ڪرڻ گهرجي. جماعت جي مرڪزيت کي انتهائي حد تائين ختم ڪرڻ گهرجي. مئل علائقن کي زندگي بخشڻ جو، يعني انهن علائقن کي جيئري ڪرڻ جو، جن ۾ اڃا سوڌو زندگيءَ جون نشانيون پيدا نہ ٿيون آهن، اهوئي هڪ طريقو آهي.

عمليءَ طرح هر علائقي ۾ هڪ عهديدار ضروري هئڻ گهرجي. انهيءَ عهديدار کي ڄاڻي واڻي انهيءَ علائقي جو سربراهہ نہ بنايو وڃي. هن وٽ ڪا انتظامي طاقت بہ نہ هئڻ گهرجي. سياسي جماعت جي مقامي عهديدار ۾ اها اميد نہ ٿي رکي سگهجي تہ اهو انتظاميا جو سربراهہ هجي. مقامي انتظاميا سان ان جو ڪوبہ تعلق نہ هئڻ گهرجي. جماعت عوام تي حڪمران نہ هوندي آهي، پر اُها هڪ اهڙي گڏيل شڪل هوندي آهي، جنهن ذريعي عوام پنهنجي حڪومتي واڳ سوگهي جهليندو آهي ۽ پنهنجي خواهشن جو اظهار ڪندو آهي. اقتدار جو ڏڦيڙ جيترو گهٽ هوندو، اوترو وڌيڪ جماعت اڳواڻيءَ جو ڪردار ادا ڪري سگهندي، ۽ ايتروئي گهڻو اُها عوام لاءِ پروسي جوڳي ضمانت ثابت ٿيندي. جيڪڏهن جماعت حڪومت سان گڏجي ويندي آهي تہ جماعت جي پرجوش ڪارڪن هئڻ جو مطلب اهو نڪرندو تہ توهان ذاتي فائدا حاصل ڪرڻ جو سولو طريقو اختيار ڪري رهيا آهيو. مثال طور حڪومت ۾ ڪو عهدو چاهيو ٿا تہ ڏاڪي بہ ڏاڪي مٿي چڙهڻ چاهيو ٿا، ترقي چاهيو ٿا،

ڪنهن بهتر روزگار جي تلاش ۾ آهيو.

پنتي پيل ملڪن ۾ بهراڙين لاءِ محنتي عهديدار جي مقرري، انهيءَ صورتحال کي روڪي ڇڏيندي آهي، جنهن جي ڪري شهر وڏندا آهن ۽ بهراڙيءَ جي عوام جو هجوم شهرن ڏانهن ڊوڙڻ لڳندو آهي. آزاديءَ جي پهرين ڏينهن ۾ مقامي ادارن جي جوڙجڪ ۽ اهڙن عهديدارن جو رکڻ، جن کي پنهنجي پنهنجي علائقي کي سجاڳ ڪرڻ لاءِ وس آهر ڪوشش ڪرڻ جا اختيار ڏنا وڃن، اهو ڪم انتهائي ضروري آهي. علائقن کي زندگي بخشڻ ۽ منجهن شعور جي واڌاري واري عمل کي تيز ڪرڻ، اهڙيون ضرورتون آهن، جن کان ڪن ٽار ڪنهن اهڙي ملڪ لاءِ ڪرڻ جوڳي نه آهي، جيڪو ترقي ڪرڻ چاهيندو هجي. ٻيءَ صورت ۾ ٿيندو ائين ته حڪومت جا "وڏا" ۽ جماعت جا عهديدار، اڳواڻ جي چوڌاري گڏجي ويندا، سرڪاري ملازمتن ۾ بي انداز واڌارو ايندو ۽ اهو واڌارو ان لاءِ نه هوندو ته ڪا ترقي ٿي رهي آهي ۽ ماهر وڌي رهيا آهن. پر نوان رشتيدار ۽ جماعت جا تازا ڪارڪن نوڪرين جي ڳولا ۾ هوندا آهن ۽ انهن جي خواهش هوندي آهي ته اهي سرڪاري شين جو حصو بنجي وڃن. هر شهريءَ جي تمنا اها هوندي آهي ته هو دارالحڪومت پهچي وهندڙ گنگا مان هٿ ڌوئي(١). ماڻهو ڳوٺاڻن علائقن کان شهرن ڏانهن ڀڄڻ لڳندا آهن. ڳوٺاڻي عوام جا انبوهه، جن جي نه ڪو رهنمائي ڪندو آهي ۽ جن وٽ تعليم هوندي آهي ۽ نه وري ڪو ٻيو سهارو هوندو آهي. پنهنجي انهن ٻنين مان، جتي اُجورو بنهه گهٽ ملندو هو، ان ڪري شهرن جي ڪنارن تي ٽهيل ڪالونين جي ڀر وارن علائقن ڏانهن رخ رکندو آهي، ۽ اهڙيءَ ريت "گهومائو مزدور" (رولو مزدور) جي ڳاڻاٽي ۾ بي پناهه واڌاري جو سبب ٿيندا آهن.

هاڻي هڪ نئين قومي گوڙ جو وقت گهڻو پري نه هوندو آهي. اسان جي خيال ۾ انهيءَ گهوٽالي کان بچڻ لاءِ بلڪل بدليل حڪمت عملي اختيار ڪرڻ جي ضرورت آهي. ۽ اها هيءَ ته ملڪ جي اندرين ۽ پري وارن حصن ڏانهن سڀ کان وڌيڪ ڌيان ڏنو وڃي ۽ انهن سان مٿيرو سلوڪ ڪيو وڃي. ان کان سواءِ آخري حربي طور، سرڪار کي گاديءَ وارو شهر ڇڏي، ڪنهن ٻيءَ جاءِ تي حڪومت جو مرڪز قائم ڪرڻ ۾ ڪوبه عذر نه ٿيڻ گهرجي. گاديءَ واري شهر جي مٿيرائيءَ کي ختم ڪرڻ گهرجي، ۽ بي سهاري عوام کي اهو

(١) پاڪستان ۾ پٽي جي دور حڪومت ۾ دينو بروهي ۽ اومون مل مسافر به اسلام آباد ۾ ويٺا هوندا هئا.

ٻڌائڻ گهرجي ته اسان توهان جي لاءِ ڪم ڪرڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي. انهيءَ خيال کي ذهن ۾ رکندي، برازيل جي حڪومت برازيليا جو نئون شهر آباد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ريوڊي جيزو جو بي جان شهر برازيلي عوام لاءِ هڪ تهمت هو. ليڪن بدقسمتيءَ سان برازيليا به اڳ جهڙو هڪ نئون گاديءَ جو هنڌ ثابت ٿيو ــ ايترو ئي شرم جوڳو، جيترو اڳ ۾ الزامن ۾ گهيريل هو. اڄ انهيءَ ڪوشش جو اڪيلو فائدو رڳو هيءُ نڪتو آهي ته هڪ روڊ ٻيلن مان ٿيندو برازيليا تائين پهچي ٿو.

اهڙي ڪا سنجيده دليل بازي نه آهي، جيڪا نئين دارالحڪومت جي قيام يا حڪومت کي مجموعي حيثيت ۾ سڀ کان وڌيڪ گهٽ علائقي ۾ ڪٽي وڃڻ جي فيصلي جي خلاف ڪم آڻي سگهجي. ڏٺڙيل ملڪن جي گاديءَ واري هنڌ جو موجوده تصور، هڪ تجارتي تصور آهي، جيڪو سامراجي دور ڪان ورثي ۾ مليو آهي. ليڪن اسان کي هڪ قومي حڪمت عملي جوڙڻ گهرجي. ٻين لفظن ۾ اهڙي حڪمت عملي، جيڪا عوام لاءِ هجي. اسان کي ڪڏهن به ان عوام سان ڳانڍاپو ڇنڻ نه گهرجي، جنهن پنهنجي آزاديءَ لاءِ ۽ پنهنجي وجود جي حقيقي ڀلائيءَ لاءِ جدوجهد ڪئي آهي.

مقامي سرڪاري ڪامورن جو اهو ڪم نه آهي ته اهي انگن اکرن ۽ تصويرن هيٺان ڍڪجي وڃن، پر انهن کي عوام جي دلين ۾ جڳهه پيدا ڪرڻ گهرجي. جڏهن به ملڪ جي اندرين حصن جي باري ۾ ڪو مسئلو پيدا ٿئي ته سندن وار نه ڪانڊارجن. اسان کي اها ڳالهه برداشت نه ڪرڻ گهرجي ته ملڪ جون جوان ڇوڪريون رڳو انهيءَ ڪري پنهنجي مڙسن کان طلاق وٺڻ جي ڌمڪي ڏين ته سندن مڙس ٻهراڙيءَ جي ڪنهن ڳوٺ ۾ بدلي ٿيڻ جي خلاف احتجاج ڇو نه ٿا ڪن. انهن سببن جي ڪري، سياسي جماعت جي مرڪز کي ٻهراڙيءَ جي وِساريل علائقن سان وڌيڪ ترجيح وارو سلوڪ ڪرڻ گهرجي. ۽ دارالحڪومت جي انهيءَ جڙتو زندگي کي، جيڪا حقيقي قومي زندگيءَ سان ڄڙ وانگر ڇهٽي پيئي آهي، سموريءَ قوم جي بنيادي ۽ مقدس زندگيءَ ۾ تمام گهٽ جڳهه ملڻ گهرجي. ڏٺڙيل ملڪ ۾ جماعت جي تنظيم اهڙيءَ ريت ڪرڻ گهرجي، جو اها رڳو عوام سان ڳانڍاپي پيدا ڪرڻ تي قناعت نه ڪري. جماعت کي سنئون سڌو عوام جو اظهار هئڻ گهرجي. جماعت اهڙي انتظاميا نه هوندي آهي، جيڪا رڳو حڪومت جا حڪم پهچائڻ جي ذميوار هجي. پر ان کي عوام جو طاقتور عيوضي ۽ اهڙو چوڪيدار هئڻ گهرجي،

جنهن کي ڪوبہ گمراهہ نہ ڪري سگهي. جماعت جي انهيءَ تصور کي قبول ڪرڻ کان پوءِ اسان کي ان لاڙي کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻو پوندو، جيڪو صفا مغربي، بنهہ بورجوازي ۽ ان ڪري ڪرپ جوڳو آهي، جو ان مطابق عام ماڻهو پنهنجي حڪومت هلائڻ لاءِ نااهل هوندا آهن. حقيقت ۾ تجربو اسان کي سيکاري ٿو تہ عوام انتهائي منجهيل مسئلا بہ سمجهڻ جو اهل هوندو آهي. الجزائري انقلاب، الجزائري دانشورن لاءِ سڀ کان وڏيڪ جيڪي خدمتون سرانجام ڏنيون، سي هي آهن تہ ان انقلاب، دانشورن کي عوام جي ٻڌائي نہ سگهڻ جهڙي سخت غريبي ڏسڻ جو موقعو ڏنو آهي، ۽ انهيءَ سان گڏوگڏ عوام جي عقل، سجاڳيءَ ۽ سندن ترقي ڪندڙ شعور جو مشاهدو ڪرڻ جو موقعو بہ ڏنو آهي. الجزائري عوام، بکين، اڻ پڙهيل ماڻهن جو انبوهہ، اهي عورتون ۽ مرد، جيڪي صدين تائين انتهائي خوفناڪ اونداهيءَ ۾ ڦاٿا پيا هئا، سي ماڻهو نہ رڳو ٽينڪن، هوائي جهازن، آتشي گولن ۽ "نفسياتي ادارن" جي خلاف، پر انهن سڀني کان وڏي بدمعاشي ۽ "ذهني صفائي" (brain washing) جي خلاف، غدارن جي خلاف ۽ جنرل بي ليوني جي "قومي فوج" جي خلاف ثابت قدميءَ سان مقابلو ڪندا رهيا آهن. اُهو بهادر عوام، ڊڄڻ ماڻهن جي موجودگيءَ جي باوجود، آئيندي جي متوقع آمرن جي باوجود ثابت قدم رهيو آهي. اُهي ماڻهو ان ڪري پوري پير تي آهن، جو ستن سالن جي سندن جنگ اُنهن لاءِ اهڙا رستا کوليا آهن، جن جو وجود انهيءَ عوام جي خوابن ۾ بہ نہ آيو هو. اڄ جبلن جي وچ ۾ ڪيئي پُرهيہ زمين اندر هٿيارن ناهڻ جا ڪارخانا ڪم ڪري رهيا آهن. اڄ عوامي عدالتون هر هنڌ ڪم ڪري رهيون آهن. رٿابنديءَ جون تنظيمون وڏي پيماني تي جائيداد جي ورهاست جي رٿابندي ڪري رهيون آهن ـــ ۽ اهڙيءَ ريت آئيندي جي الجزائر جي اڏاوت ۾ عوام رڌل آهي. ممڪن آهي تہ ڪو هڪ ماڻهو پنهنجيءَ هوڏ طبيعت جي ڪري، ڪنهن مسئلي سمجهڻ کان انڪار ڪندو هجي، پر هڪ ٽولو يا ڳوٺ، ان کي بيقراريءَ واري تيزيءَ سان سمجهي وٺندو آهي. اهو صحيح آهي تہ جيڪڏهن ڪوشش ۽ ڪاوش سان صرف اها زبان استعمال ڪئي وڃي، جنهن کي رڳو قانون اقتصاديات جا گريجوئيٽ سمجهي سگهن، تہ پوءِ توهان سولائيءَ سان اهو ثابت ڪري سگهو ٿا تہ عوام جي نگراني مٿان کان ڪئي وڃي. پر جيڪڏهن توهان عام ۽ سولي زبان استعمال ڪريو، ۽ جيڪڏهن توهان تي ڏڦيڙ پڪيڙڻ ۽ عوام کان پري پڇڻ واري بيمار خواهش جو غلبو نہ آهي تہ پوءِ توهان کي

احساس ٿيندو تہ عوام مفهوم جي هر سطح ۽ تجارت جو هر گُر سمجهڻ ۾ ڏاڍو تيز آهي. جيڪڏهن توهان ماهرانہ زبان کان ڪم وٺو ٿا، تہ ان جو مطلب اهو آهي تہ توهان عوام کي چريو سمجهڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي. اهڙي زبان استعمال ڪري، مقرر عوام کي دوکو ڏيڻ ۽ ان کي قومي معاملن کان پري رکڻ واري خواهش تي پردو وجهي رهيو آهي. مبهم زبان جو استعمال هڪ اهڙي بناوٽي چهري وانگر آهي، جنهن جي پٺيان زبردست ڦرلٽ جو ڪاروبار لڪل هوندو آهي. اهڙيءَ طرح عوام جي جائيداد ۽ عوام جو اعليٰ اقتدار ٻئي هڪ ئي وقت عوام کان ڦريا ويندا آهن ۽ عوام جي سامهون هر ڳالهہ جي چٽائي ٿي ويندي آهي، پر انهيءَ شرط سان تہ توهان واقعي انهن کي سمجهائڻ چاهيو ٿا. پر جيڪڏهن توهان اهو سوچيو ٿا تہ توهان کي ان جي ضرورت ئي نہ آهي، ڇو تہ اهو متان انهن ڪجهہ محدود ڪمپنين جي ڪم ۾ رڪاوٽ وجهي، جن ڪمپنين جو ڪم ماڻهن کي اجا وڌيڪ غريب بنائڻ آهي تہ پوءِ ڳالهہ بلڪل چٽي آهي. جيڪڏهن توهان جو اهو خيال اهي تہ توهان عوام جي سهڪار کان سواءِ ملڪ هلائي سگهو ٿا ۽ توهان جي اها بہ سوچ جيڪڏهن هجي تہ عوام پنهنجي موجودگيءَ سان ڪم جي چال کي سُست ڪري يا پنهنجي فطري ناداني جي ڪري ٺهيل ٺڪيل ڪم بگاريندڙي ڇڏيندو تہ پوءِ توهان تي ڪابہ ميار نہ آهي. پر اصلي ڳالهہ توهان جي سوچ جي بنهہ ابتڙ هيءَ آهي تہ جڏهن عوام کي ملڪي معاملن ۾ حصي وٺڻ جي دعوت ڏني ويندي آهي تہ اهو ڪم جي چال سُست نہ ڪندو آهي، پر ان جي ابتڙ ان ۾ تيزي پيدا ڪندو آهي. خوش قسمتيءَ سان اسان الجزائرين کي هن جدوجهد هلندي ڪيترن مسئلن کي نبيرڻ جو وقت مليو آهي. ٻهراڙيءَ جي ڪن علائقن ۾ انقلاب جي سياسي ۽ فوجي اڳواڻن کي ڪجهہ اهڙيون صورتون پيش آيون، جن کي انقلابي طريقي سان حل ڪرڻ جي ضرورت هئي. هاڻي اسان ڪجهہ اهڙن واقعن جو جائزو وٺنداسون.

1956-57ع واري سال ۾ فرينچ سامراجيت ڪن علائقن کي خطرناڪ قرار ڏنو هو. انهن علائقن جي حدن ۾ ماڻهن جي چرپر تي سخت بندشون وڌيون هيون، ان ڪري هاري آزاديءَ سان شهرن ۾ وڃي، پنهنجي روزاني استعمال جون شيون خريد ڪري نہ ٿي سگهيا. انهيءَ زماني ۾ ڦورن ڏاڍو نفعو ڪمايو. چانهہ، ڪافي، تماڪ ۽ لوڻ جون قيمتون، آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳيون. چور بازاري ڪلي عام شروع ٿي ويئي. اهي هاري، جيڪي پئسن ۾

ملهه نه ٿي ڏئي سگهيا، تن پنهنجا فصل، ٻين لفظن ۾ پنهنجون پوکيل زمينون ڳهه رکيون يا وري پنهنجن ابن ڏاڏن جون ٻنيون وڪٽي ڇڏيون — ۽ پوءِ وياج خورن جا نوڪر بنجي ويا. جيئن ئي سياسي منتظمن کي انهيءَ صورتحال جي خطرن جو احساس ٿيو ته هنن هڪدم جوابي قدم کنيو، ۽ روزانه استعمال ۾ ايندڙ شيون موجود ڪري ڏيڻ لاءِ هڪ سمجهه ڀريو طريقو اختيار ڪيو ويو. شهر ۾ مال وٺندڙ کي ٻڌي واپاريءَ کان مال وٺڻو پوندو هو. اُن ريزڪي وڪڻندڙ کي مال سان گڏ شين جي اگهوتريءَ جي لسٽ به ڏني ويندي هئي. جڏهن ريزڪي واپاري واپس ڳوٺ پهچندو هو ته ان کان اڳ جو هُو ڪو ٻيو ڪم ڪري ڪيس سڌو سياسي ڪمشنر وٽ وڃڻو پوندو هو. سياسي ڪمشنر ان جي قيمتن جي لسٽ ڏسي مناسب نفعي جو فيصلو ڪري، هر شيءِ جي وڪري جي قيمت مقرر ڪري ڏيندو هو. ان جي باوجود ريزڪي واپارين هڪ ٻيو ڊنگ اختيار ڪيو ته اهي ٽن چئن ڏينهن کان پوءِ اهو اعلان ڪندا هئا ته هاڻي رکيل شيون ڪپي ويون آهن. حقيقت ۾ ان نموني چور بازاريءَ جي واپار کي اهي ڳجهي نموني جاري رکندا هئا. انهيءَ تي سياسي ۽ فوجي رهنمائن جو ردعمل ڏاڍو سخت ٿيو. سخت سزائن جي باري ۾ فيصلا ڪيا ويا. گڏ ٿيل ڏنڊ جي رقم ڳوٺ جي فنڊ ۾ گڏ ڪري، سماجي ڪمن يا عام ڀلائيءَ جي عوامي اڏاوتن ۾ خرچ ڪئي ويندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن ڪجهه وقت لاءِ دڪان بند ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويندو هو ۽ جيڪڏهن وري به چور بازاري ٿيندي هئي ته اهڙي ڪاروبار کي ضبط ڪيو ويندو هو، ۽ اهو ڪاروبار چونڊيل انتظامي ڪاميٽيءَ جي حوالي ڪيو ويندو هو، جيڪا اڳوڻي مالڪ کي ماهوار پتي جي رقم ڏيندي رهندي هئي.

انهن تجربن کي مشعل راهه بنائيندي، نوس مثالن ذريعي اقتصاديات جي بنيادي قانونن جو طريقو عوام تي چٽو ڪيو ويو. عوام کي ٻڌايو ويو ته سرمايي جو ميڙ هاڻي رڳو نظريو نه رهيو آهي، پر اُهو هن وقت ڪردار جو هڪ حقيقي ۽ فوري رويو بنجي ويو آهي. هاڻي عوام جي سمجهه ۾ اچي ويو ته ڪهڙيءَ ريت جيڪڏهن هڪ شخص هڪ ڀيرو واپار جي ميدان ۾ لهي ته اهو امير ٿي سگهي ٿو ۽ پنهنجي نفعي ۾ واڌارو ڪري سگهي ٿو. انهيءَ سلسلي کان پوءِ ئي هارين اهي واقعا ٻڌايا ته ڪهڙيءَ ريت دڪاندارن کين ڳري وياج تي قرض ڏنا ۽ ڪهڙيءَ ريت اهي پنهنجي زمينن تان بيدخل ڪيا ويا ۽ ڪيئن اُهي مالڪن مان ڦري مزدور ٿي پيا. عوام جيترو وڌيڪ انهن ڳالهين

ڪي سمجهندو ويندو آهي، ايترو وڌيڪ خبردار ٿيندو ويندو آهي، ۽ ڪيس اهو احساس ٿيندو ويندو آهي ته هر شيءِ جو دارومدار نيٺ مٿس ئي آهي، ۽ سندن ڇوٽڪارو سندن ٻڌيءَ ۾ ۽ پنهنجن فائدن ڪي پوريءَ ريت سمجهڻ ۽ دشمنن ڪي سڃاڻڻ ۾ آهي. عوام ڪي اها خبر پئجي ويندي آهي ته دولت، محنت جو ڦل نه، پر منظم ۽ محفوظ ڏاڙي بازيءَ جو نتيجو هوندي آهي. هاڻي امير عزت لائق ماڻهو نه رهندا آهن، پر اهي گوشت خور جانورن کان وڌيڪ ڪجهه نه هوندا آهن. اهي بگهڙ ۽ ڳجهون هوندا آهن، جيڪي عوام جي رت جا پياڪ هوندا آهن.

هڪ ٻئي مقصد کي نظر ۾ رکي سياسي انتظام سنڀاليندڙن فيصلو ڪيو ته اڄ ڏينهن کان پوءِ ڪوبه شخص ڪنهن ٻئي جي لاءِ ڪم نه ڪندو. زمين انهن جي آهي، جيڪي ان ۾ هر هلائين ٿا. اهوئي اُهو اصول آهي، جيڪو وڌيڪ چٽائيءَ جي ڪري الجزائري انقلاب جو بنيادي قانون بنجي ويو. زميندار، جيڪي اڳ ۾ زرعي مزدورن کي ڪم تي لڳائيندا هئا، سي هاڻي پنهنجن پراڻن ملازمن کي زمين جو حصو ڏيڻ تي مجبور ٿي پيا. ان ڪري ڏٺو وڃي ته فرانس جي ڪيترن حملن، فضائي بمباريءَ ۽ ٻج جي هٿ ڪرڻ ۾ ڏکيائين جي هوندي به في ايڪڙ پيداوار ۾ ٽيڻو واڌارو ٿي ويو آهي. انهن آبادگارن، جن کي لاباري کان پوءِ اهڙيءَ ريت حاصل ڪيل اَنَ جي ڏسڻ ۽ تورڻ جو موقعو مليو، تن هاڻي معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته اهو معجزو ڪهڙي نموني ٿيو؟ ڪين سگهوئي خبر پئجي ويئي ته محنت جو تصور ڪو سادو سودو تصور نه آهي، غلاميءَ جي لعنت، محنت جو ضد آهي ۽ محنت لاءِ آزادي، ذميواري ۽ شعور لازمي آهن.

انهن ڳوٺن ۾، جتي اسان اهڙا دلچسپ تجربا ڪاميابيءَ سان ڪيا آهن؛ جتي اسان انقلابي ڪمن جي شروعات ڪندي هڪ نئين انسان کي ايرندو ڏٺو آهي، اتي آبادگارن ۽ هارين تي اها ڳالهه چڱيءَ طرح چٽي ڪئي ويئي ته ڪم ۾ جيتري ڏاهپ ڏيکاري ويندي، اوتري ئي لذت ملندي. اسان عوام کي اهو سمجهائڻ ۾ ڪامياب ٿيا آهيون ته ڪم رڳو سگهه خرچ ڪرڻ جو نالو نه آهي ۽ نه وري عضون ۽ رڳن جي هلائڻ جو نالو آهي. اسان انهن کي اهو سمجهايو ته جسم کي استعمال ڪرڻ ۽ پگهر وهائڻ سان گڏ جيڪڏهن ذهن کي به هلايو وڃي ته هر ڪم وڌيڪ سهڻي نموني ۾ ڪري سگهجي ٿو. اهڙيءَ ريت انهن آزاد ڳوٺن ۾ جيڪي پراڻن واپاري رستن تي نه هئا، اسان کي

پيداوار جي اُن طريقي ۾ تبديل ڪرڻي پيئي آهي، جيڪا پهرين شهرن ۾ روانگيءَ جي محتاج هئي. اسان پيداوار جي تنظيم، عوام ۽ قومي آزاديءَ واري فوج جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ ڪئي. اسان مسور جي پيداوار چوٿي ڪئي ۽ ڏامر ٺاهڻ جو ڪم به منظم ڪيو آهي. تازيون ڀاڄيون ۽ ڏامر جبلن جي رستي اتر کان ڏکڻ موڪليو ويندو آهي، جڏهن ته ڏاڪٽيان علائقا اتر وارن علائقن کي گوشت موڪليندا آهن. انهيءَ سهڪار جو فيصلو، "قومي محاذ آزادي" ڪيو هو ۽ ان ئي مواصلات جو سلسلو به قائم ڪيو. اسان وٽ ته نه عظيم مغربي يونيورسٽين جا ماهر هئا ۽ نه وري منصوبي ڪار. ليڪن آزاد ٿيندڙ علائقن ۾ روزانه راشن هن وقت تائين 3200 ڪوربز تائين پهچي ويو آهي، جيڪو تعداد هن کان اڳ ڪڏهن به ٻُڌو نه ويو هو. ماڻهن انهيءَ آزمائش ۾ پنهنجي فتح تي قناعت نه ڪئي. هاڻي خود انهن پنهنجو پاڻ کان نظرياتي سوال پڇڻ شروع ڪيا. مثال طور: جنگ آزاديءَ کان پهرين ملڪ جي ڪن حصن سنگتڙي جي شڪل ڇو نه ڏني هئي، جڏهن ته هر سال هزارين ٽن سنگتڙا ٻاهر موڪليا ويندا هئا. اڪثر الجزائري، انگور جي نالي کان ئي اڻ واقف ڇو هئا، جڏهن ته لڪين يوربي روزانو انگورن مان مزا ماڻيندا هئا! اڄ ماڻهن تي اهو تصور بلڪل چٽو ٿي ويو آهي ته وٽن ڇا آهي. اڄ الجزائري عوام کي خبر آهي ته هو پنهنجي ملڪ جي سرزمين ۽ معدني دولت جو اڪيلو مالڪ آهي. اڄ جيڪڏهن ڪن ماڻهن جي سمجهه ۾ هيءَ ڳالهه نه ٿي اچي ته "قومي محاذ آزاديءَ" ملڪيت جي حق تي ڪنهن غاصبانه قبضي کي سهڻ کان ڪليل انڪار ڇو ڪيو آهي ـــ ۽ انهن کي اها خبر نه ٿي پوي ته هن اصولن کي نظرانداز ڪرڻ واري لاڙي جي سختيءَ سان مخالفت ڇو ڪئي آهي، ته اهڙن ماڻهن کي ياد رکڻ گهرجي ته اڄ الجزائري عوام بالغ، ذميوار ۽ پنهنجي فرضن کان پوريءَ ريت واقف آهي ـــ ٿورن لفظن ۾ اهو ته الجزائري عوام اڄ پنهنجيءَ جائيداد جو پاڻ مالڪ آهي.

اسان پنهنجي موضوع جي چٽائيءَ لاءِ جيڪڏهن الجزائر جو مثال ورتو آهي ته ان مان اسان جو مقصد پنهنجن ماڻهن لاءِ اجايا گيت ڳائڻ نه آهي، پر اهو ڏيکارڻ آهي ته انهن جي "شعور ـــ ذات" کي سجاڳ ڪرڻ ۾ آزاديءَ جي جنگ ڪيڏو اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. ظاهر ڳالهه آهي ته ٻين ملڪن جو عوام به ڌار ڌار طريقن سان اهڙن نتيجن تي پهتو آهي. اڄ اسان يقين سان چئي سگهون ٿا ته الجزائر ۾ ٻانهن جي ٻل جي آزمائش لازمي هئي. ليڪن ٻيا ملڪ

بہ سياسي سرگرمين ۽ ڪنهن سياسي جماعت جي وضاحتي ڪمن جي مدد سان پنهنجي عوام کي انهيءَ منزل تي وٺي آيا آهن. اسان کي احساس آهي تہ الجزائر جو عوام پنهنجا مسئلا نبيرڻ جي لائق آهي. تجربي مان هيءَ ڳالهہ ثابت ٿئي ٿي تہ ڏٽڙيل ملڪن ۾ هن ڳالهہ جي ڪابہ اهميت نہ آهي تہ ٿي سؤ ماڻهو هڪ منصوبي تي گڏجي ان کي ڪامياب بنائڻ جو ارادو ڪن. پر اهم ڳالهہ هيءَ آهي تہ سمورو عوام هڪ ئي منصوبي تي متفق ٿئي، پوءِ ڪٿي ڪين انهيءَ منصوبي تي ٻيٽو ٽيٽو وقت ڇو نہ لڳي. حقيقت هيءَ آهي تہ ان وقت جي (جيڪو وضاحت ڪرڻ ۾ خرچ ٿئي ٿو ۽ جيڪو مزدورن سان انسانن وارو ورتاءُ ڪرڻ ۾ اجايو وڃي ٿو) ڪسر منصوبي تي ڪم دوران نڪري ويندي آهي. ماڻهن کي اهو ضرور معلوم هئڻ کپي تہ هو "ڇو" ۽ "ڪيڏانهن" وڃي رهيا آهن. سياستدان کي هيءَ حقيقت ڪڏهن بہ نظرانداز ڪرڻ نہ گهرجي تہ جيسين تائين ماڻهن جو شعور اڻپورو، ابتدائي ۽ اڻ چٽو آهي، ان وقت تائين مستقبل غير يقيني هوندو آهي. اسان آفريڪي سياستدانن کي پنهنجي عوام جي صورتحال جو بنهہ چٽو تصور هئڻ گهرجي. ليڪن ان سان گڏوگڏ تصورن جي هيءَ وضاحت پوريءَ طرح جدلياتي هئڻ گهرجي. عوام اوچتو هڪدم سجاڳ ڪونہ ٿيندو. قومي اڏاوت ۾ عوام جو ڪم يڪدم چؤطرف ڦهلجي نہ ويندو. ان جو پهريون سبب اهو آهي جو آمدرفت ۽ مواصلات جي ذريعن تازو ئي ترقي ڪرڻ شروع ڪئي آهي. ٻيو سبب هيءُ آهي تہ هاڻي وقت جو پيمانو رڳو هن گهڙيءَ يا ايندڙ موسم تائين محدود رهڻو نہ آهي، پر هاڻي اهو باقي سموري دنيا جو پيمانو هوندو. اِهو ان ڪري بہ جو سامراجي دورَ عوام جي ذهن ۾ مايوسيءَ جون جيڪي اونهيون پاڙون ڄمائي ڇڏيون هيون، اُهي اڃا تائين پاتال ۾ موجود آهن. پوءِ بہ اسان کي اها حقيقت نظرانداز نہ ڪرڻ گهرجي تہ انهن ڪمزورين تي، جيڪي هڪ ملڪ تي ٻئي ملڪ جي مادي ۽ روحاني قبضي جو ورثو هونديون آهن، سوڀ حاصل ڪرڻ هڪ اهڙي ضرورت آهي، جنهن کي ڪابہ حڪومت نظرانداز نہ ٿي ڪري سگهي. اچو تہ اسان سامراجي حڪومت جي اثر هيٺ ٿيندڙ ڪم جي چنڊچاڻ ڪريون. ڏاريون ڦورو هميشہ اها شڪايت ڪندو رهندو آهي تہ مقامي ماڻهو سست هوندا آهن. ڪن نون آزاد ٿيل ملڪن ۾ حڪمران طبقو اڄ بہ اها شڪايت ڪندو نظر ايندو آهي. حقيقت هيءَ آهي تہ ڏاريون ڦورو چاهيندو هو تہ مقامي ماڻهو جوش ۽ جذبي جو مظاهرو ڪري، هڪ قسم جي گمراهي پکيڙي، جيڪا حقيقتن کي لڪائڻ جو

هڪ انتهائي سهڻو طريقو هوندو آهي. ڌارئين ڦوروءَ، غلام کي هميشه اهو باور ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ اها زمين، جنهن تي تون ڪم ڪري رهيو آهين، اها منهنجي پنهنجي آهي ــ ۽ جن ڪاٽين ۾ تو پنهنجي صحت برباد ڪئي آهي، تن جو مالڪ بہ مان پاڻ آهيان. ڌارئين ڦوروءَ عجيب طريقي سان اها ڳالهہ وساري ڇڏي هئي تہ اهو غلامن جي زندگين سان کيڏي آسودو بنجي رهيو آهي. حقيقت ۾ ڌاريون ڦورو مقامي ماڻهن کي ائين چئي رهيو هو تہ ”پنهنجو پاڻ کي ماريو تہ مان امير بنجي سگهان.“ اڄ اسان کي هڪ ڌار رويو اختيار ڪرڻو پوندو. اسان عوام کي ائين نہ چئون تہ ”پنهنجو پاڻ کي ماربو تہ ملڪ پئسي ڏوڪڙ وارو ٿي سگهي“، جيڪڏهن اسان قومي آمدني وڌائڻ چاهيون ٿا ۽ اهڙيون شيون ٻاهران گهرائڻ گهٽ ڪرڻ چاهيون ٿا، جيڪي نہ صرف اجايون آهن، پر نقصانڪار پڻ آهن، ۽ جيڪڏهن اسان زرعي پيدائش وڌائڻ ۽ جهالت گهٽائڻ چاهيون ٿا تہ پوءِ اسان کي انهيءَ ڳالهہ جي چٽائي ڪرڻي پوندي تہ اسان ڇا ٿا ڪرڻ چاهيون. ماڻهن کي اها ضرور خبر هئڻ گهرجي تہ اُها ڪهڙي شيءِ آهي، جيڪا داءَ تي لڳل آهي. ملڪي واپار کي عوامي واپار هئڻ ڪپي. ان ڪري هيٺئين سطح تي اهڙا مرڪز ٺاهڻ جي ضرورت پوندي، جن کي پوري پوري سڌ هجي. گهڻو ڪري اسان قومي تنظيمون مٿاهينءَ سطح تي ۽ هميشه گاديءَ واري شهر ۾ قائم ڪرڻ تي قناعت ڪندا آهيون. مثال طور: ”سگهڙين سٽ“، ”قومي جوانن جي مجلس“ ۽ ”مزدور اتحاد جي انجمن“. وغيره. جيڪڏهن توهان هن ڳالهہ جي پروڙ ڪرڻ جي تڪليف قبول ڪريو تہ گادي واري شهر جي انهن تنظيمن جي دفترن ۾ ڇا آهي، ۽ جيڪڏهن توهان اندرين ڪمرن ۾ وڃو، جتي رپورٽون هئڻ گهرجن تہ اتي توهان کي خالي ڪمرا، ڪاغذن جا خالي صفحا ۽ خالي پيل ڊونگ ڏسي حيرت وٺي ويندي. هر ڪم جو ڪونہ ڪو بنياد هئڻ گهرجي. اهڙيون نَسون هئڻ گهرجن، جيڪي رت ۽ زندگي مهيا ڪنديون رهن. عوام کي گڏجڻ، چندچاڻ ڪرڻ، رٿن پيش ڪرڻ ۽ هدايتن حاصل ڪرڻ جا موقعا ملڻ گهرجن. شهرين کي ان لائق ٿيڻ گهرجي تہ اهي ڳالهائين، راءِ ظاهر ڪن ۽ نوان نوان خيال پيش ڪن. مختلف شاخن ۽ ڪميٽين جي گڏجاڻين کي مذهبي اجتماع جي اهميت، حيثيت ۽ تقدس حاصل هئڻ گهرجي. اهي گڏجاڻيون، انسان کي ڳالهائڻ ۽ ٻڌڻ جا سٺا موقعا هٿ ڪري ڏيڻ جو ذريعو هونديون آهن. هر گڏجاڻيءَ ۾ ذهن پنهنجي شموليت لاءِ بهترين صلاحيت حاصل ڪندو آهي ۽ اڪيون انساني وقار جي

هڪجهڙائيءَ سان نوان نوان ڏيک ڳولي لهنديون آهن.

ڏٽڙيل ملڪن ۾ نوجوانن جي اڪثريت حڪومت لاءِ مخصوص مسئلا پيدا ڪندي آهي، جن کي پوري چٽائيءَ سان نبيرڻ ضروري آهي. شهري نوجوان جيڪي بيڪار ۽ اڪثر اڻ پڙهيل هوندا آهن، (مخصوص سماجي شعور واري معنيٰ ۾) جدا جدا قسم جي تخريبي اثرن جو شڪار ٿي ويندا آهن. ڏٽڙيل ملڪن جي نوجوانن کي ئي صنعتي ملڪ سڀ کان وڌيڪ تفريح مهيا ڪندا آهن. عام حالتن ۾ ڪنهن خاص سماج جي ذهني ۽ مادي سطح ۾ ۽ انهن تفريحن ۾ (جيڪي اهڙو سماج پنهنجي لاءِ تخليق ڪندو آهي) هڪ قسم جي هڪجهڙائي هوندي آهي. ڏٽڙيل ملڪن ۾ نوجوانن وٽ پنهنجو فالتو وقت گذارڻ لاءِ اهڙا شغل هوندا آهن، جيڪي سرمائيدار ملڪن جي نوجوانن لاءِ تيار ڪيا ويندا آهن، مثال طور جاسوسي ناول، لاٽري، جنسي تصويرون، اگهاڙو ادب (جيڪي سورهن سالن کان گهٽ عمر وارن لاءِ ممنوع هوندا آهن) ۽ سڀ کان وڌڪ شراب! مغرب ۾ گهريلو ماحول، تعليمي اثر، مزدور طبقي جي زندگيءَ جو بلند معيار ـــ اهي سڀ شيون مٿين شغلن جي نقصانڪار اثرن جي خلاف ڪنهن حد تائين سخت مورچو ثابت ٿينديون آهن. ليڪن آفريڪي (ايشيائي پڻ) ملڪ ۾ جتي ذهني اوسر ناهموار آهي، جتي ٻن دنيائن جي خوفناڪ ٽڪراءَ، پرائين روايتن کي ڌوڏي ڇڏيو آهي، ۽ سمجهه جي ڪائنات نظر جي پهچ کان ٻاهر اڇلائي ڇڏيو آهي. نوجوان آفريڪين (ايشيا وارن جي پڻ) جي اثر پذيري ۽ حساسيت انهن ڪيترن حملن جي رحم ۽ ڪرم تي آهي، جيڪي مخصوص قسم جي مغربي تهذيب مٿن ڪري رهي آهي، آفريڪا ۾ گهريلو ماحول اڪثر اهو پروسو ۽ اها هڪجهڙائي پيش نه ٿو ڪري سگهي، جيڪو اهڙن حملن کي سهي سگهي.

انهيءَ سلسلي ۾ حڪومت جو فرض اِهو هئڻ گهرجي ته اها صفائي ۽ استحڪام بخشڻ جو ڪم پوريءَ ديانتداريءَ سان مڪمل ڪري، ليڪن ڏٽڙيل ملڪن جي نوجوانن جا اڳواڻ گهڻو ڪري هيءَ غلطي ڪندا آهن، جو پنهنجي ڪردار کي پوريءَ طرح ترقي ڪيل ملڪن جي نوجوانن جي اڳواڻن جي ڪردار جهڙو سمجهڻ لڳندا آهن. اهي روح کي مضبوط ڪرڻ، جسم کي طاقتور بنائڻ ۽ رانديگرن واريون صلاحيتون پيدا ڪرڻ تي زور ڏيندا آهن. اسان جي خيال ۾ ڏٽڙيل ملڪن جي نوجوانن کي انهن تصورن کان بچڻ گهرجي. سڀ کان وڏي ڳالهه ته ڏٽڙيل ملڪن جا نوجوان بيڪار هوندا آهن، جن لاءِ

ڪم مهيا ڪرڻ ضروري آهي. ان ڪري نوجوانن جي اڳواڻ کي عملي مقصدن لاءِ محنت واري وزارت سان ٻڌل هئڻ گهرجي (١) پٽتي پيل ملڪن جي نوجوانن جي هڪ بنيادي ضرورت محنت واري وزارت آهي. اُها وزارت، رٿابندي واري وزارت جي سهڪار سان (جيڪا ڏٽڙيل ملڪن جي هڪ ٻي ضرورت آهي) ڪم ڪندي آهي. آفريڪا جي نوجوانن کي اسٽيڊيم ۾ نه، پر ٻنين ۽ اسڪولن ۾ موڪلڻ گهرجي. شهرن جي وچ ۾ اسٽيڊيم جي تعمير بدران نوجوانن کي پوکن جي وچ ۾ زمين جو هڪ ٽڪرو ڏنو وڃي، جنهن جي اُهي پرگهور لهن، پوکين ۽ اناج جي بار سان هاٿيءَ وانگر جهولندڙ اها ٻني قوم جي حوالي ڪن. راندين جو سرمائيدارانه تصور، ان تصور کان مورڳو ٻيو هوندو آهي، جيڪو تصور ڏٽڙيل ملڪن ۾ هئڻ گهرجي. آفريڪي سياستدانن کي رڳو راندين ۾ رڌل نه رهڻ گهرجي، پر پوريءَ طرح اهڙا باشعور انسان پيدا ڪرڻ گهرجن، جيڪي ڪيڏي به سگهندا هجن. جيڪڏهن راندين کي قومي زندگيءَ سان، ٻين لفظن ۾ قومي اڏاوت سان ٺهڪندڙ نه ٿو بنايو وڃي ۽ جيڪڏهن توهان رڳو راندين ۾ پيدا ڪندا رهندؤ ۽ باشعور انسان پيدا نه ڪندؤ ته پوءِ توهان ٿوري وقت ۾ ڏسندؤ ته راندين هڪ قسم جو پيشو ۽ واپار بنجي تباهه ٿي ويندين. راندين کي شهري بورجوازيءَ جي وقت گذاري يا وِندر لاءِ استعمال نه ڪرڻ گهرجي. اسان جي لاءِ سڀ کان وڏو ڪم هيءُ آهي ته اسان هر گهڙيءَ اهو سمجهي سگهون ته اسان جي ملڪ ۾ ڇا ٿي رهيو آهي. اسان کي نه ته غير معمولي ماڻهو پيدا ڪرڻا آهن ۽ نه وري هيرا بنائڻا آهن، جيڪي اڳواڻ جي هڪڙي ٻي صورت هوندا آهن. اسان کي عوام جي سطح مٿاهين ڪرڻ گهرجي، ان جي ذهن جو واڌارو ۽ اڏاوت ڪرڻ گهرجي، اُن کي نوان خيال ڏيڻ گهرجن، ۽ ڪين حقيقي انسانن ۾ تبديل ڪرڻ گهرجي.

اسان کي ته هر وقت رڳو هڪ خيال ستائيندو رهندو آهي ۽ اسان چاهيون ٿا ته سڀني آفريڪي سياستدانن کي اهو خيال تڙپائي ته اڄ پوريءَ ڄاڻ جي ۽ اهڙي ڪم جي سخت ضرورت آهي، جيڪو شعور جي واضح روشنيءَ ۾ ڪيو وڃي، ۽ جيڪو اسان جي تاريخي ذهني اونداهين کان آزاد هجي. ڪنهن ڏٽڙيل ملڪ ۾ ذميوار عهدو سنڀالڻ جو مطلب اهو آهي ته اها ڄاڻ حاصل ڪئي وڃي ته آخرڪار هر شيءِ جو مدار عوام جي تعليم تي آهي،

(١) هتي فينن جو مقصد نون آزاد ٿيل ملڪن جي نوجوانن کي مشورو ڏيڻ آهي. باقي غلام ملڪن جي نوجوانن کي جبلن، جهنگلن ۽ ٻيلن ۾ هلندڙ ڪارخانن جو مزدور ٿيڻ گهرجي. فينن جي ڪتاب ۾ اهڙا اشارا هر جاءِ تي موجود آهن. (سنڌيڪار)

ذهني فڪر جي سطح بلند ڪرڻ تي آهي، ۽ ان ڳالهہ تي آهي، جنهن کي اسان فوري طور "سياسي تعليم" جو نالو ڏيون ٿا.

حقيقت ۾ اسان هڪ ڏوهاري ذهنيت کان ڪم وٺندي، اهو سمجهندا آهيون تہ عوام کي سياسي تعليم ڏيڻ جو مطلب رڳو هيءُ آهي تہ انهن کي گاهي ماهي هڪ ڊگهي پرجوش تقرير ٻڌائي وڃي. اسان اهو سمجهندا آهيون تہ جيڪڏهن قومي اڳواڻ يا سندس ڪو نائب ماڻهن کي شاندار لهجي ۾ ڪنهن روزاني اخبار جون خاص خبرون ٻڌايون تہ ڇڻ اهو عوام کي سياسي تعليم ڏيڻ واري فرض کان واندو ٿي ويو. سياسي تعليم جو مقصد عوام جي ذهن کي کولڻ، ان کي سجاڳ ڪرڻ، ۽ ان ۾ شعور پيدا ڪرڻ آهي. ٻين لفظن ۾ جيئن سيزري چيو آهي تہ اهو ڪم "نوان روح ايجاد" ڪرڻ جي برابر آهي. عوام جي سياسي تعليم جو مطلب سياسي تقرير نہ هوندي آهي ۽ نہ ئي ٿي سگهي ٿي. سياسي تعليم جو مطلب اصل ۾ هيءُ آهي تہ بي جگري ۽ جوش سان عوام کي اهو سيکاريو وڃي تہ هر ڳالهہ جو دارومدار مٿس آهي، جيڪڏهن اسان غير متحرڪ آهيون تہ بہ عوام جي ڪري ۽ جيڪڏهن اڳتي وڌي رهيا آهيون، تڏهن بہ اهو عوام جي ڪري آهي. تقدير جو ڪوبہ وجود نہ آهي ۽ ڪوبہ اهڙو وڏو ماڻهو نہ آهي، جيڪو هر شيءِ جو بار پنهنجن ڪلهن تي کڻي سگهي. تقدير عوام پاڻ آهي، ۽ جيڪڏهن ڪٿي ڪو طلسمي هٿ آهي تہ اهو عوام جو پنهنجو هٿ آهي. اسان وري وري چئون ٿا تہ انهن سيني شين کي عملي معنيٰ ڏيڻ لاءِ، ماڻهن کي صحيح معنيٰ ۾ زنده انسان بنائڻ لاءِ حد کان وڌيڪ "لامرڪزيت" هئڻ کپي. مثان کان هيٺ ۽ هيٺان کان مٿي چڙهڻ لاءِ هڪ مقرر اصول هئڻ گهرجي. رڳو رسمي طرح نہ پر صحيح معنيٰ ۾ انهيءَ اصول جو احترام ئي ڇوٽڪاري جو ڪارڻ بنجي سگهي ٿو. هيٺان کان ئي طاقت مٿي ويندي آهي ۽ چوٽيءَ کي اِها محترڪ قوت ملندي آهي، جنهن جي ڪري جدلياتي طرح اهو ممڪن ٿي سگهي ٿو تہ اها اڳتي ٽپ ڏئي. اسان الجزائري هڪ پيرو وري انهن حقيقتن کي سمجهڻ ۾ تيز نڪتاسين، ڇو تہ ڪنهن بہ مجيل رياست جي حڪومت جي ڪنهن بہ ميمبر کي ڇوٽڪاري جو اهڙو ڪم پوري ڪرڻ جو موقعو ڪڏهن بہ نہ مليو. الجزائر ۾ اهو عوام ئي آهي، جيڪو وڙهي رهيو آهي، ۽ عوام کي اها چڱيءَ طرح خبر آهي تہ سندس روزمره جي جدوجهد کان سواءِ (جيڪا سخت ۽ دليرانہ جدوجهد آهي) چوٽيءَ جا اڳواڻ شڪست کائي ويندا ۽ اهڙيءَ ريت اهي جيڪي هيٺ آهن،

تن کي خبر آهي تہ سربراهي ۽ اڳواڻيءَ کان سواءِ عوام ڇڙوڇڙ ٿي ويندو. چوٿيءَ جي اڳواڻن کي پنهنجي عزت ۽ سگهہ رڳو وڙهندڙ عوام جي وجود مان حاصل ٿئي ٿي. اها اڳواڻن کي خبر آهي. حقيقي معنيٰ ۾ اهو عوام ئي هوندو آهي، جيڪو آزاديءَ سان پنهنجا اڳواڻ تخليق ڪندو آهي. ائين نہ هوندو آهي تہ اڳواڻ، عوام جو بار کڻندا آهن.

عوام کي خبر هئڻ گهرجي تہ حڪومت ۽ جماعت سندن خدمت لاءِ آهن. لائق ماڻهو، ٻين لفظن ۾ اهڙا ماڻهو، جيڪي پنهنجي وقار کان باخبر هجن، سي اهي هوندا آهن، جيڪي حقيقتن کي ڪڏهن بہ نہ وساريندا آهن. سامراجي قبضي دوران ماڻهن کي اهو ٻڌايو ويندو هو تہ ڪين پنهنجون جانيون، ان ڪري قربان ڪرڻ گهرجن، تہ جيئن سندن وقار قائم رهي سگهي. ليڪن آفريڪي عوام کي جلد ئي خبر پئجي ويئي تہ سندس آبروءَ کي رڳو قابض طاقت کان خطرو نہ هو. آفريڪي عوام بنهہ تڪڙو سمجهي ورتو تہ وفادار ۽ اعليٰ اقتدار ٻئي ساڳيا لفظ آهن ـــ ۽ حقيقت ۾ ننگ ناموس وارا ماڻهو اهي هوندا آهن، جيڪي پنهنجي آزاد اعليٰ اقتدار جا مالڪ پاڻ هوندا آهن. اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ تہ آفريڪي ماڻهو ذهني طرح ڪچا ۽ ڪمزور آهن، اجائي ڳالهہ آهي. حڪومت يا جماعت کي اهي ماڻهو ئي ملندا آهن، جن جي اها لائق آهي ـــ ۽ ماڻهوءَ کي بہ دير سوير پنهنجي صلاحيت آهر حڪومت ملي ويندي آهي.

ڪن علائقن ۾ عملي تجربا انهيءَ ڳالهہ جي ثابتي ڏين ٿا. ڪڏهن ڪڏهن جلسن ۾ ائين ٿيندو آهي جو پرجوش ڪارڪن، عام ۽ غير استدلالي قاعدا استعمال ڪندا آهن. اختصار جي اها نوعيت، جنهن ۾ پاڻ هرتائي ۽ اختلافن کي اجائي تن آسانيءَ سان ختم ڪرڻ جي ڪوشش، ٻئي خوفناڪ طريقي سان ملي ويندا آهن، ۽ نيٺ دانشورن جي وضاحت جي شڪست جو سبب بنبا آهن، سا نوعيت عام طرح سوپاري ٿي ويندي آهي. جڏهن اسان کي پرجوش ڪارڪن ۾ ذميوارين کان اهڙو فرار نظر اچي تہ ڪيس رڳو اهو چوڻ ڪافي نہ ٿيندو تہ تون پل ڪري رهيو آهين. اسان کي ڪپي تہ ان کي ذميواري قبول ڪرڻ تي مجبور ڪريون ۽ انهيءَ ڪم لاءِ ڪيس تيار ڪريون. اِن ڳالهہ ۾ سندس حوصلي افزائي ڪرڻي پوندي تہ هو پنهنجي دليل بازيءَ جو سلسلو جاري رکي، تہ جيئن سندس اجائي تن آساني جي اصلي حقيقت مٿس ظاهر ٿي سگهي ـــ جيڪا ڪڏهن ڪڏهن انتهائي ڪرب جهڙي ماڻهپي کان نڪتل نيٺ اجائي ثابت ٿيندي آهي.

ڪوبہ ماڻهو پوءِ اهو اڳواڻ هجي يا ڪارڪن، حقيقت کي لڪائي نٿو سگهي. مقامي لاڙن ۾ حقيقت جي ڳولا گڏيل مسئلو هوندي آهي. ڪي ماڻهو تجربي سان مالا مال ۽ پنهنجي خيالن جي چٽائيءَ ۾ تيز هوندا آهن، ۽ ماضيءَ ۾ وڏيڪ ذهني رابطا قائم ڪري چڪا هوندا آهن. ان جي باوجود ڪين عوام کي نظرانداز ڪرڻ وارو لاڙو ڇڏڻ گهرجي، ڇو تہ هر فيصلي جي سوپ پائڻ جو ڪارج سموري عوام جي گڏيل ۽ شعوري ڪوشش تي هوندو آهي. انهيءَ صورتحال مان ڪوبہ بنهہ بچي نڪري نہ ٿو سگهي. هر شخص کي يا تہ ماريو ويندو يا ايذاءُ ڏنو ويندو ـــ ۽ آزاد قوم جي پوري ڍانچي ۾ هر شخص بکيو رهندو ۽ هر ماڻهو قيمتن جي ڪرڻ سبب مصيبت ۾ وکوڙجي ويندو. گڏيل جدوجهد لاءِ هيٺين سطح تي گڏيل ذميواري ۽ مٿئينءَ سطح تي عيوضين جي مجلس جي ذميواري هوندي. بيشڪ گڏيل فلاح ۽ بهبوديءَ جي جنگ ۾ هر شخص کي شامل ڪرڻو پوندو. ڪنهن بہ شخص جو هٿ پوريءَ ريت پاڪ نہ هوندو آهي. اهڙيءَ صورتحال ۾ نہ تہ ڪو مورڳو چٽل هوندو آهي ۽ نہ رڳو ڏسندڙ. اسان سڀني جا هٿ گندا هوندا آهن. اسان سڀ پنهنجا هٿ پنهنجي ملڪ جي ڌڻئن ۽ پنهنجي خوفناڪ ذهني خال جي گندگيءَ ۾ گندا ڪندا رهندا آهيون. اهڙي صورتحال ۾ هر ماڻهو ٺلهو ڏسندڙ يا تہ پاڙيو هوندو آهي يا پاريتو.

تحريڪ جي اڳواڻن جو فرض آهي تہ اهي ماڻهن کي پنهنجي پٺيان هلائين. فرمانبرداريءَ لاءِ اهو ضروري آهي تہ پنهنجي ان مقصد جي سمجهہ ۽ ان جو مڪمل شعور هجي، ٿورن اکرن ۾ هيءُ تہ "سمجهہ سرت جو هئڻ" پوءِ اها ڪٿي ڪيتري ابتدائي ڇو نہ هجي، لازمي آهي. اسان طرفان عوام کي جادوءَ ۾ مندڻ نہ گهرجي ۽ نہ ئي ان کي جذبن يا مونجهارن ۾ مبتلا ڪرڻ گهرجي. رڳو اهي ڏنڙيل ملڪ ئي، جن جي اڳواڻي عوام مان ايرندڙ مک انقلابي سمجهو ماڻهو ڪري رهيا آهن، عوام کي تاريخ جي ڏيک تي اچڻ جي اجازت ڏيئي سگهن ٿا. پر اسان هڪ پيرو وري ائين چونداسون تہ قومي بورجوا ۽ مٿئين طبقي جي واڌاري جي پوري سگهہ ۽ سمجهہ سان مخالفت تمام ضروري آهي. ماڻهن کي تعليم ڏيڻ جو مطلب هيءُ آهي تہ هر شهريءَ جي سامهون قوم جي ڪُلي حيثيت کي حقيقت وانگر چٽو ڪيو وڃي. ان جي معنيٰ اها ٿي تہ پوري قومي تاريخ کي هر ماڻهوءَ جي ذاتي تجربي جو حصو بنايو وڃي. آفريڪي مصنفن جي ٻي ڪانگريس جي نالي پنهنجي نياپي ۾ صدر سيڪوطوريءَ صحيح چيو هو تہ:

"خيالن جي دنيا ۾ انسان هيءَ دعويٰ ڪري سگهي ٿو ته هو پاڻ دنيا جو ذهن آهي. مگر حقيقي دنيا ۾، جتي هر فعل روحاني ۽ مادي وجود تي اثرانداز ٿئي ٿو، هميشه دنيا ئي انسان ذات جو ذهن هوندي آهي — ڇو ته انهيءَ سطح تي توهان کي فڪري هڪجهڙاين ۽ قوتن جو ڳانڍاپو ڏسڻ ۾ ايندو ۽ واڌاري ۽ اصلاح جون متحرڪ قوتون نظر ايندیون ۽ اتي ئي توانائيون گڏ ٿيل ۽ انسان جا ذهني گڻ ڪٺا هوندا آهن." جيئن ته انفرادي تجربو، قومي تجربو هوندو آهي، ۽ جيئن ته اهو قومي وجود جي زنجير جي ڪڙي هوندو آهي، ان ڪري، اڪيلو، محدود، ۽ ويڙهيل نه هوندو آهي، پر قومي ۽ نيٺ آفاقي صورت ۾ ظاهر ٿيندو آهي. جهڙيءَ طرح هٿياربند لڙائيءَ واري دور ۾ هر وڙهندڙ قومي تقدير پنهنجي هٿ ۾ وٺي ڇڏي هئي، اهڙيءَ طرح قومي اڌاوت جي دور ۾ پڻ هر شهريءَ کي پنهنجي حقيقي روزاني زندگيءَ ۾ پوريءَ قوم سان سلهاڙجڻ گهرجي، ته جيئن اهو قوم جي لڳاتار جدلياتي حقيقت کي ڪا شڪل ڏيئي سگهي ۽ انساني ارادي کي پوريءَ تڪميل سان هن دنيا ۾ ڪامياب ڪري سگهي. جيڪڏهن ڪا پل پنهنجي ناهيندڙن جي اڌاوتي شعور کي وڌائي نه ٿي سگهي، ته پوءِ ان پل جي اڌاوت اجائي آهي، ۽ شهرين کي تري يا ٻيڙين ذريعي درياهه اُڪرڻ گهرجي. پل کي آسمان تان لهڻ نه گهرجي. ان کي سماجي ڏيک تي انهن قوتن جي ذريعي ظاهر نه ٿيڻ گهرجي، پر ان جي ابتڙ ان کي شهرين جي ٻانهن جي ٻل ۽ ذهنن مان جنم وٺڻ گهرجي. انهيءَ ڪم ۾ يقيناً انجنيئرن ۽ اڌاوت جي ماهرن جي ضرورت پوندي — ۽ اها ضرورت ڪڏهن ته سپني پرڏيهي اڌاوتي ماهرن جي پوندي. پر مقامي جماعتي رهنمائن کي اتي هر وقت حاضر رهڻ گهرجي، ته جيئن عام ماڻهن جي ذهني سجائي نون نون طريقن سان واقف ٿي سگهي — ۽ ان لاءِ به ڪين اتي ويٺل هئڻ گهرجي ته پل جي ذري پرزي کي سمجهي سگهجي ۽ ماڻهو ان جي ذميواري مڃي سگهن. رڳو انهيءَ نموني سان هر ڪم ٿيڻ جوڳو ٿي سگهي ٿو، اها حڪومت، جيڪا پنهنجي پاڻ کي قومي حڪومت چوي ٿي، ان کي سموريءَ قوم جي ذميواري کڻڻ گهرجي — ۽ جيئن ته ڏٺڙيل ملڪن ۾ نوجوان هڪ انتهائي اهم طبقي جي نمائندگي ڪندا آهن. ان ڪري نوجوانن جي شعور جي سطح ضرور مٿاهين ڪرڻ گهرجي، ڇو ته نوجوانن کي شعوري روشنيءَ جي ضرورت هوندي آهي. جيڪڏهن قوم جي نوجوانن ۾ شعوري روشنيءَ پکيڙڻ جو ڪم ڪيو وڃي، ۽ جيڪڏهن نوجوانن جي قومي ڳانڍاپي واري سنگت، نوجوانن

کي پوري قوم سان ملائڻ جو ڪم پاڻ مٿي تي کڻي ته انهن وڏين پلن کان بچي سگهجي ٿو، جن لاطيني آمريڪا جي جمهوريتن جي آئيندي کي خطري ۾ وڌو ـــ يا ائين چئجي ته تباهه ڪيو آهي. فوج رڳو سدائين هڪ جنگي اسڪول نه هوندي آهي ۽ پر گهڻو ڪري اها سماجي ۽ سياسي سمجهه ڏيڻ جو گهر هوندي آهي (١). ذهني طرح هڪ سمجهو قوم جو ويڙهاڪ، رڳو پاڙيتو سپاهي نه هوندو آهي، پر هڪ اهڙو شهري هوندو آهي، جيڪو هٿيارن جي پرجهلائيءَ سان قوم جو بچاءُ ڪندو آهي. انهيءَ ڪري بنيادي اهميت جي ڳالهه هيءَ آهي ته هر سپاهيءَ کي اها سڌ هئڻ کپي ته هو قوم جي خدمت ڪري رهيو آهي، نه پنهنجي ڪمانڊر جي، پلي کڻي سندس آفيسر جو وقار ڪيترو ئي بلند ڇو نه هجي. اسان کي قومي شعور جي سطح مٿاهين ڪرڻ، قبائليت کي ختم ڪرڻ ۽ قوم کي گڏ ڪرڻ لاءِ قومي فوج ۽ سول آفيسرن مان هڪ جيترو فائدو وٺڻ گهرجي. ڏٽڙيل ملڪن ۾ مردن ۽ عورتن کي سجاڳ ڪرڻ لاءِ هر طرح پاڻ پتوڙڻ گهرجي. جاگيردانه روايتن کي جيئرو رکندڙن خلاف جدوجهد به ضروري آهي، جن روايتن جي بنياد تي عورت تي مرد جي مٿيرائي ثابت ٿئي ٿي. عورت کي به اهوئي مرتبو ملڻ گهرجي، جيڪو مرتبو مرد کي حاصل آهي ۽ اهو مرتبو صرف آئين جي فقرن ۾ نه ملڻ گهرجي، پر روزمره جي زندگيءَ ۾، ڪارخانن ۾، اسڪولن ۽ پارليامينٽ ۾ به ملڻ کپي. جيڪڏهن مغربي ملڪن ۾ مردن کي فوجي بيرڪن ۾ بند ڪيو ويندو آهي ته ان جو مطلب اهو هرگز نه آهي ته اهو سدائين لاءِ سٺو طريقو آهي. پرتي ٿيندڙن لاءِ اهو ضروري نه آهي ته ڪين فوجي ئي بنايو وڃي. قومي ملازمت فوجي به ٿي سگهي ٿي ته شهري به، بهرحال بهتر اهو آهي ته هر لائق شهري، هر وقت قومي يا سماجي آزاديءَ جي چوڪيداري لاءِ وڙهندڙ دستن ۾ پنهنجي جاءِ پيدا ڪري سگهي. اهو ٿيڻ گهرجي ته عوامي پلائيءَ جي لاءِ وسيع پيماني جي ڪنهن به ڪم ۾ پرتي ٿيل ماڻهن کان ڪم وٺي سگهجي. بهراڙيءَ وارن علائقن کي متحرڪ ڪرڻ ۽ عوام کي سندس ملڪي ضرورتن کان واقف ڪرڻ جو اهو هڪ سهڻو طريقو آهي. انهيءَ ڳالهه تي ڌيان ڏيڻ گهرجي ته فوج هڪ خودمختيار جماعت نه بنجي وڃي ۽ پنهنجي پاڻ کي واندو ۽ بنا ڪنهن مقصد جي ڏسي سياست ۾ گهڙي نه پوي ۽ حڪومت لاءِ خطرو نه بنجي

(١) هتي فوج مان مراد اها فوج آهي، جيڪا قومي آزاديءَ لاءِ وڙهندڙ گوريلن تي مشتمل هوندي آهي. نه سامراج جي چڏيل يا پاليل فوج. (سنڌيڪار)

پوي. محلن جي "زينت بنجندڙ" فوجي جرنيل، حڪومت جي مختلف شعبن ۾ گهمي ڦري نيٺ پنهنجي منشور پيش ڪرڻ جا خواب ڏسڻ لڳندا آهن. انهيءَ خطري کان بچڻ جو واحد طريقو فوج کي سياسي تعليم ڏيڻ يا ٻين لفظن ۾ ان کي قومي ملڪيت بنائڻ آهي. اهڙيءَ طرح هڪ ٻيو ضروري ڪم آهي، فوجي رضاڪارن ۾ واڌارو. جنگ جي حالت ۾ سموري قوم وڙهندي ۽ جدوجهد ڪندي آهي. انهيءَ ۾ پيشه ور فوجين کي شامل ئي نه ڪرڻ گهرجي، ۽ مستقل فوجي آفيسرن جو تعداد به گهٽ هئڻ گهرجي. انهيءَ جو پهريون سبب ته هيءُ آهي ته آفيسرن جي چونڊ گهڻو ڪري يونيورسٽيءَ جي تعليم يافته طبقي مان ڪئي ويندي آهي. اهو طبقو جيڪو فوج کان وڌيڪ ٻين جاين تي ڪارائتو ۽ فائديمند ثابت ٿي سگهي ٿو. مثال طور هڪ انجنيئر، فوجي آفيسر ٿيڻ کان هزار ڀيرا وڌيڪ ملڪي خدمتن لاءِ اهم هوندو آهي. ٻيو سبب هيءُ آهي ته طبقاتي مٿيرائيءَ جي لاڙن کان پري رهڻ ضروري آهي. اسان گذريل صفحن ۾ اهو ڏسي چڪا آهيون ته ڪهڙيءَ ريت قوم پرستيءَ جو شاندار گيت، جنهن ماڻهن کي، رت پياڪ حاڪمن جي خلاف رڪ جي ديوار بنائي ڇڏيو هو، سو آزاديءَ جي اعلان سان گڏ ئي بيهي ٿو، ٽٽي ٿو ۽ نيٺ ختم ٿي وڃي ٿو. قوم پرستي پنهنجي سر نه ته سياسي منشور هوندي آهي ۽ نه وري ڪو منصوبو. جيڪڏهن توهان سچ ڀچ پنهنجي ملڪ کي رجعت پسنديءَ کان بچائڻ چاهيو ٿا يا جمود ۽ بي يقينيءَ کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ گهرو ٿا ته قومي شعور کان سياسي ۽ سماجي شعور ڏانهن تڪڙي وِڪ وڌائڻ ضروري آهي. قوم جي وجود جي سڃاڻپ صرف انهيءَ رٿابنديءَ مان چٽي ٿيندي آهي، جنهن کي انقلابي رهنما تيار ڪندا آهن ۽ جنهن کي پوري جذبي ۽ شعور سان سموري قوم اختيار ڪندي آهي.

قومي جدوجهد کي ڏٽڙيل ملڪن جي عام پس منظر سان لڳاتار هڪجهڙائي پيدا ڪرڻ ڪپي. مردن ۽ عورتن جي جسمن ۽ ذهنن ۾ بک جي خلاف، جماعت جي خلاف، غريبيءَ جي خلاف ۽ "بي سمجهيءَ جي خلاف" جنگ جو جذبو ۽ شعور هميشه سجاڳ رهڻ گهرجي. براين خلاف دنيا جي عوام جي ارادي ۽ ڪوشش کي، جن براين دنيا جي عوام کي صدين تائين اڳ جي ذهني سوين کان پري رکيو، ڏٽڙيل ملڪن جي عوام جي ڪوشش ۽ ارادن کي پيٽڻ گهرجي. ڏٽڙيل انسانيت جي سطح تي هڪ قسم جي گڏيل ڪوشش ۽ هڪ قسم جي گڏيل تقدير جو وجود هوندو آهي. ٽين دنيا کي جن

خبرن سان دلچسپي هوندي آهي، انهن خبرن جو واسطو نہ تہ بادشاهہ بائودوئن جي شاديءَ سان هوندو آهي ۽ نہ وري اٿليءَ جي حڪمران طبقي جي عشق بازيءَ سان. اسان جن شين جي باري ۾ ٻڌڻ چاهيون ٿا، اهي ارجنٽائن يا برما جي ماڻهن جا اُهي تجربا آهن، جيڪي هنن پنهنجي جهالت يا پنهنجن اڳواڻن جي آپيشاهيءَ وارن لاڙن کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪيا. هي اِهي ڳالهيون آهن، جيڪي اسان کي سگهہ ڏين ٿيون. اسان ڏسون ٿا تہ اهڙي حڪومت، جيڪا حقيقي طرح پنهنجي عوام کي سياسي ۽ سماجي آزادي ڏيڻ چاهي ٿي، تنهن لاءِ هڪ رٿابندي ضروري آهي. اهڙي حڪومت لاءِ هڪ اقتصادي رٿابنديءَ سان گڏ، پئسي جي ورهاست ۽ سماجي لاڳاپن لاءِ هڪ منشور بہ ضروري آهي. ٻين لفظن ۾ آءٌ چوڻ چاهيان ٿو تہ اهڙيءَ حڪومت وٽ، حقيقت ۾ انسان ۽ انسانيت جي آئيندي جو چٽو تصور هئڻ ضروري گهرجي. ان جو مطلب اهو آهي تہ رڳو ٻٽاڪ تي ٻڌل ڪو قاعدو ۽ اڳوڻي قابض قوت سان ڳجهي سازش منصوبي جي جاءِ نہ ٿي والاري سگهي. نئون عوام، جيڪو اڳ بي خبر هو، ليڪن جنهن جو ذهن ڏاڍيءَ تيزيءَ سان روشن ڪان روشن تر ٿيندو پيو وڃي، سو اهڙي قسم جي منصوبي جو ضرور مطالبو ڪندو. عام خيال جي ابتڙ آفريڪي عوام ۽ بلاشڪ سمورو ڏٽڙيل عوام تمام تڪڙو سماجي ۽ سياسي شعور حاصل ڪري وٺندو آهي. جيڪا شيءِ خطري جو ڪارڻ ٿي سگهي ٿي، سا آهي عوام جو قوم پرستيءَ جي دور کان اڳ ۾ سماجي شعور حاصل ڪرڻ. اهڙي صورت ۾ اسان کي ڏٽڙيل ملڪن ۾ سماجي انصاف جا ڀرپور مطالبا ٻڌڻ ۾ ايندا آهن، جيڪي متضاد ۽ گهڻا قديم قبائليت سان واسطو رکندڙ هوندا آهن. ڏٽڙيل عوام جي روش بکي مخلوق وانگر هوندي آهي، جنهن جو مطلب هيءُ آهي تہ جيڪي ماڻهو آفريڪا ۾ عيش عشرت واري زندگي گذارين ٿا، تن جي پڇاڻي ويجهي آهي. انهن جي حڪومت پنهنجو وجود اڻ ڄاڻايل مدي تائين برقرار رکي نہ ٿي سگهي. اهو بورجوا جيڪو رڳو قوم پرستيءَ کي ئي ماڻهن جي سامهون خوراڪ وانگر آڻي رکندو آهي، سو پنهنجي مقصد ۾ سوڀارو ٿي نہ سگهندو آهي ۽ اٿلو حادثن جي هڪ پوري سلسلي جو ڪاڄ ٿي ويندو آهي. پر جيڪڏهن قوم پرستيءَ جي وضاحت نہ ڪئي ويئي، جيڪڏهن ان کي فوري طرح سماجي ۽ سياسي ضرورتن جي شعور ۾، ٻين لفظن ۾ انسان پرستيءَ ۾ تبديل ڪري باقار ۽ چست نہ بنايو ويو تہ اهائي قوم پرستي اسان کي اونداهين ۾ وٺي ويندي. ڏٽڙيل ملڪن جو بورجوا اڳواڻ،

قومي شعور کي سڪٽي رسم پرستيءَ ۾ قيد ڪري ڇڏيندو آهي. قومي شعور کي هڪ وجود ۽ هڪ شڪل ان وقت ملي سگهندي آهي، جڏهن وسيع پيماني تي عورتن ۽ مردن کي ڪنهن هڪ عزت پرئي ۽ پاڻ مڃائڻ جهڙي ڪم تي لڳايو وڃي. ان وقت حڪومت جو محل ۽ قومي جهنڊو، قوم جي نشاني نه ٿا رهن. قوم، چمڪيدار ۽ خالي خول کان پاسو ڪري پنهنجي عظيم ملڪ جي سون اُپائيندڙ ڌرتيءَ ۾ پناهه ڳولينديءَ آهي، جتي ڪين زندگي ۽ هلچل نصيب ٿيندي آهي. زنده قومي اظهار، عوام جي متحرڪ شعور جو نالو آهي ۽ اهو سمورين عورتن ۽ مردن جو عزت پريو عمل هوندو آهي. گڏيل تقدير جي اڏاوت تاريخي سطح تي ذميواري قبول ڪرڻ جو نالو آهي. ٻيءَ صورت ۾، وڳور، ڏاڍُ، قبائلي جماعتن ۽ وفاقيت جو ظهور لازمي آهي. قومي حڪومت جيڪڏهن واقعي قوم بنجڻ چاهي ٿي تہ ان کي عوام جي ۽ عوام لاءِ هئڻ کپي. غريب جي لاءِ ۽ غريب جي هڏڏوکي هئڻ کپي. ڪوبہ اڳواڻ پوءِ اهو ڪٽي ڪيڏو بہ عزت لائق ڇو نہ هجي، عوام جي مرضيءَ جو مَٽ ٿي نہ ٿو سگهي. پنهنجو پاڻ کي عالمي وقار جي مسئلن ۾ اُلجهائڻ کان پهرين قومي حڪومت کي سڀ کان اول پنهنجي عوام کي سندس وقار موٽائي ڏيڻو پوندو. انهن جي ذهن کي انساني گٽن سان پرڻ ۽ اکين کي انهن گٽن سان روشن ڪرڻو پوندو. انهن جي اڳيان هڪ انساني مستقل پيش ڪرڻو پوندو، ان ڪري جو ملڪ ۾ هاڻي اهڙا ماڻهو رهن ٿا، جيڪي باشعور آهن ۽ جن جي هٿن ۾ حڪومتي واڳ آهي.

ڪجهه قومي تهذيب جي باري ۾

”آفريڪي انقلاب ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿيڻ لاءِ ڪو انقلابي گيت لکڻ ئي ڪافي نه آهي، توهان کي عوام سان گڏجي انقلاب کي هڪ شڪل ڏيڻي پوندي. جيڪڏهن توهان عوام سان ملي انقلاب کي ڪا شڪل ڏيندؤ ته گيت پاڻهي پيا سرجندا.“

”حقيقي عمل جي لاپ لاءِ توهان کي آفريڪا ۽ ان جي جاندار فڪر جو سرت ۽ سمجهه وارو حصو بنجڻو پوندو. توهان کي ان عوامي سگهه جو هڪ جزو بنجڻو پوندو، جيڪا پوريءَ ريت آفريڪا جي آزاديءَ، واڌاري ۽ سڪ لاءِ پيدا ٿي آهي. اهي فنڪار ۽ دانشور، جيڪي عوام سان لاڳاپيل نه آهن ۽ جيڪي آفريڪا ۽ ڏنڙيل انسانيت جي عظيم جدوجهد ۾ عوام سان پوريءَ ريت سڏ ۾ سڏ نٿا ڏين، انهن لاءِ هن جدوجهد کان ٻاهر ڪابه جڳهه نه آهي.“(١) ـــ سيڪوطوري.

هر ڪنهن نسل کي ڪپي ته اهو هڪ مبهم صورتحال ۾ پنهنجو مقصد ڳولي، ۽ پوءِ يا ته ان کي پورو ڪري يا ان سان دغا ڪري. ڏنڙيل ملڪن ۾ گذريل پيڙهين ٻئي ڪم ڪري ڏيکاريا. هن سامراجيت جي حملي کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ان سان گڏوگڏ اڄ سگهاري جدوجهد جي واڌ ۾ مدد ڪئي. هن وقت جڏهن ته اسان پوريءَ ريت جدوجهد ۾ آهيون، اسان کي پنهنجي ان عادت کان چوٽڪارو حاصل ڪرڻ گهرجي، جنهن عادت مطابق اسان پنهنجي بزرگن جي ڪارنامن کي گهٽ حيثيت ڏيندا آهيون ۽ سندن خاموش حالتن جو جائزو وٺندي، بي سمجهه بنجي ويندا آهيون. اسان جي وڏن وٽ جيڪي هٿيار موجود هئا، تن جي آڌار تي اُهي پنهنجي وس آهر وڙهيا ـــ ۽

---

(١) سيڪو طوري: ”سياسي رهنما، هڪ تهذيبي نمائندي جي حيثيت ۾“: ڪارن مصنفن ۽ فنڪارن جي ٻي ڪانگريس کي خطاب: سن 1959ع، روم.

جيڪڏهن سندن جدوجهد جو پڙاڏو بين الاقوامي سياست جي ميدان ۾ ٻڌڻ ۾ نه آيو ته ان جو مطلب اهو نه آهي ته اسان جي وڏن ۾ بهاديءَ جي ڪوٽ هئي. پر اصلي سبب اهو آهي ته اسان جي زماني ۾ عالمي صورتحال بنيادي طرح تبديل ٿي ويئي آهي. اهو چوڻ لاءِ ته "بس هاڻي گهٽو ٿيو"، هڪ ڪان وڌيڪ مقامي ماڻهن جي ضرورت هئي ـــ ۽ اڄ جڏهن ته اسان پنهنجي فتح ۾ يقين رکي مظاهرا ۽ بغاوتون ڪري رهيا آهيون ته ان وقت اسان کي يقين ڪرڻ گهرجي ته هن کان اڳ ۾ ڪيترا مظاهرا ۽ بغاوتون دٻايا ويا آهن ۽ ڪيتريون هاري هلچلون چٽيون ويون آهن. جيسين تائين اسان جو واسطو آهي ته اسان سامراجيت جي چيلهه ڀڃي ڇڏڻ جو فيصلو ڪري چڪا آهيون، ۽ اسان جو تاريخي فرض آهي ته اسان انهن مڙني بغاوتن، بهاديءَ واري جاکوڙن ۽ ناڪام جدوجهدن کي (جيڪي نيٺ رت جي دريا جي حوالي ٿي ويون) صحيح ۽ مناسب قرار ڏيون.

هن باب ۾ اسان انهيءَ ڳالهه جي چنڊچاڻ ڪنداسون ته "قوم" سان واسطو رکندڙ تقاضائون ڪيتري حد تائين جائز آهن. هيءَ ڳالهه مڃڻ گهرجي ته سياسي جماعت، جيڪا ماڻهن کي سجاڳ ڪندي آهي، سا انهيءَ مسئلي جي ويجهو نه ويندي آهي. سبب هيءُ آهي ته سياسي جماعتون زنده حقيقت کي نظر آڏو رکنديون آهن، ۽ زنده حقيقت جي نالي تي، انهن چٽين سچاين جي نالي تي، جيڪي عورتن ۽ مردن جي حال ۽ آئيندي کي گهٽ حيثيت وارو بنائينديون آهن، اهي سياسي جماعتون پنهنجو پروگرام تيار ڪنديون آهن. ممڪن آهي ته سياسي جماعت، قوم جي باري ۾ پرجوش ۽ ولولي ڀريل ڳالهيون ڪري، پر سندن لڳ لاڳاپو انهيءَ ڳالهه سان هوندو ته ٻڌندڙ جيڪڏهن رڳو جيئرو رهڻ چاهين ٿا ته به اسان جي جدوجهد ۾ حصو وٺن ۽ ان جي اهميت کي سمجهن.

اڄ اسان کي خبر آهي ته جدوجهد جي پهرئين دور ۾ سامراجيت، اقتصادي عقيدا اڳيان آئي، قومي مطالبن کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪندي آهي. جيئن ٿي ابتدائي مطالبا پيش ڪيا ويندا آهن، هڪ هٿرادو نماڻائيءَ سان اهو مڃيو ويندو آهي ته علائقو پوئتي پيل آهي، جنهن ڪري بي انداز اقتصادي ۽ سماجي ڪارگذارين جي ضرورت آهي. سامراجيت اهو ظاهر ڪندي آهي ته اُها انهن مطالبن تي همدرديءَ سان غور ڪري رهي آهي. پر حقيقت ۾ ٿيندو ڇا آهي، جو ٿوريون نظر ايندڙ ڳالهيون، مثال طور: بيروزگارن جي روزگار لاءِ

ڪجهه مرڪز هِتي هُتي ڪولڻ وغيره، قومي شعور جي واڌاري کي ڪجهه سالن لاءِ پنتي ڏکي ڇڏيندیون آهن. ليڪن دير يا سوير سامراجيت کي اهو نظر ايندو آهي ته اقتصادي ۽ سماجي سڌارن جي هڪ اهڙي رڻابندي عمل هيٺ آڻڻ، جيڪا غلام عوام جي خواهش پٽاندر هجي، سامراج جي وس جي ڳالهه نه آهي. ايتري حد تائين جو خوراڪ جي مناسب حد تائين بندوبست ڪرڻ ۾ سامراجيت پنهنجي موروثي نااهليءَ جو ثبوت ڏيندي آهي. سامراجي حڪومت کي جلد ئي خبر پئجي ويندي آهي ته اها جيڪڏهن اقتصادي مسئلي بابت قومي جماعتن کي بي هٿيار ڪرڻ چاهي ته ان کي بيٺڪن ۾ اهو ڪجهه ڪرڻو پوندو، جيڪي ڪجهه هُن پنهنجي ملڪ ۾ ڪرڻ کان انڪار ڪيو آهي. اهو رڳو اتفاق نه آهي جو اڄڪلهه گهڻو ڪري هر هنڌ "ڪارتيرا" جا تصور پکڙجي رهيا آهن.

مايوسيءَ جي اها ڪوڙاڻ، جيڪا اسان کي "ڪارتيرا" وٽ نظر اچي ٿي. اُها ان ڪري جو هو فرانس جي انهيءَ ضد جي مخالفت ڪري ٿو ته فرانس انهن مختلف قومن کي پاڻ سان گڏ رکڻ تي زور ڏيئي رهيو آهي، جن کي خوراڪ ڏيڻي پوي ٿي. جڏهن ته ڪيترا فرينچ مرد ۽ عورتون تنگ دستيءَ واري زندگي گذاري رهيا آهن. "ڪارتيرا" جي اها ڪوڙاڻ، ان مشڪل صورتحال کي ظاهر ڪري ٿي، جنهن ۾ سامراج کان گهر ڪئي پئي وڃي ته اهو هاڻي پنهنجي حقيقت بدلائي ۽ امداد ۽ سهڪار جو پروگرام بنائي، هيءَ ڳالهه بار بار ورجائي ته "عزت سان بک مرڻ غلاميءَ ۾ ملندڙ روزگار کان بهتر آهي." وقت وڃائڻ ۾ ڪوبه فائدو نه آهي. ان جي ابتڙ اسان کي مڃڻ گهرجي ته سامراجيت، غلام ماڻهن لاءِ اُهي مادي حالتون پيدا ڪرڻ ۾ سوڀ پائي نه سگهي آهي، جيڪي غلام ماڻهن کي باعزت زندگي گذارڻ جي فڪر کان آزاد ڪن. جڏهن سامراج کي خبر پوندي آهي ته سندس سماجي سڌارن جون چالبازيون، حالتن کي ڪيڏانهن وٺي وڃي رهيون آهن، ان وقت اسان ڏسندا آهيون ته اهو پنهنجين اٽڪلن ۽ چالبازين تي لهي ايندو آهي. اهو ٻيهر پوليس جي انگ ۾ واڌارو ڪندو آهي، فوج گهرائيندو آهي ۽ دهشت واري فضا پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. هي اهي اٽڪلون آهن، جيڪي سندس غرض ۽ نفسيات سان مڪمل هڪجهڙائي رکنديون آهن.

سماجي جماعت اندر ۽ گهڻو ڪري، ان جي ڌار ڌار برانچن ۾ سامراج جي لتاڙيل نسل جا مهذب فرد اڀري ايندا آهن. اهڙن ماڻهن لاءِ قومي تهذيب جو

مطالبو ۽ اهڙي تهذيب جي موجودگيءَ تي ايمان، هڪ خاص ويڙهه جي ميدان جي حيثيت رکندو آهي. سياستدان ته پنهنجن عملن کي موجوده صورتحال ۾ جڳهه ڏيندا آهن، ليڪن، تهذيب جا نمائندا تاريخ جي ميدان ۾ عمل پيرا هوندا آهن. جڏهن سامراجيت جو مقابلو ان مقامي دانشور سان ٿيندو آهي، جيڪو سامراجيت کان اڳ واري بربريت جي نظرئي جو جارحاڻو جواب ڏيڻ جو پڪو پهه ڪري چڪو هوندو آهي ته سامراجيت جو ردعمل بنهه معمولي هوندو آهي ـــ ۽ اهو ردعمل اجا به هلڪو ان وقت ٿيندو آهي، جڏهن سامراجي تعليم يافته طبقي جي خيالن کي ڦورو ملڪ جا ماهر به مڃيندا آهن. اهو چوڻ هڪ عام ڳالهه ٿي ويئي آهي ته گذريل ڪيترن سالن کان محققن، عام طرح آفريڪا، ميڪسيڪو ۽ پيرو جي تهذيبن کي بحال ڪيو آهي. جنهن ولولي سان قومي دانشور پنهنجي قومي تهذيب جي وجود جي حمايت ڪندو آهي، ممڪن آهي ته اها ڳالهه تعجب جهڙي هجي. پر اهي ماڻهو، جيڪي چريائپ جي حد تائين ان جي مذمت وڏي ولولي سان ڪندا آهن، اهي ڏندين آڱريون اچڻ جهڙي حد تائين ان کي وساري ڇڏيندا آهن ته انهن جي پنهنجي ذات ۽ نفسيات، فرينچ يا جرمن تهذيب جي پناهه ۾ آهي، جيڪا پنهنجي وجود جي پوري پڪ ڏيئي چڪي آهي، ۽ جنهن جي مقابلي ۾ ڪوبه نه آهي. آءُ اهو مڃڻ لاءِ تيار آهيان ته عملي سطح تي ازٽيڪ تهذيب جو اڳوڻو وجود اڄ جي ميڪسيڪن هاريءَ جي خوراڪ ۾ ڪا گهڻي تبديلي نه ٿو ڪري. آءُ اهو به مڃان ٿو ته عظيم الشان "سونگهائي تهذيب" جا سمورا ثبوت به ان حقيقت کي ميٽي نه ٿا سگهن ته اڄ جو "سونگهائي عوام" بکيو ۽ جاهل آهي. اهي خالي دماغ ۽ ويران اکيون ڪنيو آسمان ۽ زمين جي وچ ۾ ٽنگيا پيا آهن. پر اهو بار بار چيو ويو آهي ته ان قومي ثقافت جي اتساهه واري جاچ جو (جيڪا سامراجي دور کان اڳ هئي) حقيقي جواز، قومي دانشور جي مغربي تهذيب کان پري رهڻ جي خواهش آهي ـــ جنهن مغربي تهذيب مان انهن کي ڊپ آهي ته اهي ڪٿي ان ۾ قاسي نه پون. انهن دانشورن کي اهو احساس آهي ته سندن زندگي خطري ۾ آهي. اهڙيءَ حالت ۾ شايد هو پنهنجي عوام جي ڪم نه اچي سگهن ـــ ان ڪري اهي ماڻهو دماغن ۾ جوش ۽ دلين ۾ ڪاوڙ ڪٽي، بنا هڪ، پنهنجي عوام جي آڳاٽن ۽ سامراج کان اڳ واري دور جي حياتياتي نيسارن سان نئين سر لاڳاپو ڳنڍڻ جو فيصلو ڪندا آهن.

اچو اڳتي وڌون.. توڙي جو انهيءَ ولولي ۾ريل تحقيق ۽ ان ڪاوڙ جي

آڌار تي اها تحقيق هڪ ڳجهي اميد رکندي آهي، يا گهٽ ۾ گهٽ ان جي نگراني ڪندي آهي. اها ڳجهي اميد اڄ جي مصيبتن، اڄ جي پنهنجي پاڻ کان نفرت، اڄ جي هٿ کڻي وڃڻ ۽ خواهشن جي ترڪ ڪرڻ کان مٿي ڪن نهايت ئي سهڻين ۽ سٺين گهڙين کي ڳولي لهڻ جي آس آهي، جن جو وجود انسان کي پنهنجي نظرن ۾ بحال ڪري ڇڏيندو ۽ ٻين جي نظرن ۾ پڻ. مون چيو آهي ته آءٌ انهيءَ مسئلي جو اڃا وڌيڪ گهرائيءَ سان جائزو وٺڻ جو فيصلو ڪري چڪو آهيان. غالباً لاشعوري طرح انهن قومي دانشورن، جيڪي اڄ جي بربريت جي تاريخ جي اڳيان ششدر بيهي نه ٿي سگهيا، اهو فيصلو ڪيو ته اهي اڃا پوئتي هليا وڃن، ۽ وڌيڪ اونهاين ۾ لهي وڃن. اسان کي اهو نه وسارڻ گهرجي ته انهن بي پناهه خوشيءَ سان اهو محسوس ڪيو ته ماضيءَ ۾ اهڙي ڪابه ڳالهه نه آهي، جنهن جي ڪري شرمندو ٿجي. پر ان جي ابتڙ ان ۾ هنن کي وقار، ناماچاري ۽ هڪ قسم جي پاڪائي نظر آئي. اڳوڻيءَ قومي تهذيب جي گهر رڳو قوم کي بحال نه ٿي ڪري، پر آئيندي لاءِ قومي تهذيب جو ڪارڻ به بنجي ٿي. نفسياتي ۽ جذباتي توازن جي سلسلي ۾ به اها گهر مقامي ماڻهوءَ ۾ هڪ اهم تبديلي پيدا ڪندي آهي. گهڻو ڪري اسان چڱيءَ طرح چٽو نه ڪيو آهي ته سامراجيت رڳو ڦٻايل ملڪ ۾ حال ۽ آئيندي ٿي قبضو جمائڻ تي قناعت نه ڪندي آهي. سامراجيت رڳو عوام کي پنهنجي ڦندي ۾ ڦاسائي ۽ مقامي ماڻهوءَ جي ذهن کي صورت ۽ معنيٰ کان خالي ڪرڻ تي راضي نه ٿئي، پر هڪ قسم جي بيمار منطق کان ڪم وٺندي، اها پيڙيل عوام جي ماضيءَ جي پٺيان به هٿ ڌوئي پوندي آهي ۽ ان کي بگاڙي ۽ تباهه ڪري ڇڏيندي آهي. سامراجي دور کان اڳ واري تاريخ کي اجايو ۽ اڍنگو بنائڻ جو ڪم، اڄ هڪ جدلياتي اهميت جو حامل آهي. جڏهن اسان انهن ڪوششن جو جائزو وٺون ٿا، جيڪي تهذيبي دور پيدا ڪرڻ لاءِ سامراجي دور جون خاصيتون هيون، ته اسان کي احساس ٿئي ٿو ته ڪابه شيءِ رڳو اتفاقي نه آهي ۽ سامراجي حڪومت آخر ۾ جيڪو مقصد حاصل ڪرڻ چاهيو هو، اهو ان کان سواءِ ڪجهه نه هو ته مقامي ماڻهوءَ کي پڪ ٿئي ته سامراج سندن زندگيءَ جي اونداهين کي ختم ڪرڻ لاءِ آيو هو. سامراج مقامي ماڻهن کي شعوري طرح اهو باور ڪرايو هو ته جيڪڏهن ڌاريا ڦورو هليا ويا ته مقامي ماڻهو هڪ پيرو وري بربريت، پستيءَ ۽ حيوانيت ڏانهن موٽي ويندا.

لاشعوري طرح سامراجيت اها ڪوشش ته ڪندي آهي ته مقامي ماڻهو

ڪيس هڪ قربائتي ۽ محبت ڪندڙ ماءُ سمجهي، جيڪا پنهنجي ٻار کي خراب ماحول کان بچائي رکندي آهي ـــ هڪ اهڙي ماءُ، جيڪا بنيادي طرح بگڙيل ٻار کي خودڪشيءَ جا موقعا پيدا ڪرڻ ۽ بيهودين عادتن تي چيڪ ڇڏڻ کان لڳاتار روڪيندي آهي. سامراجي ماءُ، پنهنجي ٻار کي، پنهنجي پاڻ کان، پنهنجي خوديءَ کان، پنهنجي جسم کان ۽ اُن ڏک کان (جيڪو حقيقت ۾ ان ٻار جي زندگيءَ جو لوڀ آهي) سوگهو رکندي آهي. اهڙيءَ صورتحال ۾ مقامي دانشور جو مطالبو رڳو وِندر نہ هوندو آهي، پر اهو هڪ لاڳيتي پروگرام جو لازمي جزو هوندو آهي. مقامي دانشور، جيڪو پنهنجي قومي حيثيت جي چوڪيداريءَ لاءِ هٿيار کڻندو آهي، اهو انهيءَ حيثيت لاءِ ثبوت بہ ڏيڻ چاهيندو آهي، ۽ پنهنجي جسم جي تاريخ جو مطالعو ڪرڻ لاءِ پنهنجو پاڻ کي اگهاڙو ڪرڻ لاءِ بہ تيار هوندو آهي. اهو پنهنجي عوام جي دل چيرڻ تي مجبور ٿي ويندو آهي. انهيءَ مطالعي جي رڳو قومي حيثيت نہ هوندي آهي. قومي دانشور جيڪو سامراجي ڪوڙ ۽ بدمعاشيءَ جي خلاف جنگ جوٽڻ جو ارادو ڪري چڪو آهي، پوري ڪنڊ جي ميدان ۾ وڙهندو آهي. ماضيءَ کي سندس عزت ۽ قيمت ملي ويندي آهي. تهذيب، جنهن کي ماضيءَ مان ڪڍي سندس پوري شان ۽ شوڪت سان پيش ڪيو ويندو آهي، ضروري نہ آهي تہ اها تهذيب، دانشور جي پنهنجي ئي ملڪ جي هجي. سامراجيت، جنهن ڪڏهن پنهنجي ڪوششن جي باري ۾ خوبصورت انداز بيان اختيار ئي نہ ڪيو هوندو آهي، سا شيديءَ کي هميشه وحشي قرار ڏيندي رهي ۽ سامراجيت لاءِ شيدي نہ انگولائي هو ۽ نہ وري نائجيريائي. ان لاءِ شيدي رڳو شيدي هو. سامراجيت لاءِ هيءُ عظيم وسيع ڪنڊ، وحشين جو اڏو، وهمن ۽ تعصبن جي آماجگاهہ، مقدر جو ذليل، الاهي عذاب سبب پٽتي پيل، آدم خورن جي وستي ـــ ٿورن لفظن ۾ "شيديءَ جو ملڪ" آهي. سامراجيت جي ڦٽڪار پوري ڪنڊ تي پکڙيل آهي. سامراج جي انهيءَ دعويٰ جو واسطو سموري آفريڪي ڪنڊ سان آهي تہ سامراج کان اڳ جي تاريخ انسانيت جي اونداهيءَ رات جي تاريخ آهي. مقامي ماڻهوءَ جي پنهنجي پاڻ کي بحال ڪرڻ ۽ سامراجيت جي چنبي مان بچڻ جي ڪوشش بہ منطقي طرح سامراج جي نقطئي نظر جو ئي نتيجو آهي. مقامي دانشور، جيڪو مغربي تهذيب جي حدن کان ڪيترو اڳتي نڪري ويو آهي، ۽ جنهنجي ذهن ۾ هڪ ٻي تهذيب جي اعلان جو خيال سمائجي ويو آهي، سو ڪڏهن بہ انگولا يا واهوميءَ جي نالي تي اهو اعلان نہ ڪندو آهي، پر جنهن

تهذيب جي تصديق ڪئي ويندي آهي، سا آفريڪي تهذيب آهي. شيدي، جيڪڏهن گورن جو مٿس قبضو نه هجي ها ته اهڙو شيدي نه هجي ها. اهو شيدي جڏهن اهو ثابت ڪرڻ جو فيصلو ڪندو آهي ته سندس به هڪ تهذيب آهي ۽ ڪيس به سڌريل ۽ مهذب ماڻهوءَ وانگر رهڻ جو حق آهي، ته پوءِ ڪيس اهو احساس ٿي ويندو آهي ته تاريخ سندس لاءِ هڪ واٽ مقرر ڪئي آهي ۽ هاڻي ڪيس اهو ثابت ڪرڻو آهي ته "شيدڪي تهذيب" جو به وجود آهي.

ان ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته نسلي سوچ يا گهٽ ۾ گهٽ انهيءَ سوچ ڏانهن وٺي ويندڙ ابتدائي تحريڪ جي ذميواري، سڀ کان وڌيڪ انهن يورپين تي اچي ٿي ۽ ايندي، جيڪي ٻين تهذيبن جي اڻ هوند سبب پيدا ٿيندڙ خلا کي هڪدم اچي چمڙيءَ واري تهذيب سان پرڻ جي لڳاتار ڪوشش ڪندا آهن. جيئن ته سامراجيت هڪ هڪ ڪري قومي تهذيبن جي وجود کان انڪار ڪرڻ ۾ پنهنجو وقت وڃائڻ بابت ڪڏهن به نه سوچيندي آهي، ان ڪري غلام ماڻهن جو جواب به پنهنجي وسعت جي ڪري چٽيءَ طرح سموري ڪنڊ تي مشتمل هوندو آهي. آفريڪا ۾ گذريل ويهن سالن جو مقامي ادب، قومي ادب نه پر نيگرو ادب آهي. مثال طور "نيگرو ازم" جو تصور، جيڪڏهن منطقي طرح نه ته جذباتي طرح انهيءَ توهين جو جوابي انڪار آهي، جيڪا اچي چمڙيءَ واري انسان، پوري انسان ذات سان روا رکي آهي. گورن جي نفرت جي خلاف، "نيگرو ازم" جي تيزيءَ سان پکڙندڙ تصور، ڪن حلقن ۾ پاڻ کي هڪ اهڙي تصور جي صورت ۾ ظاهر ڪيو آهي، جيڪو "منع نامي" ۽ "دين مان نيڪالي" جي تصورن جي نفي ڪري سگهي ٿو. جيئن ته نيوگني ۽ ڪينيا جي دانشورن پاڻ کي حاڪمن جي مجموعي نفرت ۽ معاشرتي جلاوطنيءَ جي صورتحال ۾ ڏٺو، ان ڪري سند ردعمل هڪٻئي جي واڪاڻ ۾ ظاهر ٿيو. يورپي تهذيب جي غير مشروط تائيد، آفريڪي تهذيب جي غير مشروط تصديق کي جنم ڏنو. مجموعي حيثيت سان "نيگرو ازم" جا شاعر جوان آفريڪا جي مقابلي ۾ پوڙهي يورپ جي تصور جي مخالفت ڪندا آهن، گيت جي جهونگار جي مقابلي ۾ ٽڪائيندڙ دليل بازيءَ جي مخالفت ڪندا آهن، تيزيءَ سان اڳتي وڌندڙ فطرت جي مقابلي ۾ منطق جي سختيءَ جا مخالف آهن. هڪ طرف سختي، رسمون، آداب ۽ شڪ آهن ته ٻئي پاسي بي تعلقي، زنده دلي ۽ آزادي ـــ ۽ ها ڇو نه ـــ عيش پسندي. ليڪن ان سان گڏوگڏ غير ذميواري پڻ. "نيگرو ازم" جا شاعر، آفريڪي ڪنڊ جي حدن ۾

ئي نہ بيهندا. آمريڪا جا ڪارا آواز بہ پوري سرتار سان انهيءَ نغمي ۾ شريڪ ٿي ويندا. "ڪاري دنيا" روشني ڏسندي، گهانا ڪان برسا، سينيگال ڪان بيراگوڊياپ، سوڊان ڪان سمپاٽيبا ۽ شڪاگو ڪان سينٽ ڪليرڊريڪ، گڏيل لاڳاپن جي وجود ۽ گڏيل سبين تي اصرار ڪرڻ ڪان نہ هٽندا. عرب دنيا جو مثال پڻ هتي پيش ڪپو وڃي ٿو. اسان کي خبر آهي تہ عرب علائقن جي گهڻائي سامراجي غلبي هيٺ رهي آهي. سامراجيت انهن علائقن ۾ بہ مقامي آباديءَ جي ذهنن ۾ اهي تصور ٺونسڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ سامراجيت جي اچڻ ڪان اڳ انهن جي تاريخ تي وحشت ۽ بربريت غالب هئي. قومي آزاديءَ جي جدوجهد سان گڏ هڪ تهذيبي صورتحال بہ شامل رهي آهي، جنهن کي اسلام جي بيداريءَ جو نالو ڏنو وڃي ٿو. اهو ولولو جنهن سان همعصر عرب مصنف، عوام کي پنهنجي تاريخ جا عظيم ورق ياد ڏيارين ٿا، قابض قوت جي اگهاڙي ڪوڙ جو جواب آهي. عربي ادب جا عظيم نالا ۽ عرب تمدن جو عظيم ماضي، انهيءَ ريت پوري جذباتي سختيءَ سان ظاهر ڪيا ويا آهن، جهڙي طرح آفريڪي تمدن جو ماضي. عرب اڳواڻن انهيءَ مشهور دارالاسلام ڏانهن واپس وڃڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جيڪو ٻارهين صديءَ کان چوڏهين صديءَ تائين وڏيءَ چمڪ سان روشن هو. اڄ سياسي سطح تي عرب ليگ ماضيءَ جي ورثي کي وري پنهنجو ڪرڻ ۽ معراج تائين پهچائڻ جي اراد کي ٺوس صورت ڏيئي رهي آهي. اڄ عرب جا عالم ۽ شاعر، سرحدن جي آرپار هڪبئي سان مخاطب آهن ۽ هڪ نئين عرب تهذيب ۽ هڪ نئون تمدن تخليق ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳا پيا آهن. اهي ماڻهو "عربيت" جي نالي تي گڏ ٿي رهيا آهن ۽ فڪري هم آهنگي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ۾ آهن. پوءِ بہ عرب دنيا ۾ هر جڳهہ تي سامراجي قبضي جي باوجود، قومي احساس هڪ اهڙي زنده دلي برقرار رکي آهي، جيڪا آفريڪا ۾ نظر نہ ٿي اچي. ليڪن انهيءَ سان گڏ هيءَ بہ حقيقت آهي تہ ماڻهن جو اجتماع سان اهو والهانہ رابطو، جيڪو آفريڪي تحريڪ جي خاصيت آهي، سو عرب ليگ ۾ نہ آهي. پر رهندو عرب ليگ ۾ هر شخص پنهنجي قوم جي ڪاميابين جا گيت ڳائڻ جي ڪوشش ڪندو نظر اچي ٿو. عرب دنيا ۾ تهذيبي عمل انهيءَ عموميت کان آزاد آهي، جيڪا عموميت آفريڪي دنيا جي خاصيت آهي. پوءِ بہ عرب پنهنجن مقصدن جي حاصلات ۾ هميشه ڌار ڌار نہ بيهندا آهن. زنده تهذيب قومي نہ پر عرب تهذيب آهي. اڃا عربن جو مسئلو اهو نہ آهي تہ قومي تهذيب جو بچاءُ ٿئي. اڃا

اهو وقت نہ آيو آهي، جو قومي تفاوتن جي ڪري ڪا تحريڪ هجي، هينئر مسئلو هيءُ آهي تہ قابض قوت جي سموري نفرت جي مقابلي ۾ آفريڪي يا عرب تهذيب جو بچاءُ ڪيو وڃي. اسان ڏسون ٿا تہ آفريڪي دنيا ۾ ۽ اهڙيءَ طرح عرب دنيا ۾ پڻ سامراج جي لتاڙيل ملڪن ۾ مهذب انسان جون دعائون ساڳيون آهن. آفريڪي، پوري آفريڪا ڪنڊ لاءِ ۽ عرب سموري دنيا لاءِ دعويدار آهن. اها تاريخي ضرورت، جنهن جي ڪري آفريڪي تهذيب جا ماڻهو، پنهنجين دعوائن کي نسلي حيثيت ڏين ٿا ۽ قومي تهذيب کان وڌيڪ آفريڪي تهذيب جي ڳالهہ ڪن ٿا، ڪين اونداهن رستن ڏانهن وٺي ويندي. اچو! مثال طور ”آفريڪي تهذيبي مجلس“ کي وٺون. اها مجلس آفريڪي دانشورن ناهي هئي، جن هڪبئي کي سڃاڻن، پنهنجي تحقيقي ڪم ۽ پنهنجن تجربن جي نتيجن کي پيٽڻ ٿي چاهيو. ان ڪري انهيءَ مجلس جو مقصد آفريڪي تهذيب جي وجود جي تصديق ڪرڻ، مختلف قومن جي سطح تي انهيءَ تهذيب جي چنڊچاڻ ڪرڻ ۽ انهن سڀني تهذيبن جي اندروني محرڪ قوتن کي ظاهر ڪرڻ هو. ليڪن انهيءَ سان گڏوگڏ انهيءَ مجلس هڪ بي ضرورت بہ پوري ڪئي، يعني يورپي مجلس جي ڪلهي سان ڪلهو ملائي زنده رهڻ جي ضرورت، جيڪا پاڻ کي عالمي تهذيبي مجلس جي شڪل ۾ ظاهر ڪرڻ جي خواهشمند هئي. انهيءَ فيصلي جي اندر ۾ اها خواهش بہ شامل هئي تہ پوريءَ طرح تيار ٿي عالمي سطح تي جتي جتي سموريءَ دنيا جي تهذيبن جو اجتماع ٿئي ٿو، اتي هڪ اهڙي تهذيب کي ثابت ڪيو وڃي، جيڪا آفريڪي ڪنڊ جي دل مان ڦٽي نڪتي هجي. هاڻي اهي سمورا مختلف ڪم سرانجام ڏيڻ ۾ هيءَ مجلس ترت پنهنجي نااهلي جو اظهار ڪندي. پاڻ کي رڳو نمائشي مظاهرن تائين محدود ڪندي، ۽ مجلس جي ڪارڪنن جو عام رويو رڳو ايترو وڃي رهندو تہ يورپ وارن تي ثابت ڪيو وڃي تہ آفريڪي تهذيب نالي بہ ڪا شيءِ موجود آهي ـــ ۽ اهڙيءَ طرح هيءَ مجلس مغرور ۽ هوڏي يورپين جي خيالن جي مخالفت ڪرڻ تائين رهجي ويندي. اسان ٻڌائي آيا آهيون تہ اهو لاڙو بلڪل فطري آهي ۽ ان جو جواز اسان کي مغربي تهذيب جي پڪڙيل ڪوڙ ۾ ملي ٿو. ليڪن ’نيگرو ازم‘ جي نظرئي جي وضاحت سان گڏ انهيءَ مجلس جو زوال اجا وڌيڪ ظاهر ٿيندو ويندو. آفريڪي مجلس، ڪاري دنيا جي تهذيبي مجلس بنجي ويندي ۽ آمريڪي ڪنڊ ۾ پڪڙيل هزارين شيدين کي بہ پاڻ ۾ شامل ڪري وٺندي. آمريڪا ۾ رهندڙ هزارين شيدي حقيقت ۾ پاڻ کي

ڪنهن تهذيبي ڪُڪ سان ملائڻ جي سخت ضرورت محسوس ڪن ٿا. انهن جو مسئلو بہ بنيادي طرح آفريڪين جي مسئلي کان مختلف نہ آهي. آمريڪا جي گورن بہ آمريڪي شيدين سان، آفريڪا تي حڪومت ڪندڙ گورن کان مختلف سُلوڪ نہ ڪيو آهي. اسان ڏسي چڪا آهيون تہ گورا سڀني شيدين کي هڪڙي جهوليءَ ۾ وجهڻ جا عادي آهن. آفريڪي تهذيبي مجلس جي پهرين ڪانگريس دوران جيڪا 1956ع ۾ پيرس اندر ڪنڀي هئي، آمريڪي شيدين بہ ازخود پنهنجي مسئلن کي انهيءَ نظر سان ڏٺو، جنهن نظر سان سندن آفريڪي پائر ڏسي رهيا هئا. سڌريل آفريڪين، آفريڪي تمدن جي موضوع تي ڳالهائيندي هيءُ فيصلو ڪيو تہ ملڪ اندر انهن ماڻهن کي بہ هڪ عزت پريو مقام ملڻ گهرجي، جيڪي پهرين غلام هئا. ليڪن آهستي آهستي آمريڪي شيدين کي احساس ٿيو تہ اهي جن مسئلن جو شڪار آهن، سي انهن مسئلن کان مختلف آهن، جن سان آفريڪي شيدي منهن ڏيئي رهيا آهن. شڪاگو جي شيدين جي نائجيريا، يا ٽانگانيڪا جي شيدين سان هڪ جهڙائي رکو اڇي چمڙيءَ واري دشمن جي ڪري آهي. ليڪن هڪ پيرو مسئلن سان منهن مقابل ٿيڻ ۽ اندروني احساسن جي تسڪين حاصل ڪرڻ کان پوءِ آمريڪي شيدين کي خبر پيئي تہ انهن جا معروضي مسئلا ڌار هئا. شهري آزاديءَ جي تحريڪ، جنهن جي وسيلي آمريڪي گورن ۽ ڪارن ٻنهي ڌرين نسلي مت پيد کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اصولن ۽ مقصدن جي اعتبار سان قابل نفرت پرتگال سامراجيت جي خلاف انگولائي عوام جي دليرانہ جنگ سان تمام ٿوري هڪجهڙائي رکي ٿي. ان ڪري آفريڪي تهذيبي مجلس جي ٻي ڪانگريس ۾ آمريڪي شيدين، سياه فام تهذيب وارن لاءِ هڪ آمريڪي مجلس ٺاهڻ جو فيصلو ڪيو.

اهڙيءَ ريت نيگرو ازم کي هن صورتحال ۾، جيڪا صورتحال انسانن جي تاريخي ڪردار جي تشڪيل جي باري ۾ احتساب ڪري ٿي، پنهنجي پهرين معذوريءَ جو احساس ٿي ويندو آهي. نيگرو ۽ آفريڪي نيگرو تهذيب مختلف وحدتن ۾ ورهائجي ويندي آهي ـــ ۽ اهو ان ڪري جو انهن ماڻهن کي، جيڪي انهن تهذيبن کي گڏ ڪرڻ چاهين پيا، اهو احساس ٿي ويو تہ تهذيب سڀ کان اڳ ۽ سڀ کان وڌيڪ "قومي تهذيب" هوندي آهي. ان کان سواءِ هيءَ ڳالهہ بہ هئي تہ اهي مسئلا جن رچرڊ رائٽ ۽ لينگسٽن هيوز کي جهنجهوڙيو، سي بنيادي طرح انهن مسئلن کان مختلف هئا، جن سان ليوپولڊ،

سينگهور ۽ جوموڪيناٿا جو واسطو پيو. اهڙيءَ طرح ڪي عرب رياستون به، (جيتوڻيڪ اهي نئين عرب بيداريءَ جا شاندار راڳ آلاپي چڪيون آهن) اهو محسوس ڪن ٿيون ته سندن جاگرافيائي حيثيت ۽ پنهنجي علائقي جا اقتصادي تعلقات، ان ماضيءَ کان وڌيڪ مضبوط آهن. جنهن کي اُهي وري زنده ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيون آهن. ان ڪري اڄ اسان عربن کي اُسرندڙ نموني اهڙن علائقن سان هڪ ٻيرو وري ڳنڍيل ڏسون ٿا، جيڪي تهذيبي اعتبار سان رومي سمنڊ جي پاسن وارا علائقا آهن. حقيقت هيءَ آهي ته انهن رياستن تي موجود حالتن جو دباءُ آهي ۽ واپار جون نيون راهون کليون آهن. جڏهن ته اڳوڻن واپاري لاڳاپن جو (جيڪي عرب تاريخ جي عظيم دور ۾ موجود هئا) هاڻي خاتمو ٿي چڪو آهي. ليڪن سڀ کان وڏي ڳالهه هيءَ آهي ته ڪن عرب ملڪن جون سياسي حڪومتون پنهنجن سياسي نظرين جي اعتبار کان هڪ ٻئي کان ايتريقدر مختلف آهن، جو سندن وچ ۾ تهذيبي ميل جول بي معنيٰ ٿي ويو آهي.

ان ڪري اسان ڏسندا آهيون ته ڪڏهن ڪڏهن سامراج جي لتاڙيل ملڪن جو تهذيبي مسئلو گهرا شڪ پيدا ڪرڻ جو خطرو ڪٽندو آهي. سامراجيت جي دعوائن مطابق نيگرو تهذيب جي اڻ هوند ۽ عربن جي پيدائشي بربريت، منطقي طرح انهن تهذيبي مظهرن جي عروج ڏانهن وٺي ويندي، جيڪي رڳو قومي نه پر هڪ ڪنڊ ۾ بند ۽ بيحد نسلي آهن. آفريڪا ۾ تهذيبي ماڻهن جي تحريڪ، نيگرو آفريڪي تهذيب يا عرب مسلم تهذيب جي تحريڪ آهي. اها خاص ڪري قومي تهذيب جي تحريڪ نه آهي. تهذيب هر روز موجوده واقعن سان واسطا توڙيندي پيئي وڃي، ان کي پنهنجي پناهه گاهه انهيءَ تنور جي پٺيان نظر اچي ٿي، جيڪو سخت جذبن جي ڪوئلن سان پڙڪيي رهيو آهي، ۽ اتان اها حقيقت پسندانه واٽن تان گذرندي، پنهنجو رستو بنائي ٿي ۽ اهوئي اڪيلو طريقو آهي، جنهن سان اها فائديمند، هم آواز ۽ مضبوط ٿي سگهي ٿي

جيتوڻيڪ مقامي دانشور جو عمل تاريخي لحاظ کان تنگ يا سوڙهو آهي، پوءِ به حقيقت اهائي رهي ٿي ته اهو سياستدان جي عملن کي برقرار رکڻ ۽ جائز قرار ڏيڻ ۾ تمام اهم حصو وٺندو آهي. اهو صحيح آهي ته مقامي دانشورن جي هلت ڪڏهن ڪڏهن هڪ عقيدي يا مذهب جو نمونو اختيار ڪري وٺندي آهي، پر جيڪڏهن سچ پچ اسان انهيءَ هلت جي چنڊچاڻ ڪرڻ

چاهيون ٿا تہ اسان ڏسنداسون تہ دانشور جي اها هلت هن ڳالهہ جي نشاني آهي تہ اهو انهيءَ خطري جي احساس ۾ ورتل اهي تہ ڪٿي هو عوام سان پنهنجي لاڳاپي جي آخري ڪڙي بہ ختم نہ ڪري ڇڏي ۽ عوام کان ڪٽجي ڪٿي پري نہ نڪري وڃي. قومي تهذيب ۾ اهو چٽو پروسو حقيقت ۾ ڪنهن اهڙي محفوظ جڳهہ ڏانهن، جتي هو لنگرانداز ٿي سگهي، هڪ سخت ۽ نااميديءَ وارو موڙ آهي. گوري جي تهذيبي مٿيرائيءَ کان بچاءُ لاءِ ۽ پنهنجين اڻ سڃاتل پاڙن ڏانهن موٽڻ ۽ هر قيمت تي پنهنجي پاڻ کي پنهنجي وحشي عوام ۾ گم ڪرڻ جي ضرورت محسوس ٿيندي آهي. جيئن تہ ان کي اهو محسوس ٿيندو آهي تہ هو عوام کان ڌار ٿيندو پيو وڃي، ڇڻ هو محسوس ڪندو هجي تہ هو اهڙن تضادن جو شڪار آهي، جن تي سوڀ حاصل ڪرڻ ڏاڍي ڏکي آهي، انهيءَ ڪري مقامي ماڻهو پاڻ کي انهيءَ ڏہڻ کان پري ڪندو آهي تہ متان اها ڪيس ڳهي نہ وڃي ــ ۽ اهڙيءَ طرح هر شيءِ قبول ڪري وٺندو آهي ۽ سڀ ڪجهہ صحيح سمجهڻ ۽ مڃڻ جو فيصلو ڪندو آهي، ۽ پوءِ ڪٿي انهيءَ معاملي ۾ جسم ۽ روح کان ڇو نہ هٿ ڌوئڻا پون. مقامي ماڻهو سمجهندو آهي تہ پاڻ هر شيءِ جو ۽ هر ايندڙ لاءِ جوابدار آهي. اهو نہ صرف پنهنجي عوام جو محافظ بنبو آهي، بلڪ اهو دانشور پاڻ کي عوام ڳٽائڻ لاءِ تيار آهي ۽ ان ڪري اهو پنهنجي ماضيءَ جي بزدليءَ تي ٿهڪ ڏيڻ جي اهليت بہ رکي ٿو. پوءِ بہ ڪٽجي الڳ ٿيڻ، جيڪو گهڻو ڪري ڏکوئيندڙ ۽ مشڪل بہ آهي، پر ائين ٿيڻ هر حالت ۾ لازمي آهي. جيڪڏهن ائين نہ ڪيو ويو تہ نفسياتي طرح سخت جذباتي ڦٽ پيدا ٿي پوندا ۽ اهڙن سخت جذباتي ڦٽن جو نتيجو اهڙا ماڻهو هوندا، جن جو نہ ڪو سڙهہ هوندو ۽ نہ ساحل، جن ۾ نہ ڪا ڪيفيت هوندي، نہ زندگي ۽ نہ پاتال ۾ پاڙون ـــــ ڇڻ تہ بي حس روح آهي. ڪنهن مقامي ماڻهوءَ کي اهو چوندي ٻڌڻ اچرج جهڙي ڳالهہ نہ هوندي آهي تہ "آءٌ سينيگال ۽ فرانسيسي جي حيثيت ۾ ڳالهائي رهيو آهيان" يا "آءٌ الجزائري ۽ فرانسيسي جي حيثيت ۾ ڳالهايون پيو." اهو دانشور، جيڪو هڪ ئي وقت عرب ۽ فرانسيسي يا نائجيريائي ۽ انگريز آهي، جڏهن ٻين قوميتن اختيار ڪرڻ جي ضرورت ۾ وڪوڙجي ويندو آهي تہ ان وقت اهو جيڪڏهن پنهنجي ذات سان سچو هوندو آهي تہ پوءِ ٻنهي صورتن مان هڪ جي نفي ڪندو آهي. پر جيئن تہ گهڻو ڪري دانشور انهن ٻنهي صورتن مان ڪنهن هڪ جو انتخاب نہ ڪندا آهن يا نہ ڪري سگهندا آهن، تہ پوءِ اهي تاريخي جبريت جا اهڙا سڀ

جزا گڏ ڪري وٺندا آهن، جن سان سندن وجود ٺهيو آهي ۽ پوءِ بنيادي "آفاقي" نقطئہ نظر قبول ڪري وٺندا آهن. اُهو ان ڪري ٿيندو آهي، جو مقامي دانشور ڏاڍي حرص سان مغربي تهذيب تي حملو ڪري ڏيندو آهي، گود ورتل ٻار وانگر، جيڪو خاندان جي سانچي جي باري ۾ پنهنجي ڪوجنا ان وقت ختم ڪندو آهي، جڏهن سندس ذهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ "بچائڻ" جو ڪو مرڪز قائم ٿي وڃي. مقامي ماڻهو يورپي ثقافت قبول ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. اهو رڳو رابيلي، ويدرو، شيڪسپيئر ۽ ايڊگرايلن پو جي نالن کان واقف ٿيڻ تي صبر نہ ڪندو آهي، پر انهن کي پنهنجي ذهن تي وس پڄندي مڙهي ڇڏيندو آهي،

ائين اها عورت اڪيلي نہ هئي،
ان وٽ سندس محترم مڙس بہ هو،
جنهن کي اها خبر بہ هئي ـــ
ڪيئن ڪارنئي ۽ راسين جو
والٽيئر ۽ روسو جو،
وڪٽر هيوگو ۽ موسي،
ويلري ۽ زيد جو،
حوالو ڏيندا آهن.....

ليڪن ان وقت جڏهن سياسي جماعتون عوام کي قومي آزاديءَ جي نالي تي سجاڳ ڪري رهيون هونديون آهن، مقامي دانشور انهن حوالن کي ٺوڪر هڻندو آهي، جڏهن ڪيس خبر پوندي آهي تہ اهي شيون ڪيس پنهنجي مادر وطن ۾ ڌاريو بنائي رهيون آهن. تياڳ جي دعويٰ، عملي تياڳ کان هميشه سولي هوندي آهي. دانشور جيڪو تهذيب جي واسطي سان مغربي تمدن ۾ داخل ٿي چڪو آهي، جيڪو يورپي تهذيب جي جسم جو هڪ حصو بنجي وڃڻ جو انتظام ڪري چڪو آهي. يا ٻين لفظن ۾ جنهن پنهنجي تهذيب کي ڪنهن ٻيءَ تهذيب سان بدلائي ڇڏيو آهي، اهو دانشور هڪ ڏينهن محسوس ڪندو تہ هاڻي هو حقيقي ۽ فطري نظر اچڻ لاءِ تهذيبي ڪُک کي ڀاڪر وجهڻ ٿو چاهي. اها تهذيب اهڙا منفرد شخص پيدا نہ ڪري سگهندي آهي، جن کي قابض قوت جي تمدن ۾ نظر ايندڙ منفرد شخصن جي ڀيٽ ۾ رکي سگهجي، جيڪي ڳالهيٽي ۾ بہ گهڻا آهن تہ پروقار پڻ ـــ بيشڪ تاريخ ڪڏهن ڪڏهن آفريڪي ماضيءَ جي مختلف دورن جو جائزو وٺندي رهندي. جيتوڻيڪ اها

تاريخ مغربي ماڻهو پنهنجن مقصدن لاءِ لکندا آهن. پر هلندڙ صورتحال ۾، پنهنجي ملڪ جي روبرو ۽ هن پوري کنڊ جي هاڻوڪن واقعن کي معروضي ۽ واضح نموني ڏسندي جنهن کي هو قبول ڪرڻ چاهي ٿو. اسان جو دانشور، هتي جو خال، زوال ۽ بربريت ڏسي ڏڃي وڃي ٿو. هاڻي هو محسوس ڪندو آهي ته مون کي اڇي چمڙيءَ وارن جي تهذيب کان پري پڇڻ گهرجي. پنهنجي تهذيب ڪنهن ٻيءَ جاءِ تي ڳولڻ گهرجي. جيڪڏهن مقامي دانشور ان شان ۽ گهرائيءَ واري تهذيب جو مٿُ ڳولڻ ۾ ناڪام رهندو آهي، جنهن جو مظاهرو قابض قوت ڪري چڪي آهي، ته پوءِ هو گهڻو ڪري جذباتي لاڙن ڏانهن موٽندو ۽ اهڙي ذهني ڪيفيت پيدا ڪندو، جنهن تي، غير معمولي احساس ۽ اثر پذيري ڇانيل هوندي آهي. حقيقت کان پڇڻ جو سبب هيءُ آهي ته هو پنهنجي انهيءَ ذهني ڪيفيت ۽ ڪردار ۾ ئي اختلافي مسئلن جي باري ۾ خيالي محل ٺاهيندو آهي، ۽ اهڙيءَ ريت سندس ڪردار ۾ جسماني نوعيت جو تضاد اڀري ايندو آهي.

هيءُ انهن مقامي دانشورن جي اسلوب جي ڪافي تشريح آهي، جيڪي شعور جي انهيءَ دور کي، جيڪو آزاد ٿيڻ جي مرحلي مان گذري رهيو آهي، ظاهر ڪرڻ جو فيصلو ڪندا آهن. اهو هڪ سخت اسلوب آهي، مثالن سان ڀرپور، ڇو ته "مثال" ضرورت جي اها پل آهي، جيڪا لاشعوري سگهه کي پرپاسي جي ويءَ ۾ پکيڙي ڇڏيندي آهي ـــ اهو تمام سگهارو اسلوب آهي، زنده، سرتار سان چمڪندڙ ۽ ٿهڪندڙ زندگيءَ جو پورو اظهار. اهو اسلوب رنگن سان ڀرپور، ڪنجهي وانگر سخت، اُس ۾ پڪل ۽ ڏاڍو تيز ۽ سخت اسلوب آهي. اهو اسلوب، جنهن ڪڏهن مغرب وارن کي به حيران ڪيو، سو ڪنهن به ريت نسلي نه آهي، جيتوڻيڪ ڪڏهن ڪڏهن ان جي ابتڙ بيان به ڏنا ويا آهن. اهو اسلوب هٿو هٿ جدوجهد جو اظهار ڪري ٿو، ۽ ان ضرورت کي ظاهر ڪري ٿو ته انسان کي پاڻ پنهنجي ذات جي ان حصي کان آزاد ٿيڻو آهي، جنهن جي اندر مرڻينگ ٻج آهي. پوءِ اها جدوجهد ڏک ڏولاوا ڏيندڙ هجي يا تيز رفتار ۽ ضروري، بهرحال جسماني عمل کي نظرين جي جڳهه ونڊي پوندي.

جيڪڏهن شاعريءَ جي دنيا ۾ اها تحريڪ اڻ ڏٺل مٿاهينءَ تي پهچي وڃي ٿي ته به حقيقت اها ئي رهندي آهي ته اصل دنيا ۾ دانشور گهڻو ڪري اونداهين واٽن تي هلندو آهي. اهڙي وقت ۾ جڏهن هو عوام سان پنهنجي لاڳاپي جي مٿاهينءَ تي هوندو آهي، پوءِ اهو عوام ماضيءَ ۾ ڪٿي ڪجهه به

رهيو هجي. دانشور حقيقي زندگيءَ جي عام واٽن تي لهي اچڻ جو پڪو پهه ڪري وٺندو آهي، ۽ پنهنجي مهم وسيلي صرف اهڙا فائدا واپس آڻيندو آهي، جيڪي انتهائي بيڪار هوندا آهن. اهو رسمن، روايتن ۽ پنهنجي عوام جي ظاهري شڪل ۽ صورت سان وڏي عزت ۽ قيمت لاڳو ڪندو آهي، ليڪن هيءُ ضروري ڏک ڏوجهرا ڏيندڙ تجربو، نيٺ پرڏيهي شين ۽ تصورن جي اڍنگي ڳولا ثابت ٿيندو آهي.

هاڻي گوڏ، مقدس شيءِ بنجي ويندي آهي، ۽ پيرس ۽ اٽليءَ مان ايندڙ جوتا. ديسي جوتن جي مقابلي ۾ حقارت سان اڇلايا ويندا آهن ــ ۽ قابض قوت جي ٻولي اوچتو چپ ساڙڻ لڳندي آهي. انهيءَ دور ۾ پنهنجي ساٿي هم وطنن کي ڳولڻ جو مطلب ڪڏهن ڪڏهن هيءُ هوندو آهي ته ڄاڻي واڻي نيگرو بنجڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ــ يعني شيدين جهڙو شيدي، پر پاڻ وڏيڪ اصلي شيدي. هڪ ذليل شيدي، صفا اهڙو شيدي، جهڙو گورا توهان کي بنائڻ چاهين ٿا. پنهنجي عوام ڏانهن موٽي وڃڻ جو مطلب هڪ گندو مصري بنجڻ آهي ــ امڪاني حد تائين ديسي ٿيڻ، ۽ گمنام هجڻ ــ ۽ انهن کنين کي وڍڻو آهي، جن کي پهرين توهان وڏڻ ڏنو هو.

مقامي دانشور انهن خراب عادتن کي، جيڪي سامراجي دنيا کان اڌاريون ورتيون ويون هيون، ترتيب ڏيئي فهرست ٺاهيندو آهي، ۽ هر شخص کي عوام جون قديم ۽ سٺيون رسمون ياد ڏيارڻ ۾ ڏاڍي ڦرتائي ڏيکاريندو آهي ۽ عوام جي باري ۾ هو فيصلو ڪندو آهي ته ان ۾ سموريون خوبيون ۽ سڀ سچايون گڏ ٿيل آهن. انهيءَ نئين موٽ تي بيٺڪي علائقن ۾ رهندڙ ڌارين ڦورن جي ڪاوڙ ڏيهي ماڻهن جي فيصلي کي اڃا وڏيڪ پختو ڪندي آهي. جڏهن سامراجين کي (جيڪي انهن مغربي رنگ ۾ رنگيل ماڻهن تي پنهنجي فتح جو مٺاڻ چکي چڪا آهن) اهو احساس ٿيندو آهي ته هي ماڻهو پڻ (جن کي هو محفوظ روح سمجهندا هئا) شيدين سان شامل ٿيندا پيا وڃن ته سامراج جو پورو سرشتو لڏڻ لڳندو آهي. هر ڏيهي ماڻهو، جنهن تي سوڀ حاصل ڪئي ويئي هئي ۽ جنهن وفاداريءَ جو قسم کنيو هو، جڏهن پنهنجون بندشون ٽوڙي، پنهنجي پاسي واپس ورڻ جو فيصلو ڪندو آهي، تڏهن اهو نه رڳو سامراجي ڍانچي جي شڪست جي نشاندهي ڪندو آهي، پر هن وقت تائين جيڪي ڪجهه ٿي چڪو آهي، ان جي بيڪار پٽي ۽ واهيات پٽي جي علامت پڻ بنجي ويندو آهي. هر مقامي ماڻهو، جيڪو سامراج جي ڪابي پاسي هليو

ويندو آهي، سو حڪومت ۽ ان جي طريقي ڪار جي هڪ انقلابي مذمت آهي ـــ ۽ ان بي عزتيءَ واريءَ صورتحال ۾ جنهن کي هو (سامراج) جنم ڏيندو آهي، مقامي ماڻهوءَ کي پنهنجي چونديل رستن تي پير تي رهڻ لاءِ جواز ۽ شهہ ملي وڃي ٿي.

جيڪڏهن اسان مقامي اديبن جي تحريرن ۾ انهن ڌار ڌار مرحلن کي ڳولڻ چاهيون، جيڪي انهيءَ واڌ ويجهہ جي خاصيت جا الڳ الڳ تهہ آهن. پهرئين دور ۾ ڏيهي دانشور انهيءَ ڳالهہ جو ثبوت ڏيندو آهي تہ هن قابض قوت جي تهذيب کي پاڻ ۾ سمائي ڇڏيو آهي. ان جون تحريرون حرف بہ حرف قابض ملڪ جي اديبن جي تحريرن مطابق هونديون آهن. سندن تخليقي محرڪ يورپي آهي ۽ اسان آسانيءَ سان سندس تحريرن کي قابض ملڪ جي خاص لاڙن سان ڳنڍي سگهون ٿا. هيءُ دور غير مشروط ميلاپ جو دور هوندو آهي. انهيءَ دور جي بيٺڪي ادب ۾ اسان کي "پارينشين"، "علامت پسند" ۽ "سريئلسٽ" اديب بہ نظر ايندا. ٻئي دور ۾ مقامي ماڻهو پريشان نظر ايندو آهي. اهو هي ياد ڪرڻ جو فيصلو ڪندو آهي تہ پاڻ ڇا آهي؟ تخليقي ڪم جو هيءُ دور، ڪجهہ ڪجهہ ان استغراق مطابق آهي، جنهن جو اسان هاڻي ذڪر ڪيو آهي. پر جيئن تہ اڳا تائين ڏيهي دانشور پنهنجي عوام جو هڪ حصو نہ هوندو آهي، جيئن تہ عوام سان سندس لاڳاپا رڳو خارجي نوعيت جا ئي هوندا آهن، ان ڪري هو انهن جي زندگيءَ کي ئي ياد ڪرڻ تي قناعت ڪندو آهي. ننڍپڻ جا گذريل واقعا هن جي يادن جي گهراين کي تازو ڪندا آهن، ۽ انهن ئي گهراين مان اهي واقعا ڪر موڙي اٿندا آهن. اڌاري ورتل جماليات ۽ ٻين آسمانن جي هيٺان لڏل نظريا، زندگيءَ جي روشنيءَ ۾ پراڻن قصن ۽ ڪهاڻين جون نيون تعبيرون نظر ايندیون آهن. ڪڏهن ڪڏهن بنهہ جدوجهد جي شروعات کان اڳ اهو ادب، مزاح ۽ علامت سان ڀرپور نظر ايندو آهي، ليڪن گهڻو ڪري اهو مشڪلات ۽ مايوسيءَ جي دور جو اظهار هوندو آهي، ۽ موت ۽ شڪست جي تجربن جو نچوڙ ـــ اسان الٽي ڪريون ٿا، پر ان جي هيٺان ڪِل جو آواز ٻڌو ويندو آهي.

نيٺ ٽئين دور ۾، جنهن کي جدوجهد جو دور بہ چئي سگهجي ٿو، پاڻ کي ماڻهن ۾ ۽ ماڻهن سان گڏ گم ڪرڻ جي ڪوشش کان پوءِ هاڻي مقامي دانشور عوام کي چرپر ۾ آڻيندو آهي. عوام جي سستيءَ کي پنهنجي نظر ۾ هڪ باعزت مقام ڏيڻ جي بدران هاڻي هو انهن کي جاڳائيندڙ بنجي ويندو آهي

ـــــ ۽ اهڙيءَ ريت هڪ جنگجو ادب، انقلابي ادب ۽ قومي ادب جي تشڪيل ٿيندي آهي. انهيءَ دور ۾ ڪيترا مرد ۽ عورتون (جن ڪڏهن ڪوبہ تخليقي ڪم ڪرڻ لاءِ سوچيو بہ نہ هو) هاڻي جڏهن پاڻ کي غير معمولي حالتن ۾ ڏسندا آهن، وطن دوستي جو ڳُجهن جٽن سان گڏ، جيل ۾ وڃڻ يا ڦاسي چڙهڻ ڪان اڳ ۾ انهن کي پنهنجي قوم سان مخاطب ٿيڻ جي ضرورت محسوس ٿيندي آهي، ڪين اهڙن جملن ناهڻ جي ضرورت ٿيندي آهي، جيڪي ماڻهن جي دلين جو آواز بنجي وڃن ۽ هڪ نئين عملي سچائيءَ جا پرچارڪ بنجن. تڏهن بہ ڏيهي دانشور کي دير سوير اهو احساس ٿيندو آهي، تہ ڪنهن قوم جو ثبوت ان جي تهذيب مان ملي نہ سگهندو آهي، پر قوم جي وجود جو ثبوت، ان جنگ سان ڏنو ويندو آهي، جيڪا سامراجي قابض قوت جي خلاف وڙهي ويندي آهي. ڪوبہ سامراجي نظام انهيءَ ڳالهہ مان پنهنجو وجود جائز ثابت نہ ڪندو آهي تہ جن علائقن تي سندس قبضو آهي، تن علائقن جي پنهنجي ڪا تهذيب آهي ئي ڪانہ. توهان سامراج جي سامهون گمنام تهذيبي خزانا پکيڙي، ان جو ڪنڌ هيٺ نہ ٿا ڪري سگهو. انهيءَ وقت جڏهن ڏيهي دانشور ڏاڍي بيتابيءَ سان ڪو تهذيبي نمونو تخليق ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي تہ ان وقت اهو وساري ڇڏيندو آهي تہ هو پنهنجي ملڪ ۾ ڌارين کان اڌاري ورتل ٽيڪنڪ ۽ زبان استعمال ڪري رهيو آهي. هو انهن ذريعن تي هڪ اهڙي مُهر هڻڻ چاهيندو آهي، جنهن جي باري ۾ سندس خواهش هوندي آهي تہ اها قومي مُهر هجي. پر ان مان عجب جي حد تائين ڌاريائپ جي بُوءِ ايندي آهي. ڏيهي دانشور، جيڪو پنهنجي تهذيبي ڪارنامن رستي پنهنجي عوام ڏانهن واپس ورندو آهي، سو حقيقت ۾ هڪ پرڏيهيءَ جي روش اختيار ڪندو آهي. گهڻو ڪري اهو ظاهر ڪرڻ لاءِ تہ هو هر ممڪن طريقي سان عوام کي ويجهو ٿيڻ چاهي ٿو، هو ڏيهي ٻولي ڳالهائڻ کان بہ نہ هٻڪندو آهي. ليڪن هن جا پيش ڪيل خيال ۽ سندس مصروفيتون، ان حقيقي صورتحال کي پرکڻ لاءِ ڪسوٽي نہ هوندا آهن، جنهن صورتحال ۾ ان دانشور جي ملڪ جو عوام ورتل هوندو آهي. اها تهذيب، جنهن ڏانهن دانشور جو لاڙو هوندو آهي، گهڻو ڪري هالو چالو رسمن ۽ رواجن جي هڪ ميڙ کان سواءِ ڪجهہ نہ هوندي آهي. دانشور پنهنجو پاڻ کي عوام سان ملائڻ چاهيندو آهي، پر رڳو عوام جي ظاهري حمايت جي ڪاپي ڪرڻ کان اڳتي وڌي نہ سگهندو آهي ـــــ ۽ اهي ظاهري روايتون، ان مخفي زندگيءَ جو اولڙو هونديون آهن، جيڪا

ججهي انداز ۾ هميشه روان دوان هوندي آهي، اِها انتهائي چٽي معروضيت، جيڪا ڪنهن قوم جي خصوصيت هوندي آهي، سا حقيقت ۾ هڪ بيجان شيءِ هوندي آهي، جنهن کي عام طرح وساريو ويندو آهي، ۽ جيڪا هڪ بنهه بنيادي مواد جي گهڻو ڪري اڍنگي تشڪيل هوندي آهي ـــ ۽ اهو مواد لڳاتار نئون ٿيندو رهندو آهي. تهذيب جو عيوضي، بجاءِ اُن جي، جو انهيءَ مواد کي تلاش ڪري، انهن جامد ٿڪرن جي جادوئي اثرن ۾ اچي ويندو آهي. اهي ٿڪرا جيئن ته غير متحرڪ هوندا آهن، ان ڪري حقيقت ۾ منفي ۽ گئل پيئل نواڻ جي علامت هوندا آهن. تهذيب ۾ ڪڏهن به رسمن واري وضاحت نه هوندي آهي. ان کي آرام پسنديءَ کان نفرت هوندي آهي. پنهنجي اصلي جوهر جي اعتبار کان اها رسمن جو ضد هوندي آهي، ڇو ته رسمون هميشه تهذيب جو زوال هونديون آهن. پنهنجو پاڻ کي روايت سان ملائڻ جي خواهش يا وسري ويل روايتن کي وري زنده ڪرڻ جي ڪوشش جو مطلب رڳو تاريخ جي وهڪري جي ئي مخالفت نه آهي، پر پنهنجي عوام جي به مخالفت آهي. جڏهن عوام هڪ بي رحم سامراجيت جي خلاف هٿياربند جدوجهد يا سياسي جدوجهد جو آغاز ڪندو آهي ته روايت جي اهميت تبديل ٿي ويندي آهي. ماضيءَ ۾ انفرادي مقابلي جا جيڪي طريقا اختيار ڪيا ويا هئا، سي هن دور ۾ ننڍڻ لائق ٿي ويندا آهن. ڏٽڙيل ملڪن ۾ جدوجهد جي زماني ۾ روايتون بنيادي طرح غير مستحڪم هونديون آهن ۽ مرڪزي لاڙن جي اثر جي تابع هونديون آهن. اهوئي سبب آهي جو دانشور گهڻو ڪري متروڪ ٿيڻ جي خوف کان ڏڪندو رهندو آهي. جدوجهد مان لنگهندي عوام ۾ لفظن جي جادوگريءَ کان بيزاري وڌندي ويندي آهي ـــ ۽ اهي ماڻهو جيڪي دانشورن جي پوئلڳيءَ جي خواهش رکندا آهن، سي پاڻ کي عام موقعي پرستن جي صورت ۾ ظاهر ڪندا آهن. ائين چئو ته اهي تمام دير سان ايندڙ ماڻهو هوندا آهن. مثال طور مجسمي سازيءَ جي فن ۾، اهو مقامي فنڪار، جيڪو هر قيمت تي قومي فن جو نمونو تخليق ڪرڻ چاهيندو آهي، پنهنجو پاڻ کي رڳو رسمي تفصيلات پيش ڪرڻ تائين محدود ڪري وٺندو آهي. اهي فنڪار، جيڪي جديد ٽيڪنيڪن جو پوريءَ ريت مطالعو ڪيو ويٺا هوندا آهن، ۽ جيڪي جديد مصوريءَ ۾ ۽ تعميرات جي فن جي خاص نمونن ۾ حصو وٺيو ويٺا هوندا آهن، غير ملڪي تهذيب کان منهن موڙي ان جي نفي ڪندا آهن ۽ هڪ حقيقي قومي تهذيب جي ڳولا ۾ روانا ٿي ويندا

آهن، ۽ اجهو ائين قومي فن جي مستقل اصولن کي تمام وڏيڪ اهميت ڏيڻ لڳندا آهن، ليڪن اهي ماڻهو اهو وساري ڇڏيندا آهن ته اهي فڪري سانچا ۽ انهن سانچن جي واڌ ويجهه ڪندڙ شيون، ان کان سواءِ، اطلاعات، زبان ۽ لباس جي نئين ٽيڪنيڪ، اهي سڀ گڏجي سڏجي ماڻهن جي ذهنن جي نئين سر تنظيم ڪنديون آهن، ۽ اهي مستقل اصول، جيڪي سامراجي دور ۾ مختلف بچاءَ بندن جو ڪم ڏيندا هئا، سي هاڻ خود سخت تبديلين جو شڪار ٿي ويندا آهن.

اهو فنڪار، جيڪو قومي صداقتن کي پيش ڪرڻ جو ارادو ڪري ويهندو آهي، هاڻي بنهه ابتڙ طريقي تي حقيقي واقعن کان پري ماضيءَ ڏانهن هليو ويندو آهي. اهو جنهن شيءِ کي نيٺ گلي لڳائڻ چاهيندو آهي، سو حقيقت ۾ متروڪ فڪر هوندو آهي ـــ تصورات جا خول ۽ ان جا لاشا. چئبو ته هڪ اهڙو علم جيڪو قطعي طور غير متحرڪ ٿي چڪو آهي. پر قومي دانشور کي، جيڪو هڪ مستند فني نمونو تخليق ڪرڻ جو ارادو ڪري چڪو آهي، هيءُ احساس ضروري ڪرڻ گهرجي ته ڪنهن قوم جي صداقت سڀ کان وڏيڪ ان جي حقيقي زندگي ئي هوندي آهي. انهيءَ دانشور کي ان وقت تائين ڪوششون جاري رکڻ گهرجن، جيسين تائين ان کي مختلف عنصرن جي معجون مان اهو عنصر نه ٿو ملي، جيڪو مستقبل جي علم جو ڏس ڏيندو هجي.

آزاديءَ کان اڳ قومي مصور قومي منظر کان اڻ واقف هو. هن تجريدي آرٽ کي وڏي اهميت ڏيئي ڇڏي هئي ۽ گهڻو ڪري ڪيس بيئل زندگيءَ جي عڪاسيءَ ۾ خصوصيت حاصل هئي. آزاديءَ کان پوءِ عوام سان ڳانڍاپي جي چاهنا ۾ اهو حقيقت جي انتهائي تفصيلي نمائندگيءَ تائين محدود ٿي ويندو آهي. هيءُ هڪ اهڙو فن آهي، جيڪو ماڻو ۽ غير متحرڪ آهي، ۽ جيڪو زندگيءَ کي نه پر موت کي سجاڳ ڪندو آهي. باشعور طبقو جڏهن انهيءَ "داخلي حقيقت" کي (جنهن جو اظهار انتهائي خوبيءَ سان ڪيو ويو آهي) ڏسندو آهي ته مُنڊجي ويندو آهي. ليڪن اسان کي اهو پڇڻ جو حق حاصل آهي ته ڇا اها صداقت ڪا حقيقي صداقت آهي؟ ڇا اها اڳيئي اڇلايل ۽ ٺڪريل نه آهي، ۽ ڇا انهيءَ تي هيءُ زمانو اعتراض ڪندڙ نه آهي، جنهن مان لنگهي عوام تاريخ ڏانهن پنهنجو رستو ٺاهي رهيو آهي؟

شاعريءَ جي ميدان ۾ پڻ، اسان انهن حقيقتن کي نروار ڪري سگهون ٿا. ٻاهرين اثرن جي مقبوليت جي دور کان پوءِ، جنهن جي خصوصيت قافيه بند

شاعري هوندي آهي، ڊولڪ جو شعري آهنگ تتي ويندو آهي. هائي بغاوت جي شاعري پيدا ٿيندي آهي، ليڪن اُهائي شاعري بياني ۽ تجزياتي پڻ هوندي آهي. تڏهن بہ شاعر کي اهو سمجهڻ گهرجي تہ عوام جي حمايت ۾ دانشمندانہ ۽ اڻ ٽر طريقي سان هٿيار کڻڻ جو مٽ ڪائي بي شيءِ نہ ٿي ٿي سگهي. ڊيسپٽر مان هڪ حوالو اقتباس ڏسو:

هونئن تہ اها عورت اڪيلي بہ نہ هئي،
ان جو هڪ مڙس بہ هو،
اهو جيڪو سڀڪجهہ سمجهندو هو،
پر حقيقت ۾ هو ڄاڻندو ڪجهہ بہ نہ هو ـــ
ڏيڻ بنا ڪجهہ، توهان کي تهذيب ملي نہ ٿي سگهي،
توهان ان کي گوشت ۽ رت ڏيندا آهيو، ۽
ٻين جي لاءِ تياڳيندا آهيو پنهنجي زندگي ـــ
اهڙيءَ ريت سڀ ڪجهہ، ڪلاسيڪيت ۽ رومانيت
۽ اهو ڪجهہ جيڪو، اسان جي روح جو ورثو آهي،
سڀ ملي ويندو!

اهو مقامي شاعر، جيڪو قومي فن جو نمونو تخليق ڪرڻ ۾ رڌل آهي ۽ جيڪو پنهنجي عوام جو نقشو پيش ڪرڻ جو ارادو ڪري چڪو آهي، سو پنهنجي مقصد ۾ ناڪام ان ڪري رهندو آهي، جو هو اجا تائين اهڙيون بنيادي رعايتون ڏيڻ لاءِ تيار نہ هوندو آهي، جنهن جو ڊيسپٽر ذڪر ڪيو آهي. فرينچ شاعر "ريني شار" مسئلي کي سمجهائيندي، اسان کي ياد ڏياري ٿو تہ "شاعري هڪ داخلي جبر ۽ هڪ خارجي انتخاب مان جنم وٺندي آهي. نظم، انهن فيصلي ڪُن ۽ اصلي گڻن جي گڏجاڻيءَ ۽ چرپر جو نالو آهي، جيڪي موجود حالتن مطابق ڪنهن اهڙي شخص سان اڳتي وڌندا آهن، جنهن کي واقعات ڇڪي اڳيان آڻين." ها، مقامي شاعر جو سڀ کان پهريون فرض تہ واضح نموني سان انهيءَ عوام جو غور سان مشاهدو ڪرڻ آهي، جنهن کي هن پنهنجي فن هيئت جي موضوع لاءِ چونڊيو آهي. اهو ان وقت تائين يقين سان، اڳتي قدم نہ ٿو وڌائي سگهي، جيسين تائين اهو پهرين صحيح نموني سان اهو اندازو نہ ٿو ڪري سگهي تہ هو عوام کان ڪيتري قدر ڌاريو آهي. اسان هر شيءِ ٻئي طرف کان حاصل ڪئي آهي، ليڪن ٻئي طرف کان اسان کي ڪا شيءِ ان وقت تائين نہ ٿي ملي، جيسين تائين اسان هزار چڪر ڏيئي نيٺ عوام

ڏانهن جهڪي نہ ٿا وڃون، جيسين تائين ڏهن هزارن حيلن ۽ هڪ لک اٽڪلن سان هو اسان کي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ، ڏتارڻ ۽ نيٺ قابو ڪرڻ ۾ ڪامياب نہ ٿو ٿئي. وٺڻ جو مطلب گهڻو ڪري هر صورت ۾ اسيري آهي. ان ڪري اسان جي لاءِ اهو ڪافي نہ آهي تہ اسان بار بار ڪنهن ڳالهہ جو اعلان ڪريون ۽ ڪنهن شيءِ کي رد ڪري پاڻ کي آزاد ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون. اهو بہ ڪافي نہ آهي تہ اسان عوام سان ملڻ لاءِ ان ماضيءَ ۾ شامل ٿيون، جنهن مان عوام اڳ ۾ ئي نڪري چڪو آهي. پر اسان کي تہ ان گهٽجندڙ وڌندڙ تحريڪ ۾ عوام سان گڏ شامل ٿيڻ گهرجي، جنهن کي هو هڪ شڪل ڏيئي رهيو آهي ــ ۽ جيڪا شروع ٿيڻ کان پوءِ هڪدم هر شيءِ جي خلاف سوال پيدا ڪندي. انهيءَ سلسلي ۾ ڪابہ غلطي نہ ٿيڻ گهرجي. پُراسرار تبديلين جو اهوئي علائقو آهي، جتي عوام رهي ٿو. ۽ اسان کي بہ اتي ئي اچڻ گهرجي. هيءَ اها جڳهہ آهي، جتي اسان جا روح صاف ۽ شفاف ٿين ٿا ۽ اسان جو ادراڪ ۽ اسان جي زندگي روشني حاصل ڪري ٿي.

ڪيٽا فوڊبيا، جيڪو اڄڪلهہ جمهوريہ گنيءَ جو وزيرِ داخلہ آهي، جڏهن "آفريڪي بيلي" جو ڊئريڪٽر هو، تہ هن گنيءَ جي عوام طرفان پيش ڪيل حقيقت سان ڪوبہ دوکو نہ ڪيو. هُن پنهنجي ملڪ جي پرسوز مثالن جي انقلابي نقطئہ نظر سان هڪ نئين تشريح ڪئي. هن ان ڪان بہ وڌيڪ هڪ ٻيو ڪم ڪيو. هن جي شعري تخليقن ۾ (جيڪي ايتريون مشهور نہ آهن) اسان کي تاريخي گهڙين کي صحيح صورتحال ۾ بيان ڪرڻ ۽ اهڙين حدن قائم ڪرڻ جي مستقل خواهش نظر اچي ٿي، جن ۾ فڪر ۽ عمل جا اُهي دائرا قائم ٿين، جن جي چوڌاري عام راءِ پنهنجي واضح صورت ۾ نروار هجي. هي ڪيٽافوڊبيا جو هڪ اهڙو نظم آهي، جيڪو فڪر، خيال ۽ جنگ لاءِ حقيقي دعوت آهي:

آفريڪي صبح

(گٽار جي موسيقي):

صبح ظاهر ٿي رهيو هو.
ننڍڙو ڳوٺ، جيڪو اڌ رات تائين پنهنجي دهل جي ڏوڻڪي تي نچندو رهيو،
هاڻي آهستي آهستي سجاڳ ٿي رهيو هو.
تباهہ حال ڏنار، بانسري وڄائيندا،
پنهنجا پنهنجا ولر چراگاهن ڏانهن وٺي وڃي رهيا هئا.

ڳوٺ جون جوانڙيون، پنهنجون پنهنجون گهڙوليون کڻي
هڪ هڪ ٿي آڏي ابتي پيچري تي هلندي
چشمي تي پاڻي پرڻ وڃي رهيون هيون.
آخوند جي اڳڻ ۾ ٻارن جي هڪ ٽولي
ڏاڍي ڏيمي آواز ۾
قرآني آيتن جو دور ڪري رهي هئي.

(گٽار جي موسيقي):

صبح ظاهر ٿي رهيو هو،
صبح ـــ رات ۽ ڏينهن جي وچ ۾ ڇڪتاڻ ـ
ليڪن رات ٽڪجي چڪي هئي ۽ هاڻي جنگ نہ ٿي ڪري سگهي.
ان ڪري آهستي آهستي ختم ٿي ويئي.
سج جا ڪِرڻا، ڏينهن جي فتح جا پيغمبر،
اڃا بہ اُفق تي لامارا ڏيئي رهيا هئا،
هيڏا ۽ شرميلا ـ
جڏهن تہ آخري ستارا باهہ جيان ٻرندڙ،
گلن وانگر آهستي آهستي ڊپيل قدمن سان
بادلن جي قطار جي پٺيان وڃي چڪا هئا.

(گٽار جي موسيقي):

صبح ظاهر ٿي رهيو هو،
۽ انڊلئي هيٺ مٽاهين وارن ڪشادن کيتن جي هُن پار
جهڪي زمين کوٽيندڙ هڪ انسان جو پاڇولو نظر اچي رهيو هو.
هاري نعمان جو پاڇولو ـــ
هر پيري جڏهن هو پنهنجي ڪوڏر مٿي ڪندو هو تہ
ڊنل پکي اڏامي تيزيءَ سان جوليبا يعني عظيم درياهہ نائيجر جي
پرسڪون ڪنارن جي تلاش ۾ نڪري ٿي ويا.
هن جو سليٽي سوٽي پاجامو ماڪ سان ڀنل
ٻنهي پاسن کان گاهہ سان رڳڙجي رهيو هوـ
پگهر ۾ شمر، ساهي ڪٽڻ کان سواءِ
هو هر وقت ڪوڏر تي جهڪي ڪم ڪندو رهيو؛
ڇو تہ ٻج ايندڙ بارش کان اڳ پوکڻ ضروري هو.

(ڪورا جي موسيقي):

صبح ظاهري ٿي رهيو هو،
هاڻي بہ ظاهر ٿي رهيو هو.
جهرڪيون پٽن جي چوڌاري چڪر لڳائي
صبح جو اعلان ڪري رهيون هيون.
ڪيتن ڏانهن ويندڙ هڪ پسيل پيچري تي
هڪ ٻار پنهنجو ننڍڙو ترڪش گلي ۾ وجهي سهڪندو،
نعمان ڏانهن ڊوڙي رهيو هو.
"نعمان ٻاءُ!
ڳوٺ جو وڏيرو توکي ڳوٺ واري وڻ هيٺان سڏي رهيو آهي."

(ڪورا جي موسيقي):

هاري صبح ساجهر اهو پيغام ٻڌي حيران ٿي ويو.
هن ڪوڏر هيٺ رکي ڇڏي ۽ ڳوٺ ڏانهن روانو ٿيو،
جيڪو هاڻي چڙهيل سج جي روشنيءَ ۾ چمڪي رهيو هو.
ڳوٺ جا چڱا مڙس اڳ ۾ ئي وڻ هيٺان وينا هئا
۽ هاڻي وڏيڪ پروقار لڳي رهيا هئا.
انهن سان گڏ وردي پاتل علائقي جو سپاهي
ڏاڍيءَ معتبريءَ سان ويهي حقو ڇڪي رهيو هو.

(ڪورا جي موسيقي):

نعمان تونريءَ تي ويهي رهيو،
چوڌريءَ (وڏيري) جو نمائندو ماڻهن کي چڱن مڙسن جو حڪم ٻڌائڻ لاءِ اٿي بيٺو،
"گورن صاحبن علائقي جي سپاهيءَ کي
هر ڳوٺ مان هڪ اهڙو ماڻهو گهرائڻ لاءِ موڪليو آهي،
جيڪو گورن جي ملڪ ۾ وڃي جنگ ۾ حصو وٺي.
پٽيلن پاڻ ۾ صلاح ڪرڻ کان پوءِ اهو فيصلو ڪيو آهي تہ
اسان اهو نوجوان موڪلينداسون، جيڪو اسان جي نسل جي بهترين نمائندگي ڪري سگهي —
۽ اٿي وڃي گورن کي انهيءَ جرئت منديءَ جو ثبوت ڏئي،
جيڪا هميشه هتي جي خاصيت رهي آهي."

(گٽار جي موسيقي):

اهڙيءَ ريت نعمان کي سرڪاريءَ طرح چونڊيو ويو،
ائين جو هر روز شام جو ڳوٺ جون جوانڙيون
گيتن جي ٻولن ۾ ان جي شاندار جسم ۽ مضبوط ٻانهن جي تعريف ڪنديون هيون.
نعمان جي نوجوان زال نيڪڪ دل قاديا
اها خبر ٻڌي ته جذبات کان مغموم ٿي ويئي.
هُن يڪايڪ ڪٽڪ جو اٿو پيهڻ بند ڪري ڇڏيو.
جنڊ ڪٽي جهوپڙيءَ ۾ رکي ڇڏيو
۽ ڪجهه چوڻ کان سواءِ پاڻ کي جهوپڙي ۾ بند ڪري،
لڳاتار سڏڪا ڀري پنهنجي بدقسمتيءَ تي روئڻ لڳي.
موت سندس اڳئين مڙس کي به کانئس ڦري ورتو هو،
۽ هاڻي ڪيس يقين نه ٿي آيو ته
گورا نعمان کي به وٺانئس ڦري رهيا هئا،
ان نعمان کي، جيڪو سندس سمورن امنگن جو مرڪز هو.

(گٽار جي موسيقي):

اڳئين ڏينهن قاديا جي ڳوڙهن ۽ آهن جي باوجود،
ڳوٺ جي پوري زور سان وڃندڙ ٽاهوءَ،
ڳوٺ جي ننڍڙي بندرگاهه تائين نعمان جو ساٿ ڏنو
جتان کان هو ان ڊوبزي تي سوار ٿيو،
جيڪا علاقائي مرڪز ڏانهن وڃي رهي هئي.
رات جو معمول مطابق بازار ۾ ناچ ڪرڻ بدران
ڳوٺ جون جوانڙيون نعمان جي گهر جي خبر چار لهڻ لاءِ اتي گڏ ٿيون
۽ سج اڀرڻ تائين اتي باهه جي چوڌاري گهيرو ڪري
پنهنجون پنهنجون ڪهاڻيون ٻڌائينديون رهيون.

(گٽار جي موسيقي):

ڪيترا مهينا گذري ويا،
پر ڳوٺ ۾ نعمان جي باري ۾ ڪابه خبر ڪانه پهتي،
قاديا ايتري قدر پريشان ٿي جو
هوءَ پر واري ڳوٺ جي چالاڪ پير وٽ ويئي.

ڳوٺ جي چڱن مڙسن بہ انهيءَ مسئلي تي ڳجهي نموني گڏجي مشورو ڪيو پر ڪجهہ طئي نہ ٿيو.

(ڪورا جي موسيقي):

نيٺ هڪ ڏينهن قاديا جي نالي،
ڳوٺ ۾ نعمان جو خط پهتو،
هوءَ اهو ڄاڻڻ لاءِ تہ
سندس مڙس تي ڇا پيو وهي واپري
ايتري قدر بيتا هئي جو
انهيءَ رات ڪلاڪن جي ٿڪائيندڙ مسافري طئي ڪري علاقائي مرڪز پهتي، جتي هڪ منشيءَ ڪيس اهو خط پڙهي ٻڌايو.

نعمان اتر آفريڪا ۾ هو.
چڱو ڀلو هو
۽ هن فصلن جي باري ۾،
ڏڻ وارن جي باري ۾،
دريا جي باري ۾،
ناڇ جي باري ۾،
اوطاق جي وڻ جي باري ۾،
مطلب تہ سڄي ڳوٺ جي باري ۾ پڇا ڪئي هئي.

(بلافو جي موسيقي):

ان رات ڳوٺ جي پوڙهين
قاديا کي اها عزت ڏني،
جو ڪيس ڳوٺ جي بزرگ ترين عورت جي اڳڻ ۾ اچڻ
۽ ان بزرگ عورت جي سڄي رات جاري رهندڙ ڳالهہ ٻولهہ ۾ شريڪ ٿيڻ جي دعوت ڏني.

ڳوٺ جي وڏيري،
نعمان جي خيريت جي خبر ٻڌي،
خوش ٿي،
پرپاسي جي سمورن فقيرن جي شاندار دعوت ڪئي.

(بلافو جي موسيقي):

وري ڪيترا مهينا گذري ويا.

هر شخص پريشان ٿيڻ لڳو،
ڇو تہ نعمان جي باري ۾ وڌيڪ ڪابہ خبر نہ ملي هئي.
قاديا هڪ پيرو وري پير وٽ وڃڻ لاءِ سوچي رهي هئي
تہ ڪيس هڪ پيو خط مليو.
نعمان ڪورسيڪا ۽ اٿليءَ کان ٿيندو،
جرمنيءَ پهچي چڪو هو ۽
اعزاز ملڻ تي ڏاڍو خوش هو.

(بلافو جي موسيقي):

ليڪن هن پيري رڳو هڪ چٽي ئي آئي،
جنهن ۾ لکيل هو تہ جرمنيءَ وارن نعمان کي گرفتار ڪري ورتو آهي.
انهيءَ خبر سان ڳوٺ وارا ڏاڍا پريشان ٿيا.
پٽيلن جو اجلاس ٿيو
۽ اهو فيصلو ڪيو ويو تہ نعمان کي ڊوگا ناچ ڪرڻ جي اجازت ڏني ويندي.
اهو ڳجهہ جو مقدس ناچ هو،
جنهن جي اجازت صرف ان ماڻهوءَ کي ڏني ويندي هئي،
جنهن ڪو اهو ڪارنامو سرانجام ڏنو هجي.
هي ناچ مالي شهنشاهن جو ناچ هو،
جنهن جو هر قدم مالي نسل جي تاريخ جي هڪ منزل جي علامت آهي.
قاديا کي انهيءَ ڳالهہ سان ڏاڍي خوشي حاصل ٿي تہ
سندس مڙس کي ملڪ جي معزز هيرو جو مرتبو بخشيو ويو آهي.

(گٽار جي موسيقي):

وقت گذرندو ويو ـــ
سالن پٺيان سال ـــ
نعمان اجا بہ جرمنيءَ ۾ ئي هو.
هن وڌيڪ ڪابہ خبر ڪانہ موڪلي.

(گٽار جي موسيقي):

هڪ سهڻي صبح جو
ڳوٺ جي چوڌريءَ کي ڏاڪار مان خبر پهتي تہ
نعمان ترت گهر موٽي ايندو.
هڪ پيرو وري ڊولڪ تي ٿاپ لڳي.

ڳوٺ جي جوانڙين سندس واپسيءَ لاءِ نوان گيت ٺاهيا،
جو تہ پوڙهن (جيڪي ڊوگا ناچ جا شيدائي هئا)
هاڻي مالي نسل جي ان مشهور ناچ جو ڪوبہ ذڪر نہ ڪيو.

(ڊولڪ جي ٿاپ):

پر هڪ مهيني کان پوءِ
نعمان جي هڪ گهري دوست دفعدار موسيٰ
قاديا کي هڪ دردبلو خط لکيو.
"صبح ظاهر ٿي رهيو هو.
اسان تيارو سرسير ۾ هئاسين.
اسان جي ۽ ڏاڪار جي گورن حاڪمن جي وچ ۾ هڪ جهڙپ ددوران
نعمان کي هڪ گولي لڳي،
هو سينيگال جي سر زمين تي ستو پيو آهي."

(گٽار جي موسيقي):

ها، صبح ظاهر ٿي رهيو هو.
سج جي پهرين ڪرڻن اڃان سمنڊ جي سطح کي ڇُهيو ئي مس هو
۽ سمنڊ ۾ هلڪيون هلڪيون جهاڳ پريون لهرون اپري رهيون هيون،
ڪجيءَ جا وڻ هوا سان ڪيڏندي پنهنجون ٽاريون سمنڊ تي جهڪائي رهيا هئا؛
جڻ تہ صبح واري واقعي سان ڏکوئجي ويا هجن.
ڪانگن جا گوڙ ڪندڙ ولر پنهنجي "ڪان ڪان" سان
آسپاس کي انهيءَ دکدائڪ واقعي جي خبر ٻڌائڻ آيا هئا،
جنهن تياروءَ جي صبح کي رت هاڻو ڪري ڇڏيو هو ــ
۽ دکندڙ نيري نب ۾،
نعمان جي لاش جي بلڪل مٿان
هڪ وڏي ڳجهہ تيزيءَ سان چڪر ڏيئي رهي هئي.
ائين لڳي رهيو هو جڻ
اها ڳجهہ چئي رهي هجي تہ
"نعمان تو اهو ناچ ڪونہ ڪيو،
جيڪو منهنجي نالي منسوب آهي.
ليڪن ٻيا اهو رقص ڪندا."

(ڪورا جي موسيقي):

جيڪڏهن حوالي لاءِ مون هن طويل نظم جو انتخاب ڪيو آهي تہ ان جو سبب رڳو هي آهي تہ انهيءَ نظم جي متفق تدريسي اهميت آهي. انهيءَ نظم ۾ هر شيءِ واضح آهي، هي هڪ مختصر ۽ اميد افزا تفسير آهي. انهيءَ نظم کي سمجهڻ رڳو ذهني ارتقا ئي نہ آهي، پر هڪ سياسي ارتقا پڻ آهي. انهيءَ نظم کي سمجهڻ جو مطلب ان ڪردار کي سمجهڻ آهي، جيڪو ان ۾ ادا ڪيو ويو آهي، پنهنجي ترقيءَ کي سڃاڻڻ آهي ۽ پنهنجن هٿيارن کي تيز ڪرڻ آهي. هڪ بہ سامراج جو لتاڙيل ماڻهو اهڙو نہ هوندو، جيڪو انهيءَ نظم ۾ ڏنل پيغام کي نہ سمجهندو هجي. نعمان، يورپ جي ميدان جنگ جو هيرو نعمان، جيڪو اجا تائين مادر وطن جي قوت ۽ ان جي دائميت جو ضامن آهي انهيءَ نعمان تي فوجي عين انهيءَ وقت گولين جو مينهن وسائين ٿا، جڏهن هو پنهنجي آباڻي وطن ۾ واپس پهچي ٿو.

هيءُ 1945ع جو ستيف آهي. هي فورتي لا فرانس آهي. هي سائيگون آهي، ڏاڪا آهي، لاگوس آهي. اهي تمام شيدي ۽ اُهي سمورا ڪارا، جيڪي فرانسيسي يا برطانوي تهذيب جي آزاديءَ جي حفاظت لاءِ وڙهيا؛ ڪٿيا فوڊبيا جي هن نظم ۾ پاڻ کي سڃاڻن ٿا. پر ڪيٽافوڊبيا جون نگاهون، ان کان بہ اڳتي آهن. سامراج جي ستيل ملڪن ۾، مقامي ماڻهن کي ميدان جنگ ۾ استعمال ڪرڻ کان پوءِ سامراجيت، انهن کي آزاديءَ جي تحريڪن کي دٻائڻ لاءِ سڪيا ورتل سپاهين وانگر ڪتب آڻيندي آهي، بيٺڪن ۾ اڳوڻن فوجين جون انجمنون سخت قوم دشمن ٿولن ۾ شمار ٿينديون آهن. شاعر فوڊبيا، جمهوريہ گنيءَ جي وزير داخلا کي هيءَ سڪيا ڏيئي رهيو هو تہ ڪهڙيءَ طرح فرانسيسي سامراج جي شيطاني منصوبن جو مقابلو ڪيو وڃي. نئين آباد ٿيل گنيءَ جي رياست کي ختم ڪرڻ لاءِ فرانس جو ڳجهو ڪاتو ٻين ذريعن سان گڏوگڏ اڳوڻن فوجين کي پڻ ڪتب آڻڻ جو ارادو رکندو هو.

اهو سامراج جو ستيل شخص، جيڪو پنهنجي عوام لاءِ لکڻ چاهي ٿو، ان کي ڪپي تہ ماضيءَ کي مستقبل جون راهون کولڻ لاءِ ۽ عمل جي دعوت لاءِ اميد واري انداز ۾ استعمال ڪري. ليڪن اميد کي يقين ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ ۽ هڪ شڪل عطا ڪرڻ لاءِ ان شخص کي خود باعمل ٿي، جسم ۽ روح سميت قومي جدوجهد ۾ پاڻ کي شامل ڪرڻ گهرجي. توهان دنيا جي هر شيءِ جي باري ۾ ڳالهائي سگهو ٿا، پر جڏهن توهان انساني زندگيءَ جي ان بي

مثال رخ جي باري ۾ ڳالهائڻ جو فيصلو ڪريو ٿا، جنهن جو اظهار نيون جنتون پيدا ڪرڻ، پنهنجي ملڪ ۾ روشني پکيڙڻ ۽ پاڻ سان گڏ پنهنجي عوام کي سندس پيرن تي بيهارڻ جي صورت ۾ ٿيندو آهي ته پوءِ توهان کي يقيني طرح جسماني سطح تي به عوام سان سهڪار ڪرڻو پوندو.

مقامي تهذيب جي علمبردار انسان جي ذميواري رڳو پنهنجي قومي تهذيب جي ئي ذميواري نه هوندي آهي، پر اهو انسان پنهنجي قوم جي اجتماعيت جو آفاقي طرح ذميوار هوندو آهي. تهذيب بهرحال قومي زندگيءَ جو صرف هڪ رخ آهي. مقامي تهذيب جي علمبردار انسان لاءِ اهو مناسب نه آهي ته هو ان سطح جو انتخاب ڪري، جنهن سطح تي هو جدوجهد ڪرڻ چاهي ٿو يا ان حلقي جو انتخاب ڪري، جنهن ۾ هو قوم لاءِ محاذ قائم ڪرڻ چاهي ٿو. قومي تهذيب لاءِ جنگ جو شاندار مفهوم، قوم جي آزاديءَ لاءِ جنگ ڪرڻ آهي. اِهوئي اُهو ٺوس بنيادي پٿر آهي، جيڪو تهذيبي عمارت کي ممڪن بنائي سگهي ٿو. تهذيب لاءِ جنگ، عوامي جدوجهد کان ڌار ٿي نه ٿي ڪري سگهجي. مثال طور: اهي تمام هٿين خالي مرد ۽ عورتون الجزائر ۾ فرينچ سامراجيت جي خلاف وڙهي رهيا آهن، سي ڪنهن به نموني الجزائر جي تهذيب کان اڻ واقف نه آهن. جنگ جاري رهڻ سان گڏ، جيلن ۾ ڦاسيءَ جي ٽياسن تي يا انهن فرينچ چوڪين ۾ جن تي قبضو ڪيو ويندو آهي، يا جيڪي تباهه ڪيون ويندیون آهن، الجزائري تهذيب صورت ۽ معنيٰ حاصل ڪندي پيئي وڃي.

ان ڪري اسان کي عوام جي ماضي کوٽڻ ۽ اهڙا لاڳاپيدار حصا ڳولڻ تي بس نه ڪرڻ گهرجي، جيڪي مقامي تهذيب کي ڪوڙو ثابت ڪرڻ ۽ نقصان پهچائڻ وارين سامراجي ڪوششن جو تڙياق بنجي سگهن، پر اسان کي مستقبل جي اڏاوت لاءِ ۽ ان زمين جي تياريءَ لاءِ، جتي اڳ ۾ ئي مضبوط ٻوٽا نسري رهيا آهن، پڻ انهيءَ ساز سان گڏ ڪم ڪرڻ ۽ وڙهڻ گهرجي، جيڪو لکها عوام جي جدوجهد ۽ جذبن ۾ موجون ماري رهيو آهي. قومي تهذيب ڪنهن لوڪ ڪهاڻيءَ جو نالو نه آهي ۽ نه ئي اهو "عواميت" جو ڪو تحريري اصول آهي، جنهن وسيلي ماڻهن جي حقيقي فطرت سڃاڻي سگهجي ٿي. تهذيب بي سبب ڪمن جي بي جاءِ ڪچهري مان نه ٺهندي آهي ـــ يعني انهن ڪمن مان، جن جو واسطو عوام ۾ هر وقت موجود حقيقت سان صفا گهٽ هوندو آهي. قومي تهذيب فطري سطح تي عوام جي انهن ڪوششن جي مجموعي جو نالو آهي، جيڪو عوام جي عملن کي بيان ڪرڻ، حق بجانب قرار ڏيڻ ۽ انهن

جي تعريف ڪرڻ لاءِ ڪندو آهي، جن عملن جي مدد سان ڪائي قوم پاڻ کي تخليق ڪرڻ سان گڏ پنهنجو وجود برقرار رکندي آهي. ان ڪري غلام ملڪن ۾ قومي تهذيب کي آزاديءَ جي عوامي جدوجهد جي وچ ۾ جڳهه ملڻ گهرجي. آفريڪي تهذيب جي علمبردارن کي جيڪي آفريڪي ۽ نيگرو تهذيب جي نالي تي وڙهي رهيا آهن ۽ جن انهيءَ تهذيب جي نالي تي ڪيترين مجلسون قائم ڪيون آهن، هاڻي اهو احساس ڪرڻ گهرجي ته سندن ڪوششون رڳو پراڻن سڪن، پٿرن ۽ مقبرن جي نمائش تائين ئي محدود آهن.

سينيگال ۽ گني جي تهذيبن جي تقدير هڪڙي نه آهي. البت سينيگالي ۽ گني قومن جي تقدير ۾ هڪجهڙائي هيءَ آهي ته انهن ٻنهي تي هڪ ئي فرينچ سامراجيت جو قبضو آهي. جيڪڏهن خواهش هيءَ آهي ته سينيگال ۽ گنيءَ جي تهذيبن ۾ هڪجهڙائي هئڻ گهرجي ته ٻنهي قومن جي حڪمرانن لاءِ اهو ڪافي نه آهي ته اهي پنهنجي مسئلن کي هڪ ئي نقطئه نظر سان ڏسن؛ پوءِ ڪٿي اهو مسئلو آزاديءَ جي جدوجهد جو هجي يا پورهيت اتحاد ۽ اقتصادي مشڪلاتن جو ــ حقيقت ۾ انهن مسئلن ۾ به هڪجهڙائي نظر نه ٿي اچي ۽ اها اُن ڪري جو عوام ۽ حڪمران هڪبئي سان هم آواز نه آهن. ڪي به تهذيبون اهڙيون نه ٿيون ٿي سگهن، جن ۾ مڪمل هڪجهڙائي هجي. انهيءَ ڳالهه تي ڳنڍ ڏيڻ ته "ڪاري تهذيب" جي تخليق ممڪن آهي، انهيءَ ڳالهه کي نظرانداز ڪرڻ جي برابر آهي ته شيدي گم ٿيندا پيا وڃن ۽ هاڻي اُهي ماڻهو به جيڪي شيدين جي وجود جو سبب هئا، پنهنجي تهذيبي ۽ اقتصادي برتري کي ختم ٿيندو ڏسي رهيا آهن(١).

ليڪن "ڪاري تهذيب" نالي ڪا شيءِ وجود ۾ اچڻي ئي نه آهي، ڇو ته ڪو هڪ سياستدان اهڙو ڪونه آهي، جيڪو اهو محسوس ڪندو هجي ته سندس دل ۾ "ڪاري جمهوريت" ناهڻ جي طلب آهي. مسئلو ان حيثيت کي سڃاڻڻ جو آهي، جيڪا هي عوام کي ڏيڻ چاهين ٿا. ضرورت انهيءَ ڳالهه جي آهي ته انهن سماجي لاڳاپن کان واقفيت حاصل ڪئي وڃي، جيڪي هي

(١) ڏاڪار ۾ اسڪول جي آخري سرٽيفڪيٽ ورهائڻ واري جلسي ۾ سينيگال جي صدر ليوپولڊ سينگهور، نيگرو ازم جي تصور جي مطالعي کي نصاب ۾ شامل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو، جيڪڏهن اهو فيصلو تاريخي سببن جي مطالعي جي خواهش پٽاندڙ ڪيو ويو آهي ته ڪوبه ان تي اعتراض نه ٿو ڪري سگهي ۽ جيڪڏهن اهو سياهه فام خود شعوريت پيدا ڪرڻ لاءِ ڪيو ويو آهي ته اهو رڳو ان تاريخي حقيقت کان اکيون ڦيرائڻ برابر آهي، جيڪا اڳ ۾ ئي اهو سمجهي چڪي آهي ته شيدين جي اڪثريت گم ٿيندي پيئي وڃي.

ماڻهو قائم ڪرڻ چاهين ٿا ۽ ان تصور کي ڄاڻو وڃي، جيڪو هي ماڻهو انسانيت جي مستقبل جي باري ۾ رکن ٿا. اهميت رڳو انهيءَ ڳالهه جي آهي ته، باقي سڀ ڪجهه مبهم آهي.

1959ع ۾ آفريڪي تهذيب جا علمبردار روم ۾ گڏ ٿيا، هر وقت ٻڌيءَ جون ڳالهيون ڪندا رهيا. انهن ۾ هڪ ماڻهو جيڪس رابي ماننجارا پڻ هو، جنهن جو آواز تهذيبي اتحاد جيي تعريف ۾ سڀ ڪان مٿاهون هو. اهو شخص اڃڪلهه مڊگاسڪر جي حڪومت ۾ هڪ وزير آهي، انهيءَ حيثيت ۾ هن پنهنجي حڪومت سان ملي اقوام متحده جي جنرل اسيمبليءَ ۾ الجزائري عوام جي مخالفت جو فيصلو ڪيو آهي. جيڪڏهن رابي ماننجارا ذاتي طرح ديانتدار هجي ها ته حڪومت مان استعيفا ڏيئي انهن ماڻهن جي مذمت ڪري ها، جيڪي مڊگاسڪر جي عوام جي اِرادن جي نمائندگيءَ جي دعويٰ ٿا ڪن. مڊگاسڪر جي نوي هزارن شهيدن رابي ماننجارا کي اهو اختيار نه ڏنو آهي، ته هو اقوام متحده جي جنرل اسيمبليءَ ۾ الجزائري عوام جي خواهشن جي مخالفت ڪري.

آفريڪي شيدي تهذيب، گيتن، نظمن يا لوڪ ڪهاڻين مان پيدا ٿيڻ جي بدران عوامي جدوجهد مان پنهنجو مواد حاصل ڪندي. سينگهور، جيڪو آفريڪي تهذيبي مجلس جو ميمبر به آهي ۽ جيڪو آفريڪي تهذيب جي مسئلن جي باري ۾ اسان سان گڏجي ڪم به ڪري چڪو آهي. هاڻي هو پنهنجي وفد کي الجزائر جي باري ۾ فرينچ تجويزن جي حمايت جو حڪم ڏيڻ کان هٽڪي به نه ٿو. آفريڪي شيدي تهذيب ۽ آفريڪا جي تهذيبي اتحاد سان لاڳاپي لاءِ بنيادي شرط، آزاديءَ لاءِ عوامي جدوجهد جي غير مشروط حمايت آهي. ڪوبه شخص ان وقت تائين حقيقي طرح آفريڪي تهذيب جي واڌاري جو خواهشمند نه ٿو ٿي سگهي، جيستائين هو اهڙين حالتن پيدا ڪرڻ جي حمايت نه ٿو ڪري، جيڪي ان تهذيب جي وجود لاءِ ضروري آهن. يعني سموري آفريڪا کنڊ جي آزادي.

مان هڪ ڀيرو وري ائين چوندس ته تهذيب جي باري ۾ تقرير بازي يا اعلان بازي اسان کي پنهنجي بنيادي فرضن کان غافل نه ٿي ڪري سگهي. قومي سرزمين جي آزادي، سامراج جي هر صورت خلاف لڳاتار جدوجهد ۽ مٿينءَ سطح تي پاڻ پڌائڻ جي دل ليائڻ واري دائري ۾ داخل ٿيڻ کان صاف انڪار ـــ اهي ئي اسان جا بنيادي فرض آهن.

قومي تهذيب ۽ آزادي جي جنگ جا بنياد

سامراجيت پوريءَ طرح هر شيءِ تي قبضي ڄمائڻ سبب هر فرق کي مٽائي ڇڏيندي آهي، ۽ غلام ماڻهن جي تهذيبي زندگيءَ کي ٽيڙڻ پکيڙڻ ۾ شاندار ڪاميابي حاصل ڪندي آهي. قابض حڪومت جا جاري ڪيل نوان قانوني لاڳاپا، سامراجي معاشرت جي ذريعي مقامي ماڻهن جي رسمن ۽ رواجن جي ڏيهه نيڪالي، غاصبيت، مردن ۽ عورتن جي لازمي غلامي ـــ انهن سڀني شين جي مدد سان قومي تهذيب جي تباهيءَ جو امڪان پيدا ڪيو ويندو آهي.

ٽي سال اڳ مون پهرين ڪانگريس ۾ اهو ڪولي ٻڌايو هو ته سامراجي صورتحال ۾ جلد ئي چرپر جي جڳهه سامراجي طاقت جا لاڙا خاص شڪليون اختيار ڪري وٺندا آهن. حقيقت ۾ اهي ڪجهه حفاظتي قدم بنيادي نوعيت جا هوندا آهن؛ ۽ ڪيترن سبب ڪري اُنهن جو مقابلو خود ـــ بچاءَ واري فطرت سان ڪري سگهجي ٿو. اسان جي لاءِ هن دور ۾ دلچسپيءَ جي ڳالهه هيءَ آهي ته قابض طاقت پاڻ کي، مجبور قوم ۽ اُن جي تهذيب جي اڻ هوند جو ميحتائو نٿي ڪري سگهي. هن ڳالهه جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي ويندي آهي ته غلام ماڻهو پنهنجي تهذيب جي گهٽتائيءَ کي (جيڪا هاڻي سندن ڪردار جو فطري سانچو بنجي چڪي آهي) تسليم ڪري وٺي ـــ پنهنجي قوم جي بي حقيقتيءَ کي محي ۽ نيٺ پنهنجيءَ زندگيءَ جي اڻپوري ڍانچي ۽ ٽٽل حيثيت کان واقف ٿئي.

اهڙيءَ صورتحال جي مقابلي ۾ مقامي ماڻهن جو ردعمل هڪجهڙو نه هوندو آهي. هڪ پاسي عوام جو انبوهه پنهنجي روايتن تي قائم رهندو آهي، جيڪي سامراجي صورتحال کان بلڪل مختلف هونديون آهن ـــ هٿ جي هنر جو طريقو رسمي بنجي، هڪجهڙائيءَ جو شڪار ٿي ويندو آهي. پر ٻئي پاسي دانشور، چريائپ واري انداز ۾ ڏاڍي جوش ۽ خروش سان قابض طاقت جي

تهذيب قبول ڪرڻ ۾ جنبي ويندو آهي، ۽ پاڻ پنهنجي قومي تهذيب تي دشمنيءَ واري نڪته چيني ڪرڻ جو ڪوبه موقعو هٿان نه وڃائيندو آهي ـــ يا وري اُن تهذيب جي دعوائن کي مضبوطيءَ سان پڪڙڻ ڪرڻ ۽ ان جي پيشڪش ۾ جُنبي ويندو آهي، جيڪا جذباتي هجڻ جي باوجود ڏاڍي تيزيءَ سان غيير تخليقي ۽ سنڌ ٿيندي ويندي آهي.

اِهي به ردعمل، ان ڪري هڪجهڙا آهن، جو نيٺ اِهي ٻئي نه سُلجهندڙ تضاد ڏانهن وٺي ويندا آهن. مقامي ماڻهو قومي تهذيب سان غداري ڪندو هجي يا اُن کي مواد ۽ شڪل عطا ڪندو هجي، بهرحال بي اثر ئي رهندو آهي ـــ ۽ اهو رڳو اِن ڪري ٿيندو آهي، جو سامراجي صورتحال جي چنڊچاڻ ڪليل نموني نه ٿيندي آهي. سامراجي صورتحال گهٽ وڌ هر شعبي ۾ قومي تهذيب جون راهون روڪي ڇڏيندي آهي. غلاميءَ جي ڍانچي ۾ رهندي، نيون تهذيبي راهون يا قومي تهذيب ۾ ڪنهن قسم جي تبديلي نه ممڪن آهي ۽ نه ئي ڪڏهن ٿي سگهي ٿي.

هتي هُتي تهذيبي چرپر کي سجاڳ ڪرڻ ۽ اُن جي موضوع ۾، اُن جي شڪلين ۾، اُن جي سُر ۽ تار ۾ نئون روح ڦوڪڻ جون دليريءَ واريون ڪوششون ڪيون ويندیون آهن. اڳتي ترقيءَ لاءِ اهڙيون ڪوششون، جلدي چٽو ۽ ظاهري ڪوبه فائدو پيدا نه ڪري سگهنديون آهن. پوءِ به جيڪڏهن اسان اِنهن ڪوششن جا دور رس نتيجا ڏسي سگهون ته اسان کي خبر پوندي ته اهڙين ڪوششن ذريعيي قومي شعور تان دز هٽائڻ، جبر کي للڪارڻ ۽ آزادي لاءِ جدوجهد ڪرڻ جون تياريون ٿينديون رهنديون آهن.

سامراجي قبضي دوران قومي تهذيب جي بازي لڳل هوندي آهي، جنون جي تباهيءَ لاءِ ڏاڍا منظم طريقا استعمال ڪيا ويندا آهن. تمام تڪڙي قومي تهذيب ڳجهي شڪل اختيار ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندي آهي. ڳجهي شڪل واري تهذيب جو هيءُ تصور تمام جلد قابض قوت جي ردعمل ۾ ظاهر ٿيندو آهي. اها قابض قوت روايت سان لاڳاپي کي قوم جي روح سان وفاداري ۽ سامراج جي نافرماني سمجهندي آهي. هائي ان قومي تهذيب جي شڪلين جي پيرويءَ تي زور (جيڪا پهرين ئي رد ٿي چڪي آهي) قوم پرستيءَ جي برابر سمجهيو ويندو آهي. ليڪن هيءُ هڪ اهڙو نقشو آهي، جيڪو جامد اصولن ڏانهن موٽ جي برابر آهي. اهڙيءَ صورت ۾ نه هٿيار کڻڻ جي ڪا ڳالهه ٻولهه هوندي آهي ۽ نه ئي ڳانڍاپن جي نئين سر چٽائي. تهذيب جي سخت پٿر تي

ڌيان لڳي ويندو آهي، جيڪا وڌ ڪان وڌ بيجان، بي حس ۽ ڪوڪلي ٿيندي ويندي آهي.

جڏهن ڦرلٽ جون هڪ يا ٻه صديون گذري ويندیون آهن تہ پوءِ قومي تهذيب جي خزاني ۾ ڪوٽ ٿي ويندي آهي. ان وقت قومي تهذيب ڪن عادتن جو ميڙ، چند روايتي ڪپڙن ۽ ڪن لتاڙيل ادارن تائين وڃي رهندي آهي. انهي رهيل تهذيب ۾ تمام گهٽ چرپر نظر ايندي آهي، نہ تہ ان ۾ ڪو حقيقي تخليقي جذبو رهندو آهي، ۽ نہ ئي روان زندگي، عوام جي غريبي، قومي ڦرلٽ ۽ تهذيبي ٻُوسٽ اصل ۾ هڪ ئي شيءِ آهي. سامراجي قبضي جي سؤ سالن کان پوءِ جيڪا تهذيب اسين ڏسندا آهيون، اها آخري حد تائين برف وانگر ڄميل هوندي آهي. يا وري هينئن چوڻ ڪپي تہ رڳو تهذيب جو ڪچرو يا ڊيل تهذيب جو هڪ تهہ بچيل هوندو آهي. قوم جي اصلي حقيقت جو ڪومائجڻ ۽ قومي تهذيب جي موت وارو درد پاڻ ۾ ڳنڍيل هوندا آهن. اهوئي سبب آهي تہ قومي آزاديءَ جي جنگ ۾ ٻنهي جي لاڳاپن تي نظر رکڻ سڀ کان وڌيڪ ضروري آهي. مقامي ماڻهوءَ جي تهذيب جو انڪار، ڪنهن بہ تهذيبي گڻ کي ننڍڻ، پوءِ اهو عملي هجي يا جذباتي، ۽ تنظيم جي سمورين برانچن کي تنظيمي حدن کان ٻاهر رکڻ، اهي سڀ اهي شيون آهن، جيڪي مقامي ماڻهوءَ جي چيڙاڪ لاڙن جي پالنا ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿين ٿيون. ليڪن اهي لاڙا، اولڙا هوندا آهن. انهن ۾ فرق نہ هوندا آهن ۽ اهي ڏڦيڙ پيدا ڪندڙ ۽ بي اثر هوندا آهن. سامراجي پرماريت، غريبي ۽ مقامي ڏڪار، ڏيهي ماڻهن کي اڃا وڌيڪ تياريءَ واري بغاوت ڏانهن وٺي ويندي آهي. هڪ ظاهر ظهور ۽ فيصلي ڪندڙ مقابلي جي ضرورت آهستي آهستي جوان ٿيندي ويندي آهي، ۽ عوام جي گهٽائيءَ کي ان جو احساس ٿيڻ لڳندو آهي. اها ڇڪتاڻ، جنهن جو هن وقت تائين وجود ئي نہ هو، سامهون اچي بيهندي آهي. عالمي لاڳاپا سامراجي حڪومتن جي پورري طبقي جو زوال، سامراجي سرشتي جي پاڙن ۾ پهچندڙ تضاد، مقامي ماڻهن ۾ مقابلي جي قوت کي مضبوط ڪندا آهن ۽ ان سان گڏوگڏ قومي شعور کي اڳتي وڌائيندا آهن ۽ اُن کي پختو ڪندا آهن. هيءَ نئين لڙل ڇڪتاڻ، جيڪا سامراجيت جي اصلي فطرت ۾ هر درجي تي موجود هوندي آهي، ثقافتي ميدان ۾ بہ اثر ڪرڻ کان سواءِ رهي نہ سگهندي آهي. مثال طور، ادب ۾ تخليقي ڪم وڌيڪ ٿيڻ لڳندو آهي. مقامي ماڻهن جو پيدا ڪيل ادب، قابض طاقت جي خلاف هڪ هلڪو جواب هجڻ جي بجاءِ

خصوصيت حاصل ڪري وٺندو آهي ۽ آزادي جي ارادن جو اعلان بنجي ويندو آهي. پڙهيل طبقو، جيڪو ظلم دوران بنيادي طرح هڪ خرچائو طبقو هو، هاڻ خود پيدا ڪندڙ طبقو بنجي ويندو آهي. هي ادب پهرين ته غمگين شاعريءَ تائين محدود هوندو آهي، ليڪن پوءِ ناولن، افسانن ۽ مضمونن تي به طبع آزمائي ٿيندي آهي. ائين پائنبو آهي، جڻ هڪ قسم جي اندروني تنظيم يا اظهار جو قانون موجود آهي، جنهن جو حڪم هيءُ آهي ته شاعري انهي نسب سان گهٽ ٿيندي وڃي، جنهن نسبت سان آزادي جي جنگ جا طريقا ۽ مقصد چٽا ٿيندا وڃن. موضوع مڪمل طور بدلجي ويندا آهن. حقيقت ۾ هاڻي اسان کي ڪوڙي ۽ مايوس ڪندڙ بهتان بازي گهٽ نظر اچڻ لڳندي آهي، ۽ اهي تيز، گونجندڙ، سينگاريل تحريرون به گهٽ نظر ايندیون آهن، جيڪي ٿلهي ليکي قابض قوت کي ئي طاقت بخشيندیون هيون. اڳين وقتن ۾ سامراجين جي اظهار جي انهن طريقن جي همت افزائي ڪئي هئي ۽ انهن جو وجود ممڪن بنايو هو. زهريلي ملامت، مايوس ڪندڙ حالتون ۽ جذبن جي بيان کي جيڪو اظهار جي مٿئين طريقن جي ذريعي نڪرندو هو، قابض طاقت رڳو نفس جي پاڪائيءَ واري وظيفي وانگر هضم ڪيو هو. انهيءَ خاص طريقي کي وڌائڻ جو مطلب هيءُ هو ته انهيءَ عمل جي ڊرامائي صورتحال کي سامهون نه اچڻ ڏنو وڃي ۽ اهڙيءَ طرح ميدان کي پاڪ صاف رکيو وڃي.

پر اهڙي صورتحال رڳو عارضي هوندي آهي. حقيقت هيءَ آهي ته عوام ۾ قومي شعور جو واڌارو، مقامي دانشور جي ادبي اظهار ۾ ڦيرو آئيندو آهي ۽ ان کي سڄي عوام جي ملڪيت بنائيندو آهي. عوام جو لڳاتار اتحاد، دانشور کي اها دعوت ڏيندو آهي ته هو پنهنجي احتجاجي فريادن کان اڳتي وڌي. فريادي پهرين ته ڏوهه مڙهيندو آهي ۽ پوءِ درخواست ڪندو آهي. ان جي ابتڙ پوئين دور ۾ درخواستن جي بدران حڪمن جا لفظ ٻڌڻ ۾ ايندا آهن. قومي شعور جو واڌارو رواجي ادبي هيئتن ۽ موضوعن کي پڻ ختم ڪري ڇڏيندو آهي؛ ۽ ان سان گڏ نئين عوام کي جنم ڏيندو آهي. شروع ۾ ته مقامي دانشور پنهنجو فن رڳو ظالمن لاءِ تخليق ڪندا هئا، خواه سندن مقصد ظالمن کي ڀيڙارڻ هجي يا نسلي بنيادن تي انهن کي نندڻ — پر هاڻي آهستي آهستي اهي دانشور پنهنجي عوام کي خطاب ڪرڻ جي عادت پيدا ڪندا آهن.

رڳو انهي گهڙيءَ کان اسان قومي ادب جي ڳالهه شروع ڪري سگهون ٿا. هاڻي ادبي تخليق جي ميدان ۾ اهڙن موضوعن جي چونڊ ۽ وضاحت

هوندي آهي، جن کي خاص طرح قومي ادب چئي سگهجي ٿو. وڏيڪ چڱو هيءُ آهي تہ اسان اهڙي تخليق کي "جنگجو ادب" چئون ـــ چو تہ اهو ادب پوري عوام کي قومي وجود خاطر جنگ لاءِ تيار ڪندو آهي. هيءُ واقعي جنگ جو ادب هوندو آهي، چو تہ اهو قومي شعور کي اڏيندو آهي، اُن کي شڪل ۽ مهانڊا بخشيندو آهي ۽ اُن جي سامهون نوان ۽ لامحدود آسمان روشن ڪندو آهي. بيشڪ اهو جنگ جو ادب هوندو آهي، چو تہ اهو هڪ ذميواري قبول ڪندو آهي ۽ ان لاءِ بہ تہ هيءُ ادب زمين ۽ زمان جي حدن ۾ آزاديءَ جي ارادي جو اظهار هوندو آهي.

هڪ بيءَ سطح تي قصي گوئيءَ جي روايت، لوڪ ڪهاڻيون، داستان ۽ گيت، جيڪي هتي پهرين طي ٿيل فن پارن جي حيثيت سان الڳ رکيا ويندا هئا، سي هاڻ بدلجڻ لڳندا آهن. داستان گو، جيڪي پهرين بيجان قصا ٻڌائيندا هئا، هاڻي انهن کي جيئريءَ صورت ۾ سامهون آڻيندا آهن ۽ انهن ۾ بنيادي تبديليون ڪندا آهن. هاڻي قصي جي بيهڪ کي نين حالتن مطابق گهڙڻ ۽ انهن جي جدوجهد کي نئين بنائڻ سان گڏوگڏ مرڪزي ڪردارن ۽ استعمال ٿيندڙ هٿيارن جا نالا بہ نوان رکڻ جو لاڙو پيدا ٿي پوندو آهي. اشاراتي انداز هاڻي وڏيڪ ڪتب اچڻ لڳندو آهي. انهيءَ قانون جي جاءِ تي تہ "گهڻو وقت گذريو، هڪ دفعي جو ذڪر آهي" ـــ هاڻي هيءُ قانون جاءِ وٺندو آهي "اسان جنهن شيءِ جو ذڪر ڪريون ٿا، اها ڪنهن بيءَ جاءِ تي هئي، پر ٿي سگهي ٿو تہ اها اڄ بہ ۽ هتي بہ هجي ۽ سياڻي بہ ٿي سگهي ٿي" ـــ انهيءَ سلسلي ۾ الجزائر جو مثال اهم آهي. 1953-1952ع کان پوءِ انهن پَٽن، جيڪي پهرين بيحد رسمي هئا ۽ جن کي ٻڌڻ ڏاڍو مشڪل ڪم هو، تن هاڻي پنهنجي داستان گوئيءَ جي روايتي طريقن ۽ پنهنجين ڪهاڻين جي مواد کي پوريءَ ريت بدلائي ڇڏيو آهي. انهن جا ٻڌندڙ، جيڪي پهرين ڇڙوڇڙ هئا، هاڻي گڏ ٿيڻ لڳا هئا. جنگي شاعري پنهنجي خاص صورتن سان وري اُڀري آئي ۽ هاڻي تفريح جي هڪ مڃيل صورت اختيار ڪري ويئي، ۽ تهذيبي گٺن سان ڀرپور ٿي ويئي. جڏهن سامراجيت 1955ع ۾ منظم طريقي سان پَٽن فقيرن کي گرفتار ڪرڻ شروع ڪيو تہ اهو ڪو غلط قدم نہ هو.

نئين تحريڪ سان عوام جو ڳانڍاپو، زندگيءَ جي نئين ساز ۽ وسريل جسماني چڪتاڻ کي جنم ڏيندو آهي، ۽ خيال کي تيز رفتار بنائيندو آهي. هر پيري جڏهن پَٽُ فقير ماڻهن کي هڪ نئون قصو ٻڌائيندو آهي، تڏهن اُهو هڪ

نئين تائيد حاصل ڪندو آهي؛ هڪ نئين قسم جي انسان جو وجود ماڻهن تي ظاهر ٿيڻ لڳندو آهي. هاڻي هيئن نہ ٿيندو آهي تہ حال کي خاص حدن ۾ رکيو وڃي، پر چئني طرفن پکيڙيو ويندو آهي، تہ جيئن سڀ ماڻهو ان کي ڏسي سگهن. ڀٽ فقير هڪ دفعو وري پنهنجي خيال کي بي لغام ڇڏي ڏيندو آهي، ۽ هڪ نئين فن پاري جي تخليق ڪندو آهي. هينئن بہ ٿيندو آهي تہ اهڙا ڪردار جيڪي اهڙي قسم جون تبديليون قبول نٿا ڪري سگهن ـــ مثال طور ڏاڙيل، سماج دشمن لوفر، تہ اهڙا ڪردار وري نئين سر گهڙيا ويندا آهن. غلام ملڪن ۾ خيال جو ظاهر ٿيڻ، گيتن ۽ جنگي داستانن جو تخليقي جذبو؛ ان لائق آهي تہ اُن تي غور ڪيو وڃي. ڀٽ فقير خيالي ماڻهن سامهون پنهنجي اندازي مطابق نوان نوان فني نمونا پيش ڪندو ويندو آهي؛ ۽ بظاهر اڪيلو عوام جي سهڪار سان اها ڳولا جاري رکندو آهي. ٻين لفظن ۾ فن جي قومي نمونن کي ڳولڻ لاءِ پنهنجو رستو ناهيندو آهي. خوشيءَ ۽ ٻهروپ وارو فن يا تہ غائب ٿي ويندو آهي يا وري پنهنجي اهميت وڃائي ڇڏيندو آهي.

جيسين تائين ڊرامي جو تعلق آهي تہ ان کي هاڻي منجهيل دانشور ۽ پيڙا ۾ مبتلا سندي ضمير جي حوالي نٿو ڪري سگهجي. مايوس ڪندڙ ۽ بغاوت واري خاصيت وڃائڻ کان پوءِ ڊرامو عوامي زندگيءَ جو حصو بنجي ويندو آهي ۽ ٿيندڙ ڪم يا ڪم جي تياريءَ جو جلوو بنجي ويندو اهي.

جيسين تائين هٿ جي هنرن جو تعلق آهي تہ اظهار جون اُهي صورتون، جيڪي اڳي رڳو فن جو ڪچرو هيون (جڻ تہ سڪتي جي حالت ۾ جيئريون هجن) سي هاڻ چرڻ پرڻ لڳنديون آهن. مثال طور ڪاٺيءَ جو ڪم، جنهن ۾ اڳي لکن جي تعداد ۾ ڪجهہ شڪليون ۽ خيال پيش ڪيا ويندا هئا، هاڻ انهن ۾ رنگا رنگي جنسار پيدا ٿيڻ لڳندا آهن. آواز کان خالي ۽ بيحد چٽيل هٿرادو مهاندن ۾ زندگي پيدا ٿي ويندي آهي. ٻانهون جسم کان مٿي اٿي ايندڙيون آهن، جڻ تہ ڪنهن ڪم جو ارادو ڪري رهيون هجن ۽ هاڻي اهڙي صورتحال پيش ڪئي ويندي آهي، جنهن ۾ ٻہ، ٽي يا پنج مورتون هجن، شوقيہ فنڪارن ۽ تنقيد ڪندڙن جي طوفاني لهرن جي سامهون پراڻي خيال جا فنڪار بہ تخليقي ڪوشش تي مجبور ٿي ويندا آهن. تهذيبي زندگيءَ جي دائري ۾ انهيءَ نئين قوت تي عام طرح غور نہ ڪيو ويندو آهي، ۽ پوءِ بہ قومي ڪوشش ۾ انهيءَ جي ڏاڍي اهميت هوندي آهي. زندگيءَ سان ڀرپور مهاندا ۽ جسم ناهي ۽ گهڻين مورتن کي هڪ جاءِ تي گڏ ڪرڻ جو موضوع چونڊي، فنڪار ماڻهن کي

تحريڪ ۾ شامل ڪرڻ جي دعوت ڏيندو آهي.

جيڪڏهن اسان قومي شعور جي سجاڳيءَ جي اثرن جو ڪوزه گري ۽ ٿانوَن ٺاهڻ ۾ مطالعو ڪريون ته به مٿيون ڳالهيون سامهون ايندیون. هنرمند جي ڪم ۾ ساڳيءَ صورت سان چهٽي پوڻ واري بيماري ختم ٿيندي نظر ايندي. گگهيون، برنيون ۽ ٿالهيون پهرين ته اڻ لکي طريقي سان ۽ پوءِ وحشاني طريقي سان تبديل ڪيون ويندیون آهن. رنگ جيڪي پهرين ڳاڙيٽي جا هوندا هئا ۽ هڪ روايتي سرتار جي تابع هوندا هئا، هاڻي تعداد ۾ وڌي ويندا آهن ۽ اٿندڙ انقلابي طوفان جي اثرن کان متاثر نظر ايندا آهن. ڪجهه هلڪا ناسي ۽ نيرا رنگ، جيڪي اڳي هڪ خاص تهذيبي دائري ۾ هميشه هميشه لاءِ منع ٿيل هئا، سي هاڻ بنا ڪنهن بدناميءَ جي پنهنجي اهميت مڃائي وٺندا آهن. اهڙيءَ ريت انساني مهانڊي جو انداز پڻ، (جيڪو عمرانيات جي ماهرن وٽ خاص علائقن لاءِ مخصوص هو) سو هاڻي اوچتو واڌو شيءِ بنجي ويندو آهي. قابض ملڪ مان ايندڙ انساني علم جا ماهر ۽ ٻيا ماهر انهن تبديلين کي جلدي محسوس ڪري وٺندا آهن. فن جي سخت قانونن ۽ سامراجي نظام ۾ پالنا وٺندڙ تهذيبي زندگيءَ جي ناڙي تي اهڙين تبديلين کي اجتماعي حيثيت سان ننديو ويندو آهي. سامراجي ماهر انهن تبديلين کي نه مڃيندا آهن ۽ هڪدم ديسي روايتن جي مدد لاءِ پهچي ويندا آهن. هاڻي سامراج ديسي نمونن جو محافظ بنجي ويندو آهي. اسان کي اُن جو هڪ مثال چڱيءَ طرح ياد آهي ۽ اهو مثال ان ڪري به خاص اهميت حاصل ڪري ويو آهي، جو اُن ۾ سامراج جي حقيقي فطرت کي ڪوبه دخل نه هو. هيءُ مثال ٻي جنگ عظيم کان پوءِ پيدا ٿيل "جاز" جي نئين انداز جي باري ۾ آهي. مثال طور يورپ جي واضح صورت ۾ اچڻ تي اڇيءَ چمڙيءَ وارن ماهرن جو ردعمل. حقيقت هيءَ آهي ته انهن ماهرن جي نظر ۾ "جاز" کي رڳو مايوسيءَ جي اظهار جي علامت هئڻ گهرجي، هڪ اهڙي پوڙهي شيديءَ جي شڪستن سان ڀريل ماضيءَ جي ياد وانگر مايوس هئڻ گهرجي، جيڪو پنهنجي نسل جي شراب واري لعنت جي پنجن پيالن ۾ جڪڙيل ۽ اڇي چمڙيءَ وارن جي نسلي نفرت جو مرڪز هوندو آهي. جيئن ئي اِهو شيدي پاڻ سڃاڻڻ لڳندو آهي، ٻيءَ دنيا کي ڌار نموني سان ڏسندو آهي؛ ۽ جيئن ئي اُهو پنهنجي اُميد کي جنم ڏيندو آهي ۽ نسل پرست دنيا کي پوئتي ڌڪي ڇڏيندو آهي، ته پوءِ ظاهر آهي ته اُن جو دُهل چٽيءَ طرح وڄندو ۽ سندس آواز گهٽ روئڻهارڪو ٿي ويندو.

جاز جي نوان طريقن جي تخليق رڳو اقتصادي مقابلي جي ڳالهه ناهي. اسان کي بنا ڪنهن شڪ جي اُن ۾ آمريڪا جي اثر واري حصي جي دنيا جي سست رفتار ليڪن يقيني شڪست جا اثر ڏسڻ گهرجن. ۽ هيءَ ڪا خيالي ڳالهه نه آهي ته پنجاهه سالن جي اندر اندر بدنصيب شيديءَ جي جاز جون آخري هڏڪيون ڪٿي بند ٿيندڙ آواز کي رڳو اڇي ڳل وارن جي سَنَد ملندي، جيڪي اهڙي قسم جي آواز کي شيديت جو اظهار سمجهندا آهن؛ ۽ جيڪي اُن کي هڪ خاص نموني جي لاڳاپي جي نشاني سمجهندي، اُن سان وفاداري ڏيکاريندا آهن.

اهڙيءَ ريت اسان ناچ، راڳ، روايتي رسمن ۽ گڏجاڻين ۾ اڳتي وڌڻ جو لاڙو ڏسي سگهون ٿا؛ ۽ اِنهن شعبن ۾ به انهن تبديلين ۽ بيقرارين جو اندازو ڪري سگهون ٿا. قومي تحريڪ جي سياسي يا جنگي دور کان گهڻو اڳي اڪيون ڪليون رکندڙ سيلاني هڪ نئين قوت جو اظهار ۽ جلد ئي واقع ٿيندڙ ٿڪر کي محسوس ڪري سگهي ٿو. ڪيس اظهار ۽ موضوعن جون غير معمولي ۽ نيون صورتون نظر ايندڙيون ۽ اهي اهڙيءَ قوت سان ٿمڻار هونديون، جيڪا قوت دعائن جي نه پر عوامي ٻڌيءَ جي قوت آهي. جيڪو عوام ڪنهن واضح مقصد لاءِ گڏ ٿيو آهي. قوم جي احساس کي جاڳائڻ لاءِ هر شيءِ پاڻ ۾ ملي ڪم ڪندي آهي، ۽ شڪست جي مجتا يا مايوسيءَ واري لاڙي کي غير حقيقي ۽ ناقابل قبول بنائي ڇڏيندي آهي. مقامي ماڻهو پنهنجي سمجهه جي نئين سر اڏاوت ڪندو آهي، ڇو ته هو هٿرادو هنر، ناچ، ساز، ادب ۽ داستان جي مقصدن ۽ هلچل کي نئين سر تازو ڪندو آهي. هن جي دنيا پنهنجو لعنتي ڪردار ڇڏي ڏيندي آهي ۽ اهڙيون حالتون، جيڪي اڻ ٽر مقابلي لاءِ لازمي هونديون آهن، سي گڏ ڪيون ويندڙيون آهن.

اسان تحريڪ کي تهذيبي صورتن ۾ اُسرندو ڏسي چڪا آهيون؛ ۽ اسان اِهو پڻ ڏسي چڪا آهيون ته هيءَ نئين تحريڪ ۽ نوان نمونا قومي شعور جي پختگيءَ سان واسطو رکن ٿا. هاڻي هيءَ تحريڪ ٻاهرين طرح اِدارن جي صورت ۾ گهڻي ڪان گهڻو جلوو ڏيکاريندي. هتان کان هڪ قومي وجود جي ضرورت پيش اچي ٿي، پوءِ اُن لاءِ ڪهڙي به قيمت ڇو نه ادا ڪرڻي پوي.

هڪ عام غلطي جنهن کي صحيح سمجهڻ ڏاڍو مشڪل آهي، هيءَ آهي ته سامراجي قبضي ۾ رهندي، مقامي تهذيب کي اظهار جي صورت ڏني وڃي، ۽ انهيءَ صورت کي نوان تهذيبي ڳُڻ مڃيو وڃي. اِهوئي سبب آهي ته

اسان هڪ جڙتو ڳالهه تي ايمان آئيندا آهيون، جيڪا پهرئين ئي نظر ۾ اُبتڙ نظر ايندي آهي، يعني هيءَ حقيقت تہ غلام ملڪ ۾ نهايت بنيادي، نهايت وحشيانا قوم پرستي، قومي تهذيب جي حفاظت جو سڀ کان وڌيڪ ولولہ انگريز ۽ سڀ کان وڌيڪ اثرائتو طريقو آهي. پر تهذيب تہ بنيادي طرح ڪنهن قوم جو اظهار هوندي آهي، اُن جي پسنديءَ جو اظهار، اُن جي ناپسنديءَ جو اظهار ۽ اُن جي سپنن جو اظهار!

پوري سماج جي سطح تي ٻيون رڪاوٽون، ٻيا گڻ ۽ ٻيا سانچا ٺهندا آهن. قومي تهذيب انهن مڙني شين جو مغز هوندي آهي. اِها اُنهي ٻاهرينءَ ۽ اندروني ڇڪتاڻ جو نتيجو هوندي آهي، جنهن مان سماج مجموعي حيثيت سان گذرندو آهي.

سامراجي صورتحال ۾ تهذيب، جيڪا قوم ۽ ملڪ ٻنهي جي حمايت کان محروم رهندي آهي، يا ڊهي ختم ٿي ويندي آهي، ان ڪري تهذيب جي وجود لاءِ قومي آزادي ۽ ملڪي خودمختياري ضروري آهي. تهذيب، اُن جي فائديمند، اُن جي لڳاتار نئين شڪل وٺڻ ۽ گهرائيءَ لاءِ ئي قوم بنيادي حيثيت نٿي رکي، پر اِها خود هڪ لازمي ضرورت بہ آهي. قومي وجود جي جنگ ئي تهذيب کي چرپر ۾ آڻي، اُن لاءِ تخليق جا دروازا کولي ٿي ۽ اُن کان پوءِ اِهائي قوم تهذيب لاءِ ضروري حالتن ۽ سانچن جو ضامن بنبي آهي. مختلف لازمي جزن کي جيڪي تهذيب جي تخليق لاءِ ضروري آهي، هڪ قوم ئي گڏ ڪندي آهي. اِهي ئي اُهي جُزا آهن، جيڪي اُن کي اعتماد، اثرانگيزي، زندگي ۽ تخليقي طاقت ڏيئي سگهن ٿا. اهڙيءَ طرح تهذيب جو تومي ڪردار ئي اُن کي اِنهيءَ لائق بنائيندو، جو اُها ٻين تهذيبن کي متاثر ڪري سگهي ۽ اُنهن ۾ پنهنجي جاءِ والاري سگهي. ان تهذيب مان جنهن جو ڪو وجود ئي نہ هجي، اِها اميد ڏاڍي ڏکي آهي تہ اُها حقيقت تي اثرانداز ٿئي يا حقيقت کي متاثر ڪري، اِن ڪري سڀ کان پهرين ضرورت قومي تهذيب کي زندگي ڏيڻ لاءِ قوم جي آزادي آهي.

اهڙيءَ طرح اسان تهذيب جي پرائي سلسلي جي تباهي ڏسي ورتي. اهڙي تباهي، جيڪا بنيادي اهميت واري آهي ـــ ۽ اسان قومي آزادي لاءِ فيصلي ڪندڙ مقابلي کان ٿورو اڳ اظهار جي نين صورتن کي پيدا ٿيندي ۽ خيالن جي سَلن کي انگورجندي ڏٺو. هاڻ هڪ اهم سوال باقي رهي ٿو ۽ اُهو هيءُ تہ سياسي يا فوجي جدوجهد ۽ تهذيب جو پاڻ ۾ ڪهڙو لاڳاپو آهي؟

ڇا مقابلي دوران تهذيب بيٺي هوندي آهي؟ ڇا قومي جدوجهد تهذيب جو اظهار هوندي آهي؟ ۽ پڇاڙيءَ ۾ ڇا هيءُ ڇئي سگهجي ٿو تہ آزادي لاءِ جنگ، خواه اُها تهذيب لاءِ ڪيتري ئي سنهري حقيقت ڇو نہ هجي، تهذيب جي نفي آهي؟ ٿورن لفظن ۾ اِهو تہ آزاديءَ لاءِ جدوجهد تهذيبي صورتحال آهي يا نہ؟

اسان جو عقيدو هيءُ آهي تہ هاڻي غلام عوام جي هيءَ سوچيل سمجهيل ۽ منظم ڪوشش تہ پنهنجي قوم جي اقتدارِ اعليٰ کي وري قائم ڪيو وڃي، ازخود هڪ مڪمل ۽ چٽو تهذيبي اهڃاڻ آهي. رڳو جدوجهد جي ڪاميابي ئي تهذيب کي پروسو ۽ طاقت نٿي بخشي، پر مقابلي دوران بہ تهذيب ريفريجيٽر ۾ نہ پئي هوندي آهي. جدوجهد خود پنهنجي واڌاري دوران تهذيب کي مختلف رستن تي موڪليندي آهي ۽ اُن لاءِ بلڪل نيون واٽون بہ ڳوليندي آهي. آزاديءَ لاءِ جدوجهد، قومي تهذيب کي سندس پراڻا گُڻ ۽ پراڻيون صورتون واپس نٿي موٽائي ڏئي، ڇو تہ هيءَ جدوجهد، جنهن جو مقصد ئي اِنسانن جي وچ ۾ بنيادي اعتبار جا نوان لاڳاپا قائم ڪرڻ آهي. اِهو ڪري ئي نٿي سگهي تہ عوام تهذيب جي صورت ۽ مواد کي جيئن جو تيئن رهڻ ڏئي. مقابلي کان پوءِ نہ رڳو سامراجيت غائب ٿي ويندي آهي، پر غلام انسان بہ گم ٿي ويندو آهي.

هيءَ نئين انسانيت پنهنجي لاءِ ۽ ٻين لاءِ انسان پرستيءَ جي هڪ نئين تصور کي پيدا ڪندي آهي. اهو نئون تصور، مقابلي جي طريقن ۽ مقصدن ۾ ئي موجود هوندو آهي. اُها جدوجهد جيڪا عوام جي هر طبقي کي هلچل ۾ آڻيندي آهي، جيڪا اُنهن جي مقصدن ۽ بيقرارين کي ظاهر ڪندي آهي ۽ جيڪا ماڻهن جي پرپور حمايت تي پروسو ڪرڻ کان نہ ڊڄندي آهي. اهڙي جدوجهد لازمي طرح سوڀ حاصل ڪندي. اهڙي مقابلي جي اهميت هن ڳالهہ ۾ بہ آهي تہ اِهو تهذيب جي مقصدن ۽ واڌ ويجهہ لاءِ ضروري حالتون وڌ کان وڌ گڏ ڪندو آهي. جڏهن اهڙين حالتن ۾ آزادي ملي ويندي آهي تہ اُها تڪليف، اُهو تهذيبي شڪ ختم ٿي ويندو آهي، جيڪو ڪن نون آزاد ٿيل مُلڪن ۾ ڏٺو وڃي ٿو. اِهو اِن ڪري جو قوم پنهنجي وجود مان ۽ وجود ۾ اچڻ جي انداز سان، تهذيب تي هڪ بنيادي اثر وجهي ٿي. هڪ اهڙي قوم، جيڪا عوام جي گڏيل عمل سان پيدا ٿئي ٿي ۽ جيڪا حڪومت جو نظام بدلڻ وقت عوام جي حقيقي خواهشن جو مظهر هوندي آهي، سا نهايت طاقتور تهذيبي ورثي کان سواءِ زنده نٿي رهي سگهي.

مقامي ماڻهن کي، جيڪي پنهنجي ملڪ جي تهذيبي صورتحال لاءِ بيقرار رهندا آهن ۽ جيڪي اُن کي آسماني وسعتون بخشڻ چاهيندا آهن، پنهنجي مقصد جي پورائي لاءِ سمورو پروسو رڳو آزاديءَ جي اهڙن اٿڻ اصولن تي قائم نہ ڪرڻ گهرجي، جيڪي ماڻهن جي شعور ۾ ڪُپي ويا هجن. قوم جي آزادي هڪڙي شيءِ آهي، تہ جنگ لاءِ عوامي مواد ۽ طريقا ٻي شيءِ. اسان کي ائين ٿو لڳي تہ قومي تهذيب جو مستقبل ۽ اُن جا خزانا، انهن گُٽن جو اڻ ٽٽ حصو آهن، جن آزاديءَ جي جدوجهد جو پيڙهہ وارو پٿر رکيو. ۽ هاڻي ڪن رسم پرستن کي ختم ڪرڻ جو وقت بہ اچي ويو آهي. هر طرف ڪان اِهو ٻڌڻ ۾ اچي ٿو تہ قومي گهرجن جو دور هڪ اهڙو دور آهي، جنهن کي انسانيت پوئتي ڇڏي آئي آهي. هيءُ زمانو تہ گڏيل نموني ٿيندڙ عظيم ڪارنامن جو زمانو آهي. نتيجي طور پنتي ٻيل قوم پرستن کي پنهنجون غلطيون درست ڪرڻ گهرجن.

اِنهي باري ۾ اسان جو چوڻ هيءُ آهي تہ اِها ڳالهہ غلط آهي، جنهن جا نتيجا بي انتها خطرناڪ ٿيندا. حقيقت ۾ مٿينءَ ڳالهہ جي ذريعي ڪي ماڻهو قومي دور مان بچي نڪرڻ جي اٽڪل ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن تهذيب قومي شعور جو اظهار آهي، تہ پوءِ آءٌ اِهو چوڻ ۾ ڪابہ هٻڪ نٿو محسوس ڪريان تہ جنهن صورتحال ۾ اسين آهيون، اُن ۾ قومي شعور ئي تهذيب جي سڀ کان چٽي صورت آهي.

"پاڻ سڃاڻڻ" اِنهي ڳالهہ جو نالو نہ آهي تہ توهان ٻين سان ميلاپ جا دروازا بند ڪري ڇڏيو. اُن جي اُبتڙ فلسفو اسان کي سيکاري ٿو تہ "پاڻ سڃاڻڻ" حقيقت ۾ ٻين سان ميلاپ جي ضمانت آهي. قومي شعور، اُها واحد شيءِ آهي، جيڪا اسان کي عالمي وسعت عطا ڪري ٿي. آفريڪا ۾ قومي تهذيب جي مسئلي هڪ خاص بلندي حاصل ڪري ورتي آهي. آفريڪا ۾ قومي شعور جو جنم آفريڪي شعور جي جنم سان هڪ خاص زماني کان لاڳاپو رکي ٿو. آفريڪين جي قومي تهذيب جي ذميواري آفريڪي شيدي تهذيب جي ذميواري پڻ آهي. اِها گڏيل ذميواري ڪنهن آسماني اصول جو حصو ناهي، پر هڪ سادي قانون جو حصو آهي، جنهن مطابق آفريڪا جي هر آزاد قوم، جتي سامراجيت اڃا تائين پنهنجا چنبا ٽنبيو ويٺي آهي، هڪ گهيري ۾ ورتل قوم آهي؛ هڪ اهڙي قوم، جيڪا ڪمزور ۽ لڳاتار خطري ۾ آهي.

جيڪڏهن انسان پنهنجي عملن سان سڃاتو ويندو آهي، تہ اهڙيءَ صورت ۾ اسان چونداسين تہ اڄ دانشور لاءِ سڀ کان ضروري ڪم پنهنجي

قوم جي اڏاوت آهي. جيڪڏهن اِها اڏاوت حقيقي آهي، يعني جيڪڏهن اِها ماڻهن جي ظاهر ظهور ارادي جي ترجماني ڪري ٿي ۽ آفريڪا جي حوصلي مند عوام جي ترجمان آهي تہ قوم جي اڏاوت لازمي طرح آفاقي گڻن جي همت افزائي ۽ ڳولا واري ڪم ۾ مدد ڪندي. ٻين قومن کان الڳ رهڻ تہ پري جي ڳالهہ آهي، قومي آزادي ئي قوم کي تاريخ جي اسٽيج تي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ وٺي ويندي آهي. عالمي شعور، هميشه قومي شعور جي دل ۾ ئي زنده رهندو آهي ۽ وڌندو ويجهندو آهي ۽ اِهو ٻہ طرفو احساس نيٺ تهذيب جو نيسارو ثابت ٿيندو.

پچائي

ـــ تہ پوءِ اچو ساٿيو! چڱو اهو ٿيندو تہ اسان هڪدم پنهنجا طريقا تبديل ڪرڻ جو فيصلو ڪريون. اسان کي انهيءَ گهري اونداهيءَ کي ڏکي پوئتي ڇڏڻو پوندو، جنهن ۾ هن وقت تائين اسان ڦاٿا پيا هئاسين. نئين ڏينهن کي، جيڪو اسان جي سامهون آهي، اسان ثابت قدم، عقلمند ۽ پُرعزم انسان ٿي مرحبا چئون!

اسان کي پنهنجي خوابن کي پنتي اڇلائڻ گهرجي؛ پنهنجي قديم عقيدن کي ڇڏڻ ۽ زندگيءَ کان اڳ واري زماني سان دوستي ختم ڪرڻ گهرجي. اسان کي سندن دعائن ۽ مڪروهہ نقاليءَ ۾ وقت وڃائڻ نہ گهرجي. يورپ کي سندس حال تي ڇڏي ڏيو، ڇو تہ اتي ماڻهو، "انسان" جي موضوع تي ڳالهائيندي ٿڪبا نہ آهن؛ پر جتي بہ ڪين "انسان" نظر ايندو آهي تہ ان کي قتل ڪري ڇڏيندا آهن. پنهنجي هر رستي جي موڙ تي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾، صدين تائين انهن روحاني واردات جي نالي تي گهڻو ڪري پوري انسانيت جو گلو گهٽيو آهي. ٿورو انهن کي اڄ ڏسو! ايٽمي ۽ روحاني انتشار جي وچ ۾ لٽڪيا پيا آهن، ۽ ان جي باوجود اهو چيو ويندو آهي تہ يورپ ڪامياب رهيو آهي، ڇو تہ هن جيڪي ڪجهہ ڪيو آهي، ان ۾ ڪامياب رهيو آهي.

يورپ، دنيا جي اڳواڻيءَ جو ڪم سرگرميءَ، بي لحاظيءَ ۽ تشدد سان سرانجام ڏنو آهي. ڏسو سندس محلاتن جا پاڇا ڪيتريقدر پري پري تائين پکڙيا پيا آهن! هن جي هر چرپر مڪاني ۽ تصوراتي حدن کي اڏائي ڇڏيو آهي. يورپ عاجزي ۽ انڪساري ترڪ ڪري ڇڏي آهي، پر هن تہ نرميءَ ۽ مروٽ کان بہ منهن موڙي ڇڏيو آهي. هن انسانن جي باري ۾ رڳو پنهنجي بخيلي ۽ ڪنجوسي ئي ڏيکاري آهي ۽ رڳو انسانن کي ئي پنهنجو لقمو بنايو آيو ۽ قتل ڪيو آهي.

منهنجا ڀائرو! تہ پوءِ اسان ايتري ڳالهہ ڇو نہ ٿا سمجهون تہ اسان وٽ انهيءَ يورپ جي پيرويءَ کان وڌيڪ سٺا ڪم موجود آهن.

اڄ يورپ جي باري ۾، جتي ماڻهو انسان جي باري ۾ ڳالهائيندي ۽ هيءُ اعلان ڪندي ڪڏهن نہ ٿا ٿڪجن تہ اهي رڳو انساني ڇوٽڪاري ۽ ڀلائيءَ لاءِ پريشان آهن؛ اسان اهو سمجهون ٿا تہ انسانيت، انهن جي ذهني فتح لاءِ ڪيترن ڏکن جي قيمت ڏني آهي.

ـــ تہ پوءِ منهنجا ساٿيو! هاڻي يورپي کيل ختم ٿي چڪو آهي، اسان کي ٻيو ڪجهہ ڳولڻ گهرجي. اڄ اسان سڀ ڪجهہ ڪري سگهون ٿا، پر شرط آهي تہ اسان يورپ جي نقالي نہ ڪريون، اسان يورپ جي همسريءَ جي خواهش جي جنون ۾ مبتلا نہ ٿيون.

يورپ اڄ هڪ اهڙي ديوانگيءَ ۽ ناعاقبيت انديشي جي دوڙ ۾ مبتلا آهي، جو هاڻي هن هر هدايت ۽ سمجهہ کان اکيون ڦيري ورتيون آهن ۽ مٿي ڀر هڪ اونهيءَ کڏ ۾ ڪِري رهيو آهي. بهتر آهي تہ اسان پوري تيز رفتاريءَ سان ان کان بچڻ جي ڪوشش ڪريون. ان جي باوجود اهو صحيح آهي تہ اسان کي هڪ نمونو، هڪ ماڊل گهرجي. اسان کي نقشن ۽ مثالن جي ضرورت آهي. اسان مان گهڻن لاءِ يورپي نمونو سڀ کان وڌيڪ خيال افروز آهي. انهيءَ ڪري اسان گذريل صفحن ۾ ڏسي آيا آهيون تہ انهيءَ قسم جي نقاليءَ اسان کي ڪهڙن اذيتناڪ مونجهارن ۾ وجهي ڇڏيو آهي. اسان کي هاڻي يورپي ڪارنامن، يورپي ٽيڪنڪ ۽ يورپي نمونن تي ريجهي، پنهنجو وزن نہ وڃائڻ گهرجي. جڏهن آءٌ يورپي ٽيڪنڪ ۽ يورپي اسلوبن ۾ انسان جي ڳولا ڪندو آهيان تہ مون کي صرف انسانن جي نفيءَ جو سلسلو ۽ انهن جي تباهين جا حادثا نظر ايندا آهن، انساني حالات، انساني نوع لاءِ رڦابنديون ۽ انهن ڪارنامن لاءِ، جيڪي سموري انسانيت جي وحدت ۾ واڌارو ڪندا آهن، انسانن جي وچ ۾ ڏي وٺ، اهڙا نوان مسئلا آهن، جيڪي نين ڳولائن ۽ ايجادن جا محتاج آهن.

اچو! اسان يورپ جي نقالي ڇڏڻ جو فيصلو ڪريون. اچو! اسان پنهنجون ٻانهون ۽ پنهنجا ذهن، هڪ نئين طرف ڏانهن متحد ڪريون. اچو! اسان ان نئين انسان جي تخليق ڪريون، جنهن کي يورپ فتحمنديءَ جي احساس ۾ جنم ڏيڻ کان ناڪام رهيو آهي؛ ٻہ صديون گذريون هڪ يورپي بينڪ، يورپ جو مقابلو ڪرڻ جو فيصلو ڪيو هو. انهيءَ مقابلي ۾ ان بينڪ کي ايتريقدر ڪاميابي ٿي، جو هاڻي آمريڪا انسانيت لاءِ شرمناڪ مخلوق بنجي

ويئي آهي، جنهن ۾ يورپي گندگي، بيماري ۽ غير انسانيت خوفناڪ رخ اختيار ڪري ويئون آهن.

ساٿيو! ڇا اسان وٽ هڪ ٿيون يورپ تخليق ڪرڻ کان سواءِ ٻيو ڪوبہ ڪم نہ آهي؟ مغرب پاڻ کي هڪ روحاني مهم وانگر ڏنو. روح جي نالي تي يورپ غاصبيت جائز قرار ڏني. هن پنهنجي ڏوهن جو جواز پيدا ڪيو، ۽ اها غلاميءَ جي لعنت عائد ڪئي، جنهن ۾ هن انسانيت جي اسي سيڪڙي حصي کي جڪڙي ڇڏيو آهي. ها! يورپي روح جون پاڙون ڏاڍيون عجيب آهن. يورپي فڪر پنهنجي پاڻ کي اهڙن علائقن ۾ پکيڙيو، جيڪي ويران هئا، جيڪي ڇپن سان گهيريل هئا ۽ ان ڪري انهن علائقن ۾ اهو رواج پئجي ويو تہ انسان، انسان سان ملندا نہ آهن. پنهنجي ذات سان دائمي ڳالهہ ٻولهہ وڌندڙ مڪروهہ خود عاشقيءَ (پاڻ پڏائڻ واري جذبي) اڌ ڇريائيءَ واريءَ صورتحال لاءِ رستو تيار ڪيو. جتي ذهني ڪم اذيت بنجي ويو ۽ حقيقت هڪ جيئري انسان جي حقيقت نہ رهي، جيڪو باعمل ٿي پنهنجي تخليق ڪري رهيو هجي. هاڻي حقيقت لفظن ۾ اچي ويئي آهي ـــ لفظن جي ڌار ڌار ترڪيبن ۾ ۽ لفظن جي معنيٰ مان پيدا ٿيندڙ ڇڪتاڻ ۾. پوءِ بہ ڪجهہ يورپي، پورهيتن کي انهيءَ ڳالهہ لاءِ تيار ڪندا رهيا تہ اهي خود عاشقيءَ جي بت کي ڀڃي پورا پورا ڪري ڇڏين ۽ انهيءَ فريب جي مجسمي کي ٽوڙي ڇڏين. ليڪن عام طرح يورپ جي پورهيتن، انهن آوازن جي جواب ۾ هائوڪار نہ ڪئي؛ ڇو تہ پورهيت بہ ائين سمجهندا رهيا تہ اهي خود يورپي روح جي انهيءَ قيمتي مهم جو حصو آهن.

انسانيت جا عظيم مسئلا حل ڪرڻ لاءِ سمورا عنصر مختلف وقتن ۾ يورپي فڪر ۾ موجود رهيا آهن. ليڪن يورپ وارن عملي طرح اهو ڪم سرانجام نہ ڏنو، جيڪو سندن ذميواري هو. جنهن جي تقاضا هيءَ هئي تہ يورپ وارا پوريءَ سختيءَ سان پنهنجو پورو زور انهن عنصرن لاءِ خرچ ڪن ٿا، تہ جيئن اهي پنهنجي ڌانچي ۽ پنهنجي فطرت کي تبديل ڪن ها ۽ اهڙيءَ طرح پاڻ کي تبديل ڪري آخرڪار انسانيت جي مسئلن کي بلند مرتبي تي وٺي اچن ها.

اڄ اسان يورپ جي جمود (ماڻار) ۾ بيٺا آهيون. ساٿيو، اچو! انهيءَ مائي حرڪت کان ڀڄي نڪرون، جتي جدليات آهستي آهستي توازن جي منطق ۾ تبديل ٿيندي پيئي وڃي. اچو! اسان انسانيت جي سوال جو نئين سر جائزو وٺون. اچو! دماغي حقيقت جو ۽ دنيا جي سمورن انسانن جي دماغن جي مسئلن جو وري جائزو وٺون، جن جا ڳانڍاپا وڌڻ گهرجن ۽ جن جي پيغامن ۾

وري انساني روح وجهڻ گهرجي. اچو، ڀائرو! پوئين محافظ دستي وارو ڪم ڪرڻ لاءِ اسان کي گهڻو ڪجهه ڪرڻو آهي. يورپ جيڪي چاهيو، سو ڪري چڪو ۽ مجموعي حيثيت ۾ چڱيءَ طرح ڪيو. اسان کي ان تي الزام تراشي بند ڪرڻ گهرجي، پر ان کي يقين سان اهو ٻڌائي ڇڏڻ گهرجي ته هاڻي هو پنهنجا گيت ڳائڻ ۽ خوشيءَ مان نچڻ بند ڪري ڇڏي. هاڻي اسان کي ان مان ڪوبه ڊپ نه آهي. ان ڪري اچو ته ڪانئس حسد ڪرڻ ڇڏي ڏيون.

اڄ ٽين دنيا پنهنجي وڏي اٽالي سان يورپ جي سامهون آهي. انهيءَ ٽين دنيا جو مقصد اهو هئڻ گهرجي ته اها انهن مسئلن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري، جنهن ۾ يورپ ناڪام ويو آهي. اسان کي هڪ ڳالهه ڀليءَ ڀت سمجهڻي آهي ته اهم ڳالهه هيءَ آهي ته هاڻي اسان کي پيداواري مقدار، ڪم ۾ تيزيءَ ۽ ڪم جي ساز جون ڳالهيون بند ڪرڻ گهرجن. فطرت ڏانهن موٽڻ جو ته سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي. هاڻي اسان جي اڳيان ٿوس مسئلو هيءُ آهي ته انسان کي تباهيءَ طرف وڃڻ نه ڏنو وڃي ۽ انساني ذهن تي اهڙو آهنگ مڙهيو نه وڃي، جيڪو انسان کي ختم ۽ برباد ڪري ڇڏي. ڪنهن سان مقابلي جو بهانو، ان ڪري استعمال نه ڪيو وڃي ته انسانن کي هيڏانهن هوڏانهن ڌڪيو وڃي؛ انهن کي پنهنجي ذات يا نجي زندگيءَ کان ڌار ڪيو وڃي؛ انهن کي چٽيو ۽ چيپاڻيو وڃي. هاڻي اسان کي ڪنهن جي همسري ڪرڻي نه آهي. اسان جيڪي ڪجهه چاهيون ٿا، اهو هيءُ آهي ته "انسان" جي ساٿ ۾ سمورن انسانن سان گڏجي، هر وقت، رات ڏينهن اڳتي ئي اڳتي وڌندا رهون. قافلي کي گهڻو پڪڙجڻ نه گهرجي، ڇو ته اهڙيءَ صورت ۾ پوئين قطار اڳينءَ قطار کي ڏسي نه سگهندي. اهي ماڻهو، جيڪي هڪبئي کي سڃاڻندا نه آهن، سي پاڻ ۾ گهٽ ملندا آهن ۽ هڪبئي سان بنهه گهٽ ڳالهائيندا آهن.

هاڻي مسئلو ٽين دنيا جو آهي، جيڪا هڪ نئين انسان جي تاريخ جي شروعات ڪري رهي آهي. اها هڪ اهڙي تاريخ هوندي، جيڪا يورپ جي انهيءَ تحقيق کي به سامهون رکندي، جيڪا ڪڏهن عظيم الشان سمجهي ويندي هئي. ليڪن اها نئين تاريخ، يورپ جي ڏوهن کي به نه وساري. اُنهن ڏوهن ۾ سڀ کان خوفناڪ ڏوهه ته انساني دل جي خلاف ڪيو ويو آهي؛ خواهشن جي سطح تي انساني ارادن کي پرزا پرزا ڪيو ويو، ۽ ان جي مجموعي وحدت کي ڇيهون ڇيهون ڪيو ويو. اجتماعيت جا ڍانچا، مت پيدن، طبقن ۽ جماعتن جي پاليل رت پياڪ ڇڪتاڻ جي حوالي ڪيا ويا ـــ ۽ آخر ۾

انسانيت جي عظيم سطح تي، نسل پرستائي نفرت، غلامي ۽ پرماربت هئي ـــ ۽ سڀ کان وڌيڪ غير انساني خوني قتل عام، جنهن دنيا جي ڏاڍ ارب آباديءَ کي هڪ طرف ڏکي ڇڏيو.

ان ڪري ساٿيو! اچو، اسان يورپ مان فيض پرائيندڙ رياستون، ادارا ۽ مجلسون قائم ڪري، ان کي وڌيڪ خراج عقيدت پيش نہ ڪريون. انسانيت هاڻي اسان کان ڪجهہ ٻيون گهُرون ڪري ٿي؛ رڳو نقالي نہ، ڇو تہ نقالي هاڻي نهايت مڪروهہ رنديءَ جي شڪل اختيار ڪري ويئي آهي.

جيڪڏهن اسان آفريڪا کي هڪ نئين يورپ ۾ ۽ آمريڪا کي هڪ نئين يورپ ۾ تبديل ڪرڻ چاهيون ٿا، تہ پوءِ اچو تہ پنهنجن ملڪن جون تقديرون يورپ جي هٿن ۾ ڏيئي ڇڏيون. يورپي، اسان جي دانشورن کان بہ وڌيڪ اها ڄاڻ رکن ٿا تہ اهم ڪم بهتر طريقي سان ڪيئن ٿي سگهي ٿو.

پر جيڪڏهن اسان چاهيون ٿا تہ انسانيت هڪ وک اڳتي وڌائي؛ جيڪڏهن اسان انسانيت کي ان سطح کان، جيڪا يورپ ان کي ڏني آهي، هڪ مختلف سطح ڏيڻ چاهيون ٿا، تہ پوءِ اسان کي ڪوجنائون ۽ ايجادون ڪرڻيون پونديون.

جيڪڏهن اسان پنهنجي عوام جي اميدن تي پورو لهڻ چاهيون ٿا، تہ پوءِ اسان کي يورپ جي بدران ڪنهن ٻيءَ جاءِ تان فيض حاصل ڪرڻ گهرجي. ان کان سواءِ جيڪڏهن اسان يورپ جي عوام جي اميدن جو جواب ئي ڏيڻ چاهيون ٿا تہ سندن معاشري ۽ فڪر جو، جنهن کان هو هر وقت بيزاريءَ جو اظهار ڪندو آهي، اولڙو، مثالي اولڙو انهن کي موٽائي ڏيڻ ڪهڙو فائدو!

يورپ لاءِ، پنهنجي لاءِ ۽ انسانيت جي لاءِ، ساٿيو! اسان کي تاريخ جو هڪ نئون ورق ورائڻو پوندو. اسان کي نوان تصور پيش ڪرڻا پوندا ۽ نئين انسان کي پنهنجن پيرن تي بيهارڻ جي ڪوشش ڪرڻي پوندي.

بينڪي جنگيون ۽ ذهني بيماريون

ليڪن جنگ جاري رهندي آهي ۽ ايندڙ ڪيترن سالن تائين اسان کي انهن بيشمار نہ ڇٽندڙ ڦٽن جو ملہ پٽي ڪرڻي پوندي، جيڪي سامراج جي سخت ڏکن اسان جي عوام کي ڏنا آهن. سامراجيت جيڪا اڄ انسان جي حقيقي آزاديءَ جي خلاف جنگ ڪري رهي آهي، سا پنهنجي پويان پنهنجا نشان ڇڏي ويندي آهي. اسان کي ڪپي تہ انهن کي ڳولي پوريءَ بي رحميءَ سان پنهنجن روحن ۽ پنهنجي ملڪ مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيون.

هن باب ۾ اسان ذهني بيمارين جي مسئلي تي بحث ڪنداسين، جيڪي الجزائري عوام جي جنگ آزاديءَ مان پيدا ٿيا آهن.

شايد هن ڪتاب ۾ نفسياتي طب جا هي اِشارا بي فائدي نظر اچن، ليڪن اِن لاءِ اسان ڪجهہ نٿا ڪري سگهون.

هن ڳالهہ جا ذميدار اسان نہ آهيون، جو هن جنگ ۾ سوچ ۽ عمل ۾ انتشار پيدا ڪندڙ نفسياتي طب جا نمونا اهميت اختيار ڪري ويا آهن: خاص طرح اُتي جتي سُڪون بحال ڪرڻ جون ڪوششون ٿي رهيون آهن: يا ٻين لفظن ۾ هي تہ اهي بيماريون اُن آباديءَ ۾ بہ نظر اچن ٿيون، جتي سڪون بحال ٿي چڪو آهي. حقيقت هيءَ آهي تہ سامراجيت پنهنجي فطرت ۾ ئي نفسياتي طب جي اسپتالن لاءِ بيمار گڏ ڪرڻ واري زرخيز زمين آهي. اسان 1954ع کان ئي مختلف سائنسي تحريرن ۾ فرانسيسي ۽ عالمي نفسياتي طب جي ماهرن جو ڌيان انهن مشڪلاتن ڏانهن ڇڪايو آهي، جيڪي مقامي بيمار کي پوريءَ طرح تندرست ڪرڻ جي ڪوشش يا ٻين لفظن ۾ ان کي پوريءَ ريت سامراجيت سماجي پس منظر جو هڪ حصو بنائڻ جي ڪوشش مان پيدا ٿين ٿيون.

جيئن تہ سامراج ٻئي شخص جو ڀرپور انڪار آهي ۽ جيئن تہ اهو خطرناڪ اِرادي سان ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ تي انسانيت جون سڀ خاصيتون حرام

ڪري ڇڏيندو آهي، اُن ڪري اهو غلام عوام کي پاڻ کان هيءُ سوال ورجائيندي رهڻ تي مجبور ڪندو آهي ته ”حقيقت ۾ آءٌ ڪير آهيان!“

اهي بچاءَ وارا لاڙا، جيڪي غلام شخص ۽ سامراجي نظام کي سختيءَ سان گڏ ڪرڻ جي ڪري پيدا ٿيندا آهن، هڪ اهڙي سانچي ۾ پئجي ويندا آهن، جيڪو ان کان پوءِ غلام شخصيت کي ظاهر ڪندو آهي جيڪڏهن اسان رڳو انهن زخمن جي گهرائي ۽ ڳاڻيٽي جو مطالعو ڪريون ۽ انهن کان باخبر رهون، جيڪي سامراجي دور ۾ گذرندڙ هڪ ڏينهن ۾ مقامي ماڻهوءَ کي لڳايا ويندا آهن، ته پوءِ هيءَ جلد اثر قبول ڪرڻ واري خاصيت سولائيءَ سان سمجهي سگهنداسون. هيءَ ڳالهه هر حال ۾ ياد رکڻ گهرجي ته غلام عوام رڳو قبضي هيٺ آيل عوام نه هوندو آهي. جرمن قبضي دوران فرانسيسي انسان ئي رهيا، اهڙي طرح فرانسيسي قبضي دوران جرمن به انسان ئي رهيا. الجزائر ۾ رڳو قبضو ناهي، پر اُهو يقيني فيصلو آهي ته سموريءَ سرزمين کان وڌي ٻيءَ ڪنهن شيءِ تي قبضو ڪيو وڃي. اُهو قدرتي منظر جيڪو نقاب پوش الجزائري عورتن، ڪجيءَ جي وڻن ۽ اُٿن جي قطارن سان ٺهي ٿو، سو فرانس جي انساني وجود لاءِ فطري پس منظر آهي.

ويڙهاڪ فطرت پنهنجي سموري ضد ۽ باغي لاڙن سان گڏ بيٺڪن ۾ ٻيلن، مڇرن، مقامي ماڻهن ۽ بيمارين ۾ ظاهر ٿئي ٿي ۽ سامراجيت ان وقت ڪامياب ٿيندي آهي، جڏهن اِنهيءَ وحشي فطرت تي ڪنٽرول ڪيو ويو هجي. جهنگن مان گذرندڙ ريلون، دٻن جي صفائي ۽ مقامي ماڻهن جي آبادي، جن جو ڪوبه سياسي ۽ اقتصادي وجود نه هجي، اهي سڀ حقيقت ۾ هڪ ئي شيءِ آهن.

اهڙيءَ سامراجي دور ۾ جڏهن اُن جو مقابلو هٿياربند جنگ سان نٿو ٿئي، نقصان ڏيندڙ ذهني خوفن جو انبوهه هڪ خاص حد کان اڳتي وڌي ويندو آهي ۽ مقامي ماڻهن جو بچاءَ وارو لاڙو شڪست کائي ويندو آهي، تڏهن اُهي ذهني بيمارين جي شفاخانن کي ڀرڻ شروع ڪندا آهن. اِنهيءَ ڪري ڪامياب سامراجيت جي اِنهي پرسڪون دور ۾ هڪ ذهني بيماري باقائدي جنم وٺندي آهي، جيڪا ظلم جو سنئون سڌو ناجائز ٻار هوندي آهي.

اڄ اها جنگِ آزادي، جيڪا الجزائر جا ماڻهو گذريل ستن سالن کان وڙهي رهيا آهن، سا ذهني بيمارين جي پيداوار لاءِ نهايت زرخيز زمين بنجي ويئي آهي، اِهو اِن ڪري ته جيستائين الجزائر وارن جو تعلق آهي ته انهن لاءِ هيءَ جنگ هڪ مجموعي جنگ ئي آهي. هتي اسان ڪن الجزائري بيمارن جو ذڪر

ڪنداسين، جن جو علاجِ اسان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ جنهن جا مثال اسان کي وڌيڪ ظاهر ظهور نظر اچن ٿا. اسان کي اهو چوڻ جي ضرورت ناهي تہ اسان ڪوبہ سائنسي ڪم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا آهيون، اسان تشخيص جي علم، بيمارين جي درجي بنديءَ ۽ دوائن تي سموري گفتگو نظرانداز ڪري ڇڏي آهي. ڪجهہ فني اصطلاح رڳو حوالن طور استعمال ڪيا ويا آهن، پوءِ بہ اسان کي ٻن نقطن تي زور ڏيڻو پوندو:

پهريون هي تہ هڪ عام قانون وانگر نفسياتي طب، انهن بيمارين کي، جيڪي اسان جي ماڻهن ۾ ظاهر ٿيون، تن کي ردعمل جو ذهني خلل ٻڌائي ٿي. اهو نالو ڏيڻ وقت اُن واقعي کي اهميت ڏني ويندي آهي، جنهن بيماريءَ کي جنم ڏنو. جيتوڻيڪ ڪن صورتن ۾ بيماريءَ کان پهرين واقعن جو حوالو بہ ڏنو ويندو آهي (يعني بيمار جي نفسياتي، جذباتي ۽ حياتياتي حالت جو بيان، ۽ بيمار جو سماجي پس منظر بہ بيان ڪيو ويندو آهي). اسان جو خيال آهي تہ هتي جيڪي مثال پيش ڪيا ويا آهن، تن ۾ اُهي خيال، جن بيماريءَ کي جنم ڏنو، سي بنيادي طور خونخوار ۽ بي رحم فضا ۽ عام طرح غير انساني سلوڪ سبب ۽ ماڻهن جو هي پڪو يقين آهي تہ هو ڪنهن حقيقي مصيبت ۾ جڪڙيل آهن.

سلسلي (الف) جو ڪيس نمبر ٢، هڪ خاص ردعمل جو ذهني خلل آهي، ليڪن سلسلي (ب) جي ڪيس نمبر ٥،٤،٣،٢،١ ۾ هيءَ بيماري ڪيترن وڌيڪ گهرن سببن جي شاهدي ڏئي ٿي ۽ اسان ڪنهن خاص هڪ واقعي جي باري ۾ اِهو نٿا چئي سگهون تہ ان واقعي بيماريءَ کي جنم ڏنو آهي. جيڪڏهن اسان ٺهيل ٺڪيل نالو استعمال ڪرڻ چاهيون تہ اِهو ردعمل جو ذهني خلل آهي، ليڪن هتي اسان جنگ کي خاص اهميت ڏيڻ چاهيون ٿا؛ جنگ جيڪا مجموعي حيثيت سان بہ سامراجي آهي ۽ پنهنجي جُزياتي نوعيت جي ڪري بہ. ٻن عظيم جنگين کان پوءِ انهن سپاهين، جن جنگ ۾ حصو ورتو ۽ انهن شهرين، جيڪي جنگ جو شڪار ٿيا، تن جي ذهني بيمارين بابت ڇپيل ڪتابن جي ڪوت ناهي. هتي نفسياتي طب جون ڪي خاصيتون، جن تي اڃا تائين زور نہ ڏنو ويو آهي، هن ڳالهہ جي تصديق ڪن ٿيون. جيڪڏهن تصديق جي واقعي ضرورت آهي، تہ هي سامراجي جنگ ان بيماري جي سلسلي ۾ بہ پنهنجو مٿ پاڻ آهي، جنهن کي هيءَ جنم ڏئي ٿي.

هڪ ٻيو خيال بہ جنهن تي پڪو يقين ڪيو وڃي ٿو، اسان وٽ وري سوچڻ جي لائق آهي، اُهو اِنهن ردعملن جي بيمارين جي بي نقصان هجڻ جي

باري ۾ آهي.

اِهو صحيح آهي تہ ٻين ماڻهن، ڪن ٻئي درجي جي ذهني خللن کي بيان ڪيو آهي، پر هميشہ ڇڏيل مثالن وانگر ڪجهہ مثال آهن، جتي پوري شخصيت يقيني طرح ٽڙي پکڙي ويندي آهي. اسان ڏسون ٿا تہ هِتي هيءَ بيماري واري حالت وڇڙندڙ آهي. هي اهڙيون ذهني بيماريون آهن، جيڪي ڪيترا مهينا جاري رهنديون آهن. ان تي ڀرپور حملو ڪنديون آهن ۽ عملي طرح هميشہ پنهنجيءَ نشانيءَ طور هڪ اهڙي ڪمزوري ڇڏي ويندیون آهن، جيڪا بلڪل ظاهري هوندي آهي. انهن مڙني شاهدين کي سامهون رکندي، جيڪي اسان کي ملي سگهيون آهن، اهو چئي سگهجي ٿو تہ اهڙن بيمارن جو آئيندو هميشہ گروي هوندو آهي. اسان پنهنجي نظريي جي بهتر وضاحت لاءِ هڪ مثال پيش ڪنداسين:

ڪافي سال اڳ آزاد ٿيل آفريڪي ملڪن مان هڪ ملڪ ۾ اسان کي هڪ اهڙي محب وطن سان ملڻ جو موقعو مليو، جيڪو هٿياربند لڙائيءَ ۾ بہ شامل رهيو هو. هيءُ شخص جيڪو پنهنجيءَ عمر جي ٽئين ڏهاڪي ۾ هو، اسان سان مشورو ڪرڻ ۽ مدد وٺڻ لاءِ آيو هو؛ ڇو تہ هر سال هڪ خاص تاريخ تي ڪيس ڊگهي بي خوابيءَ جا دورا پوندا هئا، جن مان گڏ پريشانين ۽ آپگهات جي ورم جو قبضو بہ شامل هو. اها خاص تاريخ، اُها هئي، جنهن ۾ هُن پنهنجيءَ تنظيم جي هدايت تي ڪنهن خاص جڳهہ تي هڪ بم رکيو هو، جنهن جي نتيجي ۾ ڏهہ ماڻهو مُئا هئا.

اِن وقت قومي رضاڪار کي، جنهن ڪڏهن هڪ گهڙيءَ لاءِ بہ پنهنجي پرائي ڪردار کي رد ڪرڻ جي باري ۾ نہ سوچيو هو، چتيءَ طرح اهو احساس هو تہ ڪيس قومي آزاديءَ جي قيمت ڪهڙي طرح ادا ڪرڻي پئي آهي. اهڙي وچولي درجي جا ڪيس انقلابي ڌانچي ۾ ذميواريءَ جو سوال پيدا ڪن ٿا.

هِتي گڏ ڪيل مشاهدا 1954ع کان 1959ع واري عرصي جا آهن. ڪن بيمارن جي الجزائر ۾ تپاس ڪئي ويئي، اسپتال ۾ يا نجي بيمارين طور؛ ٻيا بيمار قومي آزادي جي فوج جي صحت ڪاتي جي نظرداريءَ هيٺ رهيا.

سلسلو (الف):

هتي پنج مثال پيش ڪيا ويا آهن. هي مثال اهڙن الجزائري يا يورپي ماڻهن جا ڪيس آهن، جن ۾ بنهہ چٽي قسم جي ردعمل جي ذهني بيماربن جون نشانيون ظاهر ٿيون هيون.

ڪيس نمبر(١): هڪ الجزائري ماڻهو، جيڪو پنهنجيءَ زال جي لڄ لٿجڻ تي پنهنجي مرداني طاقت وڃائي ويٺو.

"ب" هڪ ڇويهه سالو مرد آهي، اُهو قومي آزاديءَ جي هيلٿ سروس جي هدايت تي اوجاڳي ۽ لڳاتار مٿي جي سور جي علاج لاءِ اسان وٽ آيو. انهيءَ اڳوٽي ٽيڪسي ڊرائيور، ارڙهن سالن جي عمر ۾ قومي جماعتن لاءِ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو هو. 1955ع ڪان پوءِ هُو قومي آزاديءَ جي جماعت جي هڪ برانچ جو ميمبر ٿيو. هُن ڪيترا دفعا سياسي پمفليٽ ۽ سياسي شخصيتون هڪ جاءِ تان ٻئي جاءِ تي ڪٽي وڃڻ لاءِ پنهنجي ٽيڪسي استعمال ڪئي. جڏهن نهايت وحشي پٽي سان تحريڪ کي دٻائڻ ۽ چٽڻ جو عمل شروع ٿيو، تڏهن قومي محاذ آزاديءَ جنگ کي شهري مرڪزن ۾ آڻڻ جو فيصلو ڪيو. اُن وقت 'ب' جماعت جي مجاهدن کي انهن مرڪزن تي پهچائڻ جو ڪم سنيالي ورتو، جتي حملو ڪرڻو هوندو هو ۽ گهٽو ڪري هُن انهن مجاهدن کي واپس ڪٽي اچڻ لاءِ انهن جاين تي سندن سخت انتظار به ڪيو.

پوءِ هڪ ڏينهن شهر جي يورپي حصي جي مرڪز ۾ چڱي چوڪيءَ ويڙهه ڪان پوءِ اٽڪٽين گرفتارين جي ڪري هُن کي پنهنجي ٽيڪسي ڇڏڻي پيئي ۽ مجاهدن جو ٽولو ٽڙڻ پکڙڻ تي مجبور ٿي ويو. 'ب' جيڪو دشمن جي گهيري مان بچي نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو، تنهن هڪ دوست جي گهر پناهه ورتي. ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ هو پنهنجي گهر وڃڻ بنا پنهنجن ليڊرن جي حڪم تي ويجهڙائيءَ واري مجاهد ٽولي ۾ شامل ٿي ويو.

ڪيترن مهينن تائين هو پنهنجيءَ زال ۽ پنهنجي ويهن مهينن جي ڌيءَ جي باري ۾ ڪابه خبر نه ٻڌي سگهيو. البت ڪيس اهو معلوم ٿيو ته ڪيترن هفتن تائين پوليس شهر ۾ جهڙتيون وٺندي رهي. مجاهدن ۾ به سال گذرڻ ڪان پوءِ ڪيس پنهنجي زال طرفان نياپو مليو. جنهن ۾ هن ڪيس چوائي موڪليو هو ته تون مون کي وساري ڇڏ، ڇو ته آءٌ بي عزت ٿي چڪي آهيان، منهنجي لڄ لٿي ويئي آهي، اُن ڪري تون ٻيون دفعو مون سان زندگي گهارڻ جي باري ۾ نه سوچ. هو بيحد پريشان ٿيو ۽ هُن پنهنجي ڪمانڊر کان ڳجهي نموني گهر وڃڻ جي موڪل گهري. هُن کي موڪل ته نه ملي، پر سندس جاءِ تي قومي محاذ آزاديءَ جي هڪ ڪارڪن جو بندوبست ڪيو ويو ته جيئن اُهو 'ب' جي زال ۽ مائٽن سان لاڳاپو پيدا ڪري.

ٻن هفتن ڪان پوءِ 'ب' جي يونٽ ڪمانڊر کي تفصيلي رپورٽ ملي.

'ب' جي ڇڏيل ٽيڪسي پڪڙجي پئي هئي، جنهن ۾ مشين گن جا ٻہ ميگزين پڻ هئا. اُن کان پوءِ فرانسيسي فوج پوليس وارن کي ساڻ ڪري 'ب' جي گهر پهتا. 'ب' کي گهر مان گم ڏسي هو سندس زال گرفتار ڪري ويا ۽ هڪ هفتي کان وڌيڪ ڪيس قيد ۾ رکيو ويو.

عورت سان سندس مڙس جي ساٿين بابت پڇا ڳاڇا ڪئي ويئي ۽ ٻن ڏينهن تائين ڪيس سختيءَ سان مارڪٽ پڻ ڪئي ويئي. ليڪن ٽئين ڏينهن هڪ فرانسيسي سپاهيءَ (مائي کي اها خبر نہ پئجي سگهي تہ اهو سپاهي هو يا ڪو آفيسر) ٻين ماڻهن کي ٻاهر موڪلي عورت جي لڄ لٿي. ٿوريءَ دير کان پوءِ هڪ ٻئي سپاهيءَ سيني جي موجودگيءَ ۾ هُن سان زنا ڪئي. زنا ڪرڻ وقت هُن چيو تہ، "جيڪڏهن توکي تنهنجو پليت مڙس ڪٿي ملي تہ ڪيس ٻڌائجانءِ تہ اسان توسان ڇا ڪيو." هوءَ هفتو وڌيڪ اتي رهي، پر ڪانئس وڌيڪ پڇا ڳاڇا نہ ڪئي ويئي. ان کان پوءِ ڪيس سندس گهر واپس وڃڻ جي اجازت ڏني ويئي. جڏهن هُن پنهنجيءَ ماءُ کي سڄي ڪهاڻي ٻڌائي تہ سندس ماءُ ڪيس مشورو ڏنو تہ هوءَ 'ب' کي سڀ ڪجهہ ٻڌائي ڇڏي. اُن ڪري جيئن ئي سندس رابطو پنهنجي مڙس سان قائم ٿيو تہ هُن پنهنجي لٿڻ جو اقرار ڪيو.

بهرحال 'ب' صدمو برداشت ڪري ويو، ڇو تہ 'ب' جي هر گهڙي مصروف گذرندي هئي ۽ هن پنهنجي جذبات تي ڪنٽرول ڪري ورتو. ڪيترن مهينن تائين هو اهڙين ڪيترين الجزائري عورتن جون ڪهاڻيون ٻڌندو رهيو، جن جي لڄ لٿي ويئي هئي يا جن کي ايذاءُ ڏنا ويا هئا ۽ هُن کي اِنهن لڄ لٿيل عورتن جي مڙسن سان بہ ملڻ جو موقعو مليو هو، ان ڪري سندس ذاتي بدقسمتيءَ ۽ هڪ ڦٽيل روح واري مڙس جو احساس دٻجي ويو.

1958ع ۾ 'ب' کي ملڪ کان ٻاهر ڪنهن ڪم جي ذميواري سونپي ويئي. جڏهن ٻيو دفعو يونٽ ۾ شامل ٿيڻ جو وقت آيو تہ ويسر ۽ اوجاڳي جي دورن، سندس ساٿين ۽ ليڊرن کي 'ب' جي باري ۾ پريشان ڪري وڌو. هُن جي روانگي روڪي ويئي ۽ فيصلو ڪيو ويو تہ سندس طبي چڪاس ڪرائي وڃي. اُنهيءَ وقت اسان پهريون دفعو ساڻس ملياسين. هُن کي هڪدم سمجهڻ سولو هو هڪ متحرڪ مهانڊو ۽ ضرورت کان وڌيڪ متحرڪ، حد کان وڌيڪ مرڪندڙ، ظاهري طرح تندرست. آءٌ حقيقت ۾ صفا چڱو پلو آهيان بنهہ چاڪ. هاڻي آءٌ فرحت محسوس ڪريان ٿو. رڳو مون کي هڪ اڌ ٿانڪ ڏيو ۽ ڪجهہ وٿامن، جيئن آءٌ پاڻ کي ٿورو وڌيڪ طاقتور محسوس ڪريان.

مگر هڪ بنيادي پريشاني سندس ظاهري تندرستيءَ ۾ ڌار پيدا ڪرڻ جو ڪارڻ بنجندي ويئي. ڪيس هڪ اسپتال موڪليو ويو.

ٻئي ڏينهن ڪان پوءِ اُميد جو پردو چاڪ ٿيندو ويو ۽ ان جي پٽيان اسان کي هڪ فڪرمند ۽ مايوس شخص نظر آيو، جنهن جي بک ختم ٿي چڪي هُئي ۽ جيڪو هاڻي بستري سان چُهٽي پيو هو. هو سياسي ڳالهه ٻولهه ڪان پاسو ڪري رهيو هو ۽ هر اُن شيءِ ڪان، جنهن جو تعلق قومي جنگ سان هُجي، اڻ دلچسپي جو اظهار ڪري رهيو هو. اهڙيون تمام خبرون ٻڌڻ ڪان پاسو ڪندو هو، جن جو واسطو آزاديءَ جي جنگ سان هجي. سندس مشڪلات کي سمجهڻ لاءِ ڊگهي عرصي جي ضرورت هئي. پوءِ ڪجهه ڏينهن ۾ اسان سندس ڪهاڻيءَ کي ترتيب ڏيڻ جي لائق ٿي وياسين.

ٻاهر رهڻ دوران هُن هڪ جنسي رابطي قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ڪامياب نه ٿي سگهيو. اهو سوچي ته اِن جو سبب شايد ٿڪاوٽ هجي، جيڪا لازمي مارچ ۽ گهٽ ڪاڏي ڪائڻ جو فطري نتيجو هوندو آهي، هُن ٻن هفتن ڪان پوءِ وري ڪوشش ڪئي، پر وري ناڪام ٿيو. هڪ دوست سان انهيءَ ڳالهه جو ذڪر ڪيائين، جنهن ڪيس وٺامن بي 12 ڪائڻ جو مشورو ڏنو. اهي گوريون ڪائڻ ڪان پوءِ هڪ دفعو وري ڪوشش ڪيائين. ليڪن وري به ناڪامياب ٿيو. اُن ڪان سواءِ ڪيس جنسي فعل ڪان ڪجهه گهڙيون اڳ پنهنجي ننڍڙي ڌيءَ جي تصوير ڦاڙڻ جي تڪليف ده خواهش پيدا ٿي. اهڙي علامتي سيڃاڻپ جي موجودگيءَ ۾ اسان اِهو به سوچي سگهياسين ٿي ته بيمار ۾ پنهنجي سڳيءَ مائيٽياڻيءَ سان شادي ڪرڻ جي لاشعوري خواهش موجود آهي. پر ڪجهه ملاقاتن ۽ هڪ خواب، جنهن ۾ بيمار هڪ ننڍي ٻليءَ کي ڪراهت واري بدبوءِ سان سڙندي ڏٺو. اسان کي هڪ بلڪل ٻيو رستو اختيار ڪرڻ تي مجبور ڪيو. هڪ ڏينهن هُن اسان سان پنهنجي ننڍڙي نينگري جي باري ۾ ڳالهائيندي چيو، "ته اِن ڇوڪري ۾ ڪجهه نه ڪجهه گڙبڙ ضرور آهي". اُن ڪان پوءِ سندس اوجاڳو گهٽو وڌي ويو ۽ جسم کي آرام ڏيندڙ دوا جون وڏيون خوراڪون ڪائڻ باوجود سندس پريشاني قائم رهي. جنهن ڳالهه اداري کي به ڪنهن حد تائين ڳڻتيءَ ۾ وجهي ڇڏيو. تڏهن هُن پهريون دفعو اسان سان پنهنجي زال جي باري ۾ ڳالهايو. هُن ڪلندي چيو "هُن فرانسيسيءَ جو مزو چکيو آهي." اِنهي گهڙي اسان سندس سموري ڪهاڻي مرتب ڪري ورتي. واقعن جي تاڃي پيٽي مان پورو خاڪه تيار ٿي ويو. هُن اسان کي ٻڌايو

تہ هر جنسي ڪوشش ڪان اڳ هو پنهنجي زال جي باري ۾ سوچيندو هو. اسان کي سندس سموريون ڳالهيون بنيادي دلچسپيءَ سان پريل نظر آيون.

”مون اُن ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي، حالانڪ مون کي پنهنجيءَ سوٽ سان محبت هئي، پر منهنجيءَ سوٽ جي مائٽن اُن جو رشتو ڪنهن ٻئي سان ڪرڻ جو بندوبست ڪري ڇڏيو هو؛ اُن ڪري منهنجي مائٽن جيڪا پهرين ڇوڪري ڳولي، مون اُن کي قبول ڪري ورتو. هُوءَ سٺي هئي، پر مون کي ساڻس محبت نہ هئي. آءٌ هميشه پنهنجو پاڻ کي چوندو هوس، ”تون اجا جوان آهين، ڪجهہ دير انتظار ڪر، جڏهن توکي مناسب ڇوڪري ملي تہ پهرين زال کي طلاق ڏيئي پنهنجي پسند جي شادي ڪري وٺجان. توهان ڏنو آءٌ پنهنجي زال سان گهڻو لاڳاپيل نہ هوس ۽ هن هنگامن جي ڪري هُن کان اجا بہ پري ٿيندو ويس ۽ نيٺ ڳالهہ اتي وڃي پڳي، جو آءٌ گهر اچي ماني کائيندو هوس ۽ هُن سان ڳالهائڻ کان سواءِ ئي سمهي رهندو هوس.

مجاهدن ۾ رهندي جڏهن مون ٻڌو تہ ڪنهن فرانسيسيءَ هُن جي لڄ لٿي آهي تہ پهرين مون کي اُن بدمعاش تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي، پر پوءِ مون سوچيو، ”خير ڪا گهٽي خراب ڳالهہ نہ ٿي آهي، هوءَ قتل تہ ڪانہ ٿي آهي، وري پنهنجي زندگي شروع ڪري سگهجي ٿي —“ ۽ پوءِ ڪن هفتن کان پوءِ مون کي احساس ٿيو تہ اُن جي لڄ اِن لاءِ لٿي ويئي آهي تہ اهي لڄ لٿيندڙ منهنجي ڳولا ۾ هئا. حقيقت ۾ منهنجي زال کي سندس ماڻ جي سزا ڏني ويئي هئي. هوءَ آسانيءَ سان تحريڪ ۾ شامل ڪنهن هڪ ماڻهوءَ جو نالو ٻڌائي سگهي ٿي ۽ اُن جي ذريعي هو ڳولا ڪري تحريڪ جي هڪ حصي کي تباهہ ڪري ۽ مون کي گرفتار ڪري سگهيا ٿي. هيءَ هڪ سادو سودو زوريءَ زنا جو ڪيس نہ هو، پر جيئن تہ فرانسيسي ٻيو ڪجهہ ڪري نٿي سگهيا، انهيءَ ڪري زنا ڪيائون. ۽ نہ ئي اهو ايذائڻ جو طريقو هو، جنهن جا نمونا مون کي هر ڳوٺ ۾ نظر آيا ٿي. هيءَ هڪ ضدي عورت جي عصمت دري هئي، جيڪا پنهنجي مڙس کي وڪڻڻ بدران هر شيءِ ڇڏڻ لاءِ تيار هئي ۽ اهو مڙس آءٌ هوس انهي عورت منهنجي زندگي بچائي ۽ تنظيم جو بہ بچاءُ ڪيو. منهنجي ڪري ئي سندس لڄ لٿي ويئي، اُن جي باوجود هُن ڪڏهن مون کي اِهو نہ چيو، ”تہ ڏس مون تنهنجي لاءِ ڪيڏي نہ قرباني ڏني آهي،“ اِن جي اُبتڙ هُن چيو، ”مون کي وساري ڇڏ، پنهنجي زندگي وري شروع ڪر، ڇو تہ آءٌ هاڻي ناپاڪ ٿي چڪي آهيان.“

اِنهيءَ گهڙيءَ ۾ مون جنگ کان پوءِ پنهنجيءَ زال کي وري قبول ڪرڻ جو فيصلو ڪيو، ڇو تہ مون اهو ڏٺو هو تہ هارين پنهنجي اکين سامهون پنهنجين زالن جي لٽ لٽجندي ڏٺي هئي ۽ پوءِ خود انهن پنهنجي زالن جا ڳوڙها اگهيا هئا. اِنهيءَ ڳالهہ مون کي جهنجهوڙي ڇڏيو ۽ پوءِ بہ آءٌ اِهو محيان ٿو تہ شروع. شروع ۾ اِها ڳالهہ سمجهي نٿي سگهيس. پر ڪيترا دفعا اِنهن معاملن ۾ دخل اندازي ڪري، اسان شهرين کي اهڙا مسئلا سمجهايا. مون اِهو بہ ڏٺو تہ ماڻهن اهڙين ڇوڪريون کي شاديءَ جو نياپو ڏنو، جن کي فرانسيسي سپاهين ناپاڪ ڪيو هو، جن مان اُنهن ڇوڪرين کي ناجائز ٻار بہ پيدا ٿي چڪا هئا. انهن ڳالهين کي ڏسي، مون پنهنجيءَ زال جي مسئلي تي نئين سر سوچيو. انهيءَ ڪري مون هُن کي قبولڻ جو فيصلو ڪيو، پر آءٌ چئي نٿو سگهان تہ جڏهن ٻيو دفعو آءٌ ڪيس ڏسندس تہ ساڻس ڪهڙو برتاءُ ڪندس. گهڻو ڪري جڏهن آءٌ پنهنجيءَ ڌيءَ جي تصوير ڏسندو هوس تہ سوچيندو هوس تہ اُن جي بيعزتي ڪئي ويئي آهي. ڇڻ تہ هر اُها شيءِ جنهن جو واسطو منهنجي زال سان آهي خراب ڪئي ويئي آهي. جيڪڏهن اُهي اُن کي ايذاءُ ڏين ها، سندس سڀ ڏند اُکيڙي ڇڏين ها يا ٻانهون ٽوڙي ڇڏين ها تہ مون کي پرواهہ نہ هئي. پر هيءَ شيءِ ـــ توهان اِن شيءِ کي ڪيئن وساري سگهندؤ! ۽ وري هُن مون کي اِهو سڀ ڪجهہ ٻڌائڻ جي ضرورت ڇو سمجهي.

تڏهن هُن مون کان پڇيو، "ڇا منهنجي خيال ۾ سندس نامردي پريشانين جي ڪري آهي!

مون جواب ڏنو، "ها، اِهو ناممڪن ناهي."

تڏهن هُو بستري تان اٿي ويٺو.

"توهان سان جيڪڏهن ائين ٿئي ها تہ توهان ڇا ڪريو ها؟"

"آءٌ ڪجهہ چئي نٿو سگهان."

"ڇا توهان پنهنجيءَ زال کي قبول ڪريو ها."

"منهنجو خيال آهي تہ آءٌ ڪيس قبول ڪريان ها."

"ها اِها ٿي نہ ڳالهہ ڪم جي. ڏٺو توهان، توهان کي پورو يقين آهي..."

هُن ٻنهي هٿن سان مٿو پڪڙيو ۽ ٿوري ئي وقت ۾ ڪمري مان نڪري ويو. اُن ڏينهن کان پوءِ هو آهستي آهستي سياسي ڳالهيون ٻڌڻ لڳو ۽ اُن سان گڏ سندس مٿي جو سور بہ گهٽجي ويو ۽ بک بہ وڌڻ لڳي. ٻن هفتن کان پوءِ هو پنهنجي يونٽ ۾ هليو ويو. وڃڻ کان پهرين هو مون کي چوڻ لڳو، "جڏهن

الجزائر آزاد ٿي ويندو، تڏهن آءٌ پنهنجي زال کي قبول ڪندس ۽ پوءِ جيڪڏهن اسان ٻنهي ۾ ڪا اثبٽت ٿي ته ٻيو دفعو الجزائر ۾ توسان ملندس."

ڪيس نمبر ٢: قتل عام ڪان بچي نڪرندڙ شخص ۾ هر قسم جي قتل ڪرڻ جي خواهش جو وجود.

"س" هڪ ستيتاليهه سالن جي عمر جو هاري آهي. ڪانٽين ٽائن علائقي جي هڪ ڳوٺ ۾ رهندڙ آهي. هُن ڪڏهن سياست ۾ حصو نه ورتو. ويڙهه جي شروعات ڪان ئي هُن جو علائقو الجزائري مجاهدن ۽ فرانسيسي فوج جي وچ ۾ گهمسان جي جنگ جو ميدان بنجي ويو. اين ڪري "س" کي لاش ۽ قتيل ماڻهو ڏسڻ جا موقعا ملندا رهيا. پر هو انهن حالتن کان پري رهيو. البت ڪڏهن ڪڏهن سموري الجزائري عوام وانگر، سندس ڳوٺ جا هاري به انهيءَ رستي تان گذرندڙ مجاهدن جي مدد ڪندا هئا. پر 1958ع جي شروعات ۾ هڪ صبح جو سندس ڳوٺ جي ويجهو ئي مجاهدن هڪ خوفناڪ ڇاپو هنيو ۽ ان کان پوءِ دشمن فوجون چُرپُر ۾ اچي ويون ۽ ان ڳوٺ کي گهيري ۾ ورتائون، جنهن ۾ حقيقت ۾ ڪوبه مجاهد نه هو. ڳوٺ جي مڙني ماڻهن کي گهرايو ويو. اُنهن کان پڇا ڳاڇا ڪئي ويئي، پر ڪنهن ڪجهه به نه ٻڌايو، چند ڪلاڪن کان پوءِ هيليڪاپٽر ۾ هڪ فرانسيسي آفيسر آيو. جنهن چيو، "هن ڳوٺ جي باري ۾ گهڻو ڪجهه ٻڌو ويو آهي، اُن ڪري هن کي تباهه ڪريو." سپاهين گهرن کي باهيون ڏيڻ شروع ڪيون ۽ عورتن کي (جيڪي ڪپڙو لتو گڏ ڪرڻ ۽ ڪاڏي پيتي جون شيون هٿيڪيون ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيون هيون) بندوق جا ڪُنداڪ هڻي ٻاهر ڪڍيو ويو. ڪجهه هاري اِن گوڙ جو فائدو وٺندي ڀڄي نڪتا. آفيسر رهيل سڀني ماڻهن کي گڏ ڪرڻ جو حڪم ڏنو ۽ ڪين هڪ ويجهي رستي وٽ آندو ويو، جتي سندن قتل عام شروع ٿيو. گولين جي پهرئين وسڪاري ۾ 29 ماڻهو ماريا ويا. "س" کي به گوليون لڳيون. هڪ سندس ڪاٻي ران ۾ ۽ ٻي ساڄيءَ ٻانهن ۾ گولي لڳڻ سان سندس ٻانهن جي هڏي ڀڄي پئي.

"س" بيهوش ٿي ويو، جڏهن هوش ۾ آيو ته پاڻ کي الجزائري محاذ آزادي جي هڪ ٽولي ۾ ڏٺائين. هيلٿ سروس سندس علاج ڪيو ۽ جيتريقدر جلدي ٿي سگهيو، هُن کي اُتان وٺي ويئي. واٽ ۾ هُن جي حالت غير معمولي ٿيندي ويئي. اِن ڳالهه هُن جي محافظ دستي کي ڳڻتيءَ ۾ وجهي ڇڏيو. باوجود انهيءَ ڳالهه جي ته هو بي وس هو ۽ ڪيس فوجي سڪيا بنهه

ڪانه هُئي، هُن هڪ بندوق جي گهر ڪئي ۽ ڪنهن به ماڻهوءَ جي اڳيان هلڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. هڪ رات هُن کي هڪ مجاهد جي بندوق ملي ويئي ۽ هُن اڍنگي طريقي سان سُتل مجاهدن تي گوليون هلائڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪيس ڏاڍي سختيءَ سان بي هٿيار ڪيو ويو ۽ ان کان پوءِ مجاهدن هُن جا ٻئي هٿ ٻڌي ڪيس مرڪز ۾ پهچايو.

هُن ڳالهه ٻولهه جي شروعات ڪندي چيو ته آءٌ اجا مُئو نه آهيان ۽ مون ماڻهن سان سٺو دوکو ڪيو آهي. آهستي آهستي اسان اُن قتل جي ڪهاڻي به ٻاهي ورتي، جيڪو هُن ڪرڻ چاهيو پئي. "س" فڪرمند نه هو، حقيقت ۾ هو غير معمولي اضطراب ۾ مبتلا هو، جنهن سان گڏ بيقراريءَ جا دروازا ۽ رڙيون به هيون. هُن ڪا خاص پيچ ڍاهه نه ڪئي، پر هن پنهنجي لڳاتار پُڻ پُڻ سان هر شخص کي پريشان ڪري ڇڏيو هو. سندس "سڀ ڪنهن کي قتل ڪرڻ" جي ظاهر ظهور اِرادي جي ڪري پوري اداري کي هر وقت هوشيار رهڻو پيو ٿي. اسپتال ۾ پنهنجي رهائش واري وقت ۾ هُن کي اوزار بندوق طور استعمال ڪري اٿن بيمارن تي حملو ڪيو. ايتري حد تائين جو ڊاڪٽرن ۽ نرسن کي به نه ڇڏيائين. اسان حيران هئاسين ته ڪٿي مِرگهيءَ جي لڪل شڪلين مان ڪا هڪ اسان جي سامهون ته نه آهي، جنهن جي خاصيت وڙهڻ جهڙي هوندي آهي، جيڪا هر وقت موجود رهندي آهي.

هن تي گهري ننڊ جو علاج آزمايو ويو. ٽئين ڏينهن کان پوءِ روزاني جي ملاقات سان ممڪن ٿي سگهيو ته اسان اِها بيماري پيدا ڪندڙ سببن کي چڱيءَ ريت سمجهي سگهون. بيمار جي ذهني مُونجهه آهستي آهستي گهٽجي ويئي. هتي سندس ڳالهه ٻولهه مان ڪجهه ٽڪرا ڏيون ٿا:

"خدا مون سان گڏ آهي... پر خدا انهن سان گڏ پڪ سان ناهي، جيڪي مري ويا آهن... منهنجي قسمت ته ڪمبخت ڏاڍي سٺي آهي... زندگيءَ ۾ قتل ٿيڻ کان بچڻ لاءِ قتل ڪرڻو ئي پوندو آهي... جڏهن آءٌ سوچيان ٿو ته اُن سڄي معاملي جي باري ۾ مون کي ڪابه خبر نه هئي... اسان جي وچ ۾ فرانسيسي موجود آهن، اُهي عربن جي لباس ۾ آهن. انهن سيني کي قتل ڪرڻ ڪپي. مون کي هڪ مشين گن ڏيو. هي سڀ هٿ ٽوڪيا الجزائري حقيقت ۾ فرانسيسي آهن.... ۽ اهي مون کي نه ڇڏيندا. جيئن ته آءٌ سمهڻ چاهيان ٿو، اُهي منهنجي ڪمري ۾ اچن ٿا. پر هاڻي مون کي انهن جي باري ۾ سڀ ڪا خبر آهي. هر ڪو مون کي قتل ڪرڻ ٿو چاهي. پر آءٌ

پنهنجو بچاءُ ڪندس. آءٌ انهن سيني کي قتل ڪندس، هر هڪ کي. آءٌ هر ڪنهن جو ڪنڌ وڍيندس. اِنهي سان گڏ توهان جو پڻ. توهان سڀ مون کي قتل ڪرڻ گهرو ٿا، پر توهان کي ڪو ٻيو نمونو ڪرڻ گهرجي. آءٌ توهان وانگر ٿي ويندس ته توهان سڀني کي ماريندس. ننڍين کي، وڏن کي، عورتن کي، ٻارن کي، ڪُتن کي، پکين کي، گڏهن کي..... سڀڪو مري ويندو ۽ پوءِ آءٌ آرام جي ننڊ سمهندس....."

هُن اِها ساري ڳالهه ٻولهه ڀڳل ٽٽل جملن ۾ ڪئي. بيمار جي روش ساڳئي طرح جهيڙاڪ، شڪ واري ۽ بي پرواهيءَ واري هئي. ٽن هفتن کان پوءِ سندس بي آراميءَ واري حالت ختم ٿي ويئي، پر هڪ خاص قسم جي اڪيلائي پسندي ۽ ماٺ واري لاڙي اسان جي هن ڊپ لاءِ سبب پيدا ڪيو ته سندس بيماري ڪٿي وڌيڪ خطرناڪ نه ٿي وڃي. هڪ مهيني کان پوءِ هُن موڪل گهري ته جيئن هو پنهنجي معذوريءَ مطابق ڪو ڪم سکي. تڏهن ڪيس قومي محاذ آزاديءَ جي سماجي ڀلائيءَ واري اداري جي حوالي ڪيو ويو. ڇهن مهينن کان پوءِ اسان ڪيس بلڪل چاڪ چڱو ڀلو ڏٺو.

ڪيس نمبر ٣: "ج" هڪ 19 سالن جو اڳوٽو شاگرد، الجزائري محاذِ آزادي جو هڪ سپاهي. مرڪز ۾ پهچڻ کان ڪجهه مهينا اڳ سندس بيماري شروع ٿي چڪي هُئي. هو خوبصورت هو، ۽ ڏاڍو ڏڪارو نظر ايندو هو، هٿ هميشه آلا ۽ چپ سدائين سڪل. لڳاتار ٽڏا ساهه کڻڻ ڪري سندس سينو اُپريل هو. سخت اوجاڳي جو شڪار هو. جڏهن کان بيماري شروع ٿي هئس، هو آپگهات جون ٻه ڪوششون ڪري چڪو هو. ڳالهه ٻولهه دوران ٻڌڻ وقت هُن وهمي انداز اختيار ڪري ڇڏيو هو. ڪڏهن ڪڏهن سندس نظرون ڪن سيڪنڊن لاءِ فضا ۾ ڪنهن نڪتي تي ڪُپي ويندیون هيون ۽ سندس منهن چمڪي پوندو هو. اِنهيءَ حالت کي ڏسندڙن سمجهيو ٿي ته بيمار ڪا راند ڪري رهيو آهي. هُن جا خيال مُنجهيل هئا. هڪ خاص صورتحال، جنهن کي نفسياتي طب ۾ "روڪ" چئبو آهي، جنهن ۾ هڪ جملو يا اِشارو شروع ٿيندو آهي ۽ پوءِ اوچتو بنا ڪنهن ظاهري سبب جي رُڪجي ويندو آهي. اوچتو هڪ خاص سبب جي ڪري اسان جو ڌيان هڪ خاص رخ ڏانهن مُڙي ويو. بيمار پنهنجي رت وهڻ جي باري ۾ ڳالهيون ڪيون، پنهنجي رڳن جي باري ۾ جيڪي رت کان خالي ٿي رهيون هُيون ۽ پنهنجي دل جي باري ۾ جنهن جي هڪ ڌڙڪن گم ٿي ويندي هئي. هُن زخم مان رت بند ڪرڻ لاءِ اسان

کي منٿون ڪيون ۽ اِها بہ درخواست ڪئي تہ ڪيس انهيءَ "رت پياڪ ڏائڻ" کان بچايو وڃي، جيڪا اسپتال جي اندر ئي آهي. ڪڏهن هُو وڏيڪ ڪجهہ نہ ڳالهائي سگهندو هو تہ اسان کان پينسل گهرندو هو.

پوءِ هو لکندو هو، "منهنجو آواز ختم ٿي ويو آهي، منهنجي سڄي زندگي ٻڌندي پئي وڃي"، "غير تشخيص" جي هن جيئري مثال اسان کي اهو سمجهڻ تي مجبور ڪيو تہ سندس بيماري سختيءَ جي هڪ خطرناڪ حد تائين پهچي چڪي آهي.

اسان جي ڳالهہ ٻولهہ دوران ڪيترا دفعا بيمار اسان سان هڪ اهڙي عورت جو ذڪر ڪيو، جيڪا آڏيءَ رات جو ڪيس سزا ڏيڻ ايندي آهي. مون کي اڳيئي خبر هُئي تہ بيمار جي ماءُ مري چڪي آهي، جنهن کي هُو چاهيندو هو. ڪابہ شيءِ ماءُ جي جدائيءَ جي ڦٽ کي ڀري نٿي سگهي (جڏهن بہ ماءُ جو ذڪر ڪندو هو تہ سندس آواز ٻڏي ويندو هو ۽ اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳندا هئس) مون علاج کي ماءُ جي تصور ڏانهن موڙيو. جڏهن مون کانئس ان عورت جي شڪل بابت پڇيو، جيڪا مٿس تشدد ڪندي هُئي تہ هُن ٻڌايو تہ اها اڻ واقف عورت نہ هئي، هو اُن کي سڃاڻي ٿو ۽ انهيءَ ئي ڪيس قتل ڪيو هو. هاڻي اسان جي سامهون اها ڳالهہ اچي بيٺي تہ ڇا هي معاملو ماءُ جي موت کان پوءِ پيدا ٿيندڙ لاشعوري جرم جي احساس جو نتيجو تہ نہ آهي، جيئن فرائيڊ "ماتم ۽ مالي خوليہ" ۾ بيان ڪيو آهي. اسان بيمار کي اُن عورت جي باري ۾ وڏيڪ ڳالهائڻ لاءِ چيو. سندس ڳالهين مان هيٺئين ڪهاڻي ترتيب ڏيئي سگهيا آهيون.

"آءٌ مجاهدن جي ٽولي ۾ شامل ٿيڻ لاءِ اُن شهر مان نڪتس جتي آءٌ پڙهندو هوس. ڪجهہ مهينن کان پوءِ مون کي پنهنجي گهر وارن بابت خبرون مليون. مون ٻڌو تہ هڪ فرانسيسي سپاهيءَ منهنجي ماءُ کي گولي هڻي ماري ڇڏيو ۽ منهنجي پيٽن مان ٻن کي اغوا ڪري پنهنجي ڪوارٽرن ۾ ڪٽائي ويو. اڃا تائين مون کي خبر نہ پيئي آهي تہ انهن تي ڇا وهيو واپريو. ماءُ جي موت مون کي جنجهوڙي ڇڏيو. ڪجهہ سال اڳ جڏهن منهنجو پيءُ مئو هو، تڏهن پنهنجي خاندان ۾ آءٌ اڪيلو مرد هوس ۽ منهنجي وڏي خواهش هُئي تہ ڪيئن بہ ڪري پنهنجي ماءُ ۽ پيٽرن جي زندگيءَ کي بهتر بنائي سگهان. هڪ دفعي اسان فرانسيسين جي هڪ جاگير ۾ پهتاسين، جتي جو سرگرم سامراجي ايجنٽ اڳ ۾ ئي الجزائري ماڻهن کي قتل ڪري چڪو هو. اسان رات جي وقت سندس گهر وياسين، پر هو موجود نہ هو. سندس زال گهر ۾ موجود

هئي. جڏهن انهيءَ مائيءَ اسان کي ڏٺو تہ روئڻ لڳي ۽ اسان کي منٿ ميڙ ڪيائين تہ اسان ڪيس قتل نہ ڪريون. هُن چيو "مون کي خبر آهي تہ توهان منهنجي مڙس کي ڳولڻ آيا آهيو، پر هو هتي نہ آهي. مون ڪيس ڪيترا ڀيرا روڪيو آهيي تہ تون ڪنهن سياسي سرگرميءَ ۾ حصو نہ وٺ." اسان ان عورت جي مڙس جو انتظار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. جيستائين منهنجو تعلق آهي تہ جڏهن مون هُن عورت کي ڏٺو تہ مون کي پنهنجي ماءُ ياد اچي ويئي. هوءَ عورت آرام ڪرسيءَ تي ويٺي هئي ۽ سندس خيال ڪنهن ٻئي جاءِ تي هئا. آءٌ حيران هوس تہ اسان هُن مائيءَ کي قتل ڇو نہ ڪيو آهي. اُن وقت اوچتو اُن عورت محسوس ڪيو تہ آءٌ ڪيس ڏسي رهيو آهيان. هُن دانهون ڪندي مون کي اچي جهليو ۽ چوڻ لڳي "خدا جي واسطي مون کي قتل نہ ڪريو... منهنجا ننڍڙا ٻار آهن." ٻيءَ گهڙي هو مُئي پئي هئي، مون اُن کي پنهنجي خنجر سان ماري ڇڏيو هو. منهنجي ڪمانڊر مون کان هٿيار وٺي نڪري وڃڻ جو حڪم ڏنو. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ پلٽڻ جي ڪمانڊر مون کان پڇا ڳاڇا ڪئي مون سمجهيو هو مون کي گولي هنئي ويندي، پر اُن جي مون کي ڪابہ پرواهہ نہ هئي. پوءِ مون کي ڪاڏي ڪائڻ کان پوءِ اُلٽي اچڻ شروع ٿي ۽ ننڊ بہ خراب ٿيڻ لڳي. ان کان پوءِ ان عورت روز منهنجو رت طلبڻ شروع ڪيو. پر منهنجي ماءُ جو رت ـــــ منهنجي ماءُ جو رت ڪيڏانهن ويو!"

انهيءَ ڏينهن رات جو بيمار سمهڻ لاءِ ويو تہ سندس ڪمري تي عورتن حملو ڪري ڏنو. اهي انهيءَ هڪ عورت جون ڌار ڌار صورتون هيون، جن مان هر هڪ جي پيٽ ۾ هڪ ڪليل ڦٽ هو. اُهي عورتون رت کان خالي، هيڊيون ۽ تمام ڪمزور هيون ۽ نوجوان بيمار لاءِ عذاب بنجي ويون. اُنهن عورتن هن بيمار کان مطالبو ڪيو تہ هو سندن هاريل رت واپس موٽائي. انهيءَ وقت ڪمري ۾ وهندڙ پاڻيءَ جو آواز اچڻ لڳو ۽ اهو آواز ايتريقدر تيز ٿي ويو، جڻ ڪو گجندڙ آبشار وهي رهيو هجي ۽ بيمار ڏٺو تہ سندس ڪمري جو ڪاٺ وارو فرش رت سان، سندس پنهنجي رت سان ڀرجي ويو آهي، جڏهن تہ عورتن جو رنگ آهستي آهستي بحال ٿي رهيو آهي ۽ سندن زخم ڀرجي ويا آهن. بيمار پگهر ۾ شل، سخت تڪليف جي حالت ۾ جاڳي پيو ۽ صبح تائين جسماني چڪتاڻ جي ڪيفيت ۾ رهيو.

نوجوان بيمار جو ڪيترن هفتن تائين علاج ٿيندو رهيو، جنهن کان پوءِ هن جا پوائتا خواب پوريءَ ريت ختم ٿي ويا. تاهم سندس شخصيت ۾ هڪ

اهم ڪمي موجود رهي. جڏهن به هو پنهنجيءَ ماءُ جي باري ۾ سوچڻ شروع ڪندو هو ته اُهي پيٽ ڦاٽل عورتون ڏيڃاريندڙ شڪل ۾ سندس سامهون ايندیون هيون. هيءَ ڳالهه شايد غير سائنسي نظر اچي، پر منهنجو خيال آهي ته فقط وقتي طور هن نوجوان جي منتشر شخصيت ۾ ڪجهه بهتري پيدا ڪري سگهجي ٿي.

ڪيس نمبر ۴: هڪ يورپي پوليس جو ماڻهو جيڪو ذهني ٽڪاوٽ جو شڪار آهي اسپتال ۾ علاج هيٺ آهي ۽ اتي پنهنجي ظلم جي شڪار وطن دوست سان ملي ٿو، جيڪو سڪتي جو بيمار آهي.

"الف" جي عمر اناويهه سال آهي. هُن کي ڪوبه اولاد ڪونهي. اسان کي خبر پئي ته ڪيترا سال اهو پاڻ ۽ سندس زال ٻئي علاج ڪرائيندا رهيا، پر بدقسمتيءَ سان ڪين ٻار پيدا ڪرڻ ۾ ڪاميابي نه ٿي، سندس آفيسر سندس هلت چلت ۾ خلل جي ڪري ڪيس اسان وٽ موڪليو.

ٻهرينءَ ملاقات ۾ هُو ڏاڍو بهتر نظر آيو. ڏاڍي آرام سان اسان کي پنهنجون تڪليفون ٻڌائيندو رهيو. زال ۽ ساهُرن سان سندس لاڳاپا اطمينان جوڳا هئا. ڪيس تڪليف هيءَ هئي ته رات جي وقت ڪيس دانهون ٻڌڻ ۾ ايندیون هيون، جيڪي ڪيس سمهڻ نه ڏيندیون هيون. هُن ٻڌايو ته گذريل ڪجهه هفتا هن سمهڻ کان اڳ پنهنجي زال جي احتجاج جي باوجود، جيڪا گرمي برداشت نه ڪري سگهندي هئي، ۽ اهي گرمين جا ڏينهن هئا، هُو ڪمري جا سمورا در دريون بند ڪندو هو. ان کان سواءِ هو پنهنجي ڪنن ۾ ڪپهه وجهي ڇڏيندو هو جيئن دانهون جهڪيون ٻڌڻ ۾ اچن. ڪڏهن ڪڏهن اڌ رات جو وڏي آواز سان ريڊيو چالو ڪري ڇڏيندو هو يا ڪا موسيقي ٻڌڻ شروع ڪندو هو ته جيئن هو دانهون نه ٻڌي سگهي. هُن اسان کي تفصيل سان اها ڪهاڻي ٻڌائي جيڪا ڪيس ڏيڃاري رهي هئي.

ڪجهه مهينا اڳ هُن جي بدلي قومي محاذِ آزادي جي خلاف وڙهندڙ هڪ برگيڊ ۾ ڪئي ويئي هئي. ابتدا ۾ سندس ذميواري ڪن هوٽلن ۽ دڪانن جي نگرانيءَ تي محدود هئي پر ڪجهه هفتا پوءِ هُن جي ذميواري رڳو پوليس جي هيڊ ڪوارٽر ۾ ڪم ڪرڻ رهجي ويئي. هِتي هُن جو واسطو ٻچا ڳاڇا ڪرڻ سان هو، جيڪو مارڪٽ کان سواءِ پورو ٿي نٿي سگهيو. ڳالهه اها هئي ته هُو ڪڏهن به ڪنهن ڳالهه جو اقرار نه ڪندا هئا. هُن چيو، "ڪڏهن اسان چاهيندا هئاسين ته انهن مجاهدن کي چئون ته جيڪڏهن توهان کي اسان

جو ٿورو بہ لحاظ آهي تہ جيڪي ڪجهہ خبر اٿوَ ٻڌايو، بجاءِ ان جي تہ اسان مجبور ٿي ڪيترا ڪلاڪ بہ سيڙايون ۽ هڪ لفظ بہ معلوم نہ ڪريون. پر انهن سان ڳالهائڻ پت سان ڳالهائڻ جي برابر هو. هو هر سوال جي جواب ۾ رڳو ايترو چوندا هئا ”اسان کي خبر ناهي.“ جيڪڏهن اسان اُنهن کان اِهو پڇندا هئاسين تہ توهان جو نالو ڇا آهي يا توهان ڪٿي رهو ٿا تہ انهن جو جواب اهو هوندو هو ”اسان کي خبر نہ آهي.“ اُن ڪري ظاهر آهي تہ اسان کي سڀ ڪجهہ ڪرڻو ئي پوندو هو. پر اُهي دانهون ڏاڍيون ڪندا هئا. شروع ۾ تہ مون کي انهن تي ڪل ايندي هئي. پر پوءِ آءٌ ڪجهہ گهبرائجي ويس. اڄڪلهہ آءٌ ڪنهن جي دانهن جو آواز ٻڌي توهان کي ٺيڪ ٺيڪ ٻڌائي سگهان ٿو تہ اسان پڇا ڳاڇا جي ڪهڙي درجي تي پهتا آهيون. بہ ٺونشا ۽ لوندڙيءَ تي ڪشي جا ڪجهہ ڏک ڪائڻ کان پوءِ ڪنهن شخص جي ڳالهائڻ، دانهون ڪرڻ ۽ پاڻ کي بي گناهہ ثابت ڪرڻ جو هڪ ئي انداز هوندو آهي. مگر اُن جا جڏهن هٿ پير ٻڌي ڪيس ٻن ڪلاڪن تائين اونڌو لٽڪايو ويندو آهي، تڏهن سندس آواز ٻيءَ طرح هوندو آهي ۽ پاڻيءَ ۾ ٻوڙڻ کان پوءِ اڃا مختلف. پر بجليءَ جو جهٽڪو واقعي انتها آهي. ائين لڳندو آهي جڻ اهو شخص مرڻ وارو آهي. ها گهڻا اهڙا ماڻهو بہ هوندا آهن، جيڪي دانهون بلڪل نہ ڪندا آهن ۽ ڏاڍا سخت ٿيندا آهن. انهن کي اهو خيال هوندو آهي تہ اهي ماريا پيا وڃن. پر اسان کي انهن جي موت سان ڪا دلچسپي نہ هوندي آهي. اسان تہ رڳو معلومات وٺڻ چاهيندا آهيون. جڏهن اسان جو واسطو اهڙن سخت ماڻهن سان پوندو آهي تہ سڀ کان پهرين اسان کين دانهن ڪرڻ تي مجبور ڪندا آهيون ۽ نيٺ اسان ائين ڪرائي وٺندا آهيون. اِها بہ اسان جي هڪ فتح هوندي آهي. اُن کان پوءِ اسان اهو سلسلو جاري رکندا آهيون. اِهو نہ وسارجو تہ اسان اِنهي عذاب واري ڪم کان بچڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون، پر اُهي اسان لاءِ ڪم سولو ٿيڻ نہ ڏيندا آهن. هاڻي مان اِنهي لاءِ آيو آهيان تہ مون کي انهن جون دانهون گهر تي بہ ٻڌڻ ۾ اچن ٿيون. خاص ڪري انهن ماڻهن جون دانهون، جيڪي پوليس هيڊ ڪوارٽر ۾ ئي مري ويا. ڊاڪٽر صاحب آءٌ انهيءَ ڪري بيزار ٿي چڪو آهيان. جيڪڏهن توهان منهنجو علاج ڪريو تہ آءٌ ڪوشش ڪندس تہ منهنجي بدلي فرانس ڪئي وڃي؛ جيڪڏهن آفيسرن انڪار ڪيو تہ آءٌ استعيفا ڏيئي ڇڏيندس.“

اِن صورتحال ۾ مون اُن کي بيماريءَ جي موڪل وٺڻ جو مشورو ڏنو. جيئن تہ بيمار اسپتال ۾ داخل ٿيڻ کان انڪار ڪيو هو. ان ڪري مون نجي

طرح سندس علاج ڪيو. هڪ ڏينهن هُن جي علاج شروع ڪرڻ کان ٿورو اڳ مون کي پنهنجي شعبي طرفان گهرايو ويو. جڏهن "الف" منهنجي گهر پهتو تہ منهنجيءَ زال ڪيس منهنجو انتظار ڪرڻ لاءِ چيو، پر هُن اسپتال جي ميدان ۾ چڪر ڏيڻ ۽ وري موٽي اچڻ کي ترجيح ڏني. ڪجهہ منٽن کان پوءِ جڏهن مان گهر وڃي رهيو هوس تہ هو مون کي رستي تي نظر آيو. هو هڪ وڻ سان ٽيڪ لڳايو، بيوسيءَ جي حالت ۾ پگهر ۾ ٻُڏل ڏکي رهيو هو. حقيقت ۾ هُو بي آرام ٿي ويو هو. مون ڪيس پنهنجيءَ ڪار ۾ وهاريو ۽ پنهنجي گهر وٺي ويس. صوفي تي ليٽي هُن مون کي ٻڌايو تہ هوُ اسپتال ۾ منهنجي هڪ اهڙي بيمار سان مليو آهي، جنهن کان پوليس ٿاڻي ۾ پڇا ڳاڇا ڪئي ويئي هئي (هي شخص هڪ الجزائري وطن دوست هو) ۽ جيڪو صدمي جي ڪري پيدا ٿيندڙ سڪتي جي بيماريءَ جي سلسلي ۾ علاج هيٺ هو. مون کي تڏهن خبر پيئي تہ انهيءَ پوليس واري منهنجي مريض کي ايذاءُ ڏيڻ ۾ وڏو حصو ورتو هو. مون اُن پوليس واري کي ڪجهہ آرام ڏيندڙ گوريون ڏنيون جن سان سندس بي آرامي ختم ٿي. جڏهن هُو ويو تہ آءٌ اسپتال جي اُن وارڊ ۾ ويس، جتي اُن وطن دوست جي سار سنڀال لڏي پئي ويئي. اُتي جي ذميدار ماڻهن تہ ڪا خاص ڳالهہ محسوس نہ ڪئي، پر اُهو وطن دوست بيمار گم هو. نيٺ هو اسان کي هڪ غسلخاني ۾ مليو، جتي هو آپگهات جي ڪوشش ڪري رهيو هو. هُن اُن پوليس واري کي سڃاڻي ورتو هو ۽ سمجهيائين تہ اُهو ٻيو دفعو ايذاءَ ڏيڻ لاءِ ڪيس وٺڻ آيو آهي.

پوءِ "الف" ڪيترا دفعا مون سان ملڻ آيو ۽ پنهنجي حالت سڌرڻ تي فرانس واپس وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. جيستائين الجزائري وطن دوست جو تعلق هو تہ ڪيس اِهو سمجهائڻ ۾ ڏاڍو وقت لڳو تہ اِهو سڀ وهم هو. پوليس وارن کي اسپتال ۾ اچڻ جي اِجازت ناهي. اِهو بہ سمجهايو ويو تہ ٿڪاوٽ جو شڪار آهين ۽ اسپتال ۾ ان لاءِ آيو آهين تہ تنهنجي سارسنڀال لڏي وڃي.

ڪيس نمبر٥: هڪ يورپي انسپيڪٽر جنهن پنهنجي زال ۽ ٻارن کي ايذاءَ ڏنا:

ٽيهن سالن جو "ر" پنهنجي مرضيءَ سان اسان کان مشورو وٺڻ آيو. هو هڪ پوليس انسپيڪٽر هو ۽ هُن ٻڌايو تہ ڪيترن هفتن کان "ڪم" نہ هلي رهيو هو، هو پرٽيل هو ڪيس ٿي ٻار هئا. انڌاڌنڌ سگريٽ ڇڪيندو هو، ڏينهن ۾ پنج پاڪيٽ. بک ختم ٿي چڪي هئس ۽ اڪثر ڀوائتا خواب ڏسي ڊڄي اٿندو هو. انهن ڊيڄاريندڙ خوابن جي ڪا خاص خصوصيت نہ هئي. جيڪا

شيءِ ڪيس سڀ ڪان وڌيڪ پريشان ڪندي هئي، سا سندس چوڻ مطابق "چريائپ جو دورو" هو. پهرين ڪيس اها ڳالهه سخت ناپسند هوندي هئي تہ ڪو سندس ڳالهه اڌ ۾ ڪٽي.

"ڊاڪٽر ڇا توهان مون کي اِن ڳالهه جو ڪو سبب ٻڌائي سگهو ٿا تہ جيئن ئي ڪو شخص منهنجي مرضيءَ خلاف ويندو آهي تہ آءٌ هڪدم ڪيس مارڻ چاهيندو آهيان. نوڪريءَ جي دائري کان ٻاهر بہ آءٌ بنا سبب انهن ماڻهن کي سڏو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان، جيڪي منهنجي وات ۾ رڪاوٽ بنبا آهن. مثال طور آءٌ اخبار وٺڻ لاءِ دڪان تي ويندو آهيان، اُتي گهڻا ماڻهو هوندا آهن. ظاهر آهي ڪجهه دير ترسڻو پوندو. آءٌ اخبار وٺڻ لاءِ هٿ اڳتي وڌائيندو آهيان (اخبار وڪڻندڙ منهنجو دوست آهي) قطار مان ڪو شخص مون کي گهوري چوندو آهي "پنهنجي واري جو انتظار ڪر." بس پوءِ آءٌ اُن کي ڪُٽڻ چاهيندو آهيان ۽ پنهنجو پاڻ کي چوندو آهيان، "منهنجا دوست جيڪڏهن تون ڪجهه ڪلاڪن لاءِ منهنجي وَرَ چڙهي وڃين تہ پوءِ تو ۾ اها تيزي نظر نہ اچي."

بيمار کي گوڙ کان نفرت آهي. گهر ۾ هو هر وقت هر ماڻهوءَ کي ڪُٽڻ لاءِ تيار رهندو آهي. هو واقعي نهايت بي رحميءَ سان پنهنجن ٻارن کي ماربندو آهي، ايتري قدر جو پنهنجي ڏيڍ سال جي پٽ کي بہ.

ليڪن جنهن شيءِ هُن کي حقيقت ۾ ديڃاري ڇڏيو، اُها هيءَ هئي تہ هڪ شام جو جڏهن سندس زال ٻارن کي وڌيڪ ڪٽڻ تي نڪتہ چيني ڪئي، (هُن اهو چيو تہ سچ چوان ٿي هرڪو اِهوئي سمجهندو تہ تون چريو ٿي ويو آهين.) تہ هُو اُن تي اُلر ڪري ويو. ڪيس ڪُٽيائين ۽ پنهنجي منهن اِهو چوندي مائيءَ کي ڪُرسيءَ سان ٻڌي ڇڏيائين تہ "آئون اڄ هميشه لاءِ توکي اهو سبق سيکاريندس تہ هِن گهر جو مالڪ آءٌ آهيان."

خوش قسمتيءَ سان سندس ٻارن دانهون ڪرڻ شروع ڪيون تڏهن ڪيس پنهنجي برتاءَ جي سختيءَ جو احساس ٿيو. هُن زال کي ڪرسيءَ کان کوليو ۽ اڳئين ڏينهن ڪنهن ڊاڪٽر يا ماهر نفسيات کان مشورو وٺڻ جو فيصلو ڪيو. هُن ٻڌايو تہ پهرين اِئين نہ ٿيندو هو. هُن چيو تہ هُن ٻارن کي تمام گهٽ سزا ڏني آهي ۽ زال سان تہ ڪڏهن بہ نہ وڙهيو هو. هي سلسلو تہ "موجوده هنگامن کان پوءِ" شروع ٿيو آهي. حقيقت هيءَ آهي تہ اڄڪلهه اسان کي فوجين وانگر ڪم ڪرڻو پوي ٿو. مثال طور گذريل هفتي اسان اهڙيءَ طرح

ڪم ڪيو، جڻ اسان جو واسطو بہ فوج سان هُجي. حڪومت جي وڏن جو چوڻ آهي تہ الجزائر ۾ ڪابہ جنگ ڪانهي ۽ قانون جي هٿن کي، جنهن جو مطلب هيءُ آهي تہ پوليس کي انتظام بحال ڪرڻ گهرجي. پر حقيقت ۾ الجزائر ۾ جنگ ٿي رهي آهي ۽ جڏهن حڪومت جي وڏن کي هوش ايندو، تڏهن تمام گهڻي دير ٿي ويندي. جيڪا شيءِ مون کي سڀ کان وڌيڪ تڪليف ڏئي ٿي، سا ايذاءُ ڏيڻ آهي. توهان کي تہ خبر ئي ڪانهي اُهو ڇا آهي؟ ڪڏهن تہ آءٌ ماڻهن کي لڳاتار ڏهہ ڏهہ ڪلاڪ ايذاءُ ڏيندو آهيان.....

"جڏهن تون ايذاءُ ڏيندو آهين اُن وقت تنهنجي ڪهڙي حالت هوندي آهي؟"

"شايد توهان کي احساس نہ ٿي سگهي، پر ايذاءُ ڏيڻ بنهہ بيزاريءَ وارو ڪم آهي..... اِهو صحيح آهي تہ اسان اِهو ڪم واري واري سان ڪندا آهيون، پر سوال هيءُ آهي تہ اسان کي اِها خبر ئي نہ پوندي آهي تہ ڪڏهن اِهو ڪم ٻئي جي حوالي ڪيو ويندو. هر شخص اِهوئي سمجهندو آهي تہ ڪنهن بہ وقت ڪيس معلومات ملي ويندي ۽ اها هوشياري ڪندو آهي تہ جڏهن هُن شاندار طريقي سان ملزم کي سرچائي ورتو آهي تہ هاڻي اِها جهرڪي ڪنهن ٻئي وٽ نہ هلي وڃي، ڇو تہ اهڙيءَ صورت ۾ ڪاميابي جو اعزاز انهيءَ ٻئي کي ملندو؛ اِن ڪري ڪڏهن اسان ملزمن کي ٻئي جي حوالي ڪندا آهيون ۽ ڪڏهن نہ. ڪڏهن اسان انهن کي پنهنجي ڪيسي مان رقم بہ ڏيندا آهيون تہ جيئن ڪائنئن ڪجهہ معلوم ڪري سگهون. اسان جو مسئلو ڪجهہ اِن قسم جو هوندو آهي تہ ڇا اسان انهيءَ ماڻهو کي ڳالهائڻ تي مجبور ڪري سگهون ٿا؟ اِنهيءَ تي اسان جي ذاتي ڪاميابيءَ جو دارومدار هوندو آهي. اسان کي ٻين سان مقابلو تہ ڪرڻو پوندو آهي. نيٺ اسان جا ٿونشا اجايا ويندا آهن. پوءِ اسان سينيگالين کي سڏيندا آهيون، پر اُهي يا تہ ايترو زور سان ماريندا آهن، جو ماڻهو ختم ٿي ويندو آهي يا وري گهڻو نہ ماريندا آهن، ۽ اُن مان ڪوبہ فائدو نہ ٿيندو آهي. اصل ۾ اهڙن ڪمن ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ لاءِ هوشياريءَ سان ڪم ڪرڻو پوندو آهي. توهان کي اِهو معلوم هئڻ ڪپي تہ ڪم ڪڏهن شروع ڪرڻو آهي ۽ ڪڏهن ختم. توهان کي اُن جو چڱيءَ طرح اندازو هئڻ ڪپي تہ جڏهن ملزم ٿڏو ٿي وڃي تہ ڪيس مارڻ اجايو آهي. اِهوئي سبب آهي جو توهان کي خود ڪم ڪرڻو پوندو، اهڙي طرح توهان چڱيءَ طرح معلوم ڪري سگهندؤ تہ ڪم ڪيئن هلي رهيو آهي. آءٌ انهن ماڻهن جي خلاف آهيان، جيڪي پنهنجو ڪم ٻين جي حوالي ڪندا آهن ۽

هر ڪلاڪ ڪان پوءِ رڳو اِهو ڏسڻ ايندا آهن تہ هاڻ ملزم ڪهڙيءَ حالت ۾ آهي. سڀ ڪان وڌي هيءَ ڳالهہ آهي تہ توهان هُن کي هرگز اِهو تاثر نہ ڏيو تہ هُو توهان جي هٿن مان جيئرو بچي نہ ايندو، ڇو تہ اهڙيءَ حالت ۾ هوءَ اِهو سوچيندو آهي تہ جيڪڏهن حياتي ختم ٿيڻي آهي تہ پوءِ ڪجهہ ٻڌائڻ مان ڪهڙو فائدو؛ ان صورت ۾ هُن کان ڪجهہ معلوم ڪرڻ جي اُميد بلڪل ختم ٿي ويندي آهي. هُن کي زنده رهڻ جي اميد هئڻ کپي، ڇو تہ اميد ئي اُها شيءِ آهي، جيڪا هن کي ڳالهائڻ تي مجبور ڪندي آهي. ليڪن اِنهي پوري سلسلي ۾ منهنجي لاءِ جيڪا شيءِ سڀ ڪان وڌيڪ پريشانيءَ جو سبب بڻي آهي، سو منهنجي زال سان منهنجو رويو آهي. هيءَ يقيني ڳالهہ آهي تہ مون ۾ ڪا نہ ڪا گڙبڙ ضرور آهي. ڊاڪٽر توهان کي ڪيئن بہ ڪري مون کي چڱو ڀلو ڪرڻو پوندو."

هُن جي آفيسرن ڪيس بيماريءَ جي موڪل ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ وري بيمار نفسياتي طب جي ماهر جو سرٽيفڪيٽ بہ نہ ٿي وٺڻ چاهيو. اسان سندس علاج شروع ڪيو ۽ هُو معمول مطابق ڪم ڪندو رهيو. اِن قسم جي بندوبست ۾ جيڪي ڪچايون ٿي سگهن ٿيون، تن کي هرڪو آسانيءَ سان سوچي سگهي ٿو. اِن شخص کي چڱيءَ طرح خبر هئي تہ سندس بيماريءَ جو سنئون سڌو سبب پڇا ڳاڇا واري سرگرمي هئي؛ جيتوڻيڪ هُو ان جي سموري ذميواري "موجوده هنگامن" تي وجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو، پر جيئن تہ ايذاءُ وارو ڪم بند ڪرڻ لاءِ وٽس ڪابہ واٽ نہ هئي (۽ اها ڳالهہ هُن لاءِ بيڪار هئي، ڇو تہ اهڙي صورت ۾ ڪيس استعيفا ڏيڻي پيئي ٿي)، ان ڪري اجاين ڳالهين ۾ وقت وڃائڻ بنا هُن سنئون سڌو مون کي چيو تہ ضمير جي چهنڊري ۽ پيسن جي ڳڻتيءَ کان سواءِ پوري سڪون سان الجزائر جي وطن دوست ماڻهن کي ايذاءُ ڏيڻ واري ڪم ۾ آءٌ سندس مدد ڪريان.

سلسلو (ب):

هتي اسان کي اهڙا ڪيس گڏ ڪيا آهن، جن ۾ بيماريءَ جو سبب اُهي واقعا آهن، جيڪي هن پوريءَ جنگ جي ڪري پيدا ٿيا آهن؛ جيڪا سموري الجزائر تي ڇانئي پيئي آهي.

ڪيس نمبر ۱: تيرهن ۽ چوڏهن سالن جي بن الجزائري ڇوڪرن جي هٿان سندن هڪ جيڏي جو قتل:

هڪ قانوني مسئلي ۾ اسان کان مهارت واري رپورٽ طلب ڪئي ويئي. تيرهن ۽ چوڏهن سالن جي بين الجزائري ڇوڪرن تي، جيڪي پرائمري

اسڪول ۾ پڙهندا هئا، پنهنجي اسڪول جي هڪ يورپي ساٿي کي قتل ڪرڻ جو الزام هو. ڇوڪرن قتل جو اقرار ڪيو هو. ڏوهه جا تفصيل گڏ ڪيا ويا ۽ تصويرون به رڪارڊ ۾ شامل هيون، جن ۾ هڪ ڇوڪرو، يورپي ڇوڪري کي جهلي پيو هو ۽ ٻيو اُن کي چاقو هڻندي ڏيکاري ويو هو. هنن ننڍڙن ڏوهارين جرم کان انڪار نه ٿي ڪيو. اسان جي هُنن سان ڏاڍي ڊگهي ڳالهه ٻولهه ٿي. هتي اسان سندن بيان مان خاص ٽڪرا ڏيئي رهيا آهيون:

(الف) تيرهن سالن جو ڇوڪرو:

"اسان جو هُن سان ڪوبه جهڳڙو نه هو. هر خميس تي اسان ڳوٺ کان پري وڃي ٽڪريءَ تي هُن سان گڏ گليليءَ راند ڪندا هئاسين. هُو اسان جو سُٺو دوست هو. هاڻي هُو پڙهندو نه هو، ڇو ته هو پنهنجي پيءُ وانگر رازو ٿيڻ جو ارادو رکندو هو. هڪ ڏينهن اسان هُن کي مارڻ جو فيصلو ڪيو، ڇو ته يورپي به سمورن عربن کي مارڻ چاهيندا هئا. اسان وڏن ماڻهن کي ته ماري نه ٿي سگهياسين، پر اسان جهڙن ڇوڪرن کي ته ماري سگهياسين ٿي. ڇو ته هو به اسان جي عمر جو هو. اسان جي سمجهه ۾ نه پئي آيو ته اسين ڪيس ڪهڙيءَ طرح ماريون. اسان هُن کي گڏ ۾ ڏکو به ڏيئي سگهياسين ٿي، پر ان طرح ته هو رڳو ڦٽجي ها، اِن ڪري اسان گهر مان چاقو کڻي هن کي ماري ڇڏيو."

"پر توهان مارڻ لاءِ هن کي ئي ڇو چونڊيو؟"

"ڇو ته هُو اسان سان گڏ راند ڪندو هو. ڪو ٻيو ڇوڪرو اسان سان گڏ ٽڪريءَ تي نه هلندو هو."

"ان جي باوجود ته هو توهان جو دوست هو؟"

"ها، پلا آخرڪار هو اسان کي ڇو چاهين؟ هُن جو پيءُ رضاڪار فوج ۾ آهي، جنهن چيو هو ته عربن جا ڪنڌ ڪپڻ گهرجن."

"پر هُن (ڇوڪري) ته ڪونه چيو هو؟"

"هُن نه چيو هو."

"توکي خبر آهي هاڻي هو مري چڪو آهي؟"

"ها."

"مرڻ جو مطلب ڇا ٿيندو آهي؟"

"جڏهن هر شيءِ ختم ٿي وڃي ۽ ٻئي جهان هلي وڃي."

"ڇا توئي ڪيس ماريو آهي؟"

"ها."

"ڇا هيءُ قتل توکي پريشان نہ ٿو ڪري؟"

"نہ، ڇو تہ هو اسان کي بہ مارڻ چاهين ٿا..... انهيءَ لاءِ."

"ڇا تون جيل وڃڻ کي بُرو سمجهين ٿو."

"نہ."

(ب) چوڏهن سالن جو ڇوڪرو:

هيءُ ننڍڙو ڏوهاري پنهنجي اسڪول جي ساٿيءَ کان بلڪل مختلف هو. هُو لڳ ڀڳ بالغ نظر آيو پئي ۽ پنهنجي ٻانهن جي ٻلَ، شڪل صورت ۽ پنهنجي جوابن جي صورت ۾ هُو بالغ هو. هُن بہ قتل کان انڪار نہ ڪيو. هُن قتل ڇو ڪيو؟ ان سوال جو هُن جواب ڪونہ ڏنو، پر مون کان پڇيائين تہ ڇا مون ڪڏهن ڪنهن يورپيءَ کي جيل ۾ ڏٺو آهي؟ ڇا ڪڏهن ڪو يورپي بہ ڪنهن الجزائريءَ جي قتل کان پوءِ گرفتار ٿي جيل پهتو آهي؟ مون جواب ڏنو تہ مون واقعي ڪڏهن ڪنهن يورپيءَ کي جيل ۾ نہ ڏٺو آهي.

"۽ ان جي باوجود روزاني الجزائري قتل ٿين ٿا، ڇا نہ ٿا ٿين؟"

"ها ٿيندا آهن."

"تہ پوءِ رڳو الجزائري ئي جيل ۾ ڇو ٿا نظر اچن؟، مون کي اِنهيءَ جو سبب ٻڌائي سگهو ٿا؟"

"نہ، پر تون مون کي اهو ٻڌاءِ تہ تو پنهنجي ان دوست ڇوڪري کي ڇو قتل ڪيو؟"

"آءٌ توکي ٻڌايان ٿو. توهان رواڻ جو قصو ٻڌو آهي؟"

"ها."

"اُن ۾ منهنجي گهر جا بہ ماڻهو ماريا ويا هئا. گهر وارا چوندا هئا تہ فرينچن قسم کنيو هو تہ اُهي اسان سيني مان هر هڪ کي چونڊي چونڊي قتل ڪندا. تہ پوءِ ڇا فرينچ حاڪمن انهن سيني الجزائرين جي قاتلن مان ڪنهن هڪ بہ يورپيءَ کي گرفتار ڪيو؟"

"مون کي خبر نہ آهي."

"خير، هڪ بہ يورپي گرفتار نہ ٿيو. آءٌ جيلن تي وڃڻ چاهيندو هوس، پر تمام ننڍو هوس، انهيءَ ڪري مون ۽ اورڪ گڏجي سوچيو تہ اسان هڪ يورپي کي قتل ڪنداسون."

"ڇو؟"

"تہ پوءِ توهان جي خيال ۾ اسان کي ڇا ڪرڻ کپي ها؟"

"مان نہ ٿو چئي سگهان، پر توهان ٻار آهيو ۽ جيڪي ڪجهہ ٿي رهيو آهي اُهو وڏن جو معاملو آهي."

"پر فرينچ تہ ٻارن کي بہ قتل ڪندا آهن."

"پر دوست کي قتل ڪرڻ جو اِهو ڪو واجبي نہ ٿيو."

"خير، مون اُن کي قتل ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي توهان کي جيڪي وٺي سو ڪريو."

"ڇا توهان جي دوست توهان کي ڪو نقصان پهچايو هو؟"

"ڪو بہ نہ."

"ڇا؟"

"ٺيڪ تہ اِهائي ڳالهہ ٿي نہ....."

ڪيس نمبر ٢: هڪ ٻاويهن سالن جو الجزائري نوجوان، جنهن ۾ ڏوهہ جي احساس سان پيدا ٿيل بي آراميءَ واري ڪيفيت ۽ آپگهات جي لاڙي دهشت پسند سرگرميءَ جي شڪل اختيار ڪئي.

فرينچ عدالتي حاڪمن هيءُ بيمار اسان کي اسپتال ۾ ڏياري موڪليو. هيءُ قدم الجزائر ۾ ڪم ڪندڙ فرينچ نفسياتي طب جي ماهرن جي طبي ۽ قانوني صلاح سان کنيو ويو هو. مڪمل غير متوازن ذهني حالت ۾ ورتل هيءُ بيمار سُڪي ڪنڊا ٿي ويو هو، سندس جسم رهندن سان ڀريو پيو هو ۽ ڄاڙيءَ جي ٻن هڏين ڀڃڻ ڪري ڪاڏي جو نڙيءَ ۾ وڃڻ ناممڪن هو، اُن ڪري ٻن هفتن تائين ڪيس مختلف طريقن سان ڪاڏو نہ ڏنو ويو.

ٻن هفتن کان پوءِ سندس ذهني خلل ڪجهہ گهٽ ٿيو تہ اسان ساڻس لاڳاپو قائم ڪري سگهياسين ۽ اُن جي ڊراماٽي ڪهاڻي ترتيب ڏنيسين.

ننڍپڻ ۾ هو ڏاڍي شوق سان اسڪائوٽ تحريڪ ۾ شامل ٿيو هو. سندس شمار مسلم اسڪائوٽ تحريڪ جي اڳواڻن ۾ ٿيڻ لڳو، پر 19 سالن جي عمر ۾ هُن پنهنجي ڏنڌي ڪان سواءِ سڀ مصروفيتون ختم ڪرڻ لاءِ اسڪائوٽ تحريڪ کي پوريءَ ريت ڇڏي ڏنو. هُو ڌار ڌار نڪل ڪندڙ مشينون ٺاهيندو هو. هُن سخت محنت ڪئي ۽ پنهنجي پيشي ۾ وڏو ماهر بنجڻ جا خواب ڏسڻ لڳو. پهرين نومبر 1954ع تي هو پنهنجي ڏنڌي جي مسئلن ۾ رُڌل هو. اُن وقت تائين هُن قومي جدوجهد ۾ ڪنهن دلچسپيءَ جو بلڪل اظهار نہ ڪيو هو. هو اڳيئي پنهنجن پراڻن ساٿين جي صحبت ڇڏي چڪو هو. هُن پنهنجي باري ۾ پاڻ اِهو چيو تہ "ان وقت هُو پنهنجي فني لياقت وڌائڻ تي

سندرو ٻڌي ٻيٺو هو."

تاهم 1955ع جي وچ ڌاري جڏهن هُو پنهنجي خاندان سان هڪ شام جو گهمي رهيو هو تہ اوچتو ڪيس اهو تاثر مليو تہ سندس مائٽ ڪيس غدار سمجهن ٿا. چند ڏينهن کان پوءِ اِهو سطحي تاثر غائب ٿي ويو، پر سندس ذهن جي تهہ ۾ هڪ انديشو موجود هو، هڪ قسم جي بي اطميناني، جنهن کي هو سمجهي نہ سگهيو. اِنهيءَ ڪري هن جلد کان جلد ڪاڏو ڪائڻ، ڪٽنب کان ڌار رهڻ ۽ پنهنجو پاڻ ڪمري ۾ بند رکڻ جو فيصلو ڪيو. هو هر قسم جي لاڳاپن کان ٿهڻ لڳو. انهي قسم جون حالتون هيون جو هڪ مصيبت اچي ڪڙڪي. هڪ ڏينهن 12:30 جي لڳ ڀڳ وچ بازار ۾ ڪيس صاف آواز ٻڌڻ ۾ آيو، جيڪو ڪيس 'بزدل' جي نالي سان سڏي رهيو هو. هُن پوئتي مڙي ڏٺو، پر ڪجهہ بہ نظر نہ آيس. هُن پنهنجي چال تکي ڪئي ۽ دل ۾ فيصلو ڪيو تہ هاڻي هُو ڪم ڪرڻ نہ ويندو. رات جي وقت وري هُو ذهني گهوٽالي جو شڪار ٿيو. ٽن ڪلاڪن تائين ڪيس رات جي اونداهيءَ ۾ بي عزت ڪندڙ هر قسم جون ڳالهيون ٻڌڻ ۾ ايندیون هيون، ۽ سندس ذهن ۾ هي آواز گونجندو رهيو.

"غدار، غدار، بزدل..... تنهنجا سڀ پائر شهيد ٿي رهيا آهن..... غدار، غدار....."

هُن کي ناقابل بيان بي قراريءَ گهيري ورتو. "ارڙهن ڪلاڪن تائين منهنجي دل 130 ڌڙڪنون في منٽ جي رفتار سان هلندي رهي. مون سوچيو آءٌ مرڻ وارو آهيان."

اُن کان پوءِ بيمار هڪ گرهہ بہ ڪائي نہ سگهيو. هو ڏسندي ڏسندي سُڪندو ويو. هُن پنهنجو پاڻ کي پوريءَ ريت اونداهيءَ ۾ بند ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي والدين لاءِ بہ دروازو کولڻ کان انڪار ڪيائين. ٽئين ڏينهن هُن نماز ۾ پناهہ ورتي. هُن ٻڌايو تہ هُو روزانو 17 کان 18 ڪلاڪن تائين لڳاتار سجدي ۾ جهڪيو رهندو هو. چوٿين ڏينهن هڪ چرئي وانگر موج ۾ اچي وڏيل ڏاڙهيءَ سان، جا سندس ديوانگيءَ جي نمائش لاءِ ڪافي هئي، ڪوٽ يا ٽائي پائڻ کان سواءِ هُو ٻاهر نڪري آيو. هڪ دفعو رستي تي نڪري اچڻ کان پوءِ سُڌ نہ پيس تہ ڪيڏانهن وڃي، پر هُو هلندو رهيو ۽ ٿوريءَ دير کان پوءِ پنهنجو پاڻ کي شهر جي يوربي مرڪز ۾ ڏٺائين. شايد سندس شڪل صورت (هو شڪل صورت مان يوربي لڳندو هو) ڪيس پوليس جي گشتي دستن جي پڇا کان بچائي ورتو.

اُن جي اُبتڙ، هن کان سواءِ ٻيا الجزائري مرد ۽ عورتون گرفتار ڪيا

پئي ويا، ساڻن برو سلوڪ ڪيو پئي ويو، سندن بي عزتي ڪئي پئي ويئي ۽ سندن تلاشي ورتي پئي وئي. اتفاقي نموني سان وٽس سڃاڻپ جو ڪوبہ ڪاغذ نہ هو، اُن ڪري دشمن پوليس جي هيءُ لحاظ سندس انهيءَ وهم کي پڪو ڪري رهيو هو تہ "هرڪو سمجهي ٿو تہ هُو فرينچن سان گڏ آهي. ايتري قدر جو سپاهين کي بہ اهڙو حڪم مليل آهي، ان ڪري اُهي بہ ڪيس ڪجهہ نٿا چون."

گرفتار الجزائرين جون نگاهون، جن جا هٿ پٺيءَ پويان ٻڌل هئا ۽ جيڪي پنهنجي جهڙتيءَ جا منتظر هئا، ڪيس نفرت ڀريل ڏسڻ ۾ اچي رهيون هيون. سخت جذباتي حالت ۾ هُو تڪڙيون وڪون ڪڍندو اڳتي وڌي ويو. اُنهيءَ وقت هو هڪ عمارت جي سامهون پهتو، جيڪا فرينچ اسٽاف جو صدر دفتر هئي. دروازي تي ڪيترا سپاهي مشين گنن سان بيٺا هئا. هو سپاهين ڏانهن ويو، انهن مان هڪ تي اها رڙ ڪندي حملو ڪيائين تہ، "مان الجزائري آهيان." هن سپاهيءَ کان مشين گن ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي.

هڪدم ڪيس سوگهو ڪري، پوليس وٽ آندو ويو، جتي ڪيس مجبور ڪيو ويو تہ هُو پنهنجن آفيسرن جا نالا ٻڌائي ۽ اُن سازشي ڄاڻ جي مختلف ماڻهن جا نالا بہ ٻڌائي، جن سان هُو لاڳاپيل هو. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ پوليس ۽ فوجين کي احساس ٿيو تہ سندن واسطو هڪ بيمار ماڻهوءَ سان پيو آهي. هڪ ماهر سان مشورو ڪيو ويو، جنهن هيءُ نتيجو ڪڍيو تہ هو ذهني بيماريءَ ۾ مبتلا آهي، اُن ڪري ڪيس اسپتال موڪلڻ گهرجي. هُن ٻڌايو تہ، "مان صرف مرڻ چاهيان ٿو. ايتريقدر جو پوليس جي ٻئرڪن ۾ بہ مون اِهو سوچيو ۽ اميد ڪئي تہ جڏهن پوليس وارا مون کي ستائي بس ڪندا تہ پوءِ هو مون کي ماري ڇڏيندا. آءٌ مار کائي خوش هوس، ڇو تہ ان مان اِهو ظاهر ٿيو ٿي تہ هُو مون کي پنهنجو دشمن سمجهي رهيا هئا. هاڻي آءٌ خاموشيءَ سان بنا ڪجهہ ڪرڻ جي اهي الزام هٽندڙ آواز نہ ٿو ٻڌان. آءٌ بزدل ناهيان. آءٌ عورت ناهيان. آءٌ غدار نہ آهيان."

ڪيس نمبر ٣: هڪ فرانسيسي عورت، جنهن جو پيءُ وڏو سرڪاري آفيسر مجاهدن طرفان اوچتي ڇاپي ۾ مارجي ويو:

ايڪيهہ سالن جي هيءُ شاگرديائي بيقراريءَ ۽ مونجهہ جي ڪن معمولي اهڃاڻن بابت اسان کان مشورو وٺڻ آئي. اها مونجهہ سندس تعليم ۽ سماجي لاڳاپن ۾ رڪاوٽ بنجي رهي هئي. هُن جا هٿ لڳاتار آلا رهندا هئا، ڪڏهن

اُنهن مان پگهر وهي نڪرندو هو تہ هُو ڏاڍي پريشان ٿي ويندي هئي. رات جي وقت مٿي جي سور سان گڏ ڇاتي بہ وڻجي ويندي هيس. هوءَ پنهنجا نَنهن ڏندن سان ڪٽريندي رهندي هئي، ليڪن جيڪا شيءِ سڀ کان وڌيڪ نمايان هئي سا لاڳاپي قائم ڪرڻ ۾ غير معمولي آساني هئي، لاڳاپو بيشڪ جلد قائم ٿي ويو. جيتوڻيڪ سندس اندر ۾ سخت پريشاني محسوس پئي ٿي. بيمار، پنهنجي پيءُ جي موت جو ذڪر، جيڪو ويجهڙائي ۾ ٿيو هو، اهڙيءَ رواداريءَ سان ڪيو، جو اسان هڪدم پنهنجي علاج جو رُخ سندس پيءُ سان لاڳاپن واري پاسي موڙي ڇڏيو. اُهو بيان جيڪو هُن اسان کي ڏنو صاف ۽ بنهہ چٽو هو. هڪ اهڙي چٽائي، جيڪا بي حسيءَ جي حدن تائين پهتل هئي، جنهن پوءِ رڳو پنهنجي عقل پسنديءَ جي بنياد تي ڇوڪريءَ جي بيقراري ۽ سندس مونجهہ جي حقيقت ۽ بنياد کي ظاهر ڪيو.

”منهنجو پيءُ اعليٰ سرڪاري عهدي تي فائز هو. هُو هڪ وڏي ڳوٺائي علائقي جو آفيسر هو. جيئن ئي هنگامن جي شروعات ٿي هُن وڏي جوش ۽ ڪاوڙ مان الجزائري عوام تي ظلم ڪرڻ شروع ڪري ڏنو. هو بغاوت کي چٽڻ جي سلسلي ۾ ايڏو بيقرار رهندو هو، جو اڪثر نہ ڪجهہ ڪائيندو هو ۽ نہ ئي سمهندو هو. آءٌ پنهنجي پيءُ جي انهيءَ تبديليءَ کي بيوسيءَ سان ڏسندي رهيس. نيٺ مون فيصلو ڪيو تہ ساڻس ملڻ نہ ويندس، پر شهر ۾ ئي رهنديس. حقيقت هيءَ آهي تہ جڏهن بہ مان پنهنجي پيءُ وٽ ويس تہ مون اُهي سڀ راتيون جاڳندي گذاريون، ڇو تہ هينان دانهن جا پوائنتا آواز ٻڌبا هئا، جيڪي منهنجي برداشت کان ٻاهر هئا. ڪڏهن آءٌ حيران ٿيندي هُيس تہ ايذاءُ تہ ڇڏيو، پر ڪو ماڻهو تڪليف ڏيندڙ اهي دانهون ڪهڙي طرح سهي سگهي ٿو. اِهو سلسلو لڳاتار هلندو رهيو. پوءِ آءٌ ڪڏهن گهر نہ ويس. گاهي ماهي جڏهن منهنجو پيءُ مون سان ملڻ لاءِ شهر ايندو هو تہ آءٌ سندس چهري کي ڏسڻ سان ڊپ ۽ ڏاڍي پريشاني محسوس ڪندي هيس. هاڻي بابا سان محبت رکڻ منهنجي لاءِ ڏاڍي دکدائڪ ڳالهہ هُئي.

توهان کي خبر آهي تہ مون ڳوٺ ۾ گهڻو وقت گذاريو هو ۽ اتي رهندڙ گهڻو ڪري سڀني ڪٽنبن کي سڃاڻندي هيس. آءٌ جڏهن نندي هيس، تڏهن الجزائري جيڏين سرتين سان راند ڪندي هيس. هاڻي جڏهن بہ آءٌ گهر ويندي هيس تہ منهنجو پيءُ مون کي ٻڌائيندو هو تہ نوان ماڻهو گرفتار ڪيا ويا آهن. پڇاڙيءَ ۾ تہ مون کي ايتري همت بہ نہ ٿيندي هئي، جو پنهنجي ڪمري کان

ٻاهر نڪران. مون کي يقين هو تہ مون کي هر جڳهہ تي نفرت سان ڏٺو ويندو. آءٌ دل ۾ سمجهندي هيس تہ الجزائري حق تي آهن. جيڪڏهن آءٌ الجزائري ڇوڪري هجان ها تہ آءٌ بہ مجاهدن ۾ شامل ٿي وڃان ها."

هڪ ڏينهن اُن ڇوڪريءَ کي هڪ تار ملي، جنهن ۾ لکيل هو تہ سندس پيءُ سخت زخمي ٿي پيو آهي. تار ملندي ئي هوءَ اسپتال ويئي، جتي پٽس کي بيهوش ڏٺائين. ٿوريءَ دير کان پوءِ پٽس مري ويو. حقيقت هيءَ هئي تہ اِهو الجزائري آفيسر فوج جي مجاهدن جي حملي ۾ ڦٽجي پيو هو، سندس گشتي دستو الجزائري مجاهدن جي هڪ حملي جي وَرَ چڙهي ويو هو.

هُن ڇوڪريءَ وڏيڪ ٻڌايو، "تہ پيءَ جي ڪفن دفن جي انتظام مون کي ڏاڍو بيزار ڪيو. اُهي سمورا آفيسر جيڪي منهنجي پيءُ جي موت تي روئڻ آيا هئا، جنهن جي "اعليٰ اخلاقي خوبين مقامي ماڻهن جون دليون موهي ڇڏيون هيون،" مون کي ڏاڍا خراب لڳا. هر شخص کي اها خبر هئي تہ هو جيڪي ڪجهہ چئي رهيا آهن، اهو سڀ ڪوڙ آهي. اُتي ڪوبہ ماڻهو اهڙو نہ هو، جنهن کي اِها خبر نہ هجي تہ هن علائقي جا پڇا ڳاڇا جا سمورا مرڪز منهنجي پيءُ جي نظرداريءَ هيٺ هئا. هر شخص کي اِها بہ خبر هُئي تہ ايذاءَ ڏيڻ سبب روزانو مرندڙ ماڻهن جو تعداد ڏهن ڏهن تائين پهچي ويندو هو ۽ هاڻي اِهي سڀ باخبر شخص منهنجي پيءُ جي ايثار، قربانين ۽ حب الوطنيءَ جي باري ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ آيا هئا. مون کي اِهو چوڻ گهرجي تہ اِهي لفظ منهنجي لاءِ هاڻي ڪابہ معنيٰ نٿا رکن، شايد انهن جي ڪا معنيٰ هجي بہ. ان کان پوءِ آءٌ سڌي شهري هلي ويس ۽ سيني آفيسرن سان ملڻ کان پاسو ڪندي رهيس. هُن مون کي الائونس ڏيڻ جي آڇ ڪئي، پر مون انڪار ڪري ڇڏيو. مون کي انهن جي دولت نہ ڪپندي هئي. اِها دولت اُن ڳاڙهي آزادي پسند رت جي قيمت هئي، جيڪو منهنجي پيءُ هٿان الجزائر جي زمين تي وهيو هو. مون کي اها دولت نہ کپي."

ڪيس نمبر ۴: ڏهن سالن کان گهٽ عمر جي ٻارن ۾ ڪرداري خلل:

هي ٻار پناهگير هئا. فرينچن هٿان قتل ٿيندڙ مجاهدن يا شهرين جا ٻار. اِنهن ٻارن کي تيونس ۽ مراڪش جي مختلف مرڪزن ۾ موڪليو ويو. اِهي ٻار اسڪولن ۾ داخل ڪيا ويا ۽ انهن لاءِ راند روند جو پڻ بندوبست ڪيو ويو. ڊاڪٽر باقائدگيءَ سان سندن چڪاس ڪندا هئا، ان ڪري ئي اسان انهن ٻارن مان ڪن کي ڏسي سگهياسين.

(الف) انهن ڌار ڌار ٻارن مان هر هڪ ۾ والدين جي تصور لاءِ ظاهر ظهور محبت موجود آهي. هر اُها شيءِ جنهن جي مشابهت ماءُ يا پيءُ سان هجي، اُن کي هي ٻار وڏيءَ شدت سان حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ سخت جذباتي انداز ۾ اُن جي حفاظت ڪندا آهن.

(ب) عام طرح اُهي سڀ آواز جي خوف ۾ ورتل آهن ۽ اِهو ڊپ هُن ۾ ظاهر ظهور حد تائين موجود آهي. هي ٻار چيني جو جلد اثر قبول ڪندا آهن. آرام ۽ شفقت جا بکيا آهن.

(ج) اِنهن مان ڪيترا ٻار اوجاڳي ۽ ننڊ ۾ هلڻ جي بيماريءَ ۾ ورتل آهن.

(د) ڪڏهن ڪڏهن اِهي ٻار سُتي سُتي هنڌ ۾ پيشاب ڪندا آهن.

(ح) ايذاءَ پسند لاڙا: هن ٻارن جي هڪ عام وندر ڪاغذ وڇائي اُن ۾ سوراخ ڪرڻ آهي. سندن پينسلون چٻاڙيل ۽ سندن ننهن ڏندن سان ڪتريل هوندا آهن. بنيادي طرح شديد محبت جي باوجود اِهي ٻار گهڻو ڪري پاڻ ۾ وڙهندا رهندا آهن.

ڪيس نمبر ٥: پناهگير عورتن ۾ ويم دوران ذهني خلل:

"ويم وقت ذهني خلل" اُنهن ذهني بيمارين کي نالو ڏنو ويندو آهي، جيڪي عورت ۾ ٻار جي پيدائش وقت پيدا ٿينديون آهن. اهڙيون بيماريون ٻار جي پيدائش کان ڪجهه هفتا اڳ يا پوءِ پڻ پيدا ٿي سگهن ٿيون. اهڙين بيمارين جا ڪارڻ ڏاڍا منجهيل هوندا آهن، پر خيال ڪيو ويندو آهي ته بنيادي سبب آلاڻ وارن غدودن جي ڪارڪردگيءَ ۾ ڪا خرابي ۽ ڪنهن "جذباتي صدمي" جو وجود هوندو آهي. آخري عنوان جيتوڻيڪ اڻ چٽو آهي، پر ان ۾ اُها شيءِ به اچي ويندي آهي، جنهن کي ماڻهو "شديد جذبو" چوندا آهن.

جڏهن کان فرينچ حڪومت سون ميلن ۾ پکڙيل زمين کي باهه جي بک بنائڻ جي نئين حڪمت عمليءَ تي عمل شروع ڪيو آهي، تيونس ۽ مراڪش جي سرحد تي ٿي لک ماڻهو پناهگيرن جي حيثيت ۾ اچي لٿا آهن. اُهي جنهن تباهه حاليءَ جو شڪار آهن، اُن جي سيني کي ڄاڻ آهي. "عالمي صليب احمر ڪميٽيون" ڪيترا پيرا اِنهن جاين تي ويون آهن، ۽ حد کان وڌيڪ غربت ۽ بدحاليءَ جا منظر ڏسڻ کان پوءِ انهن عالمي تنظيمن پناهگيرن جي وڌ ۾ وڌ مدد ڪرڻ جي سفارش ڪئي آهي. اُن ڪري ڪاڏي جي ڪوٽ کي ڏسندي، جيڪا انهن ڪئمپن ۾ عام آهي، اها توقع ڪري سگهجي ٿي ته اتي حامله عورتون "ويم وقت ذهني خلل" جون وڏيڪ بيمار نظر ايندیون.

لڳاتار اڻ بچاءَ واريءَ ان فضا ۾، جنهن ۾ هي پناهگير زنده آهن، ”پٽيان پوڻ ۽ گرفتاري جي حق“ کي استعمال ڪندي، فرينچ فوجن جا اڪثر حملا، بمباري ۽ گولي باري لڳاتار جاري رهندي آهي. سيني کي خبر آهي ته تيونسي ۽ مراڪشي علاقن تي فرينچ فوجي بمباريءَ جي سلسلي ۾ ته ان جي تباهيءَ جو سڀ کان وڏو مثال تيونس جو ساقيت سيدي يوسف هو، هاڻي وڏيڪ ڪوبه ڌيان نه ٿو ڏنو وڃي ۽ ان سان گڏ لڏپلاڻ جي نتيجي ۾ گهرن جي تباهي به پنهنجي طرف ڪو ڌيان نٿي ڇڪائي. سچ پچو ته تمام ٿوريون اهڙيون الجزائري عورتون هونديون، جيڪي اِنهن حالتن ۾ ٻار ڄڻيندي ذهني بيمارين ۾ گرفتار نه ٿينديون هجن.

اهي بيماريون مختلف صورتون اختيار ڪنديون آهن، ڪڏهن اِهي بيماريون بيقراريءَ واري حالت ۾ ظاهر ٿينديون آهن، جيڪي اڳتي هلي سخت ڪاوڙ واري حالت ۾ بدلجي ويندیون آهن. ڪڏهن گهري ٿڪاوٽ ۽ قوت بخش بي حسي پيدا ٿي ويندي آهي، جنهن سان گڏ آپگهات جون ڪوششون شامل هونديون آهن ۽ ڪڏهن اهڙيون بيقراريءَ واريون حالتون پيدا ٿينديون آهن، جن ۾ ڳوڙهن ڳاڙڻ، دانهن ڪوڪن ۽ رحم جا فرياد هوندا آهن. اهڙيءَ طرح وهم به جيڪي صورتون اختيار ڪندا آهن، اُهي به گهڻ طرفيون ۽ قسمين قسمين هونديون آهن. اسان کي ڪنهن فرينچ جي باري ۾ هي وهم به نظر اچي سگهي ٿو ته اهو نئين ڄاول ٻار کي يا اُن ٻار کي جيڪو اجا پيدا نه ٿيو آهي، قتل ڪرڻ چاهي ٿو. يا وري ماءُ کي پنهنجي جلدي موت جو خيال ٿيندو آهي. اهڙي حالت ۾ اها نظرن کان غائب جلاد کان پنهنجي ٻار جي زندگيءَ جي بيک گهرندي آهي.

هتي اسان کي هڪ دفعو وري ان ڳالهه جي وضاحت ڪرڻ گهرجي ته بيمارين جي علاج ڪرڻ ۽ انهن کي ٺڏي ڪرڻ سان انهن مسئلن جي بنيادي نوعيت ختم نٿي ٿئي، اُنهن بيمارين جون حالتون، جيڪي چڱا ڀلا ٿي چڪا آهن قائم رهنديون آهن ۽ سندن بيماريءَ وارن سببن جي پالنا ڪنديون رهنديون آهن.

سلسلو (ج) ايذاءُ کان پوءِ جذباتي ۽ ذهني تبديليون ۽ ذهني بيماريون:

ان سلسلي ۾ اسان خاصي تشويشناڪ حالت وارن انهن بيمارن کي گڏ ڪنداسين، جن جون بيماريون اذيت دوران يا ان کان ترت پوءِ ظاهر ٿيون. اسان اِنهي لسٽ ۾ مختلف قسمن جون خاصيتون رکندڙ بيمارن کي شامل

ڪنداسين، اِن ڪري جو اسان جو خيال آهي تہ بيماريءَ جون مختلف خاصيتون اذيت ڏيڻ جي مختلف طريقن مطابق هونديون آهن ۽ انهن جو شخصيت تي نقش ٿيل خراب اثرن سان، پوءِ اُهو ظاهر هجي يا لڪل، ڪو واسطو نہ هوندو آهي.

پهريون قسم : بنا امتياز جي تشدد يا ايذاءُ رسائڻ کان پوءِ:

هتي اسان جو اشارو انهن وحشي طريقن ڏانهن آهي، جن جو مقصد حقيقي ايذاءُ ڏيڻ بدران رڳو قيدين کي ڳالهائڻ تي مجبور ڪرڻ آهي. هتي هي اصول خاص اهميت رکي ٿو تہ هڪ خاص حد کان پوءِ تڪليف سهڻ کان مٿي ٿي ويندي آهي، مقصد هيءُ هوندو آهي تہ جيترو جلد ٿي سگهي قيديءَ کي اُن حد تي آندو وڃي. ڪو لحاظ يا تڪليف اختيار نہ ڪيو ويندو آهي. هڪ گڏيل حملو هوندو آهي، جيڪو ڪيترين صورتون اختيار ڪري سگهي ٿو، ڳچ جيترا پوليس وارا هڪ قيديءَ کي هڪ ئي وقت ڪُٽيندا آهن. چار سپاهي قيديءَ کي وچ ۾ بيهاري اڳيان پويان هر طرف کان ڪُٽيندا آهن، جڏهن تہ هڪ ٻيو سپاهي قيديءَ جي سيني تي سگريٽ سان ڏنپ ڏيندو آهي ۽ چوٽون قيديءَ جي پيرن جي ترين تي ڏنڊا هڻندو آهي. الجزائر ۾ استعمال ٿيندڙ ايذاءَ جي طريقن مان ڪجهہ اسان کي بنهہ ظلم وارا نظر اچن ٿا. انهن ماڻهن جي ٻڌايل حالتن جي روشنيءَ ۾ جن ايذاءَ سٺا آهن، اسان هتي ظلم جا ڪجهہ طريقا حوالي طور ڏيئي رهيا آهيون:

(الف) وات رستي پاڻيءَ جي پچڪاريءَ سان پاڻي داخل ڪرڻ ۽ اُن سان گڏ گهٽي دٻاءُ سان صابڻ وارو پاڻي ڳئيءَ ۾ وجهڻ.(١)

(ب) ڳئيءَ ۾ بوتل وجهڻ.

ٻن قسمن جا ايذاءَ، جن کي "بي حرڪت ايذاءَ" جو نالو ڏنو ويندو آهي.

(ج) قيديءَ جا هٿ زمين تي کوڙائي، ڪيس گوڏن ڀر بيهاريو ويندو آهي، سندن هٿن جي ترين کي مٿي ۽ چيلهہ ۽ مٿي کي سڌو رکيو ويندو آهي. چرڻ پرڻ جي اجازت نہ ڏني ويندي آهي. قيديءَ جي پٺيان هڪ پوليس وارو ڪرسيءَ تي ويهي ڪيس هنٽر هٿي چرپر کان روڪيندو آهي.

(د) قيديءَ کي پٽ ڏانهن منهن ڪري بيهاريو ويندو آهي، ٻانهون مٿي ڪڍيل ۽ تريون پٽ ڏانهن، هن حالت ۾ بہ جيڪڏهن قيدي ٿوري بہ چرپر

(١) زور سان ان نموني پاڻي داخل ڪرڻ سان آنڊن جي رطوبت خارج ڪرڻ وارو نرم پردي ۾ ڇنگ ٿي پوندا آهن، جنهن ڪري آنڊن ۾ سنهڙا سوراخ ٿي پوندا آهن.

ڪندو ته ڪيس ڪُٽڪو شروع ٿي ويندو آهي.

هتي اِهو به ٻڌائيندا هلون ته ٻن قسمن جي ماڻهن کي ايذاءَ ڏنا ويندا آهن:

(الف) اُهي جيڪي ڪجهه ڄاڻن ٿا.

(ب) اُهي جيڪي صفا اڻ ڄاڻ هوندا آهن.

(الف) اُهي ماڻهو، جن کي تحريڪ جي باري ۾ ڪا خبر هوندي آهي، سي تمام ٿورا اسپتال ۾ پهچندا آهن. گهڻو ڪري اها ته سيني ماڻهن کي خبر هوندي آهي ته فرانسيسي جيل ۾ فلاڻن فلاڻن کي ايذاءَ ڏنا ويا آهن، پر اُنهن سان بيمار جي صورت ڪڏهن به ملاقات نه ٿيندي آهي.(١)

(ب) اُن جي ابتڙ اُهي ماڻهو جيڪي تحريڪ جي باري ۾ صفا اڻڄاڻ هوندا آهن، سي گهڻو ڪري اسان سان صلاح ڪرڻ ايندا آهن. هِتي اسان انهن الجزائرين جو ذڪر نه ٿا ڪريون، جن کي عام گرفتاريءَ دوران پڪڙيو ويندو آهي، اُهي به اسان وٽ بيمار بنجي نه ايندا آهن. اسان خاص طرح انهن الجزائرين جو ذڪر ڪري رهيا آهيون، جن جو ڪنهن تنظيم سان ڪوبه واسطو نه هوندو آهي ۽ جن کي گرفتار ڪري ايذاءَ ڏيڻ لاءِ پوليس جي دفتر ۾ يا انهن جاين تي نيو ويندو آهي، جتي پڇا ڳاڇا جا مرڪز قائم هوندا آهن.

نفسياتي طب جي ڪيسن جون اهي نشانيون، جيڪي سامهون آيون:

(الف) بيقراريءَ واري جسماني ٽڪاوٽ جا چار ڪيس.

هي اُهي بيمار آهن، جيڪي حقيقت ۾ بنا ڪنهن تڪليف ۽ بيچينيءَ جي غمگين رهندا آهن. اُهي ٽڪل هوندا آهن ۽ گهڻو ڪري بستري تي ستا پيا هوندا آهن، اُهي ملڻ جلڻ کان لهرائيندا آهن ۽ ڪڏهن به اوچتو اهڙي سخت بيقراريءَ ۾ وڃي ويندا آهن، جنهن جي اهميت سمجهڻ ڏاڍي مشڪل هوندي آهي.

(ب) ذهني ڪارڻ ڪري بک نه لڳڻ جا پنج ڪيس:

هي بيمار بيحد ڏکيائي پيدا ڪندا آهن، ڇو ته هر ذهني بيزاريءَ سان گڏ ٻئي شخص سان جسماني ميلاپ جو ڊپ به گڏيل هوندو آهي. نرس جيڪا بيمار جي ويجهو اچي ڪيس ڇُهڻ جي ڪوشش ڪندي آهي يا سندن هٿ جهلڻ چاهيندي آهي ته بيمار ڪيس هڪدم پري ڌڪي ڇڏيندو آهي. ڪين هڙادو طريقي سان ڪاڏو ڪارائڻ يا دوا پيارڻ ناممڪن هوندي آهي.

(ج) غير متوازن چرپر جا يارهن ڪيس:

هتي اسان جو واسطو اهڙن مريضن سان پوي ٿو، جيڪي آرام جي حالت ۾ رهي نه سگهندا آهن. اهي اڪيلي رهڻ تي زور ڏيندا آهن ۽ ڪين اِنهي

(١) هن قسم جا ايذاءَ تمام گهڻن موتن جا ڪارڻ بڻبا آهن.

ڳالهه لاءِ ڏاڍيءَ مشڪل سان تيار ڪري سگهبو آهي ته ڪين ڊاڪٽر سان گڏ هڪ ڪمري ۾ بند ٿيڻو پوندو.

ستايل ماڻهن جي پهرين قسم ۾ اسان کي بہ احساس وڌيڪ نمايان ڏسڻ ۾ ايندا آهن:

پهريون اهو ته ساڻن ناانصافي ٿي آهي. رات ڏينهن بنا ڪنهن سبب جي ايذاءَ رساني، انهن ماڻهن جي ڪنهن نہ ڪنهن شيءِ کي ٽوڙي ڇڏيندي آهي. انهن آزاريل ماڻهن مان خاص طرح هڪ ماڻهوءَ کي وڌيڪ تڪليف ڏيندڙ تجربو ٿيو هو. ڪيترا ڏينهن ايذاءَ ڏيڻ کان پوءِ پوليس کي محسوس ٿيو ته سندن واسطو هڪ پُرامن شخص سان پيو آهي، جيڪو قومي محاذ آزادي جي ڪنهن بہ شخص متعلق ڪابہ ڄاڻ نہ ٿو رکي. اِهو محسوس ڪرڻ جي باوجود هڪ پوليس انسپيڪٽر چيو، "هن کي ائين ڀڄڻ نہ ڏيو، ٿوري مرمت ڪريوس ته جيئن ٻاهر وڃڻ کان پوءِ پُرامن رهي."

ٻيو ته اِهي اخلاقي دليلن بابت لاپرواهہ هوندا آهن. هن بيمارن لاءِ ڪابہ ڳالهہ برحق نہ هوندي آهي. اهو نصب العين جنهن ۾ مار ڪُٽ ۽ تشدد ٿيو، ڪمزور مقصد هوندو آهي، ان ڪري مقصد جي جنگي سگهہ کي هر قيمت تي وڌائڻ گهرجي، اُن جي برحق هجڻ جي باري ۾ ڪوبہ سوال پيدا ٿيڻ نہ گهرجي. رڳو طاقت ئي هڪ اهڙي شيءِ آهي جنهن کي حقيقي اهميت آهي.

ٻيو قسم : بجليءَ جا جهٽڪا ڏيڻ کان پوءِ:

هن ست ۾ اسان اهي الجزائري محب وطن رکيا آهن، جن کي بنيادي طرح بجليءَ جي جهٽڪن سان ايذاءَ ڏنو ويو. جيتوڻيڪ هيءَ حقيقت آهي ته بجلي اڳ بہ ايذاءَ رساني جي هڪ عام هٿيار طور استعمال ٿيندي هئي، پر سيپٽمبر 1956ع کان پوءِ ته پڇا ڳاڇا گهٽي پاڳي بجليءَ جي جهٽڪن ذريعي ٿيڻ لڳي آهي.

نفسياتي طب جي ڪيسن جو بيان جيڪي سامهون آيا:

(الف) مقامي يا عام سينٿوپيٿيءَ جا ٽي ڪيس:

اهڙن بيمارن کي سندن سڄي جسم ۾ سُيون ۽ ڪنڊا چڀندا محسوس ٿيندا هئا، اُنهن کي پنهنجا هٿ وڍيل لڳندا هئا ۽ مٿا ڦاٽل محسوس ٿيندا هئا ۽ ڪين اِئين لڳندو هو جڻ سندن زبانون ڇڪي ڪڍيون پيون وڃن.

(ب) بي حسي، اِرادي جي اٿهوند ۽ عدم دلچسپيءَ جا ست ڪيس:

هي اُهي بيمار آهن، جيڪي اندروني طرح مائيٽا هوندا آهن، سندن

ڪو ارادو نہ هوندو آهي ۽ سندن گذران جو ڪوبہ ذريعو نہ هوندو آهي ۽ رڳو زنده رهندا آهن.

(ج) بجليءَ جو ڊپ:

بجليءَ جي سوئچ ڇهڻ سان ڊپ، ريڊيي چالو ڪرڻ سان ڊپ، ٽيليفون ڪرڻ سان ڊپ. ڊاڪٽر طرفان آخري علاج طور بجليءَ جي جهٽڪي جي استعمال جي امڪان جو ذڪر ڪرڻ بہ قطعي طور تي ناممڪن هوندو آهي.

ٽيون قسم: "ٽرٽ سيرم" ڪان پوءِ:

اڪثريت هن علاج جي بنيادي اصولن ڪان باخبر آهي. اهڙي بيمار جو علاج ڪرڻ وقت، جيڪو ڪنهن لاشعوري اندروني مونجهہ ۾ ورتل هوندو آهي ۽ اُن مونجهہ کي ڳالهہ ٻولهہ ذريعي ظاهر ڪرڻ ناممڪن هوندو آهي. اهڙيءَ حالت ۾ ڊاڪٽر کي علاج جي ڪيميائي ذريعن تي ڀاڙڻو پوندو آهي. پينٽوٿال، جنهن کي نَس جي سُئيءَ جي ذريعي داخل ڪيو ويندو آهي. بيمار کي ان مونجهہ کان ڇوٽڪاري ڏيارڻ لاءِ عام طرح سيرم طور استعمال هيٺ رهي، جيڪا سندس سهڻ جي حد کان ٻاهر نڪري وئي هجي. ڊاڪٽر بيمار کي اِن "عضو خارجيہ" کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ لاءِ مداخلت ڪندو آهي. عام طرح ڏٺو ويو آهي تہ انهي طريقي کي استعمال ڪرڻ وقت نفسياتي عمل جي آهستگيءَ سان ڀڄ ڊاهہ کي قابو ڪرڻ ڏاڍو مشڪل ٿي پوندو آهي. ڪڏهن اِهو بہ ڏٺو ويو آهي تہ بيمار جي حالت ظاهر ظهور طور خراب ٿي ويئي ۽ ڪيتريون سمجهہ ۾ نہ ايندڙ نشانيون اُڀري آيون. اِنهي ڪري اِن علاج کي گهٽو ڪري ختم ڪيو ويو آهي.

الجزائر ۾ ڊاڪٽرن ۽ نفسياتي طب جي ماهرن کي پوليس ڪوارٽرن ۾ تجربن لاءِ وڏا موقعا مليا. اِهي هيئن تہ جيڪڏهن ذهني بيمارن ۾ پينٽوٿال جو استعمال رڪاوٽن کي ختم ڪري اندروني ڇڪتاڻ کي ظاهر ڪري سگهي ٿو تہ الجزائري محب وطنن جي سلسلي ۾ بہ اُن کي سياسي رڪاوٽون ٽوڙي، بجليءَ جي استعمال کان سواءِ ئي قيدين کان اعتراف ڪرائڻ ۾ سولائي پيدا ڪرڻ گهرجي، طبي روايتن جي تقاضا بہ اِهائي آهي تہ تڪليف کان بچايو وڃي. طب جي هيءَ اها صورت آهي، جيڪا "تخريبي جنگ" اختيار ڪري ٿي. منظر هن ريت هوندو آهي. سڀ ڪان اڳ "آءٌ هڪ ڊاڪٽر آهيان، منهنجو واسطو پوليس سان ناهي آءٌ هتي تنهنجي مدد لاءِ آيو آهيان." اهڙي طرح ڪجهہ ڏينهن ۾ قيديءَ جو اعتماد حاصل ڪيو ويندو آهي. ان کان پوءِ "جيئن

تہ توکي ڏاڍو صدمو پهتو آهي، ان ڪري توکي ڪجهہ سُيون هٿندس."
ڪجهہ ڏينهن لاءِ ڪنهن بہ قسم جو علاج ڪيو ويندو آهي. وٽامن ڏنا ويندا آهن، دل جي تڪليف جو علاج ڪيو ويندو آهي، شرب ڏنا ويندا آهن، چوٽين يا پنجين ڏينهن پينٽوٿال جي سُئي هنئي ويندي آهي. اُن بعد پڇا ڳاڇا شروع ٿي ويندي آهي.

نفسياتي طبي علامتون

(الف) هڪ ئي جملي جي رَٽَ:

بيمار لڳاتار هِن قسم جا جملا ورجائيندو رهندو آهي تہ "مون انهن کي ڪجهہ ناهي ٻڌايو. منهنجي ڳالهہ تي يقين ڪريو، مون کا ڳالهہ نہ ڪئي آهي." اهڙي قسم جي ورجاءَ سان گڏ هڪ دائمي بيقراريءَ جي ڪيفيت بہ جاري رهندي آهي. حقيقت ۾ بيمار کي خود خبر نہ هوندي آهي تہ هُن کا معلومات ڏني آهي يا نہ. ان نصب العين لاءِ جنهن لاءِ هو وڙهي رهيو هو ۽ پنهنجن انهن ڀائرن سان جيڪي جنگ ۾ مصروف آهن ۽ جن جا نالا ۽ ائڊريسون ممڪن آهي، هُن ٻڌايون هجن، سندن احساس جرم ايتريقدر شديد ٿي ويندو آهي، جو ڊرامائي صورت اختيار ڪري وٺندو آهي. زخمي ضمير وارن اهڙن بيمارن کي ڪنهن بہ قسم جي تسليءَ سان سُڪون نہ ملندو آهي.

(ب) ذهني يا حسي سوچ جو ڏنڌلائجڻ:

بيمار ڪنهن بہ نظر ايندڙ شيءِ جي وجود جي باري ۾ پڪ سان ڪجهہ نہ چوندو آهي. عقل کان ڪم وٺندو آهي، پر بنا سڃاڻپ جي سچ ۽ ڪوڙ ۾ تميز ڪرڻ جي بنيادي اهميت ختم ٿي ويندي آهي. هر شيءِ هڪ ئي وقت صحيح ۽ غلط معلوم ٿيندي اٿس.

(ج) نجي گفتگوءَ ۾ بيماريءَ جي حد تائين ڊپ:

ڊپ اِنهيءَ گهري اثر مان پيدا ٿيندو آهي تہ ڪنهن بہ وقت پڇا ڳاڇا جو نئون سلسلو شروع ٿي سگهي ٿو.

(د) ڪناره ڪشي:

بيمار هميشه خبردار رهندو آهي. هو سوال جو هڪ هڪ لفظ چڱيءَ ريت ذهن نشين ڪندو آهي ۽ پنهنجي جواب جي هر هڪ لفظ جي وضاحت ڪندو آهي. اهڙيءَ ريت نفسياتي سست رفتاري، جملن جي پيچ ڊاهہ، ورجاءَ ۽ هيڪ جي ڪري هڪ قسم جي ڪناره ڪشيءَ جو تاثر ملندو آهي. اهو تہ

ظاهر ئي آهي تہ اهڙي قسم جا بيمار ضدي هئڻ سبب هر قسم جي سئي هٿائڻ کان انڪار ڪندا آهن.

چوٿون قسم: ذهني صفائي (Brain Washing) ڪان پوءِ:

تازو الجزائر ۾ "نفسياتي طريقہ ڪار" جي باري ۾ گهڻو ڪجهہ چيو ويو آهي. اسان جو اِرادو انهن طريقن جي تفصيلي چنڊچاڻ ڪرڻ ناهي. اسان هتي رڳو انهن طريقن جا نتيجا نفسياتي طب جي روشنيءَ ۾ ڏسنداسين. الجزائر ۾ ٻن قسمن جا مرڪز آهن، جتي ذهني صفائيءَ (Brain Washing) ذريعي ايذاءَ ڏنا ويندا آهن.

(١) دانشورن لاءِ:

هتي اصول هيءُ آهي تہ قيديءَ کان ڪو ڪردار ادا ڪرايو وڃي. اسان ڏسنداسين تہ هي طريقو نفسي عمرانيات جي هڪ خاص نظريي تي ٻڌل آهي.

(الف) سهڪار جي راند:

دانشور کي سهڪار جي دعوت ڏني ويندي آهي ۽ ان سان گڏ ئي سهڪار جو سبب پڻ سامهون آندو ويندو آهي. اهڙيءَ ريت اُهو دانشور هڪ ٻئي زندگي گهارڻ تي مجبور ٿي ويندو آهي. هُو پنهنجي وطن دوستيءَ جي ڪري مشهور هوندو آهي ۽ ان کي احتياط طور جيل ۾ وڌو ويندو آهي. مقصد هيءُ هوندو آهي تہ سندس قومي شعور جي عنصرن تي اندروني طرح حملو ڪيو وڃي. دانشور کان رڳو سهڪار جي اميد ئي نہ ڪئي ويندي آهي، پر ڪيس حڪم ڏنو ويندو آهي تہ هُو انهن ماڻهن سان ڪليل نموني معاملن تي بحث ڪري، جيڪي سندس نقطءِ نظر جا مخالف آهن يا وري انهن کي مڃائي، جيڪي سندس نقطءِ نظر سان گڏ نہ آهن. سندس ڌيان ٻين وطن دوستن ڏانهن موڙڻ جو هيءُ هڪ سليقي مند طريقو آهي. اهڙيءَ طرح هُو خابرو بنجي ويندو آهي. جيڪڏهن اتفاق سان اِهو دانشور چوي تہ ڪيس ڪو مخالف ڏسڻ ۾ ئي ڪونہ ٿو اچي تہ اُن کي مخالف ٻڌايا ويندا آهن يا ڪيس چيو ويندو آهي تہ هُو اهڙو رويو اختيار ڪري جڻ تہ هو مخالفن سان پيش اچي رهيو هجي.

(ب) فرانسيسي ورثي ۽ سامراجيت جي خوبين تي عوام جي اڳيان بيان ڏيارڻ:

هيءُ ڪم بهتر طريقي سان ادا ڪرڻ لاءِ دانشور جي چوڌاري "سياسي صلاحڪار" يعني مقامي معاملن جا لاڳاپيل آفيسر، نفسياتي ماهر، سماجي نفسياتي طب جا ماهر، عمرانيات جا ماهر گهيرو ڪري ويندا آهن.

(ج) الجزائري انقلاب جي فائدي وارن دليلن مان هڪ هڪ ڪي رد ڪرڻ:

(١) الجزائري هڪ قوم نہ آهي، اهي نہ ڪڏهن هڪ قوم رهيا آهن ۽ نہ آئيندي ڪڏهن هڪ قوم بنجي سگهندا.

(٢) الجزائري عوام نالي ڪنهن شيءِ جو وجود نہ آهي.

(٣) الجزائري حب الوطني بڪواس آهي.

(۴) هاري رڳو ذاتي غرض رکندڙ ننڍا آبادگار آهن، ڏوهاري، بکيا ۽ گمراهہ ماڻهو.

دانشور مان اها اميد رکي ويندي آهي تہ هو هڪ هڪ عنوان تي واري واري سان بحث ڪري، ۽ سندس بحث معقول هجي. ان کي "انعام" مارڪون ۾ ڏنيون ويندیون آهن ۽ هر مهيني جي پڇاڙيءَ ۾ اِهي مارڪون ڳڻيون ويندیون آهن. اِنهن مارڪن جي بنياد تي اهو فيصلو ڪيو ويندو آهي تہ دانشور کي آزاد ڪجي يا نہ.

(د) مڪمل مريض واري گڏيل زندگي گذارڻ:

اڪيلو هجڻ هڪ بغاوتي عمل آهي، اُن ڪري دانشور سان هر وقت ڪونہ ڪو گڏ هوندو آهي. ماڻ ويهڻ ڏوهہ هوندو آهي. سوچڻو بہ وڏي آواز ۾ پوندو آهي.

ذهني صفائي (Brain washing)

هي ڪيس هڪڙي يونيورسٽيءَ جي تعليم يافتہ شخص جو هو، قيد دوران جنهن جي ذهني صفائي يا برين واشنگ (Brain Washing) ٿي، جيڪا ڪيترا مهينا هلندي رهي. هڪ ڏينهن ڪيمپ جي آفيسرن ڪيس، اُن ترقيءَ سبب، جا هُن ڪئي هئي، مبارڪون ڏنيون، ۽ اعلان ڪيائون تہ سگهو ئي ڪيس آزاد ڪيو ويندو.

هو دشمن جي چالن کي ڄاتو ٿي، ان ڪري هُن اُن خبر تي سنجيدگيءَ سان ڪو خاص ڌيان نہ ڏنو. اصل ۾ اهو سندن طريقہ ڪار آهي تہ قيدين جي اڳيان اهو اعلان ڪيو ويندو آهي تہ ڪين آزاد ڪيو ٿو وڃي؛ ۽ مقرر ڪيل تاريخ ڪان چند ڏهاڙا پهرين، هڪ اجلاس جو انتظام ڪيو ويندو آهي، جنهن ۾ گڏيل ريت نقطہ چينيون ڪيون ويندیون آهن. اجلاس جي پڇاڻيءَ تي سندن آزادي اڪثر ملتوي ڪئي ويندي آهي؛ ڇاڪاڻ تہ انهن ۾ صحتيابيءَ جا ڪي واضح اهڃاڻ ظاهر ڏسڻ ۾ نہ ايندا آهن. اهي اجلاس ــ ائين چئجي تہ اتي موجود نفسياتي ماهر، قوم پرستانہ زهر ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ جي خدمت سرانجام ڏيندا آهن.

تنهن هوندي بہ هن پيري ڪوبہ بهانو نہ هو. قيديءَ کي واقعي آزاد ڪيو ويو. جڏهن اهو هڪ پيرو ٻاهر نڪري آيو ۽ پنهنجي ڳوٺ ۽ پنهنجي خاندان ۾ پهچي ويو، تڏهن هُن پنهنجي پاڻ کي واڌايون ڏنيون؛ جو هُن پنهنجو ڪردار ايڏي ڏکئي نموني ادا ڪيو. هو بيحد خوش ٿيو، جو هو هڪ پيرو وري قومي جدوجهد ۾ حصي وٺڻ جي لائق بڻيو هو؛ ۽ هن هڪدم پنهنجي رهنمائن سان رابطو قائم ڪرڻ شروع ڪري ڏني. هيءَ اها گهڙي هئي، جڏهن سندس ذهن ۾ هڪ خوفناڪ شڪ پيدا ٿيو. هن ڪڏهن بہ ڪنهن کي ڪو ڏوڪو نہ ڏنو هوــــ نہ پنهنجي جيل جي حاڪمن کي، نہ پنهنجي جيل جي ساٿي قيدين کي، ۽ نہ ئي پنهنجي پاڻ کي.

آخر اها راند ڪٿي پوري ٿيندي؟

اسان کي هتي هڪ پيرو ٻيهر مريض کي يقين ڏيارڻو پيو، ۽ اِئين ڪيس احساسِ جرم جي بار کان نجات ڏياريسون.

پيش ايندڙ نفسي طبي علامتون:

(الف) هر قسم جي گڏيل بحث مباحثي کان خوف: جيئن ئي ٽي - چار ماڻهو گڏ ٿين، چرڪ يا ٽاهہ ٻيهر شروع ٿيو وڃي، ۽ سڀني تي بي اعتباري ۽ خاموشي ڇائنجيو وڃي.

(ب) ڪنهن بہ خاص نقطءِ نظر جي وضاحت يا حمايت ناممڪن ٿيو پوي. هر خيال سان گڏ تضاد سامهون اچيو وڃي. هر شيءِ جو اقرار ڪيو وڃي ٿو، ۽ ساڳيءَ گهڙيءَ، انهيءَ ئي قوت سان ان جو انڪار پڻ ڪري سگهجي ٿو. ان جهيڙي ۾ سڀ کان وڌيڪ ڏکوئيندڙ ڳالهہ، اسان جي اڳيان اها آئي. الجزائر ۾ سامراجي مقصدن لاءِ استعمال ٿيندڙ "نفسياتي عمل" جو ثمر، هڪ حواس وڃايل (خبط الحواس) شخصيت آهي.

(2) غير دانشورن لاءِ:

اهڙن مرڪزن تي مثلاً "بيرو آغيا" جي مرڪز ۾ ماڻهوءَ جي روبي کي بدلائڻ لاءِ داخليت کي نقطءِ آغاز ٺٺو بنايو وڃي؛ ان جي ابتڙ جسم تي ڌيان ڏنو وڃي ٿو. اُن کي اِن خيال کان زخمي ڪيو وڃي ٿو، جو ان سان قومي شعور تباهہ ۽ برباد ٿئي ٿو. اهو تشدد ۽ مار موچڙو شديد هوندو آهي. "انعام" مان مطلب اذيت جي عدم موجودگي، يا ڪائڻ لاءِ ڪاڏي ملڻ جو امڪان هوندو آهي.

(الف) اوهان کي اعلان ڪرڻو پوندو تہ اوهان جو تعلق قومي محاذِ آزاديءَ سان ناهي. اوهان کي اها ڳالهہ عام ماڻهن ۾ وڏي واڪ ڪرڻي پوندي.

اوهان کي لڳاتار ڪيئي ڪلاڪ اها ڳالهه ورجائڻي پوندي.

(ب) ان کان پوءِ اوهان کي مڃڻو پوندو ته اوهان ڪڏهن، ڪنهن پيري قومي محاذِ آزاديءَ ۾ شامل هئا، پر هاڻي اوهان ڄاڻي ورتو آهي ته قومي محاذِ آزادي هڪ خراب جماعت آهي ــ ان ڪري قومي محاذِ آزادي مرده باد!

ان ڏاڪي کان پوءِ ٻيو ڏاڪو اچي ٿو. الجزائر جو مستقبل فرانسيسي اقتدار آهي. فرانسيسي بڻجڻ کان سواءِ اهو ٻيو ڪجهه به نٿو ٿي سگهي.

فرانس کان پوءِ الجزائر قرونِ وسطيٰ (وچئين دور) ڏانهن مُڙي ويندو ۽ آخرڪار، اسان فرانسيسي آهيون ــ فرانس زنده باد! هتي جنم وٺندڙ مرض گهٽيءَ ڳٺتيءَ جوڳا ناهن هوندا، رڳو اذيت هوندي آهي؛ دکي جسم آرام ۽ چين چاهيندو آهي.

سلسلو "د"

نفسياتي جسماني مرض:

الجزائر ۾ نوآبادياتي جنگ جا نتيجا رڳو ذهني مرضن ۾ هڪ نمايان اضافو، ۽ اهڙين حالتن جي جوڙجڪ ئي نه آهن، جيڪي مخصوص مريضانه مظاهر پيدا ڪرڻ ۾ مددگار هجن. اذيت جي مرض کان هتي ڪري، الجزائر ۾ ماحولياتي فضا جا مرض پڻ وڌي ويجهي رهيا آهن. اهي اهڙيون حالتون آهن، جن ۾ جيڪڏهن طبي ماهرن کي ڪنهن اهڙي مرض سان منهن ڏيڻو پوي ٿو، جنهن جي اهي تشخيص نه ڪري سگهندا آهن، ته اهي چوندا آهن ته جڏهن اها نياڳي جنگ ختم ٿيندي تڏهن سڀ ڪجهه ٺيڪ ٿي ويندو.

اسان جو ارادو هن چوٿين حصي ۾، انهن الجزائرين کي پيش ايندڙ، انهن بيمارين کي گڏ ڪرڻ جو آهي، جن مان ڪي مريض، قيدين جي اجتماعي ڪيمپن ۾ رهيا هئا. انهن بيمارين جي بنيادي خاصيت اها آهي، ته اهي 'نفسياتي جسماني' قسم جون آهن.

"نفسياتي جسماني مرضن" جو نالو، جسماني مرضن جي اُن عام گروهه کي ڏنو ويندو آهي، جن جي واڌ ويجهه ۾ ڪشمڪش يا ڇڪتاڻ واري صورتحال حصو ورتو هجي (١).

---

(١) اهو اصطلاح، جيڪو هڪ آئيڊيلسٽ تصور جو اظهار آهي، گهٽ ۾ گهٽ استعمال ڪيو وڃي ٿو. درحقيقت "ڪارٽيڪو ويسٽرل" وارو اصطلاح ــ جيڪو روسي تحقيق، خاص طور پاڻولوف جي تحقيق تان ورتل آهي ــ گهٽ ۾ گهٽ اها خوبي رکي ٿو ته ان دماغ کي پنهنجي جاءِ تي رکيو آهي. معنيٰ ته اهو دماغ کي اهڙو مرڪزي عضوو تصور ڪري ٿو، جتي نفسياتي ڪيفيتون پنهنجي مڪمل تفصيل سان پيدا ٿين ٿيون.

'نفسياتي جسماني مرض' جو نالو ان ڪري استعمال ٿئي ٿو، جو مرض جو سبب بنيادي طور نفسياتي ڪيفيتون هجن ٿيون. انهن مرضن کي هڪڙو طريقيءِ ڪار تصور ڪيو وڃي ٿو، جنهن ذريعي ردِعمل حاصل ڪيو ويندو آهي؛ يا ٻين لفظن ۾ ان ڇڪتاڻ سان اُن عضوي جو لاڳاپو پيدا ڪيو ويندو آهي، جنهن سان اهو الجهيل هوندو آهي ــ ۽ اهڙيءَ طرح مرض ساڳئي وقت علامت يا اهجاڻ بہ آهي، تہ علاج بہ آهي. وڌيڪ وضاحت سان ايئن چئجي تہ اهو سمجهيو ويندو آهي (هڪ دفعو ٻيهر اسان ڪارٽيڪو ويسٽرل وحدت جي ڳالهہ ڪري رهيا آهيون، يعني گذريل دؤر جي نفسياتي جسماني وحدت جي) تہ اهو نسخو غير اطمينان بخش طريقي سان، مگر بحيثيت مجموعي ڪفايت شعارانہ طريقي سان ڇڪتاڻ حل ڪريو وٺي. دراصل اهو نسخو وڏي تباهيءَ کان بچڻ واسطي نسبتاً گهٽ برائيءَ جي چونڊ ڪري ٿو.

بحيثيت مجموعي هن مرض مان اڃڪلهہ ماڻهو واقف آهن، تڏهن بہ تجويز ڪيل مختلف علاج جا طريقا (مثال طور سڪون ۽ وجد) اسان کي ڪافي غير يقيني نظر اچن ٿا. ٻي جنگِ عظيم ۾، انگلستان ۾ هوائي حملن دوران ۽ سوويت يونين ۾ شهرن جي گهيريل آباديءَ ۾، خاص طور اسٽالن گراد جي آباديءَ ۾، اهڙين بيمارين جي ظاهر ٿيڻ جون خبرون تمام گهڻيون پڪڙيون هيون. اڄ اسان اهو چڱيءَ ريت ڄاڻون ٿا تہ جنگ جي حقيقت جي ڪري، ذهني ۽ جسماني طور بيماريءَ ۾ مبتلا ٿيڻ لاءِ، ڪنهن گوليءَ سان زخمي ٿيڻ جي ضرورت ناهي.

ٻين جنگين وانگر الجزائريءَ جنگ پڻ (ڪارٽيڪو ويسٽرل) مريضن جو هڪ جٿو پيدا ڪيو آهي. شِق "ز" ڪانسواءِ، جنهن جو بيان هيٺ ڏجي ٿو، الجزائر ۾ پيش ايندڙ سمورا مرض، "روائتي" جنگين جي بيان دوران اڳ ۾ ئي بيان ڪيا ويا آهن. شِقَ "ز" جو مرض اسان کي فقط الجزائر جي استعماري جنگ ۾ ئي پنهنجي خاص رنگ ۾ نظر اچي ٿو. مرض جي اها خاص شڪل (رڳن جي ڇڪ) انقلاب جي شروع ۾ ئي پاڻ ڏانهن ڌيان ڇڪائي چڪي هئي، ليڪن ڊاڪٽرن ان کي مقامي ماڻهوءَ جو هڪ پيدائشي مرض ــ اهجاڻ ۽ سندس تنتي سرشتي جو عيب ڄاڻايو، ۽ اها ڳالهہ پڻ چئي وئي تہ اهو بہ ممڪن آهي تہ مقامي ماڻهوءَ جي تنتي سرشتي ۾ ڪي اهڙيون شيون بہ ٿينديون هجن، جيڪي سندس دماغ جي نظام جي پهچ کان پري هجن(١).

(١) جيترو ڪو ماڻهو تنتي سرشتي ۾ مضبوط ۽ ترقي يافتہ هوندو، اوترو ئي منجهس اهي شيون گهٽ هونديون، جيڪي دماغي بندوبست يا جوڙجڪ ذريعي خارج ٿين؛ جيئن اسان کي معلوم آهي تہ هر شيءِ جي پاڻ ۾ ڪانہ ڪا نسبت يا لاڳاپو آهي.

رڳن جي اها ڇڪ اصل ۾ مقامي ماڻهوءَ جي ضبط/ سهپ جو جسماني اظهار هوندو آهي. اهو سندس هٿ، وڏائيءَ ۽ ڏاڍ پريءَ حاڪميت کي مڃڻ کان انڪار جو جسماني اظهار هوندو آهي.

پيش ايندڙ نفسياتي طبي اهڃاڻ

(الف) پيٽ جو ناسور عام آهي. سور گهڻو ڪري رات جي وقت ٿئي ٿو، جنهن سان گڏ الٽي يا قيءِ پڻ ٿئي ٿي. وزن گهٽجيو وڃي. غمگيني ۽ رُڪائيءَ سان گڏ، ڪن مريضن ۾ چڙ يا تِيسو پڻ ٿيندو آهي. اها ڳالهه ڌيان طلب آهي ته اهڙن مريضن ۾ گهڻائي، نوجوانن جي هوندي آهي؛ يعني ارڙهن سالن کان پنجويهن سالن جي عمر جا ماڻهو. هڪ عام اصول طور اسان ڪڏهن جراحيءَ يا آپريشن جي دخل اندازيءَ جو مشورو نه ڏيندا آهيون. ٻن موقعن تي پيٽ جي آپريشن ڪئي وئي هئي، ليڪن انهن ٻنهي صورتن ۾ ساڳئي سال ٻيهر جراحيءَ يا آپريشن جي ضرورت پيش آئي.

(ب) گردي جو سور:

هتي ٻيهر اهڙا ئي درد نظر اچن ٿا، جن جي شدت رات جي وقت تمام گهڻي وڌي ويندي آهي. ظاهر آهي ته گردي ۾ پٿري ته شايد ئي ڪڏهن ٿيندي هجي. اهو سور ٿورو ئي سهي، چوڏهن سالن کان سورنهن سالن جي ڄمار جي مريضن کي به ٿي سگهي ٿو.

(ج) عورتن ۾ ماهواريءَ جي تڪليف:

هن مرض متعلق سڀني کي ڄاڻ آهي، اسان ان تي گهڻو وقت نه لڳائيندا سين ـ يا ته متاثر عورت کي ٿي ـ چار مهينا لاڳيتو ماهواري نه ٿي اچي، يا پوءِ ڪيس ماهواريءَ دوران چڱو خاص سور ٿئي ٿو ۽ ان جا اثر سندس ڪردار، رهڻي ڪهڻيءَ ۽ رنگ روپ تي پڻ پون ٿا.

(د) ڏڪڻيءَ جي مرض سبب ننڊ نه اچڻ:

مريض بالغ جوان آهن، جن کي هڪ عام قسم جي هلڪي ڏڪڻيءَ جي ڪري، (جيڪا مڪمل طور "پاڪنسن" جي مرض جي ياد ڏياري ٿي)، سندن سمورو سڪ چين حرام ٿيو پوي. هتي به "سائنسي مفڪر" اهو چئي ٿا سگهن ته اهو مرض سندن اعصابي نظام ۾، دماغي تنظيم مان خارج ٿيندڙ ڪنهن شيءِ جو نتيجو آهي.

(هـ) وارن جو جلدي سفيد ٿي وڃڻ:

پڇا ڳاڇا جي مرڪزن کان ٻچي آيل ماڻهن جا وار، اڪثر، اوچتو اڇا ٿيڻ

وڃن، ڪن جاين تي ٿورا ٿورا ۽ ڪن جاين تي سموري جا سمورا. انهيءَ سان گڏ گهڻو ڪري شديد ڪمزوري ۽ جنسي نامردي بہ شامل ٿيو وڃي.

(و) دل جو ڌڙڪو يا دورو:

دل جو ڌڙڪو اچانڪ تيز ٿي ويندو آهي 120، 130 ۽ 140 في منٽ رفتار سان هن دل جي ڌڙڪي سان گڏ بيچيني بہ شامل ٿي وڃي ٿي ۽ اوچتي موت جي ڊپ جو خيال پڻ. ان بي آراميءَ جو خاتمو تمام گهڻي پڳهر جي دوري سان ٿيندو آهي.

(ز) عام جسماني حصن ۾ شديد ڇڪ:

اهي نشانيون مرد مريضن ۾ هونديون آهن. انهن لاءِ ڪي خاص حرڪتون ڪرڻ يا ڪنهن جسماني حصي کي موڙڻ مشڪل ٿيو پوي (پن مريضن ۾ تہ اهڙيون علامتون اچانڪ پيدا ٿي پيون)، مثلاً ڏاڪڻين تي چڙهڻ، تيزيءَ سان هلڻ يا ڊوڙڻ وغيره. ان تڪليف جو سبب هڪ مخصوص ڇڪ هجي ٿي، جيڪا اسان کي لازمي طرح دماغ جي ڪن حصن (اسپلٽي مرڪز) جي ڪمزوريءَ ڏانهن نيندي آهي. ڇڪ ايتري تہ وڌي وڃي ٿي، جو رڳو ننڍيون وڪون ئي ڪٽي سگهبيون آهن: هيئين ڏڙ جو چورڻ ئي ناممڪن ٿي پوندو آهي. ڪنهن بہ طرح جو آرام ملي نہ سگهندو. ايئن لڳندو آهي، جڻ مريض هڪ ئي ٽڪر جو ٺهيل هجي، ۽ اهڙي اوچتي ڇڪ جي ڪري جسم تي ذرو بہ وس ناهي هلندو، جنهن سان ڪنهن طرح نرمي پيدا ٿئي. مريض جو چهرو سخت ٿي ويندو آهي ليڪن ظاهري طور هڪڙي حيرانگيءَ جو اظهار ڪندو آهي.

مريض "پنهنجي اعصابي ڇڪ کي ختم ڪرڻ" جي قابل نظر نہ ايندو آهي. اهو سدائين تاڻ ۾ رهندو آهي ۽ ائين زندگيءَ ۽ موت جي وچ ۾ لٽڪيل رهندو آهي. تنهن ڪري هڪ ڀيري اهڙي هڪ مريض اسان کي چيو: "ڏسو ٿا، آئون ڪنهن لاش وانگر سيٽجي پيو آهيان!"(١).

اتر افريقي ماڻهن ۾ نظر ايندڙ ڏوهن جا سبب. جن جون پاڙون قومي جنگِ آزاديءَ ۾ آهن

پنهنجي عوام جي آزاديءَ لاءِ رڳو وڙهڻ ئي ڪافي ناهي، اسان کي هڪ ڀيرو ٻيهر ماڻهن کي سيڪارڻو پوندو، ۽ ان ڪان اڳ ۾ پاڻ سکڻو پوندو تہ ماڻهوءَ جو مڪمل رتبو ڪهڙو آهي؟ ۽ اهو ڪم اوهان کي ايستائين جاري رکڻو پوندو، جيستائين جنگ جاري رهي ٿي. اوهان کي تاريخ ڏانهن واپس ورڻو

(١) هتي اهو چوڻ جي ضرورت ناهي، تہ هتي "هسٽريائي ڇڪ" جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي.

پوندو، انسانن جي ان تاريخ ڏانهن، جنهن کي ٻين انسانن چيپاتي ڇڏيو آهي؛ ۽ پنهنجي عوام ۽ ٻين انسانن کي هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ ۽ ان هيڪڙائيءَ کي ممڪن بنائڻو پوندو.

اصل ۾ اهو سپاهي، جيڪو قومي جنگ جي هٿياربند جدوجهد ۾ جُنبيل رهي ٿو، ڄاڻي واڻي ڏينهون ڏينهن انهن سمورين ذلتن جي ڳٺ جي تڪ تور ڪندو رهي ٿو، جيڪو نوآبادياتي ڏاڍ انسان مٿان مڙهيو آهي. عمل ۾ شامل انسان کي ڪڏهن ڪڏهن اهڙو يقين ٿي ويندو آهي، ته ڪيس سيني ماڻهن کي سندن ڪسيل ماڳ تي موٽائڻو پوندو، ۽ انهن مان هر هڪ کي اونداهين پاتار مان ڪڍي ٻاهر ڪرڻو پوندو. هو اڪثر محسوس ڪندو آهي ته سندس ڪم رڳو دشمن جو شڪار ڪرڻ ئي ناهي، پر ان گهري مايوسيءَ کي پڻ ختم ڪرڻو آهي، جنهن مقامي ماڻهوءَ جا لڳ ڳڳاٽي ڇڏيا آهن. ڏاڍ جو دور ڏکائيندڙ ٿيندو آهي، ليڪن ٽڪراءُ، ڪچليل ۽ ڪِريل ماڻهن کي موٽائي پيرن پر بيهاري، نئين تعمير جي هڪ اهڙي عمل کي جاري ڪريو ڇڏي، جيڪو انتهائي ڪامياب ۽ فيصلہ ڪُن هوندو آهي. عوام جي ڪٽيل جنگ نہ فقط پنهنجي حقن جي فتح کي بابرڪت بنايو ڇڏي، پر ماڻهن کي ارادي جي مضبوطي، هم خيالي ۽ هڪجهڙائي پڻ بخشي ٿي. بيٺڪيت يا نوآباديت نہ رڳو ماڻهوءَ جي شخصيت مِٽائي ڇڏي ٿي، پر ڪيس نوآباديات بڻائي ڇڏيو آهي. اهڙيءَ طرح شخصيت جو اهو خاتمو، اجتماعي سطح تي پڻ محسوس ڪيو وڃي ٿو؛ يعني معاشرتي ڍانچي جي سطح تي. نوآباديات عوام محسوس ڪندو آهي ته اهي، ماڻهن جي هڪ اهڙي ٽولي ۾ تبديل ڪيا ويا آهن، جيڪي فقط استعماري قوم جي موجودگيءَ ۾ ئي سلامت رهي سگهن ٿا.

آزاديءَ لاءِ عوامي جنگ، عوام کي اُن رُخ ڏانهن وٺيو وڃي، جتي اهي، حالتن مطابق انهن هٿ ٽوڪين سچاين جا وکا پڌرا ڪريو وجهن يا سندن انڪاري ٿيو پون، جن کي استعماري انتظاميہ، فوجي قبضي ۽ اقتصادي استحصال سندن شعور اندر مستحڪم ڪيو هو. صرف هٿياربند ٽڪراءُ ئي انساني ذهن منجهان ان ڪوڙ کي ڪڍي ٻاهر ڪري سگهي ٿو، جيڪو اسان مان سڀ کان وڌيڪ صحت مند ذهنن کي بہ احساسِ ڪمتريءَ ۾ مبتلا ڪريو ڇڏي، ۽ جيڪو لفظي ۽ معنوي طور اسان کي لولو لنگڙو ڪريو ڇڏي.

پيرس، الجيريا، ايڪس، يا باسپيٽر ۾، اسان ڪئين پيرا استعماريت جي شڪار ملڪن جي ماڻهن کي اشتعال انگيزيءَ سان ڪارن، الجزائرين ۽

ويٽنامين جي نام نهاد ڪاهليءَ خلاف احتجاجي آواز بلند ڪندي ٻڌو آهي. ليڪن ڇا اها سنئين سڌي حقيقت ناهي، ته استعماري حڪومت هيٺ پنهنجي ڪم ڪار ۾ رُڌل هاري، ۽ پاڻ لاءِ آرام کي حرام ڄاڻندڙ شيدي اصل ۾ ذهني مريض آهن؟ مقامي ماڻهن جي ڪاهلي، استعماري نظام جي تختي اونڌي ڪرڻ جي ڏس ۾ هڪ شعوري عمل آهي. حياتياتي سطح تي اهو هڪ شاندار خود حفاظتي نظام آهي ۽ هر صورت ۾، پوري ملڪ تي قابض قوت جي گرفت جي خلاف هڪ يقيني رڪاوٽ آهي.

ٻيلا ۽ ڏٻڻيون غير ملڪي مداخلت وقت مزاحمت جو اهڃاڻ هونديون آهن ۽ ائين اِهي مقامي ماڻهن جا فطري اتحادي ثابت ٿين ٿا. سندن نقطءِ نظر سمجهڻ گهرجي، هاڻ اعتراضن بند ڪرڻ جو وقت اچي ويو آهي ۽ هاڻ اهو اعلان ڪري ڇڏڻ کپي، ته شيدي بيحد گهڻو ڪم ڪري سگهڻ جي قابل آهن ۽ عرب، زمين هموار ڪرڻ جا ڪاريگر آهن. استعماري حڪومت جي دؤر ۾ عربن ۽ شيدين لاءِ جيڪا ڳالهه چوڻ درست هئي اها، اِها هئي ته ڪين ڪک پيچي ٻيٽو ڪرڻ به نه گهرجي ۽ ڏاڍي جي، ان ڏِس ۾ ذري به مدد ڪرڻ نه گهرجي؛ جو اهو پنهنجي شڪار ۾ مضبوطيءَ سان چنبا کپائي سگهي. ان مقامي ماڻهوءَ جو فرض، جيڪو سياسي شعور جي پختگيءَ تي پهتو ناهي، ۽ جيڪو ڏاڍ کي واپس موٽائي اچڻ جو ارادو ڪري ويٺو آهي، حقيقتاً ڪجهه اهڙو ئي ٿيڻ گهرجي، جو ذري به چرپر نه ڪري؛ اهو عدم تعاون جو يا گهٽ ۾ گهٽ تعاون جو هڪڙو ڪليل اظهار آهي.

اهي مشاهدا، جن جو تعلق مقامي ماڻهوءَ ۽ سندس ڪم سان آهي، مقامي ماڻهوءَ جي ان احترام وانگر به ٿي سگهن ٿا، جيڪي هُو جابرن جي قائدن قانونن، چنگي ناڪن ۽ ٽيڪسن جي باقاعدي ادائيگيءَ ۽ استعماري حڪام سان پنهنجن لاڳاپن متعلق رکي ٿو. استعماري حڪمرانيءَ ۾ ٿورو يا مهرباني مڃڻ ۽ وڏي خلوص ۽ احترام ڪوڪلا لفظ ثابت ٿين ٿا. گذريل ڪجهه سالن دوران مون کي هڪڙي بنيادي ڪلاسيڪي تصور جي تصديق جا ڪجهه موقعا مليا آهن ته احترام، وقار ۽ عزت جا لفظ، فقط بين الاقوامي يڪسانيت جي پس منظر ۾ ئي ڪا معنيٰ رکي سگهن ٿا. ان گهڙيءَ، جڏهن اوهان کي ۽ اوهان جهڙن کي ڪُٽن وانگر ماربو ۽ ختم ڪيو وڃي، تڏهن اوهان لاءِ پنهنجي انساني اهميت قائم رکڻ خاطر، هر طرح جا ذريعا استعمال ڪرڻ کان سواءِ ٻي ڪابه واٽ نه ٿي بچي؛ تنهن ڪري وس آهر اوهان کي پنهنجي ڏکوئيندڙ مٿان بار وجهڻو ٿو

پوي تہ جيئن سندس روح بہ، جيڪو وچ ۾ ڪٿي ڪنهن گس ۾ وڃائجي چڪو آهي، آخرڪار هڪ دفعو وري عالمي رُخ تلاش ڪري سگهي. انهن گذريل سالن دوران مون کي اهڙن مشاهدن جا موقعا مليا آهن، جڏهن جنگ جي ڏينهن ۾ الجزائر اندر ذات جي قرباني، زندگيءَ سان محبت ۽ موت کان نفرت هڪ عام شڪل اختيار ڪئي. وڙهندڙن لاءِ نغما آلاپڻ جو سوال ئي نٿو پيدا ٿئي. اسان جو واسطو هڪ تمام عام بيان سان آهي، جيڪو جيڪر هڪ انتهائي تشدد پسند استعماري بہ ڏيڻ کان نہ مُڙي، ۽ اُهو اِهو تہ جنگجو الجزائرين جي لڙڻ ۽ مرڻ جو طريقو انوکو ۽ غير معمولي آهي. اسلام ۽ جنت جو ڪوبہ حوالو ان ذات جي قرباني جي وضاحت نٿو ڪري سگهي، جن جو مظاهرو اهي پنهنجي عوام جي حفاظت ۽ پنهنجن پائرن کي بچائڻ لاءِ ڪندا آهن ـــ ۽ پوءِ هڪ لامحدود خاموشي ـــ ليڪن ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ جسم ڪنجهندو تہ ضرور ـــ اها خاموشي جيڪا اذيت ڏيندڙ مٽان ڇانئجي وڃي. اسان کي مڃڻ گهرجي تہ هتي اهو قدرتي قانون وري بہ نظر اچي ٿو، تہ جڏهن قوم قدم وڌائڻ لڳي ٿي، تڏهن اها ڪنهن بہ شيءِ کي، چاهي ڇا بہ هجي، چپ چاپ بي حس رهڻ نٿي ڏئي. ان وقت انسان پنهنجي لامحدود انسانيت کي ثابت بہ ڪري ٿو، تہ ان جي دعويٰ پڻ.

الجزائري عوام جي اهڙين خاصيتن منجهان، جيڪي استعماريت جي مشاهدي ۾ آيون، اسان خاص طور سندن خوفناڪ ڏوهہ ـ پسنديءَ جو جائزو وٺنداسين. 1954ع کان اڳ مئجسٽريٽن، پوليس وارن، بئريسٽرن، صحافين ۽ قانوني ڊاڪٽرن جو ان ڳالهہ تي يڪراءِ اتفاق هو، تہ الجزائر ۾ ڏوهہ هڪ مسئلو بڻجي پيا آهن. اها ڳالهہ طئي هئي تہ الجزائري ڄمڻ سان ڏوهاري بڻجي ٿو. اهڙيءَ طرح هڪ نظريو قائم ڪيو ويو ۽ ان جي حمايت ۾ سائنسي ثبوت پيش ڪيا ويا. اهو نظريو ويهن سالن کان مٿي يونيورسٽين ۾ پڙهائبو رهيو. طب جي الجزائري شاگردن اها تعليم ورتي. استعماريت سان ناهہ ڪرڻ کان پوءِ انهن دانشورن الجزائرين جي پيدائشي بيماريءَ جي تصور کي بہ قبولي ورتو، تہ الجزائري پيدائشي يعني ڄائي ڄم کان ڪم چور، ڪوڙا، ڏاڙيل ۽ ڏوهاري هوندا آهن.

اسان جو ارادو، ان سرڪاري نظريي کي ورجائڻ ۽ انهن پڪن بنيادن ۽ سائنسي دليلن جي ياد تازي ڪرڻ آهي، جيڪي ان نظريي جي تخليق لاءِ استعمال ڪيا ويا. ان کان پوءِ اسان سچاين کي ساڻ ڪري منڊ کان پيهر ابتدائي وضاحت ڪنداسون.

الجزائري اڪثر ٻين ماڻهن کي قتل ڪري ٿو

اها هڪ حقيقت آهي. مئجسٽريٽ اوهان کي ڏسيندو تہ عدالت ۾ پيش ٿيندڙ پنجن مقدمن مان چار، زخمي ڪرڻ متعلق هوندا آهن. الجزائر ۾ ڏوهن جي شرح دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ ۽ سڀ کان شديد آهي. گهٽ ۾ گهٽ مئجسٽريٽ تہ اهو ئي ٿا ٻڌائين. معمولي ڏوهہ تہ ٿين ئي ڪونہ. جڏهن الجزائري ــ ۽ اها ڳالهہ سمورن اتر افريقين تي صادق ٻيهي ٿي ــ قانون ٽوڙڻ تي اچي ٿو تہ انتها ڪريو ڇڏي.

الجزائري وحشيانہ طريقي سان قتل ڪري ٿو

سندن پسنديده هٿيار چاقو آهي. مئجسٽريٽن، "جيڪي هن ملڪ کي چڱيءَ طرح ڄاڻن ٿا"، ان موضوع تي هڪ ننڍڙو فلسفو تخليق ڪري ورتو آهي. مثال طور: قبائلي پستول يا بندوق کي ترجيح ڏين ٿا. ميداني علائقن جا عرب چاقوءَ کي چڱو ٿا سمجهن. ڪن مئجسٽريٽن کي تہ اهو ٻہ شڪ آهي تہ الجزائريءَ لاءِ رت ڏسڻ هڪ شوق يا داخلي ضرورت آهي. اوهان کي ٻڌايو ويندو تہ الجزائري تازو رت ڇُهڻ چاهيندو آهي ۽ مقتول جي خون سان وهنجڻ گهرندو آهي. مئجسٽريٽ، پوليس وارا ۽ ڊاڪٽر وڏي سنجيدگيءَ سان مسلمانن جي رت ۽ روح جي تعلق تي پنهنجا رايا جوڙين ٿا.(١)

ڪي جج تہ ان حد تائين ٻہ چون ٿا تہ الجزائري بنيادي طور ڪنهن ماڻهوءَ کي ان ڪري قتل ڪندو آهي، جو هو ڪيس ڪُهڻ گهري ٿو. الجزائرين جو وحشيپڻو، خاص ڪري سندن لڳايل زخمن جي تعداد مان ظاهر ٿئي ٿو؛ جن مان ڪي تہ غير ضروري طور، مقتول جي مري وڃڻ کان پوءِ ٻہ ڪيس لڳايا وڃن ٿا. لاشن جي چڪاس، هڪ ڳالهہ کي تہ مڪمل طور ثابت ڪريو ڇڏي، ۽ اُها اِها تہ قاتل هڪ ئي نموني جا گهرا ڏڪ، گهڻي تعداد ۾ هڻڻ سان اهو تاثر ڏيڻ چاهيندو آهي، تہ هو ڪئين پيرا قتل ڪرڻ جو خواهش مند آهي.

الجزائري بي سبب قتل ڪري ٿو

اڪثر مئجسٽريٽ ۽ پوليس وارا قتل جي ڪارڻ بابت حيران ۽ پريشان رهجيو وڃن. قتل ڪنهن اشاري تي، ڪنهن پراڻي سبب جي ڪري، ڪنهن مبهم بيان تي، زيتونن جي باغ جي گڏيل ملڪيت جي جهيڙي سبب، يا ڪنهن

(١) حقيقت ۾ اسان ڄاڻون ٿا تہ اسلام پنهنجي پوئلڳن کي تيستائين جانورن جو گوشت کائڻ کان روڪي ٿو، جيستائين ڪين پڪ ٿي وڃي تہ جانورن جو سمورو رت نڪري چڪو آهي، ان ڪري جانورن کي ذبح ڪيو ويندو آهي.

ڏور ڏيڳي جي معاملي تي، جيڪو هڪ ايڪڙ جو بہ اٽون حصو رُلي، وڃي ڪنهن ٻئي جي ٻنيءَ ۾ نڪتو هجي ـــ تي سگهي ٿو. جڏهن اهڙو ڪو قتل ٿئي ٿو يا ڪڏهن ٻنا يا وڏيڪ قتل ٿين ٿا، تڏهن ان جو سبب يا متوقع محرڪ جي ڳولا، جيڪا اهڙي ڪم جي لاءِ سبب يا ڪارڻ بنجي، عام طور مايوسيءَ جي حد تائين نهايت معمولي ڳالهہ ثابت ٿيندي آهي. ان مان عام تاثر اهو ٿو ملي تہ سبب دراصل سموري معاشري اندر لڪل آهن.

ٻ آخر ۾ اهو بہ، تہ الجزائرين جي ڦرن ٻ ڏاڙن جي وارداتن ۾ ڪاٺ هٽڻ بہ شامل هوندو آهي، ڀلي تہ ان مهل ڪو قتل ٿئي يا نہ، پر هر حال ۾ گهر ڏٺيءَ تي تشدد ضرور ڪيو وڃي ٿو. الجزائرين جي مجرمانہ ذهنيت جوڙيندڙ اهي سمورا عنصر، سندس جوڙجڪ واري خاصيت جو حصو لڳن ٿا؛ ٻ اهڙيءَ طرح ٿلهي ليکي انهن بابت ڪو هڪ قاعدو جوڙي سگهجي ٿو.

انهن جهڙا ئي، يا انهن کان ڪي قدر گهٽ وزني تصور تيونس ٻ مراڪش متعلق پڻ پيش ڪيا ويا؛ ٻ ساڳيءَ طرح اتر افريقا جي ڏوهاري ذهنيت بابت بہ سوال پيدا ٿيڻ لڳو. ٿيهن سالن کان مٿي عرصي تائين پروفيسر پورو جي صدارت ۾، جيڪو الجيريا ۾ نفسي طب جي شعبي سان لاڳاپيل هو، ڪافي ٿيمون اهڙي ڏوهہ ـ پسنديءَ جي اظهار جون صورتون مقرر ڪرڻ ٻ انهن جي عمرانيات، عملي ٻ جسماني وضاحت ٻ تشريح جي ڪمن ۾ مصروف رهيون.

اسان هتي ان موضوع تي، الجئيرو فيڪلٽيءَ جي نفسياتي طبي اسڪول جون بنيادي تحقيقون پيش ڪريون ٿا. اچو تہ ياد ڪريون تہ ويهن سالن کان مٿي عرصي تائين جي ڪيل تحقيقي ڪم جو نتيجو، اصل ۾ نفسياتي طب جي شعبي ۾ ڏنل ليڪچرن جو ئي تت هو.

اهوئي سبب آهي جو الجيريا جا ڊاڪٽر، جيڪي الجيئرز فيڪلٽيءَ جا گرئجوئيٽ آهن، اهو ٻڌڻ ٻ سکڻ تي مجبور آهن تہ الجزائري ماڻهو پيدائشي ڏوهاري هوندا آهن. ان کان سواءِ آءٌ پنهنجن مان ڪي اهڙا ماڻهو پڻ سڃاڻان، جن انهن سکيل نظرين کي تمام سچائيءَ سان قبول ڪيو، ٻ ڪين ويتر وڏيڪ ترقي پڻ ڏني. اهي، اهو بہ چوندا رهيا تہ "ان کي مڃڻ مشڪل آهي، پر اها ڳالهہ سائنسي طور ثابت ٿي چڪي آهي."

اتر افريقي ماڻهو ڏوهاري ٿين ٿا. سندن قهري جبلت کي سيئي ڄاڻن ٿا. سندن سخت ڏاڍ، هر ڪنهن کي نظر اچيو وڃي. اتر افريقي انتها پسند ٿين ٿا، تنهن ڪري مٿن اعتبار نٿو ڪري سگهجي. اڄ اهي بهترين دوست آهن تہ سپاٽي

بدترين دشمن. اهي معنائن جي باريڪين کان بي خبر، ۽ ڊيڪارٽ جي تعليم کان بنيادي طور بيگانا هوندا آهن. احساسِ توازن، قول ۽ فعل کي تورڻ تڪڻ ۽ پرکڻ واري صلاحيت ــ اها شيءِ تہ سندن انتهائي اندروني فطرت سان ٽڪراءَ ۾ هوندي آهي. اتر افريقي هڪڙو تشدد پسند انسان ٿئي ٿو ــ ۽ تشدد کيس ورثي ۾ ملي ٿو ــ جيڪو پاڻ ــ سڌارڻ ۽ داخلي جذبن ۽ محرڪن کي چڱي شڪل ڏيڻ جي لائق ئي نہ هوندو آهي ـــ ها، الجزائري تہ ماءُ پيٽان جبلي روين جو ٻڌو ٻانهو ٿي ڄمندو آهي.

ليڪن اسان کي اختصار کان ڪم وٺڻ گهرجي. اهي مجرڪ گهٽي ڀاڱي جارحانہ ۽ عام طور قاتلانہ ٿين ٿا. اهڙيءَ طرح اهو ممڪن ٿي سگهندو آهي تہ اسان ماليخوليا جي شڪار الجزائرين جي غير روايتي ڪردار جي تشريح ڪري سگهون. الجزائر ۾ موجود نفسياتي طب جا فرانسيسي ماهر، پاڻ کي هڪڙي مشڪل مسئلي ۾ ڦاٿل سمجهن ٿا. اهي تہ ماليخوليا جي مريض جي علاج ڪرڻ وقت سدائين انهيءَ اُلڪي ۾ هوندا هئا، تہ ڪٿي اهو خودڪشي نہ ڪري وجهي. ليڪن هاڻي الجزائري ماليخوليا جو مريض پاڻ قتل ڪرڻ تي لهيو اچي. اخلاقي شعور جو اهو مرض، جنهن سان هميشه پاڻ کي الزام ڏيڻ ۽ پاڻ کي تباهہ ڪرڻ وارا لاڙا شامل هوندا آهن ــ الجزائري ماليخوليا جو مريض خودڪشي نٿو ڪري، اهو قتل ڪري ٿو. اِها اُها قاتلانہ ماليخوليا آهي، جنهن جو پروفيسر پورو، پنهنجي شاگرد مونسيرات جي مقالي موجب، تفصيل سان مطالعو ڪيو آهي.

هاڻ الجزائري درسگاهون ان قسم جي ڇڙواڳيءَ لاءِ ڇا ٿيون چون؟ پهرين تہ الجيريا جي درسگاهن جو اهو چوڻ آهي تہ خودڪشي پنهنجي ذات ۾ خود پنهنجي مخالفت آهي. ان جو مطلب اهو ٿيو تہ ماڻهو پاڻ کي ڏسي ٿو، ٻين لفظن ۾ پنهنجي اندر جو مشاهدو ڪري ٿو، ليڪن الجزائري داخلي زندگيءَ سان واسطو ڪونہ ٿو رکي. جيستائين اتر افريقيءَ جو تعلق آهي، تہ ان وٽ داخلي زندگي هوندي ئي ناهي؛ هو پنهنجين پريشانين کان نجات پائڻ لاءِ پنهنجي آسپاس جي ماڻهن ڀڻيان لڳيو پوي، اهو تجزيو ناهي ڪندو. هاڻ جيئن تہ ماليخوليا، پنهنجيءَ وصف موجب اخلاقي ضمير جو مرض آهي، تنهن ڪري ظاهر آهي تہ الجزائريءَ ۾ صرف نيم ماليخوليا ئي ٿي سگهي ٿي؛ ڇوتہ سندس ضمير جي گڙبڙ ۽ سندس اخلاقي احساس جي ڪمزوري تہ اڳ ئي مشهور آهي. اگر اسان سببن جي انهن ٻن ورهاستن تي ڪجهہ ويچاريون، جيڪي فرانسيسي مصنفن قائم ڪيون آهن، تہ ڪنهن صورتحال جي تجزئي ڪرڻ ۽ هڪ ذهني

خاڪي جوڙڻ ۾ الجزائريءَ جي نااهلي چٽي پٽي سمجهه ۾ اچي ٿي.

پهرين ته اسان کي ذهني لاڙن جو جائزو وٺڻ گهرجي. الجزائريءَ جي هڪ اهم خاصيت، ذهني ڪمزوري آهي. جيڪڏهن اسان ان مفروضي کي واقعي سمجهڻ گهرون ٿا، ته پوءِ اسان کي نفسياتي طب جي الجزائري درسگاهن جي جوڙيل علمِ تشخيص يا چنڊچاڻ جي هنر کي سمجهڻو پوندو. انهن جو چوڻ آهي ته مقامي ماڻهو هيٺين خاصيتن وارا ٿين ٿا:

* منجهن جوش ۽ ولولي جي مڪمل يا ٿوري گهٽي کوٽ هوندي آهي.
* حد کان وڌيڪ سڪٽا ۽ ڪمزور عقيدي وارا هوندا آهن.
* بي ايمانيءَ ۾ سچا هوندا آهن.
* ذهني ٻالڪپڻي جو شڪار هوندا آهن. گڏوگڏ مغربي ٻارن واري تجسس واري احساس کان وانجهيل هوندا آهن.
* حادثن ۽ طاقت جي اظهار ڏانهن لاڙو رکندا آهن.(١)

الجزائري، ڪنهن مسئلي کي بحيثيت مجموعي ڏسندو نه آهي. سندس واسطو صرف ٻاهرئين ڏيک ويک سان هوندو آهي، شين جي اصل جوڙجڪ سان ڪيس ڪوبه مطلب نه هوندو آهي. هو چڙواڳ خيال هوندو آهي. شين سان چنبڙيل چهٽيل، ٻاهرين ڏيک ويک ۾ گم، خيالن ۽ تصورن کان وانجهيل. لفظي اظهار ۾ گهٽ هوندو آهي. سندس حرڪتون هميشه جبلي ۽ جارحانه هونديون آهن. ڪُل تي نظر پويس ته جُزيات جو جائزو نه وٺي سگهي. دوئيءَ کي هيڪڙائي ۽ جُز کي ڪُل سمجهڻ لڳي ٿو. تنهن ڪري جڏهن به ڪنهن مخصوص اشتعال يا ڪن غير اهم سببن يا مسئلن (جهڙوڪ: انجير جي وڻ يا ڪنهن اشاري يا ٻنيءَ ۾ ڪاهي پيل ڪنهن رڍ جي مسئلي) کي مُنهن ڏيڻو پوندو اٿس ته سندس رويو يا ردِعمل انتها پسنديءَ وارو هوندو آهي. سندس پيدائشي ويڙهاڪ پڻو، معمولي ڳالهه تي به ظاهر ٿيو پوي. اها ڏاڍائيءَ جي نِج شڪل آهي.(٢)

بيانيه وات چڏي الجزائري درسگاهون هاڻ تشريحي رستي تي هلڻ لڳيون آهن. اها 1935ع جي ڳالهه آهي، ذهني ۽ اعصابي بيمارين جي ماهرن

(١) پروفيسر اي. پورُو، طبي نفسياتي واقعا (ميڊيڪو سائيڪولاجيڪل انيليسس) 1918ع.

(٢) الجزائر جي هڪ عدالت جي جج چوائي: الجزائرين جي اها جارحيت 'ڪجهه به پسنديءَ' ۾ ظاهر ٿئي ٿي. 1955ع هُن چيو هو ته "هن سموري بغاوت کي سياسي سمجهڻ ۾ اسان غلطي ڪريون ٿا. قرلت جو شوق، جيڪو انهن ماڻهن کي آهي، سو ڪڏهن ڪڏهن ظاهر ٿي پوندو آهي." انساني علم جي ماهرن جي راءِ موجب آزمائشن ۽ امتحانن واري راند جو اهڙو سلسلو/ ميدان، جيڪو مقامي ماڻهن جي آفاقي جارحانه جبلتن کي نوان موڙ ڏئي پي سگهيو، سو56-1955ع ۾ ئي اڙزر واري بغاوت دوران ظاهر ٿي پئي سگهيو.

جي ڪانگريس ۾، پروفيسر پُورو پنهنجن نظرين جي سائنسي بنيادن جي تشريح ڪئي هئي. ان بحث ۾، جيڪو باروڪ جي هسٽريا رپورٽ ڪان پوءِ چِڙي پيو هو، پاڻ ٻڌايو هئائين ته اتر افريقا جو ماڻهو، جنهن جون اعليٰ ۽ دماغي صلاحيتون تمام گهڻ ارتقا پذير رهيون آهن، هڪڙي اهڙي قديم مخلوق آهي، جنهن جي نباتاتي ۽ جبلتي زندگيءَ جو بنيادي دارومدار، گهڻي ڀاڱي سندس "ڊائي اينسيفلون" تي آهي.

پروفيسر پُورو جي ان ڪوجنا جي اهميت جو اندازو ڪرڻ لاءِ، اسان کي اهو ياد رکڻ گهرجي ته ڪرنگهي دار جانورن سان پيٽ ڪرڻ سان، انسان ذات جي خصوصيت منجهس ڪارٽيڪس مغز (دماغ) جي موجودگي آهي. "ڊائي اينسيفلون"، دماغ جو هڪ انتهائي ابتدائي حصو آهي، ۽ انسان هر حال ۾ هڪ اهڙو ڪرنگهيدار آهي، جنهن ۾ ڪارٽيڪس مغز (دماغ) حاوي هجي ٿو.

پروفيسر پُورو جي نظر ۾ اتر افريقا جي ماڻهن جي زندگيءَ تي، "ڊائي اينسيفل" ڪارڻ غالب آهن. اها ڳالهه اهڙي آهي جيئن چئجي ته اتر افريقا جو مقامي ماڻهو ڪارٽيڪس مغز کان محروم آهي. پروفيسر پُورو پنهنجي ان تضاد کان نتائيندي، اپريل 1939ع ۾ "سدرن ميڊيڪل اينڊ سرجيڪل گزيٽ" ۾، پنهنجي هڪ شاگرد سوٽر سان گڏ، جيڪو اڃڪلهه الجيريا ۾ نفسياتي طب جو پروفيسر آهي، واضح طور لکي ٿو ته، "پوئتي پوڻ جو مطلب بلوغت جي ڪمي ناهي، ۽ نه ئي ڪا اها ذهني نفسيات جي نشوونما ۾ رڪاوٽ آهي. اها هڪڙي معاشرتي حالت آهي، جيڪا پنهنجيءَ ارتقا جي حد تي پهچي چڪي آهي. اها، ڪنهن اهڙيءَ زندگيءَ سان منطقي هڪجهڙائي رکي ٿي، جيڪا اسان جي زندگيءَ کان مختلف آهي ـ" ۽ آخر ۾ اهي پروفيسر پنهنجي نظريي جي بنياد تي ڳالهائين ٿا ـ پسماندگي رڳو جيئڻ جي ڍنگ جو نالو ناهي، جيڪو مخصوص پرورش جو نتيجو هجي، ان جون پاڙون پاتار ۾ آهن. اسان ان امڪان کي هن طرح وٺون ٿا ته ان جي پيڙهه، ذهن جي تعميري سانچي جي ڪنهن خاص لاڙي تي رکيل هوندي، يا گهٽ ۾ گهٽ تنتي يا اعصابي مرڪز جي گرمي پد تي هوندي ـــ اسان جي سامهون ڪردار/ عمل جو هڪڙو مربوط سلسلو موجود آهي، ۽ مربوط زندگي پڻ موجود آهي، جنهن جي سائنسي طرح تشريح ڪري سگهجي ٿي. الجزائرين ۾ ڪارٽيڪس مغز نه هوندو آهي يا وڏيڪ اهو صحيح ٿيندو ته ڪمتر ڪرنگهيدار جانورن وانگر انهن ۾ به ڊائي اينسيفلون غالب آهي. ڪارٽيڪس مغز جو عمل جيڪڏهن هجي به ٿو، تڏهن

بہ تمام ڪمزور ٿئي ٿو؛ ۽ عملي طرح انساني وجود جي حرڪت سان ڳنڍيل نہ هوندو آهي. اهڙيءَ طرح ان ۾ نہ تہ ڪو راز لڪل هوندو آهي، ۽ نہ ئي ڪو اهو نقص آهي. مقامي ماڻهوءَ کي ذميواري سونپڻ جي ڏس ۾ قابض ڌارين طرفان بهاني بازي نہ تہ ڪا نسل پرستيءَ تي مبني آهي، ۽ نہ ئي عوامي آزاديءَ کسڻ واري لاڙي جي ڪري، بلڪ اهو هڪڙو سنئون سڌو مقامي ماڻهن جي جيايي جي امڪاني حدن جو سائنسي بهانو آهي.

اچو تہ هن تبصري کي صحت جي عالمي اداري جي ماهر ڊاڪٽر اي ڪيروٿرز جي راءِ تي مڪمل ڪريون، جيڪا هُن افريقا جي موضوع تي ڏني آهي. هن عالمي ماهر پنهنجي مشاهدن جي بنيادي جزن کي پنهنجي هڪ ڪتاب (ڇاپو 1954ع) ۾ گڏ ڪيو آهي.(١)

ڊاڪٽر ڪيروٿرز تحقيقون تہ وچ ۽ مشرقي افريقا ۾ ڪيون، ليڪن سندس نتيجا اتر افريقا جي درسگاهن جهڙا هوندا آهن. دراصل اُهو عالمي ماهر اهو ٿو چوي تہ، "افريقي پنهنجي مغز جي سامهون وارن حصن (فرنٽل لوبس) کي تمام گهٽ استعمال ڪري ٿو. افريقي نفسي طب جون سموريون خاصيتون، مغز جي ان حصي جي استعمال نہ ڪرڻ جي ڏس ۾، ڪاهليءَ جو ميڙاڪو ڇئي سگهجن ٿيون.(٢)

پنهنجي نقطي جي وضاحت لاءِ ڊاڪٽر ڪيروٿرز هڪ سگهارو اندازو پيش ڪري ٿو. سندس چوڻ آهي تہ افريقي هڪ اهڙو يورپي آهي، جنهن جي دماغ جا ڪي حصا ڪاٽيا ويا هجن. (لوبوٽو مائيزڊ يورپي) اسان ڄاڻون ٿا تہ اينگلو سيڪسن مڪتبہءِ فڪر ماڻهن جو خيال هو تہ انهن، دماغ جي ڪنهن خاص اهم حصي کي ڪٽي، ذهني مرضن جي ڪن سخت صورتن جو تڪڙو علاج ڳولي لڌو آهي. ليڪن ان کان پوءِ اها ڳالهہ ثابت ٿي ويئي تہ اهڙي قسم جو طريقو، شخصيت کي شديد نقصان رسائي ٿو؛ تنهن ڪري ڪيس ترڪ ڪيو ويو. ڊاڪٽر ڪيروٿرز جي مطابق هڪ عام افريقي ۽ اُن يورپيءَ وچ ۾، جنهن تي لوباٽاميءَ جو آپريشن ڪيو ويو هجي، ڪافي نمايان هڪجهڙائي ملي ٿي.(٣)

افريقا ۾ ڪم ڪندڙ مختلف مصنفن جي تحريرن جي مطالعي کان پوءِ،

---

(١) ڪيروٿرز: افريقين جي عام ۽ مريضانہ نفسيات (نارمل اينڊ پيٿالوجيڪل سائيڪولاجي آف افريقن)؛ نفسي ۽ نفسياتي مطالعو (ايٿنو سائيڪولاجيڪل اسٽڊيز) ايڊيشن ميسن.

(٢) ايضاً، صفحو 176.

(٣) ايضاً، صفحو 178.

ڊاڪٽر ڪيروٿرز هڪ اهڙو نتيجو ڪڍي ٿو، جيڪو افريقين جي باري ۾ هڪ مڪمل تصور جو بنياد وجهي ٿو. هو لکي ٿو: ”زيرِ بحث مسئلي متعلق حقيقتون اهي آهن ۽ سندن يورپي قسمن سان ڪو تعلق ناهي. اهي مشرقي، مغربي ۽ اتر افريقا جي مختلف علائقن مان حاصل ڪيون ويون ۽ مجموعي طور هر مصنف ٻئي مصنف جي تحقيق جي باري ۾ لاعلم هو، تنهن ڪري انهن تحقيقن جي بنيادي يڪسانيت ڪافي ڏيان طلب آهي.“

پڇاڻيءَ کان پهرين اها ڳالهه به ڪري ڇڏجي ته ڊاڪٽر ڪيروٿرز ”مائو مائو بغاوت“ جي ساراهه ڪندي، ان کي لاشعوري ”محرومي الجهن“ جو اظهار چوي ٿو: جنهن جي ٻيهر رونما ٿيڻ کي، سائنسي طرح، نمايان نفسياتي هڪجهڙائي پيدا ڪري، روڪي سگهجي ٿو.

تنهن ڪري اِهو ئي اُهو غير معمولي رويو هو ـــ يعني افريقين جي عام ڏوهه ـ پسندي (اها به بنا ڪنهن سگهاري سبب جي) ۽ سندن جهيڙن جهٽن جي قاتلانه نوعيت؛ جنهن تبصري ڪندڙن جي ذهن ۾ مسئلا پيدا ڪري ڇڏيا. اها مقرر تشريح، جنهن کي يونيورسٽين ۾ هڪ مضمون طور پڙهايو وڃي ٿو، چندڇاڻ کان پوءِ ايئن آهي ته، اتر افريقا جي ماڻهن جي دماغي ساخت ئي سندن سستي، سندن ذهني ۽ معاشرتي گهٽتائي ۽ گهٽ يا وڌ انهن حيواني حرڪتن لاءِ ذميوار آهي. اتر افريقين جي ڏوهن جا سبب، سندن ڪرداري ساخت تي، هڪ خاص قسم جي اعصابي نظام جي اثرن جو نتيجو آهن. اهو هڪ اهڙو ردعمل آهي، جنهن کي اعصابي نموني سمجهي سگهجي ٿو، جيڪو شين جي جوڙجڪ مان پڌرو آهي. اهو حياتياتي طور ڪنهن مضبوط شيءِ جو ردِعمل آهي. دماغ جي چست عمل کان مغز جي انهن حصن جو الڳ ٿيڻ ئي افريقين جي سستي، سندن ڏاڙن، ڏوهن، زنا ڪاري ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ جي وضاحت آهي. هڪ نائب پرفيڪٽ جيڪو هاڻ پرفيڪٽ ٿي ويو آهي، مون اڳيان ان کي ايئن بيان ڪيو ته ”انهن فطري حيوانن کي، جيڪي اکيون پوري پنهنجيءَ فطرت جي اصولن جي پيروي ڪن ٿا، اسان کي ڪنهن سخت ۽ بي رحم حڪمران طبقي جي مدد سان روڪڻ گهرجي. اسان کي فطرت کي راضي ڪرڻ بجاءِ مغلوب ڪرڻ گهرجي. ”نظم و ضبط“، ”تربيت“، ”حاڪميت“ ۽ اڃڪلهه ”امن جي بحالي“ اِهي اُهي لفظ آهن، جيڪي استعماري ڦورو، ڦٽائلي علائقن ۾ ڪثرت سان استعمال ڪندا آهن.

جيڪڏهن اسان استعماري سائنسدانن جي پيش ڪيل نظرين جي

جائزي وٺڻ ۾ گهڻو وقت ورتو آهي، تہ اسان جو مقصد سندن ذهني غربت ۽ بي شرمائين کي پڌري ڪرڻ کان وڌيڪ، هڪ تمام گهڻي اهم، اصولي ۽ عملي مسئلي جي ڀيٽ ڪرڻ هو. دراصل الجزائري ڏوهہ ـ پسندي، انهن سوالن جو فقط هڪ جزوي حصو آهي، جيڪي انقلاب اٿاريا آهن، ۽ جن کي سياسي بحث مباحثي ۽ عقلي دليلن ذريعي حل ڪري سگهجي ٿو. ليڪن ٿيو ايئن، جو هن موضوع تي جيڪا گفتگو ٿي، اها ايتري ڪارائتي هئي، جو ان جي ڪري اسان کي معاشري ۽ انفرادي آزاديءَ جي تصور کي وڌيڪ گهرائيءَ سان سمجهڻ، ۽ ڄاڻڻ ۾ مدد ملي. جڏهن انقلابي عمل دوران رهنمائن ۽ مجاهدن جي موجودگيءَ ۾ الجزائري ڏوهہ ـ پسنديءَ جو سوال اٿاريو وڃي ٿو؛ جڏهن انقلاب کان اڳ جي ڏوهن، بيهودگين ۽ ڏاڙن جي ڳالهہ ڪئي وڃي ٿي؛ جڏهن اها حقيقت سامهون آڻجي ٿي تہ ڏوهن جي نوعيت ۽ قانون جي پڇڪڙيءَ جي ڪثرت جو دارومدار مرد ۽ عورت، ۽ ماڻهن ۽ حڪومت جي وچ وارن واسطن تي آهي؛ جڏهن هر ماڻهو اها ڳالهہ سمجهي وٺي ٿو؛ جڏهن اسان پنهنجين اکين اڳيان، الجزائري يا اتر افريقي ماڻهوءَ جي ڏوهاري رويي جي تصور کي ٽڪرا ٽڪرا ٿيندي ڏسون ٿا، جيڪو الجزائري ماڻهن جي شعور ۾ رچي چڪو آهي: "اسان گرم مزاج، جهڳڙالو ۽ بُرا ماڻهو آهيون، تنهن ڪري....." ان مهل يقين سان اها ڳالهہ چئي سگهجي ٿي، تہ انقلاب ارتقا پذير آهي.

اهم اصولي مسئلو اهو آهي تہ انسانيت جي ان توهين کي، جيڪا ماڻهن جي دلين ۾ ڄميل آهي، هر وقت ۽ هر هنڌ ظاهر ڪيو وڃي؛ ان کي تباهہ ۽ برباد ڪيو وڃي. اسان کي ان وقت تائين انتظار نہ ڪرڻ گهرجي، جڏهن ماڻهو انقلابي عمل سبب، غير محسوس طور پڪي ارادي جا مالڪ نٿا ٿي پون. ان ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ ٻئي عمل ضروري آهن، ليڪن شعور جي مدد ڪرڻ گهرجي. انقلابي نظريي جو استعمال، جيڪڏهن مڪمل طور آزادي ڏيارڻ ۽ خاص طور ڪيس سنڀالڻ ۽ سڦل بنائڻ آهي، تہ اهو اها تقاضا ڪندو تہ ڪابہ شيءِ اهڙي باقي نہ رهي، جيڪا معمول جي خلاف هجي. اسان کي شدت سان اها ضرورت محسوس ٿئي ٿي، تہ واقعن جي ڇنڊڇاڻ ڪري، نتيجو ڪڍيو وڃي. هر شيءِ کي ساڻ وٺي هلجي، هر شيءِ/ معاملو طئي ڪيو وڃي، ۽ هر ذميواري قبولڻ گهرجي. هاڻي ضمير، واپس ماضيءَ ڏي موٽڻ يا جيڪڏهن ضرورت پئي تہ وقت گذاري ڪرڻ کان بہ نٿو نٿائي. اهوئي سبب آهي جو ڪنهن موڙ تي، جنگي ٽولي جي فتح يا ڪنهن گهات تي قبضي مان مراد آرام

ڪرڻ ناهي، بلڪ اهو شعور جي پيشقدميءَ ڏانهن اشارو آهي، ڇو تہ هر شيءِ کي گڏوگڏ، قدم قدم سان ملائي هلڻو پوندو.

ها تہ الجزائري، پنهنجي نموني مئجسٽريٽن ۽ پوليس وارن جا فيصلا مڃيندا آهن.(١) تنهن ڪري اسان الجزائري ڏوهہ ــ پسنديءَ کي (جنهن کي "نرگيسٽ" جي حد تائين محسوس ڪيو ويو هو) مڃيل مستند مردانگيءَ طور قبول ڪيو ۽ هن مسئلي کي استعماري تاريخ جي سطح تي پرکيو. مثلاً اسان اهو واضح ڪيو تہ فرانس جا الجزائري پنهنجي ڏوهاري روين ۾، انهن الجزائرين کان بنيادي طرح مختلف آهن، جيڪي سنوان سڏا استعماري استحصال جو شڪار آهن.

هڪ ٻيءَ ڳالهہ جو بہ خيال رکڻ گهرجي. الجزائر ۾ الجزائري ڏوهاري روش هڪ محدود حلقي ۾ ئي ظاهر ٿئي ٿي. الجزائري پاڻ ۾ ئي هڪٻئي کي ڦرين لٽين ٿا، هڪٻئي جا ترا ڪڍين ٿا، هڪٻئي کي مارين ٿا ــ الجزائر ۾ الجزائري شايد ئي ڪڏهن ڪنهن فرانسيسيءَ تي حملو ڪري ٿو، ۽ عام طور فرانسيسين سان وڙهڻ کان پاسو ڪندو آهي. ان جي ابتڙ فرانس ۾ جلاوطن الجزائري ماڻهو معاشري ۽ طبقاتي سطح تي ڏوهن جو مرتڪب ٿئي ٿو.

فرانس ۾ الجزائري ڏوهہ پسندي ختم ٿي رهي آهي. هاڻ ان جو رُخ خاص طور فرانسيسين ڏانهن آهي ۽ ان جا ڪارڻ بلڪل نوان آهن. هڪ خاص ڪمزور صورتحال، مجاهدن کي ڄاڻ ڏيڻ ۾ اسان جي چڱي مدد ڪئي. اها ڳالهہ تہ ثابت ٿي چڪي آهي تہ 1954ع کان عام قانوني ڏوهہ تقريباً ختم ٿي چڪا آهن. هاڻي کي بہ تڪرار نہ ٿا ٿين ۽ نہ ئي ڪنهن غير اهم ڳالهہ تي ڪو قتل ٿئي ٿو. هاڻي ڪاوڙ جو قهر ان ڪري نٿو ڪڙڪي جو ڪنهن منهنجي پاڙيسري، منهنجيءَ زال جو هٿ پير يا منهن ڏسي ورتو هو. لڳي ٿو تہ قومي تحريڪ سموري قهر ۽ غضب لاءِ ڪي نوان رستا ۽ راهون جوڙي ورتيون آهن، ۽ سمورن تاثراتي ۽ جذباتي سببن کي قومي ملڪيت بنائي ڇڏيو آهي. فرانسيسي جج ۽ بئريسٽر اڳ ۾ ئي اها ڳالهہ سمجهي چڪا هئا، ليڪن

(١) ان کان سواءِ اهو ظاهر آهي تہ يورپين جي گهڙيل ان تصوراتي تصوير سان مطابقت متضاد ڪيفيتن جي حامل آهي. دراصل ان الجزائريءَ کي، جيڪو تشدد پسند، جوشيلو، وحشي، حاسد، هٺيلو ۽ ارڏو آهي، ۽ جيڪو ڪنهن معمولي ڳالهہ تي يا هڪ لفظ تي پنهنجي جان جي بازي لڳايو ڇڏي ــ يورپي خراج عقيدت پيش ڪري ٿو. مگر اهو خراج عقيدت پڻ متضاد ڪيفيتن سان ڀريل آهي. اسان کي هلندي هلندي اهو بہ چٽو ڪري ڇڏڻ گهرجي تہ فرانس جي فرانسيسين سان ڏي وٺ وقت الجزائر جا يورپي پاڻ کي فرانسيسي ڪردار جي ڀيٽ ۾ الجزائري ڪردار سان وڌيڪ ڀيٽيندا آهن.

مجاهدن کي ان جو احساس ڏيارڻو پيو ۽ کين ان جا سبب ڄاڻائڻا پيا.

اڄا ان جي وضاحت اڌوري آهي.

ڇا ايئن چوڻ گهرجي ته جنگ، ان ڏاڍائيءَ جو بهتر اظهار آهي، جيڪو آخرڪار معاشرتي صورت اختيار ڪريو وٺي، سمورن پيدائشي قاتلانہ عملن کي قابض قوت ڏانهن منتقل ڪريو ڇڏي؟ اهو هڪ عام مشاهدو آهي ته وڏا وڏا معاشرتي هنگاما، ڏوهن ۽ ذهني بيمارين جي واڌ کي ختم ڪريو ڇڏين. اهڙيءَ طرح الجزائري ڏوهہ ـ پسنديءَ جي واپسيءَ واري تشريح پڻ ڪنهن هڪ اهڙيءَ جنگ سان ڪري سگهجي ٿي، جنهن الجزائر کي ٻہ حصا ڪري ڇڏيو، ۽ عدالتي ۽ انتظامي مشن کي دشمن ڏانهن موڪلي ڇڏيو.

ليڪن افريقا جي اولهہ وارن انهن ملڪن ۾ بہ، جيڪي آزاد ٿي چڪا آهن، ساڳيو ئي سلسلو جيڪو آزاديءَ جي جدوجهد دوران نظر آيو هو، اڄ بہ جاري آهي؛ بلڪ آزاديءَ جي اعلان کان پوءِ اڄا بہ وڌيڪ چٽو ٿي پيو آهي. تنهن ڪري ثابت ٿيو ته ڏوهہ ـ پسنديءَ جي ڪارڻن کي نئين سر پيدا ڪرڻ لاءِ استعماري گڻ وڏي اهميت رکن ٿا ـــ ۽ اهو ئي ڪم اسان پنهنجن مجاهدن لاءِ ڪيو. اڄ اسان مان هرڪو اهو ڄاڻي ٿو ته ڏوهہ پسندي نہ ته ڪو الجزائرين جي موروثي ڪردار جو نتيجو آهي، ۽ نہ ئي سندن اعصابي نظام جي ترتيب جو اثر. الجزائري جنگ بہ قومي آزاديءَ جي سمورين جنگين وانگر حقيقي ڪردارن کي اڳيان آڻي ٿي. جيئن اسان اڳ ۾ ٻڌائي چڪا آهيون ته استعماري چالن جي ڪري ديسي ماڻهو پاڻ ۾ وڙهندا آهن. اهي هڪٻئي کي آڏ طور استعمال ڪرڻ ڏانهن مائل هوندا آهن، ۽ هرڪو پنهنجي پاڙيسريءَ کان بہ قومي دشمن کي لڪائي ٿو رکي. جڏهن ڏينهن جي سورنهن ڪلاڪن جي ٽڪائيندڙ ڪم ڪار کان ٿڪي ٿئي، مقامي ماڻهو سمهڻ لاءِ تڏي تي ليٽندو آهي، تڏهن وچ ۾ لڙڪيل تڏي جي ٻيءَ پر ٻار روئڻ شروع ڪري ٿو، ۽ ڪيس سمهڻ نٿو ڏي؛ ۽ اهو ننڍڙو ٻار بہ هڪ ننڍڙو الجزائري ئي آهي. جڏهن ڪو دڪاندار/ پنساري انڪار ٿو ڪري ته سندس اندر ۾ نفرت جا شديد جذبا ۽ قتل جي بي پناهہ خواهش اُپريو پوي، ۽ اهو پنساري دڪاندار بہ الجزائري ئي آهي. جڏهن گهڻو وقت سندس نظرن کان پري رهي، هڪ ڏينهن پير سڳورو ڪيس گهيري ٿو وٺي ۽ پنهنجو 'نذرانو' ٿو طلبي، تڏهن هو يورپي منتظم خلاف نفرت نہ ٿو ڪري، پر سندس آڏو بيٺل پير سڳورو سندس نفرت جو مرڪز بڻجيو پوي..... ۽ پير بہ الجزائري ئي آهي.

الجزائريءَ لاءِ خون ڪرڻ جا موقعا يا بهانا هر وقت موجود هوندا آهن..... ڏڪار، مسواڙ ادا نہ ڪرڻ سبب گهرن مان نيڪاليون، ماءُ جا سُڪل اُرهہ، هڏاون پڇرن وارا ٻار، جڳهہ جي تعمير جي روڪ، بي روزگار، جيڪي ڪانگن وانگر، ڪاريگرن ۽ مسترين جي چوڏاري ڀيا ڦرندا آهن ـــ اهڙيءَ صورت ۾ مقامي ماڻهوءَ کي پنهنجو پاڙيسري بہ ظالم ۽ دشمن نظر ايندو آهي. جيڪڏهن سندس اگهاڙو پير، وچ رستي تي پيل ڪنهن پٿر سان ٽاپڙجندو آهي تہ محسوس ڪندو آهي تہ ڪنهن مقامي ماڻهو ئي اهو پٿر اُتي رکيو هوندو. اهي چند زبتون، جيڪي هو رات جي وقت پٽي آيو هو، "ڪ" جا ٻار ڪائي ويا. الجزائر ۾ ۽ ٻين هنڌن تي بہ، استعماري دؤر ۾ گهٽيون شيون/ حرڪتون رڳو اٿي جي ڪجهہ سيرن جي ڪري ٿيون آهن. ان لاءِ ڪافي ماڻهو قتل ٿي سگهيا پئي. ان کي سمجهڻ لاءِ اوهان کي پنهنجو تخيل استعمال ڪرڻ پوندو، پنهنجو تخيل يا پوءِ پنهنجو حافظو. قيدين جي گڏيل ڪيمپن ۾ مانيءَ جي هڪڙي پور لاءِ ماڻهو ماريا ويا. مون کي هڪ دهشتناڪ منظر ياد آهي. اهو 1944ع جو قصو آهي. اُن ڪيمپ ۾ جتي اسان جهاز جي لنگر کڻڻ جا منتظر هئاسين، سپاهي ننڍڙن ننڍڙن الجزائري ٻارن اڳيان مانيءَ جا پور اڇلي رهيا هئا، ۽ اهي ٻار ماني جي پورن حاصل ڪرڻ لاءِ هڪبئي سان انتهائي غصي ۽ نفرت وچان وڙهي رهيا هئا. جانورن جي ڊاڪٽر اسان کي اُن مشهور "نُونگي هٽڻ واري قانون" جي ياد ڏياري، جنهن جو مشاهدو ڪڪڙن ذريعي ڪري سگهجي ٿو، جيڪي اهڙن مسئلن تي روشني وجهي سگهن ٿا. اهو داڻو، جيڪو ڪڪڙن کي ڏبو آهي، دراصل نهايت سخت مقابلي جو سبب بنبو آهي. ڪي ڪڪڙيون جيڪي طاقتور هونديون آهن، سڀ داڻا پاڻ چُڳي ويندیون آهن ۽، جيڪي نسبتاً گهٽ جهيڙاڪ هونديون آهن، ڏينهون ڏينهن ڪمزور ٿينديون ويندیون آهن. هر نوآبادي بينڪيت هڪ وڏو واڙو بڻجي ويندي آهي، جتي فقط هٿيار جو قانون ئي هلندو آهي.

الجزائر ۾ جڏهن کان قومي آزاديءَ جي جنگ شروع ٿي آهي، هر شيءِ بدلجي وئي آهي. ٿي سگهي ٿو تہ هڪڙي پوري خاندان يا جابلو ڳوٺ جي خوراڪ جو سمورو ذخيرو، ڪنهن شام گذرندڙ ڪنهن فوجي ڪمپني يا ٽولي کي ڏنو وڃي. ممڪن آهي تہ خاندان جو واحد گڏهہ، ڪنهن زخمي مجاهد لاءِ ڏنو وڃي؛ ۽ جڏهن ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ مالڪ کي خبر پوي تہ سندس جانور کي هوائي جهاز مان گوليون هڻي ماريو ويو آهي، تہ اهو ڏمڪين ۽ گارين جو

ڏوڙيو لائي ڏيندو آهي، پر، پنهنجي گڏهه جي موت بابت معلومات وٺڻ نه چاهيندو آهي، بلڪ وڏيءَ بيتابيءَ مان اهوئي پڇندو آهي ته ڇا زخمي سپاهي جيئرو آهي؟

استعماري دور ۾ ماڻيءَ جي هڪ ڀور يا ڪنهن ڪمزور رڍ لاءِ ڪنهن به قسم جو ڪم ڪري سگهجي ٿو. استعماري دور ۾ اردگرد جي حقيقتن سان، خارجي دنيا سان ۽ تاريخ سان انساني تعلقات محض ڪاڏي جا تعلقات هوندا آهن. ڏاڍ خلاف جدوجهد دوران، جيئن الجزائر ۾ آهي، ڏاڍ جي شڪار شخص لاءِ زندگي گذارڻ جو مفهوم، اخلاقي قدرن جي جوڙجڪ يا دنيا جي مربوط ۽ فائديمند ترقيءَ ۾ پنهنجو مقام پيدا ڪرڻ ناهي هوندو ـــ زنده رهڻ جو مطلب وجود کي برقرار رکڻ آهي. هر ڏينهن فتح جو ڏينهن آهي. اها فتح ڪم جو نتيجو ناهي هوندي، بلڪ زندگيءَ کي قائم رکندي يا پاڻ بچائيندي، محسوس ڪئي وڃي ٿي. تنهن ڪري ڪجيون چورائڻ يا پنهنجي رڍ ٻڪري پاڙيسريءَ جي گاهه جي ڀيل ڪري، ته اهو ڪو ٻئي جي حقِ ملڪيت کي مڃڻ کان انڪار جو مسئلو نه هوندو آهي. ۽ نه ئي قانون جي خلاف ورزي ۽ نه ئي ٻين لاءِ احترام جي اڻ هوند: اهي قتل ڪرڻ جون ڪوششون آهن. اهو سمجهڻ لاءِ ته چوري، ڪو غير قانوني يا دشمنيءَ تي مبني فعل ناهي، بلڪ قتل جي ڪوشش آهي؛ ضروري آهي ته اوهان قبائلي مردن ۽ عورتن کي ڪيترا هفتا، هيٺ واديءَ جي تري ۾ ويندي، ۽ اتان ننڍين ننڍين ٽوڪرين ۾ مٽي تي مٽي ڍوئيندي، مٽي آڻيندي ڏٺو هجي. حقيقت اها آهي ته واحد ڪارڻ ٻيٽ ئي آهي، جيڪو ڏينهون ڏينهن سُڪڙيو ٿو وڃي ـ ۽ جيڪو ٻيحد ٿورڙي جي طلب ڪري ٿو، پر ان هوندي به ڪيس ڀرڻ گهرجي. سزا آخر ڪنهنڙ کي ملي؟ فرانسيسي ماڻهو پوليس، فوج ۽ ٽينڪن سان هيٺ ميدانن ۾ لڙل آهن، پهاڙن تي رڳو الجزائري آهن. مٽي جنت آهي، موت ڪان پوءِ نئين زندگيءَ جو واعدو؛ ۽ هيٺ فرانسي آهن، جيل، ڪوڙا، ڦاسيءَ جو ٻيحد پڪو انجام ـــ آخر اوهان پنهنجي پاڻ خلاف بيهي رهڻ لاءِ مجبور ٿي ٿا پئو. هتي اسان کي خود نفرتيءَ جي ان اصليت جي خبر پوي ٿي، جيڪا نسلي مت پيد وارن معاشرن ۾ نسلي جهيڙن جو بنياد آهي.

تنهن ڪري الجزائري ماڻهوءَ جي ڏوهه ـــ پسندي، سندس جبلي ڪارڻ ۽ سندس قاتلانه تشدد نه ته سندس اعصابي نظام جي ترتيب جو نتيجو آهي، ۽ نه ئي سندس شخصي خاصيت؛ بلڪ اهو سڀ استعماري/ سامراجي

صورت حال جو ڪرشمو آهي. اها حقيقت تہ الجزائر جا سپاهي، ان مسئلي تي گفتگو ڪري چڪا آهن، تہ اهي انهن عقيدن تي اعتراض ڪرڻ ڪري بہ خوفزده نہ آهن، جيڪي سامراجيت سندن اندر پاليا ۽ تاتيا آهن، تہ اهي سمجهن ٿا تہ هر ماڻهوءَ پنهنجي پاڙيسريءَ کي آڏ طور استعمال ڪيو: ۽ اصل ۾ هر ماڻهو، جڏهن پنهنجي پاڙيسريءَ کي مارڻ لاءِ نڪتو تہ، پاڻ خودڪشي ڪري ويٺو. انهن سيني ڳالهين کي انقلابي ضمير ۾ بنيادي اهميت حاصل هئڻ گهرجي. ان ڳالهہ کي دهرائڻ ضروري آهي تہ ان مقامي ماڻهوءَ جو مقصد، جيڪو پنهنجي ئي خلاف لڙي ٿو، استعماري قبضي جو خاتمو آڻڻ آهي. ليڪن ڪين انهن سمورين غلط ڳالهين جي پاڙ پٽڻ لاءِ بہ ڪجهہ ڪرڻ گهرجي، جيڪي آزاديءَ جي جذبي، سندن وجود ۾ شامل ڪري ڇڏيون آهن. اهڙي استعماري نظام حڪومت ۾، جهڙو الجزائر ۾ هو، استعماريت جا پيش ڪيل خيالَ نہ رڳو يوربي اقليت تي اثرانداز ٿيا، بلڪ انهن الجزائري ماڻهن کي بہ متاثر ڪيو. مڪمل آزادي اهڙي شيءِ آهي، جنهن جو شخصيت جي سمورن شعبن سان تعلق آهي. حملو، اذيت يا ڀائرن جو قتل عام، فتح جي ارادي کي اجا بہ وڌيڪ پختو ڪريو ڇڏي. اهو غافل کي جاڳائي ٿو ۽ تخيل جي آبياري ڪري ٿو. جڏهن قوم، بحيثيت مجموعي پاسو بدلي ٿي، تڏهن نئون انسان قوم جي تجربي جو نچوڙ نہ هوندو آهي، پر اهو سائس گڏ موجود رهي ٿو ۽ سائس گڏ ئي ڪاميابي ماڻي ٿو. اها جدلياتي ضرورت اُن هَٿ ڌرميءَ جي وضاحت ڪري ٿي، جيڪا استعماريت سان مطابقت پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ۽ ظاهري سڌارن کي ڌيان لائق نٿي سمجهي. آزادي ڪو جادوئي لفظ نہ آهي، بلڪ اها انهن مردن ۽ عورتن جي هڪ اڻ تڙ ضرورت آهي؛ جيڪي حقيقي معنيٰ ۾ آزاد ٿي چڪا آهن يا ٻين لفظن ۾ انهن سمورن مادي ذريعن ۽ وسيلن جا مالڪ آهن، جيڪي ڪنهن معاشري جي انقلابي تبديليءَ کي يقيني بنائن ٿا.

نيو فيلڊس جا تازه نواڻ شايع ٿيل ڪتاب

1- ڳجهه ڳجهاندر ڳالهڙيون — علي احمد بروهي

2- انا ميڪا — الطاف شيخ

3- روح جا ريلا — عبدالواحد آريسر

4- چانديءَ جون تارون ۽ پرهه ڪان پهرين — ماهتاب محبوب

5- جمال ابڙي جي آتم ڪتا جا ٽي جلد

* ڏسي ڏوهه اکين سين

* اونهي ڳالهه اسرار جي

* ٿوهر ۾ ڳاڙها گل

6- جام جاموٽ جامڙا — علي احمد بروهي

7- پلصراط (جيل جي ڊائري) — ڊاڪٽر دودو مهيري

8- اسپارٽيڪس (ناول) — هاورڊ فاسٽ

9- بُک (ناول) — نٽ همسن

10- اسان جيئن جيئي ڪو — عبدالواحد آريسر

11- اندر مُلهه املهه — حيدر علي لغاري

12- ٻه ننڍا ناول — آغا سليم

13- ماٽهو (انسان جي ارتقا جي ڪهاڻي) — بدر ابڙو

14- سانگهڙ (ناول) — محمد عثمان ڏيپلائي

15- خواب خوشبو چوڪري (ناول) — ماهتاب محبوب

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جا شايع ٿيل ڪتاب

-1	بين الاقوامي قانون ۽ تنظيم	فيروز احمد	(ختم ٿيل)
-2	جيل ۾ 22 مهينا (پاڳو 1)	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
-3	اڏ ملاقات (خط)	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
-4	جيل گهاريم جن سان	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
-5	جيل ۾ 22 مهينا (پاڳو 2)	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
-6	زندگيءَ جو تنها مسافر (ڪهاڻيون)	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
-7	4- مارچ ۽ سنڌي جوڙا	—	20/-
-8	بهترين ڪهاڻيڪارن جون بهترين ڪهاڻيون	—	(ختم ٿيل)
-9	اونداهي ڌرتي روشن هٿ (ناول)	آغا سليم	80/-
-10	رات منهنجي روح ۾	غلام نبي مغل	(ختم ٿيل)
-11	30 سالن جون چونڊ ڪهاڻيون (پاڳو 1)	—	(ختم ٿيل)
-12	ڏٺا چپ (ڪهاڻيون)	ايشور چندر	40/-
-13	وايون وڻجارن جون (سفرنامو)	الطاف شيخ	60/-
-14	30 سالن جون چونڊ ڪهاڻيون (پاڳو 2)	—	(ختم ٿيل)
-15	بندر بازارين (سفرنامو)	الطاف شيخ	60/-
-16	شڪليون (خاڪا)	عبدالقادر جوڻيجو	(ختم ٿيل)
-17	يادگار ڪهاڻيون	مختلف ڪهاڻيڪار	(ختم ٿيل)
-18	ٽيه دنيا جون ڪهاڻيون	مترجم: ولي رام ولڀ	(ختم ٿيل)
-19	عظيم ڪهاڻيڪارن جون عظيم ڪهاڻيون	—	(ختم ٿيل)
-20	دل اندر درياءُ (ڪهاڻيون)	مدد علي سنڌي	(ختم ٿيل)
-21	دل جو بندر (ناول)	آنورل آئيويس/ نصير مرزا	(ختم ٿيل)
-22	رهيل قرض (ڪهاڻيون)	ظفر حسن	(ختم ٿيل)
-23	درد جي خوشبو (ناول)	قاضي خادم	(ختم ٿيل)
-24	ڪنهن سان سور سلڻان (ڪهاڻيون)	مرتب: فيروز احمد	(ختم ٿيل)
-25	فڪر جي آزادي	مترجم: ابراهيم جويو	(ختم ٿيل)
-26	منهنجو ساگر، منهنجو ساحل (سفرنامو)	الطاف شيخ	65/-
-27	غلامن جو ٻيڙو (ناول)	دوست محمد پٽي	65/-
-28	سي ئي جوين ڏينهن (سفرنامو)	الطاف شيخ	60/-
-29	عاشي (ناول)	هينري رائڊر هئگرڊ/ فضل احمد بچاڻي	75/-
-30	سي ٻيڙيون رکيه ٻاجهه سيه (سفرنامو)	الطاف شيخ	60/-
-31	سڌارٿ (ناول)	هرمن هيس/ فضل احمد بچاڻي	20/-
-32	جهان رس (ڪهاڻيون)	مترجم: الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
-33	روح جي ڳولا (ناول)	مترجم: فضل احمد بچاڻي	(ختم ٿيل)
-34	درد جي ڏينهن، درد جون راتيون	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
-35	سانباهو سموند جو (سفرنامو)	الطاف شيخ	80/-
-36	سورج هوندي مرجهايل (ڪهاڻيون)	نجم عباسي	30/-
-37	آسيه (ناول)	هينري رائڊر هئگرڊ/ فضل احمد بچاڻي	80/-
-38	قلندر (ڪهاڻيون)	قرة العين حيدر/ مدد علي سنڌي	(ختم ٿيل)
-39	الطاف شيخ جي نوٽبڪ تان	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
-40	سزا جا سڪ	آسڪر وائلڊ/ فضل احمد بچاڻي	(ختم ٿيل)
-41	بهترين سفرنامو	الطاف شيخ	50/-
-42	للڪار (ڪهاڻيون)	نجم عباسي	(ختم ٿيل)
-43	ٽڪل سريت (ڪهاڻيون)	البرٽو موراويا/ ولي رام ولڀ	(ختم ٿيل)
-44	لندن تائين لفٽ (ڪهاڻيون)	مترجم: الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
-45	تصوير جو خون	آسڪر وائلڊ/ فضل احمد بچاڻي	(ختم ٿيل)
-46	حليم شو	حليم بروهي	(ختم ٿيل)
-47	ٻارن جون آڪاڻيون	مترجم: الطاف شيخ	60/-
-48	سهڻن	خليل جبران/ فضل احمد بچاڻي	(ختم ٿيل)
-49	سفر يورپ جي ڊائري (سفرنامو)	قاضي عبدالمجيد عابد	(ختم ٿيل)

50-	آزادي خاطر (ڪهاڻيون)	مترجم: فيروز احمد	35/-
51-	چانديءَ جون تارون (ڪهاڻيون)	ماهتاب محبوب	(ختم ٿيل)
52-	مس سدا بهار چنبيلي (ناول)	مترجم: الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
53-	پيار ڪهاڻي (ناول)	نجم عباسي	70/-
54-	نيڪرو، عشق ۽ بغاوت (ناول)	ڪرسٽو فرنڪول/ نصير اعجاز	55/-
55-	شرم هوتي (ناول)	گوبند مالهي	(ختم ٿيل)
56-	اڳي ايٽن هياس (جلد 1)	فضل احمد بچاڻي	(ختم ٿيل)
57-	پرهه ڪان پهرين (ڪهاڻيون)	ماهتاب محبوب	(ختم ٿيل)
58-	بلنديون (ناول)	نجم عباسي	(ختم ٿيل)
59-	رج ۽ پاڇا (ناول)	موهن ڪلينا	(ختم ٿيل)
60-	مون توکي پيار ڪيو (ڪهاڻيون)	پوپٽي هيرانندائي	(ختم ٿيل)
61-	آيل ڙي اولاٽا (ڪهاڻيون)	علي بابا	(ختم ٿيل)
62-	شاهه لطيف جي شاعري (جلد 2)	تنوير عباسي	(ختم ٿيل)
63-	آپڻي گهوٽ تہ نشا ٿيوتي (سفرنامو)	لوڪرام ڏوڏيجا	80/-
64-	موهن جو دڙو (ناول)	علي بابا	(ختم ٿيل)
65-	ادو عبدالرحمان (ڪهاڻيون)	امر لعل هنگوراڻي	(ختم ٿيل)
66-	ڌرتي روشن آهي (ڪهاڻيون)	آغا سليم	40/-
67-	دارون هن ديواني جو (ڪهاڻيون)	نجم عباسي	(ختم ٿيل)
68-	پيغامبر	خليل جبران/ ستار	(ختم ٿيل)
69-	همه اوست (ناول)	آغا سليم	60/-
70-	اداس واديون (ڪهاڻيون)	حميد سنڌي	(ختم ٿيل)
71-	آئيني جي اڳيان	17 ساهتڪار	(ختم ٿيل)
72-	چند چنبيليءَ ول (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
73-	لهر لهر زندگي (ڪهاڻيون)	ماهتاب محبوب	(ختم ٿيل)
74-	اڻون ماڻهو (ڪهاڻيون)	سراج	25/-
75-	ٻہ ننڍا ناول	آغا سليم	(ختم ٿيل)
76-	اڳي ايٽن هياس (جلد 2)	فضل احمد بچاڻي	40/-
77-	رڻ تي رم جهم (شاعري)	شيخ اياز	50/-
78-	وات ويندي	علي احمد بروهي	(ختم ٿيل)
79-	مڪليءَ ڪان ملاڪا تائين (سفرنامو)	الطاف شيخ	80/-
80-	ڪهاڻي جو قافلو	نجم عباسي	(ختم ٿيل)
81-	ساهيوال جيل جي ڊائري	شيخ اياز	80/-
82-	سنگاپور ويندي ويندي (سفرنامو)	الطاف شيخ	80/-
83-	چند جا تمنائي (ڪهاڻيون)	آغا سليم	(ختم ٿيل)
84-	پڪت سنگهه کي ڦاسي	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
85-	ست يوگوسلاويائي آڪاڻيون	جڳت آڏواڻي	10/-
86-	ست ڪشميري آڪاڻيون	اختر محيعيدين/ ايشور چندر	12/-
87-	پن چڻ ۽ چند (شاعري)	آغا سليم	(ختم ٿيل)
88-	ڪوالالمپور ڪجهه ڪوه (سفرنامو)	الطاف شيخ	100/-
89-	ڪير تو ڪن ڪري (شاعري)	شيخ اياز	100/-
90-	سڏڪن مٿي سڏڙا	علي احمد بروهي	(ختم ٿيل)
91-	گانڌي	لوئي فشر/ نجم عباسي	(ختم ٿيل)
92-	پڳل ڪنيڙائيون	خليل جبران/ عبدالله الفائز	35/-
93-	ماسٽر هريامر جو بنڌڪاڪ وڃڻ...	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
94-	ڪي جو پيجل پوليو (شاعري)	شيخ اياز	60/-
95-	سرهي سرهي سار (سفرنامو)	ماهتاب محبوب	(ختم ٿيل)
96-	خط، انٽرويو ۽ تقريرون (ڀاڳ 1)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
97-	دنگيءَ منجهه درياهه (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
98-	ڏينا ٽيل ڦليل جا	علي احمد بروهي	(ختم ٿيل)
99-	راج- گهاٽ تي چند (سفرنامو)	شيخ اياز	80/-
100-	موتي جي مهراڻ جا	مرتب: فيروز احمد	(ختم ٿيل)

101-	تلاش (ناول)	نجم عباسي	(ختم ٿيل)
102-	لڙيو سج لڪن ۾ (شاعري)	شيخ اياز	40/-
103-	ڏاهي جهرڪي ۽ ٻيون آڪاڻيون	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
104-	مرڻ مون سين آءُ (ناول)	سراج	60/-
105-	پڙاڏو سوئي سڏ (ناول)	سراج	100/-
106-	رات وچ ۾ (ناول)	بريٽ هيليڊي/ فضل احمد بچاڻي	(ختم ٿيل)
107-	بڙ جي ڇانوَ اڳي کان گهاڻي (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
108-	اک سور (ناول)	رابندر ناٿ ٽئگور	100/-
109-	جت جر وهي ٿو جال (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
110-	رني ڪوٽ جو خزانو (ڪهاڻيون)	امر جليل	60/-
111-	ماسترياڻي (ناول)	مترجم: نجم عباسي	(ختم ٿيل)
112-	اڪن نيرا ڦليا (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
113-	منهنجي دنيا، هيڪل ۽ ڀاڪل (ناول)	سراج	(ختم ٿيل)
114-	رڻ ۽ رڄ جو اتهاس (ڪهاڻيون)	نورالهدي شاهه	50/-
115-	انقلابي ماءُ (سوانح حيات)	مترجم: آزاد قاضي	(ختم ٿيل)
116-	ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون	شيخ اياز	80/-
117-	جلاوطن (ڪهاڻيون)	نورالهدي شاهه	75/-
118-	جلاهن مان نه هوندس (ڪهاڻيون)	امر جليل	70/-
119-	پونر پري آڪاس (شاعري)	شيخ اياز	80/-
120-	راهون چند ستارا (سفرنامو)	ماهتاب محبوب	60/-
121-	يادين جي انڊلڪ	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
122-	جهڙ نيشان نه لهي (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
123-	وقت وٽيون وڇوٽيون (ناول)	ڪلا پرڪاش	(ختم ٿيل)
124-	شاهه لطيف جي شاعري (جلد 1، 2 ۽ 3)	تنوير عباسي	(ختم ٿيل)
125-	تنهنجي دنيا، سڀ رنگ سانول (ناول)	سراج	(ختم ٿيل)
126-	وڇون وسڻ آئيون (شاعري)	شيخ اياز	80/-
127-	ٻاهرسر محل جو مسافر (سفرنامو)	عبدالجبار جوڻيجو	20/-
128-	ڳالهيون آهن ڳچ (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
129-	روس جو سير (سفرنامو)	جواهر لال نهرو	30/-
130-	پنهل کان پوءِ ۽ جگ مڙيوئي سپنو	شيخ اياز	80/-
131-	منهن تنين مشعل (خاڪا)	تنوير عباسي	50/-
132-	فرينچ انقلاب	مترجم: محمد ابراهيم جويو	100/-
133-	علم تحقيق	ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو	(ختم ٿيل)
134-	ائين ڪتا (ڪهاڻيون)	موهن ڪلپنا	50/-
135-	اُپر چند پس پرين (شاعري)	شيخ اياز	80/-
136-	منهنجي دنيا مرگهه ترشنا (ناول)	سراج	(ختم ٿيل)
137-	اي جرني ٽو ٽائلينڊ (سفرنامو)	الطاف شيخ	80/-
138-	پتڻ ٿو پور ڪري (شاعري)	شيخ اياز	70/-
139-	مني مراد (ڪهاڻيون)	ماهتاب محبوب	55/-
140-	منهنجو ڏس آسمان کان پڇو (ڪهاڻيون)	امر جليل	60/-
141-	دنيا پنهنجي ديس پرايا (سفرنامو)	اياز لطيف پليجو	(ختم ٿيل)
142-	سوزيءَ سان پيار	مترجم: الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
143-	هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جئن (شاعري)	شيخ اياز	80/-
144-	خط، انٽرويو، تقريرون (ڀاڳو 2)	شيخ اياز	80/-
145-	ڪوٽ لکپ جو قيدي (ڀاڳو 1)	رسول بخش پليجو	(ختم ٿيل)
146-	لندن تنهنجا ڪيڏا روپ (سفرنامو)	طارق عالم ابڙو	(ختم ٿيل)
147-	سنڌو منهنجي ساهه ۾	امر جليل	80/-
148-	ڪرا ٽنل صليب جا ۽ واتون ڦلن چانئيون	شيخ اياز	80/-
159-	ڪربلا (ڪهاڻيون)	نورالهدي شاهه	65/-
150-	تاريخ جو ڪفن (ڪهاڻيون)	امر جليل	60/-
151-	رهجي ويل منظر (ناول)	طارق عالم ابڙو	(ختم ٿيل)

152-	پسي ڳاڙها گل (ڪهاڻيون)	رسول بخش پليجو	45/-
153-	دل جي دنيا (ڪهاڻيون)	امر جليل	60/-
154-	الوداعي گيت (شاعري)	شيخ اياز	60/-
155-	خبرون ڪيڙانن جون (سفرنامو)	الطاف شيخ (ختم ٿيل)	
156-	پاپ ۽ پيڙا (ناول)	دوستو وسڪي/ رشيد پٽي	50/-
157-	ڪتين ڪر موڙيا جڏهن - 1 (شاعري)	شيخ اياز	90/-
158-	ورهاڱي جو ورجاءُ	ماهتاب محبوب	45/-
159-	مٽ مٽ موتي جي	محمد ابراهيم جويو	85/-
160-	قيدياڻيءَ جون اکيون ۽ چنڊ	نورالهدي شاهه	75/-
161-	اوهريا جي عميق ڏي (سفرنامو)	الطاف شيخ	100/-
162-	وهڻ مون نه وڙاءُ	رسول بخش پليجو	55/-
163-	سنڌي ادب جو مختصر جائزو	اڪبر لغاري	70/-
164-	ڪتين ڪر موڙيا جڏهن - 2	شيخ اياز	100/-
165-	تنهنجي ڳولا ، تنهنجون ڳالهيون (ڪهاڻيون)	زرينه بلوچ	55/-
166-	ننڊ وليون (شاعري)	شيخ اياز	55/-
167-	ارائونڊ دي ورلڊ (سفرنامو)	الطاف شيخ (ختم ٿيل)	
168-	تاريخ جو سفر	ڊاڪٽر مبارڪ علي/ ابوبڪر شيخ	45/-
169-	سانگهڙ (ناول)	محمد عثمان ڏيپلائي	150/-
170-	سر لوهيڙا ڳيپا (شاعري)	شيخ اياز	100/-
171-	ڪوٽ لکپت جو قيدي (ڀاگو 2)	رسول بخش پليجو	65/-
172-	ڇا جو ديس ڇا جو..... بندر ديسان ديس	الطاف شيخ	60/-
173-	قومي غدار ۽ حساب ڪتاب	لياقت عزيز	50/-
174-	منهنجو وطن منهنجا ماڻهو	لوڪرام ڏوڏيجا	100/-
175-	سورج مکيءَ سانجهه (شاعري)	شيخ اياز	90/-
176-	اوچا ڳاٺ پهاڙن جا	نجم عباسي	50/-
177-	عورت ۽ پيار نئون شهر (ٻه ڪتاب گڏ)	غلام نبي مغل	45/-
178-	ٽيون وجود (ڪهاڻيون)	امر جليل	60/-
179-	پياسي ڌرتي رمندا بادل (ناول)	سراج	150/-
180-	جر- ڏيئا جهمڪن	شيخ اياز	80/-
181-	منهنجي سڀ کان پياري ڏيءُ	ذوالفقار علي پٽو	50/-
182-	ڪيئي ڪتاب (آتم ڪهاڻي- جلد 1)	رئيس ڪريم بخش خان نظاماڻي	150/-
183-	هرڻ اکي ڪيڏانهن	شيخ اياز	70/-
184-	آواره (ناول)	موهن ڪلپنا	50/-
185-	اوڙاهه (ناول)	غلام نبي مغل	150/-
186-	اچن جي ملڪ ۾ اسين ڪارا (سفرنامو)	الطاف شيخ	100/-
187-	ملير کان مالمو (سفرنامو)	الطاف شيخ	90/-
188-	مونجهارن ۾ ڦاٿل هڪ شخص	ڊاڪٽر صالح	55/-
189-	قيدي (ناول)	فخر زمان	60/-
190-	جت برف پني تي جام (سفرنامو)	الطاف شيخ	80/-
191-	ڪٽي تہ پڇبو تڪ مسافر (آتم ڪهاڻي)	شيخ اياز	100/-
192-	ڪراچي کان ڪوين هيگن (سفرنامو)	الطاف شيخ	70/-
193-	سهسين ٽيا سارنگ (سفرنامو)	عنايت بلوچ	100/-
194-	چنڊ ڳليون (شاعري)	شيخ اياز	115/-
195-	اندر جنين اج (سفرنامو)	ماهتاب محبوب	70/-
196-	اٿاتل شهر جو نقشو (ڪهاڻيون)	شبنم گل	70/-
197-	ميهڙ کان ماسڪو (سفرنامو)	ڊاڪٽر محبوب علي شيخ	100/-
198-	رني آهي گهوٽ سان (چوٽيون ۽ پهاڪا)	الطاف شيخ	90/-
199-	ڪيئي ڪتاب (جلد ٢) آتم ڪهاڻي	رئيس ڪريم بخش نظاماڻي	200/-
200-	خواب خوشبو چوڪري (ناول)	ماهتاب محبوب	100/-
201-	گهاٽ مٿان گهنگهور گهٽا ۾	شيخ اياز	70/-
202-	پڳوانن جي پوڻه (سفرنامو)	بدر ابڙو	90/-

203	يورپ جا ڏنهن يورپ جون راتيون (سفرنامو)	الطاف سيج	90/-
204	موڪي محبت اهي	خليل حيران	40/-
205	ڪٿي نه پڇجو ٿڪ مسافر (آتم ڪهاڻي)	شيخ اياز	120/-
206	حق موجود ــ تاريخ جو ڪيڏارو	يوسف شاهين	150/-
207	دونهاڻيل راتيون ۽ رولاڪ (ناول)	غلام نبي مغل	80/-
208	اي روڊ ٽ مدينه (سفرنامو)	الطاف شيخ	120/-
209	ڪونحون ڪرڪن روهه تي (شاعري)	شيخ اياز	70/-
210	سائنس جو معاشري تي اثر	برٽرنڊ رسل/ مومن علي شاه	70/-
211	ذات ۽ حيات (شاعري)	نارائڻ شيام	100/-
212	جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي	شيخ اياز	70/-
213	ڏسي ڏوهه اکين سين (آتم ڪهاڻي ــ جلد 1)	جمال ابڙو	130/-
214	پن چن پچاتان (شاعري)	شيخ اياز	100/-
215	ڪلهي پاتم ڪينرو (شاعري)	شيخ اياز	50/-
216	اندر مُلهه املهه (سفر)	حيدر علي لغاري	100/-
217	بُک (ناول)	نٽ همس	50/-
218	اسپارٽيڪس (ناول)	هاورڊ فاسٽ	150/-
219	اونهي ڳالهه اسرار جي (آتم ڪهاڻي ــ جلد 2)	جمال ابڙو	130/-
220	پلصراط (جيل جي ڊائري)	ڊاڪٽر دودو مهيري	80/-
221	ماٿهو (ماٿهو جي ارتقا جي ڪهاڻي)	بدر ابڙو	250/-
222	اندر ۾ اُهاڻ ٿيو (شاعري).	يوسف شاهين	100/-
223	اسان جيئن جيئني ڪو (جيل جي ڊائري)	عبدالواحد آريسر	100/-
224	جام جاموٽ جامڙا (خاڪا)	علي احمد بروهي	100/-
225	ٿوهر ۾ ڳاڙها گل (آتم ڪهاڻي ــ جلد 3)	جمال ابڙو	110/-
226	نيلسن منديلا جي ڪهاڻي (آتم ڪهاڻي)	نيلسن منديلا	125/-
227	چانديءَ جون تارون ۽ پرهه کان پهريون	ماهتاب محبوب	80/-
228	روح جا ريلا	عبدالواحد آريسر	70/-
229	انامڪا	الطاف شيخ	60/-
230	ڳجهه ڳجهاندر ڳالهڙيون	علي احمد بروهي	80/-

ڪهرائڻ لاءِ لکندا: نيو فيلڊس پبليڪيشنس

ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد

فون: 653270

نيو فيلڊس اداري جو ميمبر ٿيڻ لاءِ

ڪوبه شرط وغيره نه آهي صرف -/20 رپين جون پوسٽ ٽڪليفون موڪلي ميمبر ٿي سگهو ٿا. ميمبر کي نيو فيلڊس جو هر شايع ٿيندڙ ڪتاب V.P ڪيو ويندو، جنهن جو اڳواٽ اطلاع پڻ ڏنو ويندو. پوسٽ مين کي پيڪٽ تي لکيل رقم ڏئي ڪتاب وصول ڪندا. ڪتابن جي V.P وصول نه ڪرڻ جي صورت ۾ ميمبرشپ ختم ٿي ويندي. ڪابه معلومات يا ڪتابن جي لسٽ گهرائڻ لاءِ -/3 رپين جون پوسٽ ٽڪليون موڪلڻ ضروري آهن. گهٽ ۾ گهٽ ٻن ڪتابن جي آرڊر جي تڪميل ڪئي ويندي يا سؤ رپين کان وڌ رقم جي آرڊر جي تڪميل ڪئي ويندي.